پاڪستان ۾ وفاقيت جو مسئلو ۽ سنڌ جو قومي سوال

ايازعلي

روشني

پاڪستان ۾ وفاقيت جو مسئلو ۽ سنڌ جو قومي سوال

[پاڪستان ۾ وفاق، اُن جي ڍانچي، 1973ع جي آئين، ارڙهين ترميم، صوبائي خودمختياري ۽ قومي سوال جو وفاقيت جي تناظر ۾ هڪ تحقيقي جائزو]

ايازعلي

روشني پبليڪيشن

ڪنڊيارو

2020ع

Roshni Book No. 966

ڪتاب جو نالو: پاڪستان ۾ وفاقيت جو مسئلو ۽ سنڌ جو قومي سوال

موضوع: سياسيات

ليکڪ: اياز علي

ڇاپو پهريون © روشني 2020ع

لي آئوٽ: رفيق حسين ڪولاچي

روشني ڪمپوزر اينڊ پرنٽرز حيدر چوڪ، حيدرآباد.

ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد، سنڌ

ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سنڌ

ISBN 978-969-9726-22-4

PAKISTAN ME WAFAKEEYAT JO MASLO AEN SINDH JO QOMMI SAWAL

[Political Science]

By: **Ayaz Ali**

First Edition © Roshni 2020

Layout by: Rafique Hussain Kolachi

Roshni Composers and Printers, Hyder Chowk, Hyderabad

Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh

Published by: Roshni Publication, Kandiaro, Sindh

For more information please contact the Special Distribution Department,
Shah Latif Kitab Ghar, Press Street, Hyder Chowk, HYD 71000
Call (+92) 222-730908, e-mail waqas@roshnipublication.com

پاڪستان ۾ وفاقيت جو مسئلو ۽ سنڌ جو قومي سوال

[پاڪستان ۾ وفاق، اُن جي ڍانچي، 1973ع جي آئين، ارڙهين ترميم، صوبائي خودمختياري ۽ قومي سوال جو وفاقيت جي تناظر ۾ هڪ تحقيقي جائزو]

ليکڪ جا ٻيا ڪتاب

پاڪستان جو بنياد: ٻہ قومي نظريو يا صوبائي خودمختياري؟

جناح جي باري ۾!

(محمد علي جناح جي شخصيت ۽ سياسي ڪردار بابت هڪ تحقيقي مقالو)

هندوستان جو ورهاڱو: مفروضا ۽ حقيقتون بنگال ۽ ڏار ٽيو؟

(1971ع ۾ اوپر بنگال جي پاڪستان کان ڌار ٿي، بنگلاديش ٻڌجڻ جي
اصل سببن ۽ محرڪن جو تحقيقي جائزو)

ڪارل مارڪس

(عظيم مفڪر، انقلابي استاد ۽ پورهيت نظرئي دان جي حياتيءَ تي
ڪر تي لکيل هڪ تحقيقي بايوگرافيڪل مقالو)

فهرست

- لیکڪ پاران xi
- تعارف xv

1. وفاقیت ۽ اُن جا بُنیادي لوازمات 1
2. وفاقیت : ننڍي کنڊ جي سیاسي تناظر ۾ 17
3. پاڪستان ۾ وفاقیت کان انحرافیت جي شروعات:
   سبب ۽ محرڪ 29
   پاڪستان ۾ آئین جو مسئلو جناح ۽ وفاقیت 40
   ڇا 1973ع وارو آئین هڪ وفاقي آئین آهي؟ 71
   بنگال: اتحاد(Unity) کي طاقت (Power) ذریعي حاصل ڪرڻ
   جي لاحاصل ڪوشش! 83
4. سنڌ ۽ وفاق جا لاڳاپا: طاقت جي ناجائز مرڪزیت (Centralization)
   جو بدترین تجربو! 100
5. سنڌ جو قومي سوال ۽ وفاقیت 144
6. جدید سنڌ جا مسئلا ۽ وفاقیت 173
7. ڇا پاڪستان هڪ وفاقي مُلڪ آهي؟ 194
8. نتیجو (Conclusion) 213

ضمیمو:
پاڪستان ۾ وفاقیت جو مسئلو: سبب ۽ مُحرڪ 218

حوالا ۽ سمجھاڻیون 233
فرهنگ 267
ڪتابیات 271
ڏسڻي 285

ارپنا

سنڌ جي اُنهن نوجوانن جي نالي:
جن پنهنجي علم، عقل ۽ ڏاهپ وارو وکر وڪڻي، ناجائز فائدي
وٺڻ بدران مرحليوار محنت ۽ پورهئي کي ترجيح ڏني آهي.

ليڪڪ پاران

هيءُ ڪتاب، پاڪستان ۾ وفاقيت جي مسئلي ۽ ان جي سمجھ بابت آهي. جڏهن ته ڪتاب ۾ وفاقيت جي مسئلي ۽ ان جي پسمنظر ۾ سنڌ جي قومي سوال جي ڇيڙ ڪرڻ سان گڏ، ان سڄي مسئلي جي حل کي به بحث هيٺ آندو ويو آهي. هن ڪتاب تي، 2014ع کان وٺي 2018ع تائين، لڳ ڀڳ پنجن سالن تائين ڪم ڪيو ويو آهي. ڪتاب جي تياريءَ لاءِ ڪافي ڪتاب ۽ مواد پڙهڻو پيو. 1973ع جي آئين، صوبائي خودمختياري، ارڙهين ترميم ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن کي سمجهڻ ۽ سنڌ جي قومي ڪيس جي پسمنظر ۾ اُن تي مؤقف پيش ڪرڻ لاءِ، مون کي صرف به صحفا لکڻ لاءِ، لڳ ڀڳ ٽي ٽي سؤ صفحن جي پڙهڻي (ريڊنگ) به ڪرڻي پئي. بهرحال، جئين ته مان گذريل ارڙهن ويهن سالن کان لاڳيتو پاڪستان جي تاريخ، سياست، آئين ۽ سنڌ جي قومي سوال تي لکندو ۽ پڙهندو رهيو آهيان، اُن ڪري، هن ڪتاب لکڻ دوران، جيتوڻيڪ فني ڏکيائين جو مُنهن ته ڏسڻو پيو، پر لکڻ ۾ ڪا گهڻي اوکائي محسوس نه ٿي، ۽ ڪي قدر تفصيل سان لکيو اٿم. هتي اِهو به واضح ڪندو هلان، ته هيءُ وفاقيت تي لکيل ڪتاب، دراصل، منهنجي پاڪستان جي تاريخ (History) ۽ سياست (Politics) تي 30 ڪتاب لکڻ واري تحقيقي رِٽا جو ڪُل پندرهون ۽ ڇيهون ڇهون ڪتاب آهي. اِها ڳالهه مون لاءِ بي حد خوشي ۽ اطمينان جو باعث آهي، ته مان، پنهنجي تحقيقي رٽا جو پندرهون ڪتاب مڪمل ڪري، رٽا جو اڌ حصو پُڄاڻيءَ تي پهچايو آهي، جنهن ڪانپوءِ تمام گهڻي خوشي ۽ اطمينان محسوس ڪريان ٿو جو زندگيءَ ۾ جنهن ڳالهه کي پنهنجو بُنيادي مقصد بڻايو هوم، ان جو اڌ حصو حاصل ڪري ورتو اٿم. جنهن کي مان پنهنجي وڏي ۾ وڏي ڪاميابي سمجهان ٿو. البت، اُها بي ڳالهه آهي، ته مان مالي ڪاميابي حاصل ڪرڻ ۾ اڄ تائين ناڪام ئي رهيو آهيان!

بهرحال، هاڻ، هيءُ ڪتاب لائق پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي، ۽ يانيان ٿو ته هن ڪتاب ذريعي سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون پيرو پاڪستان ۾ وفاق، اُن جي ڍانچي،

1973ع جي آئين، ارڙهين ترميم، صوبائي خودمختياري، سنڌ جي قومي سوال ۽ اُن سان لاڳاپيل معاملن تي تفصيل سان مؤقف رکيو ويو آهي. مان، پنهنجي تحقيقي مؤقف کي بيان ڪرڻ يا اُن ۾ معروضيت کي برقرار رکڻ ۾ ڪيترو ڪامياب ٿيو آهيان، اُن جو فيصلو پڙهندڙ ئي ڪري سگهن ٿا. هن مقالي لکڻ وقت، سنڌي ٻولي ۽ اُن جي لوازمات جو پڻ خاص خيال رکيو ويو آهي. سنڌي الف بي جي اکرن ۾ موجود وسرگ ۽ اوسرگ واري فرق کي نه سمجهڻ سبب، اڪثر ڪري، هر ليکاريءَ کان صورتخطيءَ جون ڇُڪون رهجي وڃن ٿيون. مون، هن ڪتاب ۾، پهريون پيرو صورتخطيءَ جي وسرگي ۽ اوسرگي ڇُڪن کي به درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هتي، اِها به وضاحت ڪندو هلان، ته اسان وٽ، اڪثر ڪري، هر ڪتاب، لکڻي يا نشر ۾ پوري دم (.) ۽ ٿوري دم (،) کي ته استعمال ڪيو وڃي ٿو، پر دم (:) ۽ اڌ دم (؛) جي استعمال کي بلڪل نظرانداز ڪيو وڃي ٿو جيڪو مان پانيان ٿو ته ٻوليءَ جو بگاڙ ئي آهي؛ اُن ڪري، مون، پنهنجي، هن ڪتاب ۾، دم ۽ اڌ دم وارين بيهڪ جي نشانين کي به معنويت سان استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ته جئين ٻوليءَ جي بگاڙ کان بچي سگهجي. دراصل، جئين، لفظن جي پنهنجي پنهنجي مخصوص معنيٰ ۽ اهميت هجي ٿي، تئين دم، ٿوري دم، اڌ دم ۽ پوري دم جي نشانين جي به لفظن وانگر پنهنجي مخصوص معنيٰ ۽ اهميت هوندي آهي؛ اُنهن کي ڪنهن به لکڻي يا نشر ۾ نظرانداز ڪرڻ، هڪ ته، ٻوليءَ سان هڪ وڏي ناانصافي آهي، ۽ ٻيو ته، اهڙي لاپرواهي يا چُڪ، ڪنهن به ٻوليءَ ۾، فڪري طور سگهاري ۽ اعليٰ نثر جي تخليق ۾، اڻ سونهندڙ نقص برابر به هجي ٿي؛ اُن ڪري، مون، هن ڪتاب ۾، اهڙي لاپرواهي ۽ چُڪ کان بچڻ جي هرممڪن ڪوشش ڪئي آهي، پر تڏهن به، غلطين جي امڪان کي رد نه ٿو ڪري سگهجي. جي، اِن ڏس ۾، ماهر دوست رهنمائي ڪندا، تعميري انداز ۾ تنقيد ڪندا، تجويزون ۽ صلاحون ڏيندا، ته مون کي گهڻي خوشي ٿيندي.

آخر ۾، مان، محترم، سائين پروفيسر مشتاق ميراڻي، اعجاز عباسي، خالد آزاد، زاهد اوڻي، سليم جروار، ضراب حيدر، محبوب راهوجي، ايار جمال چانڊيو، منور سولنگي، وقاص علي، هالار نواز، لطيف ايار، پنهور، غلام سرور پليجي ۽ شوڪت چاچڙ جهڙن دوستن جو شڪر گذار آهيان، جيڪي مون کي لکڻ لاءِ همٿائيندا رهيا آهن. هن، ڪتاب جي مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ مان پنهنجي قمبر واري هڪ بهترين دوست سڪندر علي ابڙي کي به ڏاڍو ساري رهيو آهيان، جيڪو 20 ڊسمبر 2018ع تي، دل جي دوري سبب لاڏاڻو ڪري ويو. هُو منهنجو فڪري دوست،

منهنجو ساٿي، ۽ منهنجو استاد هو. مان، سندّ ۾، رسول بخش پليجي کانپوءِ صرف هُن جي فڪري قابليت کان متاثر هوس. هُو هڪ عجيب ۽ انوکو انسان هو. مان، هُن جي ذهانت، هُن جي قابليت ۽ هُن جي دانشورانہ صلاحيت کان تمام گهڻو متاثر هوس. هُو سڄ پڄ، ذهانت ۽ قابليت جو هڪ وڏو پنڌار هو. دراصل، هُن جي شخصيت جو منهنجي زندگيءَ، منهنجي ڪم ۽ منهنجي فڪر تي تمام وڏو گهرو اثر آهي. اڄ منهنجي جا علمي ۽ فڪري حيثيت آهي، سا سڪندر ابڙي جي بدولت آهي. مان، جيڪڏهن پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ سڪندر سان نہ ملان ها، تہ شايد ڪجهہ بہ نہ هجان ها. اڄ، مان، هُن کي بي حد ساري رهيو آهيان.

ايازعلي

E.mail: ayazali771@yahoo.com
Cell.no: 03363323765

28جنوري 2019ع
ٽنڈو يوسف، حيدرآباد

"Federalism works best where there is broad respect for the rule of law, a culture of tolerance an accommodation between population groups, and significant elements of shared indentity. Institutional arrangements can be important in achieving stability. While some federation have survived deep trauma, there is no doubt that a federation function best in a society that respect the rule of law and independence of the courts. In highly diverse societies, it requires a political culture of tolerance and accommodation. In federations with deep regional cleavage along ethnic, linguistic or religious lines, stability can be enhanced if the culture goes beyond mere tolerance of diversity to the active embrace of diversity as part of what defines the country and gives its value. Institutional arrangement can help societies manage their conflict, but institutions alone are not enough, there must be a broader commitment in the society to a spirit of diversity."

George Anderson

[Federalism-An Introduction, 2008, p,18]

"For historical, ethnic and linguistic reasons, a federal structure best suits Pakistan. Geography alone makes it imperative. The tragedy of Pakistan lies in the fact that although federalism is most appropriate for our conditions, nevertheless for the last twenty-three years Pakistan has been called a federation in name only. In practice, it has remained a quasi-unitary State. The consequences of such an arrangement have been disastrous. The spirit of federalism and the rules of co-existence were sacrificed at the altar of ambition. In the name of a strong Centre the powers of the provinces were weakened to the point of being extinguished. In the name of out great religion of Islam, the most ruthless and. inhuman form of exploitation was practised over the common man. No Muslim country, no Muslim people have done so much disservice to Islam as a handful of discredited leaders in Pakistan by misusing the great name of Islam to allow an iniquitous economic system to flourish in Pakistan."

Zulifikar Ali Bhutto

[The Great Tragedy, p, 11]

تعارف

(Introduction)

هن ڪتاب ۾منهنجو بُنيادي مؤقف (Key views)، دراصل، ٻن حصن ۾ ورهايل آهي: پهرين حصي ۾ منهنجو مؤقف (Key views) پاڪستان ۾ هڪ حقيقي وفاقي آئين جي اڀ هوند ۽ اُن جي تشريح بابت آهي، جو مان پانيان ٿو ته ڪنهن به گهڻ-قومي وفاقي ملڪ ۽ اُن جي وفاقي معاشري ۾، وفاقي حڪومتي نظام جو نفاذ، قومن جي برابريءَ واري جمهوري وفاق جي اڏاوت، آئين جي بالادستي، عدالتي انصاف، قومي تڪرارن جو خاتمو، صوبن جي خومختياريءَ، اختيارن جي عدم مرڪزيت، وفاق کي وحدانيت جي رنگ ۾ رنگجڻ کان بچائڻ، وفاقي وحدانيت جي رستا روڪ ڪري، جمهوري وفاقيت کي پروان چاڙهڻ ۽ سينيٽ جي بااختياري لاءِ ناڪي نه، پر حقيقي ٻن ايوانن واري متوازن پارلياماني نظام (Bicameralism) جو اجراءِ، هڪ حقيقي وفاقي جمهوري آئين (Democratic Federal Constitution) جي نفاذ کان سواءِ مُمڪن نه آهي، ۽ اِهو ئي سبب آهي، جو هن ڪتاب جا ٻه باب (چوٿون ۽ پنجون) صرف آئين تي لکيا ويا آهن، جن ۾ قرارداد مقاصد کان وٺي 1956ع، 1962ع ۽ 1973ع واري آئين تائين تفصيل سان بحث ڪيو آهي، ته اُنهن آئينن، اسان جي ملڪ لاءِ ڪيئن غيرجمهوري وحداني حڪومتي نظام متعارف ڪرائي، هتي، وفاقيت جي مسئلي پيدا ڪرڻ سان گڏ وفاق لاءِ به عدم استحڪام واري صورتحال پيدا ڪري ڇڏي آهي. اُنهن بابن ۾ جتي ڄاڻايل تنهي آئينن جو تنقيدي جائزو ورتو ويو آهي، اُتي پاڪستان جهڙي هڪ گهڻ-قومي وفاقي ملڪ لاءِ ڪهڙو حقيقي وفاقي آئين هجڻ گهرجي؟ ۽ اُن جو حقيقي بُنياد ڇا هجڻ گهرجي؟ اُن تي به تفصيل سان لکيو ويو آهي. اُن ڪري، پڙهندڙن کي ڪتاب جا اُهي ٻئي (چوٿون ۽ پنجون) باب نهايت دلچسپ ۽ اهم ڀاسجندا.

ڪتاب جي بنيادي مؤقف (Key views) جو ٻيو حصو پاڪستان جي وفاق، اُن جي ڍانچي، مرڪز ۽ صوبن جي لاڳاپن بابت آهي، جنهن ۾ جتي وفاقيت جي چئن

بنيادي تصورن (1)آئين جي بالادستي (Supremacy of Constitution) (2)اختيارن جي متوازن ورهاست (Division of Power) (3)آزاد عدليا (Independent Judiciary) ۽ (4) ٻن ايوانن (Bicameralism) واري نظام جي روشني ۾ مرڪز ۽ صوبن جي لاڳاپن جو جائزو ورتو ويو آهي، ۽ اُتي اُهو دليل ٻه رکيو ويو آهي، ته پاڪستان، قوميتي ڊائيورسٽيءَ سببان، هڪ وفاقي ملڪ ۽ وفاقي معاشرو ته آهي، پر بطور رياست، اُهو وفاقي ناهي! ڇاڪاڻ ته، اُن ۾ نه قوميتي ڊائيورسٽيءَ کي ڪا قبوليت مليل آهي، نه قومن کي خودمختياري آهي، نه قومن جي برابريءَ وارو جمهوري وفاق آهي؛(وفاق ته آهي، پر اُن تي وڏي قوم جو قبضو آهي) نه جمهوري آئين آهي؛ نه ٻه ايوانيت (Bicameralism) واري بُنيادي اصول تي ٻڌل متوازن وفاقي پارلياماني نظام آهي؛ (ياد رهي ته، پاڪستان ۾ ٻن ايوانن وارو پارلياماني نظام ته آهي، پر سينيٽ جي بي اختياريءَ سببان اُهو غيرمتوازن ۽ وحداني نوع جو ٻڌيل آهي؛) نه اختيارن جي عدم مرڪزيت تي ٻڌل رياست جو ڊانچو آهي! جئين ته اُهو سڀ ڪجهه پاڪستان ۾ شروع کان وٺي ناهي رهيو ۽ اُن کي طاقت جي ناجائز مرڪزيت واري وحداني طرز تي ٻڌل وحداني رياست، وحداني وفاق ۽ وحداني آئين تحت هلايو ويو آهي، اُن ڪري، پاڪستان کي جمهوري وفاقي مُلڪ سمجهڻ غلط ٿيندو. اهڙو دليل ۽ اُن جي جدلياتي تشريح ڪتاب جي باب ڏهين 'ڇا پاڪستان هڪ وفاقي ملڪ آهي؟' ۾ ڀرپور طرح سان ڪئي وئي آهي. ائين، ڏٺو وڃي، ته هن ڪتاب جو چوٿون، پنجون ۽ ڏهون باب، پاڪستان ۾ وفاقيت جي مسئلي بابت منهنجي بُنيادي مؤقف (Key Views) جي ڀرپور نمائندگي ڪري ٿو.

بهرحال، ڪتاب جو پهريون بابُ 'وفاقيت ۽ اُن جا بُنيادي لوازمات' جي نالي سان آهي، جنهن ۾ وفاقيت جي اڪيڈمڪ سمجهاڻي، معنيٰ ۽ تشريح ڈيڍ سان گڏ وفاقيت جي ڪن جي بُنيادي تصورن جهڙوڪ: 'گهٽائي'، 'اتحاد' ۽ 'گهٽائيءَ ۾ هيڪڙائي' (Unity in Diversity) وغيره جو به تفصيل سان تجزيو ڪيو ويو آهي. دراصل، اُنهن بُنيادي تصورن کي سمجهڻ کان سواءِ وفاقيت ۽ اُن جي بُنيادي لوازمات کي سمجهڻ مُمڪن نه آهي؛ اِهو ئي سبب آهي، جو مون هن پهرين باب ۾ وفاقيت جي اِنهن بُنيادي لوازمات تي، ڪي قدر تفصيل سان پنهنجو مؤقف بيان ڪيو آهي، ۽ آخر ۾ وفاقيت جي نسبت سان، قومپرستيءَ بابت پنهنجا ويچار به پيش ڪيا آهن. دراصل، ٽين دنيا جي پوئتي پيل ملڪن ۾ مختلف قومن پنهنجي آجپي لاءِ، جيڪي قومي تحريڪون شروع ڪيون آهن، ۽ اُهي، ڪافي حد تائين، مارڪسي علم ۽ نظريي سان پڻ هٿياربند آهن، ۽ جئين ته، وفاقيت ۽ مارڪسزم ۾

نسبتي هڪجھڙايون بہ آهن. اُن ڪري هن ڪتاب ۾ مارڪسزم ۽ قومپرستيءَ تي بہ وفاقيت جي تناظر ۾ تحقيقي مؤقف پيش ڪرڻ کي ضروري سمجهيو ويو آهي. ڪتاب ۾ وفاقيت سان لاڳاپيل اڪيچار معاملن تي تفصيل سان ناهي لکيو ويو جو هن ڪتاب لکڻ جو بنيادي مقصد صرف وفاقيت ۽ اُن جي نظريي سان لاڳاپيل معاملن تي تحقيق ڪرڻ نہ پر پاڪستان ۾ پيدا ٿيل وفاقيت جي مسئلي، وفاق جي ڊانچي، آئين ۽ قومي سوال جو جائزو ونڊي، مؤقف پيش ڪرڻ هو. اِهو ئي سبب آهي، جو ڪتاب ۾ وفاقيت جي نظريي ۽ اُن سان لاڳاپيل اڪيچار معاملن تي، جزوي طرح سان، روشني وڌي وئي آهي، ۽ ڪن پاسن کي نظرانداز ڪري، صرف پنهنجي مؤقف سان لاڳاپيل نقطن کي بحث هيٺ آندو ويو آهي، جو ائين ڪرڻ تحقيقي توازن برقرار رکڻ لاءِ ضروري هجي ٿو.

ڪتاب جي ٻي باب ۾ وفاقيت جو ننڍي کنڊ جي سياسي تناظر ۾ جائزو ورتو ويو آهي. هن باب ۾ پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ واري لڦاءَ جي پڻ تشريح ڪئي وئي آهي، ۽ اُهو دليل رکيو ويو آهي، تہ ننڍي کنڊ ۾ ڪانگريس ۽ اُن جي قيادت، جڏهن مضبوط مرڪز جي نالي تي، هندوستان جي اقليتي گهڻ-رنگائي تي ٻڌل سماج (Pluralistic Society) ۽ اُن جي ڊائيورسٽيءَ (Diversity) کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ وفاقيت بدران اختيارن جي مرڪزيت تي ٻڌل، وحداني حڪومتي نظام جي ڳالهہ ڪئي، تہ مسلمانن اُن کي پاڻ لاءِ هِنسڪُ سمجهيو. ۽ اُن جي ٽوڙ لاءِ اختيارن جي عدم مرڪزيت واري محدود مرڪز تي ٻڌل هڪ اهڙي جمهوري وفاقي حڪومتي نظام هڪ اهڙي جمهوري وفاقي آئين ۽ هڪ اهڙي جمهوري وفاق جو مطالبو ڪيو. جنهن ۾ هندو ۽ مسلمانن ۾ برابري (Parity) مُمڪن ٽيٽي هئي. ڪانگريس اُن کي قبول نہ ڪيو. جنهن جي نتيجي ۾ هڪ وڏو سياسي تڪرار پيدا ٿيو ۽ حالتون ورهاڱي ۽ پاڪستان جي قيام جي حق ۾ تبديل ٿي ويون. ائين، پاڪستان وجود ۾ اچي ويو. دراصل، هن باب لکڻ جو مقصد اُها ڳالهہ سمجهائڻ آهي، تہ پاڪستان ڪنهن وحداني نہ پر وفاقي جمهوري تصور جي پيداوار آهي. پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ جا سمورا محرڪ مذهب يا بہ قومي نظريي سان نہ پر جمهوري وفاقيت واري نظام ۽ اُن نظام تي عدم اتفاق ٽيڻ سبب، پيدا ٿيل سياسي تڪراري صورتحال سان سلهاڙيل هئا. البت، پاڪستان ٺهڻ بعد مسلم ليگ ۽ اُن جي مُهاجر ليڊرشپ، پنجابي مستقل مفادن سان گڏجي، جهڙي طرح سان، 180 جي ڊگريءَ جو ڦيرو کائي، وفاقيت کي رد ڪري، جمهوريت ۽ وفاقيت کان انحرافيت جو سفر ڪيو. اُهو پاڪستان جي تاريخ جو هڪ وڏو

الميااتي پاسو آهي، ۽ هن ڪتاب ۾ پاڪستان جي تاريخ جي اُنهي الميااتي پاسي تي ٻہ لکيو ويو آهي. ائين، ڪتاب جو ٽيون باب، 'پاڪستان ۾ وفاقيت کان انحرافيت جي شروعات: سبب ۽ محرڪ'، وفاقيت کان انڪار ۽ اُنهي انڪار پويان ڪارفرما ڦورو سوچ جي تشريح تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ ٽلهي ليکي، مسلم ليگ ۽ اُن جي مُهاجر ليڊرشپ کي پاڪستان ۾ وفاقيت کان انحرافيت جو ذميوار قرار ڏنو ويو آهي. جڏهن تہ اُنهيءَ باب ۾ جناح جي مُتضاد سياسي ڪردار ۽ ويچارن تي روشني وجهڻ سان گڏ مسلم ليگ طرفان لاهور ٺهراءَ کي دهلي ڪنوينشن ذريعي بلڊوز ڪري ڇڏڻ، پاڪستان لاءِ وفاقيت واري جمهوري نظام کي اپنائڻ واري مقصد کي زڪ پهچائڻ، صوبن جي خودمُختياري ۽ وفاق جي جمهوري اڏاوت واري مسئلي کي نظرانداز ڪرڻ جهڙن اڪيچار معاملن تي پڻ تجزياتي بحث ڪيو ويو آهي. چوٿين ۽ پنجين باب ۾ ڪتاب جي بُنيادي مؤقف Key (views) جي تشريح ڪئي وئي آهي. جڏهن تہ ڪتاب جو ڇهون باب بنگال جي قومي سوال بابت آهي. اُن جو عنوان 'بنگال: اتحاد (Unity) کي طاقت (Power) ذريعي حاصل ڪرڻ جي لاحاصل ڪوشش' رکيو ويو آهي. دراصل، پاڪستان ۾ بنگال جو قومي سوال اُن ڪري پيدا ٿيو هو جو مُلڪ جي بالادست قوتن، بنگال جي معاملي ۾ اتحاد کي اوليت ڏيڻ بدران صرف قرلٽ کي اوليت ڏني هئي، ۽ جڏهن بنگالين پنهنجي وسيلن جي قرلٽ خلاف آواز بلند ڪيو تہ سندن خلاف 1971ع ۾ طاقت (Power) جو ڀرپور استعمال ڪري، کين ڌار ٿيڻ تي مجبور ڪيو ويو. اُنهي پسمنظر ۾، بنگال تي لکيل ڪتاب جي اِن باب جو عنوان 'بنگال: اتحاد (Unity) کي طاقت (Power) ذريعي حاصل ڪرڻ جي لاحاصل ڪوشش' رکيو ويو آهي، ۽ وفاقيت جي تناظر ۾ بنگال جي قومي سوال جو چيد ڪيو ويو آهي. بهرحال، بنگال جي ڌار ٿيڻ جي باوجود، حڪمران اشرافيا تاريخ مان سبق سکڻ لاءِ تيار ناهي، ۽ اِهو ئي سبب آهي، جو اڄ ٻہ پاڪستان جي مرڪز ۽ صوبن جي وچ ۾ اڪيچار معاملن تي اڪيچار تڪرار اُپرندا رهن ٿا. برابر ارڙهين آئيني ترميم ذريعي، 1973ع جي آئين ۾ ڪجهہ تبديليون آڻي، پاڪستان ۾ وفاقيت جي عملي اطلاق ۽ قومي تڪرارن کي گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش تہ ڪئي وئي آهي، پر جئين تہ، 1973ع واري آئين جو بُنيادي جوهر توڙي بيهڪ، وفاقيت جي اُبتڙ وحدانيت واري غيرجمهوري ۽ مرڪزيتي تصورتي ٻڌل آهي؛ اُن ڪري ارڙهين ترميم جي ذريعي ڪنڪرنٽ لسٽ جي خاتمي، صوبن جي اختيارن ۾ نالي ماتر واڌ، صوبائي خودمختياري کي وڌائڻ توڙي وفاق ۽ صوبن جي لاڳاپن کي متوازن

ڪرڻ واري ڪوشش جا بہ لاپائتا نتيجا ناهن نڪتا. ۽ صوبا بدستور مرڪز جا ڳيجهو رهڻ ڪري. وحداني وفاقيت (Unitary Federalism) پنهنجي پوري رنگ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اِهو ئي سبب آهي. جو پاڪستان لاءِ نہ رڳو ڪيچار مسئلا پيدا ٿيندا رهن ٿا. پر هڪ حقيقي وفاقي جمهوري آئين جي اڻ هوند ملڪ اندر جتي 'گهٽائيءَ ۾ هيڪڙائي' واري مقصد کي ڪاپاري ڏڪ هڻي. عليحدگي پسند سوچ کي اُپاريو آهي. اُتي وفاق لاءِ بہ مستقل بُنياد رکي ڇڏيا آهن. بنگال جو ڏار ٿي. بنگلاديش ٻڌجڻ جو بُنيادي ڪارڻ بہ اِهو هو جو بنگالي عوام جي وڏي واکي ڪيل مطالبي جي باوجود. جمهوري وفاقي آئين جي ضرورت کي محسوس نہ ڪيو ويو ۽ اُن جو جيڪو نتيجو نڪتو اُهو 1971ع ۾ اسان سڀني ڏٺو. جيتوڻيڪ پاڪستان ۾ اختيارن جي عدم مرڪزيت تي ٻڌل حقيقي وفاقي آئين ناهي. قومي سوال سميت سمورن تڪرارن جو خاتمو آڻي. وفاق کي مضبوط بڻائي سگهجي ٿو ۽ اُها ڪا هروپرو ڏکي ڳالهہ بہ نہ آهي. پر اصل ڳالهہ اسان جي حڪمران طبقي جي نيت. ڪردار ۽ اولين جي آهي. اِن حوالي سان. اُهو منهنجو هڪ سوچيل سمجهيل خيال رهيو آهي. تہ پاڪستان ۾ جمهوري وفاقيت جي عملي اطلاق لاءِ. وفاقي جمهوري آئين جي جوڙجڪ لاءِ. حڪمران طبقو اُن ڪري بہ ڪا اولين نہ ٿو رکي. جو ائين ٿيڻ سان وحدانيت جي نالي تي هيءُ جيڪو پنجابي-مُهاجر مُفادن جو رياست تي 70 سالن کان قبضو قائم آهي. اُهو ختم ٿي ويندو ۽ دراصل. اِهو استيٽسڪو ٽٽڻ وارو حڪمران طبقي جو خوف آهي. جنهن سببان. پاڪستان ۾ وفاقيت هڪ سوال بڻيل رهي ٿي. ۽ هن ڪتاب جو سڄو پيغام برِاهو ئي آهي.

ڪتاب جو ستون باب 'سنڌ ۽ وفاق جا لاڳاپا: طاقت جي ناجائز مرڪزيت جو بدترين تجربو' جي نالي سان آهي. جنهن ۾ (1) سنڌ اندر وفاقيت جي رحجان. (2) پاڪستان ناهڻ واري تحريڪ ۾ سنڌ جي دلچسپي. (3) پاڪستان جي وفاق ۾ شامل ٿيڻ بعد سنڌ سان وفاقي سرڪار جون مُهاجر آبادڪاريءَ ۽ ڪراچيءَ کي وفاق جي قبضي ۾ ڏيڻ جي حوالي سان ڪيل ناانصافيون (4) ون يونٽ ناهي. وحدانيت واري غيرجمهوري تجربي ذريعي ننڍين قوميتن جي قومي وجود ۽ تشخص لاءِ خطري کڙو ڪرڻ. ملڪ اندر قوميتي ڀائيورسٽيءَ کي ڏهائي. 'گهٽائيءَ ۾ اتحاد' (Unity in Diversity) واري مقصد کي زک رسائي. وفاق لاءِ عدم استحڪام واري صورتحال پيدا ڪرڻ (5) ۽ اُن سڄي دؤر ۾ زورگار. تعليم. ناٽي. زمينن واري معاملي ۾ سنڌ سان ڪيل حق تلفين جو سمورو رڪارڊ ظاهر ڪري. ڪن بنيادي

حقيقتن جي تاريخي پس منظر ۾ پيش منظر جو جائزو ورتو ويو آهي. جڏهن ته، ڪتاب جي هن باب ۾، ڪراچيءَ جي عليحدگي واري معاملي ۾، جناح جي ڪردار جو به جائزو ونڊي تجزياتي بحث ڪيو ويو آهي. ڪتاب جو اٽون باب 'سنڌ جو قومي سوال ۽ وفاقيت' جي نالي سان آهي. هن باب ۾، سنڌ جي قومي سوال سان لاڳاپيل معاملن، جهڙوڪ: (1) اين ايف سي ايوارڊ تحت ملڪي ناٽي ۾ ننڍين صوبن جي جائز حصيداري، (2) پاٽي جي مسئلي تي مرڪز ۽ صوبن جي تڪرار، خاص طور سنڌ ۽ پنجاب جي تڪرار ۽ اُن جي تاريخي پسمنظر بيان ڪرڻ سان گڏ (3) قدرتي وسيلن جي مالڪي واري سوال تي به تفصيل سان مؤقف ڏنو ويو آهي. هن باب ۾ پاٽي، ناٽي، روزگار ۽ قدرتي وسيلن تي مرڪز ۽ صوبن جي وچ ۾ هلندڙ تڪرار، اُن سببان پيدا ٿيندڙ امڪاني خطرن ۽ اُن سان لاڳاپيل نقصانن جي به ڪٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. اُنهي صورتحال ۾ جا ڏر وڌيڪ متاثر ٿيندي، اُن جو به تجزيو ڪيو ويو آهي. نائون باب 'جديد سنڌ جا مسئلا ۽ وفاقيت' جي نالي سان آهي. ڪتاب جو هيءُ نائون باب به، سنڌ جي قومي سوال سان لاڳاپيل اهم معاملن جو خلاصو پيش ڪري ٿو. دراصل، سنڌ جي قومي سوال سان منهنجي گهري دلچسپي رهي آهي، ۽ اهو ئي سبب آهي، جو مان گذريل ارڙهن ويهن سالن کان لڳاتار اخباري مضمونن، مقالن ۽ ڪتابن جي صورت ۾، سنڌ جي بُنيادي قومي معاملن تي لکندو رهيو آهيان. بهرحال، هن باب ۾، سنڌ جي قومي سوال سان لاڳاپيل ڪن بنيادي اشوز جهڙوڪ: (1) سنڌ ۾ نئين صوبي جي مطالبي، (2) آدمشماري واري معاملي ۽ (3) مادري ٻولين (Indigenous Languages) کي قومي ٻولين جي درجي ڏيڻ واري سوال تي تفصيل سان لکيو ويو آهي. ڪتاب جي هن باب ۾، جتي، سنڌ اندر نئين صوبي جي مطالبي جي اصل اندروني ۽ بيروني مُحرڪن ۽ اُنهن پويان لڪل علائقائي توڙي عالمي قوتن، خاص طور تي، ايم ڪيو ايم ۽ آمريڪا جي سازشي ڪردار تي، تفصيل سان روشني وڌي وئي آهي، اُتي اُهو سوال به اُٿاريو ويو آهي، ته پاڪستان جي وفاق وٽ، ڪنهن به صوبي جي جاگرافيائي حدبندين ۾ تبديلين آڻڻ جا ڪيترا ۽ ڪهڙا آئيني اختيار آهن؟ هن باب ۾ آدمشماري، اُن ۾ جعل سازي جي امڪانن، پنجاب جي آبادي ۽ ڪان گهٽتائيءَ ڪان انڪار، ننڍين صوبن جي آبادي ۽ ۾ واڌ ۽ اُن معاملي تي، سنڌ جي بنيادي تحفظات سان گڏ قومي ٻولي واري سوال بابت به نهايت تفصيل سان تحقيقي مؤقف پيش ڪيو ويو آهي. ڪتاب جو ڏهون باب 'ڇا پاڪستان هڪ وفاقي ملڪ آهي؟' جي نالي سان آهي، جنهن ۾ وفاق ۽ اُن جي ڄانچي بابت ڪتاب جو بنيادي

مؤقف (Key Views) بيان ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ڪتاب جو يارهون باب نتيجي (Conclusion) تي ٻڌل آهي. ڪتاب جي آخر ۾ هڪ ضميمو 'پاڪستان ۾ وفاقيت جو مسئلو: سبب ۽ محرڪ' به شامل ڪيو ويو آهي، جنهن کي پڙهڻ سان هن سڄي ڪتاب جي مؤقف کي سمجهڻ ۾ ڪافي مدد ملندي. بهرحال، هيءُ سڄو ڪتاب نهايت اهم ۽ ڏيان سان پڙهڻ جوڳو آهي.

آخر ۾، تحقيق بابت، به اڪر لکڻ ضروري سمجهان ٿو. دراصل، تحقيق، پوءِ پلي اُها ڪنهن به موضوع تي هجي، هڪ ڏکيو محنت طلب، صبر آزما، وڏي وقت جو گهرجائو ۽ نهايت ڪٺن ڪم هجي ٿو. ڳچ سالن جي لاڳيتو محنت، پورهئي، سوين هزارين ڪتابن، رسالن، اخبارن ۽ رپورٽن وغيره جي پڙهٽي، تحقيق هيٺ آيل موضوع سان واسطيدار مختلف حقيقتن جي ڳولها، تلاش، کوجنا ۽ اُن ۾ درپيش اوکائي کي پار ڪرڻ ڪانپوءِ، جڏهن ڪو مُحقق پنهنجي تحقيق مڪمل ڪري ٿو ته تڏهن به اُن کي نه رڳو وِک تي، پنهنجي مؤقف جي معروضيت ۽ موضوع سان لاڳاپيل مختلف حقائق جي پوروڇوٽ پيٽ کي ڏيان ۾ رکڻو پوي ٿو پر اُن سان گڏ ڪيس اُنهيءَ توازن تي به مڪمل گرفت رکڻي پوي ٿي، جنهن جي ڪوٽ سببان تحقيقي ڪم يا تحقيقي ڪتاب جي پڙهت (Reading) ۾ پاٺڪن (Readers) جي عدم دلچسپي پيدا ٿيڻ جا امڪان هجن ٿا. مان ڄانيان ٿو ته جنهن به تحقيق، تحقيقي ڪم يا تحقيقي ڪتاب ۾، تحقيق جي اُنهن ٻنهي لوازمات: يعني، موضوع جي بيان ۾ توازن ۽ مؤقف جي معروضيت برقرار نه ٿي رکي ويجي، ۽ اُن ڏانهن گهربل پوروڇوٽ ڏيان نه ٿو ڏنو ويجي، ته اُن کي هڪ ڪامياب تحقيق يا هڪ ڪامياب تحقيقي ڪتاب جو درجو به نه ٿو ڏئي سگهجي. هن ڪتاب ۾، تحقيق جي اِنهن ٻنهي لوازمات تي به خاص ڏيان ڏنو ويو آهي. ٻيو ته، اسان وٽ، سنڌ ۾، تحقيقي ڪم جو معيار گهٽو منظم، اڻتي وڌيل، سائنسي ۽ موضوعاتي طور تي گهٽ-طرفو ناهي رهيو ۽ اِهو ئي سبب آهي، جو اسان وٽ تحقيق ۽ اُن جي لوازمات سان لاڳاپيل اڪيچار روايتون ۽ اصول به ڪمزور رهيا آهن؛ مثال طور: انگريزي ۽ اُردو ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ تحقيقي ڪم ۾، موضوع سان لاڳاپيل ڏکين لفظن جي معنيٰ واري فهرست (Glassory) ۽ ڏسٽي (Index) وغيره ته ڏني ويندي آهي، پر سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ تحقيقي ڪم ۾ اهڙي روايت ايجا تائين سگهاري ٻڌجي ناهي سگهي، جا ڳالهه سنڌ ۾ تحقيقي لاڙي جي ڪمزوري جي نشاندهي ڪري ٿي. منهنجي خيال ۾، سنڌ ۾ جئين جئين تحقيق ۽ اُن جو رحجان سگهارو ٿيندو، تئين تئين تحقيق ۽ اُن سان لاڳاپيل اصول، اُن جا لوازمات ۽ اُن جون روايتون به سگهاريون ٻڌجنديون.

بهرحال، هن تحقيقي ڪتاب ۾ مون، پهريون پيرو حوالن ۽ سمجهاڻين ڏيڻ سان گڏ، ڪتابن جي فهرست (Bibliography)، ڏکين لفظن جي فهرست (Glassory) ۽ ڏسٽي (Index) وغيره به شامل ڪري، سنڌي ٻوليءَ ۾ تحقيق جي بُنيادي اصولن کي جيارڻ جي هڪ ڪوشش ڪئي آهي، جنهن جي ڪٽ صرف تحقيق ۾ دلچسپي رکندڙ شاگرد ۽ ماهر ئي ڪري سگهن ٿا. جڏهن ته ڪتاب ۾ وفاقيت جي موضوع ۽ نظريي سان لاڳاپيل مخصوص اصطلاحن جا پنهنجي سمجهه ۽ ڄاڻ مطابق سنڌي ٻوليءَ جا ٻوس متبادل لفظ به ڏنا آهن، مثال طور: جئين لفظ Diversity آهي، ته اُن جي ترجمي يا متبادل طور سنڌيءَ ۾ 'تڪثريت'، 'تنوع' يا 'ڪثرت' واري لفظ کي استعمال ڪيو ويندو آهي، جنهن مان دراصل، اُڙدوءَ ٻوليءَ جو هڪاءُ اچي ٿو. مون، اُن لفظ جي ٻوس سنڌي متبادل طور 'گهڻائي' واري لفظ کي تجويز ڪيو آهي، ۽ ڪتاب ۾ اُن کي استعمال هيٺ آندو آهي، البت، ڪٿي ڪٿي پنهنجي ڳالهه جي ڇڻائيءَ خاطر انگريزي لفظ کي، اُن جي انگريزي اُچار جي صورت ۾، استعمال ڪيو ويو آهي، مثال طور: لفظ Diversity جي لاءِ 'گهڻائي' وارو لفظ لکڻ بدران ڊائيورسٽيءَ وارو انگريزي لفظ ڪتب آندو آهي. وفاقيت سان لاڳاپيل هڪ ٻيو لفظ Pluralism آهي، جنهن جي معنيٰ پڻ ڊائيورسٽي لفظ واري ساڳئي معنيٰ آهي، اُن ڪري، اُنهيءَ لفظ جي متبادل طور 'گهڻ-رنگائي'، 'گهڻائي' ۽ 'رنگارنگينيت' وغيره کي استعمال ڪيو اٿم. ائين، هڪ ٻيو لفظ Unity آهي، اُن لاءِ عام طور سنڌيءَ ۾ وحدت، 'اتحاد' يا 'ٻڌي' جهڙا لفظ متبادل طور استعمال ٿيندا آهن، پر مون اُن لاءِ اتحاد سان گڏ هيڪڙائي وارو لفظ به استعمال ڪيو آهي، جيڪو پانيان ٿو ته لفظ Unity لاءِ هڪ بهترين متبادل سنڌي لفظ آهي. مون، هڪ ٻئي انگريزي اصطلاح Unity in Diversity لاءِ سنڌيءَ ۾ 'گهڻائي ۾ هيڪڙائي' يا 'گڏپ ۾ اتحاد' وارو اصطلاح استعمال ڪيو آهي. اسان وٽ، پاڪستان، ۽ سنڌ ۾، عام طور تي، وفاقيت جي اُنهيءَ اصطلاح لاءِ 'ڪثرت ۾ وحدت' يا 'ڪثرت تان وحدت' وارو متبادل اصطلاح استعمال هيٺ ايندو آهي، جيڪو بنيادي طرح سان، اُڙدو گاڏڙ هجڻ سان گڏ، معنيٰ جي لحاظ کان به، ڪجهه مبهم ۽ اڻ ڇڻو ياسجي ٿو. اُن ڪري، مون اُن اصطلاح جي متبادل سنڌي اصطلاح طور 'گهڻائي ۾ هيڪڙائي' وارو لفظ استعمال ڪيو آهي، جيڪو پانيان ٿو ته اُن انگريزي اصطلاح جو هڪ ٻوس سنڌي متبادل آهي. دراصل، ڪنهن به مخصوص موضوع، نظريي يا علم سان سلهاڙيل مخصوص لفظن توڙي اصطلاحن جا سنڌيءَ ۾ متبادل لفظ ۽ اصطلاح جوڙڻ وارو ڪم فردن جو نه، پر ادارن جو هجي ٿو. جيتوڻيڪ اِن ڏس ۾،

سنڌي ٻولي ۽ ادب سان لاڳاپيل ڪجھ ادارن تحرڪ ورتو آھي، ۽ ڪافي مثبت پيش رفت ڏسڻ ۾ آئي آھي، پر قطع نظر اُن جي، ايجا بہ ڪوڙ رھي ٿي، ۽ اِھو ئي سبب آھي، جو اُن ڪوڙ جي پورت لاءِ انفرادي سطح تي بہ ڪوششون ٿيندیون رھن ٿيون. ائين، مون بہ پنھنجي ناقص ۽ ايري سيري سمجھ مطابق، وفاقيت جي موضوع ۽ نظريي سان سلھاڙيل ڪن اھم اصطلاحن جا سنڌيءَ ۾ متبادل لفظ تجويز ڪري، انفرادي سطح تي ٿيندڙ ڪوششن جي آبياري ڪئي آھي. اُنھن سنڌي اصطلاحن کي، ڪنھن بہ طرح سان، حتمي نہ سمجھڻ گھرجي. ٻوليءَ جا ماھر ايجا وڌيڪ مناسب، موزون ۽ ٺھڪندڙ لفظ ٺاھي، يا تجويز ڪري سگھن ٿا. مون، صرف، ابتدائي طرح سان، نندڙي ڪوشش ڪئي آھي، جا پانيان ٿو تہ وفاقيت جي نظريي ۽ موضوع بابت گھربل سمجھ پيدا ڪرڻ جي حوالي سان ڪارگر ثابت ٿيندي.

***

پاڪستان ۾ وفاقيت جو مسئلو ۽ سنڌ جو قومي سوال

[پاڪستان ۾ وفاق، اُن جي ڍانچي، 1973ع جي آئين، ارڙهين ترميم، صوبائي خودمختياري ۽ قومي سوال جو وفاقيت جي تناظر ۾ هڪ تحقيقي جائزو]

باب:1

وفاقيت ۽ اُن جا بُنيادي لوازمات

وفاقيت (Federalism) هڪ انگريزي اصطلاح آهي، جيڪو لاطيني ٻوليءَ جي لفظ Feodus مان ورتل آهي،[1] جنهن جي معني آهي، ناهڻ يا اتحاد ڪرڻ.[2] دراصل، ڪنهن به، وفاقي حڪومتي نظام ۾، مختلف قومون، مختلف نسلي، لساني ۽ ثقافتي اقليتون اُنهيءَ ناهڻ يا اتحاد جي صورت ۾ ڳڏ رهي سگهنديون آهن، جنهن کي وفاق چئجي ٿو. وفاق ۾ مختلف قومن جي گڏجي رهڻ جو متوازن آئيني جمهوري بندوبست هجي ٿو. اُنهيءَ وفاق کي جمهوري وفاق سمجهيو ويندو آهي، ۽ اُهو جمهوري جوهر ئي اُنهيءَ وفاق يا وفاقي حڪومتي نظام جي طاقت جو اصل راز هجي ٿو. ائين ڏٺو وڃي، ته مختلف نسلي، لساني، قومي توڙي ثقافتي اقليتون هڪٻئي جي اُبتڙ ۽ متضاد مفاد رکڻ جي باوجود، هڪ وفاق هيٺ گڏجي رهن ٿيون، ته اُهو ڪارنامو وفاقيت جو ئي آهي. وفاقيت، هڪ حڪومتي نظام آهي، جنهن ۾ سماجي انصاف، سُٺي حڪمراني، آئين جي بالادستي، قومن جي برابريءَ، صوبائي خودمختياري، وفاق ۽ صوبن ۾ اختيارن جي متوازن ورهاست، ۽ ايوانن واري حقيقي پارلياماني نظام ۽ ثقافتي توڙي معاشي آزاديءَ جي مڪمل آئيني ضمانت هجي ٿي. وفاقيت ۾ اختيارن جي مرڪزيت (Centralization) کي رد ڪري، جمهوري عدم مرڪزيت (Decentralization) کي رواج ۾ آندو ويندو آهي، ۽ اُهو وفاقي اڪاين طرفان ڳڏيل طور تي طئي ڪيو ويندو آهي، ته ڪهڙا اختيار وفاق وٽ ۽ ڪهڙا اختيار وفاقي يونٽن/صوبن وٽ هجڻ گهرجن. برابر وفاقيت ۾ مرڪز ڪنهن به طرح سان، بي اختيار ناهي هوندو. اُن وٽ به اڪيچار اختيار هجن ٿا. پر اصل ڳالهه اِها آهي، ته اُن جي اڏاوت توڙي اُن جي اختيارن جي بيهڪ اُن ۾ شامل قومن جي جمهوري برابريءَ واري اصول تحت طئي ڪئي ويندي آهي، ۽ اِهو ئي سبب آهي، جو وفاقي نظام ۾ قومن جي برابريءَ واري وفاق کي جمهوري وفاق به سمجهيو ويندو آهي. (پاڪستان ۾، بدقسمتيءَ سان، جمهوري وفاق جو تصور ئي ناهي، هتي، وفاق

تي وڏي صوبي جو عددي اڪثريت سببان قبضو رهي ٿو. جنهن سببان، وفاق مورڳو وحداني صورت اختيار ڪري ورتي آهي) هونئن ب، موجوده ايڪويهين صديءَ ۾، سڄي دنيا هڪ عالمي ڳوٺڙي (Global Village) ۾ تبديل ٿي وئي آهي! ۽ان صورتحال، جيتوڻيڪ وفاقيت جي اهميت کي وڏي حد تائين وڌائي ته ڇڏيو آهي، پر قطع نظر اُن جي، اِها ب هڪ اوائلي تاريخي حقيقت رهي آهي، ته انساني تاريخ ۾، مختلف انساني برادرين، قومن، نسلن، طبقن ۽ گروهن ڪڏجي، اتحاد جي صورت ۾ رهڻ دوران ارتقائي ترقي ڪري، اُهو سپ ڪجهه حاصل ڪيو آهي، جيڪو اڳ ۾ ناممڪن هو. دراصل، وفاقيت، اُنهيءَ اوائلي انساني گڏپ، اتحاد ۽ ايڪتا جو نئون ۽ رڳو نئون، سُڌريل ۽ جديد روپ آهي، پر اُن سان گڏ انسانذات کي گڏپ جي صورت ۾ اجتماعي ترقي ۽ خوشحاليءَ جي معراج تي پهچائڻ جو ب هڪ جديد نظام ۽ نظريو آهي.

برابر دنيا جي اڪيچار سياسي مُفڪرن جهڙوڪ: هيرالڊ لاسڪي (Herald Laski)، لارڊ برائيسي (Lord Bricyee)، ايف. جي. ڪارنيل (F.G. Carnell) ۽ ٻين وفاقيت جي مخالفت ڪئي آهي،[3] ۽ اُن کي سرمائيداراڻي ترقيءَ واري دؤر ۾ ناڪام ترين نظام قرار ڏنو اٿائون،[4] پر حقيقت ۾، وفاقيت يا وفاقي نظام جي ناڪاميءَ واري اِها ڳالهه، پنهنجي مڪمل جامعيت ۾، هروپرو درست ب ناهي؛ ڇاڪاڻ ته، دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾، جتي اندروني ادارتي ڪمزورين، اختياراتي ورڇ ۾ ڪارفرما بُنيادي نقص، رياست ۽ وفاق جي غيرمتوازن اڏاوت، عليحدگي پسند لاڙي کي صحيح طرح سان منهن نه ڏيڻ ۽ اُن کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ ڀائيورسٽيءَ جي قبوليت لاءِ گهربل اُپاءَ نه وٺڻ جهڙن معاملن وفاقيت جي بقاءَ، وجود ۽ پائيداريءَ لاءِ اڪيچار سوال پيدا ڪري، وفاقي ملڪن کي ناڪاميءَ جي پد تي پهچايو آهي، ته اُتي دنيا جي ڪوڙسارن وفاقي ملڪن حيرت انگيز سياسي، معاشي، اقتصادي ۽ سائنسي ترقي ڪري، وفاقي نظام ۽ وفاقيت تي ڪاميابيءَ جي ب مُهر ثبت ڪئي آهي؛ مثال طور: ويهين صديءَ ۾ آمريڪا ۽ سوويت يونين جيڪا سپ-طرفي ترقي ڪئي، ۽ جهڙي طرح سان، دنيا ۾، پنهنجي سياسي، فڪري، علمي، عقلي، معاشي ۽ فوجي بالادستيءَ جو ڏاڪو ڇمايو ته ڇا اُها ترقي ۽ اُها بالادستي وفاقي نظام کي اپنائڻ کان سواءِ مُمڪن هئي؟ ڏکڻ آفريڪا ۾ سامراجي تسلط ۽ بينڪي نظام خلاف جيڪا گڏيل جدوجهد هلي، ته ڇا اُها جدوجهد آفريڪي قومن جي گڏجڻ ۽ اتحاد ڪرڻ کان سواءِ ڪاميابي جي پد تي پهچي ها؟ دراصل، وفاقيت، دنيا جي قومن مان تڪرار ختم ڪري، قوميتي ڀائيورسٽيءَ (Diversity) ۾ اتحاد (Unity) کي اُپارينڊڻ هڪ اهم ترين سياسي جمهوري نظام

آهي،[5] جنهن ويهين ۽ ايڪويهين صديءَ ۾ وڏي ترقي حاصل ڪري، دنيا جي مُختلف نسلي، لساني، مذهبي، ثقافتي ۽ قوميتي تضادن کي حل ڪرڻ جي جمهوري ڪوششن کي نہ رڳو همٿايو آهي، پر اُن ۾ عملي ڪردار بہ ادا ڪيو آهي. اِها وفاقيت ۽ اُهو وفاقي نظام ئي هجي ٿو جنهن ۾ سماجي ۽ رياستي استحڪام واسطي 'اتحاد' (Unity) کي اوليت ڏني وئي آهي، ۽ اُن مقصد خاطر 'گهٽائيءَ' (Diversity) لاءِ احترام وارو ماحول پيدا ڪري، 'گهٽائيءَ ۾ هيڪڙائي' (Unity in Diversity) واري مقصد کي مُمڪن بڻايو ويو آهي، جنهن سببان، پانت پانت جي انساني تڪرارن، تضادن ۽ جهيڙن جو خاتمو آيو آهي. ائين، دنيا اندر وڏي حد تائين، وفاقي نظامن ۽ وفاقيت جي جمهوري نظريي پاڻ کي مڃايو آهي. اِن حوالي سان، ايم. بيلوف (M. Belof) بلڪل درست لکيو آهي: "وفاقي نظام، دنيا جي هرهڪ حصي ۾، اهڙي معنويت ۽ سگهہ حاصل ڪري رهيو آهي، جا اُن اڳ ڪڏهن بہ حاصل نہ ڪئي هئي."[6]

دنيا ۾ وفاقي نظام ۽ وفاقيت جي وڏندڙ رجحان بابت هڪ جرمن ماهر جارج اينڊرسن(George Anderson) پنهنجي هڪ ڪتاب Federalism-An Introduction ۾ تفصيل سان لکيو آهي. جارج اينڊرسن، هڪ ڪامياب وفاق يا وفاقي نظام لاءِ ڪهڙو ماڊل هجڻ گهرجي؟ اُن جي باري ۾ هيٺين لکي ٿو:

"Federal structures-the internal institutional arrangements-very greatly. Federation can have as few as 2 territorial unites or more than 80. Some federation are highly centralized, concentrating power in the central government, while others are decentralized, with extensive autonomy and discretion allocated to constituent units. Some have quite clear division of power between the central and the territorial governments, while others have widely overlapping power. Some have prime ministers and parliamentary governments,other have presidents and congressional institutions. They may have proportional representation or plurality electoral law. The may have only two political parties or several. Some federation is stable and harmonious, while others are unstable and divided."[7]

ترجمو: "وفاقي ڍانچا اندروني ادارتي انتظام جي لحاظ کان هڪ ٻئي کان مختلف هجن ٿا. وفاقي مُلڪن وٽ 2 جغرافيائي اِڪاين کان وٺي 80 تائين کان وڌيڪ جغرافيائي اِڪايون بہ ٿي سگهن ٿيون. گهڻا وفاق مرڪزيت پسند بہ هجن ٿا، جن وٽ اختيار مرڪزي حڪومت وٽ مرڪوز هجن ٿا. جڏهن تہ ڪجهہ عدم مرڪزيت تي ٻڌل هجن ٿا، جتي حتمي حيثيت يا گهڻي خودمختياري اُتي جي وفاقي وحدتن وٽ هوندي آهي، اُنهن مان گهڻن وٽ مرڪزي ۽ ذيلي جغرافيائي حڪومتن جي وچ ۾ اختيارن جي واضح ورهاست هوندي آهي. ٻين وٽ وري مرڪز ۽ وفاقي اِڪاين جا اختيار هڪجهڙي جي مداخلت جي دائري ۾ ايندي ڏسڻ ۾ اچن ٿا،گهڻن وفاقي ملڪن وٽ وزيراعظم يا

پارليماني حڪومتون هجن ٿيون. جڏهن ته ڪن مُلڪن وٽ صدارتي نوع واري حڪومت يا ڪانگريس جهڙا ادارا هجن ٿا. اُنهن وٽ متناسب نمائندگي تي ٻڌل نظام به ٿي سگهن ٿا، ته وري گهڻ طريقي وارا چونڊن جا قانون به. اُنهن وٽ صرف به سياسي پارٽيون به ٿي سگهن ٿيون: ته وري بن کان وڌيڪ به. ڪجهه وفاقي ملڪ سگهارا ۽ هڪ نوع وارا به هجن ٿا، ڪي وفاقي ملڪ ڪمزور ۽ ورهايل به هجن ٿا."

جارج اينڊرسن اڳتي لکي ٿو:

"All of these factors affect the functioning and success of different federal regimes. No one model would be appropriate in all circumstances. The capacity for variety is one of federalism's strengths."[8]

ترجمو: "اُهي سمورا مُحرڪ مختلف وفاقي حڪومتن جي ڪم ۽ اُن جي ڪاميابين تي اثرانداز ٿين ٿا. دراصل، اُنهن مان ڪو به هڪ مادل سمورين حالتن ۾ سازگار ۽ مناسب نه ٿو ٿي سگهي. گهڻ رنگائي جي صلاحيت ئي وفاقي نظام جي مثبت پاسن مان هڪ آهي."

مان پانيان ٿو ته جناب جارج اينڊرس جو مؤقف بلڪل درست آهي: ڇاڪاڻ ته، وفاق يا وفاقي نظام جي ڪاميابيءَ ۽ پائيداريءَ جو دنيا ۾ ڪو به حتمي مادل ۽ واضح طريقي ڪار موجود ناهي. اصل ۾، لچڪ پذيري ۽ Variety وفاق ۽ وفاقي نظام جي ڪاميابيءَ جي اصل ضمانت هجي ٿي؛[9] ڇاڪاڻ ته، جئين دنيا ۾ موجود اڪيچار ۽ گوناگون قومي، معاشي، نسلي، مذهبي، ثقافتي، سياسي، قانوني ۽ مالي مسئلن جو ڪو به هڪيو تڪيو حل موجود ناهي: (سواءِ سماج ۾ انقلابي تبديلي يا ڦيرگهير آڻڻ جي) تئين وفاقي نظام جي پائيداريءَ جو به ڪو واضح نمونو يا مادل موجود ناهي. اُن جي سگهه، مضبوطي ۽ پائيداريءَ جو دارومدار مختلف ملڪن ۽ سماجن جي مختلف معروضي حقيقتن، زميني صورتحال، گهڻ-رنگائي ۾ ورتل مسئلن کي حل ڪرڻ جي گهربل قابليت ۽ معروضيت تي هجي ٿو. البت، ائين برابر آهي، ته جتي جمهوريت (Democracy)، قانون جي حڪمراني (Rule of Law)، سماجي انصاف (Social Justice)، رياست جي سُڌي انتظام ڪاري (Good Governance) ۽ مختلف قومن جي ڌائيورسٽيءَ جو احترام وارو لاڙو وڌيڪ هجي ٿو اُتي وفاقيت جو اجراءُ پائيدار ۽ گهربل نتيجا ڏيندڙ ثابت ٿئي ٿو.[10] دراصل، اِها ڳالهه ئي وفاقي ملڪ، اُن جي وفاق يا وفاقيت جي عملي اطلاق جي اصل ضمانت آهي.[11] اِن حوالي سان، جارج اينڊرسن بلڪل درست چيو آهي: "وفاقيت اُتي بهتر طرح سان ڪم ڪري ٿي، جتي قانون جي حڪمرانيءَ جو وڏي پئماني تي احترام هجي، جتي برداشت جو ڪلچر ۽ آبادين جو هڪجهڙي جي لاءِ گنجائش پيدا ڪرڻ جا امڪان هجن، ۽ جتي گڏيل سُجاڻپ جا اهم اُهجاڻ موجود هجن."[12]

وفاقيت ۾ هيڪڙائيءَ (Unity) جو سوال

جيتوڻيڪ ڪنهن به هڪ-قومي، هڪ-نسلي، هڪ-هوليائي، هڪ-مذهبي ۽ هڪ-ثقافتي ملڪ ۾ هيڪڙائي يا اتحاد (Unity) وارو سوال گهڻي ياڳي نه هوندو آهي، پر ڏٺو وڃي، ته گهڻ-قومي، گهڻ-مذهبي، گهڻ-ثقافتي ۽ گهڻ-نسلي توڙي گهڻ-هوليائي ملڪن ۾ هيڪڙائي جو سوال هڪ وڏي چُنوتيءَ سان ڪُڙ ڪنيو بيٺل رهي ٿو جو اُتي هوليءَ جو سوال، قومن جي خودمختياري جو سوال، آئيني اِڪائين جي آزاديءَ جو سوال، ۽ ثقافتي خودمُختياري جي سوال سميت اڪيچار تڪرار وفاق جي ترقيءَ ۾ طاقت لاءِ وڏي رڪاوٽ پيدا ڪيون بيٺا هجن ٿا. اُن ڪري، وفاقيت ۾ ٽيندو ائين آهي، جو وفاق جوڙيندڙ قومن جي وچ ۾ تڪرارن کي ختم ڪرڻ لاءِ، گڏيل ٻڌي لاءِ ۽ گڏيل پائيچاري لاءِ 'قومن جي هيڪڙائي' (Unity of Nations) تي زور رکيو ويندو آهي. اُن لاءِ، شروعاتي طور تي، 'قومن جي گهڻائي' (Diversity of Nations) لاءِ قبوليت واري سوچ پيدا ڪئي ويندي آهي، جنهن سببان، سندن آزاديءَ جو، سندن خودمُختياريءَ جو ۽ سندن جمهوري حقن جي حفاظت جوآئيني بندوبست ڪرڻ لاءِ وڏي سولائي پيدا ٿي پوندي آهي. اُن سموري بندوبست جو مقصد اِهو هوندو آهي، ته جئين، هڪ طرف، وفاق ۾ شامل قومن جي وچ ۾ امڪاني طرح سان، ڪو به تڪرار پيدا نه ٿئي، ته وري ٻي طرف، سندن وچ ۾ اتحاد ۽ هيڪڙائي به مُمڪن ٻڌيل رهي. دراصل، اِها هيڪڙائي ئي اُنهيءَ وفاق کي هڪ حقيقي جمهوري وفاق ٻڌائي، گهربل سگهه ۽ دوام بخشيندي آهي، جنهن جي نتيجي ۾، اُهو قومن لاءِ هڪ مثال ٻڌجي ويندو آهي. اِهو ئي سبب آهي، جو جمهوري وفاقيت (Democratic Federalism) ۾ هيڪڙائي جي سوال کي هڪ اهم سوال طور ڏٺو ويندو آهي. وفاقي ملڪن ۾، جئين ته قومي، نسلي، مذهبي، ۽ ثقافتي ڊائيورسٽيءَ سببان، گهڻ-رنگائي وارا سماج (Plural Societies) هجن ٿا، جنهن ۾ مختلف قومن، مختلف ثقافتي گروهن ۽ مختلف نسلي آبادين جا مُفادَ ڪن مخصوص حالتن ۾، هڪٻئي تي مدار رکندڙ ۽ هڪٻئي سان ٽهڪندڙ هوندا آهن، ته وري ڪن مخصوص حالتن ۾، هڪٻئي جي اُبتڙ، هڪٻئي کي رد ڪندڙ شديد تڪراري ۽ مُتضاد حالت ۾ به هوندا آهن، جنهن ڪري، اڪيچار پيچيدگيون پيدا ٿيو پونديون آهن، ۽ اُنهن کي هڪ ئي وفاق هيٺ هلائڻ بنهه اوکو ٻڌجي ويندو آهي. اُن ڪري، اُنهن گهڻ-رنگائي تي ٻڌل سماجن توڙي وفاقي ملڪن ۾ هيڪڙائي ڪيئن حاصل ڪئي وڃي، جو اُن ۾ شامل قومون ترقي ۽ خوشحالي جي شاهراهه تي، مستقل طور تي، گامزن رهي سگهن؟ اِهو دراصل، هڪ وڏو سوال رهيو آهي، اُن لاءِ وفاقيت، گهڻ-قومي وفاقي مُلڪن کي گهربل سگهه ۽ دوام

ڏيڻ لاءِ هيڪڙائي (Unity) تي زور رکي ٿي. اِهو ئي سبب آهي، جو وفاقيت ۾ 'گهٽائي ۾ هيڪڙائي' (Unity in Diversity) وارو نظريو پڻ متعارف ڪرايو ويو آهي، جنهن تحت، وفاق ۾ شامل قومن ۽ ثقافتي گروهن جون شڪايتون ختم ڪري، عليحدگي پسند لاڙي جي رستا روڪ ڪئي ويندي آهي، ۽ سينيءَ جي گڏيل ترقيءَ لاءِ ڪوششون ڪيون ويندیون آهن. جيڪو، دراصل، هڪ سُپاويڪ عمل ٻه هجي ٿو.

وفاقيت ۾ 'گهٽائيءَ' (Diversity) جو سوال

وفاقيت ۾، ڊائيورسٽيءَ جو اصطلاح صرف ٻلهو اصطلاح نه، پر اُهو هڪ اهڙو جاندار تصور آهي، جيڪو انساني سماج ۾ موجود مختلف نسلي، لساني، قومي ۽ ثقافتي گروهن جي گڏپ، گهٽائي ۽ گهاتائي ۾ وجود رکي ٿو. اُنهيءَ مختلف نسلي، قومي ۽ ثقافتي گروهن جي گڏپ ۾، هر ڪنهن سان آئين ۽ قانون مطابق هلت هلڻ ۽ سندن جمهوري احترام ڪرڻ، ڊائيورسٽيءَ جو اصل معراج آهي. اِهو ئي سبب آهي، جنهن وفاقي ملڪ يا وفاقي معاشري ۾ ڊائيورسٽي جو جمهوري احترام ۽ خومختياري نه ٿي هجي، اُتي نه رڳو وفاق بُحران جو شڪار رهي ٿو پر اُن سان عليحدگي پسند سوچ اُپرڻ سان اتحاد وارو مقصد ٻه هڪ سوال ٻٽيل رهي ٿو. پاڪستان جي معاملي ۾ ائين ئي ٿيندو رهيو آهي، جو پاڪستان ۾ شروع کان وٺي، قوميتي ڊائيورسٽيءَ جي جمهوري احترام کان انڪار واري غيرجمهوري روش ڏٺي وئي آهي. پاڪستان ۾ قومن جي سياسي، معاشي ۽ ثقافتي حقن جي قبوليت کان انڪار اُن جو هڪ واضح ثبوت آهي. وفاقيت ۾ ڊائيورسٽيءَ (گهٽائي) وارو نظريو برابر قوميتي احساس کي گهٽ ڪري ٿو. جو اُهو نظريو، بُنيادي طور تي، نه رڳو مختلف قومن، مختلف نسلن، مختلف اقليتن، مختلف زبانن ۽ مختلف ثقافتن جي 'گهٽائي' (Diversity) لاءِ جمهوري حمايت جي ڳالهه ڪري ٿو، پر اُنهن جي گڏپ توڙي احترام واري سوچ کي ٻه اُپاري ۽ همٿائي ٿو[13] جنهن جي نتيجي ۾، مختلف قومن، نسلن ۽ گروهي سُڃاڻپن جي هڪ ٻئي سان گڏجي سڏجي وڃڻ سببان، وڏي حد تائين، قومي سوچ، قومي تشخص ۽ قومي احساس کي زک پهچڻ جو امڪان رهي ٿو، پر اُن سان، ائين سمجهڻ ته، وفاقيت يا اُن جو 'گهٽائي' وارو نظريو قومي سوچ يا قومپرستيءَ کي رد ڪري ٿو، ٺاهڪا ڳالهه غلط ٿيندي. ۽ ڊائيورسٽيءَ جي باري ۾ ٻه هڪ وڏي ڪج فهمي هوندي. دراصل، ڊائيورسٽي، وفاق پسند قومي سوچ يا قومپرستيءَ جي هرگز خلاف ناهي، ۽ نه ڊائيورسٽيءَ وارو نظريو وطن دوست قومپرستيءَ کي رد ڪري ٿو. البت، ڊائيورسٽي عليحدگي پسند قومپرستي، قومن سان نفرت ڪندڙ قومپرستي، ۽ قومن

کي غلام بنائيندڙ قومپرستيءَ جي خلاف ضرور آهي، ۽ اُن جي هرطرح سان، نفي ۽ کري ٿي، جو ڊائيورسٽي جو جوهر ئي اُن وشواس تي بڌل آهي، ته دنيا جي قومن جي عظمت ۽ ترقيءَ جو راز قومن جي جمهوري اتحاد، جمهوري پائيچاري ۽ جمهوري گڏپ (Diversity) ۾ آهي، ۽ اِهو ئي سبب آهي جو ڊائيورسٽي، پنهنجو هڪ 'گهٽائيءَ ۾ هيڪڙائي' (Unity in Diversity) وارو ذيلي نظريو متعارف کرائي، ان ذريعي دنيا جي قومن ۾ اتحاد، گڏپ ۽ گهڻ-رنگائي کي همٿائي، اُنهن جي خودمختياري ۽ جمهوري حقن جي حفاظت توڙي احترام واري سوچ تي زور رکي، اُن کي عملي جامو پهرائڻ واسطي، اختيارن جي عدم مرکزيت تي بڌل جمهوري وفاقيت جي اطلاق جي نہ رڳو وکالت کري ٿي، پر اُن لاءِ هڪ مڪمل سياسي حڪومتي انتظام جو مڪينزم به پيش کري ٿي: اُن کري، ائين سمجهڻ ته، وفاقيت وارو ڊائيورسٽيءَ جو نظريو قوميتي سوچ، قوميتي احساس ۽ قوميتي سُڃاڻپ يا قومي سياست کي رد کري ٿو، بلڪل ئي غلط ٿيندو. ائين ڏٺو وڃي، ته وفاقيت ۾ ڊائيورسٽيءَ جو سوال انتهائي اهم حيثيت رکندڙ سوال آهي. ٻيو ته، وفاقيت جو ڊائيورسٽيءَ (گهٽائي) وارو نظريو اسان کي قومپرستيءَ جي شائونسٽ نظريي ۽ قومپرستيءَ جي وطن دوست نظريي ۾ فرق به واضح کري ڏئي ٿو، جنهن سببان جمهوري وفاقيت جي باري ۾ اڪيچار مونجهارا به صاف ٿيون پون ٿا. مثال طور: قومپرستيءَ جي شائونسٽ نظريي مطابق، قومن سان برابريءَ جي بنياد تي اتحاد کي نہ، پر اُنهن کي غلام بنائڻ کي ترجيح ڏني ويندي آهي. جڏهن ته، وفاقيت، پنهنجي ڊائيورسٽي واري نظريي جي ذريعي، قومن کي غلام بنائڻ واري قومي سوچ، قومي سياست ۽ قومپرستيءَ کي رد کري، قومن کي اختيارن جي عدم مرکزيت تي بڌل هڪ وفاق هيٺ گڏجي رهڻ، اتحاد کرڻ ۽ 'گهٽائيءَ' جي لاءِ قبوليت جي ڳالهه کري، قومپرستيءَ جي قوم دوست کي نظريي کي اُپاريو آهي، جنهن مطابق قومن سان برابريءَ جي بُنياد تي اتحاد کرڻ کي اوليت ڏني وڃي ٿي: شايد اِهو به هڪ اهم سبب آهي، جنهن کري، سڄي دنيا ۾ وفاقيت واري جمهوري نظام جي گهرج کي وڌي سطح تي محسوس کيو پيو وڃي: اُن کري، منهنجو ذاتي خيال آهي، ته اسان وٽ، سنڌ ۾، جمهوري وفاقيت بابت پيدا ٿيندڙ سنجيدگيءَ واري سمجهه خود اسان جي قومي سوچ ۽ قومي جدوجهد کي به تقويت پهچائيندڙ آهي.* تنهن کان سواءِ، جئين ته اسان سنڌي ماڻهو قومن جي

---

*جمهوري وفاقيت کيئن اسان جي قومي سوچ ۽ قومي جدوجهد کي تقويت پهچائي ٿي؟ اُن ڳالهه کي ائين سمجهي سگهجي ٿو، جو، مثال طور: اسان سنڌي ماڻهن جو پاکستان جي وفاق ۾ ٿيندڙ ناانصافين خلاف، وڏو مطالبو اِهو رهيو آهي، ته پاکستان، جئين ته 1940ع واري ٺهراءَ مطابق ٺهيو هو، پر بعد ۾ اُن جي آئيني بنيادن کي تبديل کري، لاهور ٺهراءَ ۾ ڏنل آئيني ضمانت جي اُبتڙ، مُلڪ ۾ اختيارن جي عدم مرکزيت واري حقيقي وفاقي جمهوري نظام

آزاديءَ جو احترام ڪندڙ ۽ ساڻن برابريءَ جي بُنياد تي، اتحاد ڪرڻ واري قومي سوچ جا قائل آهيون.* ۽ عليحدگي پسند قومي سوچ يا قومپرستيءَ جي خلاف آهيون، ۽ اُن کي سپ - طرفي نموني سان رد بہ ڪريون ٿا؛ اُن ڪري، منهنجوراهو خيال آهي، تہ جمهوري پورهيت سياست سان گڏ جمهوري وفاقيت جي گهربل سنجيده سمجهہ بہ، اسان جي قومي سياست ۽ قومي جدوجهد سان نہ رڳو نهڪندڙ آهي، پر اُن کي سپ- طرفي منطقي مدد بہ مهيا ڪندڙ آهي؛ اُن ڪري، مان پانيان ٿو تہ سنڌ ۾ وفاقيت جو جيترو شعور وڌيڪ پُختو ۽ ميچوئر ٿيندو اوترو ئي سنڌ کي قومي لحاظ کان وڌيڪ فائدو پهچندو. اُن لاءِ ضروري آهي، تہ سنڌ ۾ وفاقيت جي سمجهہ ۽ اپياس لاءِ هڪ سنجيده رويي کي اُپاريو وڃي، جيڪو دراصل، اسان جي ادارن جو ئي ڪم آهي؛ نہ ڪي ڪنهن فرد واحد جو.

'گهٽائيءَ ۾ هيڪڙائي' (Unity in Diversity) ڇا آهي؟

وفاقيت ۾ 'گهٽائيءَ ۾ هيڪڙائي' يا 'گڏپ ۾ اتحاد' (Unity in Diversity) واري تصور جو مطلب اُهو آهي، تہ مختلف نسلي، قومي، ثقافتي ۽ اقليتي گروهن جي 'گهٽائي' پاڻ ۾ گڏجي، اهڙي طرح سان رهي، جو اُها گهٽائي، هيڪڙائي وانگر ڏسڻ ۾ اچي. اُهو سپ ڪجهہ هڪ اهڙي وفاقي حڪومتي نظام ۾ مُمڪن ٿئي ٿو

لاڳو ڪرڻ بدران، وحداني حڪومتي نظام لاڳو ڪري، پنجابي-مُهاجر مُفادن تي ٻڌل طاقت جي ناجائز مرڪزيت تحت، ننڍين قومن کي خودمختياريءَ کان محروم رکيو ويو آهي، جا ڀالهہ پاڪستان جي ننڍين مظلوم قومن سان نہ صرف وڏو ظلم ۽ ناانصافي آهي، پر اُن سان، پاڪستان ۾ قومي تضاد ۽ عليحدگي پسند لاڙي جي اُپار سببان، وفاق لاءِ بہ بُحران ۽ خطري واري صورتحال پيدا ٿيو پئي آهي؛ اُن ڪري، ان مسئلي جو منصفاڻو حل اِهو آهي، تہ پاڪستان جي وفاق ۾ شامل قومن کي، بنا دير مُڪمل طور تي بااختيار بڻائي، محدود مرڪز واري جمهوري تصور تحت، پاڪستان جي آئيني اڌاوت ڪري، اُن کي اهڙو حقيقي وفاقي جمهوري ملڪ بڻايو وڃي، جنهن ۾ صوبن ۽ قومن کي بلڪل اهڙي ئي خودمختياري حاصل هجي، جنهن جي لاهور واري نُمراءَ ۾ ضمانت ڏني وئي هئي. مان پانيان ٿو تہ اسان جي اهڙي مطالبي کي، جمهوري وفاقيت واري سوچ منطقي مدد ڪندڙ آهي؛ ڇاڪاڻ تہ، جمهوري وفاقيت واري نظام ۾ ئي، وڏي حد تائين، اختيارن جي عدم مرڪزيت تي ٻڌل محدود مرڪز ۽ بااختيار صوبن وارو سياسي سرشتو ۽ اُن جو آئيني اڌاوت وارو ميڪينزم مُمڪن آهي، ۽ جديد دؤر ۾ اُن نظام کان سواءِ اختيارن جي عدم مرڪزيت جي ڀالهہ ڪرڻ اڪارج آهي.

*هتي غور سان ڏسڻو وڃي، تہ سنڌين جي اِها قومن سان اتحاد ۽ احترام واري سوچ تي ٻڌل قومي سياست ۽ قومپرستي، بُنياديءَ طور تي، ويهين صديءَ جي اُپريل سماجي فڪري علم ۽ سائنس، يعني، مارڪسزم تي ٻڌل رهي آهي، جنهن ۾ دنيا جي مظلوم قومن جي چوٽڪاري سان گڏ پورهيت طبقي جي آڇيي جي بہ ڀالهہ ڪئي وئي آهي، ۽ اُنهيءَ مقصد کي پورهيت بين الاقواميت پسنديءَ (Marxist Internationalism) واري اصطلاح جي ذريعي واضح ڪيو ويو آهي. قومي ۽ طبقاتي سوال کي گڏائي، قومي حقن جي ڀالهہ ڪرڻ يا وطن دوست قومپرستيءَ جو داعي هجڻ وارو لقاءُ، دراصل، حڪمت عملي جي لحاظ کان، هڪ انتهائي اهم ۽ پيچيدو معاملو رهيو آهي، جنهن کي نهايت سنجيدگي ۽ باريڪ بينيءَ سان سمجهڻ جي ضرورت آهي، بي صورت ۾، غلط رخ پروڙڻ ۽ غلط نتيجا ڪڍڻ جا بہ امڪان رهن ٿا.

جنهن ۾ مختلف قومي، نسلي ۽ ثقافتي اقليتن جي حقن جي احترام جي مڪمل آئيني ضمانت مليل هجي ٿي. ٻيو ته، 'گهٽائيءَ' جو احترام ۽ اُن جي حفاظت ئي 'گهٽائي ۾ هيڪڙائي' پيدا ڪرڻ جو مُحرڪ بڻجي سگهي ٿي. دراصل، قومن جي 'گهٽائي' (Diversity)کي 'هيڪڙائي' (Unity) ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي، ته سڀ کان پهريان هڪ وفاقي سماج (جيڪو پنهنجي بنيادي جوهر ۾ مختلف شناختن جي گهاتائي تي ٻڌل هجي ٿو) ۾ 'گهٽائيءَ' جي قبوليت ۽ احترام واري سوچ کي جاڳائي ذميوار بڻايو وڃي. ان صورت ۾ ئي ڪنهن به وفاقي سماج يا وفاقي رياست لاءِ 'گهٽائيءَ ۾ هيڪڙائي' يا 'ڳڏ ۾ اتحاد' (Unity in Diversity) وارو مقصد حاصل ڪري سگهجي ٿو ۽ تڏهن، سڃي سماج جو ۽ وفاقي رياست جو جمهوري روح گهڻ-رنگائي (Pluralism) ۾ رنگجي، اُهو انصاف، برابري، صبر، سهپ، اعتدال پسنديءَ ۽ قانون جي حڪمرانيءَ لاءِ هڪ بهتر ذريعو بڻجي سگهندو. اِهو ئي سبب آهي، جو وفاقيت ۾، 'گهٽائيءَ ۾ هيڪڙائي' جي اصول کي تمام گهڻو اُپاريو ويو آهي، ته جئين انصاف، برابري، اعتدال پسنديءَ ۽ قانون جي حڪمرانيءَ جا حقيقي وفاقي بنياد رکي سگهجن. اُنهيءَ پسمنظر کي ڏسندي، وفاقيت جي هڪ وڏي ماهر جارج اينڊرسن (Georg Anderson) کي به ائين چوڻو پيو آهي: 'گهٽائيءَ جي قبوليت ۽ احترام ئي هڪ قومي قدر طور اتحاد، ايڪتا ۽ هيڪڙائيءَ جي اصل ضمانت آهي.'[14] بدقسمتيءَ سان، اسان وٽ، پاڪستان ۾، اُن عمل جي اُبتڙ ورجاءُ ٿيندو رهيو آهي! پاڪستان ۾، قومن جي 'گهٽائيءَ' لاءِ قبوليت ۽ احترام جو جذبو پيدا ڪري، قومن کي بااختيار بڻائي، قومن جي وچ ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ بدران، قومن جي 'گهٽائيءَ' (Diversity) کي دٻائي، سندن خودمختياري کي ختم ڪري، هڪ مفروضاتي 'مهامسلم قوميت' واري نظريي تحت، مفروضاتي 'قومي هيڪڙائي' کي اُپارڻ جي لاحاصل ڪوشش ڪئي وڃي ٿي، جنهن جي نتيجي ۾، هيلتائين نه پاڪستان اندر قومن جي وچ ۾ پيدا ٿيل قومي تڪرار ختم ٿي سگهيا آهن، ۽ نه سندن وچ ۾ ڪا حقيقي قسم جي هيڪڙائي پيدا ٿي سگهي آهي. اِهو ئي سبب آهي، جو اڄ پاڪستان حقيقي وفاقي ملڪ بڻجڻ بدران، وحداني حڪومتي نظام وارو ملڪ بڻجي، ننڍين قومن لاءِ وڏي نقصان جي علامت بڻجي ويو آهي، جنهن سببان، قومن ۾ عليحدگي پسند سوچ پڻ پيدا ٿي پئي آهي، ۽ نتيجي ۾، نه رڳو قومن جي وچ ۾ 'گهٽائيءَ ۾ هيڪڙائي' وارو مقصد خطري هيٺ اچي ويو آهي، پر خود رياست ۽ اُن جو وفاق به عدم استحڪام جي ورڇڙهي، ساڪ بچائڻ واري بُحران ۾ مبتلا ٿي ويو آهي، جنهن مان نڪري پار پوڻ، بهرحال، ڪجهه اوکو ئي ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

ڇا وفاقيت قوميپرستيءَ کي رد ڪري ٿي؟

اسان وٽ، عام طرح سان سمجهيو ويندو آهي، ته وفاقيت ۽ اُن جو نظريو قوميپرستيءَ کي رد ڪندڙ آهي. برابر وفاقيت، عليحدگيءَ پسند سوچ کي رد ڪري ٿي؛ دنيا جي قومن ۾ اتحاد (Unity) جي ڳالهه ڪري ٿي، ۽ هڪ ڳڏيل وفاق هيٺ رهي، قومي، نسلي، ثقافتي ۽ معاشي توڙي اقتصادي مسئلن کي حل ڪرڻ جي سفارش ڪري ٿي، ۽ جئين ته، مختلف پانت پانت جي نسلي، ثقافتي ۽ اقليتي قومي گروهن جي گڏپ توڙي اتحاد جي صورت ۾، گڏجي وڃڻ سڀان قومي سوچ، قومي احساس ۽ قومي جذبي جي گهٽجي وڃڻ جا امڪان پيدا ٿيو پون ٿا. جنهن سبب وفاقي نظام هيٺ رهندڙ قومي سُڃاڻپ کي زک پهچڻ جا امڪان پڻ پيدا ٿين ٿا، پر قطع نظر اُن جي، وفاقيت، هڪ وفاق هيٺ رهندڙ مختلف قومي سُڃاڻپ جي گهڻ-رنگائي (Diversity) جي احترام، قبوليت ۽ خودمختياري کي اختيارن جي عدم مرڪزيت (Decentrelization) ذريعي يقيني بڻائي، هڪ طرف، وفاقي نظام هيٺ قومن لاءِ برابريءَ جي بنياد تي گڏجي رهڻ جا امڪان پيدا ٿيو پون ٿا، جنهن سبب وفاقي نظام هيٺ رهندڙ قومي سُڃاڻپ کي زک پهچڻ جا امڪان پڻ پيدا ٿين ٿا، پر قطع نظر اُن جي، وفاقيت، هڪ وفاق هيٺ رهندڙ مختلف قومي سُڃاڻپ جي گهڻ-رنگائي (Diversity) جي احترام، قبوليت ۽ خودمختياري کي اختيارن جي عدم مرڪزيت (Decentrelization) ذريعي يقيني بڻائي، هڪ طرف، وفاقي نظام هيٺ قومن لاءِ برابريءَ جي بنياد تي گڏجي رهڻ لاءِ هڪ مڪمل آئيني، سياسي ۽ جمهوري نظام کي لازمي قرار ڏئي ٿي، ته ٻئي طرف، وفاق کي پروان چاڙهڻ واري وطن دوست قومي سوچ ۽ قوميپرستيءَ کي به همٿائي ٿي؛ اُن ڪري، ائين سمجهڻ ته وفاقيت، قوميپرستي کي رد ڪري ٿي، بلڪل غلط ٿيندو. البت، اِها به پنهنجي جاءِ تي هڪ حقيقت آهي، ته وفاقيت، قوميپرستي جي شائونسٽ ذريعي کي مڪمل طور تي رد ڪري ٿي، جو قوميپرستيءَ جو شائونسٽ نظريو بنيادي طور تي، نسلي برتريءَ واري منفي مقصد تي ٻڌل هجي ٿو جنهن مطابق هڪ مخصوص قوم کي نسلي طور تي اعليٰ، عظيم ۽ برتر سمجهيو ويندو آهي، ۽ دنيا جي ٻين سمورين قومن کي ڪمتر، حقير ۽ غيرمهذب تصور ڪيو ويندوآهي. اِهو ئي سبب آهي، جو قوميپرستيءَ جي شائونسٽ نظريي کي مجيندڙ ماڻهو، دنيا جي ٻين سمورين قومن جي آزادي ۽ خودمختياريءَ جو نه رڳو احترام ناهن ڪندا، پراُهي قومن کي غلام بنائڻ واري ايجنڈا تي به ڪم ڪندا آهن؛ مثال طور: جرمنيءَ جو فاشسٽ حڪمران هٽلرهو. هٽلر جو سياسي نظريو يا فلسفو قوميپرستيءَ جي شائونسٽ نظريي تي ٻڌل هو.[15] هُن جو خيال هو ته صرف آريائي نسل تي ٻڌل جرمن قوم ئي دنيا جي ٻين سمورين قومن کان وڌيڪ عظيم، اعليٰ ۽ مهذب آهي، ۽ اُنهيءَ عظيم جرمن قوم کي، دنيا جي ٻين سمورين ننڍين وڏين قومن تي حڪمراني ڪرڻ جو نسلي، اخلاقي ۽ قومي حق آهي."[16] اُنهيءَ سوچ تحت، هٽلر دنيا جي قومن کي غلام بنائڻ ۽ جرمن قوم جي عالمگير حاڪميت قائم ڪرڻ لاءِ يورپ جي اڪيچار ننڍين وڏين قومن تي چڙهائي ڪرڻ شروع ڪري ڏني، جنهن جي نتيجي ۾، پي

وڏي عالمي جنگ ۾ شروع ٿي. نيٽ، سوويت يونين (هاڻوڪي روس) جي عظيم استالن، فاشسٽ هٽلر جي بي لگام طاقت ۽ چڑواڳ فوج ڪشي سان مُهاڏو اٽڪائيندي، ڪيس حتمي شڪست ڏني، روسي قوم سميت، يورپ جي مڙني قومن کي، هٽلر جي فاشسٽ قومپرستي ۽ قومي سوچ کان بچائي، يورپ اندر قومپرستيءَ جي فاشسٽ نظريي کي هميشه هميشه لاءِ دفن ڪري ڇڏيو ۽ دنيا مان نسل پرستيءَ تي ٻڌل شائونسٽ قومپرستيءَ جو خاتمو آندو. بهرحال، قومپرستيءَ جو شائونسٽ نظريو جئين ته، اقوام عالم (دنيا جي قومن) جي آزادي، خودمختياري، حقِ حاڪميت کي ردڪندڙ قومن کي غلام بنائيندڙ ۽ بنيادي طور تي، قومن سان نسلي تعصب رکندڙ متعصب، جاهلاڻو ۽ ڇٽپائي تي ٻڌل هڪ غيرجمهوري ۽ فاشسٽ نظريو آهي، اُن ڪري، دنيا جو هر سُجاڳ ذهن، باشعور ۽ جمهوريت پسند ماڻهو (توڙي قوم) قومپرستيءَ جي اُنهيءَ شائونسٽ نظريي جي نه رڳو مذمت ڪري ٿو، پر اُن کي هرطرح سان رد ڪرڻ لاءِ، قومپرستيءَ جي وطن دوست نظريي سان گڏ جمهوري وفاقيت جي به پُرزور حمايت ڪري ٿو. دراصل، جمهوري وفاقيت واري سياسي نظام ۾ قومپرستيءَ جي شائونسٽ نظريي ۽ سوچ لاءِ ڪا به جاءِ ناهي. وفاقيت، اهڙي شائونسٽ ۽ قومن سان نفرت رکندڙ قومپرستيءَ جي سخت خلاف آهي، ۽ اُن کي هرطرح سان رد ڪري ٿي. البت، وفاقيت، قومپرستيءَ جي وطن دوست نظريي ۽ سوچ جي خلاف هرگز نه آهي، جو قومپرستيءَ جو وطن دوست نظريو پڻ وفاقيت وانگر نه رڳو دنيا جي قومن جي خودمختياري ۽ حقِ حڪمرانيءَ جو احترام ڪندڙ دنيا جي قومن جي اتحاد ۽ سنڊن وفاق کي بچائڻ وارو نظريو آهي، پر دنيا جي قومن جي وچ ۾ برابريءَ جي بُنياد تي، هڪجهڙي سان اتحاد ڪرڻ، جمهوري وفاق ۾ گڏ رهڻ، ۽ هڪجهڙي جي قومي وجود لاءِ قبوليت واري سوچ به رکي ٿو ۽ جئين ته، اهڙي سوچ کي خود جمهوري وفاقيت به پروان چاڙهي ٿي. اُن ڪري، منهنجو خيال آهي، ته جمهوري وفاقيت واري نظام ۽ نظريي ۾ قومپرستيءَ جي وطن دوست نظريي جي جا اهميت آهي، تنهن کي به ضرور سمجهڻ گهرجي.

ٻيو ته، جمهوري وفاقيت جو نظريو بنيادي طور تي، يورپ جي سرمائيدار دنيا کان ٽيندو اسان جي ٽين دنيا جي ملڪن ڏانهن آيو آهي. مون ذاتي طورتي، ڪچ سالن کان اُنهيءَ نظريي جو گهرائي سان مطالعو ڪيو آهي، اُن بنياد تي، منهنجو اِهو خيال آهي، ته يورپ طرفان جمهوري وفاقيت جي نظريي کي پروان چاڙهڻ جو هڪڙو خاص سبب يورپ اندر (هٽلر واري) قومپرستيءَ جي شائونسٽ نظريي جو سدباب ڪرڻ به آهي. هٽلر هجي يا مسوليني، اُنهن نام نهاد شائونسٽ قومپرستيءَ جي آڙ ۾ يورپ اندر جيڪي انسانيت سوز ڪڌا ڪم ڪيا، ۽ يورپي قومن لاءِ جا

تباهڪاري آندي. اُن ڏري گهٽ سڄي يورپ ۽ اُن جي مڙني قومن کي تباهه ڪري ڇڏيو هو.[17] اهڙي تباهي ٻيهر نه ٿئي، ۽ نه وري ٻيو مسوليني ۽ هٽلر پيدا ٿي، قومپرستيءَ جي شائونسٽ نظريي کي پروان چاڙهي، اُن صورتحال کان بچڻ لاءِ، دراصل، يورپ ۾ جمهوري وفاقيت جي نظريي کي اُپاريو پيو وڃي. ته جئين، اُنهيءَ نظريي تحت دنيا جي قومن کي وفاقي نظامن هيٺ هڪٻئي جي ويجهو آڻي، سنڌن قومي وجود ۽ سنڌن جمهوري حقن لاءِ احترام واري سوچ کي پروان چاڙهي، جمهوري وفاقيت جي 'گهٽائيءَ ۾ هيڪڙائي' واري نظريي تحت، قومن سان نسلي بنيادن تي نفرت رکڻ واري غيرجمهوري روش مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري، قومي عليحدگي کي وڌائيندڙ قومپرستيءَ جي شائونسٽ نظريي جي هميشه هميشه لاءِ پاڙ پٽي وڃي. اُهو، مان سمجهان ٿو ته هڪ خاص سبب آهي، جنهن تحت، وفاقيت کي، يورپ کانپوءِ سڄي دنيا ۾ ڦهلائي، اُن جي گهربل شعور سمجهه ۽ ڄاڻ کي منظم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ورتيون پيون وڃن: ۽ يانيان ٿو ته جمهوري وفاقيت وارو نظام سڄي دنيا ۾ اِهو مقصد حاصل ڪرڻ ۾ وڏيءَ حد تائين ڪامياب ٻه ويو آهي. منهنجي جمهوري وفاقيت جي نظريي کان متاثر ٿيڻ جو هڪ سبب اِهو ٻه آهي. جيتوڻيڪ ٽين دنيا جي مُلڪن ۾ جمهوري وفاقيت جي نظريي کي هڪ ٻئي اُبتڙ تناظر ۾ پڙڻو وڃي ٿو. مثال طور: اسان وٽ، جمهوري وفاقيت جي نظريي جي باري ۾ هڪ سوچ اِها ٻه آهي، ته اِهو نظريو يورپ جي سرمائيدار سامراجي دنيا کان، اُن کري ٽين دنيا جي مُلڪن، قومن ۽ سماجن ڏانهن آيو آهي، جو اُنهيءَ نظريي جي ذريعي، ٽين دنيا جي عوام جو سندن حقن لاءِ هلندڙ قومي ۽ طبقاتي تحريڪن ڏانهن ڏيان هٽايو وڃي: ڇاڪاڻ ته، ٽين دنيا جي ملڪن جون اڪثر قومي تحريڪون مارڪسي فڪر ۽ نظريي سان هٿيارٻند آهن. اِهو ئي سبب آهي، جو هتي اسان وٽ، ٽين دنيا جي ملڪن ۾، جمهوري وفاقيت جي نظريي جي باري ۾ هڪ مخصوص معني ۾ ائين پڙ سمجهيو پيو وڃي، ته اُنهيءَ نظريي کي ٽين دنيا اندر مارڪسزم جي فڪري لهر کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ آندو ويو آهي. ائين، وفاقيت واري نظريي جي باري ۾ اڪيچار ڳالهيون هلن ٿيون، پر اُن بحث جي قطع نظر، مان ائين چوندس، ته جئين ته، وفاقيت جو نظريو ۽ اُن جو مقصد پنهنجي وسيع تر تناظر ۾، مثبت ۽ منفي ٻئي معنائون رکي ٿو. اُهو عليحدگي پسند قومپرستيءَ کي رد ٻه ڪري ٿو ته وفاق پسند قومي سوچ / قومپرستيءَ کي همٿائي، اُن کي اُپارڻ جي ٻه حمايت ڪري ٿو. اُن ڪري، وفاقيت جي نظريي کي هڪ متوازن سوچ سان سمجهڻ جي ضرورت آهي، ۽ اِهو ئي سبب آهي، جو مان ٻه اُن کي هڪ متوازن سوچ سان ڏسان، پڙهان ۽ سمجهان پيو. ۽ يانيان ٿو ته دراصل، اهڙو رويو ئي معروضيت تي ٻڌل آهي.

سنڌي قومپرستي ۽ وفاقيت

سنڌ ۾ سنڌي قومپرستيءَ جا ٽلهي ليکي ۾ وڏا فڪري لاڙا رهيا آهن: هڪڙو فڪري لاڙو بُنيادي طرح سان، عليحدگي پسند (Separatism) سوچ تي ٻڌل آهي، جنهن جو قومن سان اتحاد ڪري، وفاق ناهي، ڪڏجي هلڻ واري مقصد سان ڪا به دلچسپي ناهي: جڏهن ته، سنڌي قومپرستيءَ جو ٻيو فڪري لاڙو وفاق-پسند قومي سوچ تي ٻڌل آهي. اُن جا وري سنڌ اندر ۾ وڏا فڪري لاڙا رهيا آهن. هڪ لاڙو ڪاپي ڏُر جي فڪر ۽ سياست سان سلهاڙيل آهي. سنڌ ۾ عوامي تحريڪ (AT) سنڌي قومپرستيءَ جي اُنهيءَ فڪري لاڙي جي نمائندگي ڪري ٿي، جنهن جو قومي سوال سان گڏ طبقاتي سوال تي به نهايت ڇِٽو مؤقف آهي. جڏهن ته، ٻيو لاڙو خالص قومپرستيءَ جي قدر تي ٻڌل آهي. جيئي سنڌ قومي محاذ، سنڌ نيشنل تحريڪ (SNT) ۽ سنڌ ترقي پسند پارٽي (STP) اُنهيءَ لاڙي جي نمائندگي ڪري ٿي. بهرحال، سنڌ ۾ وفاق-پسند سنڌي قومپرست ڏرين هميشه نسلي برتريءَ تي ٻڌل قومپرستي واري شائونسٽ تصور کي رد ڪيو آهي. هُنن جو بُنيادي مقصد وطن دوست قومي سوچ ذريعي، پنهنجي قوم جي خودمختياري سميت، دنيا جي مڙني قومن جي خودمختياري کي بچائڻ ۽ سندن آزاديءَ جو احترام ڪرڻ آهي. قومپرستيءَ جو اِهو فڪري لاڙو، وفاق-پسند ۽ وفاقيت کي اوليت ڏيندڙ آهي. قومپرستيءَ جي اُنهيءَ وفاق-پسند فڪري لاڙي سان لاڳاپيل وطن دوست سُجاڳ ڌهن ماڻهن جو اِهو مؤقف رهيو آهي، ته سندن قومپرستي، دنيا جي قومن جي خودمختياريءَ کي رد ڪندڙ ۽ قومن سان نفرت رکي، قومن کي غلام بنائيندڙ يا وطن کي ٽوڙيندڙ هٿلر واري نسلي برتريءَ تي ٻڌل نسل پرست قومپرستي نه، پر پنهنجي قوم کي مڪمل خودمختياري ڏيارڻ سميت دنيا جي مڙني قومن جي خودمختياري جو احترام ڪندڙ ۽ ساڻن برابريءَ جي بُنياد تي اِتحاد ڪري. ڪلهو ڪلهي سان ملائي، پنهنجي قوم، پنهنجي وطن ۽ پنهنجي وفاق کي بچائڻ ۽ اُن کي ترقي ڏيارڻ واري وطن دوست قومپرستي آهي. مثال طور: پاڪستان جي حق ۾، سنڌ اسيمبليءَ طرفان، 1943ع ۾ قرارداد پاس ڪرائڻ اُن ڳالهه جو ثبوت هو ته سنڌ ۽ سنڌين جي قومي سوچ، قومن کان ڌار رهڻ واري عليحدگي پسند نه، پر قومن سان برابريءَ جي بُنياد تي ڳڏجي رهڻ ۽ قومن جي وفاقي اتحاد کي اوليت ڏيندڙ وفاقي لاڙي واري قومي سوچ آهي. اِهوئي سبب آهي، جو سنڌ ۽ اُن جي قومي قيادت، 1940ع کان وٺي، ننڍي کنڊ ۾ مسلم قومن جي گڏيل وفاق هيٺ، پاڪستان جي نالي سان ٺهندڙ نئين وفاقي ملڪ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ، قومي سطح تي، پنهنجي دلچسپي جو نه رڳو علي

الاعلان اظهار ڪندي رهي، پر 1947ع ۾ اُها عملي طور تي، پاڪستان جي وفاق ۾ شامل ٻه ٽي وئي؛ اُن ڪري، ائين چئي سگهجي ٿو ته سنڌ ۾، سنڌي قومپرستن جي ٻي فڪري لاڙي جي قومي سوچ يا قومپرستي، پاڪستان يا دنيا جي قومن کان ڌار ٽيڻ واري عليحدگي پسند نه، پر قومن سانِ اتحاد ڪرڻ واري سوچ، يعني وفاق-پسند قومپرستيءَ تي ٻڌل آهي.

اسان وٽ، عام طرح سان، قومپرستي (Nationalism) ۽ نسل پرستيءَ (Racism) ۾ فرق کي نٿو سمجهيو ويڃي! (اهڙو لاڙو اسان لاءِ قومي طرح سان هِنسڪ آهي، اُن جو سدباب ضروري آهي) اِهو ئي سبب آهي، جو اسان وٽ، نسل پرستيءَ کي قومپرستي ۽ قومپرستيءَ کي وري نسل پرستي سمجهيو ويڃي ٿو! حالانڪ اُهي ٻئي فڪري لاڙا پنهنجي مثبت ۽ منفي ڪارج سميت، هڪٻئي جي اُبتڙ ۽ هڪٻئي کي رد ڪندڙ آهن. دراصل، نسل پرستي (Racism) هڪ منفي لاڙو آهي، جنهن تحت دنيا جي قومن جي خودمختياريءَ جو ڪو لحاظ نه ٿو رکيو ويڃي، ۽ صرف هڪ مخصوص قوم ۽ اُن جي نسل سان لاڳاپيل ماڻهن کي دنيا جي ٻين سمورين قومن ۽ اُنهن سان لاڳاپيل ماڻهن کان اعليٰ، برتر ۽ معتبر سمجهيو ويڃي ٿو ۽ صرف هڪڙي مخصوص قوم ۽ اُن جي نسل سان لاڳاپيل ماڻهن کي دنيا جي ٻين قومن ۽ اُنهن سان لاڳاپيل ماڻهن تي جائز توڙي ناجائز حڪمراني ڪرڻ ۽ کين غلام بڻائڻ جو حق ڏنو ويڃي ٿو! اِهو حق يا اِن قسم جي سوچ، نسل پرستيءَ (Racism) جي بدترين روپ جي عڪاسي ڪري ٿي، جا هرطرح سان قابل مذمت آهي. جرمنيءَ جو فاشسٽ حڪمران هٽلر اُنهي نسل پرست سوچ جو قائل هو. هُن اُن کي نازي ازم جي فلسفي جو نالو ڏنو، جنهن مطابق، صرف آرياءِ نسل تي ٻڌل جرمن قوم ۽ اُن جي ماڻهن کي دنيا جي ٻين سمورين قومن ۽ اُنهن سان لاڳاپيل ماڻهن تي حڪمراني ڪرڻ جو حقدار سمجهيو ٿي ويو.[18] اِهو ئي سبب هو، جو هُو جڏهن اقتدار ۾ آيو ته تڏهن هُن پنهنجي نسل پرست سوچ ۽ مفادن کي اوليت ڏيندي، سڄي دنيا جي قومن تي فوجي چڙهائي شروع ڪري ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ ٻي عالمي جنگ ٻڌي لڳي. مهذب دنيا ۽ قومن جي آزاديءَ جو جمهوري احترام ڪندڙ ترقي پسند قومپرست حلقن هٽلر جي نسل پرست قومي سوچ، سياست ۽ قومپرستيءَ کي اهڙي طرح سان رد ڪيو، جو ڪجهه سالن اندر ئي هٽلر جي شخصيت، هٽلر جي سياست ۽ هٽلر جي غيرجمهوري سوچ جو جيڪو تباهه ڪن نتيجو ظاهر ٿيو، اُهو اسان سڀني ڀلي پت ڏٺو. جڏهن ته، وطن دوست قومپرستي هڪ مثبت جمهوري لاڙو آهي، جنهن تحت قومي جمهوري سوچ رکندڙ ماڻهو نه رڳو پنهنجي قوم جي حقن جي ڳالهه ڪن ٿا، پر دنيا جي مڙني قومن جي آزاديءَ جو

احترام بہ ڪن ٿا، اُهي پنهنجي مخصوص قوم کي ٻين قومن کان اعليٰ، برتر ۽ معتبر نہ ٿا سمجهن، اُهي، جتي پنهنجي قوم جي اهميت، عظمت ۽ اُن جي تاريخي قدامت جي ساک پرين ٿا، اُتي اُهي دنيا جي سمورين قومن جي عظمت، آزادي ۽ خودمُختياري کان بہ انڪار نہ ٿا ڪن، اُهي ٻين قومن سان نفرت، ساڙ يا تعصب رکڻ کي هرطرح سان رد ڪن ٿا، ساڻن گڏجي قومي اتحاد کي اوليت ڏين ٿا، سندن آزادي، سندن خودمُختياري ۽ سندن حق حاڪميت جو جمهوري احترام ڪن ٿا، اِهو ئي سبب آهي، جو اِن قسم واري وطن دوست قومپرستيءَ (Patriotic Nationalism) کي وفاقيت يا وفاقي نظام لاءِ بہ ضروري سمجهيو ويڃي ٿو جو وطن دوست قومپرستي، قوميتي اتحاد کي اوليت ڏيڻ سببان، نہ رڳو ڊائيورسٽيءَ جي قبوليت لاءِ گنجائش کي پيدا ڪري ٿي، پر اُن سان گڏ 'گهٽائي ۾ هيڪڙائي' واري مقصد کي بہ مُمڪن بڻائي ٿي، جا ڳالهہ دراصل، مختلف قوميتن جي رنگارنگينيءَ تي ٻڌل وفاق کي سگهہ پهچائي ٿي.

ٻي ڳالهہ تہ، هتي، اسان وٽ، عام طور تي، پنجابي- مُهاجر دانشور طبقو (حمزا علوي ۽ ڊاڪٽر تنوير طاهر وغيره) سنڌ جي سياست کي نسلي سياست (Politics of Ethnicity) ۽ سنڌ جي قومي جدوجهد کي نسلي حقن واري جدوجهد قرار ڏيندو رهيو آهي. ائين، سنڌ ۾ موجود قومپرست فڪري لاڙي جي منفيت سان تشريح ڪئي ويندي آهي،[19] ۽ اُن ذريعي اُهو ٻڌايو ويڃي ٿو تہ سنڌي نسل پرست آهن. مان سمجهان ٿو تہ سنڌ جي سياست ۽ قومي جدوجهد کي سمجهڻ ۽ اُن جي تشريح ڪرڻ جو اِهو رويو نہ رڳو ٻيائي ۽ تعصب تي ٻڌل آهي، پر بُنيادي طور تي، غلط ۽ غيرمعروضي بہ آهي، جو سنڌي، دراصل، پنهنجي قومي سوچ، قومي جذبي ۽ قومي ذهنيت ۾ شائونسٽ نہ، پر شائونزم کي رد ڪندڙ وطن دوست قومپرستيءَ واري فڪري لاڙي جا قائل رهيا آهن، جنهن تحت، نہ رڳو اُهي سنڌي قوم جي حقن جي ڳالهہ ۽ وڪالت ڪن ٿا، پراُن سان گڏ اُهي پنهنجي برادر قوميتن سميت، دنيا جي مڙني قومن جي آزادي ۽ خودمختياريءَ جو بہ جمهوري احترام ڪن ٿا، مثال طور: سنڌ جي قومي تاريخ مان اُهو پليءَ پٺ پڙو ٿئي ٿو تہ سنڌين، ڪڏهن بہ، ڪنهن بہ برادر توڙي ٻي قوم تي، ڪاڪاهہ ناهي ڪئي، ڪوراتاهو ناهي هنيو، ڪو حملو ناهي ڪيو، ڪا ڦرلٽ ناهي ڪئي، ۽ ڪنهن کي پنهنجو غلام ۽ ماتحت ناهي بڻايو. دراصل، سنڌ ۽ سنڌين هميشه پنهنجي پاڙيسري توڙي دنيا جي ٻين قومن جي جمهوري احترام ۾ وشواس رکيو آهي، ۽ تاريخ مان اُن جي ثابتي پليءَ پٺ ملي ٿي، اُن ڪري، سنڌين کي نسل پرست سمجهڻ يا سندن قومپرستيءَ کي نسل پرستيءَ واري قومپرستي سمجهڻ، هڪ وڏي ڪج فهمي ٿيندي. ٻيو تہ، سنڌ جي قومي

سياست کي نسلي سياست (Politics of Ethnicity) قرار ڏيڻ تي، اُن ڪري ٻه اعتراض آهي، جو هڪ ته، نسلي سياست خود هڪ منفيت تي ٻڌل فڪري لاڙي جي نمائندگي ڪري ٿي، ۽ ٻيو ته، اهو اصطلاح، اُن ڪري ٻه منجهائيندڙ ۽ غلط آهي، جو هڪ ئي قوم ۾ ڪيترن ئي نسلن، ڪيترن ئي طبقن ۽ ڪيترن ئي گروهن جا ماڻهو رهي سگهن ٿا، ۽ ائين اوس آهي ٻه اُن ڪري، ڪنهن ٻه قوم جي قوميتي حقن واري سياست (Politics of Nationalism) يا جدوجهد کي صرف نسلي سياست ۽ جدوجهد (Politics of Ethnicity) تائين محدود ڪري بيان ڪرڻ، پاڪستان ۾ قومي سوال کي منجهائڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه ٻه ناهي.

***

باب:2

وفاقيت : ننڍي ڪنڊ جي سياسي تناظر ۾

تاريخ جي اڪيڊمڪ اپياس مان پتو پوي ٿو ته گڏيل هندوستان ۾ مسلمان ئي وفاقيت جا وڏا حامي هئا. جناح ۽ مسلم ليگ، ننڍي ڪنڊ ۾ هندو-مسلم مسئلي جي حل واسطي، سڀ کان پهرين، گڏيل هندوستان لاءِ اختيارن جي عدم مرڪزيت تي ٻڌل وفاقي حڪومتي نظام جو مطالبو ڪيو هو.[1] اُهو اهڙو مطالبو هو جنهن سببان، 1947ع تي، پاڪستان ٻه ٿيو. جناح يا مسلم ليگ طرفان گڏيل هندوستان جي حڪومتي نظام لاءِ وفاقيت جي ڳالهه ڪرڻ جو سبب اِهو هو جو هُنن اِها ڳالهه سمجهي ٿي، ته ننڍو ڪنڊ هڪ وحدت نه، پر مختلف قومن، مختلف مذهبن، مختلف ثقافتن، مختلف نسلي اقليتن جي گهڻ-رنگائي ۾ ورهايل خطو آهي، جنهن ۾، جتي مختلف قومن، ثقافتن، مذهبن ۽ نسلي اقليتن جي وچ ۾ هم آهنگي آهي، ته اُتي منجهن اڪيچار تضاد، تڪرار ۽ ٽيڪارا ٻه آهن، جنهن سببان، وقت بوقت، اهڙي ته تڪراري صورتحال پيدا ٿيندي رهي ٿي، جو مورڳو مختلف قومي، مذهبي، ۽ نسلي گروهن سان سلهاڙيل ماڻهن جو هڪٻئي سان گڏجي رهڻ ٻه اوکو بڻيل رهي ٿو. دراصل، اِهو ننڍي ڪنڊ جي وحدت نه، پر گهڻ-رنگائيءَ (Diversity) جو هڪ نتيجو هو. جو ننڍي ڪنڊ ۾ ويهين صدي جي شروعاتي ڏهاڪي ۾ هندو-مسلم مسئلو اُٿي ڪڙو ٿيو. جنهن جي نتيجي ۾ گڏيل هندوستان جي سياست ۾ وفاقيت جي مطالبي ٻه زور ورتو. جيتوڻيڪ ننڍي ڪنڊ ۾ وفاقيت جو باقاعدگيءَ سان اجراءُ انگريزن جي زماني ۾، 1935ع واري گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ تحت ٿي چڪو هو، پر جئين ته، اُهو آئين ٻه، بُنيادي طور تي، اختيار جي عدم مرڪزيت تي نه، پر اختيارن جي مرڪزيت تي ٻڌل هڪ وحداني حڪومتي نظام ۽ اختيارن جي سُفارش ڪندڙ آئين هو. ۽ اِهو ئي سبب هو، جو نه رڳو مسلم ليگ ۽ جناح اُن آئين کي رد ڪري ڇڏيو هو. پرهُنن اختيارن جي عدم مرڪزيت تي ٻڌل محدود مرڪز واري وفاقي

نظام ۽ صوبن جي خودمختياريءَ جا مطالبا ۽ ڪرڻ شروع ڪري ڏنا هئا. ڪارڻ اِهو هو جو اقليتن، خاص طور مسلمانن کي اِهو خوف هو ته وحداني حڪومت نظام تحت جڙندڙ وفاق جي نالي تي، هندو پائر پنهنجي عددي اڪثريت جي بُنياد تي، هندو بالادستي مڙهي، مسلمانن کي پنهنجو غلام بڻائي ڇڏيندا. بهرحال، اِهائي سوچ ۽ اُن جو پوروچوٽ ادراڪ هو جنهن سببان، جناح کي اِها ڳالهه ڪرڻي پئي، ته ننڍي کنڊ ۾ هندو-مسلم مسئلي جو حل هڪ اهڙي وفاقي نظام ۾ آهي، جنهن جو وفاق هندو ۽ مسلمانن جي برابري واري نمائندگي تي ٻڌل هجي. جناح جو اُهو پڪو وشواس هو ته وفاقي نظام جي اطلاق سان، نه رڳو هندو ۽ مسلمانن جو گڏجي رهڻ، ترقي ڪرڻ، ۽ اڳتي وڌڻ مُمڪن ٿيندو، پر اُن جو فائدو اِهو به ٿيندو، جو هڪ طرف، گڏيل هندوستان ۾ برابريءَ واري اصول تحت قائم ٿيندڙ جمهوري وفاق ۾ جائز نمائندگي ملڻ سببان، مختلف قومن، مختلف مذهبن، مختلف ثقافتي اقليتن ۽ مختلف لساني گروهن جي قبوليت لاءِ احترام واري سوچ پيدا ٿيندي، ته وري طرف، اُنهيءَ وفاقي نظام تحت، گڏيل هندوستان ۾ 'گهٽائي ۾ هيڪڙائي' واري مقصد کي حاصل ڪري، اُن کي وڌيڪ سگهه بخشي، ننڍي کنڊ کي هڪ مربوط سياسي وحدت ۾ به آڻي ڇڏبو ۽ اُن کي، امڪاني خطري، پڄ ڌاهه يا ٽوڙ ڦوڙ (ورهاڱي) کان بچائي به سگهبو. مان پاڻيان ٿو ته آل انڊيا ڪانگريس ۽ آل انڊيا مسلم ليگ ۾ اصل اختلاف به، دراصل اُنهي ڳالهه تي ٻڌل هئا، جو هڪ طرف، مسلم ليگ ۽ جناح وارا هئا، جن گڏيل هندوستان ۾ وفاقي حڪومتي نظام کي موزون ٿي سمجهيو ته وري ٻي طرف، آل انڊيا ڪانگريس ۽ اُن جي ليڊرشپ هئي، جنهن مرڪز ۾ هندو بالادستي قائم ڪرڻ واسطي وفاقيت کي رد ڪري، مضبوط مرڪز تي ٻڌل وحداني حڪومتي نظام کي مناسب ٿي سمجهيو، جنهن سببان، ٻنهي ڌرين ۾ آخر تائين، انگريزن جي مفاهمتي ڪوششن جي باوجود، ڪو به ناهه نه ٿي سگهيو[2] ۽ منطقي نتيجي طور هندوستان جو ورهاڱو ٿي ويو. دراصل، ننڍي کنڊ ۾ مسلمانن کي، اُن ڪري به وفاقيت جي گهرج هئي، جو مسلمان، هندو اڪثريت جي مقابلي ۾ ٻنهه اقليت ۾ هئا. اِهو عالمي انساني تاريخ جو پراڻو رڪارڊ رهيو آهي، ته اڪثريتي گروهه هميشه اقليتي گروهن کي دٻائي، هيسائي، غلام بڻائي، سندن سمورن حقن کي تين وال ڪري، سندن وجود ۽ سندن تشخص کي ميساري ڇڏيندو آهي! ۽ ننڍي کنڊ ۾ اِهو سڀ ڪجهه، جئين ته ڪانگريس جي سياسي طريقي ڪار ۽ رويي مان ظاهر ٿي ٿيو، اِهو ئي سبب هو جو مسلمانن، گڏيل هندوستان ۾ هندن سان گڏجي رهڻ لاءِ، هڪ طرف، هڪ اهڙي وفاقي نظام کي ضروري ٿي سمجهيو، جنهن ۾ صوبن کي خودمختياري هجي؛ (ته جئين،

اڪثريتي گروهه جي ناجائز مداخلت ۽ مرڪز ۾ هندو استيٽسڪو واري صورتحال کان بچي سگهجي) ته وري ٻي طرف، چونڊن جي ڏار نظام جي به ڀالهه ٿي ڪئي، چاڪاڻ ته، چونڊن جي ڳڏيل نظام تحت، مسلمانن جو گهربل سگهه سان اُپري اچڻ ۽ چونڊيل ادارن ۾ مؤثر ڪردار ادا ڪرڻ بنهه اوکي ڀالهه بڻيل هئي؛ اُن ڪري، مسلمانن لاءِ جتي چونڊن جو ڏار نظام وارو معاملو بي حد اهم ۽ ضروري معاملو هو، ته اُتي صوبن جي خودمختياري به سندن اهم مُطالبو هو، ۽ جئين ته، صوبن جي خودمختياري وفاقي نظام جي قيام کان سواءِ مُمڪن نه هئي؛ اُن ڪري به، ننڍي ڪنڊ جي مسلمانن ۽ سندن سياسي ليڊرشپ، وفاقيت تي زور ڏيندي، ڳڏيل هندوستان ۾ هندن ۽ مسلمانن جي ڳڏجي رهڻ لاءِ صوبن جي خودمُختياري ۽ اختيارن جي عدم مرڪزيت تي ٻڌل وفاقي نظام جي وڪالت ٿي ڪئي.[3]

بهرحال، ننڍي ڪنڊ ۾، مسلمانن جي صوبائي خودمختياري ۽ چونڊن جي ڏار نظام متعارف ڪرائڻ وارن مطالبن کي تقويت تڏهن ملڻ شروع ٿي، جڏهن 1906ع ڏاري آل انڊيا مسلم ليگ جو قيام عمل ۾ آيو، جنهن ڪانپوءِ ترت مسلم ليڊرشپ، انگريز سرڪار اڳيان پنهنجي مطالبن کي اثرائتي انداز سان رکڻ ۾ شروع ڪري ڏنو[4] جنهن جو نتيجو اِهو نڪتو، جو هڪ طرف، انگريز سرڪار 1909ع وارن آئيني سُڌارن ۾ چونڊن جي ڏار نظام متعارف ڪرائڻ واري مطالبي کي آئيني طور تي قبول ڪري ورتو، ته وري ٻي طرف، سرڪاري سطح تي، هندوستان اندر وفاقي آئين ۽ صوبن جي اختيارن ۾ واڌ لاءِ غور ويچار ڪرڻ ۾ شروع ڪري ڏنو. اهڙين تبديلين ڪانپوءِ، 1916ع ۾، ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ۾ لکنؤ وارو معاهدو ٿيو، جنهن سببان هندو- مسلم لاڳاپن ۾ بهتري پڻ اچي وئي، ياد رهي، ته هندو ۽ مسلمانن ۾ 1916ع ڏاري ٿيل لکنوءَ معاهدو جناح جي اڻ ٽڪ محنت سببان عمل هيٺ آيو هو ۽ اُهو معاهدو، ڳڏيل هندوستان جي سياسي تاريخ جو اُهو پهريون آئيني معاهدو هو، جنهن جو بُنيادي مقصد اِهو هو ته انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ واري جدوجهد هندو- مسلم اتحاد تي ٻڌل هوندي، ۽ اُن ۾ نه رڳو ڳڏيل هندوستان لاءِ وفاقي حڪومتي نظام تي ڳڏيل طور اتفاق ڪيو ويو هو، پر اُنهيءَ معاهدي جي ذريعي، هندن طرفان، مسلمانن جي چونڊن جي ڏار نظام واري مطالبي کي به قبول ڪيو ويو هو جيڪو نهايت هڪ مثبت لقاءُ هو[5] پر بدقسمتي سان، خلافتي ۽ عدم تعاون وارين تحريڪن سببان لکنوءَ معاهدو عملي طور تي بي اثر بڻجي ويو، جنهن سببان هڪ نئين معاهدي جي ضرورت محسوس ڪئي وئي.[6] اُن وچ ۾، انگريز سرڪار پاران، مانٽيگيو- چيمسفورڊ واري آئيني رپورٽ جي معرفت، 1919ع وارو آئين (گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ) متعارف ڪرايو ويو، جيڪو هڪ وفاقي آئين

تہ نہ ھو. البت، اُن آئين تحت، پھريون پيرو رياست جي ادارن ۽ اختيارن کي مرڪزي ۽ صوبائي سطح تي ورھايو ويو. جنھن سببان صوبن کي ڪي قدر خودمختياري ملي،[7] پر 1919ع واري آئين ۾، جئين تہ اُھا ٺوري گھٽي خودمختياري بہ گورنر جنرل جي ذات وٽ مرڪوز ھئي؛[8] اُن ڪري، اھڙي آئين کي ھندوستان جي مسئلي جو حل نہ سمجھيو ويو.[9] بھرحال، 1919ع واري آئين اڇڻ کانپوءِ، ھندوستان ۾ خلافتي ۽ عدم تعاون جھڙيون تحريڪون پڻ ھليون، جنھن سببان حالتون اھڙي تڪراري موڙ تي پھچي ويون، جتي ھندو ۽ مسلمانن جي گڏجي رھڻ لاءِ، 1919ع واري آئين کي بنھ ناڪافي سمجھيو ويو ۽ نتيجي ۾، 1919ع واري آئين خلاف عوامي دباءَ واري صورتحال پيدا ٿي؛[10] اِھو ئي سبب ھو جو 1927ع ۾ انگريز سرڪار کي سائيمن ڪميشن جو اعلان ڪرڻو پيو.[11] "سائيمن ڪميشن جو خيال ھو تہ ھندوستان لاءِ وفاقيت جي اصول تي ٻڌل وفاقي حڪومتي نظام ھڪ اھڙو حڪومتي طريقو ثابت ٿيندو جيڪو مختلف صوبن کي داخلي خودمُختياري سان نوازي، ھڪ گڏيل وفاق ھيٺ متحد رکي سگھندو."[12] ائين، سائيمن ڪميشن جي اعلان کانپوءِ اُن جي نمائندن، ھندوستان پھچي پنھنجو ڪم شروع ڪري ڏنو. البت، جئين تہ اُنھيءَ ڪميشن ۾، ڪنھن بہ، ھندوستاني ماھر کي شامل نہ ڪيو ويو ھو اُن ڪري، اُن جو ھندوستانين طرفان سخت بائيڪاٽ ڪيو ويو. جنھن جي نتيجي ۾ اُھا سڄي ڪميشن تڪراري بڻجي وئي. "۽ ائين، خود ھندوستانين طرفان ھندوستان لاءِ نئين آئين متعارف ڪرائڻ لاءِ، آگسٽ 1928ع ۾ نھرو رپورٽ منظر عام تي آئي."[13] نھرو رپوٽ تي مسلمانن کي سخت تحفظات ھئا. ڇاڪاڻ تہ، اُن رپورٽ ۾ ھڪ اھڙي آئين جي سفارش ڪئي وئي، جنھن ۾ (لکنؤ معاھدي ۾ طئي ڪيل) چونڊن جي ڏار نظام کي نہ رڳو رد ڪيو ويو پر ڪُل ھندوستان لاءِ بہ وفاقي نظام بدران وحداني حڪومتي نظام جو مطالبو ڪيو ويو.[14] جنھن ۾ صوبن کي بي اختيار ۽ مرڪز کي مضبوط رکڻ جي سفارش ڪيل ھئي، ۽ جئين تہ مسلمانن، طاقت جي مرڪزيت تي ٻڌل وحداني حڪومتي نظام کي گڏيل ھندوستان لاءِ مناسب نہ ٿي سمجھيو. جو اھڙي نظام ۾ صوبن جي خودمختياري مُمڪن بڻجي نہ پئي سگھي، اُن ڪري، جڏھن نھرو رپورٽ ۾، ھندوستان لاءِ وحداني نظام ۽ وحداني آئين جي سفارش ڪئي وئي، تہ مسلمانن، بطور اقليت، سخت اعتراض اُٺاريا. عائشا جلال چوائي: جناح وچ ۾ اچي، رپورٽ ۾، مسلمانن طرفان ڪجھہ سُفارشون منظور ڪرائڻ ٿي چاھيون، پر اُنھن کي ڪو مانُ نہ ڏنو ويو.[15] بھرحال، نھرو رپورٽ جي منظوريءَ لاءِ گول ميز ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، اُن ۾، جناح ۽ مسلم ليگ جي مؤقف کي قبول نہ ڪيو ويوا ائين جڏھن، جناح جي

نهرو رپورٽ ۾ ترميم لاءِ پيش ڪيل ٽن تجويزن کي به رد ڪيو. ته مارچ 1929ع ڏاري، جناح، مسلمانن طرفان پنهنجون چوڏهن تجويزون پيش ڪيون، جن کي جناح جا مشهور چوڏهن نقطا به چيو وڃي ٿو[16] جيڪي، دراصل، وفاقيت جي ساک پرين ٿا، جن ۾ گڏيل هندوستان لاءِ وفاقي حڪومتي نظام جي اجراءَ سان گڏ سنڌ جي بمبئي کان عليحدگيءَ جو به مطالبو ڪيو ويو. اُن وچ ۾، 1930ع ۾، مسلم ليگ جي الله آباد واري سالياني اجلاس ۾، جناب علامہ اقبال پنهنجو مشهور خطبو پڙهيو. اُن ۾، هُن، پنجاب، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان وارن مسلم گهڻائي وارن علاقن کي ملائي، هندوستان جي وفاق ۾ مسلمانن جي هڪ وڏي خودمختيار يونٽ بڻائڻ جي ڳالهه ڪئي.[17] علامہ اقبال جي اُنهيءَ ويچارن تي مسلم گهڻائي وارن علاقن جي سياسي ليڊرشپ کي تحفظات هئا، جو اقبال جي اُنهيءَ تصور تحت، گريٽر پنجاب جي اڏڻ جو امڪان هو. جيڪو ننڍين مسلم قومن کي ڪنهن به طرح سان پسند نه هو. اُن ڪري، اقبال جي اُنهيءَ تصور تي ڪو عمل ته نه ٿي سگهيو. البت، وفاقيت جا ماهر اُنهيءَ خطبي ۽ اُن ۾ بيان ڪيل ويچارن کي، هندوستان ۾، وفاقيت جي حوالي سان ٽيندڙ اڳيرائي ۾ اهم تصور ڪن ٿا، جو اُن ۾ وفاق ۽ اُن جي يونٽن جي واضح حدبندي متعارف ڪرائي وئي هئي؛ ۽ اِهو ئي سبب آهي، جو اقبال جي اُنهيءَ خطبي کي اهميت جي نظرن سان ڏٺو وڃي ٿو.[18] برابر 1935ع وارو آئين وفاقي نوع جو هو[19] جو اُن آئين تحت، پهريون ڀيرو رياستي اختيارن جون ڏار ڏار فهرستون جاري ڪري، وفاق ۽ صوبن جي اختيارن جي حدبندي ڪئي وئي هئي، پر جئين ته اُن آئين تحت اختيارن جي اصل مرڪزيت وري به گورنر جنرل جي ذات وٽ مرڪوز هئي؛ اُن ڪري، اُهو آئين، پنهنجي بُنيادي جوهر ۾، وحداني گاڏڙ وفاقي آئين هو. جنهن جو مقصد هندوستان ۾ انگريز سرڪار خلاف وڌندڙ ٻي چينيءَ کي مانو ڪري، هندوستان تي برطانوي قبضي کي وڌيڪ سگهاري انداز سان برقرار رکڻ هو.[20] ۽ اِهو ئي سبب هو. مسلم ليگ اُن آئين کي رد ڪري، هندو- مسلم مسئلي جي حل واسطي هڪ نئين وفاقي آئين جو مطالبو ڪيو. دراصل، 1935ع واري آئين تحت، جنهن وفاق جو تعين ڪيو ويو هو، اُهو جمهوري وفاقيت جي بُنيادي اصول، يعني اختيارن جي عدم مرڪزيت تي نه، پر اختيارن جي مرڪزيت تي ٻڌل هو. جنهن ۾ چونڊيل نمائندن جي حيثيت رڳو نمائشي هئي؛ اصل اختيارن جو مالڪ برطانوي حاڪم طبقو ۽ سندن پارليامينٽ هئي.[21] اِهو ئي سبب هو. جو اُنهيءَ نام نهاد وفاقي آئين کي نه رڳو آل انڊيا ڪانگريس رد ڪري ٿي ڇڏيو، پر مسلم ليگ ۽ جناح وارن به اُن کي پسند نه ٿي ڪيو ۽ اُن جي مخالفت ڪري، اُن کي سختيءَ سان رد ڪري ڇڏيائون.[22]

بهرحال، 1935ع واري آئين تحت، فيبروري 1937ع ڌاري، هندوستان ۾ چوندڙن ٿيون. چوندڙن ۾ آل انڊيا ڪانگريس وڏي اڪثريت سان، 1585 سيٽن مان 716 سيٽن تي ڪاميابي حاصل ڪئي. جڏهن ته، آل انڊيا مسلم ليگ 108 سيٽن تي سرسي حاصل ڪري سگهي. ڪانگريس، ترت ئي، هندوستان جي يارهن صوبن مان ستن ۾ صوبائي وزارتو قائم ڪري ورتيون.[23] ياد رهي، ته ڪانگريس صوبائي وزارت سازي واري عمل ۾ مسلم ليگ ۽ اُن جي نمائندن کي کا به حصيداري نه ٿي ڏني! ۽ اڪيلي سر وزارتون جوڙي ورتائين.[24] ٻيو ته، ڪانگريس جي صوبائي حڪومتي دؤر ۾ ڪجهه اهڙا ته غلط، تڪراري ۽ غيرجمهوري فيصلا ڪيا ويا، جنهن سببان نه رڳو ننڍي کنڊ ۾ وفاقيت جي 'گهٽائي ۾ هيڪڙائي' واري بُنيادي تصور ۽ اصول کي وڏو ڏڪ لڳو پر اُنهن، اقليتي ڏُرين، خاص طور تي، مسلمانن کي به انتهائي خوف ۽ ڳڻتيءَ واري ماحول ۾ آڻي ڇڏيو. مثال طور: وديا مندر واري اسڪيم جو بُنياد وجهڻ، گانڌي جي تصوير جي پوڄا ڪرڻ، اسڪولن ۾ ڪانگريس جي جهنڊي جي سلامي کي لازمي بنائڻ، بندي ماترم جهڙي هندو مذهبي گيت کي، هندوستان جو گڏيل قومي ترانو بڻائڻ جهڙا فيصلا اهڙا هئا، جيڪي اقليتن لاءِ ڪنهن به طرح سان هضم ڪرڻ جوڳا نه هئا.[25] دراصل، اُهو سڀ ڪجهه گڏيل هندوستان جي مختلف قومن، مذهبن ۽ ثقافتن سان سلهاڙيل اقليتي گروهن جي ڀائيورسٽيءَ (Diversity) کي تباهه ڪرڻ جي هڪ خطرناڪ سازش هئي، جنهن سببان هندوستان جي وحدت (Unity) کي به ڏڪ لڳڻ جا امڪان هئا، ۽ اُهو ڏڪ، 1947ع ۾، هندوستان جي ورهاڱي جي صورت ۾ لڳو به. اُن ڪري، ڪانگريس جي صوبائي حڪومتي دؤر ۾ نه رڳو اقليتون ناراض ۽ ڪاوڙيل رهيون، پر مسلمانن به اُن دؤر کي پنهنجي حوالي سان، ڪو بهتر دؤر نه ٿي سمجهيو. اُن حوالي سان، مسلمانن جو وڏو الزام اِهو به هو ته ڪانگريس، پنهنجي صوبائي حڪومتي دؤر ۾، اقليتن جي مذهبي فرضن جي ادائيگي واري عمل تي به بندش وجهي ڇڏي هئي. دراصل، اهڙي صورتحال ئي هئي، جنهن مسلمانن کي نهايت خوف ۽ عدم تحفظ واري سوچ ۾ آڻي ڇڏيو هو. جنهن جي منطقي نتيجي طور، تن ڏينهن، هندوستاني مسلم ليڊرشپ، آل انڊيا مسلم ليگ جي پليٽ فارم تان مختلف صوبن جي گورنرن سان ملاقاتون ڪري، کين 1935ع واري آئين تحت سندن تحفظ کي يقيني بنائڻ جا مطالبا ڪيا؛[26] ۽ جئين ته، 1935ع واري آئين تحت، اقليتي ڏرين جي حقن ۽ مُفادن جو گهربل بچاءُ مُمڪن نه پئي ٿي سگهيو. اُن ڪري، اُنهيءَ آئين تي، مسلمانن جو عدم اطمينان اڃان به وڏي ويو. جنهن جو ڪُليل نموني سان اظهار 23 مارچ 1940ع واري لاهور اجلاس ۾ ڪيو به ويو.[27] بهرحال، اُن

صورتحال مان مسلمانن ۾ سندن سياسي ليڊرشپ ۾ نتيجا ڪڍيا. هڪ اِهو تہ مسلمان نئين سر تنظيم سازي ڪري، مسلم ليگ کي سياسي طور تي ايترو تہ منظم، طاقتور ۾ سگهارو بڻايو ڇڏين، جو ڪانگريس کين برابريءَ واري حيثيت ڏيڻ تي مجبور ٿئي، ۾ ٻيو اِهو تہ، 1935ع واري گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ، جئين تہ اقليتي ڏُرين جي حقن ۾ مفادن جي گهربل حفاظت ڪرڻ ۾ ناڪام ويو آهي؛[28] اُن ڪري، اُن کي رد ڪرائي، هڪ حقيقي جمهوري وفاقي آئين آڻڻ لاءِ انگريز سرڪار مٿان دباءَ واري صورتحال پيدا ڪئي وڃي.[29] مان پانيان ٿو تہ، 1940ع واري لاهور ٺهراءَ آڻڻ جو هڪڙو سبب، دراصل، انگريز سرڪار مٿان دباءُ پيدا ڪرڻ ۽ هو تہ جئين، انگريز سرڪار، 1935ع واري آئين کي رد ڪري، کو نئون آئين متعارف ڪرائي، جنهن سان هندن ۾ مسلمانن جو گڏيل طور تي، هڪ وفاق هيٺ رهڻ مُمڪن بڻجي سگهجي. بهرحال، ائين، جڏهن سيپٽمبر 1939ع ۾ ٻي عالمي جنگ شروع ٿي، تہ انگريز حاڪمن طرفان، ڪانگريس ۾ هندوستان جي ٻي سموري ليڊرشپ جي مرضيءَ ۾ صلاح کان سواءِ جنگ ۾، هندوستان کي ۽ شامل ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو.[30] اهڙي اعلان تي، ڪانگريس ۾ اُن جي ليڊرشپ توائي ٿيندي، صوبائي وزارتن تان استعيفائون ڏئي ڇڏيون. مسلم ليگ وارن اُن عمل کي سُنو سئنوڻ قرار ڏنو ۾ اُن کي ڇوٽڪاري جو ڏينهن قرار ڏنائون.[31] ائين، ٻئي سال، 1940ع ۾، آل انڊيا مسلم ليگ طرفان لاهور ۾، هڪ وڏو سالياني ميڙاڪو ڪوٺايو ويو. جنهن ۾ 23 مارچ واري ڏهاڙي تي، جڳ مشهور تاريخي لاهور وارو ٺهراءُ پاس ڪرايو ويو. جنهن ۾ اِهو چيو ٿي ويو:

"It is the considered view of this Session of the All-India Muslim League that no constitutional planwould be workable in this country or acceptable to the Muslim unless, its designed on the following basic principle, viz, that geographically contiguous units are demarcated into regions which should be so constituted, with such territorial readjustment as may be necessary, that the eras which muslims are in majority as in north-western and eastern zones of india, should be so grouped to constitute "Independent States" in which the constituent units shall be autonomous and sovereign;"[32]

ترجمو: "آل انڊيا مسلم ليگ جو هيءُ اجلاس ۾ اُن ۾ شريڪ اڳواڻ اُهو سمجهن ٿا، تہ هن مُلڪ ۾ تيستائين ڪو ۽ آئيني منصوبو عمل جوڳو يا مسلمانن لاءِ قابل قبول نہ ٿيندو، جيستائين اُهو هيٺين بُنيادي اصولن تي تيار نہ ٿو ڪيو وڃي: يعني، جاگرافيائي لحاظ کان هڪجهڙي سان ڳنڍيل وحدتن جي ڪن علائقن ۾ ضروري تبديلي آڻي، اُنهن جي اهڙن حدبندي ڪئي وڃي، جيئن اُهي قدرتي طرح سان ڏسڻ ۾ اچن ۾ ڏکڻ اولهہ ۾ اوير وارا اُهي علائقا، جتي مسلمانن جي گهڻائي آهي، تن کي آزاد رياستن جي قيام لاءِ گڏ ڪرڻ گهرجن، جن ۾ شامل وحدتون آزاد ۾ خودمُختيار هوندیون."

ٿمراءَ ۾ وڌيڪ چيو ويو:

"That adequate, effective and mandatory safeguards should be specifically proved in the constitution for minorities in these units and in the regions for the protection of their religious, cultural, economic, political, administrative and other rights, and interests in consultation with them; and in other part of Idia where the Muslmans are in a minority,adequate, effective and mandotry safeguards shall be specifically provided in the constitution for them and other minorities for the protection of their religious, cultural, economic, political, administrative and other rights, and interests in consultation with them;
This session further authorize the Working Commttee to frame a scheme of Constitution in accordance with thes basic principles, providing for the assumption finally by the respective regious of all powers such as defence, external affairs,communication,coustom, and such other matters as may be necessary."[33]

ترجمو: "اُنهن آزاد علاقن ۽ خودمختيار وحدتن جي آئين ۾ اقليتن کي، خاص طور تي، مناسب ۽ مؤثر قانوني ۽ آئيني ضمانت ڏني وڃي، تہ جئين، اُنهن جي مذهبي، ثقافتي، معاشي ، سياسي ۽ ٻين حقن جو سندن مفادن ۽ سندن مشوري مطابق بچاءَ ۽ دفاع ڪيو وڃي. هندوستان جي ٻين حصن، جتي مسلمان اقليت ۾ آهن، اُتي به اُنهن، ۽ ٻين اقليتن جي لاءِ آئين ۾، خاص طور تي، مناسب ۽ مؤثر قانوني ۽ آئيني ضمانت ڏني وڃي، تہ جئين، اُنهن جي سياسي، مذهبي، ثقافتي، معاشي ۽ ٻين حقن جو سندن مفادن ۽ سندن مشوري مطابق بچاءَ ۽ دفاع ڪري سگهجي."
هيءَ اجلاس ورڪنگ ڪميٽي کي اُهو به اضافي اختيار ڏئي ٿو تہ اُها اُنهن بنيادي اصولن مطابق، هڪ آئيني خاڪو تيار ڪري، جنهن ۾ ڇاڪاڻ خطن کي دفاع، پرڏيهي معاملا، مواصلات، ڪسٽم ۽ اهڙن ٻين سمورن ضروري معاملن جا اختيار ڏنل هجن."

اِهو لاهور وارو ٿمراءُ، دراصل، ننڍي کنڊ جي مسلمانن کي درپيش امڪاني خطرن، انديشن، خدشن ۽ خود- حفاظتي سوچ جو هڪ منطقي اظهار هو، جنهن ۾، هندن سان گڏجي رهڻ لاءِ، وفاقيت جي بُنيادي اصول مطابق صرف ٽن چئن ڪاتن واري محدود مرڪز تي ٻڌل آئيني خاڪي جي سُفارش ڪئي وئي هئي. اُن سان گڏ، ننڍي کنڊ جي مسلم گهٽائي وارين رياستن کي پاڻ ۾ ملائي، خودمختياريءَ ڏيڻ جو مطالبو به ڪيو ويو هو[33] ۽ جئين تہ، 1935ع واري انڊيا ايڪٽ، اختيارن جي مرڪزيت تي ٻڌل وحداني نظام کي سگهہ ٿي ڏني؛ اُن ڪري، لاهور ٿمراءَ جي ذريعي، اُن آئين کي سختيءَ سان رد ڪري، گڏيل هندوستان لاءِ هڪ اهڙي وفاقي آئين جو مطالبو ڪيو ويو جيڪو محدود مرڪز ۽ بااختيار صوبن جي تصور تي ٻڌل هو. لاهور ٿمراءَ کي مبهم پڻ سمجهيو ويندو آهي، جا ڳالهہ ڪنهن حد تائين صحيح به آهي، ۽ اِهو ئي سبب آهي، جو اُنهيءَ ٿمراءَ کي ڪڏهن پاڪستان جو

نمراءُ سمجهيو ويندو آهي، تہ ڪڏهن هندوستان جي ورهاڱي جو نمراءُ سمجهيو ويندو آهي. دراصل، اُنهيءَ نمراءَ مان اُنهن ٻنهي مقصدن جي وضاحت ٿئي ٿي: مثال طور: لاهور نمراءَ کي خود آل انڊيا مسلم ليگ، پنهنجي 1941ع واري مدراس جي اجلاس ۾ علي الاعلان پاڪستان جي نمراءَ طور پڌرو ڪيو هو.[34] اُن ڪري، لاهور نمراءَ کي پاڪستان جو نمراءُ سمجهڻ ۾ درست آهي. جڏهن تہ، لاهور نمراءَ ۾ مسلم گهڻائي وارن علاقن کي، جا آزاد رياستن جي قيام لاءِ گڏ ڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي وئي هئي، تہ سا ڳالهہ هندوستان جي ورهاڱي جو هڪ سڌ هو. ڇاڪاڻ تہ، مسلم گهڻائي وارن علاقن کي گڏائڻ، هندوستان جي ورهاڱي کان سواءِ مُمڪن نہ هو. اُهو سڀ ڪجهہ، هندوستان جي ورهاڱي سان مشروط هو. اُن ڪري، لاهور نمراءُ کي هندوستان جي ورهاڱي جو نمراءُ سمجهڻ ۾ بلڪل درست آهي. ٻيو تہ، اِن سڄي نمراءَ مان، ۽ خاص طور تي اُن جي پڇاڙيءَ واري حصي مان، اُهو چڱيءَ طرح سان ظاهر ٿئي ٿو تہ آل انڊيا مسلم ليگ ۽ اُن جي ليڊرشپ گڏيل هندوستان لاءِ هڪ اهڙي وفاقي آئين جي خواهش مند هئي، جنهن تحت، مضبوط مرڪز نہ، پر محدود مرڪز جي اڌاوت ٿيڻي هئي. اُنهي محدود مرڪز وٽ صرف دفاع، پرڏيهي معاملا، مواصلات، ۽ ڪسٽم جهڙا ڪاتا ۽ ٻيا سمورا ڪاتا وفاقي وحدتن وٽ هجن ها.[35] اُن مان اِهو بہ واضح ٿئي ٿو تہ آل انڊيا مسلم ليگ وٽ هندوستان توڙي پاڪستان لاءِ هڪ وفاقي آئين جي حامل وفاقي نظام جو تصور هو. بهرحال، 1940ع واري لاهور نمراءَ ڪانپوءِ، هندوستان جي سياسي وايو منڊل ۾ گهاگهميءَ واري صورتحال رهي: ٻي عالمي جنگ سببان، برطانيا ڇنتڪُ هو. نازي جرمنيءَ طرفان لنڊن تي بمباري جاري هئي؛ برطانوي وزيراعظم ملڪي دفاع واسطي اتحادي ملڪن جا طوفاني دورا ڪندو ٿي رهيو. 22 جون 1941ع تي، جرمنيءَ، سوويت يونين تي حملو ڪري ڏنو. ائين، جنگ وڌيڪ خوفناڪ ٻڌجي وئي. 7 ڊسمبر 1941ع تي، جپان، پرل هاربر واري ساموندي ٻيٽ وٽ ٻيٹل آمريڪي جنگي ٻيڙي تي زبردست حملو ڪري، آمريڪي فوج کي اُتان پڇڙ تي مجبور ڪيو. اُن جي نتيجي ۾ آمريڪا بہ، جپان کي سيڪٽ ڏيڻ خاطر جنگ ۾ شامل ٿي ويو.[36] جپان، سنگاپور، برما ۽ ملايا تي قبضو ڪري اڳتي وڌندو ويو. مدراس تي، جپان جي جنگي جهازن جي اُڏامن کي ڏٺو ٿي ويو. وڏا امڪان اُن ڳالهہ جا هئا، تہ جپان ترت ئي هندوستان تي حملو ڪري، ننديي ڪنڊ ۾ برطانوي حاڪميت جو ڊينگو ڊير ڪري ڇڏيندو. اِن صورتحال سببان، برطانيا اراجڪُ هو. اُن جو خيال هو تہ جيڪڏهن هندوستان ۾ موجود سياسي نااتفاقي واري صورتحال ۾، جپان، هندوستان تي حملو ڪيو تہ برطانيا اُن جي ست سهي نہ سگهندو.[37] دراصل، اُنهيءَ مايوس ڪن صورتحال کي پنهنجي حق ۾ تبديل ڪرڻ،

۽ خاص طور، جنگ ۾، هندوستاني عوام ۽ سياسي ليڈرشپ کان مدد ونڻ خاطر، برطانيا طرفان 'ڪرپس مشن' کي آئيني تجويزن سان گڏ هندوستان موڪلڻو پيو. ائين، ڪرپس، 23 مارچ 1942ع تي، هندوستان پهچي ٻه ويو.[38] هُن هندوستان پهچي، هندوستاني اڳواڻن گانڌي، جناح، ابوالڪلام آزاد ۽ نهروءَ سان ملي، ڪجهه آئيني تجويزن پڌريون ڪيون، جن مطابق جنگ جي خاتمي ڪانپوءِ هندوستان کي آزادي ڏيڻ سان گڏ هڪ ڪُل هند وفاقي يونين جو بندوبست ڪرڻو هو، جنهن ۾ هر صوبي کي اُهو حق ڏنو ويو ته اُهو ڏهن سالن ڪانپوءِ چاهي، ته يونين کان ڌار ٿي سگهي ٿو.[39] ڪانگريس کي، ڪرپس تجويزن تي اعتراض هئا. گانڌيءَ اُن ڳالهه کي پسند نه ٿي ڪيو ته ڪو "هر صوبي کي اُهو حق حاصل هجي، ته اُهو ڏهن سالن ڪانپوءِ چاهي، ته يونين کان ڌار ٿي وڃي."[40] جڏهن ته، مولانا ابوالڪلام اُنهن تجويزن کي قبول ڪرڻ اُن شرط سان مشروط ڪيو ته جنگ ۾ مدد ونڻ واسطي هندوستان ۾ جنگ جي وزارت سان گڏ دفاع وارو وزير به هندوستاني هجي.[41] بهرحال، ڪرپس جي تجويزن تي ڪو اتفاق نه ٿي سگهيو ۽ جئين ته، اُن ۾ پاڪستان، جيڪو تن ڏينهن ۾ مسلم ليگ جو هڪ وڏو مطالبو بڻجي چڪو هو، کي رد ڪري، گڏيل وفاق/يونين کي اوليت ڏني وئي هئي؛[42] اُن ڪري، آل انڊيا مسلم ليگ ۽ جناح به ڪرپس تجويزن کي رد ڪري ڇڏيو، جنهن سببان ڪا آئيني اڳيرائي نه ٿي. ڪرپس واپس مايوس ٿي، انگلينڊ موٽي ويو.[43] ڪرپس مشن جي ناڪاميءَ بعد جيتوڻيڪ عالمي وايو منڊل ۾ اڪيچار تبديليون اچي چڪيون هيون، پر جئين ته، برطانيا کي هندوستان مان باعزت نموني سان نڪرڻو هو، اُن ڪري، اُن هندوستان جي مسئلي جي حل لاءِ ڊيهر 1946ع ۾ هڪ وفد 'ڪيبينيٽ مشن' جي نالي سان موڪليو.[44]

23 مارچ 1946ع تي، ڪيبينيٽ مشن وفد هندوستان پهچي اڳواڻن سان ڳالهيون شروع ڪري ڏنيون. ياد رهي، ته ڪيبينيٽ مشن وفد کي گڏيل وفاقي هندوستان لاءِ هڪ وفاقي آئين جوڙڻ لاءِ آئيني خاڪو تيار ڪري ڏيڻو هو.[45] اُن مقصد لاءِ مشن وفد جي ميمبرن هندوستان پهچي، ترت ڪم شروع ڪري ڏنو. وفد، گانڌي، نهرو، جناح ۽ ٻين اڪيچار سياسي اڳواڻن سان ملاقاتون ڪيون، سندن خيالن کان واقفيت حاصل ڪئي. 16 مئي 1946ع تي، پنهنجو آئيني منصوبو پڌرو ڪيو.[46] اُن مطابق، هندوستان واسطي هڪ گڏيل وفاقي حڪومتي نظام تجويز ڪيو ويو ۽ هڪ اهڙي آئين جي تجويز ڏني وئي، جنهن ۾ وفاق کي ٽي ڪاتا ۽ ٻيا سموار ڪاتا صوبن کي حوالي ڪرڻ سان گڏ، صوبن کي ڏهن سالن ڪانپوءِ وفاق کان ڌار ٿيڻ جو به آئيني حق ڏنو ويو.[47] جڏهن ته، اُنهيءَ آئيني منصوبي تحت،

هندوستان ۾ هڪ وفاقي آئين ساز اسيمبليءَ جو پڻ قيام عمل هيٺ اچڻو هو جنهن ۾ صوبن کي ٽن گروپن جي صورت ۾ نمائندگي ڪرڻي هئي. دراصل، اُنهيءَ منصوبي مطابق صوبن جي گروپنگ واري اسڪيم تحت، آئين ساز اسيمبلي ۾ وفاق ۾ هڪ توازن پيدا ڪيو ويو هو تہ جئين، اقليتن کي حقيقي اهميت يا وزن (Weightage) ملي سگهي، ۽ سندن هندو بالادستيءَ وارو خوف ختم ٿي وڃي. اِهو ئي سبب هو جو جناح ۽ مسلم ليگ، ڪيبينيٽ مشن منصوبي جي 16 مئي واري آئيني منصوبي کي قبول ڪري ورتو. مشن وفد پنهنجي منصوبي ۾ پاڪستان جي مطالبي کي رد ڪري ڇڏيو هو، پر جئين تہ اُن سڄي آئيني منصوبي ۾ اختيارن جي عدم مرڪزيت تي ٻڌل محدود مرڪز جي سُفارش ڪئي وئي هئي، جنهن ۾ اقليتن، خصوصن مسلمانن کي ڪافي سياسي وزن Weightage ڏنو ويو هو ۽ اُن سببان، سياسي برابري (Parity) مُمڪن پئي ٻڌي.[48] اُن ڪري، جناح ۽ مسلم ليگ وارن اُنهيءَ منصوبي کي قبولڻ بهتر ٿي سمجهيو. ائين، اُن جي قبوليت جو 6 جون واري تنظيمي اجلاس ۾ اعلان بہ ڪري ڇڏيائون.[49] البت، ڪانگريس مشن منصوبي جي گروپنگ واري اسڪيم تي تحفظات اُتاريندي، اُن کي نيم رضامنديءَ سان قبول ڪيو ۽ بعد ۾ اُها پنهنجي اُنهيءَ نيم رضامندي تان بہ ڦري وئي. ۽ سڄي آئيني اسڪيم جي پنهنجي مرضي واري من پسند تشريح ٿي ڪئي. مسلم ليگ اُن تي سخت احتجاج ڪيو ۽ ڊائريڪٽ ايڪشن ڈي ملهايو جنهن سببان حالتون بنهہ تڪراري ٿي ويون، تان جو ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ۾ مفاهمت هڪ وڏو سوال بڻجي وئي. اُن دوران عبوري حڪومت بہ نهي وئي، ۽ ڪانگريس اُن جون واڳون بہ سنڀالي ورتيون، پر ڪانگريس جو گروپنگ واري اِسڪيم کي قبولڻ کان انڪار بدستور برقرار رهيو، جنهن سببان مسلم ليگ عبوري حڪومت ۾ شامل ٿيڻ جي باوجود، احتجاج طور آئين ساز اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ شامل ٿيڻ کي ترجيح نہ ڏني، ۽ مؤقف رکيائين، تہ جيستائين ڪانگريس، مشن منصوبي کي، مشن وفد جي آئيني تشريح، يعني اُن جي گروپنگ واري اِسڪيم سميت قبول نہ ٿي ڪري، تيستائين، مسلم ليگ آئين ساز اسيمبليءَ ۾ شرڪت نہ ڪندي. بهرحال، ڪانگريس مشن منصوبي کي جئين جو تئين قبول نہ ڪيو ۽ اُن جي پنهنجي مرضي واري تشريح تي بضد رهي، جنهن سببان مجبورن مسلم ليگ کي بہ مشن منصوبي کي قبول ڪرڻ واري منظوري واپس وٺڻي پئي.[50] ائين، وڏي تڪراري سياسي صورتحال پيدا ٿي، جنهن سببان مسئلي جو حل صرف ورهاڱي جي صورت ۾ ڏسڻ ۾ ٿي آيو. اِهو ئي سبب هو جو انگريزن بہ هندوستان کي متحد رکڻ واري ترجيح کي تبديل ڪري، ورهاڱي واري منصوبي تي ويچارڻ شروع

ڪري ڏنو. دراصل، ائين، مائونٽ بيٽن، 3 جون 1947ع تي، هندوستان جي ورهاڱي جو منصوبو پيش ڪيو جنهن کي ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ٻنهي ڏرين طرفان قبول ڪيو ويو.[51] ائين، دنيا جي نقشي تي ٻه نئوان مُلڪ هندوستان ۽ پاڪستان جي نالي سان اُپري ظاهر ٿيا. "ڳالهه جو مطلب ته، قانوني نقطه نظر کان پاڪستان کي هندوستان جي 1947ع واري ايڪٽ تحت آزاد ملي، پر تاريخي لحاظ کان ڏٺو وڃي، ته پاڪستان جي آزادي، برطانوي سامراجيت ۽ هندو بالادستيءَ خلاف نڊيي ڪنڊ جي مسلمانن جي ڪيل ڊگهي سياسي ۽ آئيني جدوجهد جو هڪ منطقي نتيجو هو."[52]

***

باب:3

پاڪستان ۾ وفاقيت کان انحرافيت جي شروعات: سبب ۽ محرڪ

ننديءَ کنڊ جي سياسي تاريخ جو اِهو هڪ عجيب لقاءُ رهيو آهي، جو جنهن مسلم ليگ، لاهور ٺهراءَ ۾ محدود مرڪز واري وفاقي نظام جون ڳالهيون ٿي ڪيون، جنهن مسلم ليگ، گڏيل هندوستان جي مرڪز ۾ هندو بالادستيءَ جي خوف سببان، هندن ۽ مسلمانن ۾ سياسي برابريءَ جا مطالبا ٿي ڪيا، جنهن مسلم ليگ، گڏيل هندوستان جي مرڪز ۾ هندو بالادستيءَ کان بچڻ لاءِ، جمهوري وفاق جي تصور جي وڪالت ٿي ڪئي،[1] جنهن مسلم ليگ، لکنؤ معاهدي کان وٺي دهليءَ وارين تجويزن تائين، 1928ع ۾ پيش ڪيل جناح جي چوڏهن نقطن کان وٺي 1940ع واري لاهور ٺهراءُ تائين، طاقت جي ناجائز مرڪزيت واري هر آئين کي رد ٿي ڪيو جنهن مسلم ليگ، وفاقيت جي اصول تي ٻڌل محدود مرڪز جا مطالبا ٿي ڪيا،[2] ۽ جنهن مسلم ليگ کي، جناح جهڙو جبرو سياسي مارگ درشڪُ مليو جنهن جناح، 1946ع کان وٺي 1947ع تائين، اُهي ڳالهيون ٿي ڪيون، تہ "پاڪستان ۾ وفاقي نظام هوندو، جنهن ۾ شامل وفاقي وحدتن کي اهڙي خودمختياري مليل هوندي، جهڙي آمريڪا، آسٽريليا ۽ ڪئنڈا جي آئين ۾ مليل آهي؛ مرڪز وٽ چار ضروري ڪاتا هوندا؛ ۽ ٻيا سمورا ڪاتا صوبن حوالي هوندا،"[3] اُنهيءَ مسلم ليگ، پاڪستان ٺهڻ کان هڪ سال اڳ ئي، پاڪستان لاءِ وفاقيت جي علامت بڻيل لاهور ٺهراءَ ۾، 1946ع ڌاري، دهلي ڪنوينشن جي ذريعي 'آئيني' تبديلي آڻي، نہ صرف پاڪستان لاءِ جناح جي ڏنل وفاقي تصور، جنهن پٽاندر پاڪستان جي وفاق ۾ شامل قومن کي مُڪمل خودمختياري ملڻي هئي، کي تبديل ڪري، جناح جي ويچارن کي بلڊوز ڪيو، پر پاڪستان ۾ شامل ٽيندڙ قومن کي به اُهو پيغام ڏنو تہ پاڪستان کي اختيارن جي عدم مرڪزيت واري وفاقي جمهوري تصور مطابق نہ، پر طاقت جي ناجائز مرڪزيت تي ٻڌل وحداني نظام مطابق هلايو ويندو، جنهن ۾ قومن کي

محدود نہ. پر مضبوط مرڪز ذريعي ڊيل ڪري. کين محتاج ۽ ماتحت بڻايو ويندو.[4] سوال آهي. تہ آل انڊيا مسلم ليگ جي اُها ڪهڙي تبديلي هئي. جنهن نہ رڳو جناح جي پاڪستان لاءِ اظهاريل وفاقي ويچارن جي نفي ٿي ڪئي. پر مورڳو 1940ع واري ٺهراءُ کي بہ رد ڪري. پاڪستان کي هڪ حقيقي جمهوري وفاق بدران. مضبوط مرڪز واري وحداني رياست بڻائي ڇڏيو؟ اُها تبديليءِ ردوبدل. اصل ۾. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ. 1946ع ڌاري. آل انڊيا مسلم ليگ پنهنجي دهليءَ ڪنوينشن ۾ آندي هئي.[5] اُهو دهلي ڪنوينشن. جنهن کي Legislative Convention پڻ چيو ٿو وڃي. آل انڊيا مسلم ليگ طرفان. 7 اپريل 1946ع تي. دهليءَ شهر ۾ ڪوٺايو ويو هو. جيڪو ٻن ڏينهن تائين بدستور هلندو رهيو ۽ اُهو 9 اپريل 1946ع تي پنهنجي پُڄاڻيءَ تي پهتو.[6] اُنهي ڪنوينشن جو پسمنظر اُهو هو جو 1946ع ۾. هندوستان ۾. برطانيا طرفان. ٽن آئيني ماهرن تي ٻڌل ڪيبينيٽ مشن وفد کي موڪليو ويو هو. جنهن جو بُنيادي مقصد ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي وچ ۾ مُفاهمت ڪرائي. گڏيل هندوستان لاءِ هڪ وفاقي آئين جو بندوبست ڪرڻو هو. البت. ڪانگريس جڏهن مشن وفد جي محدود مرڪز واري فارمولي (جيڪو صوبن جي گروپنگ واري اسڪيم تي ٻڌل هو) کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ اُها گڏيل هندوستان لاءِ مضبوط مرڪز واري نظام تي بضد رهي. جنهن سببان ڳالهين ۾ ڊيڈلاڪ اچي ويو تہ تڏهن اُنهيءَ ڊيڈ لاڪ کي ٽوڙڻ لاءِ مسلم ليگ طرفان. 7 اپريل 1946ع تي. دهليءَ ۾. مسلم ليگي ميمبرن جو هڪ وڏو اجلاس ڪوٺايو ويو.[7] اجلاس جي پهرين ڏينهن تي. هڪ ٺهراءُ پاس ڪري. اُهو مطالبو ڪيو ويو: "مسلم ليگ جو مقصد پاڪستان ٺاهڻ آهي. جنهن کي پنجاب. سنڌ. بلوچستان. بنگال. سرحد ۽ آسام صوبن تي ٻڌل هڪ رياست ۾ تبديل ڪري ڏنو وڃي."[8] بهرحال. آل انڊيا مسلم ليگ جو اُهو سڄو اجلاس. ۽ اُن جي قرارداد توڙي اُن ۾ پاڪستان جو ڪيل مطالبو بنهہ گهٽو متضاد ۽ تڪراري هو ۽ اُن جي عملي قبوليت سان ئي. پاڪستان ۾ وفاقيت کان انحرافيت جا بُنياد پئجي ويا. ڇاڪاڻ تہ اُن وقت جي معروضي حالتن ۾ اُهو مطالبو انگريزن جي حد تائين تہ مسلمانن لاءِ بهتر هو پر وفاقيت جي حوالي سان. اُهو بنهہ نقصانڪار هو. مثال طور:

1. اُهو مطالبو تہ. "مسلم ليگ جو مقصد پاڪستان ٺاهڻ آهي. جنهن کي پنجاب. سنڌ. بلوچستان. بنگال. سرحد ۽ آسام صوبن تي ٻڌل هڪ رياست ۾ تبديل ڪري ڏنو وڃي."[9] اُن ڪري بہ. مسلم ليگ ۽ جناح جي پاڪستان بابت وفاقي ويچارن جي اُبتڙ هو جو اُن ۾ صرف هڪڙي رياست جو مطالبو

ڪيو ويو. اُن رياست ۾ ڪهڙو نظام هوندو؟ اُن ۾ وفاقي نظام هوندو يا وري وحداني؟ اُن جي باري ۾، مسلم ليگ جي اُها سڃي قرارداد خاموش آهي! ۽ جئين ته، پاڪستان ڪنهن هڪ قوم يا علائقائي تي نه ٺهڻو هو پر اُهو پنجن ڇهن مسلم گهڻائي واري علائقن، ۽ قومن جي شموليت سان قيام هيٺ اچڻو هو. اُن ڪري، اِهو ضروري هو ته اِنهيءَ پاڪستان جي نالي تي، هڪ رياست جي مطالبي ڪرڻ سان گڏ اُن ۾ لاهور ٺهراءَ وانگر اُهو به واضح ڪيو وڃي ها، ته پاڪستان هڪ وفاقي ملڪ هوندو، جنهن ۾ مسلم ليگ جي برابري واري مطالبي مطابق شامل قومن کي اختيارن ۾ حصيداري هوندي. پر نهايت افسوس سان چوڻو ٿو پوي، ته دهلي ڪنوينشن واري ٺهراءَ ۾ اهڙي قسم جي ڪا به وضاحت يا خاطري نه ڪرائي وئي! ۽ مختلف علائقائي خطن، جهڙوڪ: پنجاب، سنڌ، بلوچستان، بنگال، سرحد ۽ آسام کي ملائي، اهڙيءَ طرح سان پاڪستان جو مطالبو ڪيو ويو، جنهن مان ظاهر ٿي ٿيو ته پاڪستان کي هڪ وفاقي ملڪ نه، پر مضبوط مرڪز تي ٻڌل وحداني ملڪ بڻايو ويندو. اُهو وحداني نظام، مسلم ليگ ۽ اُن جي مُهاجر ليڈرشپ، پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ ملڪ ۾ عملي طور تي لاڳو به ڪيو. اُن مان پاسجي ٿو ته مسلم ليگ کي وفاقيت توڙي پاڪستان ۾ شامل ٿيندڙ قومن جي آئيني، سياسي، قومي، معاشي ۽ ثقافتي حقن سان ڪو به سروڪار نه هو. ۽ اِهو ئي سبب آهي، جو دهليءَ ڪنوينشن ۾، انگريزن کان نهايت مبهم ۽ غيرواضح انداز سان، پاڪستان جو مطالبو ڪيو ويو!

2. مسلم ليگ، اُنهيءَ دهلي ڪنوينشن ذريعي، اڻ سڌيءَ طرح سان، پاڪستان ۾ شامل ٿيندڙ قومن جي خودمختياري سان ڪو به سروڪار نه هجڻ وارو جو لاڙو ظاهر ڪيو. سو اصل ۾، خود آل انڊيا مسلم ليگ جي 23 مارچ 1940ع واري لاهور ٺهراءَ جي به خلاف هو جنهن ۾ اُن واضح طور تي اُهو چيو هو ۽ اُها آئيني ضمانت مهيا ڪئي هئي، ته "شامل ٿيندڙ وحدتون آزاد ۽ خودمختيار هونديون."[10] هاڻي، سوال اِهو آهي، ته جيڪڏهن لاهور ٺهراءَ پٽاندر "شامل ٿيندڙ وحدتون آزاد ۽ خودمختيار هونديون" ته پوءِ دهلي ڪنوينشن ۾ غير واضح ۽ مبهم انداز ۾ پاڪستان جو مطالبو ڪري، اُهو تاثر ڇو ڏنو ويو ته مسلم ليگ جو وفاق ۾ شامل قومن جي خودمختياري سان ڪو به سروڪار نه هوندو؟ ڇا اِها وفاقيت ۽ لاهور ٺهراءَ جي انحرافيت نه هئي؟ ڇا اُنهيءَ دهلي ڪنوينشن جي ذريعي، لاهور واري ٺهراءَ کي بلڊوز نه ڪيو ويو؟

بهرحال، اِهي ڪجهه اهڙا سوال آهن، جن تي ضرور غور ويچار ٿيڻ گهرجي. مان ذاتي طور تي، اُن ڳالهه کي سمجهي ناهيان سگهيو ته مسلم ليگ جي اُنهيءَ دهليءَ واري ڪنوينشن ۾، خود جناح به موجود هو ۽ اُهو سڄو اجلاس جناح جي صدارت هيٺ ئي ٿيو هو.[11] سوال آهي، ته جناح اهڙي مطالبي کي ڪيئن جائز ٿي سمجهيو؟ جناح، جنهن بار بار اُهي ڳالهيون ٿي ڪيون، ته پاڪستان جو نظام وفاقي هوندو ۽ وفاق ۾ شامل قومن کي خودمختياري هوندي، سوال آهي، ته ڇا اُها خودمختياري هڪ وفاقي نظام کان سواءِ مُمڪن هئي؟ جيڪڏهن مُمڪن نه هئي، ته پوءِ ڇو دهلي ڪنوينشن ۾، پاڪستان جو اهڙي طرح سان مطالبو ڪيو ويو جنهن سان هڪ طرف، وفاقيت رد ٿي ٿي، ته وري ٻي طرف، لاهور وارو ٺهراءُ به ردي جي ٽوڪري جي حوالي ٿي ويوا اُهو دراصل، مسلم ليگ ۽ جناح جي سياسي ڪردار جو هڪ وڏو متضاد پاسو رهيو آهي، ۽ هڪ اهڙو پاسو آهي، جنهن تي جائز طور تنقيد ڪري سگهجي ٿي، ۽ تنقيد ٿيڻ به گهرجي. هاڻ، سوچڻ جي ڳالهه اِها آهي، ته آخر اُها ڪهڙي ضرورت هئي، جو جنهن مسلم ليگ، 1940ع ۾، لاهور ٺهراءُ پاس ڪري، وفاقيت جي بُنيادي اصولن مطابق آئيني خاڪي تيار ڪرڻ جون هدايتون ڪيون هيون، اُنهيءَ مسلم ليگ، وفاقيت جي اُبتڙ، مُلڪ ٺهڻ کان هڪ سال اڳ ئي دهلي ڪنوينشن ۾ هڪ وحداني نوع واري رياست جو مطالبو ڪيو؟ ۽ ڇو مسلم ليگ 1940ع ٺهراءَ کي بلڊوز ڪري، وفاقيت کان انحرافيت اختيار ڪئي؟ اُن حوالي سان، مون، هڪ ٻئي ڪتاب ۾، پنهنجي خيالن جو اظهار هٿين ڪيو آهي:

"مسلم ليگ جي ليڊرشپ، دراصل، ابن الوقت ۽ عوام دشمن مسلم جاگيردار طبقي تي ٻڌل هئي، خاص طور مسلم ليگ جي لياقت علي خان واري يوپيءَ جي مهاجر مڊل ڪلاس ليڊرشپ جو دين ايمان ئي اِهو هو ته جئين تئين ڪري وڌ ۾ وڌ ذاتي فائدا وٺي، صرف پاڻ کي ۽ پنهنجي مخصوص برادري کي نوازجي. ٻيو ته، مُسلم-ٽورائي وارن علاقن مان اُپري آيل اڳواڻن، جهڙوڪ: لياقت علي خان ۽ ٻين جو ئي مسلم ليگ تي قبضو هو. اُنهن، جڏهن 45-1946ع ۾ ڏٺو ته پاڪستان مسلم- ٽورائي وارن علاقن تي نه، پر مسلم گهٽائي وارن علاقن، بنگال، سنڌ، پنجاب، بلوچستان ۽ سرحد تي ٺهڻو آهي، ته اُنهن باقاعده سوچيل سمجهيل منصوبي مطابق، پاڪستان جي نالي سان نئين ٺهندڙ رياست تي قبضي ڪرڻ جو منصوبو جوڙي ورتو. جيڪو قبضو عملي طور تي پاڪستان ٺهڻ بعد، اُن تي سول- ملٽري بيوروڪريسي جي صورت ۾ پنجابي- مهاجر مُفادن ڪري به ورتو ۽ ظاهر هو ته جيڪڏهن آخر تائين پاڪستان جو مُطالبو سڌو سنئون لاهور ٺهراءَ، (جنهن ۾ شامل ٿيندڙ يونٽن کي خودمختياريءَ جي ضمانت ڏني وئي هئي،) ۽ وفاقيت جي بُنياد تي ڪيو وڃي ها، ته

پوءِ پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ، اُن جي رياست تي، عوام جي بدخواهه پنجابي-مهاجر قوتن جو قبضو ڪيئن ممڪن بڻجي ها؟ جيڪڏهن مسلم ليگ ۽ اُن جي مهاجر ليڊرشپ آخر تائين لاهور ٺهراءَ تي جئين جو تئين بيٺل رهي ها، ۽ وفاقيت جي حقيقي اصولن جي بنياد تي ملڪ ٺهي وڃي ها، تہ پوءِ نہ چاهيندي بہ، ملڪ ۾ شامل يونٽن، صوبن ۽ قومن کي وفاقيت جي روح ۽ لاهور ٺهراءَ مطابق، مڪمل خودمختياري ڏيڻي پوي ها؛ اُن ڪري، مسلم ليگ جي يوپيءَ واري مهاجر ليڊرشپ، ملڪ ٺهڻ کان اڳ ئي، ملڪ ۾ شامل ٿيندڙ قومن جي خودمختياري کي ختم ڪرڻ جو جواز پيدا ڪرڻ لاءِ، اڳواٽ اپريل 1946ع واري دهلي ڪنوينشن ۾، لاهور ٺهراءَ واري گهڻين رياستن جي قيام ۽ اُنهن جي خودمختياري واري ڳالهه کي تاريپيدو ڪري، صرف هڪ وحداني نوع واري رياست (پاڪستان) ناهي ڏيڻ جو مُطالبو ڪيو. جيڪو انگريزن ۽ هندن کان پنهنجو ملڪ (پاڪستان) وٺڻ لاءِ تہ هڪ بهتر مطالبو هو پر اُهو مطالبو اُن نئين ٺهندڙ مُلڪ ۾ شامل ٿيندڙ قومن لاءِ ڪنهن بہ طرح سان مناسب نہ هو، بلڪ وفاقيت جي بنيادي اصولن جي خلاف انتهائي خطرناڪ مطالبو هو، جو اُن مطالبي جي آڙ ۾ نہ رڳو نئين ملڪ ۾ شامل ٿيندڙ قومن جي خودمختياري جي نفي ڪئي وئي هئي، پر مورڳو 1940ع واري لاهور ٺهراءَ کي بہ رد ڪري، وفاقيت کان بہ انڪار ڪيو ويو هو. جيڪو مسلم ليگ ۽ اُن جي مُهاجر ليڊرشپ جو هڪ وڏو قومي ڏوهه هو جنهن لاءِ اُن کي ڪنهن بہ طرح سان معاف ڪري نہ ٿو سگهجي."[12]

ڳالهه اِها آهي، تہ مسلم ليگ ۾ ويٺل مُهاجر ليڊرشپ کي، پاڪستان ۾، وفاقيت ۽ جمهوريت وغيره جي ڪا گهرج ئي نہ هئي؛ اُن، گڏيل هندوستان ۾، هندن جي بالادستيءَ کان بچڻ ۽ پنهنجي حقن کي آئيني تحفظ ڏيارڻ خاطر وفاقي جمهوري نظام، جمهوري وفاق ۽ جمهوري آئين جي حمايت تہ ڪئي ٿي، پر پاڪستان ۾، اُن، حقيقي وفاقي جمهوري نظام، قومن جي برابريءَ واري جمهوري وفاق ۽ وفاقي آئين ۾ڪا بہ دلچسپي نہ ٿي رکي، (جو دلچسپي رکڻ سان مهاجر مُفادن جو پنجابي مُفادن سان گڏجي، وفاق تي قبضو مُمڪن نہ بڻجي ها) اِهو ئي سبب هو جو مسلم ليگ، 1946ع ۾، دهلي ڪنوينشن گهرائي، هڪ طرف، محدود مرڪز واري وفاقي مُلڪ جي تصور جي نمائندگي ڪندڙ 1940ع واري ٺهراءَ کي بلڊوز ڪري ٿي ڇڏيو تہ وري ٻئي طرف، انگريزن ۽ هندن تي بہ پاڪستان حاصل ڪرڻ لاءِ دباءَ کي برقرار رکيو. ٻيو تہ، پاڪستان ٺهڻ کان اڳ مسلم ليگ جي مُهاجر ليڊرشپ کي، وفاقيت کي بلڊوز ڪرڻ جي اُن ڪري بہ ضرورت هئي، جو اُن ۾ جمهوري قدر ۽ روايتون ئي نہ هيون. برابر جناح اولهه جي جمهوري قدرن هيٺ سياسي ۽ فڪري تربيت حاصل ڪندڙ ۽ سرمائيداراڻو طبقاتي پسمنظر رکندڙ اڳواڻ هو[13] جنهن جو ڪي قدر جمهوريت ۽ وفاقيت تي ويساهه هو، پر قطع نظر اُن جي، آل انڊيا مسلم ليگ ۾ ويٺل

ٻي سموري سياسي ليڊرشپ نوابن ۽ جاگيردارن تي ٻڌل هئي، جن لاءِ جمهوريت، وفاقيت ۽ قومن جي خودمُختياري جهڙين ڳالهين کا وڏي اهميت ئي نه ٿي رکي! هُنن، ڪانگريس سان جيڪڏهن اختلاف رکيا، ۽ جناح جي معرفت وفاقيت ۽ محدود مرڪز جون ڳالهيون ٿي ڪيون، تہ اُهي ڳالهيون به، دراصل، عوام جي لاءِ نہ، پرپنهنجي طبقاتي وجود کي بچائڻ ۽ اُن کي سگهاري ڪرڻ جي هڪ ڪوشش مثل هيون. اِهو ئي سبب هو جو گڏيل هندوستان هو تہ مسلم ليگي مُهاجر ليڊرشپ زبردست نموني سان وفاقيت ۽ محدود مرڪز جون ڳالهيون ٿي ڪيون، ۽ جڏهن ورهاڱو ٿي ويو ۽ پاڪستان ٺهي ويو تہ اُها ئي مسلم ليگي مهاجر ليڊرشپ، 180 ڊگري جو ڦيرو کائي، وفاقيت کي رد ڪندي، اختيارن جي مرڪزِيت تي ٻڌل وحداني حڪومتي نظام جا بُنياد رکي، مُلڪ ۾ شامل قومن سان، طاقت جي زور تي، سياسي وهنوار ڪرڻ شروع ڪري ڏنو جنهن جي نتيجي ۾ مُلڪ ۽ اُن جي رياست لاءِ اهڙو تہ بُحران پيدا ٿيو جنهن مان اڄ سوڌو جان ڇٽي ناهي سگهي.[14]

بهرحال، اُن سڄي صورتحال ۾، جڏهن دهلي ڪنوينشن ۾، لاهور ٺهراءَ ۽ وفاقيت جي اصولن کي بلڊوز ڪرڻ جهڙا لقاءَ ٿي رهيا هئا، تہ تڏهن جناح خاموش هوا! جناح، هڪ طرف، 1946ع کان ونڊي 1947ع تائين، علي الاعلان وفاقيت ۽ جمهوريت جون ڳالهيون ٿي ڪيون، تہ وري ٻي طرف، خود سندس پارٽي آل انڊيا مسلم ليگ پنهنجي تنظيمي سرگرمين جي ذريعي، نہ صرف وفاقي ۽ جمهوري قدرن کي بلڊوز ٿي ڪيو پر پنهنجي پاس ڪرايل لاهور واري تاريخي ٺهراءَ کي به، پاڻ ئي، 1946ع واري دهلي ڪنوينشن جي ذريعي رد ڪرائي ڇڏيو.[15] سوال آهي، تہ جناح اُن سڄي صورتحال تي چو خاموش رهيو؟ اُن سوال جو هڪ جواب تہ اِهو به ٿي سگهي ٿو تہ جناح، اُن وقت، ننڍي کنڊ جي ڊرامائي انداز ۾ تبديل ٿيندڙ سياسي حالتن ۽ آئيني تبديلين کي شايد ڏيان نہ ڏنو هجي، جنهن جي نتيجي ۾، اڪيچار معاملا عدم توازن جي ورڇڙهي، اڳتي هلي وڏيڪ غلط روايتن جا بُنياد بڌجي ويا، پر سوال آهي، تہ جناح، بعد ۾ تہ اُن جو ازالو ڪري ٿي سگهيو جيڪو هُن ڪو نہ ڪيو پر اڏلندو پاڪستان ٺهڻ بعد 'مها پاڪستاني قوميت' جي ڳالهہ ڪري، ملڪ ۾شامل قوميتن جي قومي وجود، قومي تشخص ۽ قومي سُڃاڻپ کي زک پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ چيائين، تہ پاڪستان ۾ ڪير به پنجابي، بنگالي، سنڌي، بلوچ ۽ پٺاڻ ناهي، سڀ مسلمان آهن![16] جڏهن تہ هُن صوبائيت کي به رد ڪيو ۽ چيائين، تہ "هاڻ صوبائيت جي ڳالهہ نہ ڪريو، ڇاڪاڻ تہ، هاڻ، پاڻ سڀ پاڪستاني آهيون!"[17] اِهو دراصل، جناح جو هڪ وڏو متضاد ڪردار هو،

جنهن تي بجا طور تي آڱر کڻي سگهجي ٿي، ۽ اُن کي تنقيد هيٺ آڻي سگهجي ٿو. چاڪاڻ ته مُلڪ جي باني اڳواڻ طرفان اهڙيون عجيب ڳالهيون ٻڌي، نه صرف مُلڪ ۾ شامل قومون، خاص طور تي، ننڍيون قومون پريشاني گاڏڙ اچرج ۾ اچي ويون، پر اُن سان گڏ جناح جو ڪردار پڻ تڪراري بڻجي ويو. ۽ اِهو ئي سبب آهي، جو جناح تي اهڙين ڳالهين جي ڪري وڏي تنقيد ٻه ٽيندي رهي آهي. سوال آهي، ته جناح جهڙي ذميوار سياستدان طرفان اهڙيون متضاد ۽ تڪراري ڳالهيون ڇو ڪيون ويون؟ مان پانيان ٿو ته، اُن جو مک سبب اِهو هو جو جناح، قومن جي ڊائيورسٽي ۽ اتحاد واري وفاقي لوازمات کان واقف ئي نه هو. مختلف مُفاد رکندڙ قوميتن جي ڊائيورسٽي ڇا هجي ٿي؟ خود ڊائيورسٽيءَ جي جدليات ڇا آهي؟ ڊائيورسٽيءَ کي هڪ گهڻ-قومي ملڪ ۾ ڪهڙين پيچيدگين سان مُنهن ڏيڻو پوي ٿو؟ اُن جي ڪيتري اهميت هجي ٿي؟ ڊائيورسٽي کي ڪيئن اِتحاد ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو؟ ۽ اُهو سڀ ڪجهه هڪ وفاقي حڪومتي نظام ۽ جمهوريت لاءِ ڪيترو اهم هجي ٿو؟ جناح کي، اُنهن معاملن جي ڪا گهٽي پروڙ ئي نه هئي؛ اِن حوالي سان، وٽس ڪو گهرو سائنسي شعور ئي نه هو. هُو ذهين وڪيل ته هو ۽ هُو ذهين سياستدان ته هو پر جناب بابر ايياز چواڻي: هُو "سياسي سائنسدان نه هو"[18] ۽ اِهو ئي سبب هو جو پاڪستان ٺهڻ بعد هُن نه صرف صوبائي خودمُختياريءَ کي رد ٿي ڪيو پر وفاق ۾ شامل قومن جي ڊائيورسٽيءَ کي به رد ڪري، 'مها پاڪستاني قوميت' جي ڳالهه ڪئي، جنهن پاڪستان جي وفاق ۾ شامل قومن جي عوام ۽ اُن جي ليڊرشپ کي حيران ٻه ڪري ڇڏيو.[19] اِها برابر درست ڳالهه آهي، ته جناح کي پاڪستان ۾ شامل قومن جي ڊائيورسٽيءَ جي ڪا خبر نه هئي، ۽ نه ئي کيس اُن ڳالهه جي ڪا ڄاڻ هئي، ته قومن جو ثقافتي وجود ۽ قومن جا متضاد معاشي مفاد ڇا ٿيندا آهن. جيتوڻيڪ جناح، گڏيل هندوستان جي سياست ۾ ۽ انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ واري جدوجهد ۾، هڪ قوم پرست سياستدان وارو ڪردار ادا ڪيو هو پر قطع نظر اِن جي، هُن کي قوم، قوميت ۽ قوميپرستيءَ جو ٿوس سائنسي شعور نه هو. جناح کي اُها خبر ئي نه هئي، ته پاڪستان ۾ شامل ٿيندڙ قومون پنهنجي قومي وجود، قومي تشخص، قومي ٻولي، قومي ثقافت ۽ قومي احساس ۾ ڪيتريون حساس ۽ اُن سان ڪيترو جذباتي لڳاءُ رکندڙ آهن. مان پانيان ٿو ته قومپرستيءَ جي اهڙي گهري سَمُجهه ۽ شعور جي کوٽ هئي، جنهن سببان جناح 'پاڪستاني قوميت' جي ڳالهه ڪئي، ۽ چيائين، ته هتي ڪو به پنجابي، بنگالي، سنڌي، بلوچ ۽ پٺاڻ ناهي، سڀ پاڪستاني آهن. اِنهيءَ ڳالهه جي هڪ سمجهاڻي اِها به ٿي سگهي، ته اُن وقت

پاڪستان نئون نئون نهيو هو. ورهاڱي سببان سڄي ننديي کنڊ ۾ فرقيوارڻن وڳوڙن سڄي انسانيت کي ڏکائي ڇڏيو هو. تنهن کان سواءِ پاڪستان جي قيام کانپوءِ ترت ڪراچيءَ ۾ هندن جي خلاف جيڪي وڳوڙ ڪرايا ويا، اُنهن پڻ حڪومت کي پريشان ڪري ڇڏيو هو. اُن ڪري، ائين ٻه ٽي پئي سگهيو، ته جناح اُن وڳوڙي صورتحال تي ضابطي آڻڻ ۽ پاڪستان اندر اقليتن خلاف اُپريل تشدد پسند جذبن کي مانيُ ڪرڻ خاطر ٻه اُن ڳالهه جي اعلان ڪرڻ کي ترجيح ڏني هجي، ته هتي کو ٻه فرقو ناهي، سڀ پاڪستاني آهن، ۽ سڀني کي گڏجي رهڻو آهي. بهرحال، اُنهيءَ سمجهاڻيءَ جي قطع نظر، هُن صوبائيت کي جنهن طرح سان رد ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي، اُن کي نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي؛ ۽ اُن تي بجا طور تي اعتراض ڪري سگهجن ٿا؛ ڇاڪاڻ ته، ڪنهن ٻه وفاقي ملڪ جا صوبا، تاريخي سڃاڻپ ۽ قومون ئي، اُن جي وفاق جي اصل سگهه ۽ طاقت هوندیون آهن؛ اُنهن جي وجود کي رد ڪرڻ، نه صرف وفاقي سوچ ۽ مفادن جي خلاف هو پر اُهو سڀ کجهه جناح جي اُنهن اعلانن جي ٻه اُبنڙ هو جن ۾ هُن چيو هو ته پاڪستان هڪ وفاقي جمهوري ملڪ هوندو ۽ اُن جي صوبن کي اهڙي ئي خودمختياري هوندي، جهڙي آمريڪا، ڪئنڈا ۽ آسٽريليا جي آئينن ۾ آهي.

ٻي ڳالهه اِها ته، هتي، اسان وٽ، پاڪستان ۾، رياست ۽ اُن جي بالادست قوتن طرفان قومي وحدت (هيڪڙائي)تي تمام گهڻو زور ڏنو ويو آهي، جنهن مطابق چيو ويندو آهي، ته پاڪستان هڪ قوم آهي! اهڙي مؤقف تي، پاڪستان جي سُڃاڻ ماڻهن کي اڪيچاراعتراض ٻه رهيا آهن. اعتراض ڇو آهن؟ اُن لاءِ ٻن ڳالهين کي سمجهڻ جي ضرورت آهي: پهرين ڳالهه ته، پاڪستان، بذات خود سماج يا رياست جي لحاظ کان، ڪنهن ٻه قسم جي ڪا قومي وحدت (Unity) ناهي. ائين سمجهڻ وڏي ڪج فهمي آهي. دراصل، جئين هندوستان هڪ وحدت ناهي، پر اُهو مختلف قومن، مختلف نسلن، مختلف مذهبن، مختلف ثقافتن ۽ مختلف اقليتن جو هِڪُ گهڻ-قومي، گهڻ-نسلي، گهڻ-مذهبي، گهڻ-ثقافتي ۽ گهڻ-اقليتي ملڪ آهي؛ پاڪستان ٻه بلڪل ائين ئي آهي؛ اُهو وحدت ناهي، پر هڪ گهڻ-قومي وفاقي ملڪ آهي. ٻيو ته، ڪو ٻه سماج، ڪو ٻه ملڪ يا ڪا ٻه رياست تڏهن قومي وحدت ۾ تبديل ٿيندي آهي، جڏهن اُهو سماج، اُهو ملڪ يا اُها رياست صرف هڪ مخصوص قوم جي نمائندگي ڪندي هجي، ۽ جئين ته، پاڪستان، ڪنهن ٻه هڪ قوم نه، پر هڪ کان وڌيڪ قومن جي 'گهڻائيءَ' (Diversity) تي ٻڌل هڪ گهڻ-قومي وفاقي ملڪ ۽ وفاق آهي؛ اُن ڪري، مُختلف قومن جي ڊائيورسٽيءَ تي ٻڌل مُلڪ

ڪي صرف هڪ قومي ملڪ سمجهڻ غلط ٿيندو. دراصل، پاڪستان هڪ قوم نه، پر هڪ وفاق آهي. هڪ رياست آهي، ۽ هڪ ملڪ آهي، جنهن ۾ چار قومون سنڌي، بلوچ، پٺاڻ ۽ پنجابي 1940ع واري معاهدي مطابق شامل ٿيون. ۽ اُنهن چئن قومن جي ڊائيورسٽيءَ کي نام نهاد 'پاڪستاني قوميت' جي نعري هيٺ وحدت ۾ تبديل ڪرڻ وڏي جاهلت آهي: هي ڳالهه ته، ائين ناهي، ته قومن جي ڊائيورسٽيءَ تي ٻڌل پاڪستان جهڙي گهڻ-قومي ملڪ، اُن جي رياست يا اُن جي سماج کي وحدت (Unity) ۾ تبديل نه ٿو ڪري سگهجي. گهڻ-قومي وفاقي مُلڪن ۾ وحدت پيدا ڪري سگهجي ٿي. دراصل، وفاقي جمهوري ملڪن جي اُها وحدت ئي هوندي آهي، جا نه رڳو اُن ملڪ جي وفاق ۽ سماج کي، حقيقي طرح سان، وفاقي بڻائيندي آهي، پر اُنهن کي گهربل استحڪام به بخشيندي آهي. ٻيو ته، ڪنهن به، وفاقي ملڪ، وفاقي رياست يا وفاقي سماج ۾ وحدت پيدا ڪرڻ لاءِ اڳواٽ لاڳو شرط اُهو هجي ٿو ته اُتي سڀ کان پهريان ڊائيورسٽيءَ لاءِ گهربل احترام ۽ قبوليت لاءِ جاءِ پيدا ڪئي وڃي، ۽ اهڙا اُپاءَ ورتا وڃن، جو ڊائيورسٽيءَ کي زڪ پهچڻ بدران، اُن جي سڀ-طرفي ترقي ۽ واڌ ويجهه جا رستا کُليو پون. وفاقي مُلڪ ۾، ڊائيورسٽيءَ جي قبوليت ۽ احترام نه رڳو هڪ توانائي بخش قوت ثابت ٿئي ٿو، پر اُهو سڀ کجهه رياست ۽ سماج کي حقيقي طور تي وفاقي بڻائي، وحدت ۾ تبديل ڪرڻ جو به مُحرڪ بڻجي ٿو.[20] دراصل، اهڙي صورتحال، وفاقيت جو به هڪ اعليٰ معراج هجي ٿو. جيڪو وفاقيت ڏانهن متوازن سوچ رکڻ سببان حاصل ڪري سگهجي ٿو. بدقسمتيءَ سان، اسان وٽ، پاڪستان ۾ وفاقيت ڏانهن اهڙي ڪا به متوازن سوچ ناهي رکي وئي، جنهن جو هڪ وڏو سبب اِهو به آهي، جو اسان وٽ، صرف هن انتهائن جي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي. هڪ انتها خود رياست جي آهي، جنهن ۾ اُها پاڪستاني سماج جي ڊائيورسٽيءَ جي قبوليت لاءِ ماحول ناهڻ بدران، اُن جي اُبتڙ مفروضاتي پاڪستاني قوم ۽ اُن جي مفروضاتي قومي وحدت تي زور رکي ٿي. جڏهن ته، ڪنهن به، وفاقي سماج ۾، 'وحدت' (Unity)، 'گهڻائيءَ' (Diversity) کي قبول ڪرڻ کان سواءِ مُمڪن ناهي هوندي، جتي قومن جي خودمُختياري ۽ حقِ حاڪميت کي ختم ڪري، اُن کي وفاق جي نالي تي مخصوص قوم جي بالادست حڪمران ٽولي جو ڳيجهو بڻائي، نام نهاد 'پاڪستاني قوميت' واري نعري ذريعي قومن جي ڊائيورسٽيءَ کي دٻائڻ ۽ اُن کي زڪ پهچائڻ جون ڪوششون ٿيندیون هجن، اُتي وحدت وارو مقصد ڪيئن حاصل ڪري سگهجي ٿو؟

اِن حوالي سان، ٻي انتها وري وحدت کي نظرانداز ڪري، صرف ڊائيورسٽيءَ جي قبوليت تي زور رکي ٿي، جنهن جو نتيجو اِهو نڪتو آهي، جو نہ پاڪستان اندر وحدت وارو مقصد حاصل ٿي سگهيو آهي، ۽ نہ ڊائيورسٽيءَ بابت صحيح سمجهہ جا بُنياد پئجي سگهيا آهن. دراصل، وفاقيت ۾ نہ ڊائيورسٽيءَ جي مُخالفت ڪئي ويندي آهي، ۽ نہ وحدت کي رد ڪيو ويندو آهي ۽ جئين، تہ اُهي ٻئي لقاءَ 'گهٽائي' ۽ 'هيڪڙائي' هڪٻئي سان ڳنڍيل، هڪٻئي ٿي مدار رکندڙ ۽ هڪٻئي ٿي ياڙيندڙ آهن؛[21] اُن ڪري، وفاقيت، اُنهن ٻنهي لقائن کي متوازن طريقي ۽ نظام تحت مُنهن ڏيڻ جي تائيد ڪري ٿي. مثال طور: قومن جي ڊائيورسٽيءَ تي ٻڌل وفاقي رياست ۾، قومن جو اِتحادُ، تڏهن مضبوط ٿي سگهندو آهي، جڏهن قومن کي وفاق ۾ برابري واري حيثيت مليل هجي ٿي، پر جنهن وفاق ۾، يا وفاقي رياست ۾، قومن جي حقِ حاڪميت کان انڪار ڪيو ويندو هجي، تہ تڏهن هيڪڙائي يا اتحاد ڪيئن حاصل ڪري سگهبو؟ جڏهن سماج ۽ رياست ۾ 'گهٽائيءَ' جي قبوليت ۽ احترام جي سوچ ئي نہ هوندي، يا اُن کي رياست جي مُفادن سان ڳنڍيڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي هجي، تہ اهڙي صورتحال ۾ اتحاد (Unity) لاءِ ڪهڙو ۽ ڪيئن ماحول تيار ٿيندو؟ پاڪستان ۾ اڄ سوڌو ائين ئي ٿيندو رهيو آهي، جو قومن جي 'گهٽائيءَ' (Diversity) کي قبول ڪري، کين سياسي، معاشي، قومي ۽ ثقافتي خودمُختياري ڏيڻ بدران، طاقت جي زور تي، سندن قوميتي ڊائيورسٽيءَ کي وحدت ۾ تبديل ڪرڻ جي لاحاصل ڪوشش ڪئي وڃي ٿي! ۽ اڄ سوڌو اُها روش جئين جو تئين برقرار آهي! جا نہ صرف وفاقيت جي اصول ۽ روح جي خلاف آهي، پر بُنيادي طور تي، اُها معروضي حقيقت جي بہ اُبتڙ آهي، ۽ اُن جو اُبتڙ ناڪاري نتيجو اِهو بہ نڪتو آهي، جو پاڪستان اندر وحدت وارو مقصد تہ حاصل نہ ٿي سگهيو آهي، اُتلندو رياست ئي بذات خود بُحران جي ورڇ۾هي وئي آهي. اسان وٽ، هڪڙو مفروضو اِهو بہ آهي، تہ پاڪستان ۾ صوبن کي خودمختياري ڏيڻ سان وفاق ڪمزور ٿي ويندو. پاڪستان ۾، وحداني وفاقيت جي حامي ڏُرين جو اهڙو ئي مؤقف رهيو آهي! سوال آهي، تہ ڇا سچ پچ ائين آهي؟ ڇا واقعي پاڪستان ۾ صوبن کي خودمختياري ڏيڻ سان وفاق ڪمزور ٿي ويندو؟ دراصل، ڪنهن بہ وفاقي ملڪ ۾، صوبن کي خودمُختياري ڏيڻ سان وفاق ڪمزور نہ، پر سگهارو ٿيندو آهي؛[22] مثال طور: جيڪڏهن ڪنهن بہ وفاق جي اندر اُن ۾ شامل اِڪاين، يونٽن يا صوبن کي مڪمل خومختياري هوندي، تہ اُن جي منطقي نتيجي طور نہ صرف صوبن، پر خود

وفاق اندر ڊائيورسٽيءَ کي تقويت ملندي، ۽ وري جڏهن ڊائيورسٽيءَ کي تقويت ملندي، تہ اُن جي منطقي نتيجي طور 'اتحاد' (Unity) کي بہ سگهہ ملندي ائين، وفاقي ملڪ اندر قومي اتحاد کي سولائي سان حاصل ڪري، قومي تڪرارن جو خاتمو آڻي، ملڪ کي ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ جي رستي تي آڻي سگهجي ٿو. ۽ اِهو سڀ ڪجهہ پاڪستان ۾ بہ ٿي سگهي ٿو. شرط اُهو آهي، تہ صوبن کي خودمختياري ڏئي، قوميتي ڊائيورسٽيءَ جي قبوليت کي وفاقيت جي بُنيادي اصولن سان ڏنو وڃي.[23]

***

باب:4

پاڪستان ۾ آئين جو مسئلو، جناح ۽ وفاقيت

اِها حقيقت آهي، تہ 14 اگسٽ 1947ع تي پاڪستان نہيو تہ اُن کي اڪيچار مسئلا موروثي طور ڳچيءَ ۾ پئجي ويا.[1] هندوستان پاران پاڪستان جي حصي جا 55 ڪروڙ روڪي ڇڏڻ، نئين رياست لاءِ پيدا ٿيل معاشي بُحران، ڪشمير، حيدرآباد دکن ۽ جھوناڳڙھ جھڙين رياستن جي الحاق واري معاملي ۾ مليل مات، پاٽيءَ جي مسئلي ۾ ٿيل ناانصافي، پنجاب صوبي سان ورھاڱي واري معاملي ۾ ٿيل بدترين بي ايماني، لڏپلاڻ ۽ مُھاجر آبادڪاريءَ وارا مسئلا اھڙا مسئلا ھئا، جن، دراصل، پاڪستان جي رياست ۽ اُن جي وفاق جو ساھ سُڪائي ڇڏيو ھو.[2] اُنھن سنگين مسئلن جي باوجود، پاڪستان ۽ اُن جي رياست، پنھنجي وجود کي بچائڻ ۾ تہ ڪامياب وئي، پر اندروني طور تي، ملڪ کي جا مضبوطي، جا سگھ ۽ جا طاقت گھربل ھئي، سا اُن کي حاصل نہ ٿي سگھي. مثال طور: ملڪ ٺھڻ بعد مُلڪ کي صحيح طرح سان وفاقي انتظام تحت ھلائڻ لاءِ جنھن وفاقي آئين ٺاھڻ جي ضرورت ھئي، اُن ڏانھن شديد نسچنتائي رکي وئي. نون سالن تائين ملڪ کي ڪو بہ آئين ملي نہ ٿي سگھيو! 1956ع ۾، جو آئين ڏنو بہ ويو سو بہ ھڪ وفاقي نہ، پر وحداني آئين ھو،جنھن مطابق طاقت ۽ اختيارن جي مرڪزيت صرف بالادست پنجابي-مھاجر مفادن وٽ مرڪوز ھئي، ۽ اِھو ئي سبب ھو جو اُنھيءَ آئين خلاف وڏي صوبي بنگال ۽ ننڍين صوبن ۾ بي چيني ڏني ٿي وئي. اُن کي پاڪستان جي وفاقي معاشري (Plural Society) جي لاءِ شديد نقصان ڪار سمجھيو ويو. جنھن سببان نئين آئين جي ڳولا جاري رھي. ائين، 1962ع وارو آئين بہ آندو ويو. پر اُھو بہ طاقت جي ناجائز مرڪزيت تي ٻڌل ھجڻ سببان مسئلي جو حل ثابت نہ ٿيو. جڏھن تہ، بنگال جي سانحي کانپوءِ، ملڪ کي نئين سري سان ھلائڻ لاءِ 1973ع جو آئين بہ ڏنو ويو. ائين، آئين مٿان آئين ايندا رھيا، ۽ جي. ڊبليو. چوڌري

چواٽي: "ملڪ آئين سازيءَ جو تجربي گاهه ۾ بٽيل رهيو."[3] البت، اڪيچار آئينن جي باوجود، ملڪ کي حقيقي وفاقي نظام ۽ وفاقي آئين تحت هلائڻ وارو سوال، بهرحال، جئين جو تئين برقرار رهيو. دراصل، اِها پاڪستان ۾ وفاقي جمهوري آئين جي ڪوٽ هئي، جنهن سببان، نه رڳو مُلڪ ۾ وقت بوقت وڏا بُحران پيدا ٿيندا رهيا، پر ملڪ ۾ قومي سوال به اُڀري، ملڪ لاءِ وڏو ڏڇو پيدا ڪندو رهيو، جنهن وري مستقل طور تي وفاق کي وڏي خطري جي ورڇاڻهي ٿي ڇڏيو.

پاڪستان جو 1935ع وارو عبوري آئين: وفاقي يا وحداني؟

جيتوڻيڪ مُلڪ نهڻ شرط ئي، 1947ع واري آزادي ايڪٽ جي سيڪشن(8) تحت، عارضي طور تي، پاڪستان ۾، 1935ع واري گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ کي آئين طور لاڳو ڪيو ويو ۽ هڪ آئين ساز اسيمبليءَ جو قيام ۾ آندو ويو. پر نئين مُلڪ ۾ 1935ع واري آئين کي لاڳو ڪرڻ ڪنهن به طرح سان درست نه هو.[4] ڇاڪاڻ ته، اُهو سڄو آئين بظاهر ته هڪ وفاقي آئين هو. پر اُهو پنهنجي بُنيادي جوهر، مزاج ۽ اختيارن جي ورهاست جي حوالي سان، هڪ حقيقي وفاقي جمهوري آئين نه. پر وحداني وفاقي نوع جو آئين هو.[5] جنهن ۾ اختيارن جي مرڪزيت صرف گورنر جنرل جي ذات تائين محدود هئي.[6] ٻيو ته، اُهو آئين، ڪنهن به طرح سان، هندوستان جي مسئلي جي منصفاڻي حل تي به ٻڌل نه هو. ڇاڪاڻ ته، هندوستان هڪ وحداني نه. پر مختلف قومي، نسلي، مذهبي ۽ ثقافتي اقليتن جي ڀائيورستيءَ ۾ مبتلا هڪ وفاقي مُلڪ هو جنهن ۾ اقليتن جي ڀائيورستيءَ ڏانهن روان رکيل ڪانگريس جي غيرجمهوري روش سببان اڪثريت ۽ اقليت جو هڪ وڏو زبردست مسئلو پيدا ٿي پيو هو.[7] دراصل، اُنهيءَ مسئلي جو منصفاڻو حل هڪ اهڙي وفاقي جمهوري آئين ۾ هو جنهن جو بنياد اختيارن جي عدم مرڪزيت واري اصول تي ٻڌل هجي ها. پر بدقسمتيءَ سان، هندوستان ۾ اهڙو ڪو به آئين نه ڏنو ويو ۽ جئين ته، انگريزن جو هندوستان تي مستقل طور حڪمراني ڪرڻ جو اِرادو هو. اُن ڪري هُنن، مرڪزيت پسند سوچ ۽ وحداني حڪومتي طريقي ڪار کان ڪم ٿي ورتو. 1935ع وارو آئين به، انگريزن جي اُنهيءَ مرڪزيت پسند سوچ ۽ پاليسيءَ جو حصو هو.[8] اِهو ئي سبب هو جو آل انڊيا مسلم ليگ ۽ جناح علي اعلان اُنهيءَ آئين کي رد ڪري ڇڏيو هو.[9] 1935ع واري آئين ۾، اڳ جي پيٽ ۾، کي قدر صوبن کي خودمُختياري ڏني وئي، جو اُنهيءَ آئين تحت پهريون پيرو وفاق ۽ صوبن جي اختيارن جي ورهاست ڪري، ڪچ اِسمن (Subjects) جا اختيار صوبن جي حوالي

ڪيا ويا؛[10] اهو ئي سبب آهي، جو اڄ تائين انگريز اسڪالرن طرفان انهيءَ آئين کي صوبائي خودمختياريءَ تي ٻڌل آئين ۽ چيو ويندو آهي، پر اِها ڳالهه ۽ ذهن ۾ رهي، ته اُنهي آئين تحت، مرڪز ۽ صوبن جي وچ ۾ اختيارن جون جيڪي ٽي لسٽون متعارف ڪرايو ويون، اُنهن ۾ صوبن کي 54 ۽ مرڪز کي 59 اسمن جا اختيار ڏئي، دراصل، وفاقيت بدران وحدانيت کي تقويت ڏني وئي هئي.[11] جڏهن ته اُنهي آئين تحت، ڪنڪرنٽ لسٽ ۾ شامل اِسمن تي ۽ اختيار صوبن جو نه، پر مرڪز جو هو.[12] اُن ڪري، ائين سمجهڻ ته 1935ع وارو آئين صوبن جي خودمُختياري تي ٻڌل هڪ وفاقي آئين هو، بلڪل غلط ٿيندو. دراصل، اُنهيءَ غيروفاقي آئين کي پاڪستان جي نئين رياست جو عبوري آئين بنائڻ ڪنهن ۽ طرح سان دُرست نه هو. 1935ع واري انگريزي آئين کي نئين مُلڪ جي عبوري آئين بڻائڻ مان اُن ڳالهه جو ڇِتو اشارو مليو ته پاڪستان ۾ ڪنهن ۽ نئين آئين جي اڏاوت يا تياري وفاقي اصولن جي بنياد تي نه ٿيندي.

آئين سازيءَ لاءِ 1940ع واري لاهور ٺهراءَ کي ڇو نظرانداز ڪيو ويو؟

ڏنو وڃي ته، پاڪستان ۾ آئين ٺاهڻ کي ڏکيو ڪم نه هو، ڇاڪاڻ ته، اسان وٽ 1940ع واري ٺهراءَ جي صورت ۾ هڪ اهڙو آئيني دستاويز اڳوات ئي موجود ۾ هو، جنهن ۾ پاڪستان بابت محدو مرڪز جي تصور تي ٻڌل هڪ وفاقي آئين ٺاهڻ جا سمورا اصول طئي ڪيا ويا هئا.[13] جڏهن ته، جناح ۽ مسلم ليگ جو 12 مئي 1946ع تي، ڪيبينيٽ مشن وفد جي آڏو پيش ڪيل ميمورنڊم ۾ آئين سازيءَ لاءِ هڪ بنيادي دستاويز طور موجود هو، جنهن ۾ لاهور ٺهراءَ کان ۽ وڌيڪ ڇِنائيءَ سان پاڪستان جي آئيني جوڙجڪ ۽ اُن جي آئيني لوازمات، رياستي ڍانچي ۽ بيهڪ جي تشريح ڪئي وئي هئي، جنهن ۾ اُها پڻ چڱي طرح سان وضاحت ٿيل هئي، ته "ڇهه مسلم صوبا، جن کي پاڪستان گروپ جو نالو ڏنو ويو آهي، دفاع، پرڏيهي معاملن ۽ ان سان لاڳاپيل مواصلات واري ڪاتي کان سواءِ ٻين سمورن ڪاتن ۽ اختيارن ۾ بااختيار هوندا؛ پاڪستان گروپ ۾ پنجاب، سرحد، سنڌ، بنگال، آسام ۽ بلوچستان جا صوبا شامل هئا؛ اُن گروپ لاءِ هڪ ڌار آئين ساز اسيمبليءَ جي جوڙجڪ ٽيٽي هئي، جنهن جو ڪم گروپ ۽ اُن ۾ شامل صوبن جي لاءِ آئين ٺاهڻ هو. آئين ساز اداري کي طئي ڪرڻو هو ته مرڪز ۽ صوبن جا ڪهڙا اختيار هوندا، جيڪي شعبا اُنهي ورهاست ڪانپوءِ بچي پوندا، تن ۾ صوبن کي مڪمل اختيار هوندو. برابر ميمورنڊم ۾ مرڪزي ۽ صوبائي حڪومت جي اختيارن جي نشاندهي

تہ نہ ڪئي وئي هئي، پر اُن هوندي بہ اُهو واضح طور چيو ويو هو تہ جاڻايل آئين ساز ادارو پاڪستان جي وفاقي حڪومت جو ۽ صوبن جو آئين تيار ڪندو اُن بعد هر هڪ صوبي کي اُهو حق حاصل هوندو تہ جيڪڏهن اُهو چاهي، تہ گروپ کان ڌار ٿي سگهي ٿو. البت ڌار ٿيڻ جي فيصلي لاءِ ريفرنڈم جي ذريعي اُن صوبي جي عوام جي راءِ وٺڻ ضروري هوندي."[14] دراصل، اِهو سڄو ميمورنڈم پاڪستان ۾ وفاق ۽ صوبن جو تعلق جي تشريح ڪرڻ سان گڏ، رياست جي ڏانچي، بيهڪ، اختيارن جي ورهاست ۽ قومن جي برابريءَ واري جمهوري وفاقي آئين جي پليءَ پت ساڪ پري ٿو. ۽ جئين تہ، اِهو سڄو ميمورنڈم ۽ 1940ع وارو ٺهراءَ اڳواٽ ئي موجود هئا، اُن ڪري، 14 آگسٽ 1947ع تي، پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ بعد اُن جي آئين ٺاهڻ وارو مسئلو تہ ڪو وڏو مسئلو نہ رهيو هو.[15] پر اصل قوتن کي 1940ع واري ٺهراءَ ۽ جناح جي 12 مئي 1946ع واري ميمورنڈم مان مسئلو هو جو دراصل، اُنهن دستاويزن جي عملي اطلاق سان پاڪستان لاءِ حقيقي جمهوري آئين جو نفاذ ممڪن بڻجيو پوي ها. ۽ مُلڪ ۾ پنجابي-مُهاجر بالادستيءَ جي رستا روڪ ٿئي ها. اُن ڪري، اُنهن دستاويزن کي اوليت ڏيڻ بدران هڪدم مُلڪ ۾ 1935ع واري غيرجمهوري آئين کي عبوري آئين طور لاڳو ڪيو ويو ۽ لڳاتار نون ڏهن سالن تائين نئين آئين ڏيڻ ۾ نت نتاءَ ڪان ڪم ورتو ويو. جنهن سبب ڪان پهرين وڏي صوبي بنگال ۾ بي چيني پيدا ٿي.[16] پاڪستان جي آئين ٺاهڻ جي ذميواري آزادي واري ايڪٽ جي سيڪشن (8) تحت جُڙندڙ آئين ساز اسيمبليءَ جي حوالي هئي، پر چون ٿا، تہ جناح پاڻ مُلڪ کي آئين ڏيڻ جي حوالي سان بي حد چِنتڪ هو. اُن جو ذڪر فاطمہ جناح پاڻ پنهنجي ڪتاب My Brother ۾ ڪيو آهي.[17] بهرحال، نئين رياست جي اُپرندڙ غيرمتوقع مسئلن، سازشي گروهہ بندي، مسلم ليگ جي فاش غلطين، ۽ جناح جي بيمار طبعيت گڏجي اهڙي صورتحال پيدا ٿي ڪئي، جو هُو پنهنجي جئيري آئين لاءِ ڪي بہ ٽوس ڪوششون وٺي نہ ٿي سگهيو. ائين، هُو 11 سيپٽمبر 1948ع تي، نيٽ پرلوڪ پڌاري بہ ويو.[18]

اسان وٽ، عام طور تي، جناب خالد بن سعيد، جناب بابرايازَ ۽ ٻين اڪيچار سياسي نقادن جو، جناح جي حوالي سان، اِهو تنقيدي مؤقف رهيو آهي، تہ پاڪستان ۾، جناح جو ڪردار گورنرجنرل طور رسمي نہ هو ۽ جئين تہ، جناح هڪ بااختيار گورنر جنرل هو ۽ 1935ع واري عبوري آئين تحت سمورا اختيار سندس ذات وٽ مرڪوز هئا. اُن ڪري، هُو مُلڪ ۾ آئيني ۽ سياسي لحاظ کان وڏيون تبديليون آڻي ٿي سگهيو. پر هُن ائين نہ ڪيو. جنهن سبب مُلڪ ۾ وڏا مسئلا پيدا ٿيا. ۽ رياست لاءِ استحڪام حاصل ڪرڻ واري ڳالهہ هڪ سوال بڻيل

رهي. بهرحال، اُنهيءَ تنقيدي مؤقف جي قطع نظر، جناب جي. ڊبليو چوڌريءَ (G.W.Choudhury) جو مؤقف ڪجهه هي طرح سان آهي.[19] هُن پنهنجي هڪ ڪتاب Constitutional Development in Pakistan ۾ جناح جي اختيارن بابت ڪلاتمڪ نوع جا اعتراض اُٿاريا آهن.

هُن جو چوڻ آهي:

"While the list for the powers of the Governor-General under the Act of 1935 was comprehensive, it must be made clear that there was no discretionary power left to the Governor-General under the Act as adapted in Pakistan; from 14 Agust 1947, the entire field of governmental activity was brought under the control of the Cabinet which responsible to the Constituent Assembly, became the real authority. The powers enumerated above were presumed to be exercised by the Governor-General on the advice of the Cabinet.

The above was, however, the leagal position. The real situation in Pakistan was that, with the exception of the second Governor-General, the role of the Governor-General was unlike that of a constitutional figurehead. There was no well orgnised political party. The Prime Minister lacked the bcaking of any secure and stable majority in the legislature. This enabled the Governor-General to make his role more effective. In fact, after the death of Jinnah, Pakistan's politics of were always characterized by a duel for poewer between the Governor-General and Prime Minister. This see-saw struggle continued until parliamentary democracy was given a formal burial in October 1958."[20]

ترجمو: " برابر 1935ع واري آئين تحت، گورنرجنرل کي مليل اختيارن جي فهرست گهڻي ڊگهي هئي، پر اِهو به واضح هجڻ گهرجي، ته پاڪستان ۾ اُنهيءَ آئين تحت گورنر جنرل وٽ ڪي به صوابديدي اختيار نه هئا. 14 آگسٽ 1947ع کان وٺي، حڪومتي سرگرمين جو سمورو دائرو ڪيبينٽ جي ماتحت هو جا آئين ساز اسيمبليءَ جي آڏو جوابده هئي، ۽ اُها ئي حقيقي اختيارن جي مالڪ هئي. جڏهن ته، گورنر جنرل جا سمورا اختيار، ۽ اُنهن جو استعمال، اُنهيءَ ڪيبيٽ جي مشوري سان مشروط هو.

بهرحال، اِها ته قانوني پوزيشن هئي. جڏهن ته، پاڪستان جي حقيقي صورتحال اِها هئي، جو پي گورنر جنرل کي چڏي، سمورن گورنرجنرلن جو ڪردار آئيني سربراهه جي اُبتڙ هو. ڪا به منظم سياسي پارٽي موجود نه هئي. وزيراعظم آئين ساز اداري ۾ مضبوط حيثيت ۽ اڪثريت جي حمايت کان محروم هو. اُن ڪري گورنر جنرل کي پنهنجو ڪردار وڌيڪ مؤثر انداز ۾ نيائڻ تي مجبور ڪيو. دراصل، جناح جي پرلوڪ پڌارڻ کانپوءِ، پاڪستان جي سياست، اختيارن کي حاصل ڪرڻ لاءِ گورنر جنرل ۽ وزيراعظم جي وچ ۾، هڪ وڏي جهيڙي ۽ مقابلي بازيءَ واري حيثيت اختيار ڪري ورتي هئي. اُهو جهيڙو ۽ اُها مقابلي بازي اُن وقت تائين جاري رهي، جيستائين پارلياماني جمهوريت کي آڪٽوبر 1958ع ۾ دفن نه ڪيو ويو."

جناب جي. ڊبليو. چوڌري جي اِنهيءَ بيان مان اِهو پليءَ پت ظاهر ٿئي ٿو ته جيتوڻيڪ 1935ع واري عبوري آئين تحت، جناح کي اڪيچار اختيار ملي چڪا هئا، پر ترميمن سببان گورنرجنرل کان ڪافي اختيار واپس ٻه ورتا ويا هئا،[21] ۽ جيڪي اختيار وٽس موجود هئا، اُنهن جو استعمال ٻه، وڏي حد تائين، آئين ساز اسيمبليءَ جي آڏو جوابده رهندڙ ڪيبينٽ/ڪابينا جي مشوري سان مشروط هو. اُن ڪري، ائين سمجهڻ ته، اختيارن جي سموري مرڪزيت جناح جي ذات وٽ مرڪوز هئي، بلڪل ئي غلط ٿيندو. برابر عبوري آئين جي سيڪشن 9 تحت، گورنر جنرل جناح جي اختيارن جي اڻارتي وڌي وئي هئي؛[22] اُن کي ڏسندي، ائين چوڻ بلڪل دُرست ناهجي ٿو ته گورنرجنرل، وڏي اڻارتي رکندڙ هو پر پاڪستان جي تاريخ جي هڪ ٻئي ماهر جناب حمزا علوي جو خيال آهي، ته جناح جو بيماري سببان، رياستي ڪاروهنوار کان پاسيرو ٿي ويڻ، مسلم ليگي ليڊرشپ جي سازشي ڪردار ۽ مُلڪ ۾ بُحرانن مٿان بُحرانن واري صورت حال ۾ جناح اهڙي پوزيشن ۾ ئي نه هو جو سيڪشن 9 جي اختيارن کي استعمال هيٺ آڻي، رياست تي پنهنجي اڻارتي ۽ شخصي بالادستيءَ کي مُمڪن بڻائي ها.[23] حمزا علوي جو مؤقف آهي، ته گورنر جنرل جا اُهي سيڪشن 9 وارا سمورا اختيار، دراصل، جناح نه، پر آئين ساز اسيمبليءَ آڏو جوابده بڻيل ڪابينا ۽ وزيراعظم لياقت علي خان استعمال ٿي ڪيا.[24] حمزا علوي ''پاڪستان: *رياست اور اس کا بحران*'' ۾ لکي ٿو: "جناح جي حوالي سان اِها بوگس ڪهاڻي ڦهلائي عام ڪئي وئي آهي، ته هُو گورنر جنرل جي حيثيت سان رياست جا سمورا رياستي معاملا پاڻ هلائيندو هو. اهڙي ڪهاڻي ڪوڙ تي ٻڌل آهي. اُن جو سچائي سان ڪو به واسطو ناهي. جڏهن ته حقيقت اِها آهي، ته ننڍي کنڊ جي ورهاڱي وقت، جناح سخت بيمار هو ۽ بلڪل لاڏاڻي ڪرڻ واري صورت حال ۾ هو. اهڙي حالت ۾ هُو اُن جي قابل ئي نه هو ته پاڪستان جي رياستي معاملن کي چڱيءَ طرح سنيالي ۽ هلائي سگهي، ۽ نه ئي وري جناح صاحب زوال طرف وڌندڙ پارٽي/مسلم ليگ ۾ وري نئين سري سان زندگيءَ جي روح ڦوڪڻ جي قابل رهيو هو. مسلم ليگ، تنهن وقت اهڙن ماڻهن جي ڪنٽرول ۾ هئي، جن کي جناح پسند ئي نه ڪندو هو ۽ کين سرعام تنقيد جو نشانو بڻائيندو هو. اُن جي باوجود، آئيني ترميمن سميت سمورا فيصلا جناح جي نالي تي ڪيا ويا، ۽ جڏهن عدم اطمينان جو شڪار بڻيل آئين ساز اسيمبليءَ جي ميمبرن ايڏن وڏن اهم معاملن تي نظرانداز ڪرڻ جي شڪايت ڪئي، ته وزيراعظم لياقت علي خان اسيمبليءَ کي ٻڌايو ته موجوده آئين تحت جنهن ماڻهوءَ کي سمورا آئيني اختيار حاصل آهن، اُهو گورنر جنرل آهي، اُهو جو چاهيندو سو ڪري سگهندو."[25]

مان سمجهان ٿو ته وزيراعظم ليات علي خان جو اِهو بيان ته "رڳو گورنر جنرل اختيارن جو مالڪ آهي،" بدنيتيءَ تي ٻڌل هو جنهن تي جناب پروفيسر حمزا علوي به بجا طور تنقيد ڪئي آهي. ڇاڪاڻ ته، رياست جي اختيارن جو اصل مالڪ گورنرجنرل جناح نه، پر رياست تي سول ۽ ملٽري بيورو ڪريسي جي روپ ۾قبضو ڪري ويٺل اُهي پنجابي-مهاجر مفاد هئا، جن پاڪستان جا بُنيادَ ئي تبديل ڪري ڇڏيا هئا. جناح لاءِ صرف بهاني طور ائين چيو ويو: "اُهو ئي سمورن اختيارن جو مالڪ آهي، ۽ جئين اُهو چاهيندو تئين ٿيندو." [26] جڏهن ته، حقيقت جو اهڙي ڳالهه سان ڪو به واسطو نه هو. دراصل، جناح اڪيلو هو جناح بيمار هو جناح بي يارومددگارهو جناح يرغمال هو. جناح سياسي طور نااهل ماڻهن جي قبضي ۾ هو. هُو ڪنهن به طرح سان 'اختيارن جو مالڪ' نه هو ۽ 'جئين چاهي، تئين ڪرڻ' جي حيثيت ۾ هرگز نه هو. اِهو سڀ ڪجهه، جناح جي باري ۾ ڪوڙ آهي، جنهن جو حقيقت سان ڪو واسطو ناهي. پاڪستان جي سياسي تاريخ جو اڪيڊمڪ اپياس اهڙن ڪوڙن مفروضن کي رد ڪري ٿو.

قرارداد مقاصد: آئين سازيءَ لاءِ لاهور ٺهراءَ کي رد ڪري، مذهبي خاڪي کي اوليت ڏني وئي!

ائين برابر آهي، ته 1947ع واري آزاديءَ ايڪٽ مطابق، 1935ع واري آئين کي پاڪستان جو عبوري آئين ٻڌايو ويو هو. [27] اُنهيءَايڪٽ تحت، آئين ساز اسيمبليءَ کي مُلڪ لاءِ هڪ اهڙي آئين ناهڻ جي ذميواري ڏني وئي هئي، جنهن ۾ وفاقي نظام جي نفاذ، قانون ساز ادارن ۾ وفاقي اِڪاين جي نمائندگي، وفاق ۽ صوبن جي لاڳاپن ۽ اختيارن جي ورهاست واري سوال کي جمهوري طريقي ڪار سان حل ڪرڻو هو. [28] پر بدقسمتيءَ سان، مُلڪ هلائيندڙ اصل قوتن، لڳ ڀڳ ٻن سالن جي وقفي (جڏهن مُلڪ جو باني پرلوڪُ پڌاري چڪو هو) ڪانپوءِ مارچ 1949ع ۾ آئين ساز اسيمبليءَ ۾ قرارداد مقاصد آڻي. هڪ اهڙي آئين جي خاڪي کي واضح ڪيو. جنهن ۾ مذهبي حاڪميت جو تصور ڏنو ويو! ۽ 'اختيارن جي مالڪ صرف الله جي ذات آهي،' [29] جو نعرو هڻي، هڪ طرف قومن جي برابريءَ واري جمهوري وفاق جي اڏاوت کي رد ڪيو ويو ته وري ٻي طرف، قومن جي خودمُختياريءَ کان به انڪار ڪيو ويو! دراصل، اُنهيءَ قرارداد مقاصد، نه رڳو پاڪستان جي 1940ع جي ٺهراءَ واري سياسي بُنياد کي تبديل ڪري ٿي ڇڏيو، پر جناح جي اُنهي تصور کي به بلڊوز ڪري ٿي

چڏيو جنهن تحت، جناح، پاڪستان لاءِ ٿيوڪريسي جي سخت مُخالفت ڪئي وئي هئي، ۽ اِهو چيو هو ته پاڪستان ۾ اختيارن جو مالڪ عوام آهي. ٻيو ته، جناح جو پاڪستان بابت بُنيادي تصور سيڪيولر، جمهوري ۽ وفاقي پاڪستان وارو هو جنهن ۾ قومن جي برابريءَ واري اصول تحت جمهوري وفاق جي اڏاوت ٿيڻي هئي، قرارداد مقاصد جناح جي اُنهيءَ جمهوري وفاق جي تصور کي مذهبي رنگ ۾ رنگي، جيڪو اُن جو حشر ڪيو اُن جو دنيا جي وفاقي توڙي وحداني مُلڪن ۾ مثال ملڻ مُشڪل آهي. دراصل، قرارداد مقاصد تحت، پاڪستان جي آئين کي مذهبي رنگ ۾ رنگڻ جو اصل مقصد، ننڍين قومن جي خومختياريءَ کي ڪالعدم ڪري، پنجابي- مُهاجر استيبلشمنٽ کي تقويت ڏيارڻ هو. دنيا جي ڪنهن به وفاقي مُلڪ جو آئين مذهب جي بنياد تي تيار ناهي ٿيو. آئين جا لوازمات، دراصل، ٻوس سياسي نوع وارا هجن ٿا. قومن جي رنگارنگينيت (Pluarlism) ۾ ورتل سماجن ۾ آئين کي قابل قبول بڻائڻ لاءِ جمهوري اصولن سان ٽهڪايو ويندو آهي، ته جئين، هڪ ته، وفاق لاءِ استحڪام واري صورتحال پيدا ڪري، مُلڪ کي حقيقي وفاقي جمهوري مُلڪ بڻائي، اُن کي ترقيءَ جي رستي تي گامزن ڪري سگهجي، ۽ ٻيو ته، وفاق ۾ شامل وفاقي اِڪاين جي وچ ۾ به اتحاد ۽ هيڪڙائي (Unity) کي برقرار رکي، منجهن Unity in Diversity واري تصور کي اُپاري، مُستقبل جي تڪرارن جي خاتمي لاءِ راهه هموار ڪري سگهجي. بدقسمتيءَ سان، اسان وٽ، پاڪستان ۾، اهڙي سمجهه ۽ حڪمت عمليءَ سان، ڪڏهن به آئين سازي جو ڪو به بندوبست نه ٿي سگهيو. اسان وٽ، شروع کان قرارداد مقاصد جهڙا مذهبي خاڪا پيش ڪري، اُن کي آئين جي مُهاڀ (Preamble) واري حيثيت ڏيندي، آئين جي ٽيڪ مذهبي بنيادن تي تياري ڪرائي وئي، ۽ ائين، پاڪستان جي وفاقي معاشري (Federal Society) ۾ ساهه ڪٽندڙ مُختلف قوميتن جي ڊائيورسٽي کي ڊهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي! آئين لاءِ مُلڪ جي باني اڳواڻ قائداعظم محمد علي جناح 11 آگسٽ 1947ع واري پنهنجي مشهور تقرير ۾ اڳواڻ اِهو واضح ڪري چڏيو هو: "پاڪستان هڪ اهڙو مُلڪ هوندو جنهن ۾ هندو هندو نه هوندو ۽ مسلمان، مسلمان نه هوندو"[30] اُن ڪري، جناح جي لاڏاڻي کانپوءِ جڏهن مُلڪ ۾ آئين سازيءَ جو بندوبست ٿيڻ لڳو ته اُن ۾ مُهاڀ يا بنيادي خاڪي واري حيثيت، جناح جي 11 آگسٽ واري تقرير کي ڏيڻ کپندي هئي؛ نه ڪي قرارداد مقاصد کي. لاهور ٺهراءَ خود هڪ وڏو آئيني دستاويز هو. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ، اصولي طور تي، لاهور ٺهراءَ کي بنيادي آئيني دستاويز جو خاڪو قرار ڏئي، اُن تحت، آئين جي تياري ڪرائي وڃي ها، پر ائين نه ڪيو ويو! ۽ نام نهاد قرارداد مقاصد آٽي، آئين جي مذهبي تصور

مطابق تياري ڪرائي وئي، تہ جئين، مُلڪ ۾ قومي ڪُرلٽ وارو ڍانڍو هلندو رهي، ۽ اُن جي خلاف ڪا بہ مزاحمت نہ ٿي سگهي. جناح جو پاڪستان ۽ اُن جي آئين بابت بنيادي تصور سيڪيولر، جمهوري ۽ وفاقي نوع وارو هو[31] جنهن جو هڪڙو ثبوت اِهو بہ آهي، تہ جناح، مُلڪ جي پهرين آئين ساز اسيمبليءَ ۾ قانون جو وزير ڪنهن مسلمان کي نہ، پر هڪ هندو جوگندرناٿ منڈل کي بڻايو هو. هاڻ، سوچڻ جي ڳالهہ اِها آهي، تہ جنهن مُلڪ جي پهرين آئين ساز اسيمبليءَ ۾ هڪ هندوءَ کي قانون جو وزير بڻايو ويو هجي، جنهن ۾ مُلڪ لاءِ اُن جو باني اڳواڻ علي اعلان وفاقي مُلڪ هجڻ جون ڳالهيون ڪري چڪو هجي، جنهن مُلڪ جي آئين جي لاءِ اُهو واضح طور تي چيو ويو هجي، تہ اُهو ڪنهن بہ طرح سان مذهبي ۽ ٿيوڪريٽڪ نوع جو نہ هوندو. اُنهيءَ مُلڪ جي آئين لاءِ مُلڪ جي باني اڳواڻ جي تصور کي نظرانداز ڪري، اُن جي اُبتڙ مذهبي سوچ مطابق قرارداد مقاصد تحت تياري ڪرڻ ڇا جناح جي سيڪيولر، جمهوري ۽ وفاقي تصور جي انحرافي نہ هئي؟

ٻيو تہ، آئين، رياست جي انتظامي وهنوار لاءِ هوندو آهي، ۽ رياست جو انتظامي وهنوار وري سياست تي ٻڌل هوندو آهي؛ اُن ڪري، سياست تي ٻڌل رياست جي انتظامي وهنوار ۾ جمهوري طريقي ڪار کي نظرانداز ڪري، رياست جي وفاقي ڍانچي کي وحداني روپ ڏيارڻ خاطر، اُن ۾ عقيدياتي اصول داخل ڪري، اُن کي ٿوس مذهبي رنگ ۾ رنگي پيش ڪرڻ، نہ رڳو وڏي ناسمجهي هجي ٿي، پر اُها ڳالهہ هڪ مُلڪ لاءِ، هڪ رياست لاءِ ۽ هڪ وفاق لاءِ وڏي هِنسڪ بہ هجي ٿي، جنهن جو نتيجو هميشہ رياستي عدم استحڪام جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي. هونئن بہ، سياست ۽ مذهب بہ ڌار ڌار هڪ ٻئي جي اُبتڙ ۽ هڪٻئي کي رد ڪندڙ شيون/لقاءَ آهن. سياست جو تعلق عقل (Reason) سان هوندو آهي، ۽ مذهب جو تعلق وري عقيدي (Faith) سان رهيو آهي.[32] اُنهن ٻنهي شين کي گڏ وچڙ ڪرڻ غلط هجي ٿو. ائين، مذهب ۽ سياست کي گڏوچڙ ڪري، آئين سازيءَ جهڙي حساس معاملي ۾ داخل ڪيو ويندو آهي، تہ اُن جو نتيجو وڏي بي چيني ۽ بُحران جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي. مان پانيان ٿو تہ اڄ پاڪستان جيڪو خارجي توڙي داخلي طرح سان، اڪيچار سياسي، معاشي، ۽ رياستي عدم استحڪام واري صورتحال جو شڪار آهي، تہ اُن جو بين اڪيچار سببن سان گڏ هڪ وڏو ۽ اهم سبب اسان جي آئين ۾ موجود بُنيادي نُقص وارو بہ آهي. پاڪستان، جئين تہ، وفاقيت جي بنيادي اصولن جي وڪالت ڪندي حاصل ڪيو ويو هو ۽ اُن حوالي سان، جناح خود اُهو ڪُليو ڪلايو چيو هو تہ "پاڪستان جي رياست هڪ وفاقي هوندي، جنهن جي وفاق وٽ صرف چار ڪاتا ۽ ٻيا سموار ڪاتا وفاق ۾ شامل صوبن ۽ رياستن جي حوالي هوندا"؛[33]

اُن ڪري، اصولي طور تي، پاڪستان جو آئين مذهبي، نه پر وفاقي نوع جو هجڻ ڪپندو هو. پر ائين نه ڪيو ويو ۽ جناح جي جئيري ته آئين سازيءَ لاءِ ڪا ڪوشش نه ٿي ڪئي وئي، پر سندس مرڻ پڇاڻان، جيڪي ڪوشش ڪيون به ويون، تن ۾، سندس بنيادي تصور ۽ ويچارن کي رد ڪيو ويو!

دراصل، جناح جي جئيري، اُن ڪري به، آئين جي تياري لاءِ ڪا اڳپرائي نه ٿي ڪئي وئي، جو جناح، ڪنهن به طرح سان، مذهبي بُنيادن تي آئين ٺاهڻ جو حامي نه هو.[34] هُن پاڪستان ٺهڻ بعد اُهو بنهه واضح ڪري ڇڏيو هو ته پاڪستان، ڪنهن به طرح سان، هڪ مذهبي رياست نه هوندي. اِهو ئي سبب هو جو جناح جي جئيري آئين ٺاهڻ جي حوالي سان ڪي به اُپاءَ نه ورتا ويا؛ ۽ جئين ئي، جناح، 11 سيپٽمبر 1948ع تي، پرلوڪ پڌاري ويو ته ٻيڪ سندس لاڌاڻي جي ڇهن مهينن بعد 12 مارچ 1949ع تي، وزيراعظم لياقت علي خان پنهنجي نام نهاد قرارداد مقاصد ذريعي آئين جو مذهبي طرز تي خاڪو تيار ڪرائي، اُن کي آئين ساز اسيمبليءَ مان منظور ڪرائي ورتو ۽ آئين ٺاهڻ جي تڪڙي شروعات ڪري ڏنائين.[35] اسان وٽ، ڪجهه ماهرن جو خيال آهي، ته جئين ته، جناح پاڻ ئي آئين سازيءَ جي حوالي سان اسلام ۽ مذهب جون ڳالهيون ڪري چڪو هو ۽ اُهو صاف طرح سان چئي ڏنو هئائين: "مون کي اِها خبر ته ناهي، ته پاڪستان جو آئين ڪهڙي صورت اختيار ڪندو. پر اِها پڪ اٿم، ته اُهو جمهوري ۽ اسلامي اصولن مطابق هوندو."[36] اُن ڪري، قرارداد مقاصد ذريعي، آئين جي مذهبي طرز تي، تياري کا غلط ڳالهه نه هئي، اُهو منطق ڪٽي جو دُرست لڳي ٿو پر ڏنو وڃي ته، جناح، جتي، آئين لاءِ جمهوري ۽ اسلامي اصولن جي ڳالهه ڪئي هئي، اُتي هُن اِهو به چيو هو: Pakistan is not going to be a theocratic state[37] اُن ڪري، جناح جي اُنهيءَ بيان مان اِهو به ظاهر ٿئي ٿو ته پاڪستان هڪ مذهبي رياست نه، پر جمهوري ۽ سيڪيولر رياست بڻجندو. جنهن ۾ اقليتن کي برابريءَ واري حيثيت مليل هوندي. اهڙي غيرمذهبي رياست ۾ جناح جي 'جمهوري ۽ اسلامي اصولن' مطابق هڪ مذهبي آئين جي سُفارش ڪرڻ واري ڳالهه عجيب ته لڳي ٿي، پر حقيقت ۾ ڏنو وڃي، ته اِهو سڀ ڪجهه جناح جي پنهنجي سوچ جو هڪ لقاءُ هو. چاڪاڻ ته، هُن جڏهن پاڪستان ٺهڻ کان اڳ اِهو اعلان ڪيو هو ته پاڪستان هڪ مذهبي نه، پر وفاقي مُلڪ هوندو ته پوءِ مُلڪ ٺهڻ کانپوءِ اُن جي آئين جي لاءِ مذهبي ۽ 'اسلامي اصولن' جي ڳالهه ڪرڻ يا وري ائين چوڻ ته 'مون کي خبر ناهي، ته آئين جي ڪهڙي صورت هوندي'، جو ڪو جواز ئي نه هو. دراصل، جناح کي آئين ٺاهڻ جي حوالي سان، ائين صاف طرح سان چوڻ ڪپندو هو ته پاڪستان جو آئين ٿوس

وفاقي تصورن تي ٻڌل هو. جنهن ۾ اختيارن جي ڪا به مرڪزيت نه هوندي ۽ جنهن مطابق پاڪستان جو وفاق قومن جي برابريءَ وارو جمهوري وفاق هوندو. بدقسمتيءَ سان، جناح، آئين سازيءَ جي حوالي سان، اهڙي ڪا به ڳالهه نه ڪئي، جيڪو جناح جو هڪ وڏو الميو هو. بهرحال، اُنهيءَ بحث جي قطع نظر، 12 مارچ 1949ع تي، جڏهن قرارداد مقاصد کي آئين ساز اسيمبليءَ ۾ آندو ويو ته ميان افتخار الدين سميت اقليتي ڏرين جي نمائندن ايس.سي. چٽوپاڌيا ۽ ڪي بي دتا وارن قرارداد مقاصد جي سخت مُخالفت ڪئي، پر مُخالفت جي باوجود، اُن کي منظور ڪيو ويو[38]

بُنيادي اصولن واري ڪميٽيءَ جي عبوري رپورٽ وفاقي اصولن جي خلاف هئي

قرارداد مقاصد، جئين ته، هڪ آئين نه، پر آئين جو بُنياد آڇيندڙ هڪ خاڪو هو جنهن تحت، مُلڪ لاءِ آئين جي تياري ڪرڻي هئي؛ اُن ڪري، قرارداد مقاصد جي منظوري بعد ترت بُنيادي اصولن واري ڪميٽي (Basic Principale Committee) جوڙي وئي.[39] ياد رهي، ته اُنهيءَ ڪميٽيءَ جو صدر مولوي تميز الدين ۽ نائب صدر وزيراعظم لياقت علي خان پاڻ هو. بهرحال، ڪميٽيءَ پنهنجو ڪم تيزيءَ سان اڪلائي ورتو. پي سال، 7 سيپٽمبر 1950ع تي، ڪميٽي سفارشون ظاهر ڪيون،[40] جن مطابق، پاڪستان لاءِ وفاقي نظام ۽ وفاقيت جي تصور تي ٻڌل به ايواني پارلياماني سرشتي جي سُفارش ڪئي وئي.[41] اپرهائوس (سينيٽ) ۾ سيني صوبن کي برابريءَ واري نمائندگي ۽ لوئر هائوس (قومي اسيمبليءَ) ۾ صوبن کي آبادييءَ جي بُنياد تي نمائندگي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو.[42] پارليامينٽ جو پنج سال مدو رکيو ويو. صدر جي چونڊ ٻنهي ايوانن جي نمائندن کي گڏجي ڪرڻي هئي؛ عدليا کي بالادست حيثيت حاصل هئي؛ وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ تڪرار پيدا ٿيڻ جي صورت ۾ عدليا جو فيصلو حتمي هو. اُڙدوءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو ويو.[43] مان سمجهان ٿو ته بنيادي اصولن واري ڪميٽيءَ جون اُهي سُفارشون وفاقيت ۽ وحدانيت جي گڏوڪڙ اصولن تي ٻڌل هيون، جو سُفارشن ۾، جتي، وفاق ۾ شامل مڙني وفاقي وحدتن جي مادرين ٻولين (Indigenous Languages) کي قومي ٻولين جي درجي ڏيڻ کان انڪار ڪري، صرف هڪڙي اُڙدو ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏئي، وفاقي اصولن جي انحرافي ڪئي وئي، اُتي وري پارليامينٽ کي به ايواني حڪومتي سرشتي (Bicameralism) تحت، هلائڻ جي سُفارش ڪري، وفاقي اصولن کي اوليت نه ڏني وئي، پر اُن ۾ به ٽڪساڻ اُهو رکيو ويو جو بنگال کي مات ڏيڻ لاءِ

لوئر هائوس ۾ صوبن جي نمائندگي آبادي ۽ جي حساب سان، ۽ اپر هائوس ۾ برابري ۽ جي حساب سان رکي وئي، جنهن جو نتيجو اُهو نڪتو جو "جيڪڏهن بنگال، لوئرهائوس ۾ اڪثريت رکي ٿي، تہ وري اپر هائوس ۾ اُهو اقليت ۾ اچي ٿي ويو."[44] دراصل، اُنهيءَ سُفارش تحت تيار ٿيندڙ آئين، حقيقي وفاقي آئين نہ، پر نوس وحداني آئين هو جنهن ۾ طاقت جو توازن، اصولي طور تي، وڏي صوبي بنگال بدران وري بہ پنجابي- مُهاجر حڪمران اشرافيا ڏانهن ويو ٿي.[45] اُنهيءَ رپورٽ جي روشني ۾ تيار ٿيندڙ آئين تحت، مُلڪ ۾ وحداني حڪومتي نظام جو نفاذ ٿيڻو هو جنهن ۾ پنجابي-مهاجر مفادن کي بالادست حيثيت مليل هئي، پر باوجود اُن جي، ڪميٽيءَ جي صدر وزيراعظم لياقت علي خان، اُنهيءَ رپورٽ تي سخت تنقيد ڪئي، ۽ اُن کي عبوري رپورٽ قرار ڏئي ڇڏيائين.[46] دراصل، وزيراعظم جي تنقيد جو روحاني راز اِهو هو جو بُنيادي اصولن واري ڪميٽيءَ جي اُنهيءَ رپورٽ ذريعي، آئين جي بنياد کي، مذهبي تصور تان هٽائڻ جي هڪ بنهہ معمولي ڪوشش ڪئي وئي هئي، جو اُن ۾، مُلڪ جي صدر ٿيڻ لاءِ مسلمءِ غيرمسلم واري مذهبي پابنديءَ کي رد ڪيو ويو هو. اِهو ئي سبب هو جو رپورٽ پڌري ٿيڻ کانپوءِ مُلڪ جون مذهبي ڌُريون ڏمرجي پيون، ۽ سندن ڏمر کان بچڻ واسطي وزيراعظم لياقت علي اُن کي تنقيد جو نشانو بڻايو ۽ اُن کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيائين![47]

حتمي رپورٽ بہ منظور نہ ٿي سگهي ۽ آئيني بُحران پيدا ٿيڻ سببان خواجا ناظم الدين کي هٽايو ويو!

بهرحال، وزيراعظم لياقت جي تنقيد کانپوءِ ڪميٽيءَ پنهنجي ڪم کي ٻيهر جاري ڪيو. اُن 22 ڊسمبر 1952ع تي، پنهنجي حتمي رپورٽ پڌري ڪئي.[48] جڏهن تہ اِن وچ ۾، وزيراعظم لياقت علي خان، 16 آڪٽوبر 1951ع تي، راولپنڊيءَ ۾ مارجي چڪو هو ۽ سندس جاءِ خواجا ناظم الدين اچي والاري هئي. اُنهيءَ صورتحال کانپوءِ بُنيادي اصولن واري ڪميٽيءَ جا حتمي رپورٽ پڌري ڪئي، تنهن مطابق، مُلڪ جي سربراهہ لاءِ مسلمان هجڻ جو شرط رکيو ويو.[49] حڪومت لاءِ وفاقي نظام تجويز ڪيو ويو. پارليامينٽ کي ٻن ايوانن اپرهائوس (House of Units) ۽ لوئرهائوس (House of People) ۾ ورهائڻ جي سُفارش ڪئي وئي. قومي اسيمبلي جون سيٽون 400 رکيون ويون،[50] جيڪي مُلڪ جي ٻنهي اولهہ ۽ اوير وارن حصن ۾ برابريءَ جي بُنياد تي ورهايل هونديون. سينيٽ لاءِ 120 سيٽن جي سُفارش ڪئي

وئي،[51] جنهن ۾ 60 سيٽون اولهه پاڪستان ۽ 60 سيٽون اوپرپاڪستان لاءِ رکيون ويون. ائين، جيتوڻيڪ ٻنهي ايوانن لاءِ برابريءَ وارن اختيارن جي حمايت ۾ ڪئي وئي، پر مالي بلن کي صرف لوئر هائوس ۾ آڻڻ جي سُفارش ڪري، برابريءَ واري اصول کي باءِ پاس ڪيو ويو! جا ڳالهه نه رڳو وفاقيت جي اصول جي خلاف هئي، پر صوبائي خودمُختياريءَ سان به هڪ وڏو مذاق هو. چاڪاڻ ته، لوئر هائوس ۾ صوبن کي آباديءَ جي بنياد تي جا نمائندگي ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي وئي، تنهن مطابق، صوبن جو ڪو به مُؤثر سياسي وزن نه هو. جڏهن ته، وفاق ۽ صوبن جي اختيارن جي ورهاست لاءِ ٺي فهرستون تيار ڪيون ويون؛[52] ۽ 'واڌو اختيار، مرڪز کي مضبوط ڪرڻ لاءِ وفاق جي حوالي ڪيا ويا.'[53] رپورٽ ۾ مذهبي ڏُرين کي راضي رکڻ لاءِ اِها سُفارش ڪئي وئي، ته رياست جي سربراهه ۽ صوبائي گورنرن کي اسلامي قانوني ماهرن تي ٻڌل عالمن جو بورڊ مقرر ڪندو.[54] اهڙي سُفارش سان، ڊاڪٽرصفدر محمود چواٽي: "عالمن کي قانون ساز ادارن جي فيصلن جي خلاف ويٽو جو حق ڏنو ويو."[55] بهرحال، اُنهيءَ رپورٽ ۾ عالمن جي بورڊ جي قيام ۽ مُلڪ جي سربراهه لاءِ مسلمان هجڻ جي شرط جي سفارش ڪري، آئين جي تياري کي قرارداد مقاصد جي ويجهي آڻڻ جي ڪوشش ته ڪئي وئي، پر پارليامينٽ جي ٻنهي اولهه ۽ اوپر وارن حصن کي برابريءَ واري حيثيت ڏيڻ سببان، اُها سڄي رپورٽ 'پنجابي- بنگالي تڪرار' واري رپورٽ بڻجي وئي.[56] اُن حوالي سان، بنگالين جو مؤقف هو ته بنگال هڪ اڪثريتي صوبو آهي. اُن کي، اولهه پاڪستان جي چئن صوبن جي پيٽ ۾، صرف ٻلهي برابريءَ واري حيثيت ڏيڻ ناانصافي آهي. جڏهن ته، پنجاب کي اِهو خوفُ هو ته برابريءَ واري نمائندگي سان سندس بالادستي خطري هيٺ اچي ويندي، جو برابريءَ واري اصول تحت ملندڙ نمائندگي سببان، بنگال، پارليامينٽ ۾ ننڍين صوبن کي پاڻ سان ملائي، اڪثريتي ڌر بڻجي ويندو ۽ کيس اقليت ۾ رکڻ مُمڪن نه رهندو.[57] ڊاڪٽر ڊاڪٽرصفدر محمود "پاڪستان: تاريخ اور سياست" ۾ لکي ٿو:

"رپورٽ تي سڀ کان وڏيڪ تنقيد اُن جي وفاقي ڍانچي، خاص طور تي، مرڪزي قانون ساز اداري ۾ نمائندگيءَ جي اصول تي ڪئي وئي. رپورٽ ۾ اوپر پاڪستان لاءِ سيٽن جو تعداد، اولهه پاڪستان جي سموري صوبن جي سيٽن جي برابر رکيو ويو هو. اُنهيءَ تجويز کي برابريءَ جو نالو ڏنو ويو. وفاقي حڪومتي طريقي ڪار جي سموري اصولن جي لتاڙ ڪندي، رپورٽ ۾ تجويز ڪيو ويو ته هيٺين ايوان ۾ اوپرپاڪستان جي 200 ۽ اولهه پاڪستان جي 9 يونٽن جا به 200 ميمبر هجڻ گهرجن. ائين، هائوس آف يونٽس (مٿئين ايوان) ۾ به اُوپر پاڪستان جي 60 ۽ اولهه پاڪستان جي يونٽن مان به 60 نمائندن جي تجويز پيش ڪئي وئي. اِهو طريقي ڪار، دراصل، مُلڪ کي

اولهه ۽ اوپر جي حصن ۾ ورهائڻ جي برابر هو. برابريءَ وارو اصول اُوپرپاڪستان جي عوام لاءِ قبول ڪرڻ جوڳو نه هو. ڇو ته سندن خيال هو ته قانون ساز اداري ۾ برابريءَ واري نمائندگي ذريعي اوپرپاڪستان جي عددي اڪثريت کي نظرانداز ڪرڻ جي غيرمنصفاڻي ڪوشش ڪئي وئي آهي. حقيقت اِها هئي، ته مرڪزي اسيمبليءَ ۾ اولهه ۽ اوپرپاڪستان کي برابريءَ واري نمائندگي ڏئي، وفاقيت جي اصولن جي انحرافي ڪئي وئي هئي. رپورٽ ناهيندڙن اسيمبليءَ ۾ نمائندگيءَ جي مسئلي کي طئي ڪرڻ وقت پاڪستان جي معروضي حالتن ۽ اُن جي ٻنهي حصن جي وچ ۾ موجود سماجي، لساني، ثقافتي، اقتصادي، جغرافيائي ۽ آبادييءَ جي فرق کي سامهون نه رکيو هو. اِهو ئي سبب آهي، جو رپورٽ جي اُنهيءَ حصي کي پنجابي توڙي بنگالي، ٻنهي ڌرين تنقيد جو نشانو بڻايو. پنجابي گروپ جو مؤقف هو ته اوپرپاڪستان اولهه پاڪستان جي ڪنهن نئين يونٽ کي پاڻ سان ملائي، عددي اڪثريت حاصل ڪري ونڊو ۽ ائين اُهو ئي هميشه مُلڪ تي حڪومت ڪندو رهندو. اُنهن ۽ اِن طرح جي ٻين اختلافن سببان، بُنيادي اصولن واري ڪميٽيءَ جي اُنهيءَ رپورٽ کي 'بنگالي-پنجابي تڪرار واري رپورٽ' قرار ڏنو ويو. اُنهيءَ صورتحال، هڪ طرح سان، ٻنهي صوبن جي وچ ۾ پيدا ٿيل بداعتماديءَ کي ظاهر ڪيو ٿي. ۽ اِها بداعتمادي، دراصل، آئين ناهڻ ۾ وڏي رڪاوٽ هئي."[58]

بهرحال، بنيادي اصولن واري ڪميٽيءَ جي اُها حتمي رپورٽ به، پنجابي-مُهاجر استيٽسڪو کي لاحق امڪاني خطري سببان قابل قبول بڻجي نه سگهي.[59] اِهو ئي سبب آهي، جو جڏهن اُنهيءَ رپورٽ جي منظوري لاءِ ڇيو ويو ته پنجاب ٽپ انڪار ڪري ڇڏيو[60] ۽ مسودي تي ڪميٽيءَ جي ڪُل 29 ميمبرن مان صرف 16 ميمبرن صحيح ڪئي،[61] جنهن سببان، اُن رپورٽ جو استحقاق ئي ختم ٿي ويو. ائين، آئين ناهڻ جي حوالي سان، ڪنهن به حل تي گهربل اتفاق نه ٿيڻ سببان، مُلڪ ۾ هڪ وڏو آئيني بُحران پيدا ٿي پيو. جنهن جي نتيجي ۾ گورنر جنرل غلام محمد، وزيراعظم خواجا ناظم الدين کي هٽائي ڇڏيو.[62] وزيراعظم خواجا ناظم الدين نهايت سادو ۽ بنيادي طور تي، مرڪز تي قابض قوتن جي هٽ جو ڪُڏو هو. هُو بنگال جو رهواسي ته هو پرهُن جو بنگال جي قومي سوچ ۽ مُفادن سان ڪو واسطو نه هو![63] اِهو ئي سبب هو جو هُن پنهنجي وزارت اعظميٰ جي سڄي دؤر ۾ بنگال جي مُفادن کي ڪا به اوليت نه ٿي ڏني. ۽ پنهنجي وزارت اعظميٰ کي بچائڻ ۾ پورو رهيو![64]

1956ع واري آئين جو مسودو: بوگرا فارمولو ۽ وفاقيت

خواجا ناظم الدين کانپوءِ محمد علي بوگرا کي وزيراعظم بڻايو ويو. محمد علي بوگرا به بنگالي هو پر هُو به مُلڪ تي قابض قوتن جو 'ماڻهو' ۽ 'آمريڪا نواز' هو.[65]

ٻيو ته، لاڳيتو بنگال سان لاڳاپيل ٻن بنگالي سياسي اڳواڻن کي، اُن کري وزيراعظم نہ بڻايو ويو هو جو مُلڪ کي حقيقي وفاقي جمهوري اصولن تحت هلايو ٿي ويو. پر ٻن بنگالي سياسي اڳواڻن کي هڪٻئي پويان وزيراعظم بڻائڻ جو اصل مقصد جناب آئين ٽالبوٽ چواڻي: "اِهو هو ته جئين دنيا کي اُهو ڏيکاري سگهجي، ته مُلڪ جي اڪثريتي صوبي جو مرڪزي حڪومت تي اثررسوخ آهي."[66] بهرحال، محمد علي بوگرا وزيراعظم ٿيندي، آئيني بُحران کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ جنبي ويو. اُن وچ ۾، بنگال صوبائي خودمُختياري ۽، قومي ٻوليءَ جي سوال ۽ وفاقي آئين جي نفاذ لاءِ جدوجهد هلائڻ ۾ مصروف ٿي ويو هو. اُن کري، مُلڪ ۾ هڪ نئين آئين جي تياري بہ زور وٺڻ لڳي. وزيراعظم محمد علي بوگرا لڳ ڀڳ 6 مهينن جي تياريءَ کانپوءِ آئين لاءِ بُنيادي خاڪو تيار ڪري، اُن کي آئين ساز اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيو.[67] اُهو خاڪو بعد ۾ بوگرا فارمولي جي نالي سان پڻ مشهور ٿيو. فارمولي مطابق، وفاق جي قانون ساز اسيمبليءَ کي ٻن ايوانن ۾ ورهائڻ جي سُفارش ڪئي وئي. لوئر هائوس(قومي اسيمبلي) لاءِ 300 ميمبرن جي تجويز ڏني وئي، جنهن ۾ بنگال جا 165، پنجاب جا 75، سنڌ جا 19، سرحد جا 13، ۽ بلوچستان جا 17 نمائندا هئا.[68] جڏهن ته، اپر هائوس(سينيٽ) جي نمائندن جو تعداد 50 رکيو ويو. جنهن ۾ هرهڪ صوبي جا 10 نمائندا هوندا.[69] ٻنهي ايوانن کي برابريءَ وارا اختيار ڏنا ويا. ۽ اختلاف جي صورت ۾ ٻنهي ايوانن جي گڏيل اجلاس ڪوٺائڻ جي تجويز ڏنل هئي.[70] جڏهن ته، وفاق ۽ صوبن جي اختيارن جي ورهاست لاءِ ٽن فهرستن جي تجويز ڏني وئي. وفاق واري فهرست ۾ 26 اِسم ۽ صوبائي فهرست ۾ 28 اِسم شامل ڪيا ويا.[71] جڏهن ته، ٻوليءَ واري مسئلي جو اُهو حل ڪڍيو ويو جو اُردوءَ سان گڏ بنگالي ٻوليءَ کي بہ قومي ٻولي بڻائڻ جي سفارش ڪئي وئي.[72]

چارٽ:1

بوگرا فارمولو	
اوپر بنگال	165
پنجاب	75
خيبرپختونخوا	13
قبائلي علاقا	11
سنڌ	19
خيرپور رياست	1

بلوچستان	3
بلوچستان اسٽيٽ يونين	2
اسلام آباد	4
بهاولپور رياست	7

ماخذ: جي. ڊبليو. چوڌري جو ڪتاب،

Constitutional Development in Pakistan يڪا يونيورسٽي 1967ع

بوگرا فارمولو مُلڪ ۾ پيدا ٿيل آئيني بُحران جي حل واسطي ڪي قدر ڇڪو فارمولو هو ۽ اُن جون پنج اهم خاصيتون ٻه هيون: جن مان پهرين خاصيت اِها هئي، جو اُنهي آئيني فارمولي تحت، پهريون پيرو مُلڪ جي قانون ساز اسيمبليءَ کي ٻ-ايواني نظام ۾ ورهائي، وفاقيت جي Bicameralism واري تصور تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي:جڏهن ته اُنهي فارمولي جي ٻي خاصيت اِها هئي، جو اُنهي فارمولي تحت، اپر ۽ لوئر هائوس کي برابريءَ وارا اختيار ڏئي، جمهوري اصول جي آبياري ڪئي وئي هئي: فارمولي جي ٽين خاصيت اِها هئي، جو اُنهيءَ فارمولي تحت، مرڪز ۽ صوبن جي اختيارن ۾ توازن آڻڻ واسطي مرڪز جي اختيارن کي گهٽائڻ جي سُفارش ڪئي وئي هئي: فارمولي جي چوٿين خاصيت اِها هئي، جو اُن ۾ صدر ۽ وزيراعظم جي عهدن مان هڪ عهدو اولهه پاڪستان ۽ ٻيو عهدو وري اوپر پاڪستان جي حوالي ڪرڻ جي تجويز ڏئي، مرڪز ۾ ڪنهن ٻه صوبي جي بالادستيءَ قائم ٿيڻ واري امڪان کي ڏڪ هنيو ويو هو: فارمولي جي پنجين خاصيت اِها هئي، جو اُنهي آئيني فارمولي تحت، قرارداد مقاصد کانپوءِ پهريون پيرو مذهبي معاملن بابت فيصلي ڪرڻ جو اختيار عالمن جي بورڊ کان کسي، سپريم ڪرٽ جي حوالي ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي هئي. جيتوڻيڪ اُنهن پنجن اهم خاصيتن جي مُهابي بوگرا فارمولو کي قدر ڇڪو آئيني فارمولو پاسيو ٿي، پر تڏهن ٻه اِهو فارمولو پنجاب کي نٽي آڙيو جو اُن ائين ٿي سمجهيو ته اُنهيءَ فارمولي جي برابريءَ (Parity) واري اصول تحت، آئين ساز اسيمبليءَ ۾ طاقت جو توازن وري ٻه بنگال جي پاسي ٿي ويندو ۽ اُهو ننڍين صوبن کي پاڻ سان ملائي، اڪثريت جي زور تي، هڪ اهڙو آئين ناهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو جنهن سان مُلڪ تي قائم پنجابي-مهاجر استيٽسڪو خطري هيٺ اچي ويندو. دراصل، اِهو خوف ۽ ڊپ هو جنهن سببان، پنجاب، بوگرا فارمولي کي قبول ڪرڻ کان ٽپ انڪار ڪيو![73] ائين، گورنر جنرل غلام محمد کي اُهو فارمولو رد ڪرڻو پيو. چون ٿا، ته اِهو دراصل، بوگرا فارمولي سببان مُلڪ ۾ طاقت جي توازن جي تبديليءَ جو سوال پيدا ٿي پيو هو جنهن کان حراسجي، گورنر جنرل غلام محمد اولهه

پاڪستان ۾ ون يونٽ واري اسڪيم تي ويچارڻ شروع ڪيو جنهن تحت طاقت جي توازن کي بدستور پنجاب جي قبضي هيٺ رکڻ ۽ اوپر پاڪستان(بنگال) سان مقابلي ڪرڻ لاءِ سنڌ، پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان کي پاڻ ۾ گڏائي، هڪ يونٽ بڻائڻو هو[74] جيڪو بعد ۾ 1955ع ۾ اولهه پاڪستان تي لاڳو ٻه ڪيو ويو. ائين، وحدانيت جو هڪ بدترين تجربو ڪري، نه رڳو مُلڪ ۾ وفاقيت ۽ جمهوريت سان سنگين مذاق ڪيو ويو پر اولهه پاڪستان جي ننڍن قومن جي قومي وجود ۽ تشخص کي سوالييا نشان بڻائي، Unity in Diversity واري مقصد کي ٻه تباهه ڪيو ويو! بهرحال، اهڙي ئي صورتحال هئي، جو وزيراعظم محمد علي بوگرا جي آئيني فارمولي، پنجاب جي اصل قوتن کي ڇنتڪُ ڪري ڇڏيو. فيبروري 1954ع ۾ چوندڙن ٽيون، ته اُن ۾ مسلم ليگ کي بنگال ۾ وڏي شڪست ملي، جو مسلم ليگ بنگال جي ڪُل 310 سيٽن مان صرف 09 سيٽون حاصل ڪري سگهي![75] اُن ڪري، مُلڪ جي اصل قوتن جي ڇنتا وڏي ٻيٽي ٿي وئي. ائين پاسجي رهيو هو ته اڳي يا پوءِ مُلڪ ۾ طاقت جو توازن بنگال جي حق ۾ تبديل ٿي ويندو. اِهو ئي ڏَپُ هو جو گورنر جنرل غلام محمد، نه رڳو 24 آڪٽوبر1954ع تي، پهرين آئين ساز اسيمبليءَ کي ٽوڙي ڇڏيو پر اُوپر پاڪستان جي صوبائي سرڪار کي ٻه گهر ٻيڙو ڪري، اُتي گورنر راج لڳائي ڇڏيو.[76] اسيمبليءَ جي صدر مولوي تميز الدين، گورنر جنرل جي اسيمبلي ٽوڙڻ واري قدم خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ويو. عدالت اُنهيءَ قدم کي غيرآئيني قرار ڏنو. پروفاقي سرڪار اُن کي قبول نه ڪيو! ۽ اُها ڪيس وفاقي عدالت ۾ ڪٽي وئي، جنهن 'نظريه ضرورت' تحت وفاقي سرڪار جي حق ۾ فيصلو ڏئي ڇڏيو![77] دراصل، بوگرا فارمولو 1954ع واري آئين لاءِ تيار ٿيندڙ هڪ آئيني مسودو هو جنهن تي عمل ڪري، مُلڪ کي آئين ڏيڻ واري ضرورت جو پورائو ڪري سگهجي ٿيو ۽ مُلڪ کي سياسي توڙِي آئيني بُحران کان بچائي سگهجي ٿيو. پر بدقسمتيءَ سان، بوگرا فارمولو کي عملي روپ ملي نه سگهيو. جو اُن کي عملي روپ ملي، اُن کان اڳ ئي گورنر جنرل آئين ساز اسيمبليءَ کي ٽوڙي، مُلڪ کي غيرجمهوري قوتن جي حوالي ڪرڻ جو بندوبست ڪري ڇڏيو. چون ٿا، ته اُهي ئي ڏاڙا هئا، جڏهن گورنر جنرل پاڻ جنرل ايوب کي اقتدار سنيالڻ جي ڪوٽ ڏني، پر جئين ته، تن ڏينهن ۾ فوج اُن حالت ۾ نه هئي، جو اُها مُلڪ جون واڳو سنيالي ها، اُن ڪري، جنرل ايوب اقتدار جون واڳون سنيالڻ کان انڪار ته ڪري ڇڏيو. پر جڏهن 1958ع ۾ فوج گهربل سگهه ۽ قوت حاصل ڪري ورتي، ته تڏهن، اُن ترت ئي، سياسي اقتدار تي قبضو ٻه ڪري ورتو![78] بهرحال، پهرين آئين ساز اسيمبليءَ کي ٽوڙڻ جا، منهنجي خيال ۾، هيٺيان ٻه وڏا مُک سبب هئا:

1. دراصل، وزيراعظم محمد علي جو 'بوگرا فارمولو' ڪنهن حد تائين پاڪستان ڪي وفاقي طرز تي هلائڻ لاءِ هڪ مُناسب آئيني فارمولو هو جو اُن ۾ هڪ تہ پارليامينٽ ڪي وفاقيت جي بہ ايواني حڪومتي سرشتي (Bicameralism) واري تصور مطابق لوئر هائوس ۽ اپر هائوس ۾ ورهايو ويو هو[79] ۽ ٻيو تہ اُنهن ٻنهي ايوانن ڪي برابريءَ وارا اختيار بہ ڏنا ويا هئا.[80] بوگرا فارمولي ۾ 'برابريءَ' واري نمائندگي تحت وڏي صوبي بنگال سان ڪو انصاف تہ نہ ٿي سگهيو هو پر اُن هوندي بہ، پنجاب کي خطرو هو تہ 'بوگرا فارمولي' تحت برابريءَ واري نمائندگي ملڻ سببان، بنگال، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جهڙن ننڍين صوبن کي پاڻ سان ملائي، Federal Legislature ۾ قطعي عددي اڪثريت حاصل ڪري وٺندو جا اڪثريت پنجابي اسٽيٽسڪو کي بنهہ ختم ڪري ڇڏيندي[81] اُنهيءَ خوف تحت گورنر جنرل غلام محمد، 14 آڪٽوبر 1954ع تي، پهرين آئين ساز اسيمبليءَ کي ٽوڙي ڇڏيو.[82]

2. ٻيو مُک سبب اِهو هو جو آئين ساز اسيمبليءَ طرفان وزيراعظم لياقت علي خان جي منظور ڪرايل ڪاري قانون پروبا (Public and Representative Discolification Act) کي رد ڪيو ويو هو.[83] جڏهن تہ 21 ڊسمبر 1954ع تي، هڪ قانون پاس ڪرائي، گورنر جنرل جي وزيراعظم کي برطرف ڪرڻ ۽ اسيمبليءَ کي ٽوڙڻ وارن اختيارن کي پڻ ختم ڪيو ويو هو[84] ۽ جئين تہ اهڙي قانون سازيءَ سببان پنجاب جي مُستقل مُفادن جي رکوالي ڪندڙ گورنرجنرل غلام محمد جي سياسي وجود لاءِ خطرو هو، اُن ڪري اهڙي صورتحال هُن کان هضم ٿيڻ اوکي هئي، ۽ اِهو ئي سبب هو جو هُن 24 آڪٽوبر 1954ع تي، پهرين آئين ساز اسيمبليءَ کي ٽوڙي ڇڏيو. جنهن سببان آئين لاءِ ٿيندڙ پيش رفت بہ ڊيڊ لاڪ جو شڪار ٿي وئي.

بهرحال، پهرين آئين ساز اسيمبليءَ کي ٽوڙڻ بعد وفاقي عدالت جي مشوري سان ٻي آئين ساز اسيمبليءَ جون چونڊون، 21 جون 1955ع تي، ڪرايون ويون.[85] "دراصل، ٿيڻ تہ ائين ڪپندو هو تہ ٻي آئين ساز اسيمبليءَ جون چونڊون، وفاقي اصولن ۽ وفاق ۾ شامل رياستن (اوپربنگال، پنجاب، سنڌ، سرحد، بلوچستان، بهاولپور رياست ۽ خيرپور رياست وغيره) ۾ برابريءَ واريءَ نمائندگيءَ تحت ڪرايون وڃن ها، تہ جئين سمورن علائقن جي گڏيل رضا مندیءَ ۽ برابريءَ واريءَ نمائندگيءَ سان هڪ گڏيل اتفاق وارو وفاقي آئين تيار ٿئي ها، پر ائين نہ ڪيو ويو ۽ اُن جي اُبتڙ برابريءَ واري اصول بدران صوبائي قانون ساز اسيمبلين جي آبادیءَ جي بُنياد تي مقرر ڪيل سيٽون مقرر ڪري، آئين ساز اسيمبليءَ جون چونڊون

ڪرايو ويون، جن ۾ اوپربنگال لاءِ 41، پنجاب لاءِ 21، سنڌ ۽ سرحد لاءِ ترتيبوار 5 ۽ 4 سيٽون رکيون ويون. بلوچستان ۽ ٻين علائقن لاءِ سيٽون مقرر ڪري، گورنر جنرل کي نامزدگيءَ لاءِ الاٽ ڪيون ٿي ويون. ظاهر آهي، ته اهڙي صورتحال ۾ آئين، اوپربنگال يا ٿوري ڪي گهٽو پنجاب جي مرضي مطابق ٺهي ٿي سگهيو ۽ ٻين صوبن يا علائقن جو راضپو صرف هٿ مٿي کڻڻ جي برابرهو. اچرج اِهو آهي، ته اُنهن چونڊن ۾ سموري هندوستان جي مسلمانن جي نمائندگي جي دعويٰ ڪندڙ مسلم ليگ، پاڪستان جي مسلمان صوبائي اسيمبلين جي ڪُل 80 سيٽن مان صرف 16 سيٽون حاصل ڪري سگهي، ۽ باقي 08 سيٽون به اُن حڪومتي ڪوٽا مان حاصل ڪيون. جڏهن ته اُنهن سيٽن مان مسلم ليگ کي سرحد ۽ بلوچستان مان هڪ به سيٽ نه ملي."[86] بهرحال، اُنهيءَ صورتحال جي قطع نظر، جئين ته، چونڊن ۾ يونائيٽيڊ فرنٽ، بنگال مان ڪاميابي حاصل ڪري ورتي هئي،[87] اُن ڪري، مرڪز ۾ مسلم ليگ ۽ يونائيٽڊ فرنٽ جي گڏيل حڪومت جوڙي وئي. اُن جو وزيراعظم چوڌري محمد علي کي بڻايو ويو.[88] جئين ته، چونڊن جي نتيجن ملڪ جي بالادست پنجابي-مهاجر مفادن کي ڇرڪائي ڇڏيو هو جو چونڊن ۾ مسلم ليگ کي وڏي ناڪامي ملي هئي؛ اُن ڪري، ملڪ اندر طاقت جي توازن ۾ تبديليءَ جا ڇِتا امڪان پيدا ٿي پيا. دراصل، اُنهيءَ امڪاني صورتحال کان حراسجي، اولهه پاڪستان مٿان 14 آڪٽوبر 1955ع تي، ون يونٽ جي تلوار لٽڪائي وئي،[89] جنهن سببان بنگال ته مغلوب نه ٿي سگهيو پر وحدانيت جي اُنهيءَ بدترين تجربي، اولهه پاڪستان جي وفاقي اِڪاين کي وفاق کان لاتعلق بڻائي ڇڏيو ۽ بداعتماديءَ جي هڪ نئين دؤر جي شروعات ٿي.

ڇا 1956ع وارو آئين وفاقي جمهوري آئين هو؟

ون يونٽ جي نفاذ ڪانپوءِ وزيراعظم چوڌري محمد علي مُلڪ کي آئين ڏيڻ واسطي پنهنجو ڪوششون جاري رکيون. هُن، ٻئي سال، 8 جنوري 1956ع ۾، هڪ اهڙو آئين تيار ڪري، آئين ساز اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيو. جنهن ۾ طاقت ۽ اختيارن جي مرڪزيت اولهه پاڪستان وٽ مرڪوز هئي. بهرحال، آئين ترت منظور ڪيو ويو.[90] برابر 1956ع وارو آئين، ڪي قدر صوبائي خودمُختياريءَ کي دوام بخشيندڙ هو. جو اُن ۾ پهريون پيرو وفاق کي صرف 30 ۽ صوبن کي 44 اِسمن جو مالڪ بڻايو ويو هو[91] پر ڏٺو وڃي ته، اُنهيءَ آئين تحت، گڏيل اختيارن جي فهرست (Concrete Legislative List) متعارف ڪرائي، اُن جي معرفت 19 واڌو

اختيارن ۾ وفاق کي مُقدم حيثيت ڏني، وفاقي اصولن جي سنگين انحرافي کئي وئي هئي. ٻيو ته، 1956ع واري آئين تحت متعارف ڪرايل گڏيل اختيارن واري فهرست (Concrete Legislative List) ۽ اُن ۾ شامل اِسمن جي قانون سازيءَ ۾ صوبن کي ته اختيار حاصل هو پر ساڳئي ئي آئين مطابق، کنهن به اِسمَ جي قانون سازيءَ جي معاملي منجهه، اختلاف ٿيڻ جي صورت ۾، حتمي اختيار وري به مرڪز/وفاق جي حوالي هو.[92] اُن ڪري، 1956ع واري آئين کي هڪ وفاقي يا جمهوري آئين سمجهڻ بلڪل غلط ٿيندو. ٻيو ته، 1956ع واري آئين ۾، ظاهري طرح سان، رياست لاءِ وفاقي نظام ته متعارف ڪرايو ويو. پرحڪومتي نمونو پارلياماني نوع وارو رکيو ويو.[93] جنهن ۾ اختيارن جي مرڪزيت صرف صدر جي ذات تائين محدود ڪئي وئي، جيڪو پارليامينٽ ۾ هر طرح سان مُختيارڪُل هو. جو صدر نه رڳو اسيمبليءَ جي پاس ڪيل ڪنهن به قانون کي ويٽو ڪرڻ جو اختيار رکيو ٿي،[94] پر هُو آئين تحت، قومي اسيمبليءَ جي اجلاس گهرائڻ، ملتوي ڪرڻ يا مورڳو اُن کي ٽوڙي ڇڏڻ جو به مجاز هوا[95] جڏهن ته، صدر مالي بلن توڙي قومي اسيمبليءَ ۾ منظور ڪرايل ڪنهن به بِل کي نامنظور ڪرڻ جو پڻ اختيار رکيو ٿي. البت، قومي اسيمبلي، ۾ پاڳي ٿي جي اڪثريت سان، صدر جي فيصلي کي رد ڪري ٿي سگهي. جيئن ته، اُها ۾ پاڳي ٿي واري اڪثريت، قومي اسيمبليءَ لاءِ ڪنهن به طرح سان مُمڪن نه ٿي بڻجي سگهي؛ اُن ڪري، 1956ع واري آئين تحت، صرف صدر جي ذات ئي سگهاري هئي. آئين مطابق، صورتحال اِها هئي، جو فيڊرل ڪورٽ ۽ فيڊرل پبلڪ سروس سان لاڳاپيل بل وغيره به صدر جي مرضيءَ کان سواءِ اسيمبليءَ ۾ آڻڻ مُمڪن نه هئا؛ صدر آرڊيننس به جاري ڪري ٿي سگهيو. هُو هنگامي صورتحال دؤران، سمورن انتظامي اختيارن کي استعمال ڪرڻ سميت بنيادي انساني حقن کي به معطل ڪري ٿي سگهيو.[96] دراصل، 1956ع واري آئين تحت، صدر کي ڏنل اهڙا اختيار نه جمهوري هئا، ۽ نه وفاقي اصولن مطابق هئا. ٻيو ته، 1956ع واري آئين ۾ اُن ڪري به، صدر کي جائز ۽ ناجائز اختيارن جو مالڪ بڻائي، طاقت جي مرڪزيت سندس حوالي ڪئي وئي، جو آئين هڪ اهڙي ماڻهوءَ ناهيو هو جنهن کي خود صدر ئي وزيراعظم جي ڪُرسيءَ لاءِ نامزد ڪيو هو. اُنهيءَ احسان جو بار لاهڻ لاءِ وزيراعظم چوڌري محمد علي، 1956ع واري آئين تحت، مُلڪ ۾ سمورن اختيارن جي مرڪزيت صدر جي ذات وٽ مرڪوز ڪري ٿي ڇڏي. ستم ظريفي اِها آهي، ته آئين سازيءَ واري عمل ۾ صدر کي خوش ڪرڻ واري سوچ کي ته اوليت ڏني وئي، پر وفاق ۾ شامل وفاقي اِڪاين جي اتحاد (Unity)، سندن خودمُختياري ۽ وفاق کي جمهوري وفاق بڻائڻ

واري سوچ کي کا بہ اوليت نہ ڏني وئي، ۽ هڪ اهڙو آئين ڏنو ويو جنهن مُلڪ ۾ پنجابي-مُهاجر بالادستيءَ کي سيڪ-طرفي تقويت پهچائي ٿي، جنهن سان وفاق ته مضبوط نہ ٿيو پر اڌلندو حالتون ايتريون ته تڪراري بڻجي ويون، جو مورڳو مُلڪ ايوبي آمريت جي نذر ٿي ويو جنهن سببان، وفاقي اِڪاين جو گڏ رهڻ بہ هڪ وڏو سوال بڻجي ويو. ٻيو ته، وفاقيت جي بنيادي اصولن تحت، ڪنهن بہ ملڪ جو وفاق ٻہ ايواني سرشتي (Bicameralism) تي ٻڌل هوندو آهي، پر 1956ع واري آئين تحت، پاڪستان لاءِ هڪ اهڙي انوکي وفاق جو بُنياد رکيو ويو جيڪو صرف هڪ ايواني سرشتي (Unicameralism) تحت، صدر ۽ قومي اسيمبليءَ تي ٻڌل هو[97] جنهن ۾ اپر هائوس(سينيٽ) جو ڪوبہ تصور نہ هو.[98] اُن حوالي سان اُهو ٻڌايو ويو ته جئين ته، قومي اسيمبليءَ ۾ برابريءَ واري اصول تحت، مُلڪ جي ٻنهي، اولهہ ۽ اوير وارن حصن کي 155 سيٽون ڏنيون ويون آهن؛ اُن ڪري، اپرهائوس(سينيٽ) جي کا بہ ضرورت ناهي. اهڙو مؤقف بلڪل غلط هو. چاڪاڻ ته، اولهہ پاڪستان هڪ صوبو نہ، پر گهڻن صوبن(پنجاب، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان)تي ٻڌل هڪ گڏيل صوبو هو جنهن کي ون يونٽ ذريعي هٿرادو نموني هڪ صوبي جو درجو ڏنو ويو هو. اهڙيءَ صورت ۾، اوپرپاڪستان (بنگال)لاءِ نام نهاد برابريءَ واري ڳالهہ ڪرڻ ۽ اُن تحت اختيارن جي ورهاست ڪرڻ، دراصل، ڦرلٽ ۽ ڦڪيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو ۽ جئين ته، اهڙي ڦڪي ۽ ڦرلٽ کي، 1956ع واري آئين تحت، سڄي مُلڪ مٿان مسلط ڪيو ويو هو. اُن ڪري، انهيءَ آئين کي هڪ جمهوري وفاقي آئين سمجهڻ بلڪل غلط ٿيندو.

1956ع واري آئين جي آرٽيڪل 129 تحت، جيڪڏهن وفاق ۽ صوبن ۾ تڪرار پيدا ٿئي ٿو ته ان جو فيصلو سپريم ڪورٽ کي ڪرڻو هو[99] پر ڏنو وڃي ته، جنهن آئين تحت وفاق جو ڍانچو ئي غيرمتوازن هو، جنهن ۾ اختيارن جي مرڪزيت صدر جي ذات وٽ مرڪوز هئي، جنهن ۾ وفاق جمهوري نہ، پر وحداني وفاق بڻجي ويو هو. اُن ڪري، اهڙي وحداني وفاق جي ڍانچي اندر وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ٽينڊڙ ڪنهن بہ تڪرار۾ سپريم ڪورٽ جو ڪردار ڪيترو غيرجانبدار ٿي پئي سگهيو اُن کي سمجهڻ کا اوکي ڳالهہ ناهي. جيتوڻيڪ 1956ع وارو آئين، 23 مارچ 1956ع تي، آئين ساز اسيمبليءَ مان حتمي منظوري حاصل ڪري عمل هيٺ آيو. ائين، اُهو تاثر ڏنو ويو ته عوام کي پاڪستان ٺهڻ واري ڏهاڙي تي آئين جو تحفو ڏنو ويو آهي، پر ڏنو وڃي، ته اُهو آئين، پاڪستان جي تصور سان ڪنهن بہ طرح، ٺهڪندڙ نہ هو. 23 مارچ 1940ع تي، جا مشهور لاهور واري قرارداد پاس ڪرائي وئي هئي، (جنهن کي بعد ۾ مسلم ليگ پاڪستان ٺاهڻ جي قرارداد قرار

ڏئي چڏيو هو) اُن ۾ پاڪستان ۽ اُن جي وَفاقَ جي باري ۾ اصل تصور محدود مرڪز ۽ بااختيار صوبن وارو هو جنهن ۾ طاقت جي مرڪزيت کي رد ڪري، وفاق ۾ شامل ٽيندڙ رياستن کي آزادي (Sovereignty)، ۽ خودمُختياريءَ (Autonomousy) جي آئيني ضمانت ڏني وئي هئي. اُنهيءَ تصور تحت، جناح پاڻ پاڪستان جي وفاق ۾شامل ٽيندڙ صوبن ۽ رياستن سان، 1945ع کان وٺي، هڪ اهڙي پاڪستان ناهڻ جا واعدا ڪندو ٿي رهيو، جنهن جي وفاق جي اڏاوت، قومي برابري، اقليتن جي تحفظ، آئين جي بالادستي، اختيارن جي متوازن ورهاست، وفاقي آئين مطابق ٽيٽي هئي؛[100] البت، 23 مارچ 1956ع تي، جو آئين ڏنو ويو، سو ڪنهن به طرح سان، قومن جي جمهوري برابري، انصاف، اختيارن جي متوازن ورهاست، اقليتي حقن جي تحفظ، جمهوريت ۽ وفاقيت جي ڪنهن به بُنيادي اصول يا تصور سان نمڪندڙ نہ، پر اختيارن جي ناجائز مرڪزيت تي ٻڌل هڪ اهڙو وحداني آئين هو، جنهن هڪ طرف، ملڪ ۾ وحداني وفاقيت کي سگهارو ٿي ڪيو، تہ ٻئي طرف، پنجابي-مُهاجر مُفادن جي ناجائز بالادستيءَ کي آئيني تحفظ فراهم ٿي ڪيو! بهرحال، ائين، پاڪستان ۾، نون سالن جي عرصي ڪانپوءِ، 1956ع ۾ آئين مليو. جڏهن تہ، رڪارڊ جي ڳالهہ اِها به آهي، تہ هندوستان 1949ع ۾، پنهنجو آئين ناهي، ترقيءَ جي رستي تي گامزن ٿي چڪو هو. سوال آهي، تہ پاڪستان ۾، آئين سازيءَ جي حوالي سان ايتري دير ڇو ڪئي وئي؟ اُن جو ڪارڻ ڪهڙو هو؟ دراصل، پاڪستان ۾ آئين سازي واري عمل کي ڄاڻي ٻُجهي التوا جي نذر ڪيو ويو، جو چوڻ وارا چون ٿا، تہ جيڪڏهن مُلڪ ۾ ترت ئي آئين نهي تيار ٿئي ها، تہ چوندون ڪرائڻ لازمي بڻجيو پون ها، ۽ جئين تہ، مُلڪ نهڻ ڪانپوءِ، مسلم ليگ جي ڪمزور سياسي حيثيت پڏري ٿي چڪي هئي. ٻيو تہ، اڪيچار تڪراري فيصلن سببان، اُن جي ساک به، عوام ۾ تيزيءَ سان ختم ٿيندي پئي وئي؛ اُن ڪري، اُن صورتحال مان رياست تي قابض قوتن سمجهيو ٿي، تہ جيڪڏهن ترت مُلڪ ۾ آئين آندو ويو ۽ اُن مطابق چوندون ٿيون، تہ سندن رياست تي قائم استحيٰتسڪو ختم ٿي ويندو. دراصل، اُنهيءَ سوچ ۽ ذهنيت سببان مُلڪ کي ترت آئين نہ ڏنو ويو ۽ اُن لاءِ لڳ ڀڳ 9 سال نام نهاد ناٽڪن ۾ ضايع ڪيا ويا! 1956ع وارو جيڪو انڊو مُنڊيو آئين ڏنو به ويو سو به ڪجهہ سالن ڪانپوءِ مارشل لا مُڙهي معطل ڪيو ويو. ائين، نہ رڳو مُلڪ لاءِ آئيني عدم استحڪام واري صورتحال جئين جو تئين برقرار رهي، پر اُنهيءَ صورتحال، مُلڪ ۾ سياسي ڏڦيڙ واري ماحول کي پڻ پروان چاڙهي چڏيو، جنهن سببان، مُلڪ مٿان بُحران جو گهڙيال لاڇيتو ٽِڪ ٽِڪ ڪندو رهيو.

1962ع وارو آئين، وفاقيت ۽ مسئلا

جيتوڻيڪ 1956ع واري آئين جي نفاذ بعد ترت مُلڪ ۾ چونڊن ڪرائڻ جو اعلان ڪيو ويو پر اُن تي عمل نہ ٿي سگھيو[101] جنھن سببان آئين جي موجودگي جي باوجود مُلڪ لاءِ سياسي استحڪام سوال بڻيل رھيو.[102] ھاڻ، مسلم ليگ جي به ساک اُھا نہ رھي ھئي، جا ساک سندس مُلڪ نھڻ وقت يا اُن کان اڳ ھئي. مسلم ليگ مُلڪ ۽ اُن جي وفاق ۾ شامل آئيني اِڪاين جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ ناڪام وئي ھئي! ۽ اُھا صرف ھاڻ نالي جي پارٽي رھي ھئي![103] 1954ع واري چونڊن ۾، مسلم ليگ، مُلڪ جي اھم حصي، جنھن جو مُلڪ ٺاھڻ ۾ بُنيادي ڪردار ھو اوپر پاڪستان ۾ پنھنجو سياسي وجود وڃائي ويٺي ھئي. جڏھن ته، ھڪ سال کانپوءِ 1955ع ۾ ون يونٽ واري وحداني تجربي سببان اُھا اولھ پاڪستان ۾ به بنھ ڪمزور پوزيشن تي ھلي وئي، جو ون يونٽ بعد اولھ پاڪستان جي ننڍين صوبن، خاص طور سنڌ، احتجاجي تحريڪ شروع ڪري ڇڏي ھئي، جنھن اُولھ پاڪستان ۾ عدم استحڪام واري صورتحال پيدا ڪري ڇڏي ھئي. ۽ مسلم ليگ جي ساک کي ڪاپاري ڏڪ ھنيو ھو. اِھو ئي سبب ھو جو ھاڻ اولھ پاڪستان ۾ مسلم ليگ بدران ريپبلڪن پارٽي اڳتي اچي چڪي ھئي. ۽ ڈاڪٽر خان صاحب جي اڳواڻيءَ ۾ اولھ پاڪستان جي صوبائي حڪومت ناھي وئي ھئي.[104]

اصل ۾، مُلڪ کي آئين ملڻ بعد چونڊون ڪرائي، مُلڪ جي بگڙيل حالتن کي سُڌاري سگھجي ٿيو پر جئين ته، چونڊن ٽيڻ سان مُلڪ اندر طاقت جو توازن بنگال جي حق ۾ تبديل ٽيڻ جو خطرو ھو. اُن ڪري، جاڻي ٻُجھي چونڊن ڪرائڻ ڪاب نٽ نٽاءُ ڪيو ويو. تان جو جڏھن صدر اسڪندر مرزا تي چونڊن ڪرائڻ ۽ اولھ پاڪستان مان ون يونٽ ختم ڪرڻ لاءِ دٻاءُ وڌندو ويو ته ھُن، مورڳو 8 آڪٽوبر 1958ع تي، اسيمبلي ٽوڙي، مُلڪ ۾ مارشل لا لڳائي ڇڏي.[105] ھُن، جنرل ايوب خان کي مارشل لا ايڈمنسٽريٽر مقرر ڪيو. آئين معطل ڪيائين، ۽ وزيراعظم محمد علي چوڌريءَ کي ھٽائي ڇڏيائين![106] بدقسمتيءَ ته ڏسو ته جنھن صدر اسڪندر مرزا، جنرل ايوب خان کي چيف مارشل لا ايڈمنسٽريٽر بڻايو. اُنھيءَ ايوب خان، ٻيڪ اٽويھن ڏينھن بعد، 27 آڪٽوبر تي، صدر اسڪندر مرزا کي صدارتي عھدي تان برطرف ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ مُلڪ جو صدر بڻجي ويٺي رھيو![107] ائين، مُلڪ ۾ فوجي آمريت جي ھڪ ڊگھي دؤر جي شروعات ٿي. جنرل ايوب، اقتدار جون واڳون سنياليندي، سياستدانن کي سيکٽ ڏيڻ جو منصوبو جوڙي ورتو. 'ايبڊو' جي نالي سان ھڪ ڪارو قانون پاس ڪرايائين. عوام جي ھمدردي

حاصل ڪرڻ لاءِ نام نهاد بنيادي جمهوري تن جو ڊرامو ب رچايائين. جيتوڻيڪ بنيادي جمهوري تن جي ناليتي عوام کي فائدي ڏيڻ جو راڳ الاپيو ويو[108] پر پاڪستان جي سياسي تاريخ جي هڪ برطانوي ماهرجناب آئين تالبوٽ چواٽي: "دراصل، اُها اسڪيم ڪُونٽي طاقت کي ڪُونٽن ۾ مرڪز بٽائڻ لاءِ استعمال هيٺ آندي وئي هئي، ته جئين، حڪومت کي ڪُونٽن علائقن مان حامين جو هڪ نئون طبقو دستياب ٿي سگهي."[109]

بهرحال، سياستدانن کي سيکت ڏئي، آمريتي بُنيادن کي مضبوط ڪرڻ ڪانپوءِ آئين جي تياري ڪئي وئي. اُن ڏس ۾ 17 فيبروري 1960ع تي چيف جسٽس شهاب الدين جي سربراهي ۾ آئيني ڪميشن جوڙيو ويو.[110] ڪميشن کي اُها ذميواري ڏني وئي، ته اُهو سپ کان پهريان اُن ڳالهه جو پتو لڳائي، ته مُلڪ ۾ پارليماني نظام ڇو ناڪام بڻيو آهي، ۽ مُلڪ جي استحڪام لاءِ ڪهڙا آئيني، سياسي ۽ قانوني اپاءَ ورتا وڃن.[111] آئيني ڪميشن ۽ اُن جي ميمبرن مُلڪ جي ٻنهي اولهه ۽ اوپر وارن حصن جي سياستدانن، عوامي اڳواڻن ۽ قانوني ماهرن سان ملاقاتون ڪيون، ۽ سندن خيالن کان واقفيت وٺي. (1) چونڊون نه ڪرائڻ، (2) وفاق جي صوبن ۾ اجائي مداخلت (3) قابل قيادت جي ڪوٽ ۽ (4) بيورو ڪريسي وٽ اختيارن جي مرڪزيت وارا چار بنيادي سبب، پارليماني نظام ۽ مُلڪ جي عدم استحڪام لاءِ ٻڌايا.[112] اصل ۾ اُهي چار نقطا، مُلڪي عدم استحڪام، وفاق جي بُحراني صورتحال، پارليماني نظام جي ناڪامي، صوبن سان ناانصافي، بنگال سان غيرمنصفاٽي هلت ۽ اُن خلاف بنگال جي قومي جدوجهد شروع ٿيڻ جي حوالي سان بنيادي نه پر غيربنيادي هئا. اُن سموري بُحران واري صورتحال جو بنيادي ڪارڻ هڪ حقيقي وفاقي آئين جي اڻ هوند وارو هو. اِهو ئي سبب هو جو نه رڳو مُلڪ ٺهڻ جي شروع وارن ڏهاڻن کان وٺي وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ اڪيچار معاملن تي اڪيچار تڪرار ڪڙا ٿيندا رهيا، پر اُنهن تڪرارن بُحراني صورتحال کي به جنم ڏنو ۽ مُلڪ ۾ فوجي آمريتن جا به بنياد پوڻ لڳا. بهرحال، آئيني ڪميشن 6 مئي 1961ع تي، پنهنجون سُفارشون جنرل ايوب جي حوالي ڪري ڇڏيون،[113] جن ۾ تجويزون ڏنيون ويون، ته مُلڪ لاءِ هڪ اهڙو وفاقي حڪومتي نظام اڏيو وڃي، جيڪو صدارتي نوع جو هجي، ۽ جنهن ۾ سمورا اختيار صدر جي ذات وٽ مرڪوز هجن. صدر کي قانون جي نفاذ، گورنر، چيف اليڪشن ڪمشنر، آڊيٽر جنرل، سپريم ۽ هاءِ ڪورٽ جي ججن توڙي سروس ڪميشن جي ميمبر ۽ چئيرمين وغيره جي مقرريءَ جا به اختيار حاصل هجن.[114] جڏهن ته اِهو به چيو ته وفاق ۽ صوبن جي اختيارن جي ورهاست لاءِ، 1956ع واري آئين ۾ متعارف ڪرايل

تن فهرستن کي جئين جو تئين برقرار رکيو ويڃي.[115] برابر اِهي تجويزون مُلڪ ۾ حقيقي وفاقي نظام جي اطلاق بابت نه هيون، پر اُن هوندي به، جنرل ايوب خان اُنهن تجويزن تي عمل ڪرڻ ۽ آئين جي تياري ڪرائڻ بدران تجويزن کي پنهنجن مخصوص ماڻهن تي ٻڌل ڪميٽيءَ جي حوالي ڪري ڇڏيو. جنهن ڇهن مهينن ڪانپوءِ آئين جو من پسند خاڪو تيار ڪري، جنرل ايوب جي حوالي ڪيو. هُن، پهرين مارچ 1962ع تي انهيءَ آئين جي نفاذ جو اعلان ڪري ڇڏيو.[116]

1962ع وارو آئين به، دراصل، مذهبي سوچ تي ٻڌل آئين هو. اسان وٽ، شروع کان وٺي مختلف آئيني دستاويزن جي تياري اُن ڪري به، مذهبي بنيادن تي ٿيندي رهي آهي، جو اسان وٽ، اسان جي مُلڪ(پاڪستان) جي بُنياد ۽ قيام بابت نهايت ئي غلط ۽ مفروضاتي تصور رهيو آهي، جنهن تحت ائين سمجهيو ويندو آهي، ته جئين ته، پاڪستان 'اسلام' ۽ 'مذهب' جي بنياد تي ٺهيو آهي؛ اُن ڪري، اُن جو آئين به مذهبي نوع جو هجڻ گهرجي. اِها ئي، دراصل، اسان جي حڪمران طبقي جي غلط ۽ ڪوڙو سوچ رهي آهي، جنهن سببان، اسان وٽ، قرارداد مقاصد کان وٺي، 1956ع واري آئين تائين، ۽ 1962ع واري جنرل ايوب خان جي آئين کان وٺي 1973ع واري ذوالفقار علي ڀُٽي جي آئين تائين، مُلڪ لاءِ ٺهيل سمورا آئين هڪ مذهبي رياست جي نمائندگي ڪن ٿا. اُهي جمهوري ۽ وفاقي نوع جا هرگز نه آهن. بهرحال، 1962ع واري آئين ۾، جتي قرارداد مقاصد کي آئين جو حصو بڻايو ويو، اُتي وري اُن ۾ اڪيچار مذهبي شِقون (Provision) به شامل ڪيون ويون؛[117] مثال طور: شروع ۾ مُلڪ جو نالو صرف 'جمهوري پاڪستان' هو، پر بعد ۾، 1962ع جي آئين تحت، اُن ۾ تبديلي آڻي، اُن جو نالو اسلامي جمهوري پاڪستان رکيو ويو. جڏهن ته، 'اسلامي تحقيقاتي انسٽيٽيوٽ' قائم ڪرڻ سان گڏ 'اسلامي مشاورتي ڪائونسل' جو قيام به عمل هيٺ آندو ويو.[118] 1962ع وارو آئين، 1956ع واري آئين کان به وڌيڪ اختيارن جي ناجائز مرڪزيت تي ٻڌل آئين هو.[119] جيتوڻيڪ 1956ع واري آئين ۾، وفاق ۽ صوبن جي اختيارن جي ورهاست ڪندي، اختيارن جون ٽي فهرستون ڏني، ڪي قدر صوبن کي خودمُختياري ڏني وئي هئي، پر 1962ع واري آئين ۾، صرف هڪڙي، وفاق جي اختيارن جي فهرست متعارف ڪرائي، اختيارن جي مرڪزيت سڏو سنئون مرڪز جي حوالي ڪري، مُلڪ ۾ پنجابي-مُهاجر اسٽيٽسڪو کي سپ-طرفي تقويت ڏيڻ جو مڪمل آئيني بندوبست ڪيو ويو. ۽ ٻيا جيڪي اختيار صوبن جي حوالي ڪيا ويا، تن ۾ به، قانون سازيءَ جي حوالي سان صوبن کي نه، پر قومي اسيمبليءَ کي مقدم حيثيت ڏني وئي.[120] ائين، قومي اسيمبلي، صوبن جي اختيارن ۾ شامل، ڪنهن به اِسم تي، قانون سازي ڪري سگهي ٿي. ستم ظريفي اِها

هئي، جو آئين مطابق، اُن کي ڪٽي ۽ چيلنج ڪرڻ ممڪن نہ هو! ائين ڇو تہ، وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ اختيارن جي ورهاست جي تشريح جو اختيار عدليا کي ڏيڻ بدران قومي اسيمبليءَ کي تہ ڏنو ويو، پر اُها ڳالھ وفاقيت جي بنيادي اصولن جي بلڪل اُبتڙ هئي.[121] ٻيو تہ، 1962ع وارو آئين ۽ 1956ع واري آئين وانگر ھڪ ايواني حڪومتي نظام تي ٻڌل هو جنهن ۾ صرف قومي اسيمبليءَ (۽ صدر)کي مُقدم حيثيت مليل هئي، جئين اُن چاهيو تئين قانون سازي ٿي پئي سگھي! ڪير ۽ اُن کي چُنوتي ڏيڻ وارو نہ هو. آئين مطابق، سينيٽ جو ڪو وجود ئي نہ هو. وفاق صرف قومي اسمبلي ۽ صدر تي ٻڌل هجڻ ڪري، ھڪ اهڙي وحداني وفاق (Unitary Federation) جي صورت ۾ هو، جنهن ۾ وفاقي اِڪائين جي حقن ۽ مُفادن جو آئيني تحفظ ڪنهن ۽ طرح سان، مُمڪن نہ هو. اُن ڪري، مان پانيان ٿو تہ 1962ع واري آئين کي ھڪ وفاقي آئين سمجھڻ بلڪل غلط ٿيندو. اِن حوالي سان، وفاقيت جو ھڪ ماهر جناب ساجد نصير (Sajjad Naseer) پنهنجي تحقيقي ڪتاب Federalism and Constitutional Development in Pakistan ۾ لکي ٿو:

The 1962 Constitution excluded the Provincial list of subjects and mentioned the Central List of 49 items and a Concurrent List. It created a powerful centre with concentration of power in the office of the President and an impotent unicameral legislature. The Provincial Governments were headed by the Governors, who as nominees of the President also enjoyed enormous powers. A lip service was paid to federalism but in reality a more powerful and centralized system was put in place."[122]

ترجمو: "1962ع واري آئين مان صوبائي اِسمن جي فهرست کي خارج ڪيو ويو ۽ 49 اسمن تي ٻڌل مرڪز جي اختيارن سان گڏ گڏيل اختيارن جي فهرست ڏني وئي. اُنهيءَ آئين تحت مضبوط مرڪز پيدا ٿيو ۽ ھڪ بيڪار ھڪ ايواني نظام سان اختيارن جي مرڪزيت صدر وٽ آندي وئي. صوبائي حڪومتن کي گورنرن جي ماتحت ڪيو ويو. جنهن کي صدر نامزد ڪيو ٿي، ۽ جنهن وڌن اختيارن کي انجواء ڪيو ٿي. ائين، وفاقيت لاءِ زباني خدمت تہ سرانجام ڏني وئي، پر حقيقت ۾، ھڪ وڏو مرڪزيت تي ٻڌل نظام آندو ويو هو."

جناب ساجد نصير جو تجزيو بلڪل درست آهي. جيتوڻيڪ 1962ع واري آئين جي آرٽيڪل 09 تحت، مُلڪ لاءِ صدارتي حڪومتي نظام مُتعارف ڪرايو ويو[123] جيڪو دراصل، 'وفاقيت جو حقيقي عڪاس هوندو آهي،'[124] پر جئين تہ، اُهو سڄو آئين ھڪ فوجي آمر پاران تيار ڪرايل هو جيڪو بعد ۾ غيرجمهوري طريقي سان مُلڪ جو صدر ۽ بڻجي ويو هو. اُن ڪري، 1962ع واري آئين تحت صدر جي ذات وٽ اختيارن جي اهڙي تہ مرڪزيت مرڪوز ڪئي

وئي، جو اُهو ئي هرطرح جو مُختيارڪُل بڻجي ٿي ويو! مثال طور: صدر جي اختيارن جو عالم اِهو هو جو صدر نہ رڳو قومي اسيمبليءَ جي قانونن کي رد (Veto) ڪري ٿي سگهيو، پر قومي اسيمبليءَ کي ٽوڙي به سگهيو ٿي![125] جڏهن ته، صدر طرفان نامزد ڪيل وزير به قومي اسيمبليءَ جي آڏو جوابده نہ هئا، نہ ڪو وري ڪين قومي اسيمبليءَ جي ووٽن سان هٽائي سگهجي ٿيو.[126] 1956ع واري آئين تحت، صدر، وزيراعظم ۽ ڪابينا جي مشوري جو پابند هو.[127] پر 1962ع واري آئين تحت مليل اختيارن مطابق صدر ڪنهن جي به مشوري جو پابند نہ هو.[128] دراصل، 1962ع واري آئين تحت، صدر جي ذات کي لامحدود اختيار ڏنا ويا هئا؛ هُو صوبن جي گورنرن، وفاقي وزيرن، ملٽري عملدارن، سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽن جي ججن، آڊيٽرجنرل، اليڪشن ڪمشنر، وفاقي پبلڪ سروس ڪميشن، اسلامي نظرياتي ڪائونسل، اين ايف سي ايوارڊ ۽ قومي مالياتي ڪائونسل جي عملدارن کي مُقرر به ڪري ٿي سگهيو.[129] اِئين، 1962ع واري آئين تحت صدر کي لامحدود اختيار ڏنا ٿي ويا، جن کي ڏسي، ائين چئي سگهجي ٿو ته 1962ع وارو آئين صرف صدر جي ذات لاءِ هو. دراصل، اُنهيءَ اختيارن جي لامحدوديت جي ڪري، 1962ع واري آئين لاءِ اِهو به چيو ويندو آهي، ته اُهو آئين 'هڪ آمر پاران، آمر لاءِ ۽ آمر جو آئين هو.'[130]

ٻيو ته، 1962ع واري آئين تحت، مُلڪ لاءِ اختيار ڪيل صدارتي نظام آمريڪي صدارتي نظام جي به اُبتڙ هو. چاڪاڻ ته، آمريڪي وفاقي آئين تحت، صدر کان مواخذي ذريعي پُڇاڻو ڪري سگهجي ٻيو ۽ اڳي يا پوءِ ڪيس صدارتي عهدي تان هٽائي به سگهجي ٻيو.[131] پر پاڪستان ۾، 1962ع واري آئين تحت، صدر جو نہ مواخذو ڪري، ڪائنس ڪنهن به قومي معاملي جي حوالي سان گهربل پُڇاڻو ڪري سگهجي ٻيو ۽ نہ ڪيس هٽائي ٻيو سگهجي. جڏهن ته، آمريڪي آئين مطابق، آمريڪي صدر ڪانگريس کي به ٽوڙي ناهي سگهندو.[132] اُن جي اُبتڙ اسان جي مُلڪ ۾، 1962ع واري آئين تحت، صدر جي ذات آئيني طرح سان مختيارڪُل هئي، جيئن صدر چاهي، تئين ڪري ٿي سگهيو. ڪيس ڪير به چوڻ ۽ پُڇڻ وارو نہ هو! اِهو ئي سبب آهي، جو قومي اسيمبليءَ تي ٻڌل جيڪو هڪ ايواني نظام متعارف ڪرايو ويو اُن لاءِ جناب ساجد نصير Impotent unicameral legislature (نِپوسڪُ هڪ ايواني نظام) جهڙو اصطلاح استعمال ڪيو آهي.[133] جيڪو ڪنهن به طرح سان غلط ناهي. 1962ع واري آئين تحت، عدالتن کي عدالتي نظرثاني واري اختيار کان به محروم رکيو ويو.[134] جا ڳالهه پڙ وفاقي اصولن جي پيڪڙي هئي؛ چاڪاڻ ته،

ڪنهن به وفاقي نظام ۾ وفاقي آئين تحت، عدليا کي نه رڳو آئين جي تشريح جو حق حاصل هوندو آهي، پر عدالتن کي عدالتي نظرثاني (Judicial Review) جو به اختيار حاصل هجي ٿو.[135] عدليا کي اُن حق کان محروم رکڻ، وفاق کي وحدانيت جي رنگ ۾ رنگڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه ٿو هجي، ۽ جئين ته، 1962ع واري آئين عدليا کان عدالتي نظرثانيءَ جو اختيار کسي، اُن کي وفاق وٽ مرڪوز ڪري، وفاق کي وحداني صورت ۾ آڻي ڇڏيو هو. اُن ڪري، 1962ع وارو آئين، مرڪزيت پسند وحداني آئين کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو. جنهن صرف ۽ صرف وفاق تي قابض قوتن جي ناجائز مُفادن ۽ سندن استيٽسڪو کي سگهه ڏني ٿي. بهرحال، 1962ع وارو وحداني آئين به، جئين ته، پاڪستان جهڙي گهڻ-قومي وفاقي مُلڪ ۽ اُن جي وفاقي معاشري (Pluralistic Society) ۾ رياست جي بُحران ۽ قومي سوال کي نبيرڻ ۾ ناڪام رهيو. اُن ڪري، مُلڪ اندر قومي تڪرار وڌيڪ پيچيدو ٿيندو ويو. بنگالين پنهنجي حقن لاءِ جدوجهد تيز ڪري ڇڏي. جڏهن ته، اولهه پاڪستان جا ننڍا صوبا، خاص طور تي، سنڌ، ون يونٽ خلاف ميدان ۾ نڪري آئي هئي. مُلڪ ۾ ون يونٽ ٽوڙي چوندڙون ڪرائڻ ۽ نئين آئين ڏيڻ جا مطالبا علي الاعلان ٿيندا رهيا. اوپرپاڪستان (بنگال) جو زور هو ته مُلڪ کي 1940ع واري لاهور ٺهراءَ مطابق حقيقي وفاقي آئين ڏنو وڃي، جنهن مطابق، هڪ اهڙو حقيقي وفاقي نظام آندو وڃي، جيڪو اختيارن جي ناجائز مرڪزيت بدران اختيارن جي عدم مرڪزيت تي ٻڌل هجي، جنهن ۾ ڪنهن مخصوص صوبي جو استيٽسڪو نه هجي؛ ڪو به قبضو نه هجي؛ قومن کي خودمختياري هجي. اُن حوالي سان، اوپر پاڪستان جي نمائنده جماعت، عوامي ليگ، 1966ع ۾، مشهور ڇهه نقاطي پروگرام به پڌرو ڪيو.[136] اِئين، هڪ طرف، ايوب خان جي دؤر ۾ حالتون سياسي ابتريءَ جي نذر رهيون، ته وري ٻئي طرف، ڪشمير کي حاصل ڪرڻ لاءِ آپريشن جبرالٽر کي شديد ناڪاميءَ جو به مُنهن ڏسڻو پيو.[137] هندوستان سان خطرناڪ جنگ شروع ٿي وئي. اُنهيءَ سموري داخلي ۽ خارجي صورتحال جنرل ايوب خان جي اقتدار ۾ مستقل طور تي رهڻ واري ڳالهه کي اوکو بڻائي ڇڏيو.[138] تان جو اندروني طور تي حالتون اُن پَدَ تي وڃي پهتيون، جو 25 مارچ 1969ع تي جنرل ايوب کي استيعفيٰ ڏئي، پنهنجي ناهيل 1962ع واري آئين کي پاڻ معطل ڪري، اقتدار جنرل يحيٰ خان جي حوالي ڪرڻو پيو.[139] اِن وچ ۾، 1963ع ۾ ايوبي ڪابينا ۾ پرڏيهي وزير طور شامل ٿيندڙ سنڌ-جائو ذوالفقار علي ڀُٽو، 1965ع واري جنگ ۽ اُن سان لاڳاپيل معاملن تي اختلاف ڪري، حڪومت کان ڌار ٿي ڇڪو هو.[140] هُن، نئين پارٽي

'پاڪستان پيپلزپارٽي' ناهي هئي، ۽ جنرل ايوب خان خلاف هلندڙ تحريڪ جي اڳواڻي شروع ڪري ڏني هئي. اُن وچ ۾ پُٽي کي گرفتار ۽ ڪيو ويو. پر ايوب خلاف عوامي تحريڪ جاري رهي، تان جو ڪيس 25 مارچ 1969ع تي استيعفيٰ ۽ ڏيڻي پئي.

جنرل يحيٰ خان جو آئيني فارمولو

دراصل، ملڪ جو بنيادي مسئلو آئين سازيءَ جو هو جنهن لاءِ 1949ع کان وٺي عملي ڪوششون ٿ ٿيندیون رهيون، پر اُهي ڪوششون نتيجاخيز ثابت نه ٿي سگهيون، جنهن سببان، نه رڳو ملڪ ۾ هڪ حقيقي وفاقي آئين جي تياري وارو سوال اڻ نبريل رهيو پر وفاقي آئين جي اڻ هوند سببان، رياست لاءِ ۽ عدم استحڪام واري صورتحال جئين جو تئين برقرار رهي. بهرحال، جنرل يحيٰ اقتدار جون واڳون سنياليندي، مُلڪ ۾ چوندڙون ڪرائڻ ۽ آئين ناهڻ جو اعلان ڪيو.[141] هُن، 30 مارچ 1970ع تي، ليگل فريم ورڪ آرڊر ذريعي مستقبل جي آئين جا بنيادي اصول ۽ پڌرا ڪيا. ليگل فريم ورڪ آرڊر مطابق، مُلڪ جي قومي اسيمبلي 313 ميمبرن تي ٻڌل هوندي، جنهن ۾ اوپرپاڪستان جون 162، پنجاب جون 82، سنڌ جون 27، بلوچستان جون 04، سرحدصوبي جون 18، قبائلي علائقن جون 07 سيٽون هونديون.[142] مُلڪ جو آئين وفاقي نوع جو هوندو. سمورا اختيار وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ ورهايا ويندا. عدليا آزاد ۽ خودمُختيار هوندي. ون يونٽ ختم ڪري، صوبن کي مڪمل خودمُختياري ڏني ويندي. مُلڪ جو سربراهه مسلمان هوندو. قومي اسيمبليءَ ۾ صوبن جي نمائندگي، سندن آبادييءَ جي حساب سان هوندي.[143] اِها ڳالهه ۽ پڌري ڪئي وئي، ته قومي اسيمبلي آئين ساز اسيمبلي هوندي. جيڪڏهن اُن صدر(يحيٰ خان) جي ليگل فريم ورڪ آرڊر جي خلاف آئين ناهيو ته اُن کي ٽوڙيو ويندو ۽ اُن کانپوءِ صدر پاڻ آئين ناهيندو.[144] آئين سازيءَ جي حوالي سان، جنرل يحيٰ خان جون پڌريون ڪيل تجويزون ۽، وفاقي نه، پر اختيارن جي مرڪزيت کي صدر جي ذات وٽ مرڪوز ڪندڙ وحداني نوع واريون تجويزن هيون، جن ذريعي اُهو سمجهڻ ڏکيو نه هو ته مُلڪ جون اصل بالادست قوتون، وڏي صوبي بنگال جي شڪايتن جو ازالو ڪري، مُلڪ کي جمهوري روايت مطابق هلائڻ نه ٿيون چاهن. بهرحال، جنرل يحيٰ خان وڏيءَ دل جو مظاهرو ڪيو. پهرين اپريل 1970ع تي ون يونٽ ٽوڙي ڇڏيائين.[145] 7 ڊسمبر 1970ع تي قومي اسمبليءَ

جون چونڊون ڪرايون ويون.[146] چونڊن ۾ عوامي ليگ، اوپرپاڪستان جي 169 سيٽن مان 167 سيٽن تي ڪاميابي حاصل ڪري، مُلڪ جي وڏي اڪثريتي جماعت بڻجي اُپري آئي.[147] جڏهن ته، اولهه پاڪستان ۾ پيپلزپارٽي 81 سيٽن تي سرسي حاصل ڪئي.[148] چونڊن جا نتيجا، جئين ته، مُلڪ جي اصل قوتن لاءِ پسند جوڳا نه هئا. جو بنگال ۾ عوامي ليگ، وڏيءَ اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪري ورتي هئي. وڏي ڳالهه ته شيخ مُجيب الرحمان پنهنجي مشهور ڇهه نقاطي پروگرام ذريعي مُلڪ کي حقيقي وفاقي آئين تحت هلائڻ واري سوچ کي به ظاهر ڪري ڇڏيو هو. اُن ڪري، مُلڪ جي بالادست قوتن لاءِ اُهو خطرو ڪڙو ٿيو. ته جيڪڏهن اقتدار شيخ مُجيب جهڙي اصول پسند ماڻهوءَ کي ڏنو ويو. ته اُهو مُلڪ ۾ 1940ع واري ٺهراءَ مطابق، محدود مرڪز وارو حڪومتي نظام لاڳو ڪري، مُلڪ ۾ قائم پنجابي-مُهاجر استيٽسڪو ٽوڙي ڇڏيندو. (ياد رهي ته، شيخ مُجيب جي ڇهن نقطن ۾ سڀ کان پهريون نقطو 1940ع واري ٺهراءَ مطابق، مُلڪ ۾ وفاقي نظام لاڳو ڪرڻ وارو هو) دراصل، مُلڪ جي بالادست قوتن، اُنهيءَ خطري کان بچڻ خاطر، چونڊن ۾ وڏي اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي باوجود، جناب شيخ مُجيب ۽ سندس پارٽي عوامي ليگ کي اقتدار حوالي ڪرڻ کان لنوايو ٿي، جنهن سببان، اوپرپاڪستان ۾ سياسي بدمزگيءَ واري صورتحال پيدا ٿي،[149] تان جو عوامي ليگ احتجاجي تحريڪ به شروع ڪري ڏني، جنهن کي ڇيڙيائڻ لاءِ جيڪو فوجي آپريشن ڪرايو ويو اُن جو نتيجو اسان سڀني، 16 ڊسمبر 1971ع تي، اوپرپاڪستان جي ڌار ٿيڻ جي صورت ۾ ڏٺو. بهرحال اِهو منهنجي تحقيق مطابق سنجيدگيءَ تي ٻڌل خيال رهيو آهي، ته جيڪڏهن شروع ۾ ئي مُلڪ اندر آئين سازيءَ جو مسئلو حل ڪيو ويجي ها، ۽ اُن کي مذهبي رنگ ۾ رنگي، هٿرادو طرح سان مُلڪ کي وحداني مُلڪ بڻائڻ لاءِ 'مسلم قوميت' ۽ 'پاڪستاني قوميت' وارو مفروضاتي راڳ نه الاپيو ويجي ها، اختيارن جي مرڪزيت، فوجي ۽ سول بيوروڪريسي وٽ مرڪوز ڪري، قومن جي خودمختياريءَ کي نام نهاد آئيني هٿڪنڊن ذريعي ڪالعدم ڪري، وفاقي وحدتن سان بينڪٽي علائقن جهڙو غيرجمهوري وهنوار نه ڪيو ويجي ها، ۽ وفاق کي پنجابي-مُهاجر مُفادن وارو وفاق بڻائڻ بدران هڪ حقيقي وفاقي آئين تحت، وفاق کي قومن جي برابريءَ وارو جمهوري وفاق بڻايو ويجي ها، ته مان نه ٿو سمجهان، ته 1971ع ۾ پاڪستان جو ورهاڳو ٿئي ها، ۽ پاڪستان جو وَفاقُ بہ ٽڪر ٿي، پنهنجو استحقاق وڃائي ويهي ها. اِهوسڀ ڪجهه، مُلڪ کي وفاقي آئين نه ڏيڻ جي نتيجي ۾ ٿيو. بدقسمتيءَ سان، اُنهي نتيجي مان ڪو سبق

حاصل نہ ڪيو ويو ۽ 1973ع ۾ جيڪو آئين ڏنو ويو اُن ۾ بہ، 1956ع ۽ 1962ع وارن آئينن وانگر وفاق ۽ اُن ۾ شامل آئيني اِڪاين کي خودمختياري ڏيڻ بدران، پنجابي-مُهاجر استيٽسڪو کي آئيني تحفظ فراهم ڪيو ويو جنهن سببان، هيلتائين، نہ مُلڪ ۾ قومي تڪرار گهٽ ٿي سگهيا آهن، ۽ نہ وفاق لاءِ بُحراني صورت حال جو خاتمو اچي سگهيو آهي. اِئين، ملڪ بُحران در بُحران ۾ رهي ٿو!

***

باب:5

چا 1973ع وارو آئين هڪ وفاقي آئين آهي؟

جيتوڻيڪ ائين برابر آهي، ته ملڪ ۾ شروع کان هلندڙ آئيني بُحران، اُن سببان پيدا ٿيندڙ قومي تڪرار ۽ اُن جي منطقي نتيجي طور بنگال جي ڌار ٿيڻ کانپوءِ، جناب ذوالفقار علي ڀُٽي، 1973ع ۾، هڪ نئون آئين آندو، پر اُهو آئين به، وڏي صوبي پنجاب جي فائدي ۾، ۽ بُنيادي طور تي، هڪ وفاقي آئين نه، پرطاقت جي مرڪزيت تي ٻڌل هڪ وحداني وفاقي آئين ثابت ٿيو. جنهن ۾ صوبائي خودمختياري هڪ وڏو سوال بڻيل آهي، جو اُن ۾ وفاق جي اختيارن جي فهرست (Federal Legislative List) ۽ صوبن توڙي وفاق جي گڏيل اختيارن واري فهرست (Concrete Legislative List) ته آهي، پر صوبن جي عليحده اختيارن جي ڪا به فهرست (Provincial Legislative List) ناهي![1] 1973ع جي آئين تحت، صوبن کي صرف وفاقي ليجسليٽو فهرست جي ٻي ياڳي جي ڪجهہ اِسمن ۽ گڏيل اختيارن واري فهرست ۾ شامل اِسمن جو جزوي اختيار ڏنو ويو آهي، ۽ اُهو جزوي اختيار به گڏيل نوع جو آهي، يعني صوبا، ڪنڪرنٽ لسٽ ۾ شامل اِسمن جا اختيار به، وفاق جي راضپي کان سواءِ استعمال ڪرڻ جا مجاز ناهن.[2] اُن جي اُبتڙ وفاقي ليجسليٽو فهرست جي پهرين حصي جي 59 اِسمن، ٻئي حصي جي 08 اِسمن، ۽ گڏيل اختيارن واري فهرست جي 47 اِسمن کان سواءِ ٻيا سمورا اِسمَ، نوس طرح سان، وفاق جي اختيار هيٺ آهن![3] جڏهن ته، وفاقي ليجسليٽو فهرست جي پهرين حصي ۾ شامل اِسمن جي حوالي سان، قانون سازيءَ جو حق صرف لوئر هائوس (قومي اسيمبليءَ) کي ڏنو ويو آهي، اپر هائوس (سينيٽ) کي ان قسم جو ڪو به حق ناهي ڏنو ويو! البت، وفاقي لسٽ جي ٻئي حصي ۾ شامل اِسمن جي اختيارن يا قانوني بل جي منظوريءَ جو اپر هائوس (سينيٽ) کي اختيار ته مليل آهي، پر اُن ۾ به، اختلاف ٿيڻ جي صورت ۾، قومي اسيمبلي ذريعي، پنجاب ئي برتريءَ واري حيثيت رکي ٿو. مثال

طور: قومي اسيمبليءَ ۾ سينيٽ ۾ ڪنهن بل تي اختلاف پيدا ٿئي ٿو تہ اُن جو نبيرو ووٽن جي هيٺين تناسب سان ڪيو وڃي ٿو.

پنجاب[4]: قومي اسيمبلي 183 + سينيٽ 14 =197

سنڌ، بلوچستان ۽ خيبر پختونخوا: قومي اسيمبلي 135+ سينيٽ 42=177

وفاقي قبائلي علاقا: قومي اسيمبلي12+ سينيٽ 08= 20

ظاهر آهي، تہ اهڙي فارموليشن تحت پنجاب جي بالادستي رهي ٿي؛ ۽ اِهو ئي سبب آهي، جو جڏهن بہ قومي اسيمبلي (لوئر هائوس) ۽ سينيٽ (اپر هائوس) ۾ ڪنهن بل وغيره تي اختلاف ٿيڻ جو امڪان هوندو آهي، تہ پنجاب پنهنجي عددي اڪثريت سان فيصلو پنهنجي حق ۾ ڪرائي ونڊندو آهي. جيتوڻيڪ وفاقي انتظام هيٺ هلندڙ قبائلي علاقن (Tribal Areas) جا 12 ميمبر موجود هجن ٿا، ۽ جيڪڏهن اُهي ننڍين صوبن سان گڏجي ووٽ ڪن، تہ وڏي صوبي لاءِ وڏي حد تائين مٿي جو سور پيدا ڪري سگهجي ٿو پر جئين تہ اُهي قبائلي علاقا بہ وفاق جي انتظام هيٺ هلندڙ هجن ٿا، ۽ وفاق وري خود پنجاب آهي؛ اُن ڪري، وفاق توڙي قومي اسيمبليءَ ۾، ڪڏهن بہ، ننڍين صوبن جي حق ۾ صورتحال، يا طاقت جو توازن تبديل ناهي ٿيو ۽ اُتي جئين جو تئين وفاق جي نالي تي، پنجاب جي بالادستي برقرار رهي ٿي، جا ڳالهہ نہ رڳو پاڪستان جو هڪ وڏو آئيني الميو آهي، پر وفاقيت جي اطلاق لاءِ بہ هڪ وڏي چُنوتي آهي. جڏهن تہ صدر جي چونڊ بہ اپر هائوس (سينيٽ) ۽ لوئر هائوس (قومي اسيمبلي) جي گڏيل اجلاس ۾ ٿئي ٿي، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ 1973ع جي آئين تحت، ننڍا صوبا گڏجي بہ پنهنجي مرضيءَ وارو صدر آڻي نہ ٿا سگهن، ۽ صدر جي چونڊ ۾ بہ پنجاب جي بالادستي برقرار رهي ٿي! بهرحال، 1973ع جي آئين تحت صوبن جي اختيارن تي وفاق جي قبضي واري صورتحال سببان جتي وفاق جي اثارٽي ويٽي ٿي وئي آهي، اُتي اُنهيءَ ويٽي اثارٽي سببان، وَفاقُ، جمهوري وفاق بدران وحداني وَفاقُ بڻجي، وڏي صوبي پنجاب جي استيٽسڪو کي ئي تقويت ڏئي ٿو ۽ اِهو ئي سبب آهي، اڄ سوڌو اختيارن جي معاملي تي، مرڪز ۽ وفاقي اِڪاين ۾، اڪيچار تڪرار هلندڙ رهن ٿا. مثال طور: آدمشماري ڪرائڻ وارو معاملو 1973ع واري آئين تحت، اڳ ۾ وفاق جي اختيارن ۾ هو ارڙهين آئيني ترميم بعد اُن تي صوبن کي تہ اختيار ڏنو ويو آهي،[5] پر قطع نظر اُن جي، وفاق گڏيل مفادن جي ڪائونسل (Council of Common Interest) ذريعي آدمشماري وارو معاملو پنهنجو اختيار ۽ قبضي هيٺ ئي رکي ٿو، جنهن جو ثبوت وفاق جي اُها من ماني بہ آهي، جو اُهو ڪڏهن بہ مقرر وقت تي، صوبن ۾ آدمشماري ڪرائڻ لاءِ تيار نہ ٿو ٿئي. مارچ 2016ع واري آدمشماري ملتوي ڪرائڻ، اُن جو هڪ ڪُليل ثبوت آهي،[6] اُن ڪري، 1973ع جي آئين لاءِ ائين سمجهڻ تہ اُهو وفاقي

آئين آهي، تہ هڪ وڏي غلط فهمي ٿيندي پيو تہ 1973ع وارو آئين، اُن کري بہ هڪ غيرجمهوري، غيرمتوازن ۽ غيروفاقي آئين آهي، جو اُن آئين تحت، مُلڪ جي اپرهائوس (سينيٽ) ۾ تہ صوبن ۽ قومن کي برابريءَ واري نمائندگي ڏني وئي آهي، پر لوئر هائوس (قومي اسيمبليءَ) ۾ صوبن کي کا بہ برابريءَ واري نمائندگي ناهي ڏني وئي![7] ۽ نام نهاد جمهوري اصول لاڳو ڪري، وڏي صوبي پنجاب کي 183 سيٽون ۽ باقي ٽن صوبن کي، گڏيل طور تي، صرف 149 سيٽون ڏئي، قومي اسيمبليءَ جي اهڙي تہ غيرمتوازن جوڙجڪ ڪئي وئي آهي، جو وفاق ۾ شامل ٽنهي صوبن جي پيٽ ۾، رڳو پنجاب کي ئي قطعي ۽ تبديل نہ ٿي سگهندڙ عددي اڪثريت حاصل هجي ٿي![8] اهڙي صورتحال سببان، پنجاب جي، وفاق ۾، اهڙي تہ بالادست حيثيت ٿي وئي آهي، جو وفاق ۾ شامل ٻئي صوبا، ڪنهن بہ قانون سازيءَ واري معاملي يا منصوبي تي، گڏجي بہ، پنجاب کي اپراجتُ نہ ٿا ڪري سگهن، ۽ صوبا قومي اسيمبليءَ جهڙي اهم قانون ساز اداري ۾ ڪنهن بہ اثرائتي ڪردار ادا ڪرڻ کان محروم آهن، ۽ جئين تہ، اهڙي پنجابي بالادستيءَ تي ٻڌل مڪينزم کي 1973ع واري آئين ئي گهربل سگهہ ۽ تقويت پهچائي آهي، اُن کري، 1973ع جي آئين کي، ڪنهن بہ طرح سان، وفاقي آئين سمجهڻ بلڪل ئي غلط ٿيندو. هيٺ ڏنل چارٽ مان، اهو سڄو ٽڪسات ڇڱيءَ طرح سان ظاهر ٿئي ٿو جنهن ۾ 1973ع واري آئين تحت، پنجاب جي بالادستيءَ کي آئيني روپ ڏنو ويو آهي.

چارٽ:1

قومي اسيمبليءَ ۾ قومن ۽ صوبن جي نمائندگيءَ جو تناسب

صوبا	عام سيٽون	عورتن جون سيٽون	ڪُل تعداد
پنجاب	148	35	183
سنڌ	61	14	75
بلوچستان	14	03	17
خيبرپختونخوا	35	08	43
قبائلي علائقا	12		12
اسلام آباد	2		2
ڪُل تعداد	272		332

ماخذ: جي. ڊبليو. چوڌري جو ڪتاب،

Constitutional Development in Pakistan، پاڪا يونيورسٽي 1967ع

1973ع جي آئين مطابق، پاڪستان جي پارليامينٽ، سينيٽ (اپرهائوس)، قومي اسيمبليءَ (لوئر هائوس) ۽ صدر تي ٻڌل هجي ٿي. قومي اسيمبلي ۾ سڌي طرح سان چونڊيل ڪُل 200 (هن وقت 272) ميمبر هوندا آهن.[9] جڏهن ته، قومي اسيمبليءَ ۾ سيٽون يا نمائندگي، قبائلي علاقن (Tribal Areas) ۽ وفاقي گادي واري شهر (Federal Capital) سميت چئني صوبن کي سندن آباديءَ جي بُنياد تي ڏني وئي آهي،[10] ۽ جئين ته، پاڪستان ۾ آباديءَ جي لحاظ کان، پنجاب وڏي ۾ وڏو صوبو رهيو آهي؛ اُن ڪري، قومي اسيمبليءَ ۾ اُن جي وڏي اڪثريت آهي، ۽ نام نهاد جمهوري اصول تحت اُن جي قومي اسيمبلي ۾ ايتري ته عددي اڪثريت آهي، جنهن کي ٻي صوبا گڏجي به اقليت ۾ ٿا سگهن. ۽ نتيجي طور، قومي اسيمبليءَ ۾ وڏي صوبي جي بالادستي رهي ٿي! جڏهن ته، سينيٽ (اپرهائوس) 63 ميمبرن تي ٻڌل هجي ٿو. جن مان هر هڪ صوبي جا 14، قبائلي علاقن جا 5 ۽ وفاقي گاديءَ واري شهر (اسلام آباد) جا 02 نمائندا هجن ٿا.[11] دراصل، 1973ع واري آئين کي، اُن ڪري، هڪ وفاقي آئين سمجهيو ويندو آهي، جو اُنهيءَ آئين ۾ پهريون پيرو به ايواني نظام (Bicameralism) کي متعارف ڪرايو ويو.[12] جڏهن ته، 1956ع ۽ 1962ع وارا آئين صرف هڪ ايواني (Unicameral) نوع جا هئا، جن مطابق وفاق ۽ رياست جي اختيارن جي مرڪزيت صرف هڪ ايواني نظام تي ٻڌل هئي![13] اُن پسمنظر ۾ ڏٺو وڃي، ته 1973ع وارو آئين، ڪنهن حد تائين، وفاقي آئين جو ڏيک ڏئي ٿو. جو به ايواني نظام، بُنيادي طور، وفاقيت جي ساک پريندڙ هجي ٿو.[14] البت، 1973ع واري آئين جو بُنيادي نُقص اِهو آهي، جو ٽيڪنيڪل مڪينزم تحت، اپر هائوس (سينيٽ) کي بي اختيار بڻايو ويو آهي![15] مثال طور: 1973ع واري آئين تحت، اپرهائوس (سينيٽ) کي لوئر هائوس (قومي اسيمبليءَ) جي طرفان موڪليل ڪنهن به آئيني بل کي رد ڪرڻ يا نظرثاني ڪرڻ جو ته اختيار ڏنو ويو آهي،[16] پر اُن (سينيٽ) کي آئين تحت، اُنهيءَ بل ۾، پنهنجي طرفان کا به ردوبدل، کا به تبديلي يا کا به ترميم آڻڻ جو ڪو به اختيار ناهي![17] ۽ بل جي منظوري صرف لوئر هائوس (قومي اسيمبليءَ) جي منظوريءَ سان ئي مشروط هجي ٿي. البت، جيڪڏهن فيڊرل ليسجليٽو لسٽ جي ڪنهن حصي ۾ شامل اِسمن سان لاڳاپيل ڪنهن معاملي تي، قومي اسيمبلي، ڪنهن بل کي منظور ڪري سينٽ ڏانهن موڪلي ٿي، ۽ سينيٽ، اُن ۾ کا ترميم يا تبديلي آڻي ٿو يا مورڳو اُن کي رد ڪري ٿو ته اُهو ساڳيو ئي بل واپس ٻيهر غور ويچار لاءِ قومي اسيمبليءَ ڏانهن ته هليو وڃي ٿو[18] ۽ قومي اسيمبلي ۾ اُن کي ٻيهر پاس ته ڪرايو وڃي ٿو. پر پوءِ اُهو ساڳيو بلُ سينيٽ

ڏانهن موڪلڻ بدران سڌو صدر ڏانهن منظوري لاءِ هليو وڃي ٿو[19] ۽ اُن کي سينيٽ ڏانهن موڪلڻ جي ضرورت ئي محسوس نہ ٿي ڪئي ويڃي، جو آئين جو طريقي ڪار ئي اهڙو آهي، جيڪو دراصل وفاقي اصولن جي سنگين انحرافي تي ٻڌل آهي. جڏهن تہ بجيٽ، قرض، ۽ ناڻي سان لاڳاپيل مالي بلن جهڙن اهم معاملن جي قانون سازيءَ ۾ پڻ سينيٽ (اپرهائوس) جو ڪو بہ ڪردار ناهي! ۽ اُهو اُتي بہ بيوس ٻڌيل هجي ٿو جو ناڻي جي بل ناهڻ جو اختيار 1973ع واري آئين جي شق (73)تحت قومي اسيمبليءَ کي تہ ڏنل آهي، پر اُهو بل قومي اسيمبليءَ جي منظوري ڪانپوءِ سينيٽ ڏانهن موڪلڻ لازمي ناهي![20] اُن کي صرف صدر ڏانهن موڪلي حتمي منظوري وٺي سگهجي ٿي.[21] مان پانيان ٿو تہ اسان جي مُلڪ ۾ ڪرپشن ۽ ڪاري ناڻي جي ڦهلاءَ ۾ ٻين اڪيچار سببن سان گڏ هڪ وڏو سبب اِهو بہ آهي، جو اسان وٽ، وفاقي اِڪاين جي برابريءَ جي بُنياد تي نمائندگي ڪندڙ سينيٽ (اپرهائوس) بي اختيار آهي! اُها ناڻي جي ڳڙ ڳوت جهڙن معاملن ۾ ڪنهن بہ قسم جو ڪو بہ اختيار نٿو رکي! ۽ اُهو آئيني اختيار اُنهيءَ قومي اسيمبليءَ ۽ اُن جي ميمبرن کي ڏنو ويو آهي، جن جي اڪثريت هڪ تہ ڪرپٽ ترين نيم سرمائيدار ۽ جاگيردار طبقي جي ماڻهن/ميمبر تي ٻڌل آهي، ۽ ٻيو تہ اُن ۾ هرطرح سان، وڏي صوبي پنجاب جي عددي اڪثريت قائم آهي، جيڪو جئين چاهي، اُهو ڪري سگهي ٿو ۽ اُن کي ڪو بہ روڪي نہ ٿو سگهي! اُن ڪري، ڏنو وڃي تہ 1973ع واري آئين مطابق، وفاقي اِڪاين جي نمائندگي ڪندڙ ادارو اپر هائوس (سينيٽ) صرف ڏيکاءَ لاءِ ئي آهي؛ اِهو ئي سبب آهي، جو 1973ع وارو آئين وحدانيت جو هڪ نادر نمونو ڏسڻ ۾ اچي ٿو جنهن ۾ سينيٽ (اپر هائوس) جي ڪا اهميت ناهي،[22] ۽ اُهو رٻڙ اسٽيپ ٻڌيل رهي ٿو! اُن ڪري، ضرورت اِن ڳالهہ جي آهي، ملڪ ۾ ڪرپشن، اقرباپروري، ناڻي جي غلط استعمال ۽ اختيارن جي ناجائز مرڪزيت جي خاتمي لاءِ سينيٽ کي بااختيار ٻڌايو ويو آهي، ۽ اُهو تڏهن ٿيندو جڏهن هڪ نئون صحت مند جمهوري وفاقي آئين متعارف ڪرايو ويندو. 1973ع جي آئين مطابق، سينيٽ جي چونڊون بہ، وفاقي اصولن مطابق ناهن! آمريڪا جهڙن وفاقي مُلڪن ۾ سينيٽ (اپر هائوس) جي ميمبرن جي چونڊ سڌي طرح سان ڪئي ويندي آهي، يعني: عوام جي ووٽن ذريعي سينيٽ (اپر هائوس) ميمبر کي سينيٽ ۾ آندو ويندو آهي.[23] جڏهن تہ، پاڪستان ۾، 1973ع واري آئين جي آرٽيڪل 59 (2) تحت، سينيٽرن جي چونڊ صوبائي اسيمبليءَ جي معرفت ڪئي وڃي ٿي.[24] سيد جعفراحمد چواٽي: اهڙو طريقي ڪار پڻ وفاقيت جي اصولن جي اُبتڙ آهي، جو وفاقيت جي اصول جي

تقاضا آهي، تہ اپر هائوس (سينيٽ) جون چونڊون بہ لوئر هائوس (قومي اسيمبليءَ) جي چونڊن وانگر سڌيءَ طرح سان ئي ٿيڻ گهرجن.[25] جنهن تي، پاڪستان ۾، ڪڏهن بہ عمل ناهي ڪيو ويو جو اسان جو آئين ئي اُن جي اجازت نہ ٿو ڏئي! اِهو ئي سبب آهي، جو 1973ع جي آئين کي وفاقي اصولن تي تيار ٿيل هڪ حقيقي وفاقي آئين نہ، پروحداني وفاقي نوع جو مرڪزيت پسند آئين سمجهيو وڃي ٿو. جنهن ۾ صرف ۽ صرف وڏي صوبي پنجاب جي استيٽسڪو کي آئيني تحفظ فراهم ڪيو ويو آهي! دراصل، پاڪستان ۾، 1973ع واري آئين تحت، قانون سازيءَ لاءِ اهڙو طريقي ڪار، جنهن مطابق اپر ۽ لوئر هائوس کي برابريءَ وارا ڪي بہ اختيار نہ آهن، ۽ صرف لوئر هائوس (قومي اسيمبلي) ئي بااختيار آهي، نہ رڳو غيرمتوازن آهي، پر بُنيادي طور تي، اهڙو طريقي ڪار وفاقيت جي اصولن جي انحرافيءَ جو بہ ڪارڻ بڻجي ٿو.[26] ڇاڪاڻ تہ، اِها رڪارڊ جي ڳالهہ آهي، تہ دنيا جي سُڌريل وفاقي ملڪن، جهڙوڪ: آمريڪا، ڪئنيڈا ۽ آسٽريليا وغيره ۾، سندن وفاقي آئين تحت، اپر ۽ لوئر هائوس ٻئي هڪجيترا بااختيار هجن ٿا،[27] ۽ اُتي ڪنهن بہ آئيني بل جي حتمي منظوري تيستائين مُمڪن نہ ٿي هجي، جيستائين، ٻنهي ايوانن جي هڪ ڀاڱي تي اڪثريت، اُن بل جي منظوري جي حق ۾ نہ ٿي هجي. آمريڪا ۾ تہ سينيٽ (اپر هائوس) هرطرح سان بااختيار آهي، ۽ جيستائين، سينيٽ ۾ بہ ڀاڱي تي جي اڪثريت ڪنهن بہ بل کي منظور نہ ٿي ڪري، تيستائين ڪنهن بہ بل جي منظوري ناممڪن بڻيل رهي ٿي،[28] ۽ اِها ڳالهہ ئي، دراصل، بہ ايواني حڪومتي سرشتي جو اصل روح وندي آهي. البت، اسان وٽ، 1973ع جي آئين مطابق، مُلڪ جي قانون ساز ادارن ۾ اختيارن جو ڪوبہ توازن ناهي، اپر هائوس (سينيٽ) کي لوئر هائوس جو محتاج بڻايو ويو آهي! اُن ڪري، ائين چئي سگهجي ٿو تہ 1973ع وارو آئين غيروفاقي ۽ غيرجمهوري هجڻ سان گڏ، اُهو پنهنجي پيرن تي نہ، پر مٿي پر اُبتو بينل آهي، جيڪو وفاقيت جي بُنيادي تصور Bicameralism کي انتهائي ناڪي ۽ غيرمتوازن انداز سان پيش ڪري، صرف هڪ مخصوص صوبي ۽ اُن جي حڪمران اشرافيا جي ناجائز مفادن ۽ استيٽسڪو جو بچاءُ ڪري ٿو.[29] اُن ڪري، 1973ع جي آئين کي وفاقي آئين سمجهڻ، هڪ وڏي ڪج شعوري ٿيندي.[30]

1973ع واري آئين ۾ هڪ اٽڪل اِها بہ ڪئي وئي آهي، جو جيتوڻيڪ آئين جي آرٽيڪل (1) تحت پاڪستان کي هڪ وفاقي مُلڪ تہ قرار ڏنو ويو آهي، پر اُن جو نالو اسلامي جمهوريہ پاڪستان رکيو ويو آهي، جيڪو نالو ڪنهن بہ طرح

سان، هڪ وفاقي مُلڪ جي نہ، پر هڪ مذهبي وحداني رياست جي نشاندهي ڪري ٿو. حد تہ اِها آهي، جو آئين جي اُنهيءَ ساڳئي آرٽيڪل جي شق نمبر (2) ۾ صوبن لاءِ صرف Territories جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي![31] *ٽنڀين صوبن جي قوميتن ڪي اُنهيءَ لفظ تي سخت اعتراض آهن، چاڪاڻ تہ پاڪستان جي وفاق ۾ شامل صوبا صرف Territories نہ آهن، پر اُهي تاريخي وحدتون ۽ پنهنجي قوميتن جا تاريخي وطن رهيا آهن، جيڪي پنهنجي هزار سالن جي تاريخ ۾ پراچينتا رکن ٿا، جيڪي پنهنجو الڳ وجود ۽ پنهنجي الڳ سُڃاڻپ رکن ٿا، ۽ جيڪي پنهنجو الڳ قومي سماجڪ ۽هنوار رکن ٿا. اُهي پاڪستان کان اڳ بہ موجود هئا. پاڪستان اُنهن ڪي نہ ٺاميو هو پر پاڪستان جي وفاق ۾ شامل تاريخي قوميتن ۽ سندن وطنن پاڻ ۾ ڳڏجي، 1940ع واري ٺهراءَ مطابق، پاڪستان ڪي ٺاميو هو. اُن ڪري، پاڪستان جي وفاق ۾ شامل اُنهن تاريخي قوميتن ۽ سندن هزار سالن جي تاريخ رکندڙ تاريخي وطنن ڪي وفاقي آئيني اِڪاين (Federal Constitutional Units) جي ٺالي سان تہ سڏي سگهجي ٿو پر اِن ڏس ۾، Territories جو لفظ هرگز استعمال نہ ٿو ڪري سگهجي، ڇو تہ اِهو هڪ اهڙو لفظ آهي، جيڪو مخصوص طرح سان قبضي هيٺ آيل علاقن جي عارضي مقصدن جي معنيٰ سان استعمال ٿيندو آهي، ۽ نوآبادين جي نشاني آهي، اُن لفظ جو تاريخي قوميتن جي تاريخي وطنن لاءِ اطلاق، نہ رڳو وفاقيت جي روح ۽ اصولن جي سنگين پيچڪاڻ آهي، پر وفاق ۾ شامل قومن جي قومي وجود ۽ تشخص کي بہ تباهہ ڪرڻ جي هڪ خطرناڪ ڪوشش آهي، جا ڳالهہ دراصل، وفاق ۽ اُن جي وجود لاءِ سخت خطرو هجي ٿي؛ اُن ڪري، ڏنو وڃي تہ، 1973ع جو آئين، ڪنهن بہ پاسي کان، هڪ حقيقي جمهوري وفاق جي گهرج کي پورو نہ ٿو ڪري؛ ۽ اُهو عملي طرح سان، وحدانيت جي بدترين مڪينزم تحت تيار ٿيل، هڪ وحداني وفاقي آئين ئي آهي. 1973ع جي آئين مطابق، صوبائي گورنرن کي مرڪز طرفان مقرر ڪيو وڃي ٿو جيڪو بلڪل غلط آهي؛[32] چاڪاڻ تہ، اُنهيءَ گورنر جي مقرريءَ ذريعي وفاق جي صوبائي اختيارن ۽ معاملن ۾ مداخلت بدستور برقرار رهي ٿي. دراصل، وفاق يا صدر پاران صوبن جا گورنر مقرر ڪرڻ سببان، اُهي گورنر، جئين تہ، صوبن جا نہ، پر وفاق جا ايجنٽ بڻيل رهن ٿا؛[33] اُن ڪري، وفاق يا صدر سولائي سان گورنر ذريعي 'منحرف صوبائي حڪومتن کي سياسي جوڙ توڙ ڪري، هٽائي سگهي ٿو'[34] جڏهن تہ، وفاق اُن هٿيار سان، نمي نہ هلندڙ صوبائي حڪومتن کي گهرو پيڙو ڪري، صوبن ۾ گورنر راج بہ مڙهي سگهي ٿو.[35] ۽ جئين تہ، اسان وٽ، ورهين کان وٺي، وفاق پاران اهڙي غيرجمهوري روايت برقرار رهي آهي؛

اُن ڪري، صوبن ۾ گورنرن جي مقرريءَ جو اختيارُ ڪنهن به طرح سان، وفاق يا صدر کي ڏيڻ بدران اُهو اختيارُ سينيٽ کي ڏنو ويڃي، يا گهٽ ۾ گهٽ صوبن ۾ گورنرن جي مقرريءَ کي سينيٽ جي منظوريءَ سان مشروط ڪيو ويڃي. بدقسمتيءَ سان، 1973ع جي آئين ۾، وفاق کي گورنرن جي مقرري جا اختيار ڏئي، هڪ غيرجمهوري روايت کي سگهه بخشي وئي آهي، جا ڀالهه نه رڳو صوبائي خودمختياريءَ سان هڪ سنگين مذاق آهي، پر وفاقيت جي روح ۽ تصور کي به رد ڪندڙ آهي. ٻيو ته، حقيقي وفاقي پارليماني نظام ۾، صوبي جي گورنر جي نه، پر وزيراعليٰ ۽ اُن جي ڪابينا جي اصل آئيني اهميت هجي ٿي. صوبي جو وڏو وزير ۽ هُن جي ڪابينا ئي هرطرح جي اختيارن جي استعمال جي مجاز هجي ٿي؛ گورنر ته صرف رسمي سربراهه هوندو آهي. وفاق جو گورنر ذريعي صوبن جي انتظامي ۽ سياسي معاملن ۾ اثرانداز ٿيڻ مرڪز جي ناجائز مداخلت کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نٿو هجي. آمريڪا جهڙي وفاقي جمهوري مُلڪ ۾ صوبن جا گورنر سڏيءَ طرح سان عوام جا چونڊيل هجن ٿا،[36] اُهي عوام ڏانهن ئي، سڏي طرح سان، جوابده هجن ٿا، پر اسان وٽ حقيقي وفاقي آئين جي اڻ هوند سببان، اهڙو ڪو به طريقي ڪار ناهي، جنهن جي نتيجي ۾، هتي، صرف وفاق جو وحداني مزاج ئي، هرطرح سان مضبوط ٿيو آهي. 1973ع جي آئين تحت، صوبن جي آڊيٽرجنرلن سان گڏ هاءِ ڪورٽن جي ججن جي مقرريءَ جو اختيار به وفاق ۽ وفاقي سرڪار وٽ آهي.[37] هيل تائين، وفاقي سرڪار، اُنهيءَ حق کي پرپور نموني سان استعمال هيٺ آڻيندي، صوبائي اختيارن ۾ مداخلت جو آئيني جواز انجواءِ ڪندي رهي آهي، جا دراصل، وفاقيت جي هڪ وڏي انحرافيت آهي، ۽ اِهو ئي سبب آهي، جو 1973ع واري آئين کي هڪ حقيقي وفاقي آئين نه، پر وحداني آئين سمجهيو ويندو آهي. "آئين جي آرٽيڪل 260 تحت واحد شهريت جو به طريقي ڪار اپنايو ويو آهي، يعنيٰ ڪنهن به علائقي، صوبي ۽ شهر جي رهواسي کي پاڪستان جي هرعلائقي، هر صوبي ۽ هر شهر جو شهري تصور ڪيو ويڃي ٿو. اُهو ڪٿي به وڃي سگهي ٿو. ڪٿي به رهائش اختيار ڪري سگهي ٿو. ڪٿي به ڪاروبار ڪري سگهي ٿو ۽ ڪٿي به صوبائي ۽ قومي اسيمبليءَ جي سيٽ تي چونڊجن ۾ حصو وٺي سگهي ٿو. سينيٽر به ٿي سگهي ٿو! شرط صرف اِهو آهي، ته اُن جو ووٽرلسٽ ۾ نالو هجي. واحد شهريت جو اِهو عمل صوبن جي معاملن ۾ خواهه مخواهه جي مداخلت آهي؛ اُن ڪري، پاڪستان ۾ به، آمريڪا وانگر ٻٽي شهريت جو نظام لاڳو ڪرڻ گهرجي، ته جئين صوبائي خودمختياريءَ واري حق کي مُڪمل ڪري سگهجي."[38]

"پاڪستان جي وفاق کي وحداني وفاق بنائڻ لاءِ هڪ وڏو دوکو اِهو به ڪيو ويو آهي. جو آئين مطابق مُلڪ جي سمورين شهرين کي صرف هڪ شهريت (وفاقي) ڏني وئي آهي. جڏهن ته دنيا جي سمورين وفاقي مُلڪن ۾ ٻٽي شهريت جو رواج آهي، يعني: اُتي جو هر شهري وفاق جو به شهري آهي، ته وري، پنهنجي آباٽي صوبي يا رياست جو به شهري آهي. آمريڪا، ڪئينيڊا ۽ آسٽريليا جهڙن عظيم وفاقي مُلڪن ۾ ٻٽي شهريت جو نظام آهي. البت، پاڪستان هڪ اهڙو انوکو وفاق آهي، جتي صرف هڪڙي شهريت جو نظام رائج ڪري، وفاقي اڪاين (صوبن) جو وجود ئي مورڳو ختم ڪيو ويو آهي، ۽ مُلڪ کي عملي طور تي وحداني رياست ۾ تبديل ڪيو ويو آهي!"[39]

بهرحال، 1973ع واري آئين جا اهڙا اڪيچار تڪراري پهلو آهن، جيڪي نه رڳو اُنهي آئين جي وحداني نوع کي ظاهر ڪن ٿا، پر بنيادي طور تي، وفاق ۾ شامل قومن کي سياسي، مُعاشي، قانوني، ثقافتي ۽ قومي خودمُختياريءَ کان به محروم رکن ٿا! اِهو ئي سبب آهي، جو پاڪستان جي وفاق ۾ شامل ننڍيون قومون، هاڻ اِهو علي اعلان چون ٿيون، ته مُلڪ ۾ شامل قومن جي وچ ۾ 1940ع واري ٺهراءَ جي بنياد تي، نئون سماجي معاهدو ڪري، هڪ اهڙو جمهوري وفاقي آئين ڏنو ويڃي، جيڪو وفاقيت جي اختيارن جي عدم مرڪزيت جي حقيقي اصولن تي هجي، ۽ اُهو وفاقي اِڪاين جي مڪمل خودمُختياريءَ جي به آئيني ضمانت مهيا ڪري. جيتوڻيڪ ارڙهين ترميم بعد ڪنڪرنٽ لسٽ کي ختم ڪيو ويو آهي، ۽ ڪافي اسمن جا اختيار صوبن جي حوالي ڪيا ويا آهن، جنهن سببان سرڪاري سطح تي ائين ڇيو ويو، ته هاڻ، صوبائي خودمُختياريءَ جو مسئلو حل ٿي ويو آهي، پرجئين ته، ارڙهين ترميم جي باوجود، 1973ع جي آئين ۾، صوبن جي اختيارن جي ڪا به فهرست (Provincial Legislative List) متعارف ناهي ڪرائي وئي! آئين جو بُنيادي ڍانچو جئين جو تئين، 1935ع واري وحداني آئين جي بُنياد تي ئي اڌيل آهي، ۽ اُن ۾ ڪا به تبديلي نه اچي سگهي آهي، ۽ جيڪي ارڙهين ترميم معرفت صوبائي خودمُختياريءَ جي حوالي سان ترميمون آنديون ويون آهن، تن مان صوبائي حڪومتن کي ڪو به ٺوس فائدو ناهي مليو. مثال طور: صوبائي خودمُختياريءَ جي حوالي سان ڪيل ترميمن مطابق، وفاق ۽ صوبن جي گڏيل اختيارن واري ڪنڪرنٽ لسٽ کي ته ختم ڪيو ويو آهي، پر قطع نظر اُن جي، ڪنڪرنٽ لسٽ جا سيلز ٽيڪس، ايڪسائيز ڊيوٽي، انڪم ٽيڪس ۽ بجلي ٽيڪس جي اوگاڑيءَ وارا اختيار هڪ طرف، سڏو سنئون وفاق کي ڏنا ويا آهن،[40] ته وري ٻئي طرف، صوبن جي بندرگاهن، قدرتي معدنيات ۽ وسيلن جي مالڪيءَ وارا اختيار گڏيل مفادن جي ڪائونسل جي ذريعي، بدستور وفاق جي قبضي هيٺ رهن ٿا!

جڏهن ته بين الاصوبائي واپار تي بندش توڙي اجازت وغيره جي اختيار سان گڏ شين (Goods) تي سيلز ٽيڪس اوگاڑڻ جو اختيار به ارڙهين آئيني ترميم مطابق صوبن وٽ نه، پر وفاق وٽ آهي![41] جا ڳالهه. دراصل، صوبائي خودمختياريءَ جي سنگين پيچيدگي آهي، جو اُهي اختيار خالص طور تي صوبن جا آهن، ۽ صوبن جا هجڻ به گهرجن. اُنهن تي، وفاق جو قبضو جمهوري وفاقي آئين جي اصول ۽ روح جي خلاف آهي.[42] اُن ڪري، ائين سمجهڻ ته، ارڙهين ترميم سان، صوبائي خودمُختياريءَ جو مسئلو حل ٿي ويو آهي، هڪ وڏي ڪج فهمي ٿيندي. اصولي طور تي، ارڙهين آئيني ترميم مطابق، ڪنڪرنٽ لسٽ جي خاتمي ڪرڻ بعد 1973ع جي آئين ۾، صوبن جي حوالي ڪيل اِسمن ۽ اُنهن جي اختيارن جي هڪ عليحده فهرست (Provincial Legislative List) مُتعارف ڪرائڻ ڪپندي هئي، جا فهرست، ڪنهن به طرح سان تيار نه ڪئي وئي،[43] ۽ صرف غيراهم اِسمَ ۽ اُنهن سان لاڳاپيل اختيار صوبن جي حوالي ڪري. اهم اِسمَ ۽ اُنهن جا اختيار وفاق کي ڏنا ويا! دراصل، ڪنهن به وفاقي مُلڪ جي وفاقي آئين ۾، صوبن جي اختيارن جي عليحده فهرست ئي، اُن آئين جي وفاقي آئين هجڻ جي ساک پريندي آهي، ۽ اُها اُن ڳالهه جي شاهدي ڏيندي آهي، ته وفاق ناٽڪي نه، پر وفاقي اِڪاين جي برابريءَ وارو حقيقي جمهوري وَفاقُ آهي. بدقسمتيءَ سان اسان جي مُلڪ ۾، 1973ع وارو آئين، نه ته صوبن جي اختيارن جي عليحده فهرست پيش ڪري، هڪ وفاقي آئين جي ساک پري ٿو، ۽ نه ئي وفاقي اِڪاين جي برابريءَ واري حقيقي جمهوري وفاق جي عڪاسي ڪري ٿو، ۽ جيڪا 2010ع ۾ ارڙهين آئيني ترميم آندي وئي، اُنهيءَ ترميم پڻ، اختيارن جي مرڪزيت کي توڙڻ بدران، 1973ع واري آئين جي وحداني روپ کي جئين جو تئين برقرار رکيو آهي. اُن ڪري، ارڙهين آئيني ترميم کي صوبائي خودمُختياريءَ يا 1973ع جي آئين کي وفاقي آئين بنائڻ واري ترميم سمجهڻ به بلڪل غلط ٿيندو.

ٻيو ته، آئين، آئين هجي ٿو. اُن کي مذهب جي خاني ۾ ورهائڻ به، دراصل، جمهوري وفاقيت جي اصول جي خلاف آهي. اسان وٽ، جئين ته، مُلڪ ۾ شروع کان وئي، آئين جي تياري ٽوس مذهبي بنيادن تي ڪئي وئي آهي؛ اِهو ئي سبب آهي، جو 1973ع واري آئين کي پڻ مذهبي رنگ ۾ رنگي پيش ڪيو ويو ۽ اُن جي آرٽيڪل (2) تحت، اسلام کي پاڪستان جو سرڪاري مذهب قرار ڏنو ويو.[44] جيتوڻيڪ جناب ذوالفقار علي ڀُٽي وٽ اهڙو موقعو ۽ مينڈيٽ هو، جو هُو آئين جي مذهبي يا وحداني نوع بدران حقيقي وفاقي جمهوري بنيادن تي تياري ڪرائي، مُلڪ کي هڪ حقيقي

جمهوري وفاقي آئين ڏئي پئي سگهيو پر يا ته حالتن جي دباءَ يا ذاتي سوچ تحت، هُو ائين نه ڪرائي سگهيوا ۽ جيڪو 1973ع ۾ آئين پيش ڪيائين، اُهو مُلڪ ۾ جمهوري وفاقيت، صوبائي خودمُختياري ۽ قومن جي برابريءَ واري جمهوري وفاق جي وجود کي رد ڪندڙ ۽ مُلڪ ۾ پنجاب جي قائم ناجائز طاقت جي مرڪزيت کي سپ- طرفي سگهه بخشيندڙ آئين ثابت ٿيو. جنهن تحت هڪ طرف، پاڪستان ۾ شامل قومن جي گهڻ-رنگائي (Diversity) ۽ سندن وجود کان انڪار ڪيو ويو ته وري ٻي طرف، اسلام کي مُلڪ جو سرڪاري مذهب قرار ڏئي، مذهب ذريعي قومي هيڪڙائي (Unity) حاصل ڪرڻ واري لاحاصل ڪوشش ڪئي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ مُلڪ اندر وسندڙ تاريخي قومن ۾ هيڪڙائي ته پيدا نه ٿي، اُٽلندو عليحدگي پسند سوچ وڌيڪ طاقت سان اُڀري آئي. اڄ جيڪڏهن مُلڪ ۾ ننڍن قومن ۾، پاڪستان جي وفاق کان ڌار ٿيڻ واري سوچ پيدا ٿي آهي، ته اُن ۾، ٻين اڪيچار عواملن سان گڏ هڪ اهم عوامل 1973ع واري غيروفاقي آئين وارو به آهي، جنهن ۾ ننڍين قومن جي جائز حقن ۽ مُفادن جو تحفظ نه پيو ٿئي. اسان کي پنهنجي مذهب سان ڪو به مسئلو ناهي، ۽ دراصل، مذهب اسلام پنهنجي بنيادي جوهر ۽ مِزاج ۾ دنيا جي ٻين اڪيچار مذهبن جي ٻيٽ ۾ وڌيڪ ترقي پسند، مثبت ۽ عوام دوست تعليمات رکندڙ مذهب آهي، پر ڪنهن به وفاقي جمهوري مُلڪ ۾ ڪنهن مخصوص مذهب کي سرڪاري مذهب بنائي ڇڏڻ سان، هڪ ته، اُن مُلڪ جو سيڪيولر ۽ جمهوري چهرو مسخ ٿئي ٿو ۽ ***پيو ته آئين ۾ مذهب کي سرڪاري بالادست حيثيت ملڻ سببان، اُن جي سماڻري جي ڪمزور طبقن ۽ قومن خلاف[45] هٿيار طور استعمال ٿيڻ جا امڪان به وڌي وڃن ٿا.*** اُن ڪري، حقيقي وفاقي جمهوري مُلڪ ۽ اُن جي حقيقي وفاقي آئين ۾، ڪنهن به مذهب کي سرڪاري مذهب جو درجو ناهي ڏنو ويندو ۽ هميشه آئين سازيءَ واري عمل کان مذهب کي پري رکيو ويندو آهي. بدقسمتيءَ سان 1973ع جي آئين لاءِ اهڙي ڪا به روايت نه وڌي وئي، جو 1973ع جي آئين ۾ هڪ اهڙي به شق شامل آهي، جنهن تحت، پاڪستان ۾ ڪنهن به غيرمسلم کي صدر يا وزيراعظم بڻائي نه ٿو سگهجي.[45] 1973ع واري آئين جي اِها شق به سمجهه کان ٻاهر آهي، ڇاڪاڻ ته، جيڪڏهن هندوستان جهڙي مُلڪ ۾ هڪ غيرهندو صدر يا وزيراعظم ٿي سگهي ٿو ته پوءِ پاڪستان ۾ هڪ غيرمسلم صدر يا وزيراعظم ڇو نه ٿو ٿي سگهي؟ اِهو هڪ اهڙو سوال آهي، جنهن ۾ مذهبي فرق ۽ اُن جي پابنديءَ جي ڳالهه ڪري، 1973ع جي آئين کي ٿوس مذهبي بُنياد فراهم ڪيو ويو آهي، جيڪو ڪنهن به طرح سان، مرحوم وزيراعظم لياقت علي خان جي 'قرارداد

مقاصد' جي منافي نہ ٿو ڪري دراصل، ڪنهن بہ وفاقي ملڪ ۽ اُن جي وفاقي معاشري (Federal Society) ۾ قومي اتحاد ۽ هيڪڙائي (Unity) حاصل ڪرڻ لاءِ مذهب کي استعمال ڪرڻ اتحاد ۽ هيڪڙائي جي فلسفي کان شديد بي خبريءَ جو نتيجو هجي ٿو جو وفاقي ملڪن توڙي معاشرن ۾ اِتحادُ مذهب جي بنياد تي نہ، پر مختلف نسلي، لساني، قومي ۽ ثقافتي گروهن جي گهڻ- رنگائي (Diversity) کي گهربل مانُ، قبوليت ۽ خودمختياري ڏيڻ سان حاصل ٿيندو آهي، ۽ جئين تہ اِهو سڄو معاملو هڪ نوس سياسي ۽ آئيني معاملو هجي ٿو، اُن ڪري، اُن ۾ مذهب کي استعمال ڪرڻ هڪ وڏي ڪج شعوري هجي ٿي، اِهو ئي سبب آهي، جو آمريڪا، برطانيا، ۽ ڪئنيڊا وغيره جهڙن دنيا جي ترقي يافتا ۽ سُڌريل وفاقي ملڪن جي آئين ۾ مذهب کي ڪنهن بہ طرح سان سرڪاري درجو ناهي ڏنو ويو، پر وفاق ۾ شامل مختلف قوميتن ۽ اقليتي گروهن جي گهڻ-رنگائي کي گهربل مانُ، قبوليت ۽ خودمختياري ڏئي، وفاق کي مضبوط ۽ سگهارو ٻڌايو ويو آهي. بهرحال، هن سڄي بحث مان اُها ڳالهہ پڌري ٿي اچي ٿي، تہ 1973ع جو آئين ڪنهن بہ طرح سان، هڪ جمهوري وفاقي آئين نہ آهي. اُهو آئين، دراصل، ننڍين قومن جي خودمختياريءَ کي رد ڪندڙ هڪ اهڙو غيرجمهوري ۽ مرڪزيت پسند آئين آهي، جيڪو بنيادي طور تي، ملڪ ۾ پنجابي- مُهاجر اسٽيبلشمنٽ کي سگهہ پهچائي ٿو ۽ اِهو ئي سبب آهي، جو ملڪ ۾ جمهوريت جو ٻُحران، قومي سوال ۽ وڏي قوم (پنجابي) ۽ ننڍين قومن جي وچ ۾ تڪراري صورتحال بہ برقرار رهي ٿي، جنهن وقت بوقت هن مُلڪ ۽ اُن جي وفاق لاءِ خطري واري صورتحال بہ پيدا ڪئي آهي، اُن ڪري، ضرورت اُن ڳالهہ جي آهي، تہ ملڪ کي هڪ اهڙو حقيقي وفاقي جمهوري آئين ڏنو وڃي، جيڪو وفاقيت جي بنيادي اصولن، يعني: اختيارن جي عدم مرڪزيت، حقيقي (ناڪي نہ) بہ-ايوانيت واري جمهوري پارلياماني نظام ۽ محدود مرڪز واري جمهوري تصور تي ٻڌل هجي، ۽ اُن جي تياريءَ جو بُنياد بہ پيو ڪو دستاويز نہ، پر 1940ع وارو لاهور ٺهراءُ هجڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ اُنهيءَ تاريخي سياسي دستاويز ۾ نہ رڳو محدود مرڪز وارو جمهوري تصور ڏنو ويو آهي، پر اُن سان گڏ وفاق ۾ شامل قوميتن کي مڪمل خودمختياريءَ جي بہ ضمانت ڏني وئي آهي. مان پانيان ٿو تہ اُنهيءَ لاهور ٺهراءَ جي بنياد تي ٺاهيل هڪ نئون وفاقي جمهوري آئين ئي پاڪستان جي مسئلي جو اصل حل آهي.

***

باب:6

بنگال: اتحاد (Unity) کي طاقت (Power) ذريعي حاصل ڪرڻ جي لاحاصل ڪوشش!

دراصل، ڪنهن بہ، وفاقي ملڪ جي وفاق ۾ شامل قوميتن جي وچ ۾ اتحاد ۽ هيڪڙائي پيدا ڪرائي، وفاق کي گهربل استحڪام ڏيارڻ وارو مقصد نهايت اهم هجي ٿو. اِهو مقصد تڏهن حاصل ڪري سگهبو آهي، جڏهن وفاق ۾ شامل قوميتن جي ڊائيورسٽيءَ کي گهربل احترام ۽ قبوليت طور مڪمل خودمختياريءَ جو حق ڏنو وڃي. بدقسمتيءَ سان پاڪستان ۾، اسان جي حڪمران اشرافيا لاءِ گنگا ئي اُبتي وهي ٿي، جو اُها سمجهي ٿي، تہ پاڪستان جي وفاق ۾ شامل قومن جي ڊائيورسٽيءَ کي قبوليت، مانُ ۽ خودمختياريءَ ڏيڻ سان اِتحادُ تہ حاصل نہ ٿي سگهندو. پر مورڳو وَفاقُ ڪمزور ٿي ويندو! اِهو ئي سبب آهي، جو پاڪستان ۾ قومن ۽ وفاقي وحدتن جي وچ ۾، اتحاد ۽ هيڪڙائي پيدا ڪرائڻ لاءِ، هميشه طاقت (Power) جي استعمال کي اوليت ڏني وئي آهي، جنهن جي نتيجي ۾، اسان وٽ، قومي اتحاد (Unity) پيدا تہ ناهي ٿي سگهيو. اُتلندو ملڪ ۾ عليحدگي پسند لاڙي کي تقويت ملي آهي. اِن حوالي سان، اسان وٽ بنگال جو ڪيس موجود آهي، جنهن جي اپياس مان اِهو پليءَ پيت واضح ٿئي ٿو تہ پاڪستان جي حڪمران اشرافيا مُلڪ نهڻ جي شروع وارن ڏهاڙن ۾، ڪيڏي نہ جاهلاڻي روش سان، بنگال جي اتحاد (Unity) کي حاصل ڪرڻ لاءِ طاقت (Power) جي ناجائز استعمال کي اوليت ڏئي، اُن کي عليحدگيءَ جي ور چاڙهي. پاڪستان جي وفاق کان ڌار ٿيڻ تي مجبور ڪيو. جيڪو دراصل، هڪ وڏو المیو بہ هو. اِهو سڀ ڪنهن ٿيو؟ قومي حق گهرڻ تي ڪنهن طاقت جو ناجائز استعمال ٿيو؟ ۽ ڪيئن بنگالين خلاف طاقت جو استعمال ڪري، قوميتي ڊائيورسٽيءَ کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جنهن جي نتيجي ۾، پاڪستان جي وفاق کي بہ وڏو ڏڪ لڳو ۽ اُهو ہن ٽڪرن ۾ ورهائجي ويو. هن باب ۾ اُنهن معاملن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

دراصل، پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ اُن جي ٻنهي اولهه ۽ اوپر وارن حصن ۾، نه رڳو جاگرافيائي طور هڪ هزار ميلن جي وِڇي حائل هئي،[2] پر سياسي، تاريخي، نسلي ۽ ثقافتي طور تي به واضح فرق هو.[3] اُن ڪري، مُلڪ جي اُنهن ٻنهي حصن ۾ هم آهنگي ۽ منجهن اتحاد (Unity) کي برقرار رکڻ ۽ اُن کي پروان چاڙهڻ لاءِ رڳو 'مذهب' ۽ 'مسلم قوميت' وارو مذهبي ياڪيچارو ڪافي نه هو. مُلڪ جي ٻنهي حصن جي اتحاد کي برقرار رکڻ ۽ اُنهن کي متوازن انداز سان هلائڻ لاءِ ضروري هو ته هڪ لچڪدار وفاقي نظام (Loose Federation System) تحت، ٻنهي حصن کي مڪمل خودمختياري ڏئي، وفاقي جمهوري آئين جي جوڙجڪ ڪري، اُنهي آئين مطابق مُلڪ جي ٻنهي حصن سميت مڙني وفاقي وحدتن کي سندن ٻولي، سندن معاشي وسيلن ۽ سندن حق حاڪميت جو مالڪ بڻائي، جمهوري وفاقيت تحت اختيارن جي ورهاست وارو اهڙو عدم مرڪزيت وارو طريقي ڪار اختيار ڪيو ويڃي ها، جنهن سان، هڪ طرف، وفاق ۾ شامل صوبن کي مڪمل خودمختياري مليو پوي ها، ته وري ٻي طرف، وفاق جو وڌيڪ مضبوط ۽ وڌيڪ سگهارو ٻڌجڻ ۽ مُمڪن ٿئي ها، پربدقسمتيءَ سان، پاڪستان ۾ ائين نه ڪيو ويو. پاڪستان، برابر وفاقيت ۽ اُن جي اختيارن جي عدم مرڪزيت واري اصول جي بُنياد تي نٿيو هو[4] جنهن ۾ مرڪزي حڪومت لاءِ هڪ محدود ۽ لچڪدار وفاقي نظام جي سفارش ڪئي وئي هئي،[5] ۽ 1940ع وارو ٺهراءُ اُن ڳالهه جي ڇڪي طرح سان ساڪ ۽ پري ٿو پر اِهو تاريخ جو وڏو جَبرُ آهي، ته 14 آگسٽ 1947ع تي پاڪستان ٺهيو ته ترت ئي، اُن تي، سول-ملٽري بيوڪريسي جي روپ ۾، پنجابي-مُهاجر مُفادن قبضو ڪري ورتو! ۽ وفاق جي قومن جي برابريءَ واري جمهوري اصول تحت اڏاوت ڪرڻ بدران اُن جي، اهڙيءَ طرح سان، وحداني طرز تي اڏاوت ڪئي وئي، جو اُن سان نه صرف رياستي طاقت ۽ مرڪزيت هڪ مخصوص صوبي جي حڪمران اشرافيا وٽ مرڪوز ٿي وئي، پر ائين جمهوري ڪلچر ۽ جمهوري روايت کي به ڪاپاري ڏڪ لڳو جنهن سببان مرڪز ۽ صوبن ۾ به اڪيچار معاملن تي تڪرار به ڪڙا ٿي پيا، ۽ بدمزگيءَ جي اهڙي صورتحال پيدا ٿي، جو مورڳو مُلڪ جي ٻنهي اولهه ۽ اوپر وارن حصن جو اتحاد ئي خطري هيٺ اچي ويو. سون تي سهاڳو اِهو هو جو اُنهيءَ خطري ڏانهن سَمُجهه ۽ريبو روبو رکي، اُن کي پهرين مرحلي ۾ گهٽ ڪري، ختم ڪرڻ بدران نام نهاد آئيني هٿڪنڊن ذريعي، مُلڪ جي اُوپر واري حصي سميت ٻين مڙني ننڍن صوبن جي معاشي، سياسي ۽ ثقافتي خودمُختياريءَ کي ڪالعدم ڪرڻ وارا ايڏپ تي ٻڏل فيصلا ڪري، اُنهيءَ خطري کي وڌيڪ گهرو ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ مُلڪ ۾، اهڙي بُحراني صورتحال پيدا ٿيو پئي، جو اِتحادَ (Unity) واري ڳالهه هڪ وڏو سوال بڻجي وئي. ائين، اتحاد (Unity)

کي خطري لاحق ٿيڻ وارو پهريون امڪان تڏهن پيدا ٿيو جڏهن وفاقي سرڪار 12 ڊسمبر1947ع تي، آئين ساز اسيمبليءَ جي رولز اينڊ پروسيجر ڪميٽيءَ جي معرفت، اُڙدوءَ کي پاڪستان جي قومي ٻولي ٻڌائڻ جو اعلان ڪرايو.[6] اصولي طور تي، اُهو اعلان بلڪل غلط هو. اُڙدو ٻولي پاڪستان جي وفاق ۾ شامل ڪنهن به قوم جي قومي يا مادري ٻولي (Indigenous Language) نه هئي، اُها صرف مُلڪ ۾ حادثاتي صورتحال سببان لڏي آيل 5 سيڪڙو اقليتي آبادييءَ جي ٻولي هئي. اُن ڪري اڙدو ٻوليءَ جو ڪنهن به طرح سان، قومي ٻولي ٻڌجڻ جو ڪو آئيني استحقاق نه هو. اُهو استحقاق اڪثريتي قوم جي ٻوليءَ جو هو. اُنهيءَ حساب سان، اُهو سڄو استحقاق بنگالي ٻوليءَ جو هو. اُن ڪري، پاڪستان ۾ قومي ٻولي جو درجو هڪدم بنگالي ٻوليءَ کي ملڻ گهرجي ها. پرائين نه ڪيو ويوا ۽ بنگاليءَ بدران اُڙدوءَ کي قومي ٻولي ٻڌايو ويو جنهن کي بنگالين پاڻ سان وڏي قومي ناانصافيءَ قرار ڏنو.

بهرحال، اُنهيءَ اعلان بعد جڏهن ڪراچيءَ ۾ اُڙدو ٻوليءَ کي سڄي مُلڪ ۾ ڦهلائڻ ۽ اُن جي گهربل ترقي ۽ واڌ ويجهه واسطي وزيراعظم لياقت علي خان جي سهڪار سان، انجمن اُڙدوءَ جي نالي سان تنظيم جو بنياد وڌو ويو[7] ته بنگالين ۾ وڏي بي چيني ڦهلجي وئي. هُنن، بنگالي ٻوليءَ جي حق ۾ آواز اٺارڻ شروع ڪري ڏنو. جيتوڻيڪ بنگال جي سجاڳ ذهن دانشورن ۽ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن تحرڪ ونڊي، بنگالي ٻوليءَ جي تحفظ لاءِ 'تمدن مجلس' جو بنياد ته وجهي ڇڏيو[8] ۽ اُن جي پليٽ فارم تان بنگاليءَ کي قومي ٻولي بنائڻ جا مطالبا ڪيا ويا، پر ائين، صورتحال ابتريءَ ڏانهن وڌندي ٿي وئي. چون ٿا ته، جڏهن وفاقي سرڪار پاران اُڙدوءَ کي باقاعده قومي ۽ سرڪاري ٻوليءَ ٻڌائڻ جو تياريون ٿيڻ لڳيون، ۽ سرڪاري لکپڙهه، ڪاغذي دستاويز ڪرنسيءَ جا نوٽ ۽ مني آرڊر فارم وغيره اُڙدو ٻوليءَ جي لکت سان جاري ڪيا ويا، ته اُن تي بنگالي سياسي ليڈرشپ ۽ دانشور طبقي سخت احتجاج ڪيو ۽ ترت ئي 'سنگرام پريشد' جو بنياد وجهي، بنگاليءَ کي قومي ٻولي جي درجي ڏيارڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪري ڏنائون. جنهن هڪ وڏي بُحران کي پيدا ڪيو. اُهو بُحران وري تڏهن وڌيڪ شدت اختيار ڪري ويو جڏهن وزيراعظم لياقت علي خان، فيبروري 1948ع ۾، آئين ساز اسيمبليءَ ۾ طاقت (Power) جي ٻولي ڳالهائيندي، اُهو چئي ڏنو: "پاڪستان هڪ مسلم ملڪ آهي، ۽ اُن جي قومي ٻولي صرف اُڙدو هوندي"[9] دراصل، ڪنهن به وفاقي ملڪ ۾، ڪنهن به صرف هڪڙي مخصوص ٻوليءَ کي قومي يا سرڪاري ٻولي ٻڌجڻ جو استحقاق ناهي هوندو. ڪنهن به هڪڙيءَ ٻوليءَ کي اُهو استحقاق صرف وحداني مُلڪ ۽ معاشري ۾

حاصل هجي ٿو. وفاقي مُلڪ ۾ معاشري ۾ قومي هوليءَ جو آئيني استحقاق ڪنهن به هڪڙي مخصوص هوليءَ کي ڏيڻ، نه رڳو قومن جي ڀائيورستيءَ کي زڪ پهچائڻ جي هڪ خطرناڪ ڪوشش هجي ٿي،پر قومي اتحاد، جيڪو وفاق کي بچائڻ ۽ اُن کي سگهه ڏيارڻ جو ضامن هجي ٿو کي تباهه ڪرڻ جي به برابر هجي ٿو. اِهو ئي سبب آهي، جو دنيا جي حقيقي وفاقي جمهوري مُلڪن ۾ ڪنهن به هڪڙيءَ مخصوص هوليءَ کي قومي هوليءَ جي درجي ڏيڻ بدران، وفاق ۾ شامل قومن ۽ آئيني وحدتن جي اتحاد کي اوليت ڏيندي، هڪ نه، پر هڪ کان وڌيڪ هولين کي قومي هولين جو درجو ڏئي، هڪ طرف، مُلڪي وفاق کي گهربل استحڪام پهچايو ويندو آهي، ته وري ٻي طرف، قومن جي ڀائيورستيءَ جي قبوليت واري ماحول کي به هٿي ڏني ويندي آهي. اِن حوالي سان، اسان وٽ، هندوستان جو هڪ وڏو مثال موجود آهي، جيتوڻيڪ هندوستان هڪ حقيقي وفاقي جمهوري مُلڪ ناهي، اُهو به هڪ وحداني وفاقي مُلڪ آهي، پرقطع نظر اُن جي، اُن مُلڪ ۾ موجود مختلف قوميتن ۽ سندن ٻانت جي ٻانت جي لساني، ثقافتي ۽ نسلي شناختن جي رنگارنگينيت (Plularsim) کي ڏسندي، اُن جي احترام ۽ قبوليت طور هنديءَ سان گڏ 26 مادرين هولين کي قومي هولين جو درجو ڏنو ويو آهي.[10] بدقسمتيءَ سان، جئين ته، پاڪستان ۾ رياست جي اصل قوتن جي ترجيح ۾، وفاقيت واري کا به ڳالهه نه رهي آهي، اُن ڪري شروع کان وٺي، اسان وٽ اهڙا فيصلا ڪيا ويا آهن، جن سان نه رڳو مُلڪ ۾ آباد قومن جي ڀائيورستي کي وڏو ڏڪ لڳو آهي، پر اتحاد وارو مقصد به حاصل ناهي ٿي سگهيو. اُڙدوءَ کي قومي هولي بنائڻ وارو فيصلو به اهڙو ئي غلط ۽ وفاق دشمن فيصلو هو جنهن مُلڪ کي شروع وارن ڏهاڙن ۾ بحران جي ورڇاڻهي ڇڏيو، ۽ اُن جو منطقي نتيجو 1971ع ۾ بنگال جي ورهاڱي جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. اُن ڪري، هوليءَ واري معاملي جي حوالي سان، پاڪستان ۾، ضرورت اُن ڳالهه جي هئي، ته اُن ۾، اُڙدو يا ٻي ڪنهن به هڪڙيءَ هوليءَ کي قومي هولي بڻائڻ بدران، وفاق ۾ شامل پنجن وفاقي وحدتن جي هولين کي قومي هولين جو درجو ڏنو وڃي ها، جنهن سان نه رڳو وفاقي ۽ صوبائي حڪومت جي وچ ۾ خوشگوار لاڳاپن جي راهه هموار ٿئي ها، پر خود وَفاقُ به مضبوط ٿئي ها، ۽ مُلڪ ۾ قومن جي ڀائيورستيءَ لاءِ قبوليت واري سوچ پيدا ٿئي ها، جنهن سان اڳي يا پوءِ قومي سوال جو به خاتمو ٿي پوي ها.

اصل ۾، مسئلو اِهو به هو جو پاڪستان ۾، اصل قوتن طرفان، هٿرادو نموني سان، نه رڳو سڄي رياست کي طاقت جي ناجائز مرڪزيت واري نظام تحت وحدانيت جو رنگ ڏنو ويو هو، پر مُلڪ جي وفاقي معاشري کي زبردستي 'مهاپاڪستاني

قوميت' واري مفروضاتي نظريي تحت وحداني بڻائڻ جون ڪوششون ۽ ڪيون ويون. جيڪي نہ رڳو غلط ۽ غيرفطري هيون. پر جمهوري اصول ۽ زميني حقيقتن جي ۽ خلاف هيون. اِهو ئي سبب آهي. جو جڏهن رياست ۽ اُن جي بالادست قوتن پنهنجن مخصوص مُفادن خاطر وفاقيت بدران وحدانيت کي اوليت ڏني. ۽ وفاقي وحدتن جي ٻولين (Indigenous Languages) کي قومي ٻولين جي درجي ڏيڻ بدران اُڙدوءَ کي پاڪستان جي واحد قومي ٻولي بنائڻ جا اعلان ڪيا. تہ پاڪستان جي وفاقي سماج ۾ معاشري ۾ اُنهيءَ کي هضم ڪرڻ اوکو بڻجي ويو. اُن جي اُبتڙ نتيجي طور اُنهيءَ وحداني سوچ تي ٻڌل فيصلي خلاف نہ رڳو مزاحمت ظاهر ٿي. پر عليحدگي پسند لاڙي کي ۽ تقويت ملي. تان جو اُها عليحدگي 1971ع ۾ عملي طور تي ظاهر ۽ ٿي. اُنهيءَ عليحدگي پسند سوچ جو بُنياد تڏهن پيو. جڏهن فيبروري 1948ع ۾ وزيراعظم لياقت علي خان. قانون ساز اسيمبليءَ اندر اُڙدوءَ کي قومي ٻولي بنائڻ جا اعلان ڪيا. اِهو ئي سبب هو جو اُنهيءَ سال بنگال ۾ بنگالي ٻوليءَ جي حق ۾ احتجاج شروع ٿي ويا. بنگالي شاگرد ۽ دانشور طبقو ميدان ۾ آيو. ڏاڪا کي احتجاج سببان مڪمل طور مفلوج ڪيو ويو. وفاقي سرڪار طاقت (Power) جي استعمال کي اوليت ڏني! ائين. بنگال ۾ ٻولي جي حق ۾ ٿيندڙ احتجاج تي پوليس ذريعي لٺبازي ڪرائي وئي. جنهن ۾ ڪيترائي بنگالي شاگرد ڦٽجي پيا.[11] ان تڪراري صورتحال کي ڏسندي. مارچ 1948ع ۾ خود مُلڪ جي باني ۽ گورنر جنرل جناح بنگال جو دؤرو ڪيو. البت. بنگالين کي اُن دوري مان جا اميد هئي. سا پوري نہ ٿي سگهي. جو جناح ۽ ڏاڪا ۾ اُهو اعلان ڪري آيو تہ "پاڪستان جي سرڪاري ٻولي صرف اُڙدو ٻولي هوندي"[12] اهڙي اعلان بعد بنگالين ۾ بي چيني تهائين وڌيڪ وڌي وئي. هوڏانهن 1950ع وارو سال آيو. تہ آئين لاءِ جوڙيل بنيادي اصولن واري ڪميٽي. پنهنجي عبوري رپورٽ پڌري ڪري ڇڏي. رپورٽ ۾ اُڙدوءَ کي قومي ٻولي بنائڻ جي سُفارش ڪئي وئي.[13] جنهن سببان بنگال ۾ سخت احتجاج ٿيو. ٻئي سال. 1952ع ۾ وري. وزيراعظم خواجا ناظم الدين ڏاڪا وڃي. اُڙدوءَکي قومي ٻولي بنائڻ جو اعلان ڪيو.[14] اُنهيءَ اعلان جڙ تہ هرندي ٿي تيل وارو ڪم ڏنو جو سڄو بنگال ٻَري اُٿيو. شاگرد طبقي ڏاڪا ۾زبردست احتجاج رکارڊ ڪرايو.[15] رياست وري ب. طاقت جي استعمال کي اوليت ڏني! ۽ ڏاڪا ۾ شاگردن جي احتجاج تي. پوليس هٿان فائرنگ ڪرائي. جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي شاگرد مارجي ويا. ۽ ڪيترائي سخت زخمي ٿي پيا. اُنهيءَ واقعي جي حوالي سان. ڏاڪا ۾ "شهيد مينار" پڻ اڏيو ويو. ائين بنگال جي صورتحال وڌيڪ خراب ٿيندي ٿي وئي.[16]

جناح ۽ اُڙدو ٻولي

اسان وٽ، جناح جي حوالي سان، سنڌ ۾، سالن کان اُها غيراڪيڈمڪ ڳالهه ٿيندي رهي آهي، ته جناح ئي اُڙدوءَ کي پاڪستان جي قومي ٻولي بڻايو.[17] مان پانيان ٿو ته، جناح جي حوالي سان اُها ڳالهه بلڪل غلط ۽ تاريخ جي رڪارڊ کان اڻ ڄاڻائي تي ٻڌل آهي؛ چاڪاڻ ته، تاريخ جو رڪارڊ ٻُڌائي ٿو ته جناح، پنهنجي سڄيءَ زندگيءَ ۾، ڪڏهن به، اُڙدو ٻوليءَ لاءِ قومي ٻوليءَ جو لفظ استعمال ناهي ڪيو. جناح، پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ 1948ع ۾، ٻوليءَ جي مسئلي تي ڍاڪا ۾، صرف به تقريرون ڪيون هيون؛[18] اُنهن ٻنهي تقريرن کي مون بار بار پڙهيو آهي، اُنهن ۾ ڪٿي به، جناح اُڙدوءَ لاءِ قومي ٻوليءَ جو لفظ استعمال ڪيو هجي، اُهو ظاهر ناهي؛ البت، هُن، تقريرن ۾، رياست جي پاليسي جو اعلان ڪندي، اُڙدوءَ لاءِ رياستي ٻوليءَ (State Language) جو لفظ ضرور استعمال ڪيو هو.[19] اُن ڪري، منهنجو خيال آهي، ته اُڙدوءَ جي حوالي سان، قومي ٻوليءَ (National Language) جو لفظ جناح ڏانهن منسوب ڪرڻ، ڪنهن به طرح سان، تاريخي حقائق ۽ رڪارڊ مُطابق ناهي.

ائين ناهي، ته جناح، اُڙدوءَ جي حوالي سان، قومي ٻوليءَ بدران رياست جي ٻوليءَ واري جا ڳالهه ڪئي، سا دُرست هئي. اُڙدوءَ کي پاڪستان جي رياست جي ٻولي (State Language) جو اعلان به، دراصل، غلط ۽ هڪ غيرجمهوري اعلان هو ۽ اُهو وفاقيت جي بُنيادي اصولن جي به خلاف هو، چاڪاڻ ته، وفاقي مُلڪن ۾ صرف ڪنهن به هڪڙي مخصوص ٻوليءَ کي قومي ٻولي جو درجو هرگز نه ٿو ڏئي سگهجي. اِهو استحقاق، دراصل، وفاق ۾ شامل سمورين وفاقي اِڪائين جي مادرين ٻولين (Indigenous Languages) جو گڏيل طور تي هجي ٿو. وفاقي اِڪائين ۽ تاريخي قوميتن جي مادرين ٻولين کي نظرانداز ڪري، صرف هڪ مخصوص ٻوليءَ کي رياست جي ٻولي بنائڻ جو اعلان ڪرڻ هڪ وَفاقُ دشمن اعلان هو. اُن حوالي سان، جناح کي تنقيد کان آجو قرار نه ٿو ڏئي سگهجي، ۽ سندس اُڙدوءَ کي رياست جي ٻولي بنائڻ واري اعلان کي غلط قرار ڏئي سگهجي ٿو، پر مون کي اصل اعتراض، تاريخ جي رڪارڊ کي غلط رنگ ۾ پيش ڪرڻ تي آهي. تاريخ جو رڪارڊ ٻُڌائي ٿو ته جناح اُڙدو ءَ لاءِ ڪڏهن به قومي ٻوليءَ جو لفظ استعمال ناهي ڪيو. پرڪيترائي "ماهر" اُن ڳالهه تي بضد آهن، ته جناح، پاڪستان ۾ اُڙدوءَ کي قومي ٻولي بڻايو! مان پانيان ٿو ته اُڙدو ٻوليءَ جي معاملي تي، جناح، رياست جي ٻوليءَ بابت پاليسيءَ جو اعلان ڪندي، جو ڪجهه چيو ۽ جيڪي لفظ استعمال ڪيا، اُنهن کي توڙي مروڙي غلط معنيٰ ۽ غلط لفظن سان پيش ڪرڻ، نه صرف جناح سان وڏي زيادتي آهي، پر خود تاريخ جي رڪارڊ سان به هڪ وڏي هٿ چراند آهي، جنهن سان عام ماڻهو گمراهه ٿئي ٿو.

بهرحال، ائين، 1952ع ۾، بُنيادي اصولن واري ڪميٽي، پنهنجي حتمي رپورٽ پيش ڪئي. اُن ۾ قومي ٻوليءَ جي حوالي سان، خاموشي اختيار ڪئي وئي، ۽ ڪنهن به ٻوليءَ جي سُفارش نه ڪئي وئي؛[20] البت، مُلڪ لاءِ برابريءَ واري اصول تحت، آئين جي سُفارش ته ڪئي وئي، پر اُن کي نه پنجاب قبول ڪيو ۽ نه بنگال پسند ڪيو، جنهن سببان، صورتحال ۾ سرد مهري جئين جو تئين برقرار

رهي.[21] دراصل، برابريءَ واري اصول تحت ٺهندڙ آئين کي قبول نہ ڪرڻ لاءِ پنجاب ۽ بنگال جا مختلف ۽ متضاد سبب هئا. بنگال جو مؤقف هو ته مُلڪ لاءِ هڪ اهڙو حقيقي وفاقي جمهوري آئين هجي، جنهن تحت اپر هائوس (سينيٽ) ۾ بنگال جي نمائندگي برابريءَ واري اصول تحت نہ، پر آبادي‌ءَ جي بنياد تي هجڻ گهرجي، جو بنگال پاڪستان جو وڏو صوبو آهي؛ اُن کري، ٺلهو برابريءَ واري نمائندگي ملڻ سان بنگال جي جائز مُفادن کي زک پهچڻ جا امڪان پيدا ٿي پوندا.[22] جڏهن ته، پنجاب جو خيال هو ته برابريءَ واري اصول تحت تيار ٿيندڙ آئين مطابق اپر هائوس (سينيٽ) ۾ برابريءَ واري نمائندگي هوندي، ته بنگال ننڍن صوبن کي پاڻ سان ملائي، اپر هائوس ۾ پاڻ کي اڪثريت ۾ آڻي، پنجابي بالادستي لاءِ خطرو پيدا ڪري وجهندو. اُنهيءَ خطري سبب، بهرحال، پنجاب بنيادي اصولن واري ڪميٽيءَ جي رپورٽ کي قبول نہ ڪيو ۽ اُن کي رد ڪري ڇڏيائين.[23] اُن وچ ۾ مُلڪ اندر قاديانين جو اِشو اُٿاري، بنگالي وزيراعظم خواجا ناظم الدين کي تان هٽايو ويو.[24] خواجا ناظم الدين، بنگال جو قومي سوچ رکندڙ قومي اڳواڻ ته نہ هو[25] پر قطع نظر اُن جي، هُن سان اقتداري راند ۾ جا ناانصافي ٿي، تنهن کي بہ بنگالين پاڻ سان قومي ناانصافي قرار ڏني. ائين، بنگالين جي جدوجهد جاري رهي. ۽ اُها هوليءَ جي سوال کان شروع ٿيل جدوجهد، ڪجهہ سالن اندر قومي حقن واري جدوجهد بڻجي وئي، جو مُلڪ ٽهڻ کانپوءِ ڪجهہ سالن اندر ئي بنگالين اِهو محسوس ڪري ورتو هو ته هُنن جنهن پاڪستان لاءِ جدوجهد ڪئي هئي؛ هيءُ اُهو پاڪستان نہ هو. اُنهيءَ پاڪستان کي تبديل ڪيو ويو هو! 1940ع واري ٺهراءَ مطابق، جيڪي آزاديءَ ۽ خودمُختياريءَ جون آئيني ضمانتون ڏنيون ويون هيون، اُنهن کي رد ڪيو ويو هو. ۽ مُلڪ کي حقيقي وفاقي جمهوري مُلڪ بنائڻ جون جيڪي ڳالهيون جناح ۽ مسلم ليگ ڪيون هيون، تن کي بہ بلڊوز ڪيو ويو هو. بنگالين جو خيال هو ته هتي قومن جي ڊائيورسٽيءَ لاءِ ڪو احترام ۽ قبوليت واري سوچ ناهي؛ وفاقيت بدران، وحدانيت کي اوليت ڏني وئي آهي، جا صرف ۽ صرف طاقت جي ناجائز مرڪزيت جي هولي ڳالهائي ٿي. بنگالين اِهو سمجهي ورتو هو ته ساڻن مُلڪ ۾ هڪ وفاقي اِڪائي يا آئيني وحدت طور نہ، پرفتح ڪيل ڪالوني طور ورتاءُ ڪيو وڃي ٿو جنهن ۾ قومي، سياسي، مُعاشي ۽ ثقافتي حقن جي ڳالهہ ڪرڻ مُلڪ دشمني ۽ غداريءَ برابر هئي.[26]

دراصل، بنگال جي جدوجهد بلڪل جائز هئي. پاڪستان، بنگال ئي ٺاهيو هو.[27] پاڪستان ٺاهڻ واري سڄي تحريڪ ۾ بنگال ۽ بنگالي پيش پيش هئا. 1906ع ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي بُنياد وجهڻ کان وٺي 1937ع وارين چونڊن ۾

ڪاميابي بعد مسلم ليگ کي بنگال اندر صوبائي حڪومتي اختيارن جي مالڪ بڻائڻ تائين، 45-1946ع وارين چونڊن ۾ مسلم ليگ کي بنگال ۾ مليل شاندار عوامي ڪاميابيءَ کان وٺي، 1947ع ۾ پاڪستان جي مُطالبي کي عوامي ۽ اسٽريٽجڪ جواز فراهم ڪرڻ تائين، بنگال ئي پاڪستان ٺاهڻ واري تحريڪ ۾ هراول دستي جو ڪردار ادا ڪيو هو. البت، اِهو تاريخ جو وڏو جَبرُ رهيو آهي، جو جنهن بنگال، پاڪستان ٺاهيو هو اُنهيءَ بنگال کي پاڪستان ٺاهڻ ڪانپوءِ سڀ کان پهرين قومي ڦرلٽ ۽ ناانصافيءَ جو نشانو بڻايو ويو![28] ۽ ڪيس هرطرح سان تنگ، سوڙهو ۽ پوئتي رکي، احساس محرومي ۾ مبتلا ڪيو ويو. نام نهاد آئيني هٿڪنڊن ذريعي، بنگالين جي حقِ حاڪميت کي ڪالعدم ڪيو ويو. سنڌن ٻولي، سنڌن ڪلچر ۽ سنڌن ثقافت لاءِ خطرو کڙو ڪيو ويو. عظيم رابندرناٿ ٽيگور جي سالياني ورسي وارن پروگرامن تي بندش وڌي وئي؛ ۽ ريڊيو تي، سنڌس شاعري ٻُڌائڻ تي پابندي لاڳو ڪري، بنگالين جي ثقافتي خودمُختياريءَ کي يرغمال بڻايو ويو. سنڌن لاءِ وفاق کي صرف نالي جو وفاق بڻايو ويو. وفاق جي نالي تي پنجابي-مُهاجر مُفادن کي مٿن سوار ڪيو ويو. اوپر جي صنعت، ڪاروبار ۽ معاشي وسيلن جي اُپٽ اوپر بدران اولهه تي خرچ ڪئي وئي؛ مٿن روزگار جا دروازا بند ڪيا ويا؛ ملازمتن ۾ ٻيائي ڪئي وئي؛ صورتحال اِها هئي، جو مُلڪ جي 19 وفاقي سيڪريٽرين مان هڪ به بنگالي نه هو.[29] جڏهن ته، جوائنٽ سيڪريٽرين مان 38 اولهه پاڪستان جا هئا، ته اُنهن ۾ بنگالي صرف 03 هئا.[30] 133 ڊپٽي سيڪريٽرين مان بنگالي صرف 10 هئا.[31] فوج ۾ به اهڙي ئي بنگالين جي خلاف انتهائي مٿيڇيد واري صورتحال هئي، جو 34 برگيڊيئر جنرلن مان هڪڙو به بنگالي نه هو![32] جڏهن ته، 600 نيول آفيسرن مان بنگالي صرف 07 هئا.[33] "اقتصادي ميدان ۾ به سنڌن حالت بهتر نه هئي. اِها ڳالهه بار بار چئي ٿي وئي ته اوپرپاڪستان جيڪو ناٽو ڪمائي ٿو اُهو سمورو ناٽو اولهه پاڪستان جي صنعتي ترقيءَ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو. ورهاڱي وقت اوپر پاڪستان ۾ نه صرف اِهو ته ڪا به صنعت نه هئي، پر اعليٰ ملازمتن ۾ به بنگالي مسلمانن جي ڪوٽ سببان گهٽا ئي اعليٰ عملدار اولهه پاڪستان کان موڪليا ٿي ويا، يا وري، انديا جي مختلف صوبن مان اُهي مسلم آفيسر ويا ٿي، جن پاڪستان ۾ نوڪري ڪرڻ کي اوليت ڏني هئي. جڏهن ته، اڪثر اعليٰ عملدارن جو رويو به، بنگالين ڏانهن غرور وارو هو. جنهن هرنديءَ تي تيل وارو ڪم ڏنو ۽ اُن کي اولهه پاڪستان جي خلاف نفرت وڌائڻ لاءِ استعمال ڪيو ٿي ويو. مرڪز ۾ سياست جي عام معاملن، خاص طور تي، اولهه پاڪستان جي گورنرجنرل هٿان، خواجا ناظم الدين جي برطرفي سان به اُن تاثر کي تقويت ملي، ته اولهه پاڪستان،

اوپرپاڪستان تي حڪومت ڪري رهيو آهي. اِها به هڪ تلخ حقيقت آهي، ته مرڪز صوبائي حڪومتن جي معاملن ۾ بار بار دخل ڏنو."[34]

بهرحال، اِها ئي متييد ۽ ناانصافيءَ واري صورتحال هئي، جو بنگالين جي ٻوليءَ واري جدوجهد ترت قومي حقن واري تحريڪ ۾ تبديل ٿي وئي. بنگالين جو مؤقف هو ته پاڪستان ۾ ساڻن هڪ وفاقي آئيني اڪائي طور نه پر ٻئي درجي واري شهريءَ جهڙو ورتاءُ ڪيو وڃي ٿو. حيرت جي ڳالهه اِها آهي، جو رياست بنگالين جي شڪايتن جو گهربل ازالو ڪرڻ بدران، سندن آواز کي دٻائڻ لاءِ بدستور طاقت جي استعمال واري پاليسي تي بضد رهي. بنگال جي عوامي اڳواڻ حسين شهيد سهروردي جي بنگال ۾ داخلا ۽ سرگرمين تي بندش، عوامي ليگ جي خلاف ڪريڪ ڊائون، ۽ اڪيچار بنگالي اڳواڻن کي گرفتار ڪري، جيل موڪلڻ اُن ڳالهه جو ڇٿو ثبوت هو ته رياست، بنگال جي اتحاد (Unity) ۽ بنگالي عوام جي جائز مطالبن کي مانُ ڏيڻ بدران طاقت (Power) جي ٻولي ڳالهائي ٿي.[35] دراصل، ڪنهن به وفاقي مُلڪ توڙي معاشري ۾ قومن جي گهٽائي (Diversity) لاءِ گهربل قبوليت ۽ احترام ختم ٿي ويندو آهي، ته پوءِ اُتي، طاقت (Power) جي استعمال جو اهڙو ننگو نماءُ ٿيندو آهي، جنهن سببان نه رڳو جمهوريت جو ڏاڇيون اُڏامي ويندیون آهن، پر اِتحادَ وارو سوال به وڏي خطري هيٺ اچي ويندو آهي. 1971ع ۾ بنگال جي اتحاد کي وڃائي ويهڻ جو هڪ وڏو بُنيادي سبب به اِهو هو جو بنگال جي مسئلي کيْ نوس آئيني طريقي سان مُنهن ڏئي، وفاقي آئين ذريعي بنگال جي شڪايتن جو ازالو ڪرڻ بدران، طاقت جي زور تي، بنگال جي آواز کي دٻائڻ جي لاحاصل ڪوشش ڪئي وئي! ۽ اُن جو جيڪو 1971ع ۾ نتيجو نڪتو اُن کان پاڻ سيئي ٻليءَ پت واقف آهيون. بهرحال، 1954ع ۾ جيڪي چونڊون ٿيون، تن ۾ بنگال اندر مسلم ليگ کي زبردست شڪست ملي.[36] پاڪستان جي سياست جو اِهو هڪ وڏو موڙ هو. ڇو ته اُهو بنگال هو جنهن 46-1945ع جي چونڊن ۾ مسلم ليگ کي حيرت انگيز ڪاميابي ڏيارائي، جناح جي پاڪستان ناهڻ واري ڪيس کي آئيني ۽ سياسي سگهه بخشي هئي،[37] جنهن سببان مسلم ليگ جو انگريزن ۽ هندن جي اڳيان اخلاقي مورال بلند ٿيو هو ۽ جناح، ننڍي کنڊ جي مسلمانن جي 'اڪيلي اڳواڻ' (Sole Spokesman) ٻڌجڻ واري دعويٰ ڪرڻ جي قابل ٻڌيو هو.[38] دراصل، بنگالي مسلمانن جي گهربل حمايت ۽ مدد کان سواءِ پاڪستان جو ڪيس کٽڻ ڏکيو هو.[39] بنگالي مسلمانن جو مسئلو اِهو هو جو هندو بنگالي وچولي طبقي جو سڄي بنگال جي سياست، معشيت، تعليم، وڻج واپار، شهرن، نوڪرين ۽ روزگار جي سمورن وسيلن تي قبضو هو، جنهن بنگالي مسلمانن کي بنهه زچ ڪري

وڏو هو. دراصل، اُنهيءَ هندو بالادستيءَ کان جان ڇڏائڻ لاءِ بنگالي مسلمانن پاڪستان ٺاهڻ جي وڏي جڙهي حمايت ڪئي هئي. 1940ع وارو ٺهراءُ به ٻيو ڪنهن نه، پر بنگالي مسلم سياستدان مولوي فضل الحق پيش ڪيو هو. ائين، بنگالي پاڪستان ٺاهڻ واري سڄي تحريڪ ۾ پيش پيش هئا؛[40] البت، جڏهن پاڪستان ٺهيو ۽ مسلم ليگ دولاب مان ڪم وٺي، مُلڪ کي جمهوري طريقي ڪار مطابق هلائي، اُن جي وفاق کي جمهوري وفاق بنائڻ بدران پنجابي- مُهاجرن مُفادن وارو وحداني وفاق بڻايو ته اُن خلاف سڀ کان پهرين مزاحمت به بنگال ڪئي؛ ۽ اُنهيءَ مزاحمت جو عملي روپ، 1954ع جي عوامي چونڊن ۾ مسلم ليگ جي عبرتناڪ شڪست هئي.

بهرحال، 1954ع جي چونڊن ۾ جڏهن ته بنگال جي گڏيل مُخالف ڌُر طرفان جوڙيل جگتو فرنٽ، مولوي فضل الحق، حسين شهيد سهروردي ۽ مولانا ڀاشاني جي اڳواڻيءَ ۾، وڏي ڪاميابي حاصل ڪري ورتي؛[41] اُن ڪري، رياست جي اصل قوتن اُنهيءَ صورتحال کي وڏيڪ خطرناڪ سمجهيو ۽ اُهو خيال پيدا ٿيو ته بنگال، جيڪڏهن ائين اڳتي وڌندو آيو ته طاقت جو توازن تبديل ٿي ويندو ۽ اوير، اولهه تي قابض ٿي ويندو. جنهن سببان مُلڪ ۾ قائم پنجابي-مُهاجر اسٽيٽسڪو خطري هيٺ اچي ويندو. اِها سوچ ئي هئي، جنهن سببان، 1955ع ۾، اولهه پاڪستان ۾ ون يونٽ لاڳو ڪري، چئن صوبن کي، پنجاب جي اڳواڻي ۾، هڪ صوبو بڻائي، بنگال سان مقابلي جي تياري ڪئي وئي! دراصل، ون يونٽ ذريعي، پاڪستان جي وفاقي معاشري جي گهڻ-رنگائي (Diversity) کي هٿرادو طرح سان، طاقت جي زور تي، هڪ-رنگائي (Unity) ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي، جا نه رڳو هڪ غيرفطري ڪوشش هئي، پر بُنيادي طور تي، اُها وفاق دشمن حرڪت به هئي. پاڪستان، گهڻ-قوميتي سُڃاڻپن جي رنگارنگينيت (Pluralism) تي ٻڌل هڪ وفاقي مُلڪ ۽ وفاقي معاشرو رهيو آهي. اُن جي مسئلي جو حل اِهو هو ته اُن جي وفاق ۾ شامل وفاقي وحدتن کي مڪمل سياسي، معاشي ۽ ثقافتي خودمختياري ڏني وڃي ها، جنهن جي نتيجي ۾ مُلڪ اندر قومن جي گهٽائيءَ (Diversity) لاءِ احترام ۽ قبوليت واري سوچ پيدا ٿئي ها، ۽ وري اُنهي سوچ تحت، نه رڳو ملڪ ۾ قومي اتحاد (Unity) وارو مقصد سولائي سان حاصل ٿيو پوي ها، پروفاق به مضبوط ۽ سگهارو ٿئي ها. ائين، مُلڪ اندر ڪنهن به حادثي جو ڪو به امڪان پيدا نه ٿئي ها. بدقسمتيءَ سان، پاڪستان ۾ ائين نه ڪيو ويو ۽ جڏهن ته، ائين ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهرين مُلڪ کي هڪ حقيقي وفاقي جمهوري آئين ڏيڻ جي ضرورت هئي، اُن ۾ ايتري ته لاپرواهي ۽ جاڻي ٻُجهي غفلت مان ڪم ورتو ويو جو نون ڏهن سالن تائين

آئين واسطي ڪا بہ پيش رفت نہ ٿي سگھي![42] ۽ 1956ع ۾ جيڪو آئين ڏنو بہ ويو تہ اُن ۾ جيتوڻيڪ بنگالين جي ٻوليءَ واري شڪايت جو ازالو ڪندي اُڙدوءَ سان گڏ بنگالي ٻوليءَ کي بہ قومي ٻولي جو درجو ڏنو ويو،پر بابرايازچواڻي: "بنگالين لاءِ اهو هڪ مهانگو سودو هو، جو ڪين ون يونٽ واري پُرفريب نظريي کي قبول ڪرڻو هو. ائين، ڪين اسيمبليءَ ۾ پنهنجي اڪثريت تان هَٿُ کڻڻو هو."[43]

بهرحال، بنگالين کي طاقت جي توازن کان پري رکڻ، ۽ کين مُستقل طور تي، پنجابي-مُهاجر مُفادن جو ڳيجهو بنائڻ لاءِ مُلڪ ۾ محلاتي سازشن ذريعي سياست کي خوار ڪري، فوج کي اُن ۾ گهلي اڇي، جنرل ايوب، اسڪندر مرزا ۽ غلام محمد جهڙن سول-ملٽري نمائندن کي سياست ۾ آڻي، کين مُلڪ جي اڇي ڪاري جو مالڪ بڻائي، 1958ع ۾ فوجي مارشل لا تہ قائم ڪئي وئي، پر مُلڪ ۾ بنگال سميت ننڍين قومن جي جدوجهد جاري رهي، تان جو ڇهن سالن اندر مُلڪ جون حالتون اُن پَدَ تي وڃي پهتيون، جو 25 مارچ 1969ع تي، جنرل ايوب کي استعيفيٰ ڏئي، گهر پيڙو ٽيٽو پيو.[44] اُن سڄي عرصي دوران رياست طرفان، بنگال جي مسئلي جي حل لاءِ طاقت جي استعمال واري پاليسي بدستور جاري رهي![45] ايوب خان جي 1962ع واري آئين ۽ اُن جي نتيجي طور 'ايبڊو' جهڙن ڪارن قانونن تحت شيخ مُجيب الرحمان تي ڪرپشن جا ڪيس داخل ڪرڻ، اُنهن مان مُجيب جو باعزت بري ٿيڻ، بنگال طرفان قومي خودمُختياريءَ لاءِ جدوجهد کي تيز ڪري ڇڏڻ، 1966ع ۾ شيخ مجيب طرفان ڇهہ نقاطي پروگرام جاري ڪري، صوبن کي 1940ع واري لاهور نهراءَ مطابق خودمُختياري ۽ قومن جي برابريءَ واري جمهوري وفاق جي اڏاوت جا مطالبا ڪرڻ ۽ اُنهن مطالبن توڙي جائز شڪايتن کي مُنهن ڏيڻ بدران، رياست ياران بنگال ۾ گورنر راج مُڙهي ڇڏڻ کان وٺي، شيخ مُجيب کي نام نهاد اگرتلا سازش ڪيس ۾ گرفتار ڪري ڇڏڻ تائين، حالتون اُن پَدَ تي پهچي ويون هيون، جو مُلڪي اتحاد کي برقرار رکڻ هڪ مُشڪل ڳالهہ بڻجي وئي.[46] سون تي سهاڳو اِهو هو جو حڪمران اشرافيا تاريخ مان ڪو سبق سکڻ لاءِ تيار نہ هئي. حڪمران اُهو سمجهڻ لاءَ تيار نہ هئا، تہ گڏيل هندوستان ۾ ڪانگريس ۽ اُن جي ليڈرشپ پنهنجي مرڪزيت پسند ڦورو سوچ تحت، مضبوط مرڪز واري وحداني حڪومتي نظام ۾ مسلمانن کي هندن سان گڏ رکڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ مورڳو هندوستان جو ئي ورهاڱو ٿي ويو. بهرحال، اسان جي ڪج فهم حڪمرانن جو پاڪستان ۾ طاقت جي استعمال تي بدستور زور رهيو جنهن سببان بنگال جو مسئلو تہ حل نہ ٿيو، پر مورڳو بنگالي عوام جي پاڪستاني وفاق کان ويڳاٹپ ۽ احساس محرومي

وڏي وئي. بهرحال، جنرل ايوب جي حڪومتي دؤر ۾، اولهه توڙي اوپر پاڪستان ۾ صورتحال گهٽي خراب رهي.[47] هڪ طرف، اولهه پاڪستان ۾، جناب نوابزاده نصرالله خان ۽ جناب ايئرمارشل اصغرخان وارا ايوب کان ڪاوڙيا وينا هئا، تہ وري ٻئي طرف، جناب ذوالفقار علي ڀٽي، ايوب حڪومت کان ڌار ٿي، پيپلزپارٽيءَ جو بُنياد رکي، حڪومت خلاف تحريڪ شروع ڪري چڏي هئي.[48] ٽئين طرف وري اوپر پاڪستان (بنگال) ۾ عوامي ليگ ۽ شيخ مُجيب جي قيادت ۾ مشهور ڇهه نقطن وارو پروگرام جاري ڪري، حڪومت خلاف جدوجهد تيز ڪري چڏي هئي. اُن ڪري، اهڙيءَ صورتحال ۾، ضرورت اُن ڳالهه جي هئي، تہ فوجي حڪمران اشرافيا چونڊن جو اعلان ڪريو چڏي ها، ۽ بعد ۾، اقتدار چونڊيل عوامي نمائندن کي ڏيو چڏي ها، پر جنرل ايوب جي فوجي حڪومت ائين نہ ڪري سگهي. اُن طاقت جي استعمال کي اوليت ڏني، جنهن جي ردعمل ۾، جڏهن سڄي مُلڪ ۾ گوڙ ٽيڙ شروع ٿي ويا، تہ جنرل ايوب، 25 مارچ 1969ع تي، استيعفيٰ ڏيڻ بعد اقتدار وري به مُلڪ جي سياسي ليڊرشپ جي حوالي ڪرڻ بدران، جنرل يحيٰ خان (1917-1980ع) جي حوالي ڪري چڏيو! جنرل يحيٰ خان به طاقت جي استعمال واري پاليسيءَ کي جاري رکيو، جنهن سببان مُلڪ اندر قومي اتحاد جي تباهي جا به امڪان ڇِتا ٿيندا ٿي ويا. جيتوڻيڪ جنرل ايوب پنهنجي حڪومتي دؤر ۾ طاقت جي استعمال واري پاليسيءَ تي ڪاربند رهيو ۽ اِهو ئي سبب هو جو سندس حڪومت خلاف مُلڪ جي ٻنهي اولهه ۽ اوپر وارن حصن ۾ وڏي مزاحمتي تحريڪ به هلي، تان جو جنرل ايوب کي اقتدار کان عليحدگي به اختيار ڪرڻي پئي،[49] پر چون ٿا، تہ جنرل يحيٰ خان، ايوب کان به وڌيڪ طاقت جي نشي ۾ غلطان هو.[50] اهو ئي سبب هو جو هُن پنهنجي ايائي سالن جي حڪومتي عرصي دؤران طاقت جي استعمال واري اهڙي تہ سخت پاليسي استعمال هيٺ آندي، جو مورڳو مُلڪ جو وَفاقُ ئي ٻہ ٽڪرا ٿي، نہ رڳو پنهنجي ساک ۽ استحقاق وڃائي وينو پر مُلڪي اتحاد ۽ قومي هيڪڙائي به تباهہ ٿي وئي! بهرحال، 25 مارچ 1971ع تي، جنرل ايوب جي استعيفيٰ بعد جنرل يحيٰ اقتدار جون واڳون سنياليون.[51] هُن، 28 نومبر 1971ع تي، ون يونٽ کي ختم ڪري چڏيو ۽ چونڊن جو به اعلان ڪيائين.[52] چونڊن جي اعلان بعد، ائين پاسجي رهيو هو تہ معاملا بهتر رخ ۾ هليا ويندا، پر 7 ڊسمبر 1970ع جي عام چونڊن کانپوءِ عوامي ليگ جي واضح اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي باوجود، اقتدار عوامي ليگ ۽ شيخ مُجيب جي حوالي ڪرڻ کان لنوائڻ ۽ اُن سڄي عمل کي اينگهائي بُحران پيدا ڪرڻ، اُن ڳالهه جو ثبوت هو تہ جنرل يحيٰ خان به مُلڪ کي ڪنهن به طرح سان، جمهوري اصولن مطابق هلائڻ نہ ٿي چاهيو.

دراصل، جنرل يحيٰ خان جي حڪومتي دؤر ۾ مُلڪ جي اهڙي ته ابتر سياسي صورتحال هئي، جو هُن کي، چونڊن ۾، ڪنهن به سياسي پارٽي جي واضح اڪثريت سان چونڊجي اچڻ جي ڪا اميد نه هئي،[53] ۽ اِهو ئي سبب هو جو هُن چونڊن جي اعلان ڪرڻ ۾ ڪا به ويرم نه ٿي ڪئي، ۽ آڪٽوبر 1970ع ۾ ئي، چونڊن جو اعلان ڪري ڇڏيائين.[54] البت، آڪٽوبر ۾، جئين ته، سامونڊي طوفان بنگال ۾ وڏي تباهي مچائي ڇڏي هئي، اُن ڪري، چونڊون آڪٽوبر ۾ نه، پر ڊسمبر 1970ع ۾ ڪرايون ويون.[55] بهرحال، جڏهن چونڊن ٿيون، ۽ اُن جا نتيجا آيا، ته فوجي اسٽيبلشمينٽ جون وايون بتال ٿي ويون، ۽ جنرل يحيٰ خان بنهه اچرج ۾ اچي ويو.[56] جو هڪ طرف، اوپر پاڪستان ۾ عوامي ليگ ۽ جناب شيخ مُجيب الرحمان، واضح اڪثريت سان، قومي اسيمبليءَ جي ڪُل 162 سيٽن مان 160 سيٽون حاصل ڪري ورتيون، ته وري ٻئي طرف، اولهه پاڪستان ۾ پيپلزپارٽي ۽ ذوالفقار علي ڀٽي 81 سيٽن تي ڪاميابي ماڻي ورتي.[57] ائين، ٻئي پارٽيون مُلڪ جو نمائنده پارٽيون بڻجي اُڀري آيون، ۽ جئين ته، مُلڪ جي اصل قوتن کي اقتدار ڪنهن به طرح سان سياسي ليڊرشپ جي حوالي ڪرڻ نه، پر اُن کي بدستور فوجي قبضي هيٺ رکڻو هو. اُن ڪري، چونڊن جي نتيجن جنرل يحيٰ کي بنهه ڇنڪُ ڪري ڇڏيو.[58] بهرحال، چونڊن جي نتيجن ڪانپوءِ عوامي دٻاءَ کي ڏسندي، جنرل يحيٰ خان مُلڪ جي سياسي ليڊرشپ، خاص طور تي، عوامي ليگ ۽ شيخ مُجيب الرحمان سان ڳالهه ٻولهه جو عمل شروع ڪري ڏنو.[59] 12 جنوري 1971ع تي جنرل يحيٰ ڊاڪا پهچي، گورنر هائوس ۾ شيخ مجيب سان ملاقات ڪئي.[60] ملاقات ۾ مُجيبَ جي ڇهه نقاطي پروگرام جي باري ۾ تفصيل سان ڳالهيون ٿيون. عوامي ليگ ۽ شيخ مجيب، دراصل، ڇهن نقطن جي بدولت چونڊن ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي هئي. اُهي، 1940ع واري ٺهراءَ جي اصول مطابق، قومن جي برابريءَ واري جمهوري وفاق، صوبن جي خودمُختياري ۽ وفاقي آئين جي جوڙجڪ جي حوالي سان نهايت اهم نقطا هئا، جنهن جي قبوليت سان، مُلڪ ۾ پيدا ٿيل قومي سوال کي ختم ڪري سگهجي ٿي ويو. ۽ اِهو ئي سبب هو جو بنگال ۽ بنگالي عوام جو سڀ کان وڏو زور ڇهن نقطن جي قبوُليت تي هو ۽ اُنهيءَ بنياد تي، عوامي ليگ کي اقتدار جي منتقلي جا مطالبا ٿي ڪيائون.[61] پر قطع نظر اُن جي، جڏهن 12 جنوري 1971ع تي، ڊاڪا ۾ ٽيندڙ ملاقات ۾، جنرل يحيٰ، مُجيب کان ڇهن نقطن جي وضاحت طلب ڪئي، ته مُجيب هڪ محب وطن طور مُلڪي اتحاد (Unity) کي اوليت ڏيندي، ڇهن نقطن ۾ ڪي قدر تبديلي آڻڻ تي راضي ڏيکاريو.[62] اِهو ئي سبب هو جو مُجيب جي لچڪ سببان نه رڳو جنرل يحيٰ مطمئن ٿي ويو، پرسندن ملاقات به انتهائي خوشگوار ماحول ۾ ٿي

گذري[63] جنرل يحيٰ، ڊاڪا ۾ مُجيب سان ڪامياب ڳالهين ڪرڻ بعد، واپس اچي، 14جنوري 1971ع تي، بيان جاري ڪيو ۽ چيائين: "پاڪستان جو نئون وزيراعظم شيخ مُجيب الرحمان هوندو."[64] سياسي ماهرن جو خيال آهي، ته شيخ مُجيب جي وزيراعظم ٿيڻ واري ڳالهه ذوالفقار علي ڀُٽي کي پسند نه هئي![65] ڇو ته، جيڪڏهن شيخ مجيب مُلڪ جو وزيراعظم ٿئي ها، ته لازمي طرح سان ڀُٽي کي مُخالف ڌُر جو ڪردار ادا ڪرڻو پوي ها، جيڪو ڪيس ڪنهن به طرح سان پسند نه هو![66] اهو ئي سبب هو جو ڀُٽي نه رڳو اولهه پاڪستان جي فوجي اسٽيبلشمينٽ سان ڳٺ - جوڙ ڪري ورتي، پر جناب شيخ مُجيب جي ڇهه نقاطي پروگرام تي علي اعلان اعتراض اٺارڻ به شروع ڪري ڇڏيائين.[67] بهرحال، ائين جنرل يحيٰ، مُجيبَ سان ملاقات ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجي ساٿي جنرلن سان گڏجي، ڀُٽي سان ملاقات واسطي لاڙڪاٽي ڪمي ويو.[68] ظاهري طرح سان، اُها هڪ ڀُٽي جي جنرل کي ڏنل دعوتي ملاقات هئي، پر اصل ۾، اُنهيءَ ملاقات ۾ اقتدار جي منتقليءَ بابت حتمي فيصلا ڪيا ويا، ۽ "اُن ڳالهه تي اتفاق ڪيو ويو ته جيڪڏهن مُجيب پنهنجو رويو نه بدلايو ته اوپر پاڪستان (بنگال) ۾ طاقت جو استعمال ڪيو وڃي!"[69]

چون ٿا، ته جنرل يحيٰ ۽ ڀُٽي جي اُنهي لاڙڪاٽي واري ملاقات بعد ٻئي مهيني فيبروري 1971ع ۾ اُولهه پاڪستان ۾ فوجي اسٽيبلشمينٽ جي هڪ وڏي هنگامي گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾، لاڙڪاٽي ۾ ڪيل فيصلن تي تصديق جي مُهر ثبت ڪئي وئي![70] اُنهيءَ گڏجاڻي ڪانپوءِ وڏي سطح تي ائين ياسجي رهيو هو، ته بنگال کي ماتِ ڏيڻ لاءِ طاقت جو ڀرپور استعمال ڪيو ويندو. جنرل يحيٰ، ڀُٽي سان اُنهيءَ لاڙڪاٽي واري ملاقات ڪانپوءِ، ظاهري طرح سان بُحران کي تاريندي، 3 مارچ 1971ع تي، ڊاڪا ۾ قومي اسيمبليءَ جو اجلاس گهرائڻ جو اعلان ڪيو[71] پر چون ٿا، ته ڀُٽي، مُلڪ جي اصل قوتن جي تيار ڪيل ڊرامي تي عمل ڪندي، 29 فيبروري تي، لاهور ۾ هڪ جلسو ڪوٺايو. جلسي ۾، ڀُٽي، ڊاڪا ۾ ٿيندڙ قومي اسيمبليءَ جي اجلاس جي بائيڪاٽ جو اعلان ڪيو ۽ چيائين: "پ پ جو ڪو به ميمبر قومي اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ ڊاڪا ويندو ته سندس جنگهون ٽوڙيون ويندیون."[72] ڀُٽي جي اُنهيءَ ڏمڪي ۽ بائيڪاٽ جو ڀانو ٻڌائي، جنرل يحيٰ خان، 3 مارچ وارو قومي اسيمبليءَ جو اجلاس ملتوي ڪري ڇڏيو. جنهن تي بنگالي عوام بنهه ڪاوڙجي پيو. عوامي ليگ هڙتال جو سڏ ڏنو.[73] سڄي صوبي ۾ زبردست احتجاج ٿيو. سول نافرماني واري تحريڪ به شروع ڪئي وئي، ۽ حالتون تيزيءَ سان خراب ٿيندیون ٿي ويون.[74] ائين برابر آهي، ته اوپر پاڪستان جي وگوڙي صورتحال کي ڏسندي، جنرل يحيٰ خان 6 مارچ

تي، اُهو اعلان ڪيو تہ 25 مارچ تي، ڍاڪا ۾ قومي اسيمبليءَ جو اجلاس سڏايو ويندو. پر اصل ۾ اُهو اعلان صرف اعلان ئي هو. مُلڪ جي اصل قوتن جو 25 مارچ تي بہ قومي اسيمبليءَ جي اجلاس گهرائڻ جو ڪو بہ ارادو نہ هو. اِها سڄي ڊيگهہ دراصل، اوپرپاڪستان خلاف فوجي طاقت جي استعمال واري منصوبي لاءِ هئي، ۽ اُنهيءَ وچ واري نام نهاد ناٽڪي ڳالهہ ٻولهہ واري عمل کي جاري رکڻ جو مقصد، عوامي ليگ ۽ اُن جي قيادت کي، 25 مارچ تائين ڳالهہ ٻولهہ ۾ مصروف رکي، اولهہ پاڪستان مان هزارين فوجين کي اوپرپاڪستان ڏانهن منتقل ڪرائي، بنگالين کي طاقت (Power) جي زور تي خاموش ڪرڻ هو.[75] اِن حوالي سان، برطانوي اسڪالر جناب لارينس زائرنگ (Lawrence Ziring) پنهنجي هڪ ڪتاب Pakistan: The Enigma of Political Development ۾ لکي ٿو:

"Yahya then announced that the National Assembly would conven on 25 March and in the interim asked the principals to meet with him in an effort to thrash out their differences. But Yahya was clearly stalling for time to build up his forces in the province. General Tika Khan, who had a reputation for ruthlessness, was given the post of Military Governor and Martial Las Admintrator for East Pakistan. A Military build-up began in earnest."[76]

ترجمو: "يحيٰ اعلان ڪيو تہ 25 مارچ تي، قومي اسيمبليءَ جو اجلاس ٿيندو ۽ اُن دوران سمورن اڳواڻن کي ملڻ جي دعوت ڏني، تہ جئين اختلافن کي ختم ڪري سگهجي، پر يحيٰ واضح طور تي وقت حاصل ڪري رهيو هو تہ جئين، اُن دوران هُو صوبي ۾ فوج کي گڏ ڪري سگهي. جنرل ٽڪا خان، جيڪو پنهنجي سخت ورتاءَ سبب مشهور هو، اُن کي، اُوپرپاڪستان جو فوجي گورنر ۽ مارشل لا ايڈمنسٽريٽر مقرر ڪري چڏيائين. فوجي تياريون وڏي منصوبي سان ٿيڻ لڳيون."

لارينس زائرنگ وڌيڪ لکي ٿو:

"Yahya's negotiations with Mujib were not supported by all members of the junta. Som of the Military leaders wanted to teach Mujib a lesson and once and for all destroy the Awami League."[77]

ترجمو: "يحيٰ جي مُجيب سان ڳالهہ ٻولهہ واري عمل کي، فوجي جنتا جي سمورن اڳواڻن جي حمايت حاصل نہ هئي. فوجي اڳواڻن مان گهڻن مُجيب کي سبق سيکارڻ ٿي چاهيو ۽ عوامي ليگ کي ختم ڪرڻ ٿي چاهيو."

بهرحال، اُنهيءَ ناٽڪي ڳالهہ ٻولهہ جي شروعات، 5 مارچ 1971ع تي، يحيٰ پاڻ ڍاڪا پهچي ڪئي.[78] يحيٰ ۽ مُجيب ۾ 16 مارچ تائين، ڳالهيون ٿينديون رهيون. اُنهن ڳالهين ۾، مُجيب جي ڇهہ نقاطي پروگرام کي قبول ڪرڻ، قومي اسيمبلي کي اولهہ ۽ اوپر لاءِ بن حصن ۾ ورهائڻ، مُڪمل خودمختياري ڏيڻ ۽ مارشل لا کي ختم جا ڪرڻ مطالبا ٿيندا رهيا.[79] "اُنهيءَ ڳالهہ ٻولهہ واري عمل جو وڏي ڇنتا سان

مشاهدو ڪندڙ ڏٺي. اولهه پاڪستان سان، دوڪي جو ڏونگ رچايو. جڏهن يحيٰ، هُن کي ڳالهين ۾ ٻيهر شامل ٿيڻ لاءِ چيو ته پ پ اڳواڻ، بنهه ٽڪر ۾، ڳالهين ۾ شامل ٿيڻ واري آڇ کي قبول ڪري ورتو. ڏٺو 21 مارچ تي ڊاڪا پهتو ۽ سڏو يحيٰ جي گهر ڏانهن ڪهي ويو. جتي جنرل ڪيس ٻڌايو. ته ناهه واري مسودي جي اعلان ۾ صرف پ پ جي منظوري رڪاوٽ آهي. ڏٺي ظاهر ڪيو ته هُو ۽ هُن جا صلاحڪار مسودي جي مطالعو ڪندا، ۽ اُهي، مُجيب سان ٻئي ڏينهن ملاقات ڪندا. 22 مارچ تي ڏٺي اعلان ڪيو. ته هُو مسودي جي حمايت نه ٿو ڪري سگهي، جو اُهو مُلڪ کي ٽوڙڻ جو ڪارڻ بڻجندو. دراصل، ڏٺي جي صلاحڪارن ٻه هڪ اهڙو ئي مسودو تيار ڪيو هو. جيڪو يحيٰ ۽ مُجيب جي منظور ڪيل مسودو سان ملندڙ جلندڙ هو. پر ڏٺي اُن کي ٻه رد ڪرڻ مُناسب سمجهيو. ڏٺي جي اِها هڪ چال هئي، ته جئين سموري قصي کي ختم ڪيو وڃي. اُن ۾، هُن، يحيٰ کي آڏو وطن پرست ثابت ڪرڻ ٿي چاهيو. فوجي جنتا جي بي اطميناني کان، پوري طرح سان خبردار يحيٰ سوچيو ته هُن وٽ، پنهنجي ساٿين ۽ ڏٺي سان ملي وڃڻ کان سواءِ ٻيو ڪو ٻه رستو ناهي. ائين، فوج کي جنرل ٽڪا خان جي مهنداريءَ ۾ بي مهار ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو ويو!"[80]

بهرحال، مُجيب سان ٽيندڙ ڳالهه ٻولهه وارو عمل، 23 مارچ 1971ع تائين جاري رهيو. ائين، جڏهن مُلڪ ۾ مارشل لا ختم ڪرڻ واري نقطي تي اتفاق نه ٿي سگهيو ۽ اُن وچ ۾، هزارين فوجي اولهه مان منتقل ٿي، اوير پاڪستان ۾ پنهنجي پوزيشن سنيالي ويٺا، ته تڏهن ڳالهين جو عمل ختم ڪيو ويو. 23 مارچ تي، اولهه پاڪستان جي سموري سياسي قيادت کي ڊاڪا ڇڏڻ جو حڪم ڏنو ويو.[81] هاڻ، بنگال ۾ بلوچستان جي ڪاسائي جنرل ٽڪا خان جي ٻه مُقرري ٿي چڪي هئي. ائين، طاقت جي بدترين نماءُ لاءِ استيج تيار هو. 25 مارچ 1971ع واري ڏينهن، آپريشن سرچ لائيٽ شروع ڪيو ويو. پاڪستاني فوج جون ٽينڪون، توپون ۽ گاڏيون ٻاهر نڪري آيون. ائين، تعليمي ادارن، يونيورسٽين، سرڪاري ادارن سميت مختلف علائقن ۾ طاقت جي زور تي جيڪو ڪوس ۽ قتل عام ڪيو ويو اُن نه رڳو سڄي دنيا کي اچرج ۾ آڻي ڇڏيو، پر قوميتي اتحاد کي ٻه مورڳو تباهه ڪري ڇڏيو. تان جو 22 نومبر 1971ع تي، هندوستان مداخلت ڪندي، ترت پاڪستان جي فوج کي هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي مجبوري ڪري وڌو.[82] ائين، طاقت (Power) جي ناجائز استعمال سان، بنگال کي پاڪستان جي وفاق سان اتحاد (Unity) ۾ رکڻ وارو مقصد ته حاصل نه ٿي سگهيو. پر مورڳو 16 ڊسمبر 1971ع تي، پاڪستان جا 93 هزار فوجي هندوستان جا جنگي قيدي بڻجي ويا! جنهن سبب پاڪستان جو نه رڳو

وَفاقُ بہ ٽڪر ٿي، پنهنجي آئيني ۽ سياسي استحقاق وڃائي ويٺو پر سندس سياسي، فوجي ۽ اخلاقي مورال بہ تباهہ ٿي ويو.

آخري ڳالهہ

عام طور تي، بنگال جي سانحي جي ذميواري سياستدان فوج ۽ فوج وري سياستدانن، خاص طور تي، جناب يُٽي تي لڳائيندي رهي آهي. بنگال سانحي جو يُٽو جزوي طور تي ذميوار تہ هو جو هُن 1970ع وارين چونڊن بعد اقتدار شيخ مُجيب جي حوالي ڪرڻ لاءِ، جنرل يحيٰ تي گهربل دباءُ رکڻ بدران، 3 مارچ 1971ع تي، ڈاڪا ۾ رکيل قومي اسيمبليءَ جو اجلاس ملتوي ڪرائي، ''آدها تمارا، آدها همارا'' جو نعرو هڻي، عليحدگي پسند لاڙي کي ڏني، پر قطع نظر اُن جي، يُٽو يا اُن وقت جي سياسي ليڈرشپ، بنگال جي سانحي جي مُڪمل طور تي، ذميوار هرگز نہ هئي. اُنهيءَ سانحي جي مڪمل طور ذميوار ۽ مُلڪ جي قومي اتحاد کي تباهہ ڪندڙ دراصل، ملڪ تي قابض پنجابي-مهاجر مفادن جي نمائندگي ڪندڙ ملٽري استيبلشمينٽ هئي، جنهن جو شروع کان وٺي ملڪ جي ٻنهي اولهہ ۽ اوڀر وارن حصن تي، پنجابي-مهاجر بالادستيءَ کي جئين جو تئين برقرار رکڻ، وفاق کي وحداني انداز سان هلائڻ ۽ اُن لاءِ قومن، خاص طور تي، بنگال جي 'اتحاد' (Unity) کي حاصل ڪرڻ لاءِ، مرڪزيت پسند سوچ تحت، طاقت (Power) جي استعمال تي زور هو ۽ نيٺ، آخري حل طور، 25 مارچ 1971ع تي، بنگال ۾ فوجي طاقت جو بدترين استعمال ڪري، جيڪو ظلم، ناانصافي ۽ ڪروڌ جو ڪارو باب رقم ڪيو ويو اُن مُلڪ کي بہ ٽڪرا ڪري، بنگال کي ڌار ٿيڻ تي مجبور ڪيو!

***

باب:7

سنڌ ۾ وفاق جا لاڳاپا: طاقت جي ناجائز مرڪزيت (Centralization) جو بدترين تجربو!

ڏنو وڃي ته، سنڌ ۾، وفاقيت جو رجحان، بمبئيءَ کان عليحدگيءَ کانپوءِ پيدا ٿيو. اُن جو هڪ سبب ته اُهو هو جو سنڌي سماج، بُنيادي طور تي، ورهين کان آباد مختلف ذيلي قوميتن، نسلي ۽ لساني گروهن جي گهڻ-رنگارئي (Diversity) ۾ ورتل رنگارنگينيت وارو سماج (Pluralistic Society) رهيو آهي. اِهو ئي سبب آهي، جو سنڌي سماج ۾، نه صرف صبر، برداشت، اعتدال ۽ امن پسنديءَ وارو لاڙو حاوي رهيو آهي، پر اُن ۾، پنهنجي ذيلي قوميتن سان گڏ، دنيا جي مڙني قومن سان احترام، قبوليت ۽ اتحاد ڪرڻ واري سوچ ۽ نمايان رهي آهي. مان پانيان ٿو ته، مختلف قومن ۽ مختلف نسلي گروهن جي ڀائيورستيءَ کي گهربل مانُ ڏئي، اُن کي قبول ڪرڻ، ۽ اُن سان اتحاد ڪرڻ واري سوچ وارو فڪري لاڙو ئي وفاقيت کي تقويت پهچائيندڙ رهيو آهي. اُن ڪري، جيڪڏهن ائين ڇئجي، ته سنڌي قوم ۾، سنڌي ماڻهن ۾، ۽ سنڌي سماج ۾، وفاقيت جو رحجان، اُن جي بُنيادي قومي مزاج ۾ رهيو آهي، ته اُن ۾ ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو. البت، جڏهن قومن جو اتحاد، قومن جي ڀائيورستيءَ کي زک پهچائڻ واري غيرجمهوري ۽ ڦورو مقصد خاطر عمل ۾ ايندو آهي، ته اُنهيءَ اتحاد خلاف رد عمل ۽ اُپرڻ فطري ٻڌجي ويندو آهي، ۽ نتيجي ۾، عليحدگيءَ جو رجحان تقويت ونندو آهي. ائين ئي، جڏهن 1847ع ۾، سنڌ جي خودمختياريءَ کي نظراندز ڪري، اُن کي بمبئيءَ سان زبردستي الحاق ۾ آندو ويو، ته اُنهيءَ غيرجمهوري اتحاد خلاف سنڌ ۾ پرپور رد عمل ۽ ظاهر ٿيو[1] ۽ اُهو مختلف مرحلن مان گذري، بمبئيءَ کان عليحدگي جي منظم تحريڪ ۾ تبديل ٿي ويو، جنهن جي نتيجي ۾، نيٺ، 1935ع واري گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ تحت، سنڌ کي هڪ ڌار صوبي جي حيثيت ملي.[2] ائين، سنڌ جي قومي خودمُختياري بحال ٿي، جا بمبئيءَ ۾ شامل ٿيڻ سببان سخت خطري هيٺ اچي وئي هئي.

دراصل، سنڌ، پاڪستان ٺاهڻ واري تحريڪ ۾ بمبئيءَ کان ڌار ٿيڻ کان پوءِ دلچسپي ورتي هئي؛ چاڪاڻ ته، بمبئيءَ سان جبري الحاق، نه رڳو سنڌ جي قومي وجود لاءِ وڏو خطرو ثابت ٿيو هو پراُنهيءَ خطري، سنڌي مسلم ليڊرشپ ۾، وفاقيت جو احساس پيدا ڪندي، اُهو خيال آندو هو ته ننڍي کنڊ ۾ هندو بالادستيءَ کان بچڻ لاءِ ضروري آهي، ته مسلم گهٽائي وارن علائقن کي گڏائي، هڪ فيڊريشن جو بُنياد وڌو وڃي. اُنهيءَ سوچ تحت، سنڌ جي قومي قيادت، پاڪستان ٺاهڻ واري تحريڪ ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي. ان سڄي مسئلي ۾، هندو-مسلم تضاد بہ هڪ وڏي مُحرڪ طور ڪم آيو. جنهن سببان، سنڌ، پاڪستان جي نالي تي، هڪ مسلم وفاق (Federation) ۾ شامل ٿيڻ کي اوليت ڏني؛ چاڪاڻ ته، 1936ع ۾، سنڌ، بمبئيءَ کان ڌار ٿي ته وئي هئي، پر ڌار ٿيڻ جي باوجود بہ، سنڌ جي اقتدار، وڻج واپار، تعليم، روزگار ۽ وڻن شهرن تي سنڌي مسلمانن جو نہ، پر پڙهيل ڳڙهيل هندو وچولي طبقي جو قبضو هو. سنڌي مسلمان پنهنجي شهرن ۾ ڌاريا هئا. شهرن ۾ رهائش، تعليم، ڪاروبار ۽ روزگار جي ذريعن تي سندن ڪو وس نہ هو. سنڌي مسلم عوام جي وڏي اڪثريت ڀهراڙين تائين محدود هئي. البت، سنڌي مسلم جاگيردار-زميندار طبقي جي ننڍڙي اقليت، شهرن ۽ سياست جي ميدان ۾ هندو مستقل مُفادن سان مقابلي ۾ ضرور هئي، پر جئين ته، سنڌ جي جاگيردار سياسي ليڊرشپ جي گهٽائي بہ، ابن الوقت هجڻ سببان، سنڌي مسلم عوام جي گڏيل ترقي واري مقصد کي ڪا بہ اوليت نہ ٿي ڏني. ۽ اُها هندو مُستقل مُفادن جي هرطرح سان محتاج ٻڌيل رهي. اُن ڪري، سنڌ جي اڇي ڪاري جا صرف هندو ئي مالڪ ٻڌيل هئا. سنڌ جي سياست ۾ هندو استيٽسڪو جي صورتحال اِها هئي، جو سنڌ ۾ رهندڙ 27 سيڪڙو هندو آبادي کي، 1935ع واري آئين تحت 40 سيڪڙو نمائندگي ڏني وئي هئي، جنهن سببان، سنڌ اندر ڪنهن بہ وزارت جو هندو مُستقل مُفادن جي مرضي کان سواءِ هلڻ مُمڪن نہ هو.[3] اِهو ئي سبب هو جو 1937ع ۾ قائم ٿيندڙ سنڌ جي غلام حسين هدايت واري پهرين وڏوزارت کي، پنهنجو آئيني مدو پورو ڪرڻ ئي نہ ڏنو ويو. دراصل، سنڌ ۾ اِهو سڀ ڪجهہ اُن ڪري بہ ٿي رهيو هو جو 1935ع واري گورنميٽ آف انڊيا ايڪٽ ۽ اُن کان اڳ آيل ڪميونل ايوارڊ تحت، مسلم اڪثريتي صوبن ۾، هندن جي Weightage کي برقرار رکڻ لاءِ، هندو اقليتي آبادي‌ءَ کي 40 سيڪڙو ۽ مسلم اڪثريتي آبادي‌ءَ کي 60 سيڪڙو آئيني نمائندگي ڏني وئي هئي، جنهن سببان مسلم اڪثريتي صوبن مان چونڊجي آيل مسلم نمائندن لاءِ، هندو نمائندن جي تعاون کان سواءِ صوبائي حڪومت ٺاهڻ مُمڪن نہ هئي، ۽

اُن حوالي سان، جنهن ۾ مسلم نمائندي يا پارٽيءَ هندو مُفادن جي قبوليت کان انڪار ٿي ڪيو ته اُن کي گهرپيڙي ڪرائڻ ۾ ڪا ويرم نه ٿي ڪئي وئي. جيتوڻيڪ 1935ع واري آئين تحت، سيٽن جي اهڙي ورهاست، مسلم اڪثريتي صوبن سان گڏ مسلم اقليتي صوبن ۾ به هئي، جنهن سببان مسلم اقليتي صوبن جي عوام کي ڪي قدر فائدو رسيو ٿي، پر مجموعي تناظر ۽ خاص طور مسلم اڪثريتي صوبن جي صورتحال کي ڏسندي، اُنهيءَ ورهاست، مسلم اڪثريتي صوبن ۾ هندو-مسلم مسئلي کي حل ته نه ٿي ڪيو اٽلندو اُن اُنهيءَ مسئلي کي وڌائي، وروڌي پد تي پهچائي ٿي ڇڏيو ۽ اِهو ئي سبب هو جو سنڌ جي مسلم ليڊرشپ، هندو مُفادن جي ناجائز جوڙ توڙ ۽ سياسي بليڪ ميلنگ کا زچ ٿي پئي هئي، جنهن جا ڪجهه اولڙا اسان کي جناب ايم. ايچ. گزدر جي، 1937ع ۾ جناح ڏانهن لکيل اُنهيءَ خط مان به ملن ٿا، جنهن ۾ هُن چئن صوبن تي ٻڌل، هڪ وفاقي مسلم رياست ٺاهڻ جي تجويز ڏني هئي.[4] بهرحال، سنڌ ۾ هندو-مسلم تڪرار جي اهڙي صورتحال هئي، جو مسلم قيادت وفاقيت کي اوليت ڏيندي ننڍي ڪنڊ جي اتر اولهه وارن مُسلم اڪثريتي صوبن کي گڏائي، هڪ مسلم وفاق ٺاهڻ جي باري ۾ سنجيدگي سان ويچار ڪرڻ شروع ڪيو ۽ اُن جو علي اعلان اظهار سنڌ مسلم ليگ طرفان، 1938ع ڌاري، ڪراچيءَ ۾ ڪونسل ڪانفرنس ۾ ڪيو ويو.[5] ڪانفرنس جي افتتاحي تقرير سنڌ جي هڪ هاڪاري مسلم اڳواڻ ۽ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سربراهه جناب سرعبدالله هارون ڪئي. تقرير ۾ هُن سڀ کان پهريان 'گڏيل هندوستان ۾ هندو-مسلم مسئلي جي حل ڏانهن ڏيان ڇڪايو'، ۽ چيائين، ته "جيڪڏهن مسئلو حل نه ٿي سگهي، ته پوءِ مسلمان مسلم رياستن جي وفاق جي صورت ۾ پنهنجي ڇوٽڪاري جو رستو ڳولهي سگهن ٿا، جيڪو رستو هندو هندوستان ۽ مسلم هندوستان جي ورهاڱي جي صورت وارو هوندو."[6]

عبدالله هارون جي تقرير تي مختصر تبصرو ڪندي، هڪ انگريز اسڪالر جناب آر. جي. مور (R. J. Moore) لکي ٿو: "هارون، جناح کان به وڌيڪ اڳتي ۽ گهٽو تيز عليحدگيءَ واري مقصد ڏانهن وڌي رهيو هو."[7] هتي، مان انتهائي احترام سان، جناب آر. جي. مور سان اختلاف رکندي چوندس، ته برابر 1938ع واري سنڌ مسلم ليگ جي ڪانفرنس ۾ عبدالله هارون سميت سموري سنڌي مسلم قيادت جون تقريرون، هندوستان جي ورهاڱي ۽ هندن کان ڌار ٿيڻ جون عڪاس هيون؛ اُن ڪري، روايتي معنيٰ ۾، اُنهن تقريرن توڙي ڪراچي ڪانفرنس ۽ اُن ۾ اظهاريل ڀالهين کي عليحدگي پسنديءَ جو لقاءُ قرار ڏئي سگهجي ٿو. پر ٿورو گهرائي سان

ڏنو ويڃي، تہ اُها ڪراچيءَ واري ڪانفرنس ۾ اُن ۾ اظهاريل مؤقف خالص عليحدگي پسند سوچ تي ٻڌل نہ هو. ڇاڪاڻ تہ اُن ۾ ڪنهن بہ هڪ مسلم قوم جي الڳ ٿيڻ جي ڳالهہ نہ. پر هڪ ڪان وڌيڪ مُختلف مسلم قومن جي هندن ڪان ڌار ٿي، الڳ وفاق ٺاهڻ جي ڳالهہ ڪيل هئي، جا ڳالهہ وفاقيت پسند سوچ جي عڪاس هئي. ۽ مان يانيان ٿو تہ سنڌ جي مسلم سياسي قيادت جي اِها ئي وفاقيت پسند سوچ ۽ وفاقيت ڏانهن سندس سگهارو رحجان هو جنهن سببان اُن هندو-مسلم مسئلي جي حل طور مسلم اڪثريتي علاقن ۽ قومن جي هڪ ڌار گڏيل وفاق ٺاهڻ جي ڳالهہ ڪئي، جنهن لاءِ بعد ۾ آل انڊيا مسلم ليگ، 1940ع ۾ لاهور ٺهراءُ پاس ڪرائي، عملي ڪوششون بہ شروع ڪري چڏيون. ۽ نيٺ، 14 آگسٽ 1947ع تي، پاڪستان جي نالي سان مسلم اڪثريتي صوبن ۽ قومن جو هڪ نئون وفاق وجود ۾ اچي بہ ويو. جنهن ۾ سنڌ سميت ڪان پهريان شموليت جو اعلان ڪيو.[8] ائين، سنڌ، پاڪستان جي وفاق ۾ شامل تہ ٿي وئي، پر سنڌ جنهن هندو بالادستي ۽ استيٽسڪو ڪان زچ ٿي، پاڪستان جي وفاق ۾ شموليت اختيار ڪئي هئي؛ سنڌ لاءِ اُهو ساڳيو ئي مسئلو پاڪستان ۾ پنجابي-مُهاجر بالادستي ۽ استيٽسڪو جي صورت ۾ ظاهر ٿيڻ لڳو.[9] مثال طور: پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ، هتي 1940ع واري ٺهراءَ جي ابتڙ قومن جي برابريءَ واري جمهوريت وفاق بدران وحداني وفاق جي اڏاوت ڪري، وفاقيت ۽ جمهوريت سان جيڪو مذاق ڪيو ويو. صوبن سان غير وفاقي وهنوار اختيار ڪري، سندن قومي وجود ۽ تشخص کي ميسارڻ خاطر جيڪي خاطرا ڪڙا ڪري، ناانصافيون ڪيون ويون، وفاقيت کي رد ڪري، وحدانيت کي اوليت ڏيندي، اختيارن جي عدم مرڪزيت بدران طاقت جي ناجائز مرڪزيت وارو حڪومتي سرشتو لاڳو ڪري، صوبائي ۽ قومي خودمختياريءَ کي جهڙي طرح سان ڪالعدم ڪيو ويو اُن نہ رڳو سنڌ ۽ سنڌين کي مايوس ڪري ٿي چڏيو پر وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ مُستقل تڪرار جا بہ بُنياد رکي ٿي چڏيا، جنهن سببان، ننڍين قومن ۾ پاڪستان جي وفاق کان ڌار ٿيڻ ۽ عليحدگيءَ واري سوچ بہ پيدا ٿي.

پاڪستان ۾ وفاق جي سنڌ سان پهرين وڏي ناانصافي!

جئين تہ، پاڪستان ۾ پنجابي-مُهاجر حڪمران اشرافيا، قومن جي برابريءَ واري جمهوريوفاق جي اڏاوت ڪرڻ بدران، ملڪ ۾ وحداني حڪومتي نظام لاڳو ڪري چڏيو هو. اُن ڪري، جڏهن، 1947ع ۾ پاڪستان جي وفاقي ڪابينا جو

اعلان ٿيو تہ اُن ۾ سنڌ جي ڪنهن بہ نمائندي کي ڪا بہ جاءِ نہ ڏني وئي۔[10] جا دراصل، وفاق جي سنڌ سان پهرين وڏي ناانصافي هئي. سنڌ مسلم ليگ جي پليٽ فارم تان سنڌ جي قومي قيادت اُنهيءَ ناانصافيءَ خلاف هاءِ گهوڑا ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ وفاقي ڪابينا ۾ عبدالستار پيرزادي کي سنڌ جي نمائندي طور شامل ڪيو ويو[11] پر "سنڌ ۾ مُهاجرن جي آبادڪاريءَ واري مسئلي تي، رياست ۽ اُن تي قابض مُهاجرن مُفادن جي غيروفاقي پاليسي جئين جو تئين برقرار رهي، اُن جو هڪڙو ثبوت اِهو بہ هو. جو سنڌ ۽ ان جي صوبائي سرڪار طرفان، سنڌ ۾ مُهاجرن جي گهربل انگ کان وڌيڪ آبادڪاري ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ جي باوجود، وزيراعظم لياقت علي خان، ڊسمبر 1947ع ۾ لاهور ۾ چئني صوبن جي وڏي وزيرن جي هڪ ڪانفرنس گهرائي، اُن ۾ سنڌ جي وڏي وزير ايوب کهڙي کي پنجاب ۾ ترسيل پنج لک مهاجرن کي سنڌ اندر آباد ڪرڻ جو ذمو ڪٽائي چڏيو."[12] جئين تہ وزيراعظم جي اُنهيءَ ڪانفرنس کان اڳ ئي، سنڌ ۾ 9 لکن کان وڌيڪ مُهاجر اچي چڪا هئا. هُنن اچڻ سان ئي سنڌ جي وڏن شهرن ۾، هندو آباديءَ خلاف فرقيواراڻا وڳوڙ شروع ڪري ڏنا هئا، جنهن سببان سنڌ حڪومت لاءِ بدامنيءَ واري صورتحال پڌ پيدا ٿيو پئي هئي، اُن ڪري، هاڻ، سنڌ حڪومت پنجاب ۾ ترسيل وڌيڪ پنج لک مُهاجرن کي سنڌ ۾ ترسائڻ لاءِ نت نتاءَ کان ڪم پئي ورتو.[13] ٻيو تہ، جيڪي 9 لک مُهاجر سنڌ ۾ آيا، تن کان سواءِ ڪوڪرو پار ۽ ٻين ذريعن کان پڻ هزارين لکين مهاجر سنڌ ڪهي آيا، جن جا ڪي بہ سرڪاري انگ اکر موجود نہ آهن؛ اُهي قانوني توڙي غيرقانوني طرح سان، ايتري وڏي تعداد ۾، سنڌ، خاص طور تي ڪراچيءَ ۾ اچي وارد ٿيا، جو مورڳو ڪراچيءَ اندر آباديءَ جو توازن بدلجي ويو.[14] ۽ ڏرتي ڌڻين جي اقليت ۾ تبديل ٿي وڃڻ جو سوال پيدا ٿي پيو. "ورهاڱي وقت ڪراچي شهر جي آبادي 436887 هئي. شهر جي پکيڙ 233 چورس ڪلوميٽر هئي. اردو ۽ هندي ڳالهائڻ وارن جو تناسب 6.3 سيڪڙو هو. ورهاڱي کان 1950ع تائين 9 لک مهاجرن هندوستان جي مختلف شهرن مان لڏپلاڻ ڪري ڪراچي شهر جو رخ ڪيو. 1951ع واري پهرين ڳڻپ موجب ڪراچي جي ڪل آبادي 1086500 هئي. ورهاڱي وقت ڪراچي جي اڌ آبادي، يعني لک سنڌي هندو لڏپلاڻ ڪري، هندوستان هليا ويا. هندوستان کان آيل مُهاجرن جي ڪري ڪراچي جي آبادي ۾ زبردست واڌ ٿي. 1959ع ۾ هي شهر 3000 چورس ڪلوميٽر تائين پکيڙجي ويو."[15] بهرحال، اُنهيءَ صورتحال، سنڌ جي قومي قيادت کي بہ چرڪائي چڏيو. جنهن سببان اُن وڌيڪ مُهاجرن کي سنڌ ۾ رهائڻ مُناسب نہ ٿي سمجهيو. اِهو ئي سبب هو جو سنڌ

جو وڏو وزيرايوب کهڙو لاهور واري ڪانفرنس ۾ وڌيڪ پنج لک مُهاجرن کي ڪراچيءَ ۾ رهائش جي حامي ته پري آيو پر بعد ۾ جڏهن ڪراچيءَ اندر اڳ آيل مُهاجرن ۽ اُنهن جي تيزيءَ سان وڌندڙ انگ سببان، هڪ ته، خود ڏرتي ڌڻين (سنڌين) لاءِ اقليت ۾ تبديل ٿي وڃڻ جو خوف پيدا ٿيو ۽ ٻيو ته، سنڌ ۾ آيل مُهاجرن ايندي ئي ڪراچيءَ ۾ هندو آبادي‌ءَ خلاف فرقيواراڻا وڳوڙ ڪرائي، امن عامہ جي صورتحال کي بنهہ بگاڙي ٿي ڇڏيو جنهن سببان خود سنڌ سرڪار لاءِ کين سنيالڻ بہ هڪ وڏو مسئلو بڻجي پيو ته تڏهن سنڌجي وڏي وزير سنڌ اندر وڌيڪ پنج لک مُهاجرن کي ترسائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ بيان ڏنائين، ته سنڌ، وڌ ۾ وڌ ڏيڍ لک مُهاجرن کي، ڪراچيءَ ۾ ترسائي سگهي ٿي.[16] سنڌ جي وڏي وزير جي اهڙي مشروط سمڪار کي وفاقي سرڪار انڪار سمجهيو. اصل قوتن 27آگسٽ 1948ع تي، مُلڪ ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪري ڇڏي، اعلان ڪيائون: "جئين ته، پاڪستان ۾ آبادي‌ءَ جي لڏپلاڻ جي مسئلي جي ڪري، تمام وڏي خطري واري صورتحال پيدا ٿي پئي آهي، اُن ڪري، مُلڪ ۾ ايمرجنسي واري صورتحال لاڳو ڪجي ٿي."[17] اُنهيءَ اعلان تي، جناب خالد بن سعيد (Khalid Bin Syaed) پنهنجي هڪ ڪتاب Politics in Pakistan: The Nature and Direction of Change ۾ تبصرو ڪندي لکي ٿو:

"The reason why this emergency was declared was that the central government had so far failed to persuade the provincial government in West Pakistan to absorb a suplus of 500,000 refugees."[18]

ترجمو: "دراصل، ايمرجنسي جي ان اعلان جو مقصد اُهو هو ته مرڪزي سرڪار اولهہ پاڪستان ۾ 500000 مُهاجرن کي ترسائڻ لاءِ صوبائي حڪومت کي راضيءَ ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي هئي."

بهرحال، ايمرجنسي جي اعلان کانپوءِ وفاقي سرڪار طرفان، ترت ئي 'مُهاجر ڪائونسل' جوڙي وئي. پنجاب ۽ سنڌ ۾ آيل مُهاجرن لاءِ گهر، روزگار ۽ ٻين گهربل سهولتن جا جوڳا بندوبست ڪيا ويا. هندوستان جي ورهاڱي جي آئيني دستاويزن مطابق آبادي جي لڏپلاڻ صرف پنجاب ۽ بنگال صوبي ۾ ٿيڻي هئي، اِهو ئي سبب هو جو ورهاڱي کانپوءِ پنجاب ۾ سڀ کان وڌيڪ مُهاجرن کي ترسايو ويو. پر پنجاب لاءِ مُهاجر آبادڪاريءَ جو مسئلو اُن ڪري بہ وڏو تڪراري مسئلو نہ بڻيو. جو پاڪستاني پنجاب ۾ مُهاجرن جي لڏپلاڻ هندوستاني پنجاب مان ئي ٿي هئي.[19] هندوستاني پنجاب ۽ پاڪستاني پنجاب جا ماڻهو هڪجهڙي لاءِ هم-مذهب، هم- ٻولي ۽ هم-ثقافت وارا ماڻهو هئا، ۽ اُن ڪري، پاڪستاني پنجاب ۾ ڪو بہ

نسلي، ثقافتي ۽ ٻوليائي تضاد پيدا نه ٿي سگهيو. جڏهن ته سنڌ ۾ مسئلو اهو هو جو سنڌ ۾ پهتل مُهاجر سنڌين جا هم- مذهب ته هئا، پر سندن ٻولي، سندن ڪلچر، سندن ثقافت ۽ سندن ڌرتي مُختلف هئي، جنهن سببان سنڌ ۾ مُستقل لساني تڪرار ۽ ڌرتي ڌڻين جي اقليت ۾ تبديل ٿي وڃڻ جو سنگين خطرو پيدا ٿي پيو جيڪو خطرو اڄ سوڌو جئين جو تئين برقرار ۾ آهي. دراصل، ڪراچيءَ ۾ مُهاجرن کي حد کان وڌيڪ ترسائڻ هڪ انتهائي حساس معاملو هو جو ائين ڪرڻ سان سڄو ڪراچي شهر سنڌين کان کسجي وڃڻ جو امڪان هو. مثال طور: 1941ع واري آدمشماري مطابق، ڪراچيءَ جي آبادي 400000 جي لڳ ڀڳ هئي.[20] اُن ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ جو ڳاڻيٽو 61 سيڪڙو هو. جڏهن ته، جئين ئي ورهاڱو ٿيو ۽ لکين مُهاجر قانوني توڙي غيرقانوني طور سنڌ ۾ گهڙي آيا، ته ڪراچيءَ ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ جو ريشو هڪدم 61 سيڪڙي کان گهٽجي 6.8 ٿي ويو[21] جا نهايت خطرناڪ صورتحال هئي، ۽ اِهو ئي سبب هو جو سنڌ سرڪار اُن سموري معاملي کي انتهائي سنجيدگيءَ سان ڏنو ٿي. "بهرحال، اِها ئي صورتحال هئي، جو سنڌ جي مسلم قيادت، مرڪزي سرڪار جي مُهاجرن کي سنڌ ۾ آباد ڪرڻ واري پاليسيءَ کي سنڌ ۽ سنڌي عوام جي قومي مُفادن لاءِ سخت هاڃيڪار پئي سمجهيو جنهن سببان اُن مُهاجرن جي وڏي اڪثريت کي سنڌ ۾ آباد ڪرڻ کان نٽ نٽاءُ ٿي ڪيو ته وري ٻي طرف، مرڪزي حڪومت وزارت بحاليات جي ذريعي، سنڌ ۽ اُن جي سرڪار تي، اُهو دٻاءُ وڌو ٿي، ته سنڌ ۾ نه صرف جئين تئين ڪري، مُهاجرن کي آباد ڪيو ويڄي، پر هندن جا ڇڏيل سمورا گهر، ملڪيتون ۽ ڪاروبار به مُهاجرن جي حوالي ڪيا وڃن، ۽ وفاقي سرڪار جي اُنهيءَ ڪوشش جي آڏو ڪا به رڪاوٽ نه وڌي ويڄي. سنڌ سرڪار ۾ وينل سنڌ جي مسلم قيادت، جئين ته، هندن جون ڇڏيل ملڪيتون، گهر ۽ ڪاروبار مُهاجرن کي ڏيڻ سان گڏ، اُن جو ڪجهه حصو سنڌ جي اصل ماڻهن کي به ڏيڻ ٿي چاهيو اُن ڪري، اهڙي صورتحال ۾ سنڌسرڪار ۽ مرڪز جي وچ ۾ تڪرار جو اُپرڻ اوس پئي لڳو."[22] ائين ئي، سنڌ سرڪار ۽ مرڪز جي وچ ۾ هڪ وڏو تڪرار اُپري ظاهر به ٿيو. جنهن ۾ وفاق سڏو سنئون ڌر بڻيل هو!

ڪراچيءَ تي قبضي جي ڪوشش: سنڌ ۽ وفاق جي لاڳاپن کي وڌيڪ تڪراري بڻائي ڇڏيو

بهرحال، اِهو وفاق ۽ سنڌ سرڪار جو تڪرار تڏهن وڌيڪ شدت سان اُپري ظاهر ٿيو جڏهن، 1948ع واري سال جي شروعات ۾، وفاق، سنڌ ۾ مُهاجر آبادڪاريءَ

لاءِ ڪراچيءَ کي پنهنجي قبضي ۾ وٺڻ جون ڪوششون شروع ڪيون. سنڌ ۾ وفاق جي اهڙين ڪوششن جي سخت مخالفت ڪئي وئي. سنڌ مسلم ليگ ڪائونسل، 09 فيبروري 1948ع تي، هڪ قرارداد پاس ڪئي.[23] اُن ۾ ڪراچيءَ کي وفاق جي حوالي ڪرڻ جي مخالفت ڪئي وئي. اُن عمل کي غيرجمهوري ۽ 1940ع واري نُهراءَ جي خلاف قرار ڏنو ويو.[24] چون ٿا ته، اُنهيءَ قرارداد کانپوءِ، سنڌ جي قومي قيادت، هڪ وفد جي صورت ۾، گورنر جنرل جناح سان به ملاقات ڪئي، ۽ مؤقف رکيائون، ته ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪري، وفاق جي حوالي نه ڪيو وڃي، جو اُهو عمل، سنڌ جي قومي وحدت لاءِ سخت خطرو پيدا ڪندو. البت، جئين ته، ڪراچيءَ جي معاملي تي، وزيراعظم لياقت علي خان، اڳواٽ ئي جناح جا ڳڻ پري چڪو هو ۽ ڪيس برغلائي، اُهي ڳالهيون ٻڌائي ته "ڪراچي اوهان جي جَمَ جو شهر آهي، اُهو وفاقي حڪومت جي هٿ هيٺ هجڻ گهرجي."[25] ڪراچيءَ کي وفاق جي ڪنٽرول ۾ رکڻ تي راضي ڪري چڪو هو.[26] اُن ڪري، جڏهن سنڌ جي وفد جناح سان ملاقات ڪئي، ته جناح کا مُثبت موٽ نه ڏني. البت، ايتري خاطري ضرور ڪرايائين، ته ڪراچيءَ واري معاملي تي وفاقي سرڪار ضد تان نه لٿي، ته 10 فيبروري 1948ع تي، سنڌ اسيمبليءَ طرفان، گڏيل اتفاق سان هڪ بي قرارداد پاس ڪئي وئي.[28] قرارداد ۾ چيو ويو: "هيءَ اسيمبلي، پاڪستان جي حڪومت جي طرفان، ڪراچيءَ کي سنڌ جي انتظامي ڪنٽرول مان کسي، اُن کي وفاق جي انتظام هيٺ آڻڻ واري اِرادي جي مخالفت ۽ اُن تي پنهنجا سخت تحفظات رکارڊ تي رکي ٿي؛ اُن ڪري، هيءُ ايوان قرارداد منظور ڪري ٿو ته ڪراچيءَ کي ڪنهن به صورت ۾ مرڪز جي ڪنٽرول ۾ نه ڏنو وڃي. هيءُ ايوان، قائدايوان ۽ سندس ڪابينا جي اڳواڻن کان مطالبو ڪري ٿو ته اُهي پاڪستان حڪومت کي اِهو يقين ڏيارائين، ته ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ واري عمل سان، نه صرف سنڌ کي معاشي ۽ سياسي طور تي وڏو ڪاپاري ڏڪ رسندو، پر اِهو عمل، 1940ع واري لاهور قرارداد جي به لتاڙ ٿيندو. جو ته، اُنهيءَ قرارداد ۾ پاڪستان ۾ شامل خودمُختيار يونٽن جي علاقائي خودمُختياريءَ ۽ سلامتيءَ جي ضمانت ڏني وئي هئي. تنهن کان سواءِ صوبي جو عوام پنهنجي پاڪستان جي آزاد رياست جي باري ۾ وفاداري ۽ وطن دوستيءَ جا جيڪي جذبا رکي ٿو اُنهيءَ عمل سان صوبن جي وفاداري ۽ وطن دوستي جي جذبن کي به وڏو ڏڪ رسندو."[29]

بهرحال، سنڌ جي مخالفت جي باوجود، وفاق تي قابض مُهاجرن مُفادن کي ڪو لهر لوڏو ته نه آيو. اتلندو وفاقي سرڪار 13 فيبروري 1948ع تي، هڪ آرڊيننس پاس

ڪري چڏيو جنهن ۾ چيو ويو: "حڪومت مُلڪ ۾ رشوت خوري جي خاتمي لاءِ هڪ اسپيشل سينٽرل فورس ٺاهيندي، جنهن کي مرڪزي توڙي صوبائي ٻنهي حلقن ۾ مناسب ڪارروائي ڪرڻ جو مڪمل اختيارُ مليل هوندو."[30] زاهد چوڌري، وفاقي سرڪار جي اُنهيءَ آرڊيننس تي تبصرو ڪندي لکي ٿو: "اُن آرڊيننس جي ذريعي، نه صرف پاڪستان جي وفاقي يونٽن جي خلاف ورزي ڪئي وئي، پر اُن سان گڏ صوبائي وزيرن ۽ ٻين عملدارن کي به هدايت ڪئي وئي، ته جيڪڏهن، اُنهن مرڪز جي حڪم مڃڻ کان انڪار ڪيو ته اُها اسپيشل فورس سندن خلاف استعمال ڪئي ويندي."[31] اهڙين ڏمڪين تي ٻڌل ڪارروائين جي باوجود، جڏهن وفاق ۽ اُن تي قابض مُهاجر مُفادن ڏٺو ته سنڌ سرڪار ۽ خاص طور اُن جو وڏو وزير ايوب کهڙو، پنجاب جي حصي وارن پنج لک مُهاجرن کي سنڌ ۾ ترسائڻ لاءِ ڪنهن به طرح سان راضي نه ٿو ٿئي، ۽ اٽلندو سنڌ ۾ مُهاجر آبادڪاريءَ واري وفاق جي پاليسيءَ خلاف سنڌ سرڪار جي سهڪار سان احتجاجي مظاهرا ٿي رهيا آهن، ته وفاق، سنڌ حڪومت ۾ ڏڦيڙ پيدا ڪرائي، وڏي وزير کي گهر موڪلڻ جو بندوبست ڪري ورتوا[32] اُن لاءِ سڀ کان پهريان، وڏي وزير تي ڪرپشن جا الزام هنيا ويا. اُن ڪانپوءِ سندس هر ڳالهه کي صوبائيت قرار ڏئي، رد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. اهڙي ئي صورتحال ۾، مارچ 1948ع ۾، ناٿي جي وفاقي وزيرغلام محمد پاڪستان جي وفاقي بجيٽ پيش ڪئي.[33] بجيٽ تي سنڌ سرڪار، اُن جي وڏي وزير ۽ ٻين اڳواڻن سخت تحفظات اُٿاريا، ۽ چيائون، ته بجيٽ ۾ صوبن اندر مُهاجر آبادڪاريءَ لاءِ مناسب رقم نه رکي وئي آهي، جا صوبن سان ناانصافي آهي. اُن ڏس ۾، بجيٽ جي هڪ اجلاس ۾، جناب هاشم گزدر تنقيد ڪندي چيو:

> "اِها سرمائيدارن ۽ آفيسرشاهي واري بجيٽ آهي. اُن بجيٽ ۾ صوبائي ٽيڪسن کي غضب ڪيو ويو آهي. هُن چيو ته جيڪڏهن، ڪراچيءَ کي پاڪستان جو مستقل طور تي گاديءَ جو هنڌ بڻايو ويجي، ته اسان کي اُن تي اعتراض نه ٿيندو ۽ اجا به اُن سان پاڻ وٽ مرڪزي حڪومت جي ويهڻ سببان، اسان کي گهٽي خوشي ٿيندي، پر اسان اُهو نه ٿا چاهيون، ته اُن شهر کي سنڌ صوبي کان ڌار ڪيو وڃي؛ چو ته، ائين ٿيڻ سان، صوبي جي سالميت ۽ وجود برقرار رهي نه سگهندو."[34]

چون ٿا ته، اُنهيءَ بجيٽ جي اجلاس ڪانپوءِ، ٻي ڏينهن تي، سنڌ جي وڏي وزير ايوب کهڙي بيان جاري ڪيو جنهن ۾ شڪايت ڪيائين: "بجيٽ ۾ صوبن کي مُهاجرن جي آبادڪاريءَ لاءِ صرف ڏيڍ ڪروڙ روپيا ڏنا ويا آهن. اُن جو مطلب اِهو آهي، ته مرڪز ي حڪومت پنهنجي ذميواري صوبن مٿان ڦٽي ڪري رهي آهي. سنڌ ۾ هاڻ، لڳ ڀڳ 10 لک مُهاجر اچي چڪا آهن. هُن چيو ته، بجيٽ ۾، صوبن

جي آمدني جي ذريعن کي وفاق جي قبضي ۾ ڏيڻ واري سوچ ڏني وئي آهي. اسان، اميد ڪريون ٿا، ته مرڪز سيلز ٽيڪس کي وفاقي ٽيڪس طور وصول ڪرڻ جو جيڪو فيصلو ڪيو آهي، اُهو واقعي پن سالن لاءِ هوندو. کهڙي وڌيڪ چيو ته مُلڪ فيروز خان ڪلهه ڪراچيءَ جي مستقبل جو ذڪر ڪري، ٻرندي ٿي تيل هارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سنڌين ڪراچيءَ شهر کي گذريل هڪ سؤ سال کان تعمير ڪيو آهي؛ ۽ ڪو به، سنڌي اُن شهر جي جُدائي واري عمل کي پليڪار نه ڪندو."[35] زاهد چوڌري مطابق، اُنهي شڪايتي بيان جو وزيراعظم لياقت علي خان هڪدم جوابُ ڏنو جنهن ۾ چيائين: "صوبن جي ترقيءَ لاءِ مرڪز جو مضبوط هجڻ ضروري آهي. اسان ته اُهو چاهيون ٿا، ته بنگالي، پنجابي، سنڌي ۽ پٺاڻ جي تصور کي دفن ڪيو وڃي؛ اسان سڀ پاڪستاني آهيون؛ اسان پاڪستان لاءِ زنده رهنداسون، ۽ پاڪستان لاءِ ئي مرنداسون، جيڪي ماڻهو اُن موقف جا حامي ناهن، اُنهن جي پوزيشن مختلف آهي، ۽ اُنهن جي جاءِ ڪنهن ٻي هنڌ ئي آهي. مان چاهيان ٿو ته هن ايوان جا ميمبر، صوبائي حڪومتون ۽ صوبائي عوام اُن ڳالهه جو احساس ڪري، ته جيڪڏهن، پاڪستان فوت ٿي ويو، ته پوءِ ڪير به جئيرو رهي نه سگهندو ۽ جيڪڏهن پاڪستان زنده آهي، ته پوءِ ڪير به نه مرندو."[36] وزيراعظم لياقت علي خان جي اهڙي بيان تي تبصرو ڪندي، زاهد چوڌري لکي ٿو:

"مرڪزي اسيمبليءَ ۾ اُن سموري ڳالهه ٻولهه جو مقصد اِهو هو، جو هڪ طرف، سنڌ صوبي ۽ ٻين صوبن جي اڳواڻن وڌ مان وڌ خودمُختياريءَ جو مطالبو ڪيو ٿي، ۽ پنهنجي جداگانه سياست، معيشت، معاشرت، ثقافت ۽ تهذيب جي گهربل تحفظ ڪرڻ ٿي چاهيو، ۽ ٻئي طرف، مرڪزي حڪمران، وطن دوستيءَ جي نالي تي، سموري مُعاشرتي، لساني، ثقافتي ۽ تهذيبي فرقن کي ختم ڪرڻ جا علمبردار ٿيو بيٺا هئا. سنڌين کي، لياقت علي خان ۽ ٻين مرڪزي اڳواڻن جي اهڙي مؤقف مان سامراجيت جي بوءِ آئي ٿي. سندن مؤقف اِهو هو ته جهڙي طرح سان، ڪانگريسي هندو بورجوا قيادت 'هندوستاني قوميپرستي' جي نالي تي، مُسلم اقليت کي جئيري ختم ڪرڻ تي بضد هئي، بلڪل ائين ئي، پاڪستان ۾ پنجابي-مهاجر حڪمران اشرافيا، وطن دوستي، مُسلم قوميت ۽ اسلامي پائيچاري جي نالي تي، نه صرف سنڌين جي وڏن مادي وسيلن کي هڙپ ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي، پر سنڌين جي ڌار سڃاڻپ، ثقافت ۽ تهذيب کي به ميسارڻ چاهي ٿي."[37]

دراصل، پاڪستان جي بالادست پنجابي- مُهاجرن قوتن جي اهڙي صوبن جي خودمُختياري کي ردڪندڙ ڪورو ذهنيت ئي هئي، جنهن سببان، نه صرف پاڪستان جي ننڍين قومن ۾ پنهنجي قومي وجود، تشخص ۽ مُفادن کي بچائڻ جي جِنتا پيدا

ٿي، پر منجهن سياسي هوراکورا بہ پيدا ٿي. ۽ مان پانيان ٿو تہ 8 مارچ 1948ع تي، سنڌ جي قومي قيادت، جي ايم سيد، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ ٻين طرفان سرحد صوبي جي خان عبدالغفار خان سان گڏجي، پاڪستان پيپلزپارٽي جو بُنياد وڌهڻ، اُن ڳالهہ جو هڪ واضح ثبوت هو تہ اُهي مسلم ليگ جي وفاقي سياست کان ڪنهن بہ طرح سان مطمئن نہ هئا،[38] ۽ اُهو سمجهيائون ٿي، تہ اسلام مذهب ۽ مسلم قوميت جي نالي تي، پاڪستان ۽ اُن جي وفاق تي قابض پنجابي-مُهاجر مُفاد ننڍين صوبن ۽ قومن جي بي رحم ڦرلٽ ڪن ٿا. بهرحال، اِها ئي صورتحال هئي، جو نہ رڳو مسلم ليگ ڪمزور ٿيندي ٿي وئي، پر سنڌ جي سياسي ليڈرشپ، مسلم ليگ کان ڌار ٿيندي، پنهنجي ڌار تنظيمن جوڙڻ ۾ بہ مصروف ٿي وئي. ائين، جڏهن سنڌ صوبي ۾ مُهاجرن جي آبادڪاريءَ ۽ ڪراچيءَ واري معاملي تي، رياست جي بالادست قوتن خلاف ماحول جُڙي رهيو هو تہ تڏهن مرڪزي حڪومت، ڪراچيءَ کي قبضي ۾ آڻڻ جون ڪوششون شروع ڪري ڇڏيون. اُن لاءِ سڀ کان پهريان، وزيراعظم لياقت علي خان، سنڌ جي گورنر غلام حسين هدايت الله جون خدمتون حاصل ڪيون. جئين تہ، غلام حسين هدايت الله، سنڌ جي وڏي وزيرايوب کهڙي جي سخت خلاف هو. (۽ هُو ڪنهن بہ طرح سان اُن تي راضي نہ هو تہ ڪو سنڌ جي وڏوزارت ايوب کهڙي جي حوالي هجي، ۽ اِهو ئي سبب هو جو هُو مٿس هرطرح سان ڏمريل رهيو ٿي) اُن ڪري، وزيراعظم لياقت علي خان، ايوب کهڙي خلاف سازشي گهات گهڙي، ڪيس گهرپيڙي ڪرڻ لاءِ، گورنر غلام حسين هدايت الله سان ساز باز ڪري ورتي![39] گورنر وري يوسف هارون، پيرالاهي بخش ۽ ميرغلام علي تالپر جهڙن سنڌي وزيرن کي پاڻ سان ملائي ورتو. چون ٿا تہ، اُنهيءَ ايوب کهڙي کي هٽائڻ واري سازش ۾، پيرالاهي بخش کي وڏو وزارت ڏيڻ جو واعدو ڪيو ويو.[40] بهرحال، ائين، سنڌ جي وڏي وزيرايوب کهڙي خلاف هڪ وڏي سازش تيار ڪئي وئي، جنهن مطابق، پهرين مرحلي ۾، سندس خلاف ڇاڪاڻ وزيرن طرفان بيان بازي ڪرائي، صوبائي ڪابينا ۾ ڏڦيڙ پيدا ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، ۽ اُن جي ردعمل ۾ وري "کهڙو جي حامي اخبارن 'سنڌ آبزرو' ۽ 'الوحيد' پيرالاهي بخش ۽ غلام علي تالپر کي نشانو بڻائيندي، مٿن سخت تنقيد ڪئي۽ سندن محلاتي سازش کي وائکي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن تہ، صوبائي گورنر۽ وفاقي حڪومت جي حامي اخبارن 'ڊان'، 'جنگ' ۽ 'انجام' وغيره کهڙي جي مبينا رشوت خوري، پنهنجا نوازي ۽ بدعنوانيءَ تي حملا شروع ڪيا."[41]

سنڌ جي وڏي وزير جي برطرفيءَ بعد وفاق ڪراچيءَ تي قبضو ڪري ورتو

ائين، مارچ 1948ع کان وٺي اپريل مهيني تائين، سنڌ جي وڏي وزير ايوب کهڙي خلاف الزامن ۽ جوابي الزامن واري صورتحال برقرار رهي، جنهن سببان، سنڌ کابينا ۾ بُحران پيدا ٿيو. ايوب کهڙي جي استيعفيٰ جون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون. جڏهن ته، وڏي وزير جو مؤقف هو ته اسيمبلي مٿس اعتماد جو اظهار ڪري چڪي آهي؛ اُن ڪري، استيعفيٰ ڏيڻ جو ڪو سوال ئي نه آهي.[42] اُنهيءَ صورتحال جو فائدو ونڊندي، گورنر غلام حسين هدايت ڇا ڪيو جو 16 اپريل 1948ع تي، حڪم جاري ڪري، سنڌ کابينا جي وزيرن جي ڪاتن ۾ تبديلي آڻي ڇڏي.[43] اُنهيءَ تبديلي مطابق، گهرو ڪاتو جيڪو وڏي وزير ايوب کهڙي وٽ هو، اُهو ڪاتو پيرالاهي بخش جي حوالي ڪيو ويو. دراصل، گورنر جي اهڙي تبديلي ۽ وزارتن ۾ آندل ردوبدل نه صرف غلط ۽ غيرآئيني هئي، پرسنڌ سرڪار ۽ وفاق ۾ پيدا ٿيل تڪرار کي به وڌائڻ جي برابر هئي، ۽ جئين ته، سنڌ جو گورنر غلام حسين هدايت الله، علي اعلان وزيراعظم لياقت علي خان سان ملي پڳت ڪري، سنڌ جي وڏي وزير خلاف گهات گهڙڻ جي سازش ۾ شريڪ ٿي ويو هو اُن ڪري، اُهو سپ ڪجهه وڏي حد تائين متوقع به هو. اِن حوالي سان، زاهد چوڌري ٻڌائي ٿو: "صوبائي گورنر طرفان، غيرجمهوري طرح سان، صوبائي وزيرن جي ڪاتن ۾ اُنهي تبديلي جو مطلب اِهو هو ته کهڙي جي اقتدار مان بي دخلي جو گهنڊ وڄي ويو آهي. کهڙي کان گهرو ۽ تعميرات وارا کاتا، اُن ڪري کسيا ويا، ته جئين، هُو اسيمبليءَ ۾ پنهنجي اڪثريت کي برقرار رکڻ لاءِ نه پوليس کاتي کي استعمال ڪري، اسيمبلي ميمبرن کي ڏيڃاري سگهي ۽ نه ٽيڪن وغيره جي ذريعي کين لالچائي سگهي. جڏهن ته، قاضي فضل الله کي مالیات ۽ قانون واري کاتي کان محروم ڪري ڇڏڻ جو مقصد اِهو هو ته اسيمبليءَ جي زميندار ميمبرن تي، کهڙي جي حق ۾ مالياتي کاتي جي ذريعي، ڪو به دباءُ نه آڻي سگهجي، ۽ زميندارن جي مُفاد جي خلاف ڪا به قانون سازي نه ٿي سگهي."[44] زاهد چوڌري مطابق: "گورنر جي اُن ڪارروائي کان هڪ ڏينهن اڳ، پاڪستان جي وزيراعظم لياقت علي خان، بحريا جي آفيسرن کي خطاب ڪندي، چيو هو ته، مان محسوس ڪريان ٿو ته صرف هڪ ڳالهه ئي پاڪستان کي نقصان پهچائي سگهي ٿي، ۽ اُها صوبي پرستي. ڪنهن کي به، سنڌي، پٺاڻ، بلوچ، پنجابيءَ ۽ بنگاليءَ جي حيثيت سان سوچڻ نه گهرجي. جيڪڏهن اسان ۾ صوبي پرستيءَ جو جذبو رهندو ۽ جيڪڏهن، اسان پاڪستان جي بدران صوبائي سوچ سان سوچينداسون، ته پاڪستان ڪمزور مُلڪ بڻجي ويندو. منهنجي خواهش آهي، ته پاڪستان جي بحريا، بري فوج ۽ هوائي فوج کي اُن سلسلي ۾ هڪ مثال قائم ڪرڻ گهرجي، ۽

اُهو ثابت ڪرڻ گهرجي، تہ اسان سڀ پاڪستاني آهيون. اسان کي صوبي پرستيءَ کي وساري ڇڏڻ گهرجي. دراصل، وزيراعظم لياقت علي خان جا اُهي لفظ، ظاهري طرح سان تہ تمام گهٽا منورنجڪ ۽ لبائيندڙ هئا، پر سڀني کي خبر هئي، تہ اُنهن لفظن جو رخ سنڌ جي وڏي وزيرايوب کهڙي ڏانهن هو. اُن ڪري، سندس اقتدار جو خاتمو ٿيڻ وارو هو. تن ڏينهن ۾، جنهن بہ صوبائي اڳواڻ صوبائي خودمُختياري، صوبائي حقن، ۽ صوبائي ثقافت جي تحفظ جي ڳالهہ ٿي ڪئي، اُن تي صوبي پرستيءَ جو ٺپو لڳائي، ڪيس مسلم قوميت، اسلامي پائيچاري ۽ پاڪستان جو غدار قرار ڏنو ويو. لياقت علي خان بحري، بري ۽ هوائي فوج جي آفيسرن ۽ جوانن کي اُها صلاح تہ ڏني، تہ اُهي صوبي پرستي کان مٿاهين سوچ رکڻ جو مثال قائم ڪن، پر هُن اِن حقيقت جو اعتراف نہ ٿي ڪيو تہ اُنهيءَ فوج ۾ سنڌي، بنگالي ۽ بلوچ قوميتن جي نمائندگي نہ هئڻ برابر آهي، ۽ اِهو بہ چوڻ نہ ٿي چاهيو. تہ آئنده اُنهن پوئتي پيل صوبن جي ماڻهن کي اُنهيءَ فوج ۾ مناسب نمائندگي ڏني ويندي"[45] بهرحال، اهڙي ئي صورتحال هئي، جو سنڌ جي وڏي وزير ايوب کهڙي، اسيمبليءَ ۾ اعتماد جو ووٽ وٺڻ خاطر، گورنر کي مئي مهيني ۾ اجلاس گهرائڻ جي درخواست موڪلي ڇڏي[46] اُن وچ ۾، جڏهن کهڙي خلاف سنڌس ڪابينا جي وزيرن پيرالاهي بخش، ميرغلام علي ٽالپر ۽ ٻين رشوت خوري ۽ بدعنواني جا الزام لڳايا، ۽ گورنر غلام حسين هدايت الله اُنهن جي رپورٽ گورنر جنرل جناح ڏانهن موڪلي ڏني، تہ تڏهن، وڏي وزيرايوب کهڙي، جناح سان ملاقات ڪئي.[47] اُنهيءَ ملاقات ۾ جناح، ايوب کهڙي کي استعيفيٰ جو بہ چئي ڏنو. ائين، هُن استيعفيٰ بہ ڏيڻ ٿي چاهي، پر استعيفيٰ کان اڳ، 26 اپريل 1948ع تي، گورنر جنرل جي حڪم ملڻ سببان، گورنر غلام حسين هدايت الله، وڏي وزيرايوب کهڙي کي، 1935ع واري گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ جي شق 51 تحت، برطرف ڪري ڇڏيو.[48] ايوب کهڙي استعيفيٰ ۾ گهٽي دير ڪري ڇڏي هئي، جنهن سببان مجبورن جناح ڪيس وڏ وزارت تان هٽائي ڇڏڻ جو حڪم جاري ڪيو. ائين، ايوب کهڙي جي برطرفيءَ بعد پيرالاهي بخش کي وڏو وزير بڻايو ويو. جنهن ترت ئي هڪ طرف، ڪراچيءَ کي وفاق جي قبضي ۾ ڏئي ٿي ڇڏيو، تہ وري ٻي طرف، نوابشاهہ واري مسعود ڪليڪٽر جي ذريعي پنجاب ۾ ترسيل پنج لک اضافي مُهاجرن کي، ريل گاڏين ذريعي، سنڌ آڻي، کين ڪراچيءَ ۾ مستقل طور تي رهائڻ جو بہ بندوبست ڪري ٿي ورتو.[49] سنڌ جي وڏي وزير ايوب کهڙي کي وڏ وزارت تان برطرف ڪرڻ، وفاق جي هڪ وڏي ناانصافي هئي، پر جناب چوڌري محمد علي اُنهيءَ برطرفيءَ کي جسٽيفاءَ ڪندي لکي ٿو:

"Before partition, Sindh had been notorious for political instability produced by the combinations of a number of groups. At the time of partition a Muslim league ministry under Muhammad Ayub Khuhro was firmly in the saddle. The Chief Minister was not, however, on good terms with the Governor, Ghulam Hussain Hidayatullah. In the beginning of April 1948, a public controversy started between Khuhro and two of his ministers, Pir Ilahi Bakhsh and Mir Ghulam Ali Talpur. Charges and countercharges asppeared in the press. The Governor reallocated portfolios in the hope that this would lead to a more harmonious working of the cabinet, but Khuhro regarded this as undue interference by the Governor. The matter was reported to the Quaid-i-Azam. The Governor placed before him evidence of maladministration and corruption on the part of Khuhro. Under the direction of Quaid-i-Azam, who was determined to root out such evils in Pakistan, the Governor dismissed the Chief Minister on April 26, 1948."[50]

ترجمو: "سنڌ، ورهاڱي کان اڳ واري زماني کان وٺي، سياسي عدم استحڪام جي حوالي سان تمام گهٽي بدنام هئي. اِها ڳالهه مختلف گروهن جي بدلجندڙ ڳٺ جوڙ جو نتيجو هئي. ورهاڱي کان سنڌ جي حڪومت، ايوب کهڙي جي سربراهيءَ ۾ مضبوطيءَ سان مسلم ليگي وزارت هيٺ هئي، پر گورنر غلام حسين هدايت الله سان وڏي وزير ايوب کهڙي جا تعلقات سُٺا نه هئا. اپريل 1948ع ۾ کهڙي ۽ سندس ڪابينا جي ٻن وزيرن، پيرالاهي بخش ۽ ميرغلام علي ٽالپر جي وچ ۾ تڪرار جو سلسلو شروع ٿيو. اخبارن ۾ الزام ۽ جوابي الزام ڇپجي ظاهر ٿيا. گورنر اُن خيال سان مداخلت ڪئي، ته وزيرن جا ڪاتا تبديل ڪيا ويندا، ته اُهي خوش اسلوبيءَ سان ڪم ڪري سگهندا؛ ۽ منجهن اختلاف ختم ٿي ويندا، پر کهڙي اُن کي گورنر جي اجائي مداخلت سمجهي. نيٺ، سڄو معاملو جناح وٽ پهتو. گورنر اُن جي اڳيان کهڙي جي بدانتظامي ۽ رشوت خوريءَ جا ثبوت پيش ڪيا. جناح، جيڪو پاڪستان ۾ اُنهن خرابين جي پاڙ پٽڻ جو ارادو ڪيون ويٺو هو، جي هدايت تي، 26 اپريل 1948ع تي، گورنر، سنڌ جي وڏي وزير کي برطرف ڪري ڇڏيو."

جناب چوڌري محمد عليءَ جي مٿئين بيان مان اُهو پڌرو ٿئي ٿو ته ايوب کهڙي کي رشوت ۽ بدعنواني جي الزام ۾ هٽايو ويو. سوال آهي، ته ڇا سچ پچ سنڌ جي وڏي وزير ايوب کهڙي کي رشوت خوري ۽ بدعنواني جي ڪري برطرف ڪيو ويو؟ دراصل، اِن ڳالهه ۾ ڪا به سچائي ناهي. رشوت خوري، بدعنواني ۽ اقرباپروري جي بيماري، سنڌ سميت پاڪستان جي هرهڪ صوبي ۾ ورهين کان وٺي هئي، ۽ اڄ سوڌو آهي به. پر اصل ڳالهه اِها آهي، ته سنڌ جي وڏي وزير، سنڌ ۾ مُهاجر آبادڪاري واري مسئلي ۽ ڪراچيءَ کي وفاق جي قبضي ۾ ڏيڻ جي خلاف جا سگهاري آواز جي صورت اختيار ڪري ورتي هئي، سا ڳالهه، وفاق تي قابض مُهاجر مُفادن لاءِ ڪنهن به طرح سان برداشت جوڳي نه هئي؛ اُن ڪري،

سنڌجي وڏي وزير کي بي اثر ڪري ڪنڌائتو ڪرڻ ضروري هو ۽ اُهو سڀ ڪجهہ وري ڪيس برطرف ڪرڻ کان سواءِ مُمڪن نہ هو. اُن ڪري، ڪيس برطرف ڪيو ويو. "دراصل،کهڙي کي برطرف اُن ڪري نہ ڪيو ويو هو جو هُن جا پنهنجي ڪابينا جي ٻن وزيرن سان اختلاف پيدا ٿي پيا هئا. يا اُهو تہ هُن جا گورنر سان تعلقات سُٺا نہ هئا يا اُهو تہ هُو رشوت خوري، بدعنواني ۽ بدانتظاميءَ جو ڪارڻ بڻيو هو. کهڙي کي برطرف ڪرڻ جو اصل ڪارڻ اِهو هو. جو اُن زماني ۾ هُن سنڌ جي اُنهيءَ سوچ ۽ ماڻهن جي نمائندگي ڪئي ٿي، جيڪي پنهنجي صوبي لاءِ وڌ ۾ وڌ صوبائي خودمُختياريءَ جا طلب گار هئا. تہ جئين مقامي جاگيردار ۽ وچولو طبقو پاڪستان نهڙ ڪانپوءِ سياسي، معاشي ۽ ثقافتي طور تي فائدو حاصل ڪري سگهي. هُنن اُهو نہ ٿي چاهيو تہ ڪو صوبائي زندگي جي هر شعبي ۾ اوپر پنجاب ۽ يو پيءَ جي اصلي ۽ نقلي مُهاجرن جو قبضو ٿي وڃي، ۽ سنڌي عوام بدستور پسماندگي جو شڪار بڻيل رهي. ٻئي پاسي، وفاقي حڪومت، سنڌ صوبي ۾ وڌ ۾ وڌ مُهاجرن کي آباد ڪرڻ جي خواهش ٿي رکي، ۽ وڌ ۾ وڌ سياسي، انتظامي ۽ معاشي اختيار پاڻ وٽ رکڻ ٿي چاهيا. سنڌ حڪومت ۽ وفاقي حڪومت جي وچ ۾ اُنهيءَ تضاد جو مظاهرو نومبر- ڊسمبر1947ع ۾ تڏهن ٿيو هو جڏهن سنڌ جي وڏي وزير ايوب کهڙي، جناح جي هدايت جي باوجود ڏيڍ لک اضافي مُهاجرن کي پنهنجي صوبي ۾ آباد ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. اُن ڪانپوءِ جنوري 1948ع ۾، اُن تضاد ۾ تڏهن شدت آئي، جڏهن وفاقي حڪومت پنهنجي اُن اِرادي جو اظهار ڪيو تہ ڪراچيءَ شهر کي سنڌ صوبي کان ڌار ڪيو وڃي. اُن لاءِ لڳ ڀڳ ٻن مهينن تائين، ٻنهي حڪومتن جي وچ ۾، ڳالهہ ٻولهہ ۽ لکپڙهہ جو سلسلو هلندو رهيو پر ڪو بہ نتيجو نہ نڪتو. اُن ڪري، وفاقي حڪومت کي اُهو غير جمهوري فيصلو ڪرڻو پيو تہ کهڙي کي برطرف ڪري. سندس جاءِ تي ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ کي آندو وڃي، جو ٻنهہ فرمانبردار هجي، ۽ جو وفاقي حڪومت جي هرجائز ۽ ناجائز حڪم کي اکيون ٻوٽي قبول ڪري! اُن وقت تائين، وفاقي حڪومت، صوبن جا اڪيچار مالي اختيار پنهنجي قبضي ۾ آڻي چڏيا هئا ۽ اُهو بہ فيصلو ڪري چڏيو هئائين. تہ آئنده صنعتي شعبو صوبائي حڪومت جي ماتحت نہ هوندو. وفاق پاڻ سموري مُلڪ جي صنعتي ترقيءَ جي نگراني ڪندو."[51]

ڇا جناح ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرايو؟

اسان وٽ، تاريخ ۾ سياست سان لاڳاپيل اڪيچار معاملن بابت اڪيچار غلط ڳالهيون ۽ مفروضا ڦهلايا ويا آهن.[52] اُنهن مان هڪ مفروضو اِهو به آهي، ته جناح، پاڪستان ٺهڻ بعد وفاق ۾ شامل صوبن سان غيرجمهوري وهنوار جو بُنياد رکندي، ڪراچيءَ کي مُلڪ جي گاديءَ جي هنڌ بنائڻ لاءِ سنڌ کان ڌار ڪري، اُن کي وفاق جي قبضي ۾ ڏيارايو. جناح بابت اهڙو مؤقف پاڪستان جي هڪ مشهور صحافي جناب بابرايازپنهنجي ڪتاب ''پاڪستان: *خرابي اور اس کے اثرات*'' ۾ به رکيو آهي. هُو لکي ٿو: "جناح پنهنجي اباڻي شهر ڪراچيءَ کي گاديءَ جو هنڌ بنائڻ ٿي چاهيو ۽ هُن جي ليگ به اُن جي حامي هئي، چوته، اُن تي پنجابي ۽ مُهاجر اشرافيا جو قبضو هو."[53]

جناب بابرايازجي اهڙي ڳالهه مان اُهو تاثر ملي ٿو ته جئين ته، جناح پنهنجي 'اباڻي شهر' ڪراچيءَ کي مُلڪ جي گاديءَ جو هنڌ بنائڻ ٿي چاهيو. اُن ڪري ئي ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪري، مرڪز جي حوالي ڪيو ويو. سوال آهي، ته ڇا سچ پچ ائين هو؟ ڇا واقعي جناح ڪراچيءَ کي مُلڪ جي گاديءَ جو هنڌ بڻائي، اُن کي سنڌ کان ڌار ڪرايو؟ مان پانيان ٿو ته ڪراچيءَ واري معاملي ۾، بين اڪيچار عواملن کي نظرانداز ڪري، صرف جناح کي اُن جو ذميوار قرار ڏيڻ ڪنهن به طرح سان معروضي حقائق مطابق نه آهي. پاڪستان جي سياسي تاريخ جي اڪيڊمڪ اپياس مان اِها ڳالهه پليءَ پت واضح ٿئي ٿي، ته ڪراچيءَ کي سنڌ کا ڌار ڪري، وفاق جي حوالي ڪرڻ ۾ جناح کان وڌيڪ وزيراعظم لياقت علي خان کي دلچسپي هئي. هُن کي اُها دلچسپي تڏهن پيدا ٿي، جڏهن، 1948ع واري سال جي شروعات ۾، پنجاب، هندوستان جي مختلف حصن مان (پنجاب) ڪمي آيل پنج لک مهاجرن کي مستقل طورتي پاڻ وٽ رهائڻ کان ٽپ انڪار ڪيو.[54] دراصل، هڪ ته پنجاب ۾ ترسيل پنج لک مُهاجرن کي ڪراچيءَ ۾ مستقل طور رهائڻ، ۽ ٻيو وري، ڪراچيءَ اندر وزيراعظم لياقت علي خان جي مستقل سياسي سڳهه ۽ چونڊن لاءِ تڪ (Constituency) ٺاهڻ لاءِ ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪري، وفاق جي قبضي ۾ ڏيڻ ضروري هو ۽ اِهو ئي سبب هو جو جڏهن اُن معاملي ۾، سنڌ جو وڏو وزير محمد ايوب کهڙو وچ ۾ آيو ته اُن کي به وڏوزارت تان فارغ ڪيو ويوا[55] اِهو به، دراصل، لياقت علي خان هو جنهن جناح سان ملاقاتون ڪري، نه صرف سنڌ جي وڏي وزير ايوب کهڙي خلاف غلط خبرون ٻڌايون، پر حميده کهڙو چواڻي: هُن (لياقت علي خان) جناح کي ڪراچيءَ جي حوالي سان ايترو به چئي چڏيو هو ته ڪراچي هن (جناح) جي پيدائش وارو شهر آهي، ان ڪري، اهو شهر سڌو سنئون مرڪز جي انتظام هيٺ هجڻ گهرجي.[56] اُن ڪري، ڏٺو وڃي ته ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ ۾، اصل مُفادُ يا ارادو جناح جو نه، پر رياست تي قابض مُهاجر مُفادن جو هو. اُن سڄي معاملي ۾، وزيراعظم لياقت علي خان جي ڪردار کي نظرانداز ڪري، ائين چوڻ، ته صرف جناح ئي ڪراچيءَ کي گاديءَ جو هنڌ بنائڻ ٿي چاهيو نه صرف غلط ۽ تاريخي حقائق جي اُبتڙ آهي، پر دانشورانه بديانتي به آهي، جنهن جو مقصد رياست تي قابض مُهاجر مُفادن تي ڳڪ رکڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي.

وفاق، ڪراچيءَ تي ڇو قبضو ڪيو؟

1. اصل ۾، ڪراچيءَ کي مُلڪ جي گادي جو هنڌ بڻائڻ جو مقصد پنجاب ۾ ترسيل پنج لک مُهاجرن کي ڪراچيءَ ۾ ورسائي، اُتي وزيراعظم لياقت علي خان لاءِ چونڊ تڪ (Election Constituency) جوڙائڻ هو.[57] "چاڪاڻ ته، وزيراعظم لياقت علي خان جا مُلڪ جي ڪنهن به صوبي ۾ ڪي به سياسي ۽ عوامي بنياد نه هئا. اُهي سياسي ۽ عوامي بنياد ناجائز طريقي سان پيدا ڪرڻ ۽ رياست تي مُهاجرن مُفادن کي، مستقل طور تي، حاوي رکڻ لاءِ ضروري هو. ته ڪنهن صوبي ۾ وزيراعظم لياقت علي خان لاءِ سياسي ۽ عوامي بُنياد پيدا ڪرڻ خاطر چونڊ تڪ جوڙايا ويڻ، ۽ جئين ته اُهو چونڊ تڪ جوڙڻ وارو ڪم، پاڪستان ۾ سنڌ صوبي کان سواءِ ٻئي ڪنهن به صوبي ۾ مُمڪن نه هو. جو اُتي ٻين صوبن جي سياسي قيادت ۽ مڊل ڪلاس اڪيون ڦاڙي ويڻل هو. جڏهن ته، سنڌ ۾ سازشي منصوبي سان، هڪ طرف اڳواڻ ئي، سنڌ جي هندو آبادي‌ءَ تي آڏاريل مڊل ڪلاس کي فرقيواراڻن جهيڙن ذريعي، سنڌ مان ڪڍي، بي دخل ڪري، سنڌ جي وڏن شهرن کي خالي ڪرايو ويو هو. ائين، سنڌ جي شهرن کي، سنڌ جي ماڻهن کي، ۽ سنڌ جي عوام کي لاوارث بڻائي ويو هو ته ٻئي طرف، سنڌ جي ويڪاڻو وڏيرڪي طبقي کي ناجائز فائدن سان نوازي، پاڻ سان ملايو ويو هو. جنهن سببان، سولائي سان رياست تي قابض مُهاجر مُفادن کي ڪراچيءَ ۾ منظم طريقي سان، مُهاجر آبادي‌ءَ کي منظم ڪرڻ ۽ اُتي وزيراعظم لياقت علي خان واسطي چونڊ تڪ جوڙائڻ لاءِ بهتر ماحول ملي ويو هو. اِهو ئي سبب هو جو ترت سڄي رياست کي اُنهيءَ ڪم سان لڳايو ويو!"[58] ائين، ڪراچيءَ کي وفاق جي قبضي ۾ ڏيڻ ضروري هو. اِهو ئي دراصل، ڪراچيءَ واري معاملي تي، ايوب کهڙي کي وڏو وزارت سان هٿائڻ جو اصل روحاني راز هو.

2. ٻيو ته، ڪراچيءَ کي وفاق جي قبضي هيٺ رکڻ ۾، جتي وفاق تي قابض مُهاجر مُفادن جا سياسي ۽ حڪمت عملي وارا مُفاد لڳل هئا، اُتي وري ذاتي عناد، بغض ۽ ويرُ وڻڻ واري سوچ به ڪارفرما هئي. مثال طور: جڏهن وزيراعظم لياقت علي خان، سنڌ جي صوبائي سرڪار کي، پنهنجي ڪراچيءَ واري گهر جي باغ لاءِ اضافي پاڻي ڏيڻ جو حڪم ڏنو ته ڪوٺ واري صورت جي ڪري، ڪراچي ميونسپالٽيءَ وارن اُهو حڪم سڏو وڏي وزير ايوب کهڙي تائين رسايو. ته تڏهن هُن اُن کي رد ڪري ڇڏيو. اُن تي وزيراعظم کي وڏي منيان لڳي. اِهو ئي سبب هو جو هُن هڪ جلسي ۾ ايترو به چئي ڏنو: "پاڪستان جي وزيراعظم

ڪي ڪراچيءَ ۾ صوبي جي وڏي وزير جي اجازت کان سواءِ پاڻي به نه ٿو ملي."[59] ايوب کهڙي اهڙي اضافي پاڻي نه ڏيڻ تي، وزيراعظم سان ملي، ساڻس معذرت به ڪئي، پر لياقت علي خان جي رد عمل مان پاسجي ٿو ته هُن، اُن سڄي معاملي کي، ذاتي انا جو مسئلو بڻائي ڇڏيو هو ۽ اِهو ئي سبب هو جو هُن ويرونڊ خاطر ايوب کهڙي خلاف سازشون ڪيون، اُن کي وڏي وزارت تان برطرف ڪرائي، سندس حڪومت وارو اهم شهر ڪائنس ڪسرائڻ ضروري ٿي سمجهيو.

3. ورهاڱي ڪانپوءِ ڪراچيءَ جي هوائي اڈي تي ٻيئل 6 جيٽ جهازن کي پاڪستان جي ملڪيت سمجهيو ٿي ويو. وزيراعظم جڏهن اُنهن جهازن کي هندوستان حوالي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ته سنڌ جي وڏي وزير اُن کي پاڪستان جي حصي وارن 60 ڪروڙن سان مشروط ڪيو جيڪي دراصل، هندوستان جي سرڪار روڪي ڇڏيا هئا.[60] وزيراعظم جي حڪم بعد اُهي جيٽ جهاز هندوستان جي حوالي ته ڪيا ويا، پر اُن سڄي معاملي ۾، وزيراعظم لياقت علي خان ۽ سنڌ جي وڏي وزير ايوب کهڙي جي وچ ۾ بدمزگيءَ واري صورتحال پيدا ٿي، جنهن مان پاسجي ٿو ته وفاق تي قابض مُهاجر مُفادن کي، ڪراچيءَ جي اهڙي انتظامي مالڪي نه ٿي وٺي ۽ اِهو ئي سبب هو جو ڪراچيءَ کي وفاق جي قبضي ۾ ڏيارڻ ضروري سمجهيو ويو ته جئين مُهاجر مُفادن کي جئين وٺي، تئين اُهي ڪراچيءَ ۾ ڪري سگهن.

4. وزيراعظم لياقت خان، ڪراچيءَ کي وَفاقَ جي قبضي ۾ ڏيارڻ ۽ وڏي وزير ايوب کهڙي کي سوڙهي ڪرڻ خاطر جناح کي به برغلائڻ شروع ڪيو[61] ايستائين جو هُن جناح کي چئي، وڏي وزير جو سنڌ ۾ مُهاجرن جي آبادڪاريءَ لاءِ شروع ڪرايل چندي وارو فنڊ به بند ڪرائي ڇڏيو![62] ۽ اُن جي جاءِ تي، جناح جي نالي تي، مرڪزي سطح تي، هڪ مرڪزي فنڊ مهم شروع ڪرائي وئي. دلچسپ ڳالهه اِها آهي، ته مرڪزي سطح تي، شروع ڪرايل اُنهيءَ فنڊ مُهم ۾، سنڌ جي وڏي وزير ايوب کهڙي کي شامل ڪرڻ بدران، سنڌ جي گورنر غلام حسين هدايت کي شامل ڪيو ويو جيڪو ايوب کهڙي جو سخت مُخالف هو.[63] اهڙيءَ سياسي راند مان، اُها ڳالهه پليءَ پت ظاهر ٿئي ٿي، ته رياستي معاملن ۾، مُهاجر مُفادن، ذاتي بعض ۽ ڪروڌ کي داخل ڪندي، سنڌ ۾ وڏي وزير کان وِيرُ ونڊ خاطر سندس حڪومت خلاف بُحران ڪراچيءَ کي وفاق جي قبضي ۾ آڻڻ لاءِ ماحول تيار ڪيو تان جو ڪراچيءَ کي عملي طور تي، 26 اپريل 1948ع تي، وڏي وزير ايوب کهڙي جي برطرفيءَ سان گڏ وفاق جي قبضي ۾ آندو به ويو.

5. سنڌ ۾ مُهاجر آبادڪاريءَ واري مسئلي تي ٽيندڙ خرچ جو اڌ حصو وفاق کي پري ڏيڻو هو. پر ڪراچيءَ کي وفاق جي قبضي ۾ ڏيڻ جي سخت مخالفت ڪرڻ سببان، سنڌ حڪومت کي، مهاجر آباد ڪاريءَ جي ڏس ۾ ٽڪو به نه ڏنو ويو. سنڌ جي وڏي وزيرطرفان 'پناهگيرن لاءِ وڏي وزيرجي فنڊ' جي نالي سان چندي جي جا مهم شروع ڪئي وئي، سا به. جناح جي حڪم سان بند ڪرائي. نه رڳو وڏي وزير کي سوڙهو ڪيو ويو. پر مورڳو سنڌ جي صوبائي سرڪار کي به مالياتي بُحران جي ور چاڙهيو ويو.[64]

اِها ڳالهه نهايت سطحي ياسجي ٿي، ته جناح سنڌ جي وڏي وزيرايوب کهڙي کي برطرف ڪرڻ جو ذميوار هو. ائين برابر آهي، ته جناح جي حڪم سان، سنڌ جي گورنر غلام حسين هدايت الله، ايوب کهڙي کي وڏ وزارت تان برطرف ڪيو هو. پر ڏنو ويڃي، ته اُن سڃي معاملي ۾، مُهاجر مُفادن جو وڏي حد تائين، ذاتي بُغض، ساڙ ۽ ڪاوڙ وارو عوامل به هو. مثال طور: ايوب کهڙي پاران، پنجاب ۾ ترسيل پنج لک مُهاجرن کي سنڌ ۾ ترسائڻ کان انڪار ڪرڻ، ڪراچيءَ کي وفاق جي قبضي ۾ ڏيڻ جي سخت مُخالفت ۽ انتظامي معاملن، جهڙوڪ: وزيراعظم کي باغ لاءِ اضافي پاڻي وغيره نه ڏيڻ وارن معاملن، وزيراعظم لياقت علي خان کي وڏي وزير ايوب کهڙي جو دشمن بڻائي ڇڏيو هو. جڏهن ته، سنڌ سرڪار، گورنر هائوس جي ناهه نوهه لاءِ هن لکن بدران 75 هزار منظور ڪيا، ته اُها ڳالهه به گورنر لاءِ سخت ڪاوڙ جو سبب بڻي.[65] اُن صورتحال ذاتي ويڑ وڻڻ واري سوچ کي جنم ڏنو. ائين، جڏهن وزيراعظم لياقت خان، ايوب کهڙي جي برطرفيءَ لاءِ گورنر غلام حسين هدايت الله سان رابطو ڪيو. ته ٻنهي پاڻ ۾ ناني- ويڑهو ناهي ورتو. پير الاهي بخش ۽ ميربنده علي سان هڪ ڳجهو ناهه ڪري ورتائون: اِهو ئي سبب هو جو اُنهن ٻنهي همراهن کي جناح وٽ به آندو ويو. جناح کي سنڌ جي وڏي وزير خلاف من گهڙت خبرون ٻڌايائون، ۽ ڪيس برغلائي، ايوب کهڙي کي هٽائڻ ۽ ڪراچيءَ کي وفاق جي قبضي ۾ ڏيڻ لاءِ راضي ڪري ورتائون، تان جو وڏو وزير برطرف ٿي ويو!

ڪراچيءَ تي وفاق جي قبضي ڪانپوءِ سنڌ کي پهتل معاشي نقصان

ڪراچيءَ کي وفاق جي انتظام ۾ ڏيڻ جي حوالي سان، سنڌ ۽ اُن جي قومي قيادت سان اڪيچار واعدا ڪيا ويا، ۽ اُن عيوض سنڌ کي معاشي فائدي ڏيڻ جون به ڳالهيون ڪيون ويون. اُن حوالي سان، جون 1947ع ۾، جڏهن سنڌ جي چونڊيل نمائندن جو هڪ وفد، جناب هاشم گزدر جي اڳواڻي ۾، زيارت وڃي جناح سان

مليو. تہ جناح کين ڪراچيءَ کي وفاق جي حوالي ڪرڻ جي عيوض، وَفاقَ طرفان سنڌ جي صوبائي حڪومت کي معاوضو ڏيارڻ جي بہ خاطري ڪرائي، پر عملي طور تي، سڀ ڪجھ اُنھن خاطرين جي اُبتڙ ٿيو جو 23 جون 1948ع تي، جڏھن ڪراچيءَ کي، اُن جي لاڳاپيل ايراضي، 812 مربع ميل سميت، وفاقي حڪومت جي حوالي ڪيو ويو تہ اُن جي عيوضي ۾ طئي ٿيل معاوضو بہ نہ ٿي ڏنو ويو ۽ ان حوالي سان ڪيل ڳالھيون، صرف ڳالھيون رھجي ويون. سنڌ کي ڪراچيءَ جي عليحدگيءَ سببان جتي پنھنجي خودمُختياريءَ تان ھٿ کڻڻو پئجي ويو اُتي وري کيس وڏي مُعاشي گھوٽالي جو بہ مُنھن ڏسڻو پيو. ڇاڪاڻ تہ، ڪراچيءَ کي وفاق جي حوالي ڪرڻ بعد جنھن ماڻھو (جناح) سنڌ جي قومي قيادت کي نقصان نہ ٿيڻ جي خاطري ڪرائي ھئي، اُھو ماڻھو ڪجھ مھينن اندر پرلوڪ پڌاري ويو ھو.[66] "اُن ڪانپوءِ ڪراچيءَ جي حوالي سان سنڌي عوام جا خدشا درست ثابت ٿيڻ لڳا. سنڌ کي مالي لحاظ کان زبردست نقصان برادشت ڪرڻو پيو. اُن جي آمدنيءَ جو وڏو حصو ڪراچيءَ مان آيو ٿي. آئين ساز اسيمبلي جي بحث واري سرڪاري رپورٽ جي پھرين جُلد مطابق، مُقرر ڪميٽي، ڪراچيءَ جي عليحدگي سببان ٿيڻ واري نقصان جو ڪاٿو ڇھ سؤ ڪان اٺ سؤ ملين رپين ۾ ڪيو ھو جنھن کي وفاقي بجيٽ مان پورو ڪرڻو ھو. سنڌ جي اُنھن عمارتن جي مالڪيت، جن ۾ وفاقي حڪومت جا ادارا قائم ڪيا ويا، پنجيتاليھ ڪروڙ تائين ٿي وئي ھئي. واعدي مطابق، سنڌ جو سمورو نقصان وفاق کي پرڻو ھو، پر اُن حوالي سان، ڪو بہ قدم نہ کنيو ويو! معاوضي جو مقدار صرف ڏھ ڪروڙ ھو. ڪراچيءَ کي وفاق جي حوالي ڪرڻ جي باوجود بہ، ڪراچي جي وڏين اسپتالن، تعليمي ادارن ۽ اُنھن جي ھاسٽلن جو خرچ سنڌ جي صوبائي حڪومت ادا ڪندي رھي؛ ڇاڪاڻ تہ، وفاق اُھو خرچ پرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ھو. جڏھن تہ، ڪراچيءَ جو پھريون صنعتي ڪامپليڪس 'سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ' جو انفراسٽرڪچر صوبي جي خرچ سان ئي جوڙيو ويو. 1955ع جي آئين ساز اسيمبليءِ ۾ ٿيل بحث مطابق، ستن سالن کانپوءِ بہ ڪراچيءَ ۾ سنڌ جي ملڪيت جي قيمت 96 ڪروڙ 50 لک رپيا ھئي. ائين، سنڌ حڪومت جي بجيٽ، مستقل طور تي، خساري واري بجيٽ بڻجي وئي. 50-1949ع ۾، اُن جي منصوبابندي ھڪ ڪروڙ 76 لکن جي خساري سان گڏ ڪئي وئي. بجيٽ کي متوازن رکڻ وارين ڪوششن سببان صوبائي حڪومت کي اضافي ٽيڪس لاڳو ڪرڻا پئجي ويا."[67] بھرحال، ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ ھڪ وڏي قومي ناانصافي ھئي، جا ڪنھن بہ طرح سان برداشت جوڳي نہ ھئي، ۽

اِهو ئي سبب هو جو جيتوڻيڪ اُنهيءَ قومي ناانصافيءَ خلاف سنڌ ۾ پرپور احتجاج ڪيو ويو پر رياست تي قابض قوتن، اُن جي ڪا به پرواهه نه ٿي ڪئي. سندن صوبن ڏانهن غيرجمهوري پاليسي جئين جو تئين برقرار رهي. سنڌ کي اُنهن پاليسين جو خاص نشانو بڻايو ويو. ائين، سنڌ سان زيادتين مٿان زيادتين جو سلسلو هلندو رهيو. تان جو ون يونٽ جون تياريون به ٿيڻ لڳيون.

ون يونٽ سنڌين جو وفاق تان ويساهه کٽائي ڇڏيو

پاڪستان ۾ ون يونٽ، سيپٽمبر 1955ع ۾ لاڳو ڪيو ويو.[68] ائين، اولهه پاڪستان جي چئني صوبن پنجاب، سنڌ، سرحد (هاڻوڪو خيبرپختونخوا) ۽ بلوچستان جي خودمُختياريءَ کي ڪالعدم قرار ڏئي، کين نام نهاد هڪ صوبي ۾ تبديل ڪيو ويو.[69] ون يونٽ ڇو لاڳو ڪيو ويو؟ اُن سوال کي سمجهڻ لاءِ اُن وقت جي سياسي صورتحال ۽ اُن جي پسمنظر کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. دراصل، ون يونٽ قائم ڪرڻ جو پسمنظر اِهو هو جو مُلڪ ۾ قومي تضاد/ تڪرار پيدا ٿي چڪو هو جنهن جو هڪ بنيادي سبب اِهو هو جو جئين ته، مُلڪ جي ملٽري بيورو ڪريسيءِ (فوج) ۾ پنجابين جي اڪثريت هئي ۽ وري سول بيوروڪريسيءِ ۾ مهاجرلساني تولي جي گهٽائي هئي،[70] جن ۾نهي پاڻ ۾ ملي پڳٽ ڪري مُلڪ نمڻ شرط ئي اُن جي رياست ۽ وفاق تي قبضو ڪري. هڪ طرف مُلڪ جي حقيقي وفاقي جمهوريتي بنيادن کي نام نهاد آئيني هٿڪنڊن جي ذريعي تبديل ڪري ورتو هو ته وري ٻي طرف، مُلڪ ۾ اڪثريتي قوم واري حيثيت رکندڙ بنگالين کي به ڦرلٽ جو نشانو بڻائڻ شروع ڪري ڏنو هو.[71] اُنهيءَ صورتحال، مُلڪ ۾ قومي تڪرار کي اُپاري ڇڏيو هو ۽ جئين ته قومي ڦرلٽ خلاف بنگالين جي مزاحمتي ڪردار مُلڪ ۾ قائم پنجابي-مُهاجر استيٽسڪو لاءِ خطرو پيدا ڪري ڇڏيو هو. اُن ڪري، اُنهيءَ خطري کي ختم ڪرڻ ۽ بنگالين جي مزاحمت اڳيان بند ٻڌڻ خاطر ون يونٽ کي لاڳو ڪرڻ ضروري سمجهيو ويو.[72] ٻيو ته، اصل مسئلو آئين ناهڻ جو به هو. مُلڪ ۾ جيڪڏهن وفاقي جمهوريت طريقي ڪار تحت، آئين سازيءَ جو بندوبست ٿئي ها، يا آئين جوڙيو وڃي ها، ته آئين ساز اسيمبلي ۾ بنگالين کي قطعي عددي اڪثريت حاصل ٿي پوي ها، ۽ جئين ته اِها ڳالهه پنجابي-مُهاجر مُفادن لاءِ ڪنهن به طرح سان فائدي بخش نه هئي اُن ڪري، شروع کان ئي آئين ناهڻ کان نٽ نٽاءَ وارو رويو روان رکيو ويو ۽ جڏهن ڪجهه سالن اندر بنگالين جي احتجاج سببان ڳالهه ڳري ٿي وئي، ته بنگالين جي اڪثريتي آئيني

حيثيت کي ختم ڪرڻ لاءِ پئريٽي (برابريءَ) جو راڳ الاپي، ون يونٽ جي اسڪيم تيار ڪئي وئي، تہ جئين، هڪ طرف، ون يونٽ جي ذريعي، مُلڪ جي ٻنهي حصن، اولهہ پاڪستان ۽ اوپرپاڪستان ۾ طاقت جو توازن برقرار رهي، ۽ بنگالي قطعي عددي اڪثريت ۾ نہ اچي سگهن.[73] ۽ ٻئي طرف، مُلڪ لاءِ هڪ اهڙو آئين تشڪيل ڏنو وڃي، جنهن سان نہ صرف پنجابي-مُهاجر استيبلشمنٽ کي خطرو پيدا نہ ٿئي، پر اُنهيءَ آئين تحت بنگالين جي قرلٽ بہ جاري رهي. اِهو ئي سبب هو جناح جيستائين جئيرو رهيو تہ مُلڪ کي آئين ڏيڻ جو ڪو بہ بندوبست نہ ٿي ڪيو ويو ۽ جئين ئي، جناح پرلوڪ پڌاري ويو تہ ڪجهہ سالن جي اندر 1955ع ۾ ون يونٽ قائم ڪري، ٻي سال 1956ع ۾ مُلڪ کي آئين بہ ڏنو ويو.[74] جيڪو آئين، ڪنهن بہ طرح سان، هڪ مُنصفاڻو ۽ جمهوريت وفاقي آئين نہ، پر پنجابي-مهاجر بالادستي کي تقويت پهچائيندڙ هڪ وحداني آئين هو.[75] بهرحال، اهڙي ئي صورتحال هئي، جو جڏهن 1948ع واري سال ۾، مُلڪ ۾، ون يونٽ جي رينگٽ کي اُڀاريو ويو[76] تہ تڏهن اِهو پنجاب جو فيروز خان نون هو جنهن 2 مارچ 1948ع تي، سڀ کان پهريان، ون يونٽ جي ڀَالهہ ڪندي، قومي اسيمبلي ۾ اُهو چئي ڏنو: "مُلڪ جي انتظامي وهنوار کي خوش اسلوبيءَ سان هلائڻ لاءِ، پنجاب، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان کي پاڻ ۾ ملايو وڃي ۽ چئني صوبن جو هڪ ون يونٽ ٺاهيو وڃي، ٻي صورت ۾، ننڍن صوبن ۾ هڪ سني انتظاميا وجود ۾ آڻي نہ ٿي سگهجي."[77] اِها تجويز بظاهر تہ مُلڪ جي انتظامي وهنوار کي سولي ڪرڻ خاطر ڏني وئي هئي، پر اُن جي پويان اصل مقصد، مُلڪ کي وحداني حڪومتي نظام هيٺ آڻي، ننڍين صوبن ۽ بنگال تي، پنجاب جي بالادستي قائم ڪرڻ هو. سوال آهي، تہ مارچ 1948ع ۾، جناح پاڻ بہ جئيرو هو تہ هُن ون يونٽ جهڙي غلط ۽ غيروفاقي اسڪيم بابت ٽيندڙ ڀَالهين جو ڇو ڪو نوٽيس نہ ورتو؟ ڇو جناح، پاڪستان ۾ ون يونٽ جي ذريعي وحداني حڪومتي نظام جي بنياد رکڻ واري غيرجمهوريت ڀَالهين تي خاموش رهيو؟ مان پانيان ٿو تہ، اُن جو وڏو سبب اِهو هو جو جناح کي هڪ تہ ڄاڻي ٻُجهي سازش تحت، مسلم ليگ جي صدرت تان بي دخل ڪري، ڪيس تنظيمي ۽ رياستي معاملن کان پاسيرو ڪيو ويو هو ۽ ٻيو تہ، لاڳيتو بيمار رهڻ سببان، هُو رياست جي قابض قوتن هٿان يرغمال بہ ٿيڻ جي چڪو هو.[78] اِهو ئي سبب هو جو هُن ڪجهہ پنهنجي بيماريءَ ۽ ڪجهہ رياستي ڪارندن جي غلط

---

*ائين ڇو ڪيو ويو؟ ڇو جناح کي مسلم ليگ جي صدارت تان بي دخل ڪري، ڪيس بي اثر ۽ اڪيلي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي؟ ۽ اُن پويان رياست تي قابض پنجابي-مُهاجر قوتن جا ڪهڙا مُفاد هئا؟ اِنهن سوالن تي، راقم پنهنجي هڪ ٻئي مقالي "پاڪستان ۾ قومي تضاد، جناح ۽ مظلوم قومون" ۾ تفصيل سان لکيو آهي.

ڪاريءَ کان بدظن ٿي، اڪيلو زيارت وڃي رهڻ کي ترجيح ڏني هئي، ۽ اُنهيءَ صورت حال ۾ دم ٻه ڏئي ڇڏيائين اُن ڪري، ڏنو وڃي ته جناح ون يونٽ بابت ٿيندڙ ڳالهين سان گڏ ڪشمير جهڙي انتهائي اهم ۽ پاڪستان لاءِ جيئڻ ۽ مرڻ واري معاملي ۾ ٻه گهربل ڪردار ادا نه ڪري سگهيو ۽ اُن جي حوالي سان، تاريخ جا ماهر ڪيترائي جواز ٻڌائين ٿا، جيڪي بلڪل منطقي ياسڃن ٿا.[79]

بهرحال، پاڪستان جي سياسي تاريخ جا ماهر ٻڌائين ٿا، ته اُها فيروز خان نون واري ون يونٽ جي تجويز ڪا نئين تجويز نه هئي، جو اُن کان اڳ ٻه، گڏيل هندوستان واري زماني کان وٺي، پنجاب، اتراولهه جي ننڍين مسلم رياستن تي پنهنجي ناجائز بالادستي قائم ڪرڻ لاءِ، وقت ٻه وقت آئيني اسڪيمون ظاهر ڪندو رهيو هو جن کي ننڍين مسلم صوبن جي عوام هميشه رد ٿي ڪيو. اُن حوالي سان چون ٿا، ته اهڙي وحداني حڪومتي وهنوار تي ٻڌل ون يونٽ واري اسڪيم جي، سڀ کان پهرين، تجويز 1930ع ۾ شاعر پنجاب جناب ڊاڪٽرعلامه اقبال پنهنجي الله آباد واري خطبي ۾ ڏني، جنهن ۾ علي الاعلان پنجاب، سرحد، سنڌ ۽ بلوچستان کي پاڻ ۾ ملائي، ون يونٽ جي ڳالهه ڪئي وئي هئي.[80] علامه اقبال ڪانپوءِ اُها ساڳئي تجويز 1939ع ڌاري، پنجاب جي هڪ ٻئي اڳواڻ سرسڪندر حيات پنهنجي هڪ آئيني اسڪيم ۾ ڏني، 'جنهن ۾ هُن انهن ڇٽني صوبن تي ٻڌل هڪ زونل فيڊريشن جي ڳالهه ڪئي ٿي.'[81] اُها فيڊريشن، دراصل، گريٽر پنجاب جي تصورتي ٻڌل ون يونٽ جي عڪاس هئي، ۽ اِهو ئي سبب هو جو اُن ۾ ڪنهن ٻه دلچسپي نه ٿي ورتي، ۽ اُها تجويز صرف تجويز ئي رهجي وئي. بهرحال، جناب فيروز خان نون جي ون يونٽ واري طريقي تي ٻڌل 'وحداني حڪومتي نظام' جي حمايت ۾ ٽيندڙ ڳالهيون، نه صرف غلط، غيرآئيني ۽ وفاقيت جي اُبتڙ هيون، پر پاڪستان جي وفاق ۾ شامل صوبن ۽ قومن جي خودمختياري جي ٻه خلاف هيون. اُنهن ڳالهين، وفاق جي آئيني اِڪائين جي خلاف هڪ وڏي خطري وارو ماحول تيار ڪيو ۽ اِهو ئي سبب هو جو سڀ کان پهرين، سنڌ ۽ اُن جي قومي قيادت اُن جو نوٽيس ورتو. اُن حوالي سان، سنڌ جي هڪ نمائندي جناب هاشم گزدر 17 مارچ 1948ع تي، هڪ بيان جاري ڪيو، جنهن ۾ چيائين: "جيڪڏهن اُنهيءَ تجويز تي عمل ٿيو ته اهڙن مسئلن تي ڏيان ڏئي نه سگهبو، جيڪي نسلي اختلافن، مخصوص رسم رواج، طرز زندگي ۽ مقامي ضرورتن سببان پيدا ٿيندا رهن ٿا."[82] زاهد چوڌري مطابق، 'هُن جو چوڻ هو ته صوبن کي پاڻ ۾ ملائي، ون يونٽ جي تجويز ڏيڻ جو

جيڪڏهن اِهو ڪارڻ آهي، تہ اسان سڀ مسلمان آهيون، تہ پوءِ اُنهيءَ ون يونٽ جي بنيادتي ٺهندڙ وحداني حڪومت ۾ دنيا جي سمورين مسلم حڪومتن کي چو نہ ٽو شامل ڪيو وڃي ۽ اُنهن سمورن علائقن جي انتظام هلائڻ لاءِ صرف هڪ بادشاهہ کي مُقرر چو نہ ٽو ڪيو وڃي؟"[83] جناب هاشم گزدر جي اُنهيءَ بيان جي حوالي سان، زاهد چوڌري تبصرو ڪندي، وڌيڪ ٻڌائي ٿو:

"هُن (هاشم گزدر) پاڪستان ۾ ون يونٽ ذريعي مُڙهجندڙ وحداني حڪومتي نظام قائم ڪرڻ واري تجويز کي غير جمهوري قرار ڏنو. هُن يورپ ۽ آمريڪا جي آئينن جا حوالا ڏنا، ۽ اُهو ثابت ڪيائين، تہ اختيارن جي عدم مرڪزيت جمهوريت لاءِ واڌ ويجهہ ۽ اُڻسر لاءِ ڪارگر هجي ٿي. هُن جو چوڻ هو تہ جمهوريت مُلڪن ۾ ننڍين وڏن يونٽن جي عوام کي پنهنجا مسئلا پاڻ حل ڪرڻ جا مڪمل اختيار حاصل هجن ٿا. جيڪڏهن ائين نہ هجي، تہ پوءِ جمهوريت ۽ وفاقيت هڪ دوکو ۽ ٺڳيءَ جو ناهُہ بڻجي وڃي ٿي."[84]

بهرحال، ائين ئي ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ، 19 اپريل 1948ع تي، سنڌ مسلم ليگ ڪائونسل جو هڪ اجلاس ٿيو، تہ اُن ۾ بہ سنڌي اڳواڻن، فيروز خان نون جي اُنهيءَ ون يونٽ واري تجويز جي سخت مُخالفت ڪئي، ۽ اُهو مؤقف رکيائون: "1940ع واري ٺهراءَ ۾، صوبن کي مُڪمل خودمُختياري ۽ حقِ خود ارادیت جو يقين ڏيارِيو ويو هو، پر هاڻ، صوبن کي پاڻ ۾ ملائي، ون يونٽ جي ڳالهہ ڪرڻ اُنهيءَ لاهور واري ٺهراءَ جي سنگين پيڪڙي آهي."[85] ائين شروع ۾، ون يونٽ جي ڳالهہ ڪرڻ ۽ ننڍين صوبن پاران اُن جي سخت مخالفت ڪانپوءِ، ڪجهہ وقت تائين اُهو رينگٽ بند رهيو. اُن وچ ۾، مرڪز تي قابض قوتن، سرحد جي صوبائي حڪومت کي گهر ييڙو ڪرائي چڏيو. سنڌ جي وزيراعليٰ، جناب محمد ايوب کهڙي کي، ڪراچيءَ جي معاملي تان برطرف ڪرايو ويو، ۽ نام نهاد پروبا (Public and Representative Office Disqualification Act) قانون تحت، مٿس ڪرپشن جا ڪيس مُڙهيا ويا.[86] پنجاب ۾ بُحراني صورتحال پيدا ڪري، اُتي پنهنجي من پسند وزارت ناهي وئي هئي؛ بلوچستان کي ايجا صوبي جو درجو بہ نہ ڏنو ويو هو، جڏهن تہ، بنگال ۾ بنگالي ٻوليءَ کي نظرانداز ڪري، اُڙدو ٻوليءَ کي قومي ٻڌائڻ جو اعلان ڪري، مُلڪ ۾ قومي تڪرار کي اُپاريو ويو هو جنهن سببان بنگالين قومي جدوجهد بہ شروع ڪري ڏني هئي. وزيراعظم لياقت علي، مُلڪي آئين جي بُنيادي خاڪي لاءِ، 1949ع ۾، پنهنجي نام نهاد قرارداد مقاصد آڻي چڪو هو، جنهن ۾ سمورن اختيارن ۽ حاڪميت جو مالڪ الله جي ذات کي قرار ڏئي، نہ رڳو جناح جي سيڪيولر حاڪميت واري تصور جي نفي ڪئي وئي هئي، پر

مُلڪ ۾ جمهوريت، وفاقيت، ۽ صوبن جي خودمُختياري سان به هڪ سنگين مذاق ڪيو ويو هو جنهن سببان ننڍين صوبن ۾ ڪافي بي چيني ڏني ٿي وئي ۽ مُلڪ ۾ جڙ ته هڪ بُحراني صورتحال پيدا ٿي رهي هئي. جڏهن ته، اُن وچ ۾ سنڌجي صوبائي حڪومت، انگريز زميندار سرراجر ٽامس* جي سربراهيءَ ۾ جوڙيل هاري ڪميٽي جي 1948ع ۾ ڏنل پورٽ پڌري ڪري ڇڏي هئي. جيڪا، سنڌ ۾ جاگيرداري نظام ۽ اُن جي عوام دشمن اڳواڻ قوتن جي حمايت ۾ هئي. البت، جئين ته، تنهن وقت جي نوابشاهه واري ڪليڪٽر ايم مسعود ڪدر پوش* ڪي به اُنهيءَ ڪميٽيءَ ۾ ميمبر طور ڪنيو ويو هو جيڪو ترقي پسند رجحان رکندڙ هو. اُن ڪري، هُن اُنهيءَ رپورٽ ۾ اظهاريل حقيقتن سان سخت اختلاف رکيو.[87] ۽ هڪ اختلافي نوٽ لکيائين. اُهو نوٽ جڏهن وڏي ڏهاءَ کانپوءِ سرڪار طرفان شايع ٿيو ته سنڌ ۾ هاري عوام جي وڏي گهٽائي ۽ اُن جي اڳواڻ قوتن ۾ سخت پريشاني ڦهلجي وئي. اِهو ئي سبب هو سنڌ ۾، ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جي اڳواڻي ۾، سنڌ هاري ڪميٽي نه رڳو سنڌ حڪومت خلاف، پر وَفاقِي سرڪار خلاف به جدوجهد شروع ڪري ڏني هئي. جنهن دراصل، وفاقي ۽ صوبائي سرڪار لاءِ وڏي خواري ۽ ڏُچو پيدا ڪري ڇڏيو هو سون تي سهاڳو اُهو هو جو بنگال ۾ به مرڪز جي خلاف جڙ ۽ ڪاوڙ جي لهر ڦهلجي وئي هئي. اُن ڪري، اصل قوتن کي وڏو ڌَڀُ اِهو هو ته جيڪڏهن بنگال ۽ سنڌ جو عوام پاڻ ۾ ملي، پنهنجي حقن لاءِ اُٺي ڪڙو ٿيو ته صورتحال سنياڻجڻ کان ٻاهر ٿي ويندي. اِنهيءَ

---

*سرراجر ٽامس، پاڻ، هڪ زميندار انگريز هو. هُن، سنڌ ۾ هارين جي صورتحال بابت جا رپورٽ ڏني، سا، بُنيادي طور تي، سنڌ جي جاگيردار طبقي جي حمايت ۾ هئي. اُن رپورٽ ۾، ٿلهي ليکي سنڌ حڪومت کي اُهو ٻڌايو ويو، ته سنڌ ۾ هاري عوام سان مسئلا ته آهن، پر اُنهن مسئلن جا ذميوار هاري پاڻ ئي آهن! دراصل، اُنهي هاري رپورٽ جو اُهو منفي پاسو ئي هو جنهن سان اختلاف رکندڙ نواب شاهه جي ڪيلڪٽر ايم مسعود ڪدرپوش (جيڪو پڻ رپورٽ پيش ڪندڙ هاري ڪميٽيءَ جو ميمبر هو) پنهنجو اختلافي نوٽ لکيو. جنهن ۾ هُن، سنڌ جي هارين جي اصل حالت جو عڪس ڇڪيو ۽ اُهو ٻڌايو، ته سنڌ ۾ جاگيردار-زمينداڻ طبقو، وڏي وحشت سان پرجا پيڙڪ ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي، ۽ هاري عوام جي وڏي اڪثريت کي ظالمانه انداز سان پيڙيندو رهيو آهي. بهرحال، راقم ذاتي طور اُهو سمورو اختلافي نوٽ هٽ ڪري پڙهيو آهي. جڏهن ته، اُن نوٽ جو اُڙدو ترجمو به هاڻ، دستياب آهي. جيڪو ڊاڪٽر مبارڪ علي جي هڪ اُڙدو ڪتاب "جاگيرداری" ۾ شامل ڪيو ويو آهي. اُهو پڙهڻ جوڳو آهي. ۽ اُهو پڙهي عبرت حاصل ڪري سگهجي ٿي.

*ايم مسعود ڪدرپوش، هڪ ترقي پسند ذهن رکندڙ آفيسر ته هو هُو ڪابي ڏُر جي سياست کان به متاثر ته هو ۽ هُو غريب عوام جو به ڪي قدر خيرخواهه ته هو. پر سندس عملي ڪردار روايتي پنجابي-مُهاجر نقلي ترقي پسندن جهڙو هو ۽ اِهو ئي سبب هو جو هُن، طبقاتي مسئلي تي، هاري رپورٽ تي، منفصلاڻو نوٽ لکي، پنهنجي ڪردار کي صاف ته رکيو، پر سنڌ ۾، سنڌي عوام جي قومي مُفادن جو ڪو به خيال نه رکيو. ۽ پنجاب مان مُهاجرن جو ريل گاڏيون پرائي، کين سنڌ، ۽ خاص طور اُن جي وڏي شهر ڪراچيءَ ۾ آباد ڪري، سنڌين کي اقليت ۾ آڻڻ جيڪو خطرو پيدا ڪيو اُنهيءَ ڳالهه سنڌ ۾ سندس ڪردار کي متضاد به بڻائي ڇڏيو آهي. اُن ڪري، مان سمجهان ٿو ته هُن کي هڪ بااصول ترقي پسند ماڻهوءَ جي زمري ۾ نه ٿو آڻي سگهجي.

صورتحال، مُلڪ جي پنجابي-مُهاجر حڪمران اشرافيا کي بند گهٽيءَ ۾ ڦاسائي ڇڏيو هو. اِهو ئي سبب هو جو کين مُلڪ لاءِ هڪ اهڙي من پسند آئين ناهڻ جي تڪڙ هئي، جيڪو سولائيءَ سان، هڪ طرف مُلڪ ۾ پنجابي- مُهاجر اسٽيٽسڪو کي آئيني تحفظ فراهم ڪري، تہ وري ٻي طرف، بنگال ۾ ننڍين صوبن کي مستقل طور تي، غلام ۾ ڦيجهو رکڻ ۾ بہ گهربل مدد مهيا ڪري سگهي. جئين تہ، ون ويونٽ واري معاملي سببان، ننڍين صوبن جي عوام، بنگالي عوام سان ٻڌي ڪري گڏجي ويو هو. اُن ڪري بہ، دراصل، مُلڪ جي اصل قوتن لاءِ اُهو ضروري هو تہ اُنهي ٻڌيءَ کي ٽوڙڻ لاءِ ڪو اهڙو بندوبست ڪيو وڃي، جنهن سان رياست تي قابض قوتن جي ناجائز مُفادن لاءِ ڪو خطرو پيدا نہ ٿي سگهي. ۾ مُلڪ مٿان سندن ناجائز قبضو جئين جو تئين برقرار رهي. دراصل، اهڙي ئي صورتحال هئي، جو مُلڪ ۾ من پسند ۾ پنجابي-مُهاجر اسٽيٽسڪو کي تقويت پهچائيندڙ نئين آئين جي جوڙجڪ لاءِ مُختلف اسڪيمن تي غور ويچار شروع ڪيو ويو. جنهن جي نتيجي ۾، 1953ع ڌاري، پاڪستان جي وزيراعظم محمد علي بوگرا جو فارمولو منظرعام تي آيو.[88] اُنهيءَ فارمولي مطابق 300 ميمبرن تي ٻڌل لوئر هائوس ۾ "اوپر پاڪستان کي 165 سيٽون، پنجاب کي 65، سرحد کي 24، سنڌ کي 19، بلوچستان کي 17 سيٽون ڏنيون ويون. جڏهن تہ، اپر هائوس ۾ سيني کي ڏهہ ڏهہ سيٽون ڏنيون ويون. اهڙي تناسب سان، اپر هائوس ۾ 50 ۾ لوئر هائوس ۾ 300 سيٽون رکيون ويون. "[89] چون ٿا تہ، اُنهيءَ فارمولي کي مُلڪ جي مڙني صوبن طرفان قبول تہ ڪيو ويو[90] پر مُلڪ جي اصل قوتن کي اُهو ڏپ هو تہ "بنگال وڏو صوبو آهي، تنهن ڪري اُهو اپر هائوس جي ڪنهن بہ هڪ صوبي يا يونٽ کي پاڻ سان ملائي، يا پنهنجي اڪثريت ناهي، پنجاب مٿان پنهنجا فيصلا مڙهي سگهي ٿو."[91] ائين، مُلڪ مٿان بنگال جي بالادستي قائم ٿيڻ سببان، پنجابي-مُهاجر اسٽيٽسڪو خطري هيٺ اچي ويندو. دراصل، اِهو خوفُ ئي هو جنهن سببان وزيراعظم محمد علي بوگرا جي فارمولي قبوليت جو شرف حاصل نہ ٿي سگهيو.[92] بهرحال، اصل قوتن وري ٻي اسڪيم تي غور ويچار ڪرڻ شروع ڪري ڏنو ۾ ائين ون يونٽ جي اسڪيم کين فائدي بخش ڏسڻ ۾ آئي ٿي. اُن وچ ۾، 1954ع ڌاري چونڊون ٿيون.[93] چونڊن ۾ مسلم ليگ کي بنگال اندر شڪست ملي! اصل قوتن جو خوفُ وڌي ٻيٽو ٿي ويو.[94] اِهو ئي سبب هو، هاڻ، مُلڪ ۾ ون يونٽ کي مڙهڻ جو منظم ڪوششون ٿيڻ لڳيون. اُن حوالي سان، مسلم ليگ طرفان مختلف ڪميٽيون جوڙيون ويون، جن مختلف زونل ۾ سب فيڊريشن جون اسڪيمون ڏنيون، جن جي

بنگال ۽ ننڍين صوبن طرفان مخالفت ڪئي وئي. اُنهيءَ صورتحال تي تبصرو ڪندي هڪ سياسي ماهر خالد بن سعيد لکي ٿو:

"They were aware that politicians, provincial civil servants and the intelegentsia from the provinces of Sindh and the North Western Frontier province would offer resistance. One Unit documents prepared by Daultana for the intergration of West Pakistan suggested the use of skillful propaganda, but the army leaders and the bureaucrats were in a harry. They knew that the real merit of the present regime is that it can hold a pistol to achive political, constitutional agreement and they went about brandishing and using their weapons of arbitrary dismissals in Sindh, Frontier and even in the Punjab.Through such methods ruling oligarchs demonstrated the working of new directon that absolute power leads to absolute coercion."[95]

ترجمو: "حڪمرانن کي اُها خبر هئي، ته ون يونٽ واري اسڪيم کي سنڌ ۽ ويسٽ فرنٽئير جا سياستدان، سول نمائندا ۽ سُجاڳ ذهن طبقو قبول نه ڪندو ۽ اُن جي سخت مزاحمت ڪندو. اُن جي باوجود، دولتانا جي ناهيل اُنهيءَ ون يونٽ واري اسڪيم تحت، اولهه پاڪستان جي صوبن جي وجود کي ختم ڪرڻ لاءِ چالاڪيءَ تي ٻڌل پروپيگنڊا ڪئي وئي. فوجي اڳواڻن ۽ نوڪرشاهي کي وڏي تڪڙ هئي. هُنن اُهو ڄاتو ٿي، ته موجوده نظام جي قابليت اِها آهي، جو اُهي پستول جي طاقت سان آئيني ۽ سياسي اتفاق حاصل ڪري سگهن ٿا. اِهو ئي سبب هو جو مخالفت ڪندڙ سنڌ، فرنٽئير، پنجاب جي حڪومتن کي برطرف ڪري ڇڏيائون. اهڙي طريقي سان، حڪمران ٽولي نئين نظام جو بندوبست ڪري ورتو جنهن ۾ حتمي اختيار حتمي قوتن جي حوالي هئا."

اصل ۾، اولهه پاڪستان جي ڇهئي صوبن کي پاڻ ۾ ملائي، سندن خودمختياري ۽ سندن گهٽ -رنگائي (Diversity) کي ختم ڪري، کين ون يونٽ ذريعي طاقت جي مرڪزيت تي ٻڌل نام نهاد وحدانيت واري نظام هيٺ آڻڻ، نه صرف پاڪستان جي اصل بنياد ۽ جناح جي فڪر سان هڪ وڏو دوکو هو، پر بُنيادي طور تي، لاهور ٺهراءَ جي به هڪ سنگين پيچيدگي هئي. جناح ۽ مسلم ليگ، آل انڊيا ڪانگريس سان اُن بنياد تي اختلاف رکي مُلڪ حاصل نه ڪيو هو، ته اُن ۾ آزاديءَ کانپوءِ وحداني حڪومتي نظام لاڳو ڪري، اقليتي قومن يا ننڍين صوبن سان اهڙو ئي ڦورو وهنوار رکيو ويندو، جهڙو ڪانگريس، گڏيل هندوستان ۾ مسلمانن ۽ ٻين اقليتن سان روان رکڻ چاهيو ٿي. دراصل، جناح ۽ مسلم ليگ جا، ڪانگريس سان اصل اختلاف، گڏيل هندوستان ۾، اختيارن جي عدم مرڪزيت واري حقيقي وفاقي جمهوريت نظام ۽ آئين بابت هئا، (پاڻ، ڪتاب جي ٻئي باب ۾، اِن تي تفصيل سان بحث ڪري آيا آهيون) جنهن تي ڪانگريس اتفاق نه ڪيو ۽ تڪرار پيدا ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ پاڪستان وجود ۾ آيو. ائين، پاڪستان ته وجود ۾ اچي ويو[96] پر

پاڪستان ۾ اُها ساڳئي ئي غيرجمهوري روش روا رکي وئي، جا آل انڊيا ڪانگريس پنهنجي عددي اڪثريتي غرور ۾ اچي، گڏيل هندوستان ۾ اقليتن ڏانهن روا رکي ٿي. دراصل، پاڪستان جي بالادست قوتن جي اُنهيءَ روش ۾ جڏهن ڪروڌ پرجي آيو تہ تڏهن اُن جي رد عمل ۾، بنگال ۾ ڌار ٿي ويو. مان پانيان ٿو تہ جيڪڏهن موجوده پاڪستان ۾ اُها ساڳئي ئي ڪانگريسي غرور واري غير جمهوري روش روان رهي، تہ وفاق لاءِ بنگال جهڙو هڪ ٻيو خطرو ٻہ پيدا ٿي سگهي ٿو. اِهو ئي سبب آهي، جو هن مُلڪ ۾ اُن جي عوام جا سڄڻ ورهين کان وٺي اُهو چوندا، ڳالهائيندا ۽ لکندا رهيا آهن، تہ پاڪستان کي جيڪڏهن صحيح معنيٰ ۾ هلائڻو وڌائڻو ۽ بچائڻو آهي، تہ پوءِ اُن کي قومن جي برابريءَ وارو حقيقي وفاقي جمهوري ملڪ ۽ حقيقي وفاقي جمهوري وفاق ٻڌايو وڃي. اِها نندين صوبن ۽ قوميتن جي بدقسمتيءَ آهي، جو محدود مرڪز واري وفاقي جمهوريت تصور جي بُنياد تي حاصل ڪيل مُلڪ کي، پنجابي-مُهاجر بالادست قوتن، محدود مرڪز واري وحداني انتظام تحت هلائي، مُلڪ ۽ اُن وفاق ۾ شامل قوميتن لاءِ اڪيچار ڏڃا پيدا ڪري ڇڏيا! بهرحال، بنگالين کي سندن جائز حيثيت کان محروم رکڻ، ۽ بنگال سميت سمورن صوبن جي قرلٽ ڪرڻ خاطر نام نهاد زونل ۽ سب فيڊريشن جون اسڪيمون آڻي، ون يونٽ جي ذريعي، مُلڪ ۾ وحداني حڪومتي نظام لاڳو ڪرڻ جون ڪوششون ٽيندين رهيون.[97] ائين، جڏهن ڪنهن ٻہ مناسب آئين جي ڳولها وارو رستو بند ٿي ويو تہ تڏهن گورنر جنرل غلام محمد جي مهرفت آئين ساز اسيمبليءَ ٽوڙي وئي، ۽ نئين ڪچن ڪابينا تيار ڪري، اُن ۾ پنجابي —مُهاجر آفيسرشاهي سان گڏ جنرل ايوب خان کي ٻہ شامل ڪيو ويو. ائين، مُلڪ ۾ ون يونٽ واري اسڪيم کي لاڳو ڪرڻ جو پڻ پيغام ڏنو ويو.[98] دراصل، اِها ئي صورتحال هئي، جو پنجاب جي وڏي وزير ممتاز دولتانا ون يونٽ بابت ڳجهو دستاويز 'اولهہ پاڪستان کي گڏائڻ' (Unification of West Pakistan) جي نالي سان تيار ڪري ورتو، جنهن ۾ مُلڪ کي 'بهتر' نموني سان هلائڻ جو طريقي ڪار بيان ڪيو ويو.[99] سنڌ ۾، تنهن وقت، عبدالستار پيرزادي جي حڪومت هئي.[100] وفاقي سرڪار جڏهن ون يونٽ جي اسڪيم ظاهر ڪئي، تہ وڏي وزير عبدالستار پيرزادي اُن جي سخت مخالفت ڪئي،[101] ۽ اُن کي اسيمبليءَ مان منظور ڪرائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائين. وفاقي سرڪار کي اُها مخالفت نہ ٿي آئڙي. نيٺ، 8 نومبر 1954ع تي، سنڌ ۾ عبدالستار پيرزادي جي وڏوزارت کي ختم ڪيو ويو[102] سندس جاءِ تي ايوب کهڙو کي وڏ وزارت ڏني وئي. جنهن 24 ڊسمبر 1954ع تي، سنڌ اسيمبليءَ جي

80 ميمبر جي حمايت سان، ون يونٽ جو بل منظور ڪرائي ورتو.[103] ائين، اولهه پاڪستان جي سمورن صوبن جي صوبائي اسيمبلين مان منظوري ملڻ بعد، گورنر جنرل غلام محمد، 27 مارچ 1955ع تي، پاڪستان آرڊر جاري ڪري، مُلڪ ۾ نئين آئين ساز اسيمبليءَ جي قيام جو بندوبست ڪري ورتو. نئين آئين ساز اسيمبليءَ طرفان، 30 سيپٽمبر1955ع تي، 43 ميمبرن جي حمايت سان ون يونٽ کي مُلڪ ۾ لاڳو ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي.[104] ون يونٽ وارو تجربو پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ طاقت جي ناجائز مرڪزيت تي ٻڌل وحداني حڪومتي نظام جو نه صرف هڪ بدترين تجربو هو، پر پاڪستان ۽ اُن جي وفاق ۾ شامل قومن سان به هڪ وڏو تاريخي دوکو هو، جنهن سبب پاڪستان ۾ جمهوريت روايتن توڙي قومن جي ڀائيورسٽيءَ کي اهڙو ته ڏڪ لڳو جو اڄ تائين پاڪستان ۾ جمهوريت ۽ قومن جي برابريءَ واري جمهوري وفاق جي اڏاوت هڪ خواب ئي ٻڌيل آهي.

ائين، ڏٺو وڃي، ته پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ ترت سنڌ ۾ مُهاجر آبادڪاري ڪرائي، سنڌين لاءِ اقليت ۾ تبديل ٿي وڃڻ وارو خطرو پيدا ڪرائڻ، ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ، ۽ اُن کانپوءِ ون يونٽ مُڙهي، سنڌين جي خودمختياريءَ سان جيڪو مذاق ڪيو ويو اُن ڳالهه سنڌ ۽ سنڌين ۾ نه صرف پنجابي-مُهاجر استيبلشمينٽ جو احساس وڌيڪ سگهارو ڪيو، پر مورڳو سندن پاڪستان جي وفاق تان وشواس به کٽائي ٿي ڇڏيو. هاڻ، سنڌين لاءِ اها ڳالهه پڌري ٿي پئي هئي، ته پاڪستان جو وفاق، 1940ع واري ٺهراءَ وارو حقيقي جمهوري وفاق نه، پر پنجابي-مُهاجر بالادست قوتن جو رياستي هٿيار هو. هاڻ، سنڌي اُهو سوچڻ لڳا هئا، ته هيءُ اُهو پاڪستان ناهي، جنهن ۾ 1940ع واري لاهور ٺهراءَ مطابق آزاد رياستن ۽ مڪمل خودمُختياريءَ جي ضمانت ڏني وئي هئي، جنهن لاءِ قومن جي برابريءَ ۽ خومُختياريءَ بابت علي الاعلان ڳالهيون ڪيون ويون هيون، جنهن جي باري ۾ آل انڊيا مسلم ليگ ۽ جناح پوليٽيڪل پئريٽي جو اصول ٻڌايو هو، جنهن بابت چيو هو ته اُن جو آئين آمريڪا ۽ ڪئينڊا جي طرز تي، حقيقي وفاقي اصولن جو عڪاس هوندو، جنهن جو تصور اختيارن جي عدم مرڪزيت واري وفاقيت جي روح ۽ اصول تي ٻڌل هوندو، جنهن ۾ ڪنهن به مخصوص قوم، ٽولي ۽ آبادي جو استيبلشمينٽ نه هوندو. هاڻ، سنڌي سوچڻ لڳا هئا، ته هيءُ اُهو پاڪستان ناهي، جتي جمهوريت ۽ وفاقيت جي روايتن جي آبياري ٿيٽي هئي، جتي قانون جي حڪمراني ۽ آئين جي بالادستي قائم ٿيٽي هئي، جتي قومن جي برابريءَ واري جمهوري وفاق جي اڏاوت ٿيٽي هئي، جتي قومن جي خودمُختياريءَ تحت وفاق جي سگهه ۽ قوت ۾

اضافو آڻڻو هو. هاڻ، سنڌي سوچي رهيا هئا، ته هُنن هڪ اهڙي نام نهاد وفاقي ملڪ ۾ شموليت ڪئي آهي، جنهن ۾ پنجابي-مُهاجر مُفادن جي ناجائز مرڪزيت قائم آهي، ۽ جتي جمهوريت بدران آمريت جو راج آهي، جنهن ۾ اختيارن جي ورهاست تي نہ، پر طاقت جي ناجائز مرڪزيت تي يقين رکيو ويجي ٿو جنهن ۾ سڄي مُلڪ کي ڪالوني ۾ تبديل ڪري، وفاق ۾ شامل قومن جي سياسي-طرفي ڦرلٽ ڪئي ويجي ٿي! دراصل، سنڌ ۽ سنڌين جو بمبئيءَ ۾ شموليت ڪانپوءِ هيءُ ٻيو وڏو تلخ تجربو هو. اُهو تجربو اُن ڪري به، وڌيڪ ڀيانڪ ۽ تلخ هو جو پاڪستان جي وفاق ۾ شامل ٿيڻ سببان، سنڌين جو قومي وجود ۽ تشخص ئي مورڳو خطري هيٺ اچي ويو هو. بهرحال، ون يونٽ جي مُڙهجڻ ڪانپوءِ، سنڌ ۽ سنڌين سان ناانصافين جو هڪ اڻ-ڪٽ سلسلو شروع ڪيو ويو.[105] سنڌ جي بزرگ سياستدان جناب جي ايم سيد کي نظربند ڪيو ويو. سنڌي ٻوليءَ تي پابندي وڌي وئي؛[106] سنڌي ادب، ثقافت، ڪلچر لاءِ اڪيچار خطرا کڙا ڪيا ويا؛ سنڌ جي مشهور اخبار 'الوحيد' تي پابندي لڳائي وئي؛[107] سنڌ جون زمينون ڌارين حوالي ڪري، سنڌين کي پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجي وطن ۾، اقليت ۾، تبديل ڪرڻ جا ناپاڪ بُنياد رکيا ويا؛ سنڌ جي پاڻيءَ تي قبضو ڪري، سنڌ کي رڻ پٽ ريگستان ۾ تبديل ڪرڻ جا منصوبا جوڙيا ويا، جن کي ڏسندي، سنڌي عوام نہ رڳو پاڪستان جي وفاق کان بدظن ٿي ويو پر مورڳو سندن وفاق تان وشواس به کڄي ويو ۽ اِها صورتحال اڄ سوڌو جئين جو تئين برقرار آهي؛ اِهو ئي سبب آهي، جو سنڌ ۾ عليحدگيءَ وارو رجحان به پيدا ٿيو آهي، جنهن پاڪستان ۾ 'گهٽائيءَ ۾ هيڪڙائي' (Unity in Diversity) واري مقصد کي ڏڪ هنيو آهي. اهڙي صورتحال کي پيدا ڪرڻ جون اصل ذميوار قوتون، مُلڪي وفاق تي قابض پنجابي-مُهاجر بالادست قوتون آهن، جن پنهنجي ناجائز مُفادن خاطر پاڪستان جهڙي وفاقي مُلڪ کي اُن جي اصل آئيني، قانوني ۽ سياسي بُنيادن تان هٽائي، اُن کي هڪ وفاقي جمهوري پاڪستان بڻجڻ واري رستي تان ٽيڙي، هڪ اهڙي وحداني مُلڪ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي، جتي ننڍين قومن کي ڪا به سياسي، معاشي، ثقافتي ۽ قومي خودمختياري ناهي!

ون يونٽ ۽ سنڌي قومپرستي

پاڪستان ۾، ون يونٽ قائم ڪرڻ جو مقصد، مُلڪ ۾ وفاقيت جي تصور کي ڪاپاري ڏڪ هٽي، قوميتي ڊائيورسٽيءَ کي تباهه ڪرڻ هو پر اُن سان گڏوگڏ ون يونٽ جو هڪ مُک سبب شاعرِ پنجاب علامہ اقبال جي 'گريٽر پنجاب' واري اُنهيءَ

خواب کي ب سايياھ ڪرڻ ھو جنھن تحت سنڌ کي پنجاب ۾ ضم ڪرڻو ھو. ائين، سنڌ کي ون يونٽ ذريعي، 1955ع ڌاري، پنجاب ۾ ضم ڪيو ب ويو[108] جا ڳالھ نہ صرف پاڪستان ۾ جمھوريت ۽ وفاقيت سان ھڪ وڏو سنگين مذاق ھو پر سنڌين سميت مُلڪ جي سمورين ننڍين قومن سان ھڪ وڏو قومي ظلم ب ھو. ۽ اِھو ئي سبب ھو جو ون يونٽ واري وحداني تجربي خلاف سنڌ ۾ وڏي مزاحمتي لھر ب پيدا ٿي. سنڌ جي سُڄاڻ سپوت جناب شيخ عبدالمجيدسنڌي کان وٺي، جناب ھاشم گزدر تائين، ۽ جناب حيدربخش جتوئي کان وٺي، جناب جي ايم سيد تائين، سنڌ جي قومي قيادت، اُن جي زبردست مُخالفت ڪئي.[109] اُن خلاف لڳاتار جدوجھد ڪئي، تان جو اُھو 1970ع ۾ ٿنڀي ب ويو. ون يونٽ واري اُن سڄي دؤر ۾، جتي سنڌ سميت ننڍين قومن سان وڏا ھاڃا ٿيا، سندن تشخص ۽ قومي وجود لاءِ خطرا پيدا ٿيا، اُتي مثبت لقاءَ اُھو ظاھر ٿيو جو سنڌ ۾ قومپرستيءَ پنھنجي سگھاري ۽ ميچوئر روپ ۾ اُپري ظاھر ٿي، جنھن ون يونٽ واري جدوجھد جي ذريعي مُلڪ جي بالادست قوتن ڏانھن اُھو پيغام موڪليو ت سنڌ ۽ سنڌي ماڻھو مُلڪ ۾ ڪنھن ب اھڙي نام نھاد وحداني نوع واري غيرجمھوري حڪومتي نظام ۾ رھڻ لاءِ تيار ناھن، جتي وفاق جي آئيني اِڪائين کي خودمُختياري بدران مخصوص بالادست قوتن جو محتاج بڻائي رکيو وڃي، ۽ کين ھڪ اھڙو مُلڪ ڪپي، جيڪو 1940ع واري لاھور ٺھراءَ مطابق اختيارن جي عدم مرڪزيت واري جمھوري اصول ۽ قومن جي برابريءَ واري جمھوريت وفاق تي ٻڌل ھجي. مان پانيان ٿو ت ون يونٽ خلاف سنڌ ۾ اھڙي صورتحال ئي ھئي، جنھن تحت نہ رڳو سنڌ ۾ ون يونٽ خلاف زبردست تحريڪ ھلي، پر اُنھيءَ تحريڪ جي منطقي نتيجي طور سنڌ اندر قومپرستيءَ جو لقاءَ ب پنھنجي بنيادي روپ ۽ جوھر ۾ وڏي سگھ سان اُپري ظاھر ٿيو.[110] اڄ، جيڪڏھن، سنڌ ۾ ڪالاباغ ڊيم کي انتھائي تڪراري بڻائي، پاڪستان جي حڪمران اشرافيا لاءِ اُن کي ممنوع بڻايو ويو آھي، ت اُن جو ڪريڊٽ ب، ھيو ڪنھن ڏانھن نہ، پرسنڌ جي وطن دوست قومي جدوجھد ۽ وطن دوست قومپرستيءَ ڏانھن وڃي ٿو. ھيو ت، ھتي، اِھا ڳالھ ب سمجھي ڇڏڻ گھرجي، ت سنڌ ۾ جديد سنڌي قومپرستيءَ جو اُپار ون يونٽ يا سنڌ جي بمبئيءَ کان عليحدگي واري تحريڪ کانپوءِ شروع نہ ٿيو ھو. ائين سمجھڻ، وڏي غلط فھمي (Misconception) ٿيندي اسان وٽ، عام تاثر اِھو ئي آھي، ت سنڌي قومپرستيءَ ۾ اُپار سنڌ جي بمبئيءَ کان عليحدگيءَ واري تحريڪ کانپوءِ آيو پر مان پانيان ٿو ت سنڌ ۾ قومپرستي ءَ جو اُپار تڏھن کان شروع ٿيو ھو جڏھن ننڍي کنڊ ۾ انگريز سرڪار 1857ع واري

بغاوت کي ڇٽڻ ۾ گهربل مدد ڪرڻ سببان، پنجاب تي مهربان ٿي هئي، ۽ اهڙي مدد ڪرڻ مُهابي، 1859ع ۾ انگريز سرڪار هندوستان جي اڇوڪي اتر اولهه ۾ واقع يوپيءَ واري صوبي جي ڪجهه حصن کي پنجاب ۾ شامل ڪري، پنجاب کي "چيف ڪمشنرشپ مان بدلائي ليفيٽننٽ گورنرشپ بڻايو."[111] چون ٿا، ته انگريز حاڪمن طرفان پنجاب کي اهڙي رتبي ملڻ بعد پنجاب جي قومي قيادت پنهنجي اوائلي رنجيت سنگهه واري سوچ جي آبياري ڪندي، انگريز سرڪار آڏو سنڌ کي پنجاب ۾ ضم ڪرڻ جي تجويز ڏئي ڇڏي هئي![112] پر جئين ته، انگريز زميني حقيقتن جو شعور رکندڙ هئا، اُن ڪري، انگريزن طرفان مثبت موٽ نه ملڻ سببان سنڌ، پنجاب ۾ ضم ٿيڻ کان بچي وئي. البت، اُن لاءِ ڪجھ سالن تائين، پنجاب، لاڳيتو سنڌ کي پاڻ سان ملائڻ لاءِ، جيڪي ڪوششون ورتيون، ۽ ميڊيا توڙي سُفارتي محاذ تي مُهم هلائي، جهڙيءَ طرح سان، انگريز سرڪار جي آڏو زور بار ۽ هيلا هلايا، اُنهن دراصل، سنڌ، سنڌي عوام ۽ اُن جي قومي قيادت ۾ وڏي سُجاڳي پيدا ڪئي. ائين، سنڌ ۾، پنجاب جي مُخالفت جي هڪ زبردست لهر پيدا ٿي، جنهن سنڌ ۾ قومپرستي ۽ واري سوچ ۽ جذبي کي پروان چاڙهيو. اِهو ئي سبب هو جو سنڌ جي قومي اڳواڻن سنڌ جي پنجاب ۾ ضم ٿيڻ واري معاملي جي سخت-طرفي مُخالفت ڪئي. سنڌ جي الڳ قومي وجود تي زور ٿي ڏنائون. سنڌ کي خودمُختيار صوبي طور رهڻ جي ڳالهه ٿي ڪيائون. ۽ اِها ڳالهه اهڙي ته سگهاري انداز سان ڪيائون، جو انگريز سرڪار اُن معاملي ۾، ڪڏهن به پنجاب جي ها ۾ ها نه ٿي ملائي.[113] بهرحال، سنڌ جي اهڙيءَ مُخالفت جي باوجود، پنجاب پنهنجون ڪوششون جاري رکيون. اُن وري، 1917ع ۾، هڪ پيرو پيهر سنڌ کي پنجاب ۾ ضم ڪرڻ جو سوال اُڀاريو. ائين، نه رڳو سنڌ ۾ اُن جي زبردست مُخالفت ظاهر ٿي، پر خود انگريزن ۾ به، اُن جي مُخالفت جي حوالي سان، هڪ وڏو بحث مباحثو شروع ٿي ويو[114] تان جو 1914ع ۾ شروع ٿيل پهرين عالمي جنگ وڏيڪ پيماڪ بڻجي وئي. جنگ جي موتمار نتيجن کي ڏسندي، انگريز اُن خلاف ضروري تدبيرون اختيار ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويا، ۽ وٽن سنڌ کي پنجاب ۾ ضم ڪرڻ واري بي فائدي سوال تي ويچارڻ ۾ دلچسپي ئي نه ٿي رهي. جيتوڻيڪ 1930ع ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي سالياني اجلاس ۾، پنجاب جي نمائندگي ڪندي، جناب علامه اقبال پنهنجي خطبي ۾ هندوستان جي اتر اولهه جي صوبن کي ملائي گريٽر پنجاب جي ڳالهه ڪري ڇڏي هئي،[115] ۽ ائين، هُو سنڌ کي پنجاب ۾ ضم ڪري، هندن سان مقابلي ڪرڻ واسطي مُسلم صوبن جي ون يونٽ جي سفارش ڪري چڪو هو. پر

اُن کي ڪا به اهميت نه ٿي ڏني وئي.[116] سندس تجويز صرف تجويز ئي بڻيل رهي، تان جو سنڌ پنجاب کان پاڻ بچائيندي 1936ع ۾ مورڳو بمبئيءَ صوبي کان به ڌار ٿي وئي. دراصل، اُن سڄي عرصي دوران، سنڌ اندر قومي سوچ، قومي ڪردار ۽ سنڌ جي عليحده قومي وجود کي برقرار رکڻ لاءِ زبردست جدوجهد جا بنياد پئجي ويا، جنهن سببان سنڌ اندر قومپرستي پنهنجي سگهاري روپ ۾ اُپري ظاهر ٿي. برابر اُن سڄي معاملي ۾ سنڌ جي بمبئيءَ کان عليحدگي واري تحريڪ به وڏي اهميت رکي ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ اندر وڏي پئماني تي قومپرستيءَ جي لهر پيدا ٿي، پر اُنهيءَ لهر جو بُنياد، 1859ع کان پنجاب طرفان سنڌ کي پاڻ سان ضم ڪرڻ جون ڪوششون ڪرڻ، ۽ رد عمل ۾ سنڌ پاران اُنهن ڪوششن جي زبردست مُخالفت ڪرڻ سببان پيو هو. اُن ڪري، مان پيانيان ٿو ته سنڌ ۾ قومي سوچ ۽ قومپرستيءَ جي شروعات، سنڌ کي پنجاب ۾ ضم ڪرڻ واري سوال کانپوءِ پيدا ٿي.

وفاق جو غيروفاقي وهنوار: سنڌ ۾ زمينن جي نيلامي

ون يونٽ جو هڪ خاص ۽ پڌرو مقصد ته اوپر پاڪستان (East Pakistan) جي بنگالين جي اڪثريت اڪيان بند ڪڍي، کين مُستقل طور پنجابي-مُهاجر مُفادن جو ڳيجهو بڻائڻ هو. پر اُن جو عام مقصد اولهه پاڪستان (West Pakistan) جي صوبن ۽ قومن کي سندن اصل شناخت کان محروم ڪري، کين غلام بڻائي ڇڏڻ هو. ۽ اِهو ئي سبب هو، جو ون يونٽ ٺهڻ کانپوءِ ترت ئي اولهه پاڪستان جي مڙني صوبن ۾ 'پنجابائيزيشن' (Punjabization) ۽ 'مُهاجرنائيزيشن' (Mohajirnizaton) جو عمل شروع ڪيو ويو ۽ اُن لاءِ سڀ کان پهرين، سنڌ ۾ پنجابي فوجي جنرلن ۽ عملدارن کي پُڳڙن مُٺ عيوض هزارين ايڪڙ زمين ڏني. سنڌ اندر جتي پنجابي عوامل کي سگهارو ڪيو ويو، ته وري اُتي سنڌ جي وڏن شهرن ۾ هندن جون ڇڏيل ملڪيتون (Evacuee Properties) مُهاجر آبادي جي حوالي ڪري، اُن کي مستقل طور تي، سنڌ ۾ هڪ وڏي سگهه بخشي وئي. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ اصولي طور تي، سنڌ ۾ هندو آبادي جون ڇڏيل ملڪيتون، گهر، ڪاروبار ۽ زمينون وغيره سنڌجي اصلوڪن وارثن کي ملڻ ڪنديو هيون، پر جئين ته *وفاقي سرڪار تي پنجاب سان گڏ مُهاجر مُفادن جو به قبضو هو، جو مثال طور: رياست جي انتظامي ڏانچي جو حال اِهو هو جو مُلڪ جو وزيراعظم لياقت علي خان به مُهاجر هو*[117] ته وري ناٿي جو وفاقي وزير افتخار حسين به مُهاجر هو! پاڪستان مسلم ليگ جو سيڪريٽري جنرل چوڌري خليق الزمان به مُهاجر هو ته وري وفاق جو بحاليات وارو وزير جميل حسين رضوي به

هڪ مهاجر هو. [118] ائين، رياست جي ڍانچي توڙي وفاق تي پنجاب سان گڏ مُهاجر مُفادن جو ئي قبضو هو. اُن ڪري، اُن سڄي معاملي ۾، وفاق ۽ وفاقي سرڪار پنجابي-مُهاجر مُفادن جي ڏر ٻڌجي، هندن جون ڇڏيل ملڪيتون ۽ زمينون پنجابي-مُهاجر آبادڪارن ۾ ورهائي ٿي ڇڏيون. جڏهن ته، سکر بئراج، گڏو ۽ ڪوٽڙي بئراج جون زمينون پُڳڙن مُٺ عيوض نيلام ڪري، رٽائرڊ پنجابي فوجي جنرلن کي ڏنيون ويون. [119] هيٺ ڄاڻايل چارٽ مان اُهو پليءَ پٽ ڄاڻي سگهجي ٿو. ته سنڌ ۾ هندن جي ڇڏيل ملڪيتن مان ڪيترو حصو ڏرتي ڌڻين کي ڏنو ويو ۽ ڪيترو حصو وري پنجابي-مُهاجر آبادڪارن کي ڏنو ويو.

چارٽ:1

سنڌ ۾ زمينن جي ورهاست (ايڪڙن ۾)

ضلعو	ڇڏيل زمين	پناهگيرن ۾ ورهاست	پوک جوڳي زمين	غيرحاضر مالڪ
خيرپور	32,247	29,395	3,760	25,635
سکر	173,542	54,332	27,160	27,172
لاڙڪاڻو	168,994	47,572	1,000	46,572
نوابشاهه	253,777	190,789	56,512	134,277
حيدرآباد	242,144	19,454	—	—
ٺٽو	115,243	21,847	20,493	1,354
دادو	231,227	54,196	5,171	49,025
ڪُل	1,217,174	417,585	114,096	284,035

ماخذ: تنوير احمد طاهر جو ڪتاب

Political Dynamics of Sindh, 1947-1977 پاڪستان اسٽڊي سينٽر، ڪراچي

مارچ 1947ع ۾ سنڌ حڪومت هڪ بل پاس ڪرائي، وفاقي سرڪارڪان اُهو مطالبو ڪيو ته سنڌ ۾ هندو آبادي‌ءَ جون ڇڏيل ملڪيتون، ۽ خاص طور تي وٽن گروي رکيل زمينون، اصلوڪن مالڪن جي حوالي ڪيون وڃن، [120] پر وفاقي سرڪار سنڌ جي اُنهيءَ جائز مطالبي کي به ڪو مانُ نه ڏنو ۽ اُن کي مڃڻ کان انڪار ڪيو. بهرحال، اُهو وفاقي سرڪار جو انڪار ئي هو جو جڏهن هندن جون ڇڏيل ملڪيتون ۽ زمينون اصلوڪن وارثن جي حوالي ڪرڻ لاءِ سنڌ

اسيمبلي ۾ پاس ڪرايل بل حتمي منظور لاءِ صوبائي گورنر وٽ پهتو ته گورنر اُنهيءَ بل کي قانوني حيثيت ڏيڻ کان نابري واري ڇڏي،[121] ۽ اُن تي صحيح ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائين. جنهن کانپوءِ ڪوڙن ڪليمن جو اهڙو ته سلسلو شروع ٿيو جو هندن جي ڇڏيل ملڪيتن، گهرن ۽ زمينن تي پنجابي-مُهاجر آبادڪار ئي قابض ٿي ويا. في گهر10,000 رپيا ۽ 250 رپيا في ايڪڙ زمين جي نيلامي ٿيندي رهي.[122] اصل ۾ زمينن تي سنڌ جي هارين جو وڏو حق هو. اُن حوالي سان، جناب حيدربخش جتوئي جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌ جي سڃڻ وڏي جدوجهد ۽ ڪئي هئي، ۽ حڪومت تي دٻاءَ وجهي، اُهو طئي ۽ ڪرايو هئائون، ته هندن جون ڇڏيل زمينون برابريءَ واري حصيداري جي بنياد تي، 50 سيڪڙو غيرسنڌين ۾، ۽ 50 سيڪڙو سنڌين ۾ ورهايون وڃن،[123] پر وفاقي سرڪار اُنهيءَ فارمولي کي ۽ قبول نه ڪيو ۽ زمينن جو بنهه وڏو حصو مُهاجر آبادييءَ جي اهڙن فردن جي حوالي ڪيو جن کي نه زرعي زمينن سان ڪا دلچسپي نه هئي، ۽ نه سندن زرعي اُپت سان ڪو واسطو هو.[124] اِهو ئي سبب هو جو ڪيترن ئي مُهاجر زميندارن (جيڪي سنڌ ۾ وفاقي سرڪار جي مهرباني سان، رات وچ ۾، ڪک پتيءَ مان لک پتي بڻجي ويا هئا)[125] پنهنجون زمينون پنجابي آبادڪارن کي وڪرو ڪري، لکين رپيا حاصل ڪيا.[126]

بهرحال، سنڌ ۾ زمينن جي نيلامي ۽ ورهاست وارو معاملو ۽ هڪ اهڙو معاملو هو جنهن ۾ سنڌ ۽ سنڌ جي اصلوڪن وارثن سان وفاقي سرڪار پنهنجي روايتي غيرجمهوري روش کي برقرار رکيو جنهن کي سنڌ ۽ سنڌين بجاءِ طور تي پاڻ سان وڙي ناانصافي قرار ڏنو.[127] اُن صورتحال جا مجموعي طور تي ۽ وڏا نتيجا ظاهر ٿيا: هڪ اُهو ته، سنڌين، وفاقي سرڪار جي غيروفاقي وهنوار واري پاليسيءَ کي ڏسندي، اُهو سمجهي ورتو ته سندن پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ وارو فيصلو غلط هو. اِهو ئي سبب هو جو اُن دؤر ۾، سنڌ جي هڪ وڏي بزرگ قومي اڳواڻ جناب جي ايم سيد علي الاعلان پاڪستان ۽ اُن جي وفاق جي حمايت واپس ورتي. اُن جي باضابطه طور مُخالفت ڪرڻ شروع ڪري ڏني،[128] ۽ اُهو ٻڌايائين، ته هيءَ اُهو پاڪستان ناهي، جنهن جي وفاق ۾ سنڌ، 1940ع واري مُعاهدي تحت، هڪ خودمُختيار آئيني اڪائي طور شامل ٿي هئي، ۽ جنهن جي حمايت ۾ سنڌ،3 مارچ 1943ع تي، پنهنجي اسيمبليءَ مان ٺهراءُ پاس ڪرايو هو.[129] اُن صورتحال جو پيو نتيجو اُهو ظاهر ٿيو جو جڏهن سنڌ ۾ هندن جون ڇڏيل ملڪيتون، گهر، ڪاروبار ۽ زمينون سنڌين کي بُنيادي حصيداري

سان ملڻ بدران، اُهي سموريون ملڪيتون، زمينون، گهر ۽ ڪاروبار مُهاجر آبادي‌ءَ کي ڏنا ويا. تہ اُنهي صورتحال سنڌ ۾ سنڌين ۽ مُهاجرن جي وچ ۾ مُستقل بدگماني جو بُنياد وجهي ڇڏيو جيڪو اڄ ڏينهن تائين جئين جو تئين نہ رڳو موجود آهي، پر اُهو وڏي حد تائين سگهارو بہ ٻڌجي چڪو آهي.[130] بهرحال، ائين نہ رڳو سنڌ ۾ مُهاجرن ۽ سنڌين ۾ اختلافي ويڇوتيون وڌيون، پر سنڌين لاءِ اقليت ۾ تبديل ٿيڻ جو بہ خطرو ڪڙو ٿيو. اُهو خطرو تڏهن پنهنجي سگهاري روپ ۾ ظاهر ٿيو جڏهن ون يونٽ لاڳو ٿيڻ بعد، ۽ خاص طور سکر بئراج، ڪوٽڙي بئراج ۽ گدو بئراج جون زمينون پنجابي رٽائرڈ فوجي عملدارن کي عام نيلامي ذريعي ڏنيون ٽي ويون.[131] ائين برابر آهي، تہ سنڌ جي زمينن تي پنجاب جي قبضي جي شروعات 1899ع ۾ چمڙائون ڪئنال جي ٺهڻ سان شروع ٿي وئي هئي،[132] جنهن سببان سنڌ جي سانگهڙ ۽ ٽرپارڪر جهڙن علاقن ۾ هزارين ايڪڙ زمين پنجابي آبادڪارن کي ملي،[133] پر اُن صورت حال ۾ تيزي 1955ع ۾ ون يونٽ لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ آئي. جڏهن تہ اُن سڄي عرصي دوران سکر، ڪوٽڙي ۽ گُدو بئراج ٺهي راس ٿي چڪا هئا. ون يونٽ لاڳو ٿيڻ بعد سڀ کان پهرين سکر بئراج جي زمينن کي ڦرلٽ جو نشانو بڻايو ويو ۽ چون ٿا تہ ون يونٽ لاڳو ٿيڻ جي لڳ ڀڳ ٽن سالن کانپوءِ سکر بئراج جي زمينن جو وڏو حصو 'غيرسنڌين کي الاٽ ڪيو ويو.'[134] ايوب خان جي مارشل واري حڪومتي دؤر ۾ سنڌين لاءِ صرف 54,789 ۽ غيرسنڌين لاءِ وري 2,13,679 ايڪڙ زمين رکي وئي![135] جڏهن تہ، ڪوٽڙي بئراج 1956ع ۾ ٺهيو تہ اُن جي زمين جي ڦرلٽ ڪجهہ اهڙي طرح سان ڪئي وئي، جو اُن وسيلي آباد ٿيندڙ ڪُل 11,24,250 ايڪڙ زمين مان صرف 3,45,385 ايڪڙ زمين ڏرتيءَ ڌڻين کي ڏني وئي،[136] ۽ باقي لڳ ڀڳ سوا ست لک ايڪڙ زمين ڀڳڙن مٺ عيوض پنجابي ۽ مُهاجر آبادڪارن کي ڏني وئي، جا دراصل، وڏي ناانصافي هئي. ائين، جڏهن ايوبي آمريتي دور ۾ سنڌ جي زمينن جي ڦرلٽ واسطي نام نهاد ڪالونائيزيشن عملدار مقرر ڪيا، تہ ائين پاسجي رهيو هو تہ سنڌ، جڙ تہ، پاڪستان جي هڪ ڪالوني آهي، جنهن جي سياسي، مُعاشي، زميني ۽ قومي ڦرلٽ ڪرڻ عين آئين مطابق هجي.[137]

اسان وٽ، عام خيال اِهو آهي، تہ سنڌ ۽ سنڌين جي سڀ کان وڏيڪ ۽ وڏي ڦرلٽ پنجاب ۽ اُن جي حڪمران اشرافيا ڪري ٿي. اِها ڳالهہ جزوي طور تي دُرست آهي، مُڪمل طور تي دُرست ناهي. دراصل، اُنهيءَ سڄي معاملي کي

گهرائي سان سمجهڻ جي ضرورت آهي. برابر پاڪستان ۾ پنجاب، پنهنجي عددي اڪثريتي ڪردار سببان، مُلڪ جي رياست، اُن جي ڍانچي توڙي وفاق تي قابض ٿي ويو آهي، ۽ اُن جو حڪمران ٽولو ئي مُلڪ ۾ شامل وفاقي اِڪاين ۽ قومن جي سپ-طرفي ڳرلٽ ڪرڻ ۾ پيش پيش آهي، پر جيڪڏهن ٿوري گهرائيءَ سان ڏٺو وڃي، تہ اسان کي سنڌ جي وسيلن جي ڳرلٽ ۾ پنجاب جو ڪردار بُنيادي نہ، پر غيربُنيادي ڏسڻ ۾ ايندو. هتي، مان، ائين نہ ٿو چوان، تہ ڪو پنجاب نيڪ سيرت آهي، ۽ اُهو ننڍين قومن جي ڪا بہ ڳرلٽ نہ ٿو ڪري. پنجاب يقينن ڦورو ڪردار رکندڙ آهي، پر هتي ڳالهہ سنڌ جي ڳرلٽ ۾ ملوث بُنيادي ۽ غيربُنيادي (ثانوي) حيثيت رکندڙ ڏُر جي آهي، جنهن لاءِ مان پانيان ٿو تہ پنجاب، سنڌ جي ڳرلٽ ۾ هڪ ثانوي ۽ غيربُنيادي حيثيت رکندڙ ڏُر آهي. جڏهن تہ بنيادي ڏر واري حيثيت مُهاجر حڪمران ٽولو رکي ٿو. ڇاڪاڻ تہ اُهو سنڌ ۾ آباد آهي، سنڌ ۾ وجود رکي ٿو. سنڌ جي وسيلن، سنڌ جي ڪاروبار، سنڌ جي شهرن ۽ سنڌ جي نوڪرين تي اُن جو ئي بار ۽ قبضو آهي ۽ مهاجر ئي، سنڌ مان هرطرح جو فائدو حاصل ڪندا رهيا آهن. مثال طور: پاڪستان ٺهڻ بعد، سنڌ ۾ هندو آبادين جي ڇڏيل ملڪيتن (Evacuee Properties) جي جڏهن ورهاست ٿي، تہ اُن جو وڏو حصو پنجابين کي نہ، پر مُهاجرن کي مليو. جڏهن تہ، سنڌ جي زمينن جي بہ وڏي حصي تي پنجابين نہ، پر مُهاجرن ئي قبضو ڪيو. البت، اُها پڻ ڳالهہ آهي، تہ اُنهن زمين حاصل ڪندڙ مُهاجرن، بعد ۾، سنڌ جون زمينون پنجابي آبادڪارن کي وڪرو ڪري ڇڏيون. جڏهن تہ، ڪوٽا سسٽم تحت سنڌ ۾ نوڪرين ۽ روزگار جي ٻين وسيلن ۾ جائز حصي کان بہ وڌيڪ حصيداري پنجابين کي نہ، پر مُهاجرن کي ملي آهي، ۽ اُها، حد کان وڌيڪ حصيداري، اڄ سوڌو بدستور ملندي بہ رهي ٿي. مثال طور: ون يونٽ ٺهيو تہ اُن دوران 91 ڊپٽي ڪمشنرن مان سنڌي صرف 24 ۽ پنجابي وري 14 هئا. جڏهن تہ، مُهاجر 53 ڊپٽي ڪمشنر هئا. پوليس سپرنٽينڈنٽ جو تعداد 159 هو، جن مان سنڌي صرف 15 هئا، ۽ پنجابي وري 44 هئا. جڏهن تہ مُهاجر 64 هئا.[138] اِهي، انگ اکر اُهو ٻڌائين ٿا، تہ سنڌ جي ڳرلٽ ۾ بُنيادي ۽ وڏو ڪردار پنجاب جو نہ، پر مُهاجر حڪمران ٽولي جو آهي. اُن کري، سنڌ جي قومي ڪيس جي پيش نظر، ائين سمجهڻ، تہ سنڌ جي ڳرلٽ ۾ بُنيادي ۽ وڏو ڪردار پنجاب جو آهي، تہ مان سمجهان ٿو. تہ اِها هڪ وڏي ڪج فهمي ٿيندي.[139]

وفاقي ادارن ۾ سنڌين لاءِ دروازا بند رهن ٿا! ڇو؟

بهرحال، ڪراچيءَ جي ڏار ٽيڻ، ون يونٽ ٺهڻ ۽ اُن کانپوءِ واري سڄي عرصي دوران، وفاقي سرڪار جي سنڌ کي هڪ وفاقي اِڪائي بدران فتح ڪيل علائقي تحت هلائڻ واري پاليسي جاري رهي. سنڌ جي زمينن، ڪاروبارن ۽ شهرن کي ڏارين جي حوالي ڪرڻ بعد سوچيل سمجهيل منصوبي سان روزگار ۽ نوڪريون فراهم ڪندڙ ادارن جا دروازا به سنڌين لاءِ بند ڪيا ويا. سنڌين سان ناانصافين جا بدترين تجربا ڪيا ويا. مُلڪ ۾ وفاقي بيوروڪريسي جي وحداني طرز تي اڏاوت ڪئي وئي. اِهو ئي سبب هو جو اُن ۾ اڄ سوڌو سنڌين سميت ننڍي قومن جي نمائندگي نه هجڻ جي برابر آهي. پاڪستان ۾ بظاهر وڏا وڏا وفاقي ادارا آهن۽ اُهي ڳٽپ ۾ به اڪيچار آهن. مثال طور: مُلڪ ۾ آدمشماري ڪرائيندڙ شماريات جي ڪاتي (Pakistan Bearuea of Statics) کان وٺي پاڪستان انڊسٽريل ڊولپمينٽ ڪارپوريشن (PIDC) تائين، هيوي ميڪنيڪل ڪمپليڪس (HMC) کان وٺي، واپڊا (WADA) ۽ فوج (Military) تائين، اُهي مُلڪ جا بظاهر وڏا وفاقي ادارا آهن، پر ڪارڊ ڀڃائي ڏسو ته اُنهن ادارن ۾ سنڌين سميت ننڍين قومن جي ماڻهن جي ڪا به جوڳي نمائندگي ناهي![140] اڄ سوڌو اُنهن ادارن ۾ ڪڏهن ڪنهن سنڌيءَ کي سربراهي عهدي تي ناهي رکيو ويو آهي! اُتي صرف پنجابي-مُهاجر مُفادن جو مستقل قبضو رهي ٿو جنهن سببان اُهي وفاقي نه، پر وحداني ادارن جو ڏيکُ ڏين ٿا. ڇاڪاڻ ته، اُنهن ادارن ۾ مُلڪ جي سمورين وفاقي اِڪاين جي برابريءَ واري حصيداري ته ٺهيو، پر آباديءَ جي نسبت سان به ڪا حصيداري ناهي! سوال آهي، ته ائين ڇو ٿيو آهي؟ ڇو اسان جي مُلڪ ۾ وفاقي ادارن کي وحداني ادارن ۾ تبديل ڪري، اُنهن ۾ ننڍين قومن کي جائز نمائندگي ڏيڻ کان محروم رکيو ويو آهي؟ ڇو پاڪستان کي قومن جو برابريءَ وارو جمهوريت ۽ وفاقي پاڪستان ٻڌائڻ بدران، اُن کي صرف 'پنجابستان' ٻڌائڻ جون ڪوششون ڪيون ويون آهن؟ دراصل، اُهو سڀ ڪجهه مُلڪ ٺهڻ واري وقت کان شروع ٿي چڪو هو. جنهن لاءِ هيٺين ٻن ڳالهين کي سمجهڻ جي ضرورت آهي:

1. دراصل، جئين ئي مُلڪ ٺهيو ته اُن وقت، ۽ هاڻ به، فوج ۽ فوجي آفيسرشاهي ۾ صرف پنجاب صوبي جي وڏي اڪثريت هئي.[141] اُها اڪثريت به اتفاق جي ڳالهه نه هئي، پر ننڍي کنڊ ۾ انگريزي راج دوران سوچيل سمجهيل پاليسي جو نتيجو هئي.
2. ٻي ڳالهه اُها ته، سنڌ برابر مسلم گهٽائيءَ وارو صوبو هو، پر مسلم عوام جي وڏي

اڪثريت پوئتي پيل ۽ سماجي پسماندگيءَ جي ورڇڙهيل هئي. پاڪستان کان اڳ، سنڌ جو پڙهيل ڳڙهيل هندو وچولو طبقو اڳتي وڌيل ۽ سنڌي آفيسرشاهي ۾ اڪثريت رکندڙ هو. هڪ اندازي مطابق، سنڌ ۾ تن ڏينهن ۾ 80 سيڪڙو نوڪريون هندن جي قبضي ۾ هيون.[142] ورهاڱو ٿيو ۽ پاڪستان نهيو تہ هندن جي وڏي اڪثريت لڏپلاڻ ڪري هندوستان ڪهي وئي. ائين، سنڌي آفيسرشاهي جو هندو وچولي طبقي تي ٻڌل وڏو حصو غائب ٿي وڃڻ ڪري، اُهو سڄو خال، هندوستان مان لڏي ايندڙ مُهاجرن تي ٻڌل آءِ سي ايس (Indian Civil Service) کي پي سي ايس (Pakistan Civil Service) ۾ ضم ڪري ڇڏيو ويو. جنهن جو نتيجو اُهو نڪتو جو سنڌ جي مُهاجر سول آفيسرشاهي، جنهن جي نمائندگي، وڏي حد تائين، مٿي سطح تي، لياقت علي خان ڪئي ٿي، پنجاب جي فوجي آفيسرشاهيءَ سان ڳٺ جوڙ ڪري، سڄي رياست ۽ اُن جي ڏانچي تي قبضو ڪري ورتو جنهن سببان، هڪ تہ، پاڪستان ۾ حقيقي وفاقي جمهوري نظام لاءِ رستو هميشه هميشه لاءِ بند ٿي ويو ۽ مُلڪ ۾ پنجابي-مُهاجر بالادستيءَ جي شروعات ٿي، ۽ ٻيو تہ، سول آفيسرشاهي جو ڪردار بہ وفاقي مان بدلجي وحداني ٻڌجي ويو. اُن ۾، مُلڪ ۾ شامل وفاقي اِڪاين جي ماڻهن لاءِ دروازا بند ڪري، پنجابي-مُهاجر مُفادن جي استيسڪو کي برقرار رکيو ويو! اڄ سوڌو اُنهيءَ استيسڪو کي برقرار رکڻ لاءِ اهڙيون تہ غيرجمهوري پاليسيون اختيار ڪيون ويون آهن، جو وفاق ۽ سول آفيسرشاهي ۾، ننڍين قومن جي جائز نمائندگي هڪ سوال ئي ٻڌيل رهي ٿي.

بهرحال، اُن سڄي صورتحال، شروع ۾، بنگال کي وڏو نقصان پهچايو. بنگال ڌار ٿي ويو تہ اُها ساڳئي غيرجمهوريت روش سنڌ ۽ سنڌين سان رکي وئي. سنڌ ۾ پنجابي-مُهاجر آبادڪارن کي زمينون ڏئي، سنڌين لاءِ جتي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جو خطرو پيدا ڪيو ويو اُتي ملازمتن ۾ بہ سنڌن لاءِ روزگار جا دروازا بند ڪيا ويا. ايستائين جو سنڌ پوليس ۾ 'پنجابائيزيشن' جي عمل کي وڏي تيزيءَ سان وڌايو ويو. اُنهي عمل کي تڏهن ڏڪ لڳو جڏهن 1949ع ۾ وزيراعظم لياقت علي خان، ڪراچي اندر پوليس کاتي ۾ 'مُهاجرنائيزيشن' جو عمل شروع ڪرايو[143] ۽ اُن لاءِ سڀ کان پهرين ڪراچي پوليس جي 300 پنجابي عملدارن کي غنڊو قرار ڏئي نيڪالي ڏني وئي، جنهن ڪانپوءِ پنجابي ۽ مُهاجر مُفادن ۾ عارضي طور تي، تڪرار پڻ پيدا ٿيو.[144]

چارٽ: 2

وفاقي سيڪريٽريٽ(1952ع)

نسلي گروهہ	سيڪريٽري	جوائنٽ سيڪريٽري	ڊپٽي سيڪريٽري	ڪُل
غيرپاڪستاني قوميتون	02	02	05	09
پنجابي	05	07	28	40
مُهاجر	05	09	19	33
بنگالي	__	01	04	05
پٺاڻ	01	__	02	03
سنڌي	__	__	01	01
ڪُل	13	19	59	91

ماخذ: تنويراحمد طاهر جو ڪتاب،

Political Dynamics of Sindh,1947-1977 پاڪستان اسٽڊي سينٽر،

ڪراچي يونيورسٽي، سنڌ

چارٽ: 3

نسلي گروهن جي نمائندگي(1983ع)

نسلي گروهہ	آفيسر شاهي ۾ نمائندگيءَ جوتناسب	آبادي‌ءَ جو حصو (1998ع)	فرق
پنجابي	47.9	44.15	3.75
پختون	11.9	15.42	3.72
مُهاجر	17.3	7.57	9.37
سنڌي	4.4	14.1	9.7
بلوچ	0.7	3.57	2.87
ٻيا گروهہ	17.7	15.19	2.51

ماخذ:زبير فيصل عباسيءَ جو ڪتاب،

Federalism, Provincial Autonomy and Conflict اسلام آباد

ائين، 1955ع ۾، ون يونٽ ۽ 1958ع واري جنرل ايوب خان جي غير جمهوري دؤر ۾ سنڌ ۽ سنڌين کي پٽ سان لڳائڻ واري پاليسي جاري رهي، جنهن سببان سنڌين ۾ وفاق کان لاتعلقي واري سوچ پڻ تيزيءَ سان پروان چڙهندي رهي. دراصل، اُنهيءَ ايوبي آمريتي دؤر ۾، جتي بنگالين ۾ ڌار ٿيڻ وارو لاڙو پيدا ٿيو تہ اُتي وري سنڌين ۾ بہ پاڪستان جي وفاق کان عليحدگي واري سوچ پيدا ٿي. اِهو ئي سبب هو جو اُنهيءَ لاڙي ۽ سوچ تحت، سنڌ اندر جديد فڪري پسمنظر سان قوم پرست پارٽين جي بُنياد وجهڻ وارا لقاءَ پڻ پيدا ٿيا. سنڌ ۾، جناب جي ايم سيد جو عليحدگي پسند سوچ تي ٻڌل سنڌودیش جو نعرو هڻڻ، ۽ جناب رسول بخش پليجي پاران قومي ۽ طبقاتي ظلم جي ڳالهہ ڪري، عوامي تحريڪ جو بُنياد وجهڻ بہ، دراصل، اُنهيءَ ايوبي آمريتي دؤر جو هِڪُ لقاءُ هو. بهرحال، اُنهيءَ دؤر ۾ سنڌين سان، ملازمتن ۾، ناانصافيءَ وارو سلسلو بہ جاري رهيو جنهن سببان سنڌين ۾ احساس محروميءَ بہ وڌندي رهي.[145] جناب عزيزالدين احمد لکي ٿو:

"بنگالي هجن، سنڌي هجن، بلوچ هجن يا پختون هجن، اُنهن سڀني کي پاڪستان ٺهڻ بعد ملازمتن جي حوالي سان شديد احساس محروميءَ جو مُنهن ڏسڻو پيو. اِها حقيقت اُنهن کي واضح طور تي ڏسڻ ۾ آئي، تہ ٻين قومن سان تعلق رکندڙ ماڻهو سندن حصن جي نوڪرين تي قابض آهن. اُهو احساس ختم ڪرڻ لاءِ ضروري هو تہ نوڪرين ۾ هُنن جو جائز حصو بحال ڪيو وڃي ها. پر ائين ڪرڻ بدران هُنن جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. پنجابي-مُهاجر آفيسرشاهي اُن تصور جي پروپيگنڊا شروع ڪئي، تہ پاڪستان ۾ ٻين قومن جو ڪو وجود ئي ناهي؛ سڄو پاڪستان صرف هڪ قوم آهي. اُن ڳالهہ جو مقصد اُهو ثابت ڪرڻ هو تہ جئين تہ اسان سيئي هڪ قوم آهيون؛ اُن ڪري، جيڪڏهن هر هنڌ پنجابي ۽ مُهاجر نوڪرين تي ويٺل ڏسڻ ۾ اچن ٿا، تہ اِها ڪنهن جي بہ حق تلفي ناهي. پاڪستاني قوميت واري نام نهاد نعري پيدا ڪرڻ جو مقصد قُرلٽ مٽان پَردو رکڻ هو. المیي جي ڳالهہ اِها آهي، تہ اُهي ئي مُهاجر، جيڪي مُسلم قوميت جا وڏي ۾ وڏا عملبردار هئا، تن کي جڏهن پنهنجي ترقيءَ جا رستا سوڙهَا ٿيندي ڏسڻ ۾ آيا، تہ اُهي، رات وچ ۾، پاڪستاني قوميت کي ڇڏي، مُهاجر قوميت جا حامي ۽ عملبردار بڻجي ويا!

پاڪستان جي ٺهڻ وقت وڏين نوڪرين ۾ سنڌين جو حصو نہ هجڻ جي برابر هو. هڪ آزاد مُلڪ قائم ٿيڻ بعد اُهو ضروري هو تہ اُنهيءَ ناانصافيءَ جو خاتمو آندو وڃي ها ۽ مُلڪ جي سمورين قومن کي نوڪرين ۾ برابر حصو ڏنو وڃي ها. پر مُلڪ ۾ موجود بالادست فوجي ۽ سول آفيسرشاهي پنهنجي مخصوص قومي جوڙجڪ کي سگهہ ڏيارڻ ٿي چاهي. اُها، ان ڳالهہ جي خواهشمند هئي، تہ طاقت جي توازن ۾ ڪا بہ تبديلي نہ اچي. اُها نہ صرف پاڻ اقتدار مان حاصل ٿيڻ واري مراعات، جا اُن کي پاڪستان ۾ حاصل ٿي رهي هئي، فيضاب ٿيندي رهي، پر اُن مان، اُن جي مٽ مائٽن

۾ گهروارن به خوب فائدو حاصل ٿي ڪيو. اُن لاءِ اِهو ضروري هو ته اُهي قوميتون جيڪي اقتدار کان ٻاهر هيون، تن کي ٻاهر ئي رکيو وڃي. پنجابي، پختون ۽ مُهاجر آفيسرشاهي پاڻ ۾ گڏيل تضاد هجڻ جي باوجود، مظلوم قومن کي جن ۾ سنڌي به شامل آهن، وڌين نوڪرين کان محروم رکڻ جو فيصلو ڪيو. نوڪرين جي ڏس ۾ قومي ناانصافيءَ کي قائم رکڻ پاڪستان تي قابض آفيسرشاهي جي پاليسين جو اهم مقصد بڻجي ويو.

ائين، پاڪستان ٺهڻ بعد سنڌين کي اعليٰ توڙي وچ وارين يا هيٺين قسم جي معمولي نوڪرين ۾ به گهربل حصو نه ملي سگهيو. ون يونٽ جي قائم ٿيڻ بعد صوبي جو مرڪز لاهور کي قرار ڏنو ويو. پنهنجي علائقي کان دوري، اجنبي ماحول، ٻوليءَ جي فرق ۽ واڌو خرچ سببان ڪيترائي سنڌي نوڪري پيشا ماڻهو پنهنجي نوڪرين تان استعيفيٰ ڏيڻ تي مجبور ٿي پيا. ون يونٽ جي قيام وقت اِهو واعدو ڪيو ويو هو ته اولهه پاڪستان ۾ نوڪرين جي حوالي سان 40 سيڪڙو پنجاب، ۽ 60 سيڪڙو سنڌ، سرحد، بلوچستان ۽ رياست بهاولپور جو حصو هوندو. پر ون يونٽ لاڳو ٿيڻ بعد اُنهيءَ واعدي تي عمل نه ڪيو ويو."[146]

جيتوڻيڪ 1971ع ۾ پيپلزپارٽيءَ جي حڪومتي دؤر ۾ سنڌين کي وفاقي سول آفيسرشاهي ۾ ڪجهه ملازمتون مليون، ۽ اُهي ڪجهه اڳتي آيا، پر رڪارڊ مان ظاهر ٿئي ٿو ته اُنهيءَ سڄي عرصي دوران به وفاقي آفيسرشاهي تي پنجابي-مُهاجر مُفادن جو قبضو رهيو. مثال طور: اُنهيءَ 1971ع کان وٺي 1977ع واري دؤر ۾، وفاقي سول آفيسرشاهي ۾ جتي سنڌي 3.1 سيڪڙو هئا، ته وري پنجابي 49.3 سيڪڙو پختون 10.5 سيڪڙو، ۽ اُڙدو ڳالهائيندڙ مُهاجر 30.1 سيڪڙو هئا.[147] جڏهن ته، 1986ع جي انگن اکرن مطابق، وفاقي آفيسرشاهي ۾ پنجابي 55.3 ۽ اُڙدو ڳالهائيندڙ 18.2 سيڪڙو هئا، ته وري سنڌي صرف 7.2 سيڪڙو هئا.[148] دراصل، اِهي انگ اکر اُن ڳالهه جي ساک پرين ٿا، ته پاڪستان ۾ شروع کان وٺي وفاقي آفيسرشاهي ۾ ننڍي قومن جي ڪا جوڳي نمائندگي ناهي رهي. ملڪ ۾ ڪوٽا سسٽم جي رائج ٿيڻ بعد وفاقي سول آفيسرشاهي ۾ استيفن فلپ ڪوهن چواٽي: "سنڌين جو حصو وڌيو ۽ اُهو اڳ واري 3.6 سيڪڙي کان وڌي 6.8 سيڪڙو تائين پهتو"[149] پر اُهو حصو به، ڪنهن به طرح سان، مُناسب نه هو. ائين ئي، جنرل ضياءَ جي دؤر ۾ به صورتحال بهتر ٿيڻ بدران نهايت ابتري ۾ ورتل رهي. "انهي دؤر ۾، وفاقي انتظامي عملي ۾، 70 سيڪڙو پنجابين، 12 سيڪڙو پختونن ۽ سنڌين صرف 9 سيڪڙو ڪم ٿي ڪيو. ائين، صوبائي نوڪرين ۾ به وڏو حصو پنجابي ۽ مُهاجرن جي قبضي هيٺ هو. پاڪستان جي فوجي آفيسرن ۾، پنجابي 70 سيڪڙو، پختون 15 سيڪڙو، مُهاجر 10 سيڪڙو، بلوچ ۽ سنڌي صرف 5 سيڪڙو هئا. اُنهيءَ ساڳئي دؤر ۾ صنعتي ارتقا،

زرعي ترقي ۽ آمدني جي ورهاست جي رفتار ۾ سنڌ ۽ پنجاب ۾ وڏو فرق پيدا ٿيندو ويو. سنڌ ٽيڪس جي مد ۾ 75 سيڪڙو وفاقي خزاني ۾ ڏئي ٿي، پر سالياني بجيٽ جي تياري وقت اضافي ڏوکڙن لاءِ مجبور رهي ٿي. اُن جي وسيلن جو 24 سيڪڙو صرف قرض پرڻ جي مد ۾ هليو وڃي ٿو."[150] بهرحال، اُها ساڳئي صورتحال اڄ سوڏو جئين جو تئين برقرار آهي: مُلڪ جي وفاقي ادارن ۾ سنڌين جي ڪا به جوڳي نمائندگي ناهي: سنڌين لاءِ روزگار جا دروازا بند آهن: پاٽي، ناٽي، اين ايف سي ايوارڊ، قدرتي وسيلن تي مالڪي ۽ آدمشماريءَ جهڙن اڪيچار معاملن ۾ وفاق جي ڏُرائتي ڪردار سنڌين کي بنهه مايوس ڪري ڇڏيو آهي: اِهو ئي سبب آهي، سنڌي ماڻهو اڄ به اُها شڪايت ڪن ٿا، ته مُلڪ ۾ حقيقي وفاقي جمهوريت نظام ۽ قومن جي برابريءَ واري جمهوريتوفاق جي اڻ هوند سببان، ڪين رياست جي بُنيادي ڍانچي ۽ طاقت جي توازن ۾ اُها نمائندگي نه ٿي ملي، جنهن جا اُهي هڪ وفاقي اِڪائي يا آئيني يونٽ طور جائز حقدار آهن.

آخري ڳالهه

پاڪستان جي سياسي تاريخ ۽ اُن جي اڪيڊمڪ اپياس مان اُهو واضح ٿئي ٿو ته سنڌ سان وفاق جا لاڳاپا شروع کان وٺي غيروفاقي وهنوار تي ٻڌل رهيا آهن. ڪراچيءَ ۾ مُهاجر آبادڪاريءَ جو مسئلو هجي، يا ڪراچيءَ کي وفاق جي قبضي ۾ ڏيڻ وارو معاملو هجي، ملازمتن ۾ سنڌين سان ناانصافي وارو لقاءُ هجي، يا ون-يونٽ جي ذريعي سنڌ ۽ پاڪستان جي ننڍين قومن جي وجود کي ميساري، گريٽر پنجاب واري تصور کي اُپارڻ واريون غيرجمهوري ڪوششون هجن: سنڌ جي زمينن جي نيلامي هجي، يا وري سنڌ ۾ ڌارين کي سوچيل سمجهيل منصوبي تحت آباد ڪري، سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جون سازشون هجن: اُنهن مڙني سازشن مان اِهو پلي پت ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌ سان، پاڪستان ۾، ڪنهن به طرح سان، هڪ آئيني اِڪائي يا وحدت طور ۽ پڻ اُنهيءَ برابريءَ واري جمهوريت اصول مطابق وهنوار ناهي ڪيو ويو جنهن جا وعدا، 1940ع واري لاهور ٺهراءَ ۾، آل انڊيا مسلم ليگ ۽ اُن جي ليڈرشپ ڪيا هئا، اِهو ئي سبب آهي، جو پاڪستان ٺهڻ سان ئي، نه صرف هڪ مخصوص قوم ۽ اُن سان ناجائز اتحاد ۾ وينل لساني ٽولي، مُلڪ کي غيرجمهوري انداز سان هلائي، مُلڪ ۾ قومن جي وچ ۾ اڪيچار تڪرار ۽ تضاد پيدا ڪرايا، پر مورڳو مُلڪ ۾ جمهوريت ۽ وفاقيت کي به هڪ مذاق بڻائي ڇڏيو. اصل ۾، پاڪستان ۾ خرابي تڏهن پيدا ٿي، جڏهن اُن جي وفاق

تي، عوام جي بدخواهه قوتن ناجائز قبضو ڪري ورتو ۽ مُلڪ کي اصل آئيني، جمهوريت ۽ وفاقي بُنيادن تان، نام نهاد آئيني هٿ ڪنڈن ذريعي هٽائي، طاقت جي ناجائز مرڪزيت تي ٻڌل پارلياماني حڪومتي نظام جو بُنياد رکي، مُلڪ ۾ موجود قومي، نسلي ۽ ثقافتي 'گهٽائيءَ' (Diversity) کي ڇاٽي ٻُجهي زک پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ ننڍين قومن سان بہ ناانصافيءَ جي شروعات ٿي. اُن ڳالهه پاڪستان ۾ صوبن ۽ وفاق ۾ تڪرار کي اُپاري، خود رياست لاءِ بہ مستقل بُحران پيدا ڪيو. اُن ڪري، ضرورت اُن ڳالهه جي آهي، تہ پاڪستان کي قومن جي برابريءَ وارو جمهوري وفاق ۽ جمهوري مُلڪ بڻايو وڃي، ۽ اِهو تڏهن مُمڪن آهي، جڏهن پاڪستان ۾ وفاق ۽ رياست جي ڍانچي جي جمهوري توفاقيت جي بُنيادي اصول، يعني اختيارن جي عدم مرڪزيت مطابق اڏاوت ڪئي وڃي، ۽ جئين تہ اِهو سڀ ڪجهه پاڪستان جي وفاق تي قبضو ڪري ويٺل پنجابي-مهاجر مفادن کي ڪمزور ڪرڻ کان سواءِ مُمڪن ناهي، اُن ڪري، سوال اِهو آهي، تہ ڇا پاڪستان قومن جي برابريءَ ۽ خودمختياريءَ وارو اهڙو جمهوري وفاقي پاڪستان ٻڌجي سگهندو، جنهن جا خواب بنگالين ڏٺا هئا، ۽ سنڌين ڏٺا آهن ۽ ڏسن پيا؟

***

باب:8

سنڌ جو قومي سوال ۽ وفاقيت

پاڪستان جي قيام کانپوءِ سنڌ ۽ سنڌين سان جيڪي ڀال ڀلايا ويا، ۽ جھڙي نموني سان، سنڌ جي قومي، سياسي، معاشي، ثقافتي ۽ آئيني حقن تي ڏاڙا ھٽي، ون يونٽ لاڳو ڪيو ويو ۽ سنڌ جي شھرن، ڪاروبارن ۽ روزگار جي وسيلن تي قبضا ڪرائي، سوچيل سمجھيل منصوبي تحت، سنڌي ماڻھن کي پٽ سان لڳائڻ جون ڪوششون ڪيون ويون، ۽ سنڌ جي دل ڪراچيءَ کي سنڌ کان جھڙيءَ طرح سان ڌار ڪري، اُن کي مُلڪ جو گاديءَ جو ھنڌ بڻائي، اُتي غير قانوني طرح سان مُھاجر آبادين کي آباد ڪري، سنڌي ماڻھن کي پنھنجن ئي شھرن مان بي دخل ڪري، اقليت ۾ تبديل ڪرڻ واري مُستقل خطري جي ورڇاڻھيو ويو، اُن تي، پاڻ، باب ستين ۾ تفصيل سان بحث ڪري آيا آھيون. البت، اُنھن مسئلن کانپوءِ ھاڻ، جيڪي سنڌ ۽ سنڌين لاءِ، پاڪستان جي وفاق ۾ نئوان تڪراري مسئلا پيدا ڪيا ويا آھن، جن نہ رڳو سنڌ ۽ وفاق جي لاڳاپن کي شديد تڪراري صورت ۾ آڻي، سنڌ جي قومي سوال کي اُپاري ڇڏيو آھي، پر مورڳو سنڌين جو پاڪستان جي وفاق تان بہ ويساھ کٽائي ڇڏيو آھي، اُنھن مسئلن تي، ھن باب ۾، تجزياتي بحث ڪيو ويندو. اُھي مسئلا ۽ معاملا ڪھڙا آھن؟ ۽ اُنھن جي حساسيت ڪيتري آھي؟ ۽ اُھي ڪيتري تڪراري پَدَ تي پھتل آھن؟ اُنھن کي سمجھڻ لاءِ اچو تہ ھيٺ اُنھن جو ھڪ سرسري جائزو وٺون.

ناڻي جي ورھاست وارو معاملو، سنڌ ۽ وفاقُ

اِھا حقيقت آھي، تہ ڪنھن بہ گھڻ-قومي وفاقي ملڪ ۾ ناڻي جو سوال يا ناڻي جي ورھاست جو مسئلو انتھائي اھم مسئلو ھوندو آھي. اُن جي، سياسي ۽ معاشي حوالي سان، ڀٽي اھميت ھجي ٿي.[1] اُن جي سياسي اھميت، اُن ڪري آھي، جو "ناڻو، دراصل، اختيار جو ئي ھڪ قسم آھي. اُن کي ڪيئن گڏ ڪرڻ گھرجي ۽

ڪيئن استعمال هيٺ آندو ويڃي. اُن ڳالهه جو واسطو صحيح معنيٰ ۾ وفاق جي فيصلي سازيءَ واري ڏانچي ۽ اُن جي سياسي وجود سان سلهاڙيل هجي ٿو ۽ وري مُعاشي اهميت اُن ڪري اٿس. جو ٽيڪس لڳائڻ ۽ حڪومتي خرچ ۾ هڪ ورهايل خود اختياريءَ جو طور طريقو دراصل. ڪنهن به معشيت جي استحڪام ڪارڪردگي ۽ اُن جي ناڻي ۾ حصيداريءَ تي غيرمعمولي اثر ڇڏي سگهي ٿو"[2] ۽ اِهو ئي سبب آهي. جو وفاقي مُلڪن ۾ ناڻي جي ورهاست واري معاملي جو نبيرو نهايت هوشياري. انصاف ۽ برابريءَ واري معيار مطابق ڪيو ويندو آهي. ته جئين. وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ ٽڪرار يا ڪنهن به قسم جي بدمزگيءَ واري صورتحال پيدا نه ٿئي.

بدقسمتيءَ سان. پاڪستان ۾. ناڻي جي ورهاست واري معاملي ۾. وفاقي اصولن جي ڪا به پاسداري نه ٿي ڪئي ويڃي. جنهن جي نتيجي ۾. پاڪستان اندر نه رڳو هميشه وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ ٽڪرار هلندو رهي ٿو. پر وقت بوقت اُها ٽڪراري صورتحال. خود وفاق جي وجود لاءِ به خطري جو ڪارڻ بڻجي ويڃي ٿي. 1971ع ۾. بنگال جي ڌار ٿيڻ سببان. پاڪستان جي وفاق کي پهتل نقصان جو اصل ڪارڻ به. پين اڪيچار سببن سان گڏ. ناڻي جي ورهاست واري معاملي ۾ بنگال سان روان رکيل ناانصافي هئي. جا نه رڳو هڪ وڏي زيادتي هئي. پر اُهو سڄو وهنوار جمهوري اصول جي به خلاف هو. دراصل. اُهو غيرجمهوري وهنوار ئي هو جنهن سببان. بنگال. 1971ع ۾. پاڪستان جي وفاق کان ڌار ٿي ويو. اُن ڪري. ڏٺو وڃي ته. ڪنهن به گهڻ-قومي وفاقي مُلڪ ۽ اُن جي وفاق يا وفاقي نظام ۾. ناڻي جي رهاست جو سوال انتهائي اهم سوال هجي ٿو. اُن کي جيڪڏهن انصاف ۽ برابريءَ جي اصولن مطابق حل ڪرڻ جي ڪوشش ناهي ڪئي ويندي. ته اُن جي منطقي نتيجي طور اُن مُلڪ ۽ اُن جي وفاق لاءِ خطرو کڙو ٿي ويندو آهي. تاريخ ۾ اهڙين ناڪام وفاقي رياستن جا اڪيچار مثال ملن ٿا. اهڙي صورتحال ۾ جيتوڻيڪ سبق حاصل ڪرڻ جي ضرورت آهي. پر ڏٺو وڃي ته. اسان وٽ. اسان جي حڪمران اشرافيا. تاريخ مان سبق سکڻ جي ڪا به ڪوشش ناهي ڪئي. ۽اِهو ئي سبب آهي. جو اڄ به. نه صرف پاڪستان ۾ حقيقي جمهوري وفاق جي اڌاوت واري ڳالهه هڪ خواب بڻيل آهي. پر هيلتائين 70 سال گذرڻ جي باوجود. صوبن کي سياسي. ثقافتي ۽ معاشي خودمختياري ڏيڻ جو ڪو به آئيني بندوبست ناهي ڪيو ويو ۽ نتيجو اُهو نڪتو آهي. جو اڄ اسان جي مُلڪ ۾ وڏي قوم ۽ ننڍين قومن جي وچ ۾. اهڙي ته ٽڪراري صورتحال پيدا ٿي چڪي آهي. جو نه رڳو اتحاد (Unity) پر 'ڳهٽائي ۾ هيڪڙائي' (Unity in Diversity) وارو اُهو مقصد به خطري هيٺ اچي ويو آهي. جو

وفاق جي سگهه ۽ سلامتيءَ جو ضامن هجي ٿو. بهرحال، مان پانيان ٿو ته اُن صورتحال ۾، وفاقي اِڪاين ۽ ننڍين قومن ۾، جا عليحدگي پسند سوچ پيدا ٿي رهي آهي، سا اڳي يا پوءِ وفاق لاءِ ڪمزوريءَ جو باعث بڻجندي. پاڪستان ۾، قومي مالياتي ڪميشن (National Finance Commission) ايوارڊ جي صورت ۾، هر پنجن سالن بعد، ناٽي جي ورهاست واري معاملي کي اُڪلائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، پر اُهو ايترو ته تڪراري بڻيل آهي، جو اُن سان ويتر صوبن ۽ وفاق جي وچ ۾ بداعتماديءَ واري صورتحال پيدا ٿيندي رهي ٿي. دراصل، ڪنهن به حقيقي وفاقي مُلڪ ۾، يا جمهوري وفاق ۾، جتي صوبن يا وفاق جي آئيني اڪاين کي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي خودمختياري مليل هوندي آهي، اُتي انهن کي مڪمل معاشي خود مختياري به ڏنل هوندي آهي؛ ۽ اُتي ناٽي جي ورهاست، معاشي وفاقيت (Fiscal Federalism) جي عدم مرڪزيت واري بُنيادي اصول تحت ڪئي ويندي آهي،[3] جنهن مطابق، وفاق اُهو ٽئي ناهي ڪندو، ته صوبن کي ناٽي مان ڪيترو حصو ڏنو وڃي، پر وفاق جا صوبا اُهو ٽئي ڪندا آهن، ته وفاق کي گذاري لاءِ ناٽي جي مجموعي پيداوار مان ڪيترو حصو ڏنو وڃي. معاشي وفاقيت ۾، اهڙو عدم مرڪزيت جو اصول، اُن ڪري به صحيح، مُناسب، جائز ۽ جمهوري ياسجي ٿو، جو دراصل، ڪنهن به وفاقي مُلڪ ۾ آمدنيءَ جو اصل ذريعو يا ماخذ، وفاق نه، پر خود صوبا هجن ٿا؛ اُهي ئي آمدني پيدا ڪن ٿا؛ اُهي ئي آمدني پيدا ڪرڻ جا وسيلا رکن ٿا؛ ۽ اُهي ئي ٽيڪس لوازمات پورا ڪن ٿا؛ اُن ڪري، ناٽي جي ورهاست جو حق، گڏيل طور تي، ڪنهن به وفاق جو نه، پر صوبن جو هجڻ گهرجي؛ البت، جئين ته، پاڪستان ۾، ڪو حقيقي جمهوري وفاق ناهي رهيو! ۽ جيڪو پنجابي-مُهاجر بالادستيءَ وارو وحداني وَفاقُ رهيو آهي، اُن ۾، ناٽي جي ورهاست گهڻ-رخي فارمولي بدران، صرف آبادييءَ واري فارمولي مطابق ڪئي وڃي ٿي ۽ اُن ۾ صرف وڏي صوبي پنجاب کي ئي سڀ-طرفو فائدو پهچائي، سندس بالادستيءَ کي سگهارو بڻايو پيو وڃي؛[4] اُن ڪري، هتي، پاڪستان ۾، ناٽي جي ورهاست ۾، ننڍين صوبن سان ناانصافيءَ جو رڪارڊ قائم ٿيندو رهيو آهي.

بهرحال، پاڪستان ۾، ناٽي جي ورهاست واري معاملي کي حل ڪرڻ جي پهرين منظم ڪوشش 1964ع ۾ ڪئي وئي،[5] جو اُنهيءَ سال قومي مالياتي ڪميشن (NFC) جو بُنياد وڌو ويو. ڪنهن به وفاقي مُلڪ ۾، ناٽي جي ورهاست لاءِ ڪنهن به اداري جو بُنياد رکڻ ۽ اُن جي بُنياد تان منصفاڻي ورهاست يقيني بڻائڻ جمهوري وفاقيت جي بُنيادي گهرج هجي ٿي، پر پاڪستان ۾، سياسي ڪوتاهه انديشي، يا ڪٽي ائين چئجي، ته وفاق تي وڏي صوبي جي بالادستي، ناٽي جي

ورهاست واري اُنهيءَ ڪميشن کي مورڳو تڪراري بڻائي ڇڏيو آهي.[6] مثال طور: ناٿي جي ورهاست لاءِ، جنهن ڪميشن جو بُنياد رکيو ويو تہ اُن جو نالو هروپرو 'قومي مالياتي ڪميشن' رکيو ويو! ڇا اهڙو نالو پاڪستان ۾ وفاق جي وجود، گهرج ۽ لوازمات سان ٺهڪندڙ آهي؟ دراصل، اُن جو قومي مالياتي ڪميشن جو نالو رکڻ، ڪنهن به طرح سان، مناسب ۽ معروضي حقائق سان ٺهڪندڙ نہ آهي: ***ڇاڪاڻ تہ پاڪستان هڪ قوم نہ آهي، پر مختلف قومن جي اتحاد تي ٻڌل هڪ وفاق*** *(Federation)* ***آهي، هڪ وفاقي ملڪ آهي ۽ هڪ وفاقي رياست آهي.***[7] ***اُن ڪري، ڪنهن به وفاق ۾، وفاقي ملڪ ۾، يا وفاقي رياست ۾، ڪنهن وفاقي اداري کي قومي نالو ڏيڻ، اُن کي قومي بنائڻ وارو عمل، نہ صرف غلط ۽ غيرجمهوري روش کي ظاهر ڪندڙ آهي، پر اهڙو وهنوار وفاقيت جي اصولن جي به خلاف هجي ٿو*** ۽ اُهو وڏي حد تائين، هڪ غيرمتوازن رياستي ڍانچي ۽ وحداني وفاق جي وجود ڏانهن به اشارو ڪري ٿو. پاڪستان جهڙي هڪ گهڻ-قومي وفاقي مُلڪ ۾ ناٿي جي ورهاست واري ڪميشن جو نالو قومي مالياتي ڪميشن بدران 'وفاقي مالياتي ڪميشن' يا 'وفاقي مالياتي ايوارڊ' هجڻ ڪيترو آهي، جو اُها ناٿي جي ورهاست، ڪنهن هڪڙي قوم ۾ نہ، پر مُختلف قومن جي وچ ۾، وَفاقُ ئي ڪري ٿو.[8] اُن ڪري، اُن ناٿي جي ورهاست واري ڪميشن جو نالو به وَفاقَ ڏانهن منسوب هجڻ گهرجي، نہ ڪي ڪنهن نام نهاد مفروضاتي قوم ڏانهن. بهرحال، جئين تہ، اسان وٽ شروع کان وٺي، رياستي سطح تي، 'مهاپاڪستاني قوميت' وارو بوگس تصور اُپاري، وفاق ۽ صوبن جي لاڳاپن کي تڪراري بڻايو ويو آهي؛ اُن ڪري، نہ رڳو اُها ئي ساڳئي قورو سوچ، قومي مالياتي ڪميشن (NFC) جي جوڙجڪ ۾ به استعمال ٿي آهي، پر اُنهيءَ بالادست سوچ تحت، ڪڏهن به، ناٿي جي اطمينان جوڳي ورهاست ناهي ٿي سگهي. برابر بنگال جي گڏ هجڻ تائين، اُن ۾، ڪنهن حد تائين توازن تہ رکيو ويو، جو اُهو توازن، تنهن زماني ۾ پنجاب جي مستقل مفادن وٽان هو. پربعد ۾، بنگال جي ڌار ٿيڻ کانپوءِ اُن ۾ ننڍين صوبن سان جا ناانصافي ڪئي وئي، ۽ وفاقي اصولن جي جا انحرافي ڪئي وئي، اُن جو رکارڊ اسان سيني جي سامهون آهي. هيٺ ڏنل جائزي مان به اُن جو پليءَ پت اظهار ٿئي ٿو.

پاڪستان ۾ پهريون پيرو مالياتي ايوارڊ 1952ع ۾ ڏنو ويو. اُهو ايوارڊ پاڪستان جي وفاق ۾ شامل وفاقي اِڪائين (Federating Units) جي گڏيل منصوبابندي يا فيصلي سازيءَ سان نہ، پر هڪ رٽائرڊ بيوروڪريٽ جرمي رائيس مان (Jeremy Raisman) جي مهابي ڏنو ويو، جنهن سان مرڪزي سرڪار جي

نااهلي ۽ غيروفاقي وهنوار جي پليءَ پٽ پروڙ پوي ٿي.[9] دراصل، اُهو 1952ع وارو ايوارڊ ڪو مالياتي ايوارڊ نہ، پر هڪ سڏوسنئون مرڪزي سرڪار جو فيصلو هو جنهن مطابق اوير پاڪستان لاءِ ناٽي جي ورهاست ۾ 45 سيڪڙو حصو رکيو ويو.[10] جڏهن تہ، باقي اولهہ پاڪستان جي ڇهن صوبن پنجاب، سنڌ، سرحد (موجوده خيبرپختونخوا) ۽ بلوچستان لاءِ 55 سيڪڙو حصو رکيو ويو.[11] هن ايوارڊ ۾، اولهہ پاڪستان جي پنجاب سميت ڇهن صوبن جي لاءِ سرس حصو اُن ڪري رکيو ويو جو اُن جو وڏو حصو پنجاب کي ڪٽڻو هو جيڪو هن ڪٽي بہ ورتو. پاڪستان ۾ پهريو قومي مالياتي ڪميشن، 1964ع ۾ مقرر ڪيو ويو جنهن پي سال، 1965ع ۾ پنهنجو ايوارڊ ڏئي ڇڏيو. جئين تہ، اُن وقت پنجاب جو بنگال سان تڪرار هلندڙ هو ۽ پنجاب بنگال کي ماتِ ڏيڻ جي ڊوڙ ۾ هو. اُن ڪري، اُنهي 1965ع واري ايوارڊ ۾ بنگال کي مات ڏيندي، صوبن کي وڏي فائدي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جو اُنهيءَ ايوارڊ تحت، پهريون پيرو ناٽي ۾ صوبن جو حصو 50 سيڪڙو مان وڌائي، 65 سيڪڙو مقرر ڪيو ويو[12] جا هڪ چگهي ڳالهہ هئي. جڏهن تہ، 1970ع ۾ نئون ڪميشن ايوارڊ مقرر ڪيو ويو جنهن پنهنجو 1971ع ۾ بنگال جي ڌار ٿيڻ کان ٿورو وقت اڳ، ايوارڊ پڌرو ڪري ڇڏيو. هن ايوارڊ ۾ بہ، پنجاب جي مستقل مُفادن، بنگال کي مات ڏيندي، پنجاب سميت ننڍين صوبن کي سرس معاشي فائدو ڏنو. جو ورڇ جوڳي پول (Divisible Pool) ۾ صوبن جو 65 سيڪڙي کان حصو وڌائي، 80 سيڪڙو مقرر ڪيو ويو.[13] بهرحال، بنگال جي هوندي، ناٽي جي ورهاست ۾ صوبن کي فائدو تہ ڏنو ويو ۽ اُن جي ورهاست گهٽ-رخي فارمولي (Inverse Population Density) جي بُنياد تي تہ رکي وئي، يعني اُن ۾ صرف آبادي نہ، پر روينيو غربت، زميني پکيڙ وارن اِسِمن (Subjects) کي بہ شامل ڪيو ويو. پر جئين ئي، بنگال ڌار ٿي ويو تہ ناٽي جي ورهاست واري ايوارڊ ۽ اُن جي طريقي ڪار کي بہ هڪدم تبديل ڪري، ورهاست جو بندوبست گهٽ-رخي فارمولي بجاءِ صرف آبادي ۽ واري هڪڙي اِسِمَ جي بُنياد (Horizontal Distribution) تي ڪيو ويو جنهن مطابق ورڇ جوڳي پول (Divisible Pool) ۾، صوبن لاءِ 80 سيڪڙوحصو رکڻ بدران، 50 سيڪڙي کان بہ گهٽ رقم رکي، آبادي ۽ جي بنياد تي، ناٽي جو 80 سيڪڙو پنجاب کي ڏنو ويو. جا دراصل، صوبن سان وڏي ناانصافي هئي.

1973ع واري آئين ڪانپوءِ آيل پهرين مالياتي ايوارڊ، جنهن کي 1975ع ۾ لاڳو ڪيو ويو ۾ پڻ ائين ڪيو ويو. اُن ۾ بہ، ناٽي جي ورهاست صرف آبادي ۽ جي بنياد تي ڪري، پنجاب کي ناٽي جو 80 سيڪڙو حصو ڏنو ويو.[14] "اُميد جي اُبتڙ هڪ سنڌي وزيراعظم هڪ اهڙو اين ايف سي ايوارڊ ڏنو جو هڪ ڀرپور طريقي سان،

پنجاب جي حق ۾ هو. سيلز ٽيڪس جي باري ۾ اڳ واري طريقي کار[15] کي برقرار رکيو ويو. اُن سان، ننڍين صوبن ۾، وڏي حد تائين، احساس محرومي پيدا ٿي."[16] بهرحال، ٻيو مالياتي ايوارڊ، جنرل ضياءَ جي فوجي راج دوران 1979ع ۾ آندو ويو. "اُن حقيقت جي باوجود ته، سموار صوبا ملٽري ايڊمنسٽريٽر هئا، اُن کري، صوبا کنهن به اتفاق راءِ تي پهچي نه سگهندا، پنجاب، صورتحال کي جئين جو تئين رکڻ ٿي چاهيو. سنڌ، ناٿي جي ورهاست صرف آبادي ۽ جي بنياد تي ڪرڻ جي خلاف هئي."[17] ٽيون قومي مالياتي ايوارڊ 1985ع ۾ ڏنو ويو. جيڪو پڻ پنجاب جي مُستقل مُفادن وٽان هيو.[18] "اُن ايوارڊ ۾ اقتصاديات جي ماهر ڊاڪٽر محبوب الحق تجويز ڏني، ته صوبن کي ٽيڪس اُوگاڑڻ ۽ وڌيڪ اختيار ڏنا وڃن ۽ وفاق کي صرف انڪم ٽيڪس، ڪارپوريٽ ٽيڪس ۽ ڪسٽم ڊيوٽي ۽ جي اُوگاڑڻ ۽ جا اختيار پاڻ وٽ رکڻ گهرجن. اُها ڪميشن ڪجهه ڪرڻ کان اڳ ۾ ختم ٿي وئي. فوجي حڪومت پنهنجي يارهن سالن جي عرصي ۾ ڪو به اين ايف سي ايوارڊ نه ڏنو. جڏهن ته، آئين تحت اُهو لازمي آهي، ته هر پنجن سالن کانپوءِ اين ايف سي ايوارڊ پڌرو ڪيو وڃي ۽ مالي وسيلن جي نئين سر ورهاست ڪئي وڃي. ضياءَ حڪومت جي ناڪامي جو وڏو سبب اُهو هو جو صوبن جي تڪرار جو ڪو به حل نه ڪڍيو ويو. صوبائي خودمُختياري جو معاملو بدستور هڪ اهڙو حساس معاملو رهيو جنهن کي هٿ لڳائڻ نه ٿي چاهيو ويو. سول سروننس، جن پنهنجي پنهنجي حڪومت جي نمائندگي ٿي ڪئي، مرڪز طرفان ڏهاڙي باوجود نه ٿي لڏيا، اُهو ئي سبب آهي، جو ورڇ جوڳي پول ۾ وسيلن جي ورهاست، 1990ع تائين اُها ئي رهي، جا 1974ع ۾ طئي ڪئي وئي هئي."[19]

1990ع ۾، نواز سرڪار جي دؤر ۾، چوٽون قومي مالياتي ايوارڊ ڏنو ويو. اُن مالياتي ايوارڊ ۾ به، آبادي ۽ جي بُنياد تي، پنجاب کي سڀ-طرفو فائدو ڏنو ويو.[20] پر اُن ۾ ننڍين صوبن لاءِ ايترو ضرور ڪيو ويو جو ڪَنڈُ ۽ ايڪسائيز ڊيوٽي وارا اِسِمَ، جيڪي پهريان غير ورڇ جوڳي پول (Non-Divisible Pool) ۾ رکيل هئا،[21] سي غيرورڇ جوڳي پول مان ڪڍي، ورڇ جوڳي پول (Divisible Pool) ۾ رکيا ويا، جنهن سببان صوبن کي ملندڙ ناٿي ۾ ڪجهه اضافو ته آيو. البت، صوبن جي اُنهيءَ پراٿي مطالبي کي کا به قبوُليت ملي نه سگهي، جنهن مطابق مالياتي ايوارڊ جي تياري گهڙ-رخي فارمولي ٽيٽي هئي.[22] اهڙيءَ طرح سان، 1997ع ۾، پنجون مالياتي ايوارڊ به، نواز شريف جي ٻئي حڪومتي دؤر ۾ ڏنو ويو.[23] هيءُ سڄو ايوارڊ ناٿي جي وڏي ڊرامائي ورهاست کٽي آيو. اُن ايوارڊ ۾ به، آبادي ۽ واري اِسِمَ کي ناٿي

جي ورهاست جو بُنياد بڻايو ويو جنهن سببان ناڻي جو وڏو حصو پنجاب جي حصي ۾ آيو. پر هن ايوارڊ ۾ ڇا ڪيو ويو جو پهريون پيرو ورڇ جوڳي پول (Divisible Pool) ۾ وفاق جي 20 سيڪڙي حصي کي وڌائي، هڪدم 65.2 سيڪڙو ڪيو ويو.[24] جڏهن ته، صوبن جو حصو 80 سيڪڙي مان گهٽ ڪري 37.5 سيڪڙو رکيو ويو. جا دراصل، صوبن سان وڏي معاشي ناانصافي هئي. ڇهين مالياتي ايوارڊ لاءِ 2000ع ۾ تياري ڪئي وئي. البت، ورهاست واري طريقي ڪار تي اتفاق نه ٿيڻ سببان 'ايوارڊ پنهنجي سُفارشن کي حتمي شڪل نه ڏئي سگهيو.'[25] جڏهن ته، ستين ايوارڊ لاءِ 2005ع ۾ جنرل (ر) پرويز مشرف جي فوجي حڪومتي دؤر ۾ تياري ڪئي وئي، پر اُن جو حشر به بابرايازچواڻي: 2000ع واري مالياتي ايوارڊ جهڙو ٿيو. جو ميمبرن احتجاج ڪيو[26] ۽ صرف آبادي۽ واري هڪڙي اِسِمَ جي بُنياد تي ناڻي جي ورهاست واري فارمولي کي رد ڪري ڇڏيائون. اِهو ئي سبب هو جو اُن ايوارڊ تي ڪو اتفاق نه ٿي سگهيو. ائين ايوارڊ تڪراري بڻجي ويو ۽ پيش نه ٿي سگهيو![27]

بهرحال، ستين مالياتي ايوارڊ کي، پ پ حڪومت جي دؤر ۾، 2010ع ۾، پڌرو ڪيو ويو. هن ايوارڊ ۾ صوبن جي گهٽ-رخي (Inverse Population Density) فارمولي جي بُنياد تي، ناڻي جي ورهاست ڪرڻ واري پراڻي مطالبي کي پورو ڪيو ويو ۽ پهريون پيرو اين ايف سي ايوارڊ ۾ غربت، آمدني (روينيو) ۽ زميني پکيڙ وارن اِسِمن کي به شامل ڪيو ويو. جنهن جي نتيجي ۾ وفاق جو حصو ورڇ جوڳي پول ۾ ڪجهه گهٽجي، 42 سيڪڙو ٿيو ۽ صوبن جو 1974ع ڪانپوءِ پهريون پيرو ڪجهه حصو وڌي ساڍا 57 سيڪڙو ٿيو.[28] جڏهن ته، اُن ايوارڊ ۾ ٽيڪس جي اوڳاڑيءَ جي اختيارن جي عمودي ورهاست (Vertical Distribution) تي به اتفاق ڪيو ويو. خدمتن (Services) تي سيلز ٽيڪس جي اُوڳاڑيءَ جو اختيارُ جو 1948ع کان وٺي وفاق جي قبضو ۾ هو سو ننڍين صوبن جي حوالي ڪيو ويو جا هڪ مُثبت اڳيرائي هئي، پر قطع نظر اُن جي، ستين مالياتي ايوارڊ ۾ وري به، آبادي۽ جي بُنياد تي، ناڻي جي ورهاست مان 82 سيڪڙو حصو پنجاب کي ڏنو ويو.[29] اِهو ئي سبب آهي، جو معاشيات جا ماهر اُن ستين مالياتي ايوارڊ کي به ڪنهن طرح سان، حقيقي وفاقي جمهوري مالياتي ايوارڊ قرار نه ٿا ڏين. ٻيو ته، ننڍين صوبن کي اُهو اعتراض ناهي، ته پنجاب کي آبادي۽ جي بُنياد تي ناڻي جو وڏو حصو نه ڏنو وڃي. اُن کي ناڻي جو جائز حصو ضرور ملڻ گهرجي، پر صوبن جو اصل اعتراض اِهو آهي، ته جيڪڏهن صرف هڪڙي اِسِمَ (آبادي۽) جي بنياد تي ناڻي جو 82 سيڪڙو حصو پنجاب کي ڏنو وڃي ٿو ته پوءِ سنڌ ته

آمدني/روينيو جي مد ۾ وفاق کي سيني کان وڌيڪ 70 سيڪڙو ڏوکڙ ڏئي ٿو. تہ پوءِ سنڌ کي مالياتي ايوارڊ ۾ خاص چوٽ يا خاص رعايت چو نہ ٿي ڏني وڃي؟ ٻِٽو معيار چو ٿو رکيو وڃي؟ آبادي‌ءَ جي بُنياد تي، جيڪڏهن پنجاب کي حصو سرس ڏنو وڃي ٿو تہ پوءِ روينيو جي بُنياد تي، سنڌ جي حصي کي وڌايو چو نہ ٿو وڃي؟ ڇا هڪڙي صوبي لاءِ هڪڙو معيار ۽ ٻئي صوبي لاءِ ٻئي معيار رکڻ سان، قوميتي اتحاد مضبوط ٿيندو؟ ڇا اهڙي پاليسي سان وفاق ڪمزور نہ ٿيندو؟[30] تاريخ جو رکارڊ ٻڌائي ٿو تہ اڳ ۾ بہ بنگال سان ائين ڪيو ويو. جنهن سببان نہ رڳو وفاق ۾ شامل قومن جي وچ ۾ اِتحاد (Unity) ڪمزور ٿي ويو. پر مورڳو 1971ع ۾ وفاق بُحران جي ورڇڙهي، ٻن ٽڪرن ۾ بہ ورهائجي ويو. اُن ڪري، اِن سڄي صورتحال مان سبق سکڻ جي ضرورت آهي. پاڪستان ۾ ناٽي جي ورهاست وارو معاملو جئين تہ، غير وفاقي اصولن تحت حل ڪرڻ سببان هميشہ تڪراري رهيو آهي، جنهن سببان هميشه وفاق لاءِ خطرو بہ بدستور برقرار رهي ٿو. اُن ڪري، ضرورت اُن ڳالهہ جي آهي، ناٽي جي ورهاست لاءِ ايوارڊ جي جوڙجڪ سڀ کان پهرين معاشي وفاقيت (Fiscal Federalism) جي بنيادي اصولن مطابق ڪري، اُن ۾ عدم مرڪزيت وارو شرط لاڳو ڪيو وڃي. ائين، وفاق جي نالي تي، پنجاب جي مرڪزيت کي ختم ڪرڻ لاءِ ناٽي جي ورهاست صرف آبادي‌ءَ واري هڪڙي اِسِمَ واري فارمولي (Horizontal Distribution) جي بُنياد تي ڪرڻ بدران گهٽ-رخي فارمولي (Inverse Population Density) جي بُنياد ڪئي وڃي، جنهن ۾ صوبن کي آبادي‌ءَ سان گڏ غربت، روينيو ۽ زميني پکيڙ جي بنياد تي جائز حصيداري ڏني وڃي. جڏهن تہ، ورچ جوڳي پول (Divisible Pool) ۾ وفاق جو صرف 20 سيڪڙو حصو رکي، 80 سيڪڙو حصو صوبن لاءِ مقرر ڪيو وڃي؛ اِهو ئي دراصل، پاڪستان ۾ حقيقي 'وفاقي مالياتي ايوارڊ' جي جوڙجڪ جو حقيقي جمهوري وفاقي حل آهي. جيتوٽيڪ هاڻ، 30 جون 2015ع کانپوءِ ستين مالياتي ايوارڊ جو مُدو پورو ٿي چڪو آهي، ۽ اصولي طور تي، هاڻ، انهن مالياتي ايوارڊ اڇڻ گهرجي، جو 1973ع جي آئين جي آرٽيڪل 160 تحت، هر پنجن سالن کانپوءِ نئون مالياتي ايوارڊ پڌرو ڪرڻ لازمي آهي،[31] پر جئين تہ، اسان جي مُلڪ ۾ رياست جو ڪو وفاقي طريقي ڪار ئي ناهي رهيو. اُن ڪري، اين ايف سي ايوارڊ جو معاملو هجي، يا وري آدمشماري جو معاملو هجي، اُهي معاملا هميشه اسان وٽ، رولڙي جو شڪار رهيا آهن، جا ڳالهہ، نہ رڳو جمهوري وفاقيت جي اصولن جي ڪُليل انحرافي آهي، پر مان ڀانيان ٿو. وفاق ۾ شامل وفاقي اِڪاين ۽ نئڊين قومن سان بہ وڏي ناانصافي آهي.

چارٽ:1

ستين قومي مالياتي ايوارڊ جي ورڇ (2009ع)

اسم	وزن (Weight)	پنجاب	سنڌ	خيبرپختونخواهه	بلوچستان
آبادي	82	57.36	23.71	13.82	5.11
غربت	10.3	23.16	23.41	27.82	25.61
روينيو	5	44	50	5	1
زميني پکيڙ	2.7	4.34	7.21	6.54	81.92
ڪُل حصو	100	51.74	24.55	14.62	9.09

ماخذ: زبير فيصل عباسي جو ڪتاب

Federalism, Provincial Autonomy and Conflicts اسلام آباد، 2010ع

چارٽ:2

قومي مالياتي ايوارڊ تحت ناٽي جي ورهاست جو ڦور

نمبر	سال	صوبن ۾ ورهاست	پنجاب	سنڌ	خيبرپختونخوا	بلوچستان
پهريون ايوارڊ	1947	20:80	60.25	22.50	13.39	3.86
ٻيو ايوارڊ	1979	20:80	50.97	23.34	13.39	5.3
ٽيون ايوارڊ	1985	عبوري ايوارڊ				
چوٿون ايوارڊ	1990		57.87	23.29	13.54	5.3
پنجون ايوارڊ	1996	عبوري ايوارڊ	57.88	23,38	13.54	5.3
ڇهون ايوارڊ	2000	عبوري ايوارڊ				
	2006	55:45	57.36	23.71	13.82	5.11
ستون ايوارڊ	2009	44:56	51.74	24.55	14.62	9.09

ماخذ: زبير فيصل عباسي جو ڪتاب

Federalism, Provincial Autonomy and Conflicts اسلام آباد، 2010ع

ارڙهين آئيني ترميم: صوبن کي خودمختياري ڏيڻ بدران وفاق جي وحداني صورت کي سگهارو ڪيو ويو

2010ع ۾ جڏهن پ پ حڪومت طرفان، 'چارٽر آف ڊيموڪريسي' پٽاندر سينيٽر رضا رباني جي اڳواڻيءَ ۾ ارڙهين ترميم لاءِ آئيني ڪميٽي جوڙي وئي، تہ تڏهن، وڏي سطح تي ائين سمجهيو ٿي ويو تہ اُنهيءَ ارڙهين ترميم ذريعي، پاڪستان ۾ وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ تڪراري بڻيل اڪيچار معاملن جو منصفاڻو نبيرو ڪيو ويندو ۽ صوبن کي مڪمل خودمُختياريءَ ڏني ويندي[32] ائين، پاڪستان ۾ حقيقي جمهوري وفاق جي اڏاوت لاءِ وک وڌائي ويندي، پر بدقسمتيءَ سان ائين نہ ٿي سگهيو. جيتوڻيڪ آئيني ڪميٽي، ارڙهين ترميم واري آئيني مسودي ۾، 1973ع جي آئين جي 26 شقن ۾ 80 ترميمون آڻيندي، آئين مان سترهين ترميم جو مُڪمل خاتمو آڻي، ٽيون پيرو وزيراعظم بڻجڻ تي پابندي هٽائي ڇڏي، جڏهن تہ، صدر جا اسيمبلين کي ٽوڙڻ وارا 58 بي (2) جهڙا آمراڻا اختيار بہ ختم ڪري ٿي ڇڏيا، جنهن سببان پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ هاڻ، پهريون پيرو وزيراعظم هڪ بااختيار وزيراعظم بڻيل رهي ٿو. اِهو ئي سبب آهي، جو اڄ وزيراعظم هٿياربندن فوجن جي سربراهن جي مقرريءَ جا اختيار بہ پاڻ وٽ رکي ٿو.[33] جڏهن تہ، ارڙهين ترميم سان، 1973ع جي آئين مان ايشيا جي ماڊل ڊڪٽيٽر جنرل ضياءَ الحق جي نالي کي بہ خارج ڪيو ويو. چوندبن بعد 21 ڏينهن اندر قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جا اجلاس لازمي قرار ڏيڻ وارا فيصلا پڻ ڪيا ويا. جڏهن تہ، اليڪشن ڪميشن، اسٽيٽ بئنڪ ۽ بيورو آف اسٽيٽڪس کي پڻ بااختيار بڻايو ويو ۽ هڪ وفاقي اداري سي سي آءِ (Concil of Common Interest) کي وڌيڪ اضافي اختيار ڏئي، ارڙهين ترميم تحت، پاڪستان کي، آئيني طرح سان، هڪ حقيقي وفاقي مُلڪ (Federal State) بنائڻ جي ڀرپور ڪوشش تہ ڪئي وئي، پر ڏٺو وڃي تہ، جمهوري وفاقيت ۾ صوبائي خودمُختياريءَ (Provincial Autonomy) جو جيڪو اهم اصول هجي ٿو اُن کي، ارڙهين آئيني ترميم ۾، وڏي حد تائين، نظرانداز ئي ڪيو ويو![34] برابر ارڙهين آئيني ترميم جي ذريعي، صوبائي خودمُختياريءَ کي ڪالعدم ڪندڙ ڪنڪرنٽ لسٽ جي 47 اِسِمن مان ڇڪ اِسِمَ صوبن جي حوالي ڪيا ويا. جنهن سببان اڄ تائين، حڪومتي سطح تي ائين چيو ويندو آهي، تہ ارڙهين ترميم وارن آئيني سُڌارن کانپوءِ صوبن کي خودمُختياري ملي چڪي آهي، پر اِها بہ حقيقت آهي، تہ اُنهيءَ ارڙهين ترميم تحت، ڪنڪرنٽ لسٽ جي بجليءَ، انڪم ٽيڪس ۽ ايڪسائيز ڊيوٽي جهڙن اهم اِسِمن سميت ڊرگ اينڊ ميڊيسن،

فوجداري قانونن بابت عالمي معاهدن، هائير ايجوڪيشن ۽ ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن وارا ڪاتا صوبن کي ڏيڻ بدران اُنهن کي وفاق جي فيڊرل ليجسليٽو لسٽ جي حصي (2) ۾ رکيو ويو آهي. جا دراصل، صوبائي خودمُختياريءَ جي سنگين پيڇڙي آهي. اُهي ڪاتا پهريان، آئيني سُڌارن کان اڳ، فيڊرل ليجسليٽو لسٽ جي پهرين حصي/پاڳي ۾ هجڻ ڪري، سڌو سنئون وَفاقَ جي قبضي ۾ هئا، ۽ هاڻ، فيڊرل لسٽ جي ٻئي حصي/پاڳي ۾ رکڻ ڪري، صوبا،گڏيل مفادن جي ڪائونسل ۾ ويجي، اُنهن ڪاتن کي پاڻ ڏانهن مُنتقل ڪرڻ جي حوالي سان پنهنجو ڪيس پيش ڪري سگهن ٿا، پر جئين تہ اُهي سمورا ڪنڪرنٽ لسٽ جا اختيار ۽ ڪاتا، حقيقي معنيٰ ۾، وفاق جي ڪنهن بہ اختياري لسٽ جا نہ، پر صوبن جا ئي آهن، اُن ڪري، ڏنو ويجي تہ، اُنهن صوبن جي ڪاتن ۽ اختيارن کي فيڊ ل ليجسليٽو لسٽ جي پهرين يا ٻي حصي/پاڳي ۾ رکڻ، يا گڏيل مفادن جي ڪائونسل جي حوالي ڪرڻ، صوبن جي خودمختياريءَ کي محدود رکڻ جو ئي هڪ عمل آهي.[35]

جڏهن تہ، ارڙهين ترميم تحت، ڪنڪرنٽ لسٽ ۾ شامل سمورا ڪاتا صوبن کي منتقل نہ ڪيا ويا آهن. اُن سان گڏ، صوبن جي بندرگاهن ۽ قدرتي وسيلن جي مالڪيءَ جا اختيار بہ، صوبن کي ڏيڻ بدران، اُهي گڏيل مفادن واري ڪائونسل (Concil of Common Interest) کي ڏنا ويا آهن.[36] برابر سي سي آءِ مُلڪ جو هڪڙو چڱو وفاقي ادارو آهي، ۽ اُهو واحد ادارو آهي، جنهن ۾ ننڍين صوبن ۽ قومن جي نمائندن جي اڪثريت آهي، پر سوال اِهو آهي، تہ قدرتي وسيلن ۽ بندرگاهن جي مالڪيءَ جهڙا صوبائي اختيار صوبن جي حوالي ڪرڻ بدران سي سي آءِ کي ڏيڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي!؟ ڇا اهڙي عمل سان صوبن کي خودمُختياري ڏني وئي آهي، يا سندن خودمُختياريءَ کي ايڏا بہ وڏيڪ سوڙهو ڪيو ويو آهي!؟ "بهرحال، ڪنڪرنٽ لسٽ جي 47 اختيار/ڪاتا، جيڪي، دراصل، ٽيڪس اُوگاڑيءَ جي حوالي سان آهن، اُهي ۽ فيڊرل ليجسليٽو لسٽ جا سمورا اختيار/ڪاتا، جن کي 1973ع واري آئين تحت وفاق جي قبضي ۾ آندو ويو ۽ جن کي مُلڪ جا ننڍا صوبا صوبائي خومختياريءَ ۾ وڏي رڪاوٽ سمجهن ٿا، اُهي سمورا ڪاتا ۽ اختيار، جيستائين صحيح معنيٰ ۾، صوبن جي حوالي نہ ٿا ٿين، تيستائين پاڪستان ۾، صوبائي خودمُختياريءَ جي سوال جو ڪو بہ نبيرو نہ ٿي سگهندو. الميو اِهو آهي، تہ آئيني ڪميٽيءَ پڻ اُن مسئلي جو ڪو بہ آئيني حل ڪڍي نہ سگهي، اُن ڪري، ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي، تہ هلندڙ يا اينڊڙ وقت، وفاق ۽ ننڍين صوبن جي وچ ۾، خودمختياري جي سوال تي ايڏا وڏيڪ ڇڪتاڻ پيدا ٿيندي، جا دراصل، اڳي يا پوءِ وفاق لاءِ وڏو خطرو ڪڙو ڪندي"[37] اصل ۾، صوبائي خودمختياري وارو مسئلو

پاڪستان ۾ هڪ وڏو اهم مسئلو رهيو آهي. اِهو ئي مسئلو نه صرف، هن مُلڪ ۾ قومي تضاد جو بنياد بڻيل آهي، پر اُهو وڏي صوبي پنجاب سان ننڍين صوبن جي مختلف معاملن تي پيدا ٿيل تڪرارن جو پڻ بُنيادي ڪارڻ رهيو آهي. ائين، هن مُلڪ ۾ شروع کان وٺي، حقيقي جمهوري وفاقيت جي اطلاق جي اڻ هوند، ۽ وفاق تي وڏي صوبي پنجاب جي قبضي سببان، ننڍين قومن ۽ صوبن کي حقيقي خودمُختياري ناهي ملي سگهي، جنهن جي نتيجي ۾ اسان جي وڏي قوم ۽ ننڍين مظلوم قومن جي وچ ۾ ڪڌهن به اعتماد، يائيچاري ۽ پروسي واري فضا به قائم نه ٿي سگهي آهي. اُن ڏس ۾ 1973ع وارو آئين به لاپائتو ثابت ناهي ٿيو جو اُن ۾ صوبن جي اختيارن جي ڪا فهرست ئي ناهي، صرف وفاق ۽ گڏيل اختيارن جي فهرست (Concrete Legislative List) آهي. 1973ع جي آئين مان ڪنڪرنٽ لسٽ (گڏيل اختيارن واري فهرست) کي ختم ڪرڻ جو واعدو ته ڪيو ويو هو ۽ 2010ع واري ارڙهين ترميم تحت، اُنهيءَ لسٽ کي ختم ڪرڻ جون وڏيون ڳالهيون به ڪيون ٿي ويون، پر عملي طور تي، اُها صوبن جي خودمُختياريءَ کي ڪالعدم ڪندڙ ڪنڪرنٽ لسٽ ختم نه ٿي سگهي، جو اُن ۾ صوبن جي اختياريءَ وارا اهم اِسِمَ (Subjects) صوبن ڏانهن منتقل ئي نه ڪيا ويا، اُهي بدستور سي سي آءِ جي نالي تي، وفاق جي قبضي هيٺ رکيا ويا. دراصل، ارڙهين آئيني ترميم تحت، صوبن کي ڪا به خودمُختياري ناهي ملي. (ائين سمجهڻ يا اهڙو اعلان ڪرڻ، ڪُڇيءَ جي ناهه کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي) ايجا به، اُنهيءَ ترميم ذريعي صوبن جا اختيار سي سي آءِ جي نالي تي، وفاق کي ڏُئي، وفاق جي وحداني صورت کي وڌيڪ سگهارو ڪيو ويو آهي!

ارڙهين ترميم تحت صوبن کي خدمتن (Services) تي مليل ٽيڪس اوڳاڙيءَ وارو فائدو به واپس ورتو ويو

ارڙهين ترميم ۾ صوبن کي معاشي لحاظ کان اُهو فائدو ڏنو ويو، جو خدمتن (Services) جي مد ۾، جنرل سيلز ٽيڪس کي وفاق جي ڪنٽرول مان ڪڍي، اُن کي صوبن جي حوالي ڪيو ويو. دراصل، جي ايس ٽي (General Sales Tax) شروع کان وٺي، هڪ صوبائي اِسِمُ (Subject) رهيو آهي. 1935ع ۾، جيڪو گڏيل هندوستان ۾ گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ متعارف ڪرايو ويو هو ته اُهو جيتوڻيڪ پنهنجي بُنيادي جوهر ۾ مرڪزيت پسند آئين هو، پر قطع نظر اُن جي، اِها به حقيقيت آهي، ته اُنهيءَ آئين تحت، پهريون ڀيرو محدود سطح تي، صوبائي

خودمختياريءَ کي به جاءِ ڏني وئي هئي، ۽ اِهو ئي سبب هو جو اُنهيءَ آئين ۾ خدمتن تي جنرل سيلز ٽيڪس (جي ايس ٽي) جي اوڳاڙيءَ جا اختيار صوبن جي حوالي ڪري، صوبن کي معاشي ميدان ۾ خودمُختياري ڏيڻ جو بُنياد وڌو ويو هو.[38] بدقسمتيءَ سان، 1947ع ۾ پاڪستان ٺهيو ته پهرين سال، 1948ع ۾ وفاقي سرڪار عارضي بُنيادن تي، جنرل سيلز ٽيڪس جو اختيارُ صوبن کان وٺي، پنهنجي قبضي هيٺ آڻي چڏيو![39] ۽ جڏهن 1948ع وارو سال پورو ٿيو ته اُنهيءَ مدي کي 1950ع تائين وڌايو ويو![40] اُن کانپوءِ مُستقل طور تي اُهو جي ايس ٽي جي اُوڳاڙيءَ جو اختيارُ وفاق جي قبضي ۾ رهيو![41] سنڌ جي تنهن وقت جي وڏي وزير محمد ايوب کهڙي اُنهيءَ ناانصافيءَ خلاف آواز اُٺاريو ۽ وفاق جي اهڙي عمل تي، سخت تنقيد به ڪئي ٿي،[42] پر جئين ته، پاڪستان ۽ اُن جي وفاق تي پنجابي-مُهاجرن مُفادن جو قبضو ٿي چڪو هو ۽ رياست جو ڪو حقيقي وفاقي ڪارج نه رهيو هو، اُن ڪري، جي ايس ٽي جي معاملي تي اٺاريل آواز جو ڪو به ڪڙتيل نه ڪري سگهيو. سنڌ جو اُهو جي ايس ٽي وارو صوبائي اِسِمُ (Subject) بدستور وفاق جي قبضو ۾ رهيو. البت، جڏهن 2010ع ۾ پ پ حڪومت طرفان، 'چارٽر آف ڊيموڪريسي' مطابق، آئين ۾ اڙٺهين ترميم آندي وئي، ته اُنهيءَ ترميم ۾ پهريون پيرو ڪنهن حد تائين، وفاق جا اختيار گهٽائيندي، ڪجهه اِسِمن جو صوبن کي مالڪ بڻائيندي، خدمتن (Services) جي مد ۾، جنرل سيلز ٽيڪس (General Sales Tax) جو اختيار صوبن جي حوالي ڪيو ويو. جا دراصل، اُنهيءَ ترميم جي هڪ مُثبت ڳالهه هئي، جو اُن اِسِمَ تي، نه صرف صوبن جو بُنيادي آئيني حق رهيو آهي، پراهڙو حق صوبن جي حوالي هجڻ سان وفاق جو حقيقي جمهوري ڪارج به اُپري ظاهر ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ ته، ضياءُالدين چواٽي: "هڪ حقيقي وفاقي نظام ۾، اهو صوبن جو بنيادي حق هجي ٿو ته اهي ٽيڪس پاڻ حاصل ڪن ۽ پاڻ گڏ ڪن. هر صوبو پنهنجي جائز ضرورتن جو پورائو ڪندي، آمدني جي مطابق وفاق جي مالي مدد ڪري"[43] بهرحال، ائين، اڙٺهين ترميم تحت، صوبن کي جي ايس ٽي واري ڏنل اُنهيءَ اختيار کانپوءِ، جڏهن ستون مالياتي ايوارڊ آيو ته تڏهن اُنهيءَ خدمتن (Services) تي ملڻ ٽيڪس اوڳاڙيءَ واري اختيار کي به صوبن کان کسڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي وئي.[44] اِهو ئي سبب هو جو اُن معاملي تي، تن ڏينهن ۾، سنڌ ۽ وفاق جي وچ ۾ وڏو تڪرار به اُٽيو. سنڌ جي صوبائي سرڪار جنرل سيلز ٽيڪس وارو اِسِمُ وفاق جي حوالي ڪرڻ کان ٽپ انڪار ڪري چڏيو. اِن ڏس ۾، سنڌ جو اُهو مؤقف سامهون آيو ته وَفاقُ پيلي شين (Goods) تي پاڻ ٽيڪس جي اُوڳاڙي ڪري، پرخدمتن (Services) تي جنرل سيلز ٽيڪس جو اختيارُ سنڌ وٽ هجڻ گهرجي.[45] وفاق، سنڌ جي اُنهيءَ مؤقف

کي ڪو بہ مانُ نہ ڏنو ۽ نام نهاد آر جي ايس ٽي (Reformed General Sales Tax) ۽ ويليو ايڊيڊ ٽيڪس (Value Added Tax) جي بلن ذريعي، خدمتن (Services) تي جنرل سيلز ٽيڪس وارو اِسِمُ (Subject) سنڌ کان کسي، جمهوري وهنوار جي بدترين پيچڪڙي ڪئي![46] اِهو ئي سبب آهي، جو ماهر سمجهن ٿا، تہ ارڙهين ترميم جي باوجود، ننڍين صوبن کي معاشي خودمُختياري جي حوالي سان ڪو بہ فائدو ملي ناهي سگهيو ۽ وفاق، جئين جو تئين، صوبن جي اختيارن کي پنهنجي قبضي هيٺ رکي، پنهنجي وحداني صورت کي برقرار رکيون وينو آهي![47]

ايڇ اِي سي، وفاق ۽ ارڙهين ترميم

پاڪستان ۾ وفاق جي انتظام هيٺ هلندڙ هائير ايجوڪيشن ڪميشن (ايڇ اِي سي) مُلڪ جو هڪ وڏو وفاقي ادارو آهي، جيڪو مُلڪ جي سمورين يونيورسٽين ۽ ٻين تعليمي ادارن جي انتظامي معاملن، بجيٽ، اسڪالرشپس ۽ پاليسي وغيره جي حوالي سان پيدا ٿيندڙ مسئلن کي نبيريندو رهيو آهي. جئين تہ، اسان جي مُلڪ ۾ اُن جي سموري وفاقي رياستي مڪينزم توڙي وفاق تي وڏي صوبي پنجاب جي بالادستي رهي آهي، اُن ڪري، مُلڪ جي ٻين سمورن وفاقي ادارن سميت هائير ايجوڪيشن ڪميشن جهڙي اداري تي بہ، پنجاب جي بيوروڪريسي جو قبضو آهي؛ ۽ دراصل، اُن قبضو جو ئي اِهو نتيجو آهي، جو مُلڪ جي وڏن وفاقي ادارن ۾ نہ رڳو ننڍين صوبن ۽ اُنهن سان لاڳاپيل ماڻهن سان سياسي فرق وارو رويو روان رکيو وڃي ٿو، پر اڪيچار معاملن ۾ سندن هرطرح جي حق تلفي بہ ڪئي وڃي ٿي. اُن حوالي سان، رڳو هائير ايجوڪيشن ڪميشن (ايڇ اِي سي) واري اداري جي پاليسي، ڪم ۽ ڪردار جو جائزو ورتو وڃي، تہ سمورا اڇا ڪارا پڌرا ٿيو پون ٿا. مثال طور: هائيرايجوڪيشن ڪميشن کي، 2011ع واري سال ۾ لڳ ڀڳ 10623 پرڏيهي اسڪالرشپس مليون،[48] جن مان وڏو حصو يعني 5925 اسڪالر شپس صرف پنجاب کي ڏنيون ويون. جڏهن تہ، خيبرپختونخوا کي 1752، بلوچستان کي 865، ۽ سنڌ کي رڳو 891 اسڪالرشپس ڏنيون ويون. ياد رهي تہ، سنڌ کي مليل 891 اسڪالرشپس ۾ بہ، سنڌي ٻالهائيندڙ جو تعداد اڌ برابر بہ مُشڪل سان هجي![49] مجموعي طور، هائيرايجوڪيشن ڪميشن کي ملندڙ پرڏيهي اسڪالرشپس جي وڏي حصي مان رڳو پنجاب ۽ خيبر پختونخوا کي نوازيو ويو آهي. اهڙو وهنوار جمهوري وفاقيت جي اصولن جي بدترين پيچڪڙي جو هڪ وڏو مثال بہ آهي؛ ڇاڪاڻ تہ، وفاقيت يا فيڊريشن جو بُنيادي اصول اُهو هجي ٿو تہ وفاق جي آئيني اِڪاين يا رياستن کي رياستي اختيارن توڙي رياست مڙني فائدن ۾ برابريءَ جي بُنياد تي حصيداري ڏني وڃي، پرپاڪستان جو وَفاقُ، اُهو انوکو وَفاقُ رهيو آهي، جنهن ۾، وفاقي اصولن جي اُبتڙ، آئيني اِڪاين (Constituent Units) سان هميشه غيرجمهوري ۽ غيروفاقي وهنوار ڪيو وڃي ٿو ۽ اِهو ئي سبب آهي، جو اڄ پاڪستان ۾، اسان وٽ، وفاقي اِڪاين ۾ ايتري تہ بداعتماديءَ واري صورتحال وڏي وئي آهي، جو هاڻ، وفاق جي

وجود تي بہ آگريون کڄي رهيون آهن. سوال هي آهي تہ ڇا سنڌ جي تعليمي شرح ۾ آبادي، خيبر پختو نخوا جي تعليمي شرح ۾ آباديءَ کان بہ گهٽ آهي، جو خيبر پختونخوا جي پيٽ ۾ بہ سنڌ کي پرڏيهي اسڪالرشپس ۾ گهٽ حصو ڏنو ويو؟ اسان کي اُهو اعتراض ناهي، تہ خيبرپختونخوا يا ٻئي ڪنهن صوبي کي وڌيڪ فائدا ڇو ٿا ڏنا وڃن؟ اِهو صوبن جو آئيني حق آهي، تہ کين سمورن رياستي ۽ ادارتي فائدن ۾ هرطرح سان اڳتي آندو وڃي، پر اصل ڳالهہ رياستي فائدن جي ورهاست ۾ ڪارفرما اصول جي آهي، جو اصول اسان جي مُلڪ ۾، جمهوري وفاق جي اڻ هوند سببان اڻ لڀ آهي، جنهن جي نتيجي ۾، وقت بوقت وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ بدگمانيءَ واري صورتحال بہ پيدا ٿيندي رهي آهي؛ اِهو ئي سبب آهي، جو اسان جي وفاق جا ننڍا صوبا ۽ قومون وڌي وقت کان اُهو چوندیو رهيون آهن، تہ سنڌن رياستي اختيارن ۽ معاملن سان لاڳاپيل سمورا ادارا سنڌن حوالي ڪيا وڃن، تہ جئين، وفاق ۽ صوبن /قومن جي وچ ۾ ڪا بہ گهٽ وڌائي يا بدگماني واري صورتحال پيدا نہ ٿئي.

پاٽيءَ جو مسئلو

پاٽي، دراصل، انساني سماج جي فطري اوسر، ترقي، ۽ واڌ ويجهہ توڙي عروج ۽ زوال ۾ هڪ اهم ۽ بُنيادي مُحرڪ واري حيثيت رکي ٿو. پاٽي، نہ صرف، انساني حياتي ۽ هي سموري ساهواري جيوت جي جياپي جو ذريعو هجي ٿو. پر پاٽي، دنيا جي مختلف قومن، طبقن، نسلن ۽ گروهن جي تهذيبي سڃاڻپ جو بہ هڪ وڏو ماخذ رهيو آهي. ٿورن لفظن ۾، جيڪڏهن، ائين چئجي تہ، پاٽي، انساني تهذيب ۽ سڀيتا جي واڌ ويجهہ ۾ بُنيادي ڪردار رکي ٿو. تہ مُنهنجي خيال ۾، اُن ۾ ڪو بہ وڌاءُ نہ ٿيندو. عالمي انساني تاريخ، اُن ڳالهہ جي چڱي طرح سان ساک پري ٿي، تہ انساني تهذيبي ترقيءَ جو اصل وڏو بُنياد، بين گهڻين ڳالهين سان گڏ، پاٽيءَ تي مدار رکي ٿو ۽ اِهو ئي سبب آهي، جو دنيا جون وڏي ۾ وڏيون تهذيبون جهڙوڪ: سميري، بابلي، ۽ سنڌو ماڻر جون تهذيبون درياهن جي پاٽيءَ جي مٽان ئي اُپري نروار ٿيون. مصر جي دجلہ ۽ فرات وارين تهذيبن جي پروان چڙهڻ جو بُنيادي ڪارڻ بہ اِهو هو، جو اُهي تهذيبون بہ، دجلہ ۽ فرات درياهن ڪنڌيءَ تي اُپري ظاهر ٿيون هيون. اُهي درياهہ ئي، دراصل، اُنهن مصري تهذيبن جي اُپار ۽ ترقيءَ جو اصل ماخذ هئا؛[50] اُن ڪري، ڏنو وڃي تہ، پاٽيءَ جو نہ رڳو علامتي، پر بُنيادي طور تي، تهذيبي ترقيءَ ۽ واڌاريءَ ۾ بہ وڏو ڪردار رهيو آهي، ۽ جئين تہ، هاڻ، دنيا ۾، پاٽيءَ جي اهميت بابت، نئين سري سان، سمجهہ ۽ سڃاهہ پيدا ٿي آهي، ۽ ٻيو تہ،

دنيا جي مختلف خطن، مُلڪن ۽ قومن ۾ قدرتي وسيلن، جنگلات، پاڻي، زراعت، معاشيات، ماحولياتي ۽ موسمي تبديلين (Climate Changes) جهڙن معاملن تي مخصوص عالمي بالادست قوتن جو قبضو رهيو آهي؛ اُن ڪري سڄي دنيا ۾ معاشي عدم استحڪام، غربت، بيروزگاري، سماجي تنگدستيءَ ۽ سياسي تڪرارن ۾ واڌ اچڻ سان گڏ، پاڻيءَ جو مسئلو به وڏي شدت ۽ معنويت سان اُپري ظاهر ٿيو آهي، ۽ اُهو مسئلو دنيا جي اڪيچار مُلڪن ۽ قومن جي وچ ۾، ايترو ته شديد تڪراري بڻجي رهيو آهي، جو ماهرن کي ائين چوڻو پئجي ويو آهي، ته "هاڻ، ٽين عالمي جنگ، ٻئي ڪنهن مسئلي تي نه، پر پاڻيءَ جي مسئلي تي لڳندي"[51] بهرحال، اُهو طئي آهي، ته پاڻيءَ جو مسئلو سڄي دنيا ۾ انتهائي هڪ حساس مسئلو رهيو آهي. ائين، اسان جو مُلڪ ۽ اُن جي وفاق ۾ شامل قومون به اُنهي مسئلي ۽ تڪرار کان آزاد ناهن رهيون. پاڪستان ۾، پاڻيءَ جي معاملي تي، سڀ کان وڏو تڪرار شروع کان ونڍ وڏي صوبي پنجاب ۽ پُڇڑيءَ تي آباد سنڌ صوبي ۾ رهيو آهي.[52] ڪالاباغ ڊيم جو معاملو هجي، يا چشما جهلم لنڪ ڪئنال ذريعي سنڌجي حصي جو پاڻي روڪڻ وارو بلنڊر هجي، 1991ع واري پاڻي ناهه تي منصفاڻي نموني سان عمل کان لنوائيندي ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم ۾ گهربل مقدار ۾ پاڻي نه موڪلڻ وارو معاملو هجي، يا گريٽر ٿل ڪئنال جهڙي ڏاڙيل واهه ذريعي سنڌ جي حصي جو پاڻي چورائڻ وارو معاملو هجي، سنڌ ۽ پنجاب ۾ هميشه تڪرار ڪڙو رهيو آهي. اُهو تڪرار ڪڏهن ڪڏهن اهڙي ته پڌري تي وڃي پهچندو آهي، جو مورڳو وفاق جو وجود ئي خطري هيٺ اچي ويندو آهي! اُهو سنڌ ۽ پنجاب جي وچ ۾ پاڻيءَ وارو تڪرار ڪيئن ۽ ڇو پيدا ٿيو؟ ڇا اُهو سمورو تڪرار پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ پيدا ٿيو؟ يا اُهو تڪرار پاڪستان کان اڳ به هو؟ اُن کي سمجهڻ لاءِ اچو ته هڪ جائزو وٺون.

تاريخ جا ماهر ٻڌائين ٿا، ته سنڌ ۽ پنجاب ۾ پاڻي تڪرار تڏهن پيدا ٿيو جڏهن، پنجاب 1859ع ۾، سنڌو درياهه کي پرتي ڪندڙ راوي درياهه تي سنڌ کي اعتماد ۾ وٺڻ کان سواءِ، اپر باري دوآب ڪئنال ٺاهي، پاڻيءَ جو وڏو حصو روڪي ورتو ۽ جئين ته، راوي، ستلج، بياس، جهلم ۽ چناب ندين، بُنيادي طرح سان، سنڌوءَ کي پرتي ڪندڙ ۽ اُهي هندوستان ۽ ڪشمير مان نڪري، سنڌو ۾ گڏجندڙ (Tributary) ندين رهيون آهن؛ اُن ڪري، اُنهن ندين يا درياهن جي پاڻيءَ تي سنڌ جو به آئيني، قانوني ۽ فطري حق رهيو آهي. پنجاب اُنهي حق کي باءِ پاس ڪري، قانون ۽ اصول جي اُبتڙ، جڏهن راوي درياهه تي، اپر باري دوآب ڪئنال ٺاهيو ته سنڌ، اُن تي، شديد اعتراض اٺاريا. ائين، ٻنهي صوبن جي وچ ۾ تڪرار جي

شروعات ٿي.[53] اُن وقت، پنجاب جي سياسي پوزيشن اِها هئي، جو پنجاب اپرباري دوآب ڪئنال اڏڻ کان ٻه سال اڳ، 1857ع ۾، برطانوي راج خلاف ٿيل مشهور بغاوت کي ڇٽڻ ۾ انگريز سرڪار جي وڏي مدد ڪري، انگريزن جو منظور نظر بڻجي چڪو هو ۽ اِهو ئي سبب هو جو انگريز سرڪار موٽ ۾ مٿس مهرباني ۽ جي مينهن وسائيندي، نه صرف پنجاب کي آبپاشي جو نئون نظام ڏني، اُن جي معاشي ترقيءَ جو بُنياد رکيو، پر اُن سان گڏ پنجابي سِکن توڙي مسلمانن کي پنجاب جي سرسبز علائقن ۾ وڏيون وڏيون ايراضيون ڏني، اُتي انگريز سرڪار جي وفادار جاگيردار طبقي کي سياست ۾ ٻه آندو.[54] جئين ته، اُنهيءَ زماني ۾، پنجاب ۽ اُن جو جاگيردار حڪمران طبقو انگريزن جو مراعات يافتا بڻجي چڪو هو. اُن ڪري، 1859ع ۾، اپرباري دوآب ڪئنال جي اڏاوت تي سنڌ جڏهن اعتراض اُٿاريا، ته پنجاب اُنهن کي ليکي ۾ ئي نه ٿي آندو ۽ مٿان ئي مٿان، پاڻي کڻڻ واري پنهنجي ناجائز ڪرت کي جاري رکيو. ائين، 1885ع کان وٺي 1901ع تائين، پنجاب طرفان، سنڌ جي حصي جي پاڻي تي بند بڏڻ وارو سلسلو جاري رهيو. جهلم ۽ چناب تي اڪيچار واهه ۽ ڪئنال ناهي، پنجاب، سنڌجي حصي جي پاڻي کي روڪيندي رهيوا[55] نيٺ، 1919ع ۾، جڏهن ستلج درياهه تي، 11 واهه ۽ 4 بئراج اڏي، ستلج درياهه جو سمورو پاڻي پاڻ وٽ روڪي ورتائين، ته تڏهن سنڌ به خاموش نه ويٺي،[56] ۽ اُن خلاف زبردست احتجاج ڪيو. جنهن سببان اُهو سڄو تڪرار انگريزن جي مرڪزي سرڪار جي آڏو اُپري ظاهر ٿيو. تن ڏينهن ۾، سنڌ، بمبئيءَ ۾ شامل هئي، پر بمبئي سرڪار، پنجاب جي اهڙي ناجائز ي تي هڪدم مرڪزي سرڪار جي اڳيان آواز اٺاريو. جنهن جي نتيجي ۾ هڪ انگريز عملدار مسٽر ڪاٽن جي اڳواڻي ۾ 'ڪاٽن ڪميشن' جوڙي وئي.[57] ائين، پاڻي مسئلي تي، سنڌ ۽ پنجاب جي وچ ۾، باضابطه ڳالهيون ٿيون. ڳالهين ۾ "پنجاب سرڪار اُهو موقف اختيار ڪيو ته سنڌو درياهه جي پاڻيءَ تي سنڌ جو اوترو حق آهي، جيترو پاڻي سنڌ ۾ اچي ٿو. 'سنڌو جي مٿئين حصي، يا سندس پرتي ڪنڊ ندين مان پنجاب کيترو به پاڻي ڪڍي، اُهو اُن جو حق آهي.' ڪاٽن ڪميشن، پنجاب جو اُهو مؤقف رد ڪري ڇڏيو ۽ فيصلو ڏنائين، ته هيٺين پائيوار طور، سنڌ جو سنڌو نديءَ ۽ اُن کي پرتي ڪنڊ سمورين ندين جي پاڻيءَ تي هڪ جيترو حق آهي. اُن وچ ۾، سنڌ سرڪار هڻي هڻي مس مس وڃي، سکر بئراج جو پراجيڪٽ تيار ڪري، منظوري لاءِ هند سرڪار کي موڪليو. پنجاب سرڪار هڪدم جوابي ڪارروائي ڪري، سکر بئراج خلاف اعتراض داخل ڪيو. حالانڪه سکر هيٺ هو ۽ مٿي پنجاب کي ان مان نقصان رسڻ جو تصور به ممڪن ڪونه هو."[58]

بهرحال، اُنهيءَ معاملي تي به سنڌ ۽ پنجاب ۾ تڪرار اُٿي پيو. نيٺ، انگريز سرڪار هڪ بي ايندڙي ڪميشن جوڙي وئي. ڪميشن 1935ع ڏاري پنهنجي رپورٽ پڌري ڪئي.[59] اُن رپورٽ ۾ پنجاب جي اڳرائي واري ڪردار کي ظاهر ڪيو ويو.[60] پر قطع نظر اُن جي، پنجاب تي ڪو اثر نه ٿيو ۽ اُهو سنڌ جي حصي جو پاڻي روڪيندو رهيو. 1939ع ڏاري باکڙا ڊيم جو منصوبو جوڙي ورتائين. سنڌ اُن تي سخت اعتراض اُٺاريا. سرڪار وري ڳالهيون ڪرايون. 'انڊس ڪميٽي' جوڙي وئي.[61] ڪميٽيءَ "پنجاب سرڪار تي بندش وڌي، ته اُها باکڙا ڊيم پروجيڪٽ تي آڪٽوبر 1945ع تائين ڪنهن به قسم جو ڪو به قدم نه کڻي. اُنهيءَ وچ ۾ ٻئي سرڪاريون پاڻ ۾ ڳالهيون ڪن، ۽ ڪنهن نتيجي تي پهچن. تيستائين سنڌو ندي جي پاڻي سان ڪنهن به قسم جي هٿ چراند ڪرڻ جي پنجاب سرڪار تي بندش وڌي وئي. هندوستاني سرڪار جي هدايتن هيٺ، پوني جي سينٽرل ايريگيشن ۽ هائڊرو ڊائنلاڪ ريسرچ جي ڊائريڪٽر سرڪلاڊ اينگلس جي رهنمائي هيٺ، سنڌ ۽ پنجاب جا چيف انجنيئر پاڻ ۾ مليا. پنجاب سرڪار هند سرڪار جي سخت رويي مان سمجهيو ته مرڪزي سرڪار سنڌ جي پاڻي سان وڌيڪ هٿ چراند برداشت نه ڪندي. تنهن ڪري هنن سنڌ سرڪار سان ڳالهه ٻولهه شروع ڪئي."[62] ائين، اُنهن ڳالهين جي نتيجي ۾ سنڌ ۽ پنجاب جي وچ ۾، 1945ع وارو مشهور ٺاهه ٿيو. دراصل، اُهو هڪ اهم ۽ منصفاڻو ٺاهه هو. جنهن مطابق، پاڻيءَ مسئلي جو حل اُهو ڪڍيو ويو. ته پنجاب، سنڌ جي حصي جي پاڻي مان صرف هڪڙو حصو ڪٽندو. جڏهن ته، اُن جا تي حصا سنڌ کي ڏيڻ ۾ ڪا به رڪاوٽ نه وڌي ويندي. پنجاب، ٺاهه جو اُهو شرط قبول ته ڪيو. پر بعد ۾ اُن تان ڦري ويو. ۽ سنڌ جي حصي جو پاڻي ڪٽندو رهيو. اُن وچ ۾، جون 1947ع تائين، جڏهن گڏيل هندوستان جي آئيني انتظام تي آل انڊيا ڪانگريس ۽ آل انڊيا مسلم ليگ ۾ ڪو به ٺاهه نه ٿي سگهيو ته تڏهن ورهاڱو اڻ-ٽر بڻجي ويو. جنهن سببان 3 جون 1947ع تي، باضابطه طور وائسراءِ لارڊ مائونٽ بيٽن کي ورهاڱي جو اعلان ڪرڻو پيو. جنهن جي نتيجي ۾، ننڍي کنڊ ۾، هندوستان ۽ پاڪستان جي نالي سان به مُلڪ وجود ۾ آيا. ورهاڱي سببان، جتي ٻنهي مُلڪن ۾ مختلف تڪراري معاملن ۽ اثاثن توڙي حدبندي وارن معاملن جي نبيري واسطي ريڊڪلف ايوارڊ ۽ ٻيون ڪميٽيون جوڙيون ويون، اُتي، ٻنهي مُلڪن جي وچ ۾، پاڻي تڪرار جي حل واسطي، پڻ بي ڪميٽي (B Committee) جوڙي وئي.[63] پاڻي جي تن درياهن جي صورتحال اِها هئي، جو ورهاڱي بعد پاڪستان کي ڇهه درياهه سنڌو درياهه، جهلم، چناب، ستلج راوي ۽ بياس حصي ۾ ڏنا ٿي ويا، جن مان تي درياهه راوي، ستلج ۽ بياس هندوستاني پنجاب مان

آيا ٿي،[64] اُن ڪري، پاڻيءَ واري صورتحال ۾، هندوستان مُهڙ واري ڏُر Upper (Riparian) ۽ پاڪستان پيڇڙيءَ واري ڏُر (Lower Raparian) بڻجي ٿي ويو.[65] اهڙي صورتحال مان، ناجائز فائدو وٺندي، ورهاڱي ڪانپوءِ ترت، هندوستان، ٽن درياهن راوي، ستلج ۽ بياس جي پاڻيءَ تي مالڪي جو سوال اُٽاري، اُنهن کي تڪراري بڻائي ڇڏيو. اُن لاءِ بي ڪميٽي جوڙي وئي.[66] اصل ۾، اِهو پاڻي جو سڄو مسئلو ريڊڪلف ايوارڊ ۾ حد بنديءَ واري معاملي کي، صحيح طرح سان، نه نبيرڙ سببان پيدا ٿيو هو. چاڪاڻ جو 17 آگسٽ 1947ع تي، ريڊڪلف ايوارڊ تحت، پنجاب جي ورهاڱي جو جيڪو فيصلو آيو هو، اُنهيءَ فيصلي مطابق، ستلج ۽ راوي درياهه تي اڏيل ٻن بئراجن، مدها پور ۽ فيروز پور کي هندوستاني پنجاب ۾ شامل ڪيو ويو هو[67] جنهن کي بُنياد بڻائي، هندوستان پاڻيءَ جو تڪرار اُٽاري، 1948ع ۾، پاڪستان جو پاڻي بند ڪري ڇڏيو.

پنجاب، جيڪو اڳ ۾ ئي، گڏيل هندوستان ۾ انگريز سرڪار جو وڏو مراعات يافتا صوبو هو[68] ۽ جيڪو ننڍي کنڊ ۾، برطانوي عملداري/حاڪميت جي دؤر کان وٺي سنڌ جي پاڻي تي ڏاڍا هٿندو ٿي رهيو اُهو پنجاب، جڏهن ورهاڱي ڪانپوءِ، پاڪستان جي صورت ۾، سڄي مُلڪ ۽ اُن جي رياست جو مالڪ بڻجي ويٺو ته تڏهن سندس حرص، لالچ ۽ بالادستيءَ واري سوچ تمائين وڌيڪ اڳري ٿي وئي. چون ٿا ته، ٽيڪ اهڙي ئي صورتحال ۾، جڏهن هندوستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ پاڻي جو مسئلو پيدا ٿيو ته پنجاب، سنڌو درياهه تي مُستقل قبضي ڪرڻ خاطر هندوستان سان پاڻي مسئلي جي حل واسطي بي ڪميٽي کي ڏنل درخواست واپس وٺي ڇڏي، ۽ نتيجو اُهو نڪتو جو جئين مارچ 1948ع تي بي ڪميٽي جو آئيني مدو پورو ٿيو ته هندوستان، پاڪستاني پنجاب جي ٻن درياهن جو پاڻي بند ڪري ڇڏيو.[69] دراصل، راوي، ستلج ۽ بياس وارن ٽنهي درياهن، هندوستان مان ڪهي، پاڪستان ۾ پاڻي ڇوڙ تي ڪيو[70] ۽ جئين ئي، بي ڪميٽيءَ جو مدو پورو ٿيو ته هندوستان، پاڪستان جي ڇاٽايل ٽن درياهن جي پاڻي بند ڪرڻ ۾ ڪا ويرم نه ٿي ڪئي.[71] جنهن سببان، پاڪستان ۾ پاڻيءَ جو وڏو بُحران پيدا ٿيو. پنجاب اُنهيءَ بُحران کي سنڌ جي حصي واري پاڻي کي ڪٽڻ واري اٽڪل سان حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي![72] اُن وچ واري عرصي ۾، جيڪڏهن ملي ڀڳت کان پاسو ڪري، احتياط، دوراندیشي، خبرداريءَ ۽ هوشياريءَ مان ڪم ورتو وڃي ها، ۽ خاص طور تي، بي ڪميٽيءَ کي ڏنل درخواست واپس وٺڻ بدران، اُن تي ثابت قدميءَ سان بيهي، مسئلي جي حل لاءِ تحرڪ ورتو وڃي ها، ته مان نٿو سمجهان، ته هندوستان کي پاڪستان جي پاڻي بند ڪرڻ جو وجهه ملي ها،[73] ۽ نه پاڪستان کي ڪروڙين

روپين جو خسارو ڪڇيءَ ۾ پوي ها، پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي، تہ ائين نہ ڪيو ويو. جناب چوڌري محمد علي The Emergence of Pakistan ۾ لکي:

"Actually, as events showed, the East Punjab ministers and officials were planning a deadly blow against Pakistan and were lulling the West Punjab government to sleep with sweet words. They were waiting for the day when the life of the Arbitral Tribunal would came to an end on March 31, 1948. On the side of East Punjab therer was Machiavellian duplicity. On the part of West Punjab there was neglect of duty, complacences, and lack of common prudence-which had disastrous consequences for Pakistan."[74]

ترجمو: "دراصل، جئين واقعن ظاهر ڪيو، اوپر پنجاب جا وزير ۽ سرڪاري عملدار هڪ طرف، پاڪستان کي ڪاپاري ڏڪ هڻڻ جي منصوبا بندي ڪري رهيا هئا، تہ وري ٻي طرف، اُهي اولهہ (پاڪستاني) پنجاب جي حڪومت ۽ وزيرن کي مٺن مٺن لفظن سان ننڊون ڏيارائي رهيا هئا. هُنن 31 مارچ 1948ع تي، ٽيارڪڙ ٽريبونل جي مُدي پوري ٿيڻ جوانتظار ڪيوتہ جئين، پاڪستان جو پاڻي بند ڪري سگهجي. اوپر پنجاب جي اُها هڪ شيطاني ڪُجي هئي. (پاڪستاني) اولهہ پنجاب جي اُها فرض جي ادائي کان لاپرواهي، ڪج شعوري ۽ معمولي احتياط ۾ بہ وڏي ڪوتاهي هئي، جنهن جا پاڪستان لاءِ وڏا هِنسڪ نتيجا نڪتا."

بهرحال، پاڻي مسئلي تي، هندوستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ڳالهيون ٿيون. ڳالهين جو پهريون مرحلو مئي 1948ع ڏاري دهليءَ ۾ شروع ٿيو.[75] گڏجاڻي ۾ مجموعي طور هندوستاني پنجاب جي عملدارن جو چڙهت وارو رويو هو. جو گڏجاڻيءَ ۾ اُهو الاعلان ڪيائون، تہ هندوستان، تيستائين پاڪستان ڏانهن پاڻي نہ ڇڏيندو. جيستائين پاڪستان ٽن درياهن ستلج، راوي ۽ بياس تي هندوستان جو حق تسليم نہ ٿو ڪري.[76] چون ٿا تہ، هندوستاني پنجاب جي عملدارن جي اهڙي سخت مؤقف کي ٻڌي، پاڪستان طرفان ڳالهين لاءِ ويل وفد لاچاري وچان هندوستان جا قبول نہ ڪرڻ جوگا شرط قبول ڪري واپس موٽي آيو. ۽ 4 مئي 1948ع تي معاهدو ڪيائون.[77] پاڪستان جي عملدارن هندوستان سان معاهدي ڪرڻ وقت تہ هاءِ گهوڙا نہ ڪئي، پر پاڪستان اچڻ بعد هاءِ گهوڙا شروع ڪري ڏنائون، ۽ چيائون، تہ پاڪستان 4 مئي وارو معاهدو مجبوري سببان قبول ڪيو آهي.[78] بهرحال، 4 مئي واري معاهدي موجب هندوستان "ديپالپور ڪئنال ۽ مرڪزي باري دوآب ڪئنال جي مک برانچن جو پاڻي کولي تہ ڇڏيو پر بهاولپور رياست واري شاخ ۽ مرڪزي باري دوآب ڪئنال جي ننڍين ننڍين شاخن جو پاڻي نہ کولڻ سببان بهاولپور رياست جا علاقا پڙپاڻگ ٻڌجي ويا."[79] اهڙيءَ صورتحال کانپوءِ پاڪستان وڏي واويلا ڪئي، جنهن کانپوءِ ٻيهر هندوستان ۽ پاڪستان جي

پي گڏجاڻي، لاهور ۾، جولاءِ 1948ع ڏاري ٿي.[80] اُن گڏجاڻيءَ ۾ پاڻي معاملي جو ڪو نبيرو نه ٿي سگهيو جنهن سببان پاڪستان اُن مسئلي کي عالمي عدالت ۾ ڪٽي وڃڻ جي ڀڳالهه ڪئي، پر هندوستان اُن کان ٽپ انڪار ڪيو.[81] 1949ع ۾ ٽين گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ مسئلي جي حل تي اتفاق ڪيو ويو.[82] 1950ع ۾، دهليءَ ۾ چوٿين گڏجاڻي ٿي، پر اُن ۾ به ڪو حل نه ڪڍيو ويو. جنهن ڪانپوءِ پاڪستان پاڻي مسئلي کي عالمي عدالت ۾ ڪٽي وڃڻ جو ارادو ظاهر ڪيو. ان وچ ۾، آمريڪي عملدار ڊيوڊ لنلينٿال (Divid Lilienthal) پاڪستان ۽ هندوستان ٻنهي مُلڪن جو دورو ڪري، پاڻي صورتحال جو جائزو ورتو.[83] اُن ڪانپوءِ عالمي بئنڪ جي صدر يوجين بليڪ (Eugen Black) تحرڪُ ورتو.[84] ٻنهي مُلڪن کي، پاڻي مسئلي تي، عالمي بئنڪ طرفان ٽياڪڙي ڪرڻ جي آڇ ڪيائين.[85] اهڙي آڇ کي ٻنهي مُلڪن جي حڪومتن قبول ڪيو. عالمي بئنڪ آڪٽوبر 1952ع ڏاري ڳالهيون شروع ڪرايون. ڳالهين جي شروعاتي مرحلي ۾ سنڌ جي نمائندي ڊاڪٽر ايس ايم قريشيءَ کي شامل ڪيو ويو[86] پر بعد ۾، ڳالهين ۾، سنڌ جي ڪنهن به نمائندي کي شامل نه ڪيو ويو. جا وڏي ناانصافي هئي. سبب اِهو هو جو پنجاب، ڪنهن به طرح سان، سنڌ جي مرضيءَ مطابق هندوستان سان ناهه ڪرڻ نه ٿي چاهيو.[87] بهرحال، آڪٽوبر 1956ع ۾، ون يونٽ جي قيام سببان، پاڪستان اندر جمهوري روايتن جو ڊينگو ڊير ٿي چڪو هو. حالتون شديد تڪراري ٻڌيل هيون. ون يونٽ واري دؤر ۾، عالمي بئنڪ جي ٽياڪڙي ۾، هندوستان سان پاڻي مسئلي تي ڳالهيون ٽيندیون رهيون، پر ڪو به ڪڙتيل نه نڪتو تان جو 1958ع ۾، پاڪستان ۾ ايوبي آمريت لاڳو ٿي وئي.[88] جنرل ايوب پاڻيءَ جي مسئلي جي حل لاءِ 'انڊس بيسن ايڊوائيزري بورڊ' (Indus Basin Advisery Board) جوڙي ته ورتو، پر اُن ۾ ڪنهن به سنڌي عملدار کي مقرر نه ڪيائين.[89] بهرحال، فوجي حڪومتي دؤر ۾، جنرل ايوب، عالمي بئنڪ جي عملدارن کي، پاڻي نه ملڻ جي صورت ۾، هندوستان سان جنگ ڪرڻ جون جڏهن ڳالهيون ڪيون، ته عالمي بئنڪ پاڻي مسئلي جي حل واسطي ڪجهه نيون تجويزون پيش ڪيون، جن ۾، هندوستان کي ٽي درياهه ستلج، راوي ۽ بياس وڪرو ڪري ڏيڻ جي به تجويز ڏني وئي.[90] اُن جي عيوض ۾ پاڪستان کي منگلا ڊيم ناهڻ سان گڏ، جهلم درياهه تي روهتاس ڊيم ناهڻ سميت اڪيچار اضافي بئراج ۽ لنڪ ڪئنال ناهڻ لاءِ گهربل رقم ڏيڻ جي آڇ ڪئي وئي. پاڪستان اُن آڇ کي قبول ڪيو.[91] ائين، دراصل، 1960ع ۾، هندوستان ۽ پاڪستان وچ ۾، سنڌ طاس معاهدو ٿي ويو.

ان حوالي سان جنرل ايوب خان لکي ٿو:

"يوجين بليڪ جي آڇ سٽ ڪروڙن جي لڳ پڳ هئي، اُن تي مون پنهنجي فني صلاحڪارن سان صلاح ڪئي. اُنهن سيني جي اُها گڏيل راءِ هئي، ته منگلا وٽ، جهلم درياهه تي بند تعمير ڪرڻ کان سواءِ، اسان کي تربيلا وٽ به بند ٺاهڻ جي ضرورت پوندي، ته جئين اُن ۾ سنڌو درياهه جو فالتو پاڻي جمع ڪري سگهجي."[92]

بهرحال، سنڌ طاس معاهدي جو وڏو نقصان سنڌ کي پوڳٽو پيو جو هڪ ته، اُن معاهدي لاءِ ٽيندڙ ڳالهه ٻولهه ۾ سنڌ کي گهربل نمائندگي ڏيڻ بدران صرف پنجاب کي ڏُر ٻڌائي، پنجاب کي نمائندگي ڏني وئي؛ ۽ ائين، هڪ طرفي نموني سان، معاهدو ڪري، سنڌو درياهه کي پرتي ڪندڙ ٽن درياهن ستلج، راوي ۽ بياس کي سنڌ کان پُڇڻ کان سواءِ وڪرو ڪيو ويو. ته وري ٻي طرف، اُن وڪري جي عيوض ملندڙ سٽ ڪروڙ روپين مان هڪڙو ٽڪو به سنڌ کي نه ٿي ڏنو ويو. ۽ مٿان وري، اُنهن ڏوڪڙن مان تربيلا ۽ منگلا ڊيم اڏي، سنڌ سُڪائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي وئي.[93] اڄ سنڌ ۾، جا پاڻيءَ جي ڪوٽ رهي ٿي، ته اُن جو بُنيادي سبب به اُهي ڊيم آهن، جن ۾ سنڌ جي حصي جو پاڻي گڏ ڪيو وڃي ٿو. سنڌ طاس معاهدي جو ٻيو منفي پاسو اِهو هو، جو اُن معاهدي تحت جيڪي ٽي درياهه راوي، ستلج ۽ بياس، هندوستان کي وڪرو ڪيا ويا، اُنهن جي سموري پاڻيءَ تي هندوستان جي حق کي، ڪنهن به ٻي ڏُر جي حصيداري کان سواءِ، تسليم ته ڪيو ويو. پراُن سان گڏ پاڪستان جي حصي ۾، جيڪي ٽي درياهه سنڌو، جهلم ۽ چناب (جيڪي دراصل هندوستاني علائقي جموں ۽ ڪشمير مان اچن ٿا) آيا، اُنهن جي پاڻيءَ ۾ به، هندوستان جي حصيداريءَ کي قبول ڪيو ويو.[94] اِهو ئي سبب آهي، جو اڄ هندوستان، پنجاب جي ٻن درياهن جهلم ۽ چناب تي بگلهار ڊيم (Baglihar Dam) ۽ ڪشن گنگا هائيڊرو پاور پروجيڪٽ (Kishanganga Hyderopower Project) جهڙا ڊيم اڏڻ جون تياريون ڪري، پاڪستان لاءِ پاڻيءَ جي مُستقل ڪوٽ پيدا ڪرڻ جا بنياد رکي رهيو آهي.[95] ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته جئين اُها ڪوٽ پاڪستان اندر پيدا ٿيندي، ته تئين، پنجاب اُنهيءَ ڪوٽ جي پورت، سنڌ جي حصي جو پاڻي روڪڻ جي صورت ۾ ڪندو. ائين ئي، جئين اُهو گذريل ٻن سؤسالن، يعني، 1859ع ۾ اپرباري دوآب ڪئنال ٺاهڻ کان وٺي، تربيلا ۽ اُن مان وري چشماجهلم لنڪ ڪئنال ۽ تونسا پنجند جهڙا غيرقانوني ڏاڙيل واهه ڪڍڻ تائين، پنهنجي ڪوٽ جي پورت ڪندور رهيو آهي. ائين برابر آهي، ته سنڌ طاس معاهدي ڪانپوءِ به، سنڌ ۽ پنجاب ۾ پيدا ٿيل پاڻيءَ تڪرار جي حل واسطي، ٻيون اڪيچار ڪميٽون ۽ ڪميشنيون جوڙيون ويون، ۽ اُهو تڪرار 1973ع ۾، چشما-جهلم لنڪ ڪئنال ۽

تونسا-پنجندڪنڊال جي اڏاوت سان ايجا بہ وڌيڪ وڌندو رهيو جنهن لاءِ وري اڪيچارڪميٽيون پڻ جوڙيون ويون.[96] پر پنجاب پنهنجي بالادست سياسي ڪردار سببان، هميشه ناانصافي ۽ اُرهہ زورائي واري روش کي برقرار رکيو آهي.[97] اُهو ڪنهن بہ معاهدي، ناهہ يا اصول جي پابندي ڪرڻ بدران پنهنجي من ماني واري سوچ سان، سنڌ جي حصي جي پاڻي تي ڏاڙن مٽان ڏاڙا هڻندو رهيو آهي![98] جڏهن تہ 1991ع ۾ سنڌ-پنجاب پاڻي تڪرار جي حل واسطي جيڪو ناهہ ٽيبل اُن تي سنڌ کي تمام گهٽا تحفظات آهن، پرپنجاب، اُن تي بہ صحيح نموني سان عمل ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. مثال طور: 1991ع واري پاڻي ناهہ مطابق، ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم ۾ 10 ملين ايڪڙ فوٽ (ايم اي ايف) پاڻي ڇڏڻ ضروري آهي، پر پنجاب اُن تي ڪڏهن بہ عمل ناهي ڪيو.[99] ڳچ سالن کان، ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم ۾ گهربل مقدار ۾ پاڻي نہ ڇڏڻ سببان، جو نقصان سنڌ پوڳي رهي آهي، سو ڪنهن کان بہ ڳجهو ناهي رهيو. دراصل، ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم ۾ پاڻي نہ ڇڏڻ سببان، سمنڊ تيزيءَ سان سنڌ جي لاڙ وارن ٻن ضلعن ٺٽو ۽ بدين جي زمين کي پائي رهيو آهي! ماهرن مطابق، هن وقت، ڇاڻايل ٻنهي ضلعن جي ٽوٽل زمين37 لک 68 هزار 78 ايڪڙ مان لڳ ڀڳ 12 لک کان وڌيڪ زمين سمنڊ پائي چڪو آهي![100] اِها صورتحال نهايت ڳڻتي جوڳي آهي، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن سمنڊ ائين ئي وڌندو رهيو تہ سنڌ جا اُهي ٻئي ضلعا، ڪجهہ سالن جي اندر سمنڊ جي حوالي ٿي ويندا. بهرحال، مان پانيان ٿو تہ پاڪستان جي موجوده رياستي نظام ۾، سنڌ-پنجاب پاڻي تڪرار جي حل نہ ٿيڻ جا، ٽلهي ليکي، هيٺيان ٻہ وڏا بنيادي سبب رهيا آهن.

1. پاڪستان ۾، شروع کان ونڊي، وفاقي نظام ۽ وفاقي آئين ناهي رهيو. اسان وٽ، مختلف وقتن تي جيڪي آئين ڏنا ويا، سي سخت مرڪزيت پسند ۽ پنجاب جي بالادستيءَ کي مضبوط ڪندڙ آئين ثابت ٿيا آهن، ۽ اِهو ئي سبب آهي، جو ملڪ ۾، صوبن ۽ قومن جي وچ ۾، اڪيچار معاملن تي، اڪيچارڪٽراڳ هلندا رهن ٿا. سنڌ-پنجاب جي وچ ۾، پاڻيءَ جو ڪٽراڳ بہ دراصل، پاڪستان ۾ وفاقي آئين ۽ جمهوري وفاق جي اڻ هوند جو هڪ منطقي نتيجو آهي.
2. پاڻيءَ جي مسئلي جو ٻيو سبب قدرتي بہ آهي، جو پنجاب، سنڌو درياهہ مٽان اڏيل هڪ مُهڙ واري ڏُر (Upper Riparian) آهي. جڏهن تہ سنڌ اُن جي پُڇڙيءَ (Lower Riparian) تي آهي؛ اِهو ئي سبب آهي، جو سنڌ جي احتجاج ۽ هاءِ گهوڑا ڪرڻ جي باوجود، پنجاب پنهنجي جاگرافيائي بيهڪ ۽ وڏي حد تائين، پنهنجي بالادست رياستي ڪردار سببان، پاڻي معاملي تي، جئين چاهي، تئين ڪندو رهي ٿو.

بهرحال، پنجاب کي مٿاهين ڏُر هجڻ واري مليل قدرتي فائدي جو اِهو مقصد ناهي، ته اُهو پاڻيءَ جي ورهاست واري معاملي ۾ پنهنجي قدرتي جاگرافيائي بيهڪ جو ناجائز فائدو وٺي، پُڇڑيءَ واري ڏُر لاءِ تباهي جو سامان پيدا ڪري. پنجاب کي پنهنجو رويو تبديل ڪرڻ گهرجي. اُن کي اُها ڳالهه سمجهي ڇڏڻ گهرجي، ته پاڻي معاملي تي، غيرجمهوري هلت وارو رويو نه رڳو پنهنجي صوبن سنڌ ۽ پنجاب لاءِ فائدي بخش ناهي، پر خود وفاق لاءِ به نقصان ڪار آهي. اُن ڪري، ضرورت اُن ڳالهه جي آهي، ته عالمي قانون ۽ وفاقيت جي بُنيادي اصولن جي پاسداري ڪندي، سنڌ ۽ پنجاب جي وچ ۾، گڏيل رضامنديءَ سان، هِڪُ اهڙو نئون پاڻيءَ جو مُعاهدو ڪيو وڃي، جنهن ۾ پُڇڑيءَ واري پائيوار جي، ڪنهن به طرح سان، حق تلفي نه ٿئي، ۽ تڪرار جو مُستقل خاتمو اچي.

قدرتي وسيلن جي مالڪيءَ جو سوال

پاڪستان ۾، سنڌ، قدرتي معدنيات ۽ قدرتي وسيلن سان سڀ کان وڌيڪ مالامال آهي. پاڪستان ۾ تيل جي سڀ کان وڌيڪ پيداوار ٿئي ٿي. [101] جڏهن ته، گئس جي پيداوار ۾ به سنڌ وڏا ذخيرا رکندڙ صوبو آهي، ۽ اِهو ئي سبب آهي، جو سِنڌ، بلوچستان سان گڏجي، پاڪستان ۾ گئس جي ڪل مُلڪي پيداوار ۾ 77 سيڪڙو فراهم ڪري ٿي. [102] جڏهن ته سنڌ جو ملڪي گئس جي پيداوار ۾ 68.65 حصو آهي. اِن پسمنظر ۾ ڏٺو وڃي، ته سنڌ ۽ بلوچستان جهڙا صوبا، قدرتي معدنيات ۽ قدرتي وسيلن جي حوالي سان، پاڪستان جي مُعاشي ترقي توڙي سگهه ۾ بُنيادي حيثيت رکن ٿا. البت، پاڪستان ۾ وفاق جي ناليتي، وڏي صوبي پنجاب، ننڍن صوبن، خاص طور تي، سنڌ ۽ بلوچستان سان جيڪي ناانصافيون روان رکيون آهن، ۽ سندن قومي، معاشي ۽ ثقافتي حقن جي جا لتاڙ ۽ جا خلاف ورزي ڪئي آهي، ۽ جهڙي نموني سان، سندن قدرتي وسيلن جي ڦرلٽ ڪئي آهي، اُن جو مثال دنيا اندر ڪنهن به وفاقي جمهوري مُلڪ ۾ ورلي ملندو. جڏهن ته، اُن جي اُبتڙ پاڪستان جي وڏو صوبي پنجاب، جنهن وفاق تي قبضو ڪري ورتو آهي، جو قدرتي وسيلن ۽ معدنيات جي پيداوار ۾ حصو نه هجڻ جي برابر آهي. اِهو ئي سبب آهي، جو اُن کي قدرتي وسيلن لاءِ 'پالهي زمين' (Land Locked) به چيو ويندو آهي، جو هڪ ته اُهو پنهنجي مخصوص جاگرافيائي ۽ زميني بيهڪ سببان، قدرتي وسيلن جي اڻ هوند جو شڪار آهي، [103] ۽ ٻيو ته، وٽس نه بندرگاهه آهي، نه پورٽ آهي، نه قدرت طرفان سمنڊ جي سهولت مليل اٿس.

اُنهن سمورين سهولتن لاءِ اُهو نندين صوبن جو محتاج آهي. البت، وفاق ۽ رياستي ڍانچي ۾ بالادست ڪردار هجڻ سببان، اُهو هرجائز ۽ ناجائز فائدي جو حقدار بڻيو ويٺو آهي، جنهن سببان نہ رڳو وفاق وحداني صورت اختيار ڪري ورتي آهي، پر نندين صوبن سان ناانصافي ۽ ڦرلٽ جي بہ نئين تاريخ رقم ٿي آهي. مثال طور: سنڌ سان تيل، گئس ۽ رويئيو جي معاملي تي، جا ناانصافي واري روش روان رکي وئي آهي، سا مئي 2010ع واري سال ۾، سينيٽ جي هڪ اجلاس ۾، پيٽروليم جي وفاقي وزير نويد قمر جي قدرتي وسيلن جي آمدني جي حوالي سان ظاهر ڪيل انگن اکرن مان بہ پليءَ پٽ سان ظاهر ٿئي ٿي.[104] انگن اکرن مطابق "2004ع واري سال ۾ سنڌ تيل ۽ گئس جي مد ۾ وفاق کي هڪ کرب، 4 ارب 88 ڪروڙ روپين جي آمدني ڏني، پر موٽ ۾ سنڌ کي رائلٽي طور رڳو 14 ارب، 10 ڪروڙ روپيا ڏنا ويا. جڏهن تہ سال 2005ع ۾ سنڌ وفاق کي تيل ۽ گئس جي مد ۾ هڪ کرب، 49 ارب 59 ڪروڙ روپيا ڏنا، پر موٽ ۾ سنڌ کي صرف 17 ارب، 20 ڪروڙ روپيا ڏنا ويا. سال 2006ع ۾ سنڌ وفاق کي ساڳئي مد ۾ هڪ کرب، 62 ارب 45 ڪروڙ 90 لک روپين جي پيداوار ڏني، پر موٽ ۾ سنڌ کي صرف 19 ارب، 94 ڪروڙ روپيا ڏنا ويا. جڏهن تہ سال 2007ع ۾ سنڌ وفاق کي تيل ۽ گئس جي مد ۾ هڪ کرب، 96 ارب 66 ڪروڙ روپين جي آمدني ڏني. موٽ ۾ سنڌ کي صرف 22 ارب، 70 ڪروڙ روپيا ڏنا ويا. سال 2008ع ۾ سنڌ، وفاق کي ساڳئي مد ۾ 2 کرب، 36 ارب 82 ڪروڙ 40 لک روپين جي آمدني ڏني، پر موٽ ۾ سنڌ کي وفاق طرفان، صرف 31 ارب، 89 ڪروڙ روپيا ڏنا ويا. ائين، مجموعي طور تي، سنڌ پنجن سالن دوران تيل ۽ گئس جي مد ۾ وفاق کي 8 کرب، 45 ارب 43 ڪروڙ 50 لک روپين جي آمدني ڏني، پر وفاق سنڌ کي موٽ ۾ پنجن سالن دوران مجموعي طور رڳو هڪ کرب 5 ارب 83 ڪروڙ روپيا ڏنا."[105] دراصل، اِهي انگ اکر اُن ڳالهہ جي ساک پرين ٿا، تہ تيل ۽ گئس جي پيداوار ۾، سڀ کان وڌيڪ آمدني ڏيڻ جي باوجود، سنڌ وڏي معاشي ڦرلٽ کي پوڳي رهي آهي. ٻيو تہ، سنڌ جي معاشي ڦرلٽ ۽ اُن جي قدرتي وسيلن جي پيئنگ، اُن ڪري بہ ٿئي ٿي، جو پاڪستان ۾ نندين صوبن کي پنهنجي قدرتي وسيلن ۽ معدنيا وغيره تي مالڪيءَ جا ڪي بہ اختيار ناهن. "2006ع جي رڪارڊ مطابق، سنڌ جي گئس جي ڪل پيداوار 1000415 ملين ايم ايم سي ايف، پنجاب جي 68608 ملين ايم ايم سي ايف، بلوچستان جي 318180 ملين ايم ايم سي ايف ۽ خيبر پختونخوا جي 26370 ملين ايم ايم سي ايف آهي، جنهن مطابق، سنڌ جو گئس جي ڪُل مُلڪي پيداوار ۾ 70.77 سيڪڙو، پنجاب جو 4.58 سيڪڙو، بلوچستان جو 22.56 سيڪڙو خيبر پختونخوا جو 1.86 سيڪڙو حصو ٿي ٿو. ساڳي طرح، تيل ۾ سنڌ جي ڪُل

پيداوار 13.87 ملين بيرل، پنجاب جي 7.85 ملين بيرل، بلوچستان جي 0.024 ملين بيرل ۽ خيبر پختونخوا جي 2.8 ملين بيرل پيداوار آهي، جنهن مطابق، سنڌ جو تيل جي ڪُل مُلڪي پيداوار ۾ 56.36 سيڪڙو، پنجاب جو 31.91 سيڪڙو، بلوچستان 0.1 سيڪڙو خيبر پختونخوا جو 11.619 سيڪڙو حصو هجي ٿو. جڏهن ته، گئس جي ڪُل مُلڪي ذخيرن 33.11 ٽي سي ايم مان، سنڌ جا 19.33 ٽي سي ايم، تيل جي ڪُل مُلڪي ذخيرن 324.473 ملين بيرل مان، سنڌ جا 127.36 ملين بيرل، ۽ ڪوئلي جي ڪُل مُلڪي ذخيرن 185173 ملين ٽن مان، سنڌ جا 184623 ملين ٽن ذخيرا آهن، پر الميو اِهو آهي، ته مُلڪ جي تيل، گئس ۽ ڪوئلي جي ڪُل مُلڪي پيداوار ۾ سنڌ جو ايڏو وڏو حصو ۽ ايڏا وڏا ذخيرا هجڻ باوجود، سنڌ کي جائز حق ۽ حصو ملڻ ته ڏهيو پر مورڳو اُن کي قدرتي وسيلن ۽ معدنيات جي مالڪي ۽ نڪي ڏني ويڄي، جا هڪ وڏي قومي ناانصافي ۽ ظلم آهي."[106]

چارٽ:3

صوبن جي گئس جي پيداوار(2012ع-2013ع)

صوبو	ڪُل گئس پيداوار (ايم ايم سي ايف)	ڪُل کپت (ايم ايم سي ايف)
سنڌ	1,033,794	576,519
پنجاب	69,220	542,185
خيبرپختونخوا	126,234	65,179
بلوچستان	276,593	84,097

ماخذ: نصير ميمڻ جو ڪتاب،

Oil and Gas Resources and Rights of people سي پي سي ايس، حيدرآباد

چارٽ:4

صوبن جي گئس جي پيداوار(2012ع-2013ع)

صوبو	ڪُل (ايم ايم سي ايف)	حصو
سنڌ	1,033,794	68,65
پنجاب	69,220	4,6

خيبرپختونخوا	126,234	8,38
بلوچستان	276,93	18,37
پاڪستان	1,505,841	100

ماخذ: نصير ميمڻ جو ڪتاب،

Oil and Gas Resources and Rights of people سي پي سي ايس، حيدرآباد

چارٽ:5

صوبن جي گئس جي پيداوار(2012ع-2013ع)

صوبو	ڪُل (ايم ايم سي ايف)	حصو
سنڌ	11.37	40.63
پنجاب	5.26	18.90
بلوچستان	11.24	40.4
پاڪستان	0.2	0.07

ماخذ: نصير ميمڻ جو ڪتاب،

Oil and Gas Resources and Rights of people سي پي سي ايس، حيدرآباد

ارڙهين ترميم دوران، جڏهن وفاق ۽ صوبن جي اختيارن جي نئين ورڇ بنديءَ بابت ڪوششون ڪيون ويون، تہ تڏهن، ائين سمجهيو ويو تہ هاڻ ڪنڪرنٽ لسٽ جي خاتمي کانپوءِ، صوبن کي خودمختياري ملندي، ۽ صوبا پنهنجي قدرتي معدنيات جا پاڻ مالڪ بڻجندا، پر بدقسمتيءَ سان ائين نہ ٿي سگهيو جو ارڙهين آئيني ترميم ۾ بہ، تيل، گئس ۽ ٻي قدرتي معدنيات جي مالڪيءَ جا اختيار سڌي طرح سان صوبن کي ڏيڻ بدران، گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي حوالي ڪيا ويا.[107] برابر گڏيل مُفادن واري ڪائونسل پاڪستان جو هڪ ڇڪو وفاقي ادارو آهي، پر جئين تہ، پاڪستان جي وفاق تي وڏي صوبي پنجاب جو قبضو آهي، اُن ڪري، پاڪستان جي ڪنهن بہ اداري کي، صحيح معنيٰ ۾، جمهوري اصولن موجب هلڻ ئي نہ ڏنو ويڃي. بهرحال، اُنهيءَ ارڙهين ترميم مان صوبن کي ايترو فائدو ضرور مليو جو پهريان (آئيني ترميم کان اڳ) صوبن کي قدرتي معدنيا، تيل ۽ گئس وغيره جي مد ۾، صرف رائلٽي يا گئس ڊولپمينٽ سرچارج ڏنو ويندو هو.[108] ارڙهين ترميم کانپوءِ اُن طريقي ڪار کي ختم ڪري، تيل ۽ گئس جي آمدنيءَ ۾، صوبن ۽

وفاق کي برابر جو حصيدار بڻايو ويو.[109]" اِها ڳالھ ته ڪنھن حد تائين ٺيڪ آھي، ته صوبن جي تيل، گئس ۽ ٻي قدرتي معدنيات وغيره تي، مالڪي جي حوالي سان، ارڙھين ترميم ۾ ڏنل سفارشن کانپوءِ صوبن جي قدرتي معدنيات جي مالڪي ۾، ۽ منافعي ۾، وفاق ۽ صوبن کي برابريءَ جي بنياد تي حصيداري ڏني وئي آھي، چاکاڻ ته، اڳ ۾ صوبن کي رڳو رائلٽي يا گئس ڊولپمينٽ سرچارج ڏنو ويندو ھو، پر سوال آھي، ته جڏھن صوبن جي قدرتي معدنيات تيل، گئس ۽ ڪوئلي وغيره تي سياسي، قومي، اخلاقي ۽ آئيني طرح سان صوبن جو حق آھي، ته پوءِ هروپرو وفاق کي برابريءَ جي بنياد تي حصيداري ڏيڻ جو ڪھڙو آئيني جواز آھي؟ اصولي طور تي، ٽيڻ ائين گھرجي، ته تيل، گئس ۽ ٻي سموري قدرتي معدنيات جي مڪمل مالڪي ۽ مڪمل منافعو سڌو سنئون صوبن کي ڏنو وڃي، ۽ وفاق کي رڳو اُن جي ڊولپمينٽ سرچارج ڏيوڻي ڏيڻ گھرجي. تڏھن ئي، دراصل، نه رڳو وفاق ۽ صوبن ۾، صحيح معنيٰ ۾، انصاف جي تقاضا پوري ٿي سگھندي، پر وفاق ۽ ننڍين صوبن جي وچ ۾ پيدا ٿيل اڪيچار بدگمانيون به ختم ٿي سگھن ٿيون."[110] بھرحال، اِھو به ھتي رکارڊ تي رھي، ته ارڙھين ترميم جي آئيني انتظام ھيٺ قدرتي معدنيات جي مالڪي ۽ آمدني ۾ اُھا صوبن ۽ وفاق جي برابريءَ واري حصيداري به، 12 ناٽيڪل ميل واري علاقائي تائين محدود آھي.[111] جڏھن ته، 12 ناٽيڪل کانپوءِ 200 ناٽيڪل ميل واري علاقائي تائين تيل ۽ گئس جي مالڪيءَ جا اختيار توڙي آمدني، صرف وفاق جي حوالي ھوندي[112] ۽ صوبا، اُن ۾ حصيدار نه ھوندا. اھڙي بندوبست واسطي، ارڙھين ترميم جي سُفارش مطابق، آئين جي آرٽيڪل 172 جي ٻن شقن ۾، ھڪ ٽين شق شامل ڪئي وئي آھي، جنھن جي نتيجي ۾، وفاق جي اھڙي فائدي کي، آئيني طرح سان، ڪير به چئلينج ڪري نه ٿو سگھي![113]

آخري ڳالھ

اِھا حقيقت آھي، ته اڄ پاڪستان ۾، مختلف سياسي، معاشي، قومي ۽ ثقافتي توڙي آئيني معاملن تي، وفاق ۽ ننڍين صوبن جي وچ ۾ اڪيچار تڪرار اُپريل آھن، جنھن جي نتيجي ۾، نه رڳو مُلڪ ۾ قومي تضاد وڌيڪ شدت سان اُپري ظاھر ٿيو آھي، پر وڏي قوم ۽ ننڍين قومن ۾، ھڪ ٻئي خلاف نفرت جا جذبا به پروان چڙھي رھيا آھن، جنھن سببان رياست ۽ اُن جي وفاق لاءِ به بُحران واري صورتحال پيدا ٿيو پئي آھي. اُن ڪري، سوال آھي، ته سياٽي، جيڪڏھن پاڪستان ۾، امڪاني طرح سان، وفاق کي زک پھچي ٿو يا پاڪستان ئي مورڳو نه ٿو رھي، ته پوءِ اھڙيءَ

صورتحال ۾ سڀ کان وڌيڪ نقصان ڪهڙيءَ ڌر جو ٿيندو؟ مان پانيان ٿو تہ اهڙي اِمڪاني صورتحال ۾ وڏو نقصان ننڍين صوبن جو نہ، پر وڏي صوبي پنجاب جو ئي ٿيندو. ننڍين صوبن جو اُن کري گهٽ يا نہ ٿيڻ جي برابر نقصان ٿيندو جو وٽن قدرتي معدنيات جا اڻ-کٽ ذخيرا آهن. (ياد رهي، تہ پنجاب قدرتي طرح سان اهڙي معدنياتي ذخيرن کان محروم آهي) وٽن گئس آهي، تيل آهي، ڪوئلو آهي، بندرگاهہ آهن، پورٽ اٿن، سمنڊ جي سهولت اٿن، جنهن جي وسيلي اُهي ٻي سڄي دنيا جي قومن ۽ مُلڪن سان رابطي ۾ رهي، پنهنجي ترقيءَ ۽ بچاءَ جا سڀ-طرفا بندوبست کري سگهن ٿا. پنهنجي بقاءَ جي جنگ ۾ سوپارا ٻڌجي سگهن ٿا. ائين، اُهي ننڍيون قومون توڙي صوبا، پاڪستان نہ هجڻ جي صورت ۾ بہ، پنهنجي وجود ۽ پنهنجي تشخص کي بچائي، پنهنجو جياپو جاري رکي سگهن ٿا. جڏهن تہ اهم ڳالهہ اِها آهي، تہ پاڪستان ۾ وفاق جي تباهيءَ جو وڏو نقصان صرف وڏي صوبي پنجاب کي پوڳٽو پوندو. ڇو تہ، پنجاب پنهنجي جاگرافيائي ۽ زميني بيهڪ سببان، سنڌ، بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا جي اُبتڙ اڪيچار قدرتي فائدن ۽ سهولتن کان محروم آهي. اُن کري، پاڪستان ۾ وفاق جي تباهي يا مورڳو پاڪستان جي نہ هجڻ جي صورت ۾، پنجاب پنهنجو جياپو يا پنهنجي موجوده بالادست سياسي سگهہ برقرار رکي سگهي، اُهو مُمڪن ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي. ڇاڪاڻ تہ، پنجاب نہ قدرتي معدنيات ۽ وسيلن جي دولت سان مالامال آهي، نہ وٽس بندرگاهہ آهي؛[114] نہ وٽس پورٽ آهي، ۽ نہ قدرت طرفان سمنڊ واري سهولت مليل اٿس. دراصل، پاڪستان آهي، ۽ پاڪستان جو وفاق آهي، تہ پنجاب بہ آهي. پاڪستان ناهي، يا امڪاني طرح سان پاڪستان جو وفاق نہ ٿو رهي، تہ پوءِ سمجهي ڇڏڻ گهرجي، تہ اُن صورت ۾، پنجاب جا ناجائز تہ نمبر ۾ جائز مُفادَ بہ تباهہ ٿي ويندا؛[115] اُن کري، پاڪستان جي وڏي صوبي طور، پنجاب لاءِ اُنهيءَ صورتحال جو گهربل ادراڪ رکڻ نهايت ضروري آهي. ۽ اُهو پاڻ کي تبديل کري، تڏهن هيءُ ملڪ ۽ اُن جي وفاق ۾ شامل قومون توڙي صوبا گڏجي رهي، اڳتي وڌي سگهن ٿا. ۽ اِها ڳالهہ ئي، پاڪستان ۽ اُن جي وفاق جي اصل سگهہ، ۽ استحڪام جي ضمانت ٻڌجندي. پر سوال آهي، تہ ڇا وڏو صوٻو پنجاب ائين ڪرڻ لاءِ تيار آهي؟ ڇا اُهو پاڻ کي تبديل کري سگهندو؟ ڇا اُن تاريخ مان سبق سکيو آهي؟ ڇا پنجاب، پاڪستان ۽ اُن جي وفاق کي بچائڻ لاءِ پنهنجي بالادست ڪردار ۽ قومي قربت واري ڏندي تان هٽ کڻڻ لاءِ تيار آهي؟

***

باب:9

جديد سنڌ جا مسئلا ۽ وفاقيت

سنڌ جي قومي سوال سان لاڳاپيل اهم معاملن، جھڙوڪ: پاڻي، ناڻي، اين ايف سي ايوارڊ، معاشي ڦرلٽ، روزگار ۽ قدرتي وسيلن جي مالڪيءَ واري سوال تي، پاڻ جئين تہ، انهن باب ۾ بحث ڪري آيا آهيون، اُن ڪري، هن نائين باب ۾ صرف جديد سنڌ جي اهم مسئلن جي اُپتار ۽ تجزيو ڪيو ويندو. جو دراصل، اُنهن مسئلن کي مڪمل جامعيت سان سمجھڻ کان سواءِ سنڌ جي قومي سوال کي سمجھڻ ۾ مُمڪن نہ ٿيندو. بهرحال، هن باب ۾ سنڌ جي قومي سوال سان لاڳاپيل ٽن اهم اشوز: (1) سنڌ ۾ نئين صوبي جي مطالبي، (2) آدمشماريءَ جي سوال ۽ (3) سنڌي ٻولي کي قومي ٻوليءَ جو درجو نہ ڏيڻ. ان معاملي تي روشني وجهي، تحقيقي مؤقف پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي، جئين تہ اُنهن ٽنهي معاملن تي، سنڌ اندر ۽ ڪافي بي چيني ڏٺي وڃي ٿي: اُن ڪري، اچو تہ هيڻ اِنهن ٽنهي معاملن جو ۽ تفصيل سان هڪ جائزو وٺون.

سنڌ ۾ نئين صوبي جو مطالبو: سبب ۽ محرڪ

اِها حقيقت آهي، تہ سنڌ ۾ نئين صوبي جو مطالبو هميشه ايم ڪيو ايم ۽ اُن جي ليڊرشپ اُتاريندي رهي آهي. جيتوڻيڪ ايم ڪيو ايم طرفان، وقت بوقت سنڌ اندر نئين صوبي جو مطالبو ٿيندو رهيو آهي، ۽ اُن جا اصل ۽ حقيقي سبب سنڌ کي ورهائي، سنڌ جي قومي وجود کي تباهہ ڪرڻ وارا رهيا آهن، پر اُن مطالبي جا معروضي ۽ حڪمت عملي وارا سبب هميشه مختلف رهيا آهن.[1] هن وقت، مان پاڻيان ٿو تہ ايم ڪيو ايم پاران سنڌ ۾ نئين صوبي جي رينگٽ جا ۽ بُنيادي اندروني ۽ بيروني سبب آهن، جنهن سببان، اُها سنڌ اندر نئين صوبي جي مطالبي ڪرڻ تي مجبور ٿئي ٿي. اُهي اندروني ۽ بيروني سبب ڪهڙا آهن، جنهن سببان ايم ڪيو ايم ۽ اُن جي ليڊرشپ سنڌ جي قومي وجود خلاف علي الاعلان ڳالهيون ڪري ٿي؟ اُنهن کي سمجھڻ لاءِ اچو تہ هيٺين ڳالهين تي غور ڪريون.

دراصل، ايم ڪيو ايم پاران سنڌ ۾ نئين صوبي جي مطالبي ڪرڻ جو اندروني سبب اِهو آهي، جو اُها اندروني طور شديد گهوٽالي جو شڪار آهي. لنڊن ۾ ايم ڪيو ايم جي سربراهه الطاف حسين لاءِ حالتون ڪي قدر تنگ آهن. مُصطفيٰ ڪمال جي ڏار ٽيڻ ۽ پاڪ سرزمين پارٽي ناهڻ بعد ايم ڪيو ايم جي تنظيمي سگهه ۽ ڪردار کي ڪاپاري ڏکُ لڳو آهي. ويجهڙائيءَ ۾ ڪراچيءَ اندر آپريشن ٽيو. آپريشن دوران ايم ڪيو ايم جي ڪيترن ئي ڪارڪنن کي دهشتگردي جي ڪارروائين ۾ گرفتار ڪري، متن ڪيس هلايا ويا. 27 آڪٽوبر 2014ع تي، ٽيل سنڌ اسيمبليءَ جي اجلاس ۾، اُهو واضح طور ٻُڌايو ويو ته گرفتار ٽيل ڪراچيءَ جي سپ ڪان وڌي تارگيٽ ڪلر فاروق دادا جو سياسي تعلق ايم ڪيو ايم سان آهي؛ ۽ اُهو ايم ڪيو ايم طرفان، ڪراچي واٽر بورڊ ۾ پرتي ڪيل ايم ڊيءَ جو ڊرائيور به رهي چڪو آهي.[2] اهڙي صورتحال سببان، ايم ڪيو ايم سياسي ۽ اخلاقي طور تي، جڙ ته، سنڌ ۽ پاڪستان جي سياسي وايو منڊل ۾ اڪيلي ٿي چڪي آهي. سوات، فاٽا ۽ وزيرستان ۾ آيل پختون آبادي جي ڪري، ڪراچيءَ اندر ڏينهون ڏينهن پختون عوامل جي سياسي سگهه ۾ ايندڙ ڊرامائي واڌ، ڪراچيءَ ۾ مُهاجر آبادي جي خلاف تيزي سان وڌندڙ ڊيموگرافي جو عدم توازن، ۽ وڏي اهم ڳالهه ته، ڪراچيءَ ۾ تحريڪ انصاف ۽ عمران خان جي تيزيءَ سان وڌندڙ مقبوليت توڙي 2018ع وارين چونڊن ۾ تحريڪ انصاف جي اميدوارن جو ايم ڪيو ايم جي اثر رسوخ وارن علائقن مان ڪاميابي حاصل ڪرڻ وارا لقاءَ، اُن ڳالهه جي ساک پرين ٿا، ته ڪراچيءَ اندر ايندڙ ڪجهه سالن ۾ ايم ڪيو ايم جي اُها سياسي ساک، قوت ۽ سگهه نه رهندي، جا سندس پهريان هئي. اهڙيءَ صورتحال سببان، خود ايم ڪيو ايم لاءِ پنهنجي سياسي وجود کي بچائڻ وارو خطرو پيدا ٿي پيو آهي؛ اُن ڪري، ڏنو وڃي ته، ايم ڪيو ايم کي پنهنجي وجود لاءِ پيدا ٿيل اهڙي خطري کي ٽارڻ، پاڻ کي اُڏو ڳالهائيندڙ عوام ۾ هيٺين سطح تائين وٺي وڃڻ، پنهنجي ووٽ بئنڪ کي مُستقل طور تي بچائڻ ۽ ڪراچيءَ توڙي اُتي جي آبادي کي مستقل طور تي، سياسي طرح سان، يرغمال بنائي رکڻ لاءِ سنڌ اندر ڏار ۽ نئين صوبي جو مُطالبو ڪرڻو پيو آهي، ۽ مان يانيان ٿو ته اِهو ئي ايم ڪيو ايم طرفان نئين صوبي جي مطالبي ڪرڻ جو اندروني راز آهي.

هونئن ته، سنڌ ۾ نئين صوبي جو مطالبو بظاهر ته ايم ڪيو ايم ۽ اُن جي ليڊرشپ طرفان ٿيندو رهيو آهي، جنهن لاءِ اهڙا اڪيچار من گهڙت، غلط ۽ لساني سوچ تي ٻڌل سبب ٻڌايا ويندا آهن، جيڪي، دراصل، اُنهيءَ مطالبي جا اندروني

سبب ئي هجن ٿا. البت، اُنهيءَ نئين صوبيءَ جو اصل سبب باهرين (بيروني) سطح جو به آهي، يعني، اُن مطالبي جو اصل سبب عالمي بالادست سياسي قوتن جي مُفادن سان به سلهاڙيل آهي، جنهن کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. دراصل، ڪراچي پنهنجي جاگرافيائي-زميني بيهڪ سبب، انتهائي اهم اسٽريٽجڪ اهميت وارو شهر رهيو آهي. هيءَ شهر، بُنيادي طور تي، عربي وڏي سمنڊ جي ڪناري تي اڏيل آهي. عربي سمنڊ وري اڀتي هلي، چيني ڏاکڻي سمنڊ کي پاڻ سان ملايو ڇڏي ٿو. جنهن جي نتيجي ۾، ڪراچيءَ جي چوطرف، چين، هندوستان، سنگاپور، جپان، سريلنڪا، يوتان، ڪوريا، روس ۽ ايران جهڙا مُلڪ اچي وڃن ٿا.[3] آفريڪي ڪنڊ ۽ اُنهن جي اڪيچار مُلڪن جي سامونڊي آمدرفت به سمنڊ جي اُنهن پاسن کان ٿئي ٿي، جتان ڪراچي کين گهٽي حد تائين ويجهو پوي ٿو. خود ڪراچيءَ ۾ به پورٽ سٽي آهن،[4] جن ڪراچيءَ کي سمنڊ ذريعي اڪيچار مُلڪن ۽ اُنهن جي توانائي وارن مفادن سان ڳنڍيو ڇڏيو آهي. هن سڄي خطي ۾ وري چين، فوجي ۽ توانائي جي طاقت جي حوالي سان، هڪ وڏي قوت بڻجندو پيو وڃي. چين، آفريڪا جي اڪيچار ملڪن ۾ سڌي طرح سان سيڙپ ڪري، اُتان پنهنجي توانائي جي ضرورتن جو به پورائو ڪري رهيو آهي.[5] اُهو پورائو، جئين ته، سمنڊ رستي ٿي رهيو آهي، ۽ بلوچستان وارو گوادر پورٽ، چين جي اُن سمنڊ رستي حاصل ٿيندڙ توانائي جي مُفادن کي منطقي مدد (لاجسٽڪ سپورٽ) مهيا ڪري ٿو جيڪا ڳالهه، دراصل، ڪنهن به طرح آمريڪا ۽ اُن جي اتحادي سرمائيدار قوتن لاءِ برداشت جوڳي ناهي. اُن ڪري، *آمريڪا جو اُهو خيال آهي ته هڪ ته، پاڪستان اندر خاص طور بلوچستان ۾، اهڙي صورتحال پيدا ڪجي، جو گوادر مان چين جو اثر رسوخ ختم ٿي وڃي، ۽ ٻيو وري، ڪراچيءَ جو اهڙو بندوبست ڪجي، جو ڪراچي پڻ چين لاءِ ڪو ٻيو گوادر بڻجي نه سگهي.* هاڻ، اُن سڄي صورتحال ۾، جئين ته، آمريڪا جو پاڪستان جي اصل حڪمران اشرافيا، خاص طور تي، فوجي اسٽبلشمنيٽ تان اساما واري معاملي سببان اعتماد کڄي ويو آهي؛[6] اُن ڪري، دراصل، آمريڪا، پاڪستان اندر ڪراچيءَ جي مالڪي لاءِ، ته جئين، هڪ ته، اُهو چين لاءِ ڪنهن به طرح سان ڪاڳر ثابت نه ٿئي، ۽ ٻيو ته، اُتان کان ويهي سمنڊ وارن رستن ذريعي چين جي ناڪابندي ڪري سگهجي، هڪ اهڙي وفادار ڏُر ۽ قوت جي ڳولها ۾ آهي، جا اعتماد جوڳي انداز سان، سندس ڪم ڪرڻ جي قابليت رکندڙ هجي. هن خطي جي اسٽريٽجڪ معاملن تي گهري نظر رکندڙ ڪجهه ماهرن جو خيال آهي، ته اُها 'اعتماد جوڳي' ۽ 'قابليت' سان ڪم ڪرڻ واري ڏُر، ايم ڪيو ايم جي صورت

۾ آمريڪا کي ملي ٻ وئي آهي، جنهن آمريڪا کان اصل تاسڪ ونڊي، ڪراچيءَ کي ڏار ڪرڻ واري ايجنڊا تي عملي طور تي، ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو آهي. مان پاڻيان ٿو ته سنڌ ۾ نئين صوبي ناهڻ جي ڳالهه ڪرڻ پويان، اُهو آمريڪي سامراجي اسٽريٽجڪ مُفادن وارو بيروني سبب ٻ رهيو آهي، جنهن سببان، هتي سنڌ ۾ وقت بوقت اُهو سنڌ دشمن مطالبو ورجايو ويندو رهي ٿو. هاڻ، جئين ته، عالمي ۽ مُلڪي حالتون، ايم ڪيو ايم لاءِ ڏينهون ڏينهن تنگ ۽ سوڙهيون ٿينديون پيون وڃن، اُن ڪري، پاسجي ائين ٿو ته ايم ڪيو ايم موجوده صورتحال ۾ پاڻ ۽ پنهنجي ووٽ بئنڪ کي بچائڻ توڙي پاڻ کي اثرائتي نموني سان، پنهنجن ماڻهن وٽ پيش ڪرڻ خاطر، حڪمت عملي جي حساب سان، سنڌ اندر هڪ دفعو ٻيهر نئين صوبي جي مطالبي کي زور سان کڻندي، جنهن سببان، سنڌ ۾ لساني تڪرار ۾ اُڀار اچڻ جا ٻ امڪان ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

ٻيو ته، سنڌ، يا پاڪستان ۾ ڪنهن ٻ نئين صوبي ناهڻ جي، آئيني طور تي ڪا ٻ گنجائش ناهي. 1973ع جي آئين ۾ اِهو چڱيءَ طرح سان بيان ٿيل آهي، ته پاڪستان اندر يا اُن جي ڪنهن ٻ تاريخي اِڪائي، وحدت يا صوبي ۾ نئين صوبي ناهڻ جو اختيارُ مرڪز/وفاق کي ناهي. وفاق، اُن حوالي سان ڪي ٻ اختيار يا آئيني اٿارٽي نه ٿو رکي. البت، آئين مطابق، صوبن جي جاگرافيائي حدبندين ۾ تبديلي آڻڻ سگهجي ٿي، ۽ اُها تبديلي ٻ، وفاق /مرڪز نه، پر خود اُن صوبي جي اسيمبلي آڻڻ جي مجاز هوندي، ۽ اُها ٻ تڏهن، جڏهن نئين صوبي جو مطالبو ڪندڙ پارٽي، صوبي جي اسيمبليءَ ۾ ٻ ياڳي ٿي جي اڪثريت رکندڙ هجي، ۽ جيئن ته، اسان سيني، عام ۽ خاص کي اُها يليءَ پت خبر آهي، ته مُختلف قوميتن، نسلي ۽ لساني شناختن ۽ ثقافتي اقليتن جي رنگارنگينيت (Pluralism) ۾ ورتل مُلڪن، سماجن ۽ قومن جي چوندڙيل حڪومتن ۾ ڪنهن ٻ چوندڙيل مخصوص سياسي ڏُرطرفان، ٻ ياڳي ٿي جي اڪثريت رکڻ مُمڪن نه ٿي هجي؛ اُن ڪري، ڏنو وڃي، ته صوبائي حڪومتن لاءِ صوبي جي جاگرافيائي حدبندين ۾ تبديلين آڻڻ، وڏي حد تائين، ناممڪن آهي. تنهن ڪري، ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته ايم ڪيو ايم جي لاءِ اِهو مُمڪن ناهي، ته اُها ڪنهن آئيني لوازمات تحت، سنڌ اندر نئين صوبي جو مُطالبو ڪري، جو آئيني لحاظ کا اُهو مطالبو ئي غير آئيني بڻجيو پوي ٿو. البت، جيڪڏهن ايم ڪيو ايم ڏاڍ ۽ غير آئيني هٿڪنڊي ذريعي سنڌ اندر نئين صوبي ناهڻ جي نيت ۽ مقصد رکي ٿي، ته پوءِ اِها وڏي هِنسڪ ڳالهه آهي، جو سنڌي ماڻهو مرڻ مارائڻ کان سواءِ سنڌ جي ورهاڱي تي ڪڏهن ٻ راضي نه ٿي سگهندا.

مون کي اُها ڳالهه به سمجهه ۾ نه ٿي اچي، ته سنڌ ۾ جڏهن ٻيا لساني گروهه ۽ ذيلي قومتيون (Sub-Nations) جهڙوڪ: بروهي، بلوچ، سرائيڪي وغيره سنڌي قوم جو حصو بڻجي، سنڌ ۾ ضم ٿي ويون آهن، ته مُهاجر سنڌي بڻجي، سنڌ جي هڪ ذيلي لساني شناخت طور سنڌي قوم ۾ ضم ٿيڻ کي ترجيح ڇو نه ٿا ڏين؟ ڇا ڪٿي ائين ته ناهي، اُهي پنهنجي 'منفرد' ۽ الڳ 'سُڃاڻپ' کي اوليت ڏيڻ سببان، سنڌ ۾ سنڌي ٿي رهڻ واري سوچ کي ڪا اوليت ئي نه ٿا ڏين؟ گهڻائيءَ (Diversity) کي قبوُليت ۽ مانُ نه ڏيڻ، ۽ اُن ۾ ضم نه ٿيڻ واري ترجيح کان لنوائڻ، نه رڳو وفاقيت جي اصولن جي خلاف آهي، پر اِها ڳالهه غيرجمهوري جوهر رکڻ سببان خود پنهنجي شناخت کي به خطري ۾ وجهڻ برابر آهي. اُن مان جا نسلي برتريءَ تي ٻڌل متعصب سوچ پيدا ٿئي ٿي، سا، اڳي يا پوءِ عليحدگي پسند سوچ ۽ مفادن کي اُپاري ٿي، ۽ وفاق جي وجود لاءِ به هِنسڪُ ثابت ٿئي ٿي. اُن ڪري، ضرورت اُن ڳالهه جي آهي، پاڪستان ۾ وفاق کي ٻئي ڪنهن وڏي ٻُحران کان بچائڻ لاءِ نه صرف ايم ڪيو ايم جي اُنهيءَ مطالبي کي ننديو وڃي، پر اُن سان گڏ اُن جي نسلي تعصب تي ٻڌل جڙتو مُهاجر قومپرستيءَ جي آڏو به بند ٻڌا وڃن.

سنڌ ۽ آدمشماري جو سوال

دنيا جي گهڻ-قومي وفاقي ملڪن ۾ آدمشماري وارو معاملو نهايت اهم هجي ٿو ۽ خاص طور تي، جنهن وفاقي ملڪ ۾ مختلف قومن جي ڊائيورسٽيءَ لاءِ اڪيچار خطرا ڪڙا ٿيل هجن ٿا. جنهن وفاقي ملڪ ۾ قومي تڪرار گر ڪنيون بيٺل هجن ٿا، جنهن وفاقي ملڪ ۾ قومن جي وچ ۾ اڪيچار بدگمانيون هجن، جنهن وفاقي ملڪ ۾ قومن ۽ ثقافتي اقليتن جي وچ ۾ اِتحادُ (Unity) وارو سوال بي حد تڪراري بڻيل هجي، جنهن وفاقي ملڪ ۾ اڪثريت مٿان اقليت تي ناجائز بالادستي رکڻ جو الزام هجي، اُتي آدمشماري وارو معاملو سڀ پڇ هڪ وڏو حساس معاملو هجي ٿو. ائين، پاڪستان به هڪ گهڻ-قومي وفاقي مُلڪ ته آهي، پر جئين ته اُن جو وَفاقُ هڪ حقيقي جمهوري وَفاقُ نه، پر هڪ وحداني وَفاقُ آهي، جنهن تي پنجابي-مُهاجر مُفادن جو قبضو رهيو آهي، اُن ڪري، پاڪستان ۾ به، قومن جي وچ ۾ اڪيچار معاملن تي هميشه تڪرار واري صورتحال رهي آهي، (جنهن جي نتيجي ۾، پاڪستان ۾ نه رڳو جمهوري وفاقيت لاءِ هڪ وڏو خطرو پيدا ٿيندو رهيو آهي، پر خود وفاق لاءِ به هميشه ٻُحران واري صورتحال برقرار رهي آهي) مثال طور: اسان جي مُلڪ ۾ آدمشماري ڪرائڻ جو جيڪو وفاقي ادارو "پاڪستان بيورو آف

استيٽسٽڪس' (گڏپ وارو ڪاتو) آهي، اُن جي اهم عهدن تي، جمهوري اصول تحت، چئني صوبن جي گڏيل نمائندگي هجڻ گهرجي، پر هتي ائين ناهي ڪيو ويو. ۽ 'پاڪستان بيورو آف استيٽسٽڪس' جهڙي وفاقي اداري تي، وڏي صوبي پنجاب جو قبضو رهي ٿو.[7] اداري جي چيف سنسز ڪمشنر آصف باجوه کان وٺي عارف محمود چيما، طارق ملڪ، محمود اختر ۽ حبيب الله تائين، سمورو عملو رٽائرڈ پنجابي ڪامورن تي ٻڌل آهي.[8] حد تہ اُها آهي، جو اُنهيءَ اداري جي گورننگ ڪائونسل جي 5 ميمبرن مان سنڌ جي هڪڙي ميمبر مهتاب ڪريم کي بہ برداشت نہ ڪيو ويو. ۽ ڪيس 2016ع ۾ بنا جواز هٽايو ويو آهي.[9] سوال آهي، تہ جڏهن مُلڪ جي آدمشماري ڪرائيندڙ اهم وفاقي اداري ۾ بہ طاقت جي مرڪزيت جو بدترين مثال قائم ڪيو ويو هجي، ۽ اُن ۾ بہ، صوبن کي جائز نمائندگي کان محروم ڪيو ويو هجي، تہ ڇا اُها صورتحال ننڍين صوبن ۽ قومن لاءِ اطمينان جوڳي رهندي؟ ڇا ڪنهن بہ وفاقي مُلڪ جي وفاقي ادارن يا اُن جي وفاق ۾ ائين ٿيندو آهي، تہ اُن ۾ سمورن صوبن، قومن ۽ اڪائين جي گڏيل نمائندگي هجڻ بدران صرف هڪ مخصوص قوم ۽ اُن جي حڪمران ٽولي جو قبضو هجي؟ دراصل، وفاقيت، سماجي انصاف، سُڻي حڪمراني، آئين جي بالادستي، قومن جي برابريءَ ۽ خودمُختياري واري عالمي آفاقي اصول تي ٻڌل هڪ اهڙو جمهوري حڪومتي نظام آهي، جو طاقت جي ناجائز مرڪزيت کي رد ڪري ٿو ۽ جمهوري عدم مرڪزيت کي رواج ۾ آڻي ٿو.[10] پر بدقسمتيءَ سان، اسان جي مُلڪ، پاڪستان ۾، وفاقيت جي نالي تي، وحدانيت جا تجربا ڪري، مورڳو وفاقيت ۽ فيڊريشن کي ئي مذاق بڻايو ويو آهي، جنهن سببان مُلڪ ۾ اهڙا تہ مسئلا ۽ اهڙا تہ بُحران پيدا ٿيا آهن، جن مُلڪ ۾ شامل قومن جي وچ ۾ شديد بدگمانيءَ واري صورتحال پيدا ڪري ڇڏي آهي. اهڙن اڪيچار مسئلن مان هڪ مسئلو آدمشماري وارو بہ رهيو آهي، جيڪو دراصل، پاڪستان ۾ وفاقيت جي اصول ۽ روح کان انحرافي ڪرڻ سببان، مُلڪ ۾ تمام گهڻو تڪراري رهيو آهي. اِهو ئي سبب آهي، جو جڏهن بہ مُلڪ ۾ آدمشماري وارو مرحلو شروع ٿيندو آهي، تہ مُلڪ جي ننڍين قومن پاران اُن تي اعتراض بہ اُٺاريا ويندا آهن. ٻيو تہ، آدمشماري جي وڏي اهميت هجي ٿي، جنهن کان ڪو بہ ذي شعور ماڻهو انڪار نہ ٿو ڪري سگهي. آدمشماريءَ ذريعي وفاقي ملڪ ۽ اُن جي وفاق ۾ شامل قومن جي آباديءَ جي منصفاڻي ڪٽ ڪري، گهربل انگ اکر حاصل ڪري، اُنهن جي بُنياد تي، ماڻهن جي رياستي سهولتن ۽ فائدن، جهڙوڪ: صحت، تعليم، انفراسٽرڪچر، روڊ، رستا، اسپتالون، معاشي ترقي، غربت، مهانگائي، پسماندي،

روزگار ۾ نوڪرين توڙي ترقياتي منصوبابندي ۾ گهربل حصيداريءَ جو تعين ڪيو ويندو آهي.[11] اُن سڄي ڪم لاءِ ورهي هڪ مخصوص وقت کانپوءِ مُلڪ اندر آدمشماري ڪرائڻ بنهه ضروري هوندو آهي. ياد رهي ته، پاڪستان ۾ آدمشماري هر ڏهين سال ڪرائڻ لازمي آهي. البت، اُها ٻي ڳالهه آهي، ته اُنهيءَ مقرر مدي تي، ڪڏهن به، منصفاڻي طرح سان عمل ناهي ٿي سگهيو. اُهو ئي سبب آهي، جو ملڪ ۾ 70 سالن کان ڪُل پنج ڀيرا آدمشماري ٿي سگهي آهي. جڏهن ته، قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي سيٽن جو تعين به آدمشماري جي بنياد تي گهڻايو ۽ وڌايو ويندو آهي. پاڪستان جي 1973ع واري آئين جي آرٽيڪل 51(3) ۾ اُن حوالي سان واضح طور لکيل آهي، ته مُلڪ جي قومي اسيمبليءَ جون سيٽون آدمشماري سان ڳنڍيل آهن.[12] اهڙيءَ طرح سان، جنهن به وفاقي مُلڪ ۾ جا قوم آباديءَ جي حساب سان گهٽائيءَ ۾ هجي ٿي، ته نه رڳو قومي اسيمبلي جي سيٽن، پر رياستي اختيارن ۾ به اُن جي وڌيڪ حصيداري ٿئي ٿي. اڄ جيڪڏهن پنجاب پاڪستان جي رياست ۽ اُن جي وفاق تي قابض آهي، ۽ سڄي مُلڪ جي اڇي ڪاري جو مالڪ بڻيل آهي، ته اُن جو ٻين گهڻين ڳالهين سان گڏ، هڪ سبب اُهو به آهي، ته پنجاب، پاڪستان ۾ آباديءَ جي لحاظ کان گهٽائي وارو صوُبو آهي. اِهو ئي سبب آهي، جو قومي مالياتي ايوارڊ ۾ به ناڻي جو وڏو حصو پنجاب پاڻ ڏانهن ئي ڇڪي وڃي ٿو ۽ ننڍيون قومون توڙي صوبا صرف دانهون ڪندي رهجيو وڃن ٿا. سنڌ روينيو جي مد ۾، هن مُلڪ ۽ اُن جي وفاق کي، وڏي صوبي پنجاب جي پيٽ ۾ ڪيترائي ارب روپيا وڌيڪ ناڻو فراهم ڪري ٿي، پر اُن جي باوجود، پنجاب رڳو آباديءَ جي لحاظ کان گهٽائي وارو صوُبو هجڻ سببان، اين ايف سي ايوارڊ ۾ ناڻي جو وڏو حصو پاڻ کڻي وڃي ٿو. ۽ روينيو ۾ پاڪستان جي وفاق کي 75 سيڪڙي کان به وڌيڪ (لڳ ڀڳ 24 ارب روپيا) ناڻو ڪمائي ڏيندڙ سنڌ صوبي کي موٽ ۾ ايترو به نه ٿو ڏنو وڃي، جو اُهو پنهنجي سماجي ترقياتي منصوبن توڙي انفراسٽرڪچر جي بنيادي ضرورتن جو پورائو ڪري سگهي. اِها دراصل، اُها صورتحال آهي، جنهن ۾ سنڌ سميت مُلڪ جا سمورا ننڍا صوبا ۽ قومون وڏي عرصي کان اُهو مُطالبو ڪندیون رهن ٿيون، ته مُلڪ ۾ ناڻي جي ورڇ جي بندوبست لاءِ جُڙندڙ اين ايف سي ايوارڊ رڳو آبادي نه، پر روينيو ايراضي ۽ غربت جهڙن اِسِمن (Subjects) جي بُنياد تي جوڙيو وڃي، ۽ اُن ۾ گهٽ-رخي بُنياد تحت، مُلڪي ناڻي جي ورهاست ڪئي وڃي. برابر پ پ حڪومت ۾ ڏنل ستين قومي مالياتي ايوارڊ ۾، آباديءَ سان گڏ نالي ماتر ڪجهه ٻين اِسِمن کي به شامل ڪيو ويو. ۽ اُن بُنياد تان ئي ناڻي جي ورهاست جو بندوبست

ڪيو ويو. پر رڪارڊ جي ڳالهه اُها به آهي، ته اُنهيءَ ستين اين ايف سي ايوارڊ ۾ وري به وڏو صوبو پنجاب، آبادي جي بنياد تي ناٽي جو 80 سيڪڙو پاڻ ئي کڻي ويو. بهرحال، جئين ته پاڻ اُن معاملي تي اڳ ۾ لکي چڪا آهيون ۽ پنهنجو مؤقف پيش ڪري چڪا آهيون، اُن ڪري، هتي اُن جو ٻيهر ذڪر ڪري، ورجاءَ ڪرڻ نه ٿا چاهيون. البت، اهو چئي سگهجي ٿو ته پنجاب هميشه صرف آبادي جي بنياد تي مُلڪي ناٽي جو وڏو حصو پاڻ ڏانهن ئي ڇڪي وڃي ٿو. ۽ اُن لاءِ هِن وري هميشه آدمشماري ۾ انجنيئرڈ نتيجن تي پاڙيو آهي. مثال طور: اُها ڳالهه هاڻ رڪارڊ تي آئي آهي، ته وڏو صوبو پنجاب، هر آدمشماريءَ ۾، پنهنجي آبادي جي 55 سيڪڙي حصي کي برقرار رکيو آهي. جيتوڻيڪ هاڻ پنجاب ۾ شهري مڊل ڪلاس جي سگهاري ٿي اُپرڻ، ۽ اُتي تعليمي شعور اجاگر ٿيڻ سببان، خانداني منصوبابندي جي حوالي سان اثرائتي نموني سان اُپاءَ ورتا وڃن ٿا.[13] ٻيو ته، پنجاب جي ماڻهن ۾، خاص طور تي اُن جي وچولي طبقي ۾، ٻين ملڪن، صوبن ۽ پرڏيهي علائقن ڏانهن وڃڻ ۽ اُتي مستقل طور رهائش اختيار ڪرڻ جو رحجان به نهايت تيز رهيو آهي، جنهن سببان، پنجاب جي آباديءَ ۾ لاڏيتو گهٽتائي ايندي رهي آهي. جڏهن ته، سنڌ ۽ ٻين صوبن جي آباديءَ ۾ لاڏيتو واڌ ۽ اضافو رڪارڊ ٿيندو رهيو آهي. هيٺ ڄاڻايل چارٽ جي انگن اکرن مان اُن جو اندازو پليءَ پت لڳائي سگهجي ٿو.[14]

چارٽ:1

سال	پنجاب جي آدمشماري	سنڌ جي آدمشماري
1951	60.9	17.9
1961	59.3	19.5
1972	57.6	21.7
1981	56.1	22.6
1998	55.7	22.6
2011	46.31	28

ماخذ: نصير ميمڻ جو ڪتاب،

'ڏاري آباد ڪاري ۽ سنڌ جو مستقبل' سنڌ رائيٽرس اينڈ ٿنڪرس فورم، 2014ع

هن چارٽ جي انگن اکرن مان اُهو بلڪل واضح ٿئي ٿو ته پنجاب جي آباديءَ جي انگ ۾ هر ڏهاڪي ڪانپوءِ رڪارڊ گهٽتائي ايندي رهي آهي، پر اُن جي باوجود اچرج جي ڳالهه اُها آهي، ته پنجاب آدمشماريءَ ۾ هر ڀيري پنهنجي آبادي

جي 55 سيڪڙي کي، انجئينرڊ نتيجن ذريعي، جئين جو تئين برقرار رکندو پيو اچي، ۽ اُهو ڪنهن به طرح سان، پنهنجي آبادي۽ ۾ آيل گهٽتائي۽ کي قبول ڪرڻ لاءَ تيار ناهي، ۽ اُهو ئي سبب آهي، جو اُهو اين ايف سي ايوارڊ ۾ به آبادي۽ جي 55 سيڪڙي جي بُنياد تي پنهنجو حصو ڪٽندو رهي ٿو. جا ڳالهه دراصل، ننڍين صوبن ۽ قومن سان هڪ وڏي ناانصافي آهي. بهرحال، جڏهن مُلڪ ۾ مارچ 2017ع ۾ چهين آدمشماري ڪرائڻ جو اعلان ڪيو ويو ته وڏا امڪان اُن ڳالهه جا هئا، ته اُن آدمشماري ۾ به پنجاب صوبو پنهنجي آبادي۽ جي 55 سيڪڙي کي جئين جو تئين برقرار رکندو.[15] ياد رهي ته آگسٽ 2017ع ۾ آدمشماري۽ جا جيڪي نتيجا ظاهر ڪيا ويا، ننڍين صوبن اُنهن تي ڪافي اعتراض اُٺاريا، ۽ خاص طور سنڌ حڪومت طرفان اُن معاملي کي سي سي آءِ جي اجلاس ۾ به اُٺاريو ويو. پر ٿيو اُهو ئي جو هميشه ٿيندو آيو آهي! بهرحال، پنجاب جي صورتحال جي اُبتڙ ننڍين صوبن جي آبادي۽ ۾ واڌ ايندي رهي آهي. مثال طور: مُلڪ ۾ پهرين آدمشماري 1951ع ڪرائي وئي، جنهن ۾ پاڪستان جي ڪُل آبادي 3 ڪروڙ 57 لک 40 هزار 167 مان سنڌ جي ڪُل آبادي 60 لک 47 هزار 748 ڏيکاري وئي. ٻي آدمشماري 1961ع ۾ ڪرائي وئي، جنهن ۾ پاڪستان جي ڪُل آبادي 4 ڪروڙ 28 لک 80 هزار 378 مان سنڌ جي ڪُل آبادي 83 لک 67 هزار 65 رڪارڊ ٿي. ٽين آدمشماري 1972ع ۾ ڪرائي وئي، جنهن ۾ پاڪستان جي ڪُل آبادي 6 ڪروڙ 53 لک 9 هزار 340 ماڻهن تي ٻڌل هئي. جڏهن ته اُن ۾ سنڌ جي آبادي هڪ ڪروڙ 41 لک 55 هزار 909 ماڻهن جي ڏيکاري وئي. 1981ع ۾ ٿيل مُلڪ جي چوٿين آدمشماري ۾ مجموعي طور سنڌ جي ڪُل آبادي هڪ ڪروڙ 90 لک 28 هزار 666 رڪارڊ ٿي.[16] جڏهن ته اُن سڄي عرصي دوران، يعني 1951ع کان وٺي 1981ع تائين، سنڌ ۾ جا ضيائي آمريت خلاف ايم آر ڊي (Movement for Restoration of Democracy) جي تحريڪ هلي، اُن سڄي صورتحال کي، دراصل، تبديل ڪري ڇڏيو. ايم آر ڊي تحريڪ دوران نه رڳو سنڌي ماڻهن ملڪ ۾ جمهوريت جي بحالي لاءِ وڏيون جاني قربانيون ڏنيون، پر بُنيادي طور تي، اُن سڄي صورتحال، سنڌي ماڻهن جي قومي سوچ ۽ قومي شعور ۾ به وڏو اُڀار آڻي ڇڏيو. ائين، هڪ پاسي، سنڌي ماڻهن ۾ قومي حقن جو عوامي سطح تي گهربل شعور پيدا ٿيو ته وري ٻئي پاسي، سندن گڏيل قومي ڪردار ۽ گڏيل قومي سوچ به جڙڻ شروع ٿي. جنهن جو نتيجو اُهو نڪتو جو 1992ع ۾ نواز شريف جي حڪومتي دؤر ۾، ملڪ اندر پنجين آدمشماري ڪرائي وئي، ته اُن ۾ سنڌي ماڻهن جي ڪُل آبادي لڳ ڀڳ چار ڪروڙ ظاهر ٿي. جنهن رياست جي بالادست قوتن کي

چرڪائي ڇڏيو.[17] اُهو ئي سبب آهي، جو رياست تي قابض قوتن، اُنهيءَ 1992ع واري آدمشماري کي، نواز حڪومت ذريعي رد ڪرائي، ٻيهر 1998ع ۾ پنجين آدمشماري ڪرائڻ جو اعلان ڪرايو.[18] اتفاق سان، 1998ع ۾ به نواز شريف جي حڪومت هئي، جنهن ۾ پنجين آدمشماري جو ٻيهر ڪرائڻ جو بندوبست ڪيو ويو. چون ٿا، ته اُنهيءَ ۾ به هرطرح جون جعلسازيون ڪيون ويون. ائين، اُن پنجين آدمشماري ۾ سنڌي ماڻهن جي ڪُل آبادي 4 ڪروڙ بدران 3 ڪروڙ 4 لک 39 هزار 893 ظاهر ڪئي وئي![19] جڏهن ته، رڪارڊ جي ڀالهه اُها به آهي، ته اُنهيءَ انگن اکرن کي به وفاق تي قابض قوتن قبول ڪرڻ کان نٽ نٽاءَ جو مظاهرو ڪيو. ائين ڏُنو وڃي، ته سنڌ اندر آدمشماري ۾ واڌ ايندي رهي آهي، جنهن کي هميشه وڏي صوبي مڃڻ کان انڪار ڪيو آهي. بهرحال، آئين مطابق، مُلڪ جي ڇهين آدمشماري 2008ع ۾ ڪرائڻي هئي، پر اُها مُختلف سببن جي ڪري، 2008ع ۾ نه ڪرائي وئي.[20] جا دراصل، پاڪستان ۾ آئين جي هڪ سنگين پيچڪاڙي هئي. بهرحال، تيرهن سالن جي وقفي کانپوءِ 2011ع ۾ آدمشماري ڪرائي وئي، جنهن ۾ ٻهراڙين جي پنجاهه ڪهرن تي بدل ويڙهن ۽ شهر ۾ ڳهڻ-ماڙ عمارتن ۾ رهندڙ سوين ڪهرن کي صرف هڪ ڳهر جو نمبر الاٽ ڪرڻ ۽ ڏوراهن علاقن ڏانهن ڳهر ڳڇپ جا صحيح انتظام نه ڪرڻ، اڳواڻ ئي مُختلف علاقن ۽ شهرن ۾ من پسند بدستر ڪت آدمشماري آفيسرن ۽ ڊي ڊي اوز وغيره جون بدليون ڪرائڻ (اُن حوالي سان، 2011ع ۾ ٽيندڙ تڪراري آدمشماريءَ دوران اُها ڀالهه رڪارڊ تي آئي، ته حيدرآباد جي لطيف آباد تعلقي جي هڪ سنڌي ڊي ڊي او روينيو اقبال ميراڻي کي بدلي ڪري، اُن جي جاءِ تي اُڙدو ڀالهائيندڙ ڊي ڊي او راشد صديقي کي مقرر ڪيو ويو هو[21]) مان ائين پاسجي رهيو هو ته اُن ۾ ڏرتيءَ ڏٽين کي اقليت ۾ ڏيکاريو ويندو. اِهو ئي سبب هو جو سنڌ جي وطن دوست قومپرست ۽ سُجاڻ ڏرين طرفان اڪيچار اعتراض به اُٿاريا ويا. برابر اُنهيءَ 2011ع واري آدمشماريءَ ۾ سنڌي ماڻهن جي ڪُل ساڍا 4 ڪروڙ آبادي ڏيکارڻ جو ته بندوبست ڪيو ويو هو[22] پر اُنهيءَ ساڍن چئن ڪروڙن ۾ سنڌي ڀالهائڻ وارن جي آبادي 60 سيڪڙو ۽ غيرسنڌي ڀالهائيندڙ جي آبادي 40 سيڪڙو ڏيکارڻ جو منصوبو هو ۽ اُها صورتحال ڏرتيءَ ڏٽين لاءِ وڏي ڇنتا جو ڪارڻ هئي، ڇاڪاڻ ته، اُنهن انگ اکرن مُطابق سنڌين کي پنهنجي ئي ڏرتيءَ تي اقليت ۾ تبديل ٿي وڃڻ لاءِ، صرف 10 سيڪڙي جي فرق سان بچايو ويو هو! اُها امڪاني صورتحال هئي، جنهن سببان 2011ع ۾ ٽيندڙ انهيءَ ڇهين آدمشماري تي، سنڌ جي وطن دوست قوم پرست ڏُرين ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن زبردست

اعتراض اٿاريا.[23] جنهن سببان، اُها آدمشماري، مورڳو تڪراري بڻجي وئي. جڏهن ته اُنهيءَ 2011ع واري آدمشماري ۾ پنجاب جي آباديءَ ۾ رڪارڊ گهٽتائي ظاهر ٿي، جو 1998ع واري آدمشماري ۾ ظاهر ٿيل پنجاب جي آباديءَ جو حصو 55.7 سيڪڙي کان به گهٽجي، 46.31 سيڪڙو تي وڃي بيٺو آهي.[24] جئين ته، اهڙي رڪارڊ گهٽتائي، ڪنهن به طرح سان، پنجاب جي اقتداري بالادستي لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي پئي سگهي، اُن ڪري، 2011ع واري آدمشماري جي گهر-ڳڻپ واري مرحلي کانپوءِ آدم ڳڻپ وارو مرحلو ئي شروع نه ڪرايو ويو![25]

اِها هڪ حقيقت رهي آهي، ته سنڌ جي وڏن شهرن ۾ آباد لساني ڏر هميشه سنڌي ماڻهن سان ٽڪراءَ ۾ رهي آهي. نسلي برتري ۾ مبتلا رهڻ سببان، اُنهيءَ لساني اقليت جو نه رڳو سنڌ ۽ سنڌي عوام خلاف سازشي ڪردار رهيو آهي، پر اُن هميشه سنڌ جي حقِ حاڪميت، سنڌ جي رياستي اختيارن ۽ بين سمورن فائدن ۾ پنهنجي جائز حصي کان به وڌيڪ حصيداري طلب ڪئي آهي.[26] ۽ عملي طور اُن هميشه پنهنجي جائز حصي کان به وڌيڪ حصيداري حاصل ڪري، سنڌي عوام کي ڪمزور ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر ناهي ڇڏي. اُها به هڪ حقيقت آهي، ته سنڌ جي اُن لساني اقليت، سنڌ جي حقِ حاڪميت تي قبضي ڪرڻ ۽ سنڌ جي شهرن تي مُستقل طور پنهنجي بالادستي کي برقرار رکڻ خاطر هميشه پاڻ کي اڪثريت ۾ آڻڻ ۽ ثابت ڪرڻ جا نه رڳو خواب ڏٺا آهن، پر عملي طور اُنهن خوابن جي ساڀيان لاءِ اڪيچار ڳجهون توڙي پڌريون سازشون ڪرڻ ۾ به وسان ناهي گهٽايو.[27](1990ع واري ڏهاڪي ۾ اُنهيءَ لساني اقليت جي دهشتگرد ٽولي خلاف ڪيل رياستي آپريشن ۾ هٿ آيل جناح پور جا نقشا، اُنهن سنڌ دشمنن سازشن جو ڇٻتو ثبوت آهن) اِهو ئي سبب آهي، جو مُلڪ ۾ جڏهن به آدمشماري ٿيندي آهي، ته اُنهيءَ لساني اقليت جي اُها ڪوشش هوندي آهي، ته اُن کي سنڌ ۾ خاص طور سنڌ جي وڏن شهرن ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر وغيره ۾ ڪروڙن جي تعداد ۾ ڏيکاريو وڃي،[28] ته جئين نه رڳو ڪراچي ۽ حيدرآباد جهڙن شهرن ۾ سندس قبضو برقرار رهي سگهي، پر آدمشماري جي بنياد تي بجيٽ ۽ ترقياتي منصوبن جي مد ۾ ملندڙ ڪروڙين رپين کي به ڪراچي ۽ حيدرآباد تائين محدود رکي سگهجي. جيتوڻيڪ اسان اُهو نه ٿا چئون، ته ڪراچي ۽ حيدرآباد کي ڪروڙن رپين جا ترقياتي منصوبا نه ملڻ گهرجن، اُهو سڀ ڪجهه ضرور ٿيڻ گهرجي. ڪراچي ۽ حيدرآباد سنڌ جا به وڏا تاريخي، اهم ۽ مُک شهر آهن، اُهو سندن حق آهي، ته اُنهن شهرن کي هرطرح سان اڳتي آندو وڃي، ۽ سندن هرطرح جي ترقي ٿيڻ گهرجي، جو ڪراچي ۽ حيدرآباد جي ترقي، سنڌي

ماڻهن جي سماجي، سياسي ۽ معاشي ترقيءَ لاءِ به هڪ وڏي وٽ واري حيثيت رکندڙ آهي،[29] پر ڳالهه اُها آهي، ته ڪراچي ۽ حيدرآباد کان سواءِ به سنڌ آهي، جا پسمانده آهي، جا پوئتي پيل آهي، جا غربت جي ورڇڙهيل آهي، جا بدامنيءَ جي باهه ۾ ٻري رهي آهي، ۽ جنهن ۾ رياست پاران هٿ وٺي اُپاريل قبيلائي تڪرارن نه رڳو عام امن پسند ماڻهوءَ جي زندگي زهر بڻائي ڇڏي آهي، پر اُنهن مجموعي طور سڄي سنڌ کي هڪ وڏي 'ڪوس گهر' ۾ به تبديل ڪري ڇڏيو آهي.[30] اُن ڪري، ڪراچي ۽ حيدرآباد سان سلهاڙيل سنڌ جو جيڪو وڏو حصو آهي، اُن کي ۽ اُتي رهندڙ 'مخلوق' کي به سماجي ترقي ۽ ڪاروهنوار ۾ اڳتي اچڻ جي اشد ضرورت آهي. ڪراچيءَ ۾ آباد اُنهيءَ لساني اقليت طرفان اڳ ۾ صرف ڪراچي ۽ حيدرآباد تي قابض ٿيڻ لاءِ سازشون ٿيندیون هيون، پر هاڻ، اُن، پنهنجي حڪمت عملي تبديل ڪري ورتي آهي. هاڻ اُها نه صرف ڪراچيءَ تي، مستقل طور تي، حڪومت ڪرڻ جي ڪوششن ۾ مصروف آهي، پر ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪري، نئين صوبي جو به اعلي الاعلان مطالبو ڪري رهي آهي. اهڙي صورتحال ۾، جڏهن به، ملڪ ۾ آدمشماري ڪرائڻ جا بندوبست ڪيا ويندا آهن، ته تڏهن ڪراچيءَ ۾ آباد اُنهيءَ مُهاجر لساني اقليت طرفان اُها پرپور ڪوشش ڪئي ويندي آهي، ته ڪراچيءَ ۾ سنڌ جي ڪُل آبادي جو اڌ، يعني 50 سيڪڙو حصو ڏيکاريو ويڃي، ته جئين، ڪراچيءَ کي باقي سنڌ کان ڌار ڪرڻ واري مُطالبي کي منطقي جواز فراهم ڪري سگهجي. ٻيو ته، پ پ حڪومتي دؤر ۾ ملتوي ٿيل چهين آدمشماري ۾ ڪراچيءَ اندر ڪُل سنڌ جي آبادیءَ مان 45 سيڪڙو حصو ڏيکاريو ويو هو.[31] هاڻ به، اُن ڳالهه جا وڏا امڪان آهن، ته ملڪ ۾ جڏهن به آدمشماري ٿي، ته اُن ۾، ڪراچيءَ ۾ آبادیءَ جو 45 سيڪڙي کان وڌيڪ حصو ڏيکاريو ويندو. جيڪڏهن ائين ٿيو ته پوءِ سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم جي مهاجر صوبي جي مُطالبي کي وڏي تقويت ملي پوندي، جا ڳالهه سنڌ جي قومي وجود، قومي تشخص ۽ قومي سگهه لاءِ هڪ وڏو ڪاپاري ڏڪ ثابت ٿيندي.

قومي هوليءَ جو سوال، سنڌ ۽ وفاقيت

دراصل، ڪنهن به وفاقي مُلڪ ۾، وفاقي وحدتن ۽ قومن جي مادري هولين کي، قومي هولين جي درجي ڏيڻ يا نه ڏيڻ جو سوال، ثقافتي خودمُختياريءَ سان لاڳاپيل هجي ٿو. اُها قومن جي مُڪمل ثقافتي خودمُختياري، ٻئي ڪنهن رياستي ڍانچي ۾ نه، پر هڪ حقيقي وفاقي حڪومتي نظام ۾ مُمڪن هجي ٿي. جئين ته، پاڪستان ۾ حقيقي وفاقي نظام شروع کان ناهي رهيو. هتي جو رياستي نظام وفاقي يا

جمهوري نہ، پر طاقت جي ناجائز مرڪزيت تي ٻڌل وحداني جمهوريت وارو رهيو آهي، ۽ اُن تي ٻہ هڪ مخصوص قوم جي حڪمران اشرافيا جو قبضو آهي، اُن ڪري مُلڪ جي وفاق ۾ شامل قومن جي خودمُختياري ۽ وٽس يرغمال ٻڌيل رهي ٿي، جنهن سببان نہ رڳو مُلڪ ۾ آباد قومن جي وچ ۾ اڪيچار معاملن تي اڪيچار تڪرار پيدا ٿيندا رهيا آهن، پر خود وفاق ۽ رياست لاءِ ٻہ وقت بوقت عدم استحڪام واري صورتحال پيدا ٿيندي رهي آهي. مان پانيان ٿو تہ اڄ جيڪي سنڌ کي پاڻي، ناڻي، زورگار، اين ايف سي ايوارڊ ۽ وسيلن جي ورڇ جي حوالي سان پنجاب بابت بُنيادي تحفظات آهن، يا جا ٻنهي قومن جي وچ ۾ تڪراري صورتحال آهي، سا ٻہ مُلڪ ۾ حقيقي وفاقي نظام جي اڻ هوند سببان پيدا ٿي آهي.

ڏٺو وڃي تہ پاڪستان ۾ وفاقي وحدتن يا قومن جي وچ ۾ جيڪو پهريون شروعاتي قومي تڪرار پيدا ٿيو اُهو ٻوليءَ جي سوال تي هو. اُهو سوال، پاڪستان جمڙي گهڙ-قومي وفاقي ملڪ ۾ وفاقيت جي اصول کي نظرانداز ڪري، صرف هڪ مخصوص(اُڙدو) ٻوليءَ کي سرڪاري ٻوليءَ جي درجي ڏيڻ واري مرڪزيت پسند پاليسي اختيار ڪرڻ سببان پيدا ٿيو.[32] جيتوڻيڪ پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ ترت اُهو واضح ڪيو ويو تہ مُلڪ جي صرف هڪڙي ٻولي هوندي، ۽ اُها اُڙدو هوندي، پر ڏٺو وڃي تہ، پاڪستان ۾ صرف هڪ مخصوص ٻوليءَ کي قومي يا سرڪاري ٻولي ٻڌائڻ غلط هو. ڇاڪاڻ تہ، ڪنهن ٻہ گهڻ-قومي وفاقي مُلڪ ۾ صرف هڪڙي مخصوص ٻوليءَ کي سرڪاري يا قومي ٻوليءَ ٻڌجڻ جو ڪو ٻہ استحقاق حاصل نہ ٿو هجي، اُهو استحقاق صرف هڪڙي ٻوليءَ جو نہ، پر وفاق ۾ شامل مڙني ٻولين جو هجي ٿو. دراصل، سيني قومن ۽ سندن ٻولين کي جائز مقام ڏيڻ سان وفاق هلي سگهي ٿو. ٻي صورت ۾ بُحران اُن جو مُقدر ٻڌيل هجي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ نہ رڳو هڪ وفاقي معاشري ۾ 'گهڻائيءَ ۾ هيڪڙائي' وارو مقصد تباهہ ٿي وڃي ٿو پر مورڳو وفاق جو وجود ٻہ خطري هيٺ اچي وڃي ٿو. اُن ڪري، ڪنهن ٻہ وفاقي توڙي گهڻ-قومي مُلڪ جي وفاق ۾ شامل قوميتن جي تاريخي ٻولين کي نظرانداز ڪري، صرف هڪڙي مخصوص ٻوليءَ کي قومي يا سرڪاري ٻوليءَ جو درجو ڏيڻ نہ رڳو غلط هجي ٿو، پر بنيادي طور تي، وفاقيت جي اصولن جي ٻہ اُبتڙ هجي ٿو. ۽ اُهو سڀ ڪجهہ وفاقي وحدتن ۾ نفاق پيدا ڪرڻ جو ٻہ ڪارڻ ٻڌجي ٿو. اُن ڪري، پاڪستان جمڙي هڪ گهڻ-قومي وفاقي ملڪ ۾ وفاقي وحدتن ۽ قومن جي ٻولين کي نظرانداز ڪري، صرف هڪ مخصوص لساني اقليت جي ٻوليءَ کي مُلڪ جي سرڪاري ۽ قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيڻ، ملڪ جي وفاقي وحدتن ۽ تاريخي قوميتن

جي تاريخي ٻولين (Indegenious Languages) سان هڪ وڏو مذاق هو. اِهو ئي سبب هو جو پاڪستان ۾ جڏهن رياست پاران 1948ع ۾ صرف هڪڙي اُڙدو ٻوليءَ کي مُلڪ جي سرڪاري ۽ قومي ٻولي بڻائڻ جا اعلان ڪيا ويا، تہ اُن جي خلاف پرپور رد عمل ظاهر ٿيو ۽ اُنهيءَ رد عمل جي شروعات بنگال جي وطن دوست قومي قيادت ۽ عوام جي طرفان ٿي.[33]

اسان وٽ، تاريخ کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جو رحجان نهايت ڪمزور رهيو آهي، ۽ اِهو ئي سبب آهي، جو اسان تاريخ ۽ سياست سان لاڳاپيل اڪيچار معاملن بابت اڪيچار مفروضن جو به شڪار رهون ٿا. اهڙن مفروضن هڪ مفروضو اِهو به آهي، تہ پاڪستان ۾ جناح اُڙدوءَ کي قومي ٻولي بڻايو. اِها ڳالهہ بلڪل غلط آهي. پاڪستان جي سياسي تاريخ ٻڌائي ٿي، تہ اُهو جناح نہ، پر وزيراعظم لياقت علي خان هو، جنهن جناح کان اڳ، آئين ساز اسيمبليءَ ۾ علي الاعلان اُڙدوءَ کي قومي ٻولي بڻائڻ جي ڳالهہ ڪئي هئي؛[34] ۽ چيو هئائين: "پاڪستان ننڍي کنڊ جي لکين مسلمانن جي مطالبي سببان وجود ۾ آيو آهي، ۽ اُنهن لکين مسلمانن جي ٻولي اُڙدو آهي؛ اُن کي اِهو ضروري آهي، تہ قوم جي لاءِ هڪ ٻولي هجڻ گهرجي، ۽ اُهارڪو اُڙدو ٿي سگهي ٿي؛ بي ڪا به نہ."[35] وزيراعظم لياقت علي خان جي اُڙدو ٻوليءَ بابت ڪيل اهڙي اعلان ڪانپوءِ، برابر جناح به ڏاڪا ويجي، اُڙدوءَ جي حمايت ۾ اعلان ڪيا، پر اُنهن اعلانن کي ڪا به عوامي قبوليت ملي نہ سگهي.[36] ٻوليءَ جي سوال تي، بنگالي عوام جو احتجاج ايترو تہ زبردست هو جو خود جناح پاڻ ٻولي واري مسئلي تي محتاط ٿي ويو ۽ اُڙدوءَ ٻوليءَ جي حمايت ۾ ٻيو ڪو به بيان جاري نہ ٿي ڪيائين.[37] جيتوڻيڪ جناح مارچ، جڏهن اُڙدوءَ ٻوليءَ جي نفاذ بابت اعلان ٿيا، ڪانپوءِ به ڪجھ مهينا جئيرو رهيو، پر بنگالي عوام جي احتجاج بعد، هُن ڪڏهن به ٻيهر اُڙدوءَ کي رياستي ٻولي بڻائڻ واري اعلان جو ورجاءُ نہ ڪيو ۽ نہ اُن جي حمايت ۾ ڪو ٻيو بيان جاري ڪيائين. اُن مان اُهو ظاهر ٿئي ٿو تہ جناح جو ٻوليءَ واري سوال تي تمام گهڻو محتاط رويو هو. دراصل، اُن سڄي معاملي تي، انتهاپسنديءَ وارو رويو رياست تي قابض پنجابي-مُهاجر مُفادن جو هو، جنهن جي نمائندگي وزيراعظم لياقت علي خان ڪئي ٿي، ۽ اِهو ئي سبب هو، جو هُن سڀ کان پهريان مُلڪ جي آئين ساز اسيمبليءَ ۾ لکيو ڪلايو اُڙدوءَ کي قومي ٻولي بڻائڻ جو اعلان ڪري ٿي ڇڏيو. اُن ڪري، منهنجو خيال آهي، تہ اُن سڄي معاملي کي سنجيدگيءَ سان به سمجهڻ جي ضرورت آهي. جناح فوبيا ۾ وڃجي، جناح بابت غلط ڳالهيون ڪرڻ

نہ صرف جناح جي سياسي ڪردار سان وڏي ناانصافي آهي، پر خود تاريخ ۽ اُن جي رڪارڊ سان بہ هڪ وڏو مذاق آهي.

بهرحال، وزيراعظم لياقت علي خان جون اهي اُڙڏوءَ کي قومي ٻولي بڻائي، مُلڪ ۾ قوميتي ڊائيورسٽيءَ کي ڊهائڻ واريون غيرجمهوري ڪوششون هيون،[38] جنهن سببان سڄو بنگال ٻري اُٿيو. اُتي بنگالي ٻوليءَ کي قومي ٻولي بڻائڻ جي جدوجهد شروع ٿي.[39] بنگال جي قومي قيادت طرفان اُهو مؤقف ظاهر ٿيو تہ مُلڪ ۾ اُڙڏوءَ سان گڏ بنگالي ٻوليءَ کي بہ قومي ۽ رياست جي ٻوليءَ وارو درجو ڏنو وڃي.[40] اصل قوتن، جڏهن بنگالين جي اُن مطالبي کي بہ قبول نہ ڪيو ۽ اُٽلندو آئيني ڪميٽيءَ جي معرفت 1952ع واري عبوري رپورٽ ۾ بہ اُڙڏوءَ کي مُلڪ جي واحد قومي ٻوليءَ طور نافذ ڪرڻ جي سفارش ڪئي، تہ بنگالين اُن صورتحال کي پنهنجي قومي وجود لاءِ وڏو خطرو سمجهيو ۽ بنگالي ٻوليءَ کي سرڪاري ۽ قومي ٻولي بڻائڻ جي جدوجهد تيز ڪري ڇڏيائون. اُن حوالي سان، بنگالي شاگرد اڳيان آيا، ۽ سڄي صوبي ۾ ٻولي جي سوال تي سخت اجتحاج ڪيائون. اُن کانپوءِ صورتحال ايتري تہ تڪراري ۽ ڇڪتاڻ واري ٿي وئي، جو آئين ساز اسيمبليءَ ۾، بنگالي اڳواڻن کان، بنگالي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ جو بہ حق کسيو ويو. هوڏانهن اُن سڄي عرصي دوران بنگال جي شهيد حسين سهرورديءَ ۽ مولانا ڀاشانيءَ، مسلم ليگ جي مُخالفت ۾، عوامي ليگ جوڙي ورتي، ۽ اُن جو اڳواڻ گڏيل طور شيخ مُجيب الرحمان کي بڻايائون.[41] عوامي ليگ جي اڳواڻن بنگال ۾ ٻوليءَ واري سوال تي ڀرپور ۽ گهڻ-طرفي جدوجهد شروع ڪئي، ۽ سڄي صوبي ۾ بنگالي ٻوليءَ کي سرڪاري ۽ قومي ٻولي بڻائڻ جي لاءِ مُهم هلايائون.[42] نيٺ، 1954ع تي، سڄي مُلڪ ۾ چونڊون ٿيون. چونڊن ۾، مسلم ليگ کي، اُوپرپاڪستان (بنگال) ۾، سخت مُخالفت جو مُنهن ڏسڻو پيو. عوامي ليگ وڏي اڪثريت سان چونڊون کٽي آئي. ائين، عوامي ليگ، اوپر پاڪستان جي صوبائي اسيمبلي مان بنگالي ٻوليءَ کي قومي ٻولي بڻائڻ جي حق ۾ قرارداد منظور ڪرائي. وفاقي سرڪار اُن کي قبول نہ ڪيو. بنگالين، اُن کي عوامي مينڈيٽ جي توهين قرار ڏنو ۽ احتجاج شروع ڪري ڏنائون. بُحران جو گهڙيال ٻيهر ٽِڪ ٽِڪ ڪرڻ لڳو ۽ اُهو بُحرانُ وري تڏهن وقتي طور تي مانو ٿيو. جڏهن 1956ع ۾ پاڪستان جي آئين ساز اسيمبليءَ اُڙڏوءَ سان گڏ بنگالي ٻوليءَ کي بہ سرڪاري ٻولي طور قبول ڪري ورتو.[43] بهرحال، بنگالين جي سخت احتجاج، جدوجهد ۽ قربانين جي بدولت 1956ع ۾ بنگالي ٻوليءَ کي سرڪاري ۽ قومي ٻوليءَ جو درجو تہ ڏنو ويو پر بعد ۾ وري ون يونٽ ذريعي، بنگالي قوم سان گڏ سنڌي، بلوچي،

سرائيڪي ۽ پنجاب قومن جي خودمختياريءَ کي ختم ڪيو ويو جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو بنگالين وري پنهنجي حقن لاءِ جدوجهد شروع ڪري ڏني.[44] جنرل ايوب خان ۽ جنرل يحيٰ خان جي گڏيل طور ڏهن ڀارهن سالن جي آمريتي حڪومتي عرصي دوران بنگالين جي اُها تحريڪ جاري رهي ۽ اُها ٻولي ۽ واري سوال کان شروع ٿي، سياسي، قومي، معاشي، ثقافتي حقن ۽ آزاديءَ جي جدوجهد ۾ تبديل ٿي وئي، تان جو اُن سڄي جدوجهد جي منطقي نتيجي طور ڊسمبر 1971ع ۾ بنگال، پاڪستان کان ڌار ٿي، الڳ ملڪ بنگلاديش بڻجي ويو.[45] اِهو دراصل، پاڪستان ۾ جمهوري وفاقيت کان انڪار ۽ وحدانيت جي اصول تي ٻڌل اختيارن جي ناجائز مرڪزيت واري نظام جي بدترين تجربي جو پاڪستاني وفاق کي پهريون وڏو ڏڪ هو جنهن سبب مُلڪ ٻن ٽڪرن ۾ ورهائجي ويو.

دراصل، پاڪستان ۾ ون يونٽ، بنگالين جي قومي شعور خلاف ۽ اُن جي اُپار سان مقابلو ڪرڻ لاءِ، جوابي حڪمت عملي طور مُڙهيو ويو هو جنهن تحت، اوپر پاڪستان (بنگال) جي عددي اڪثريت آڏو بند ٻڌي، اولهه پاڪستان وارن صوبن، سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد (هاڻو خيبر پختونخوا) جي قومي سُڃاڻپ کي ختم ڪري، کين نام نهاد اولهه پاڪستان جي هڪ صوبي ۾ تبديل ڪري، اُن جو پنجاب کي مهندار بڻايو ويو جنهن جو بُنيادي مقصد ئي بنگالين جي ٻوليءَ جي سوال تي شروع ڪيل قومي تحريڪ ۽ اُن جي مزاحمتي سگهه آڏو ناجائز رياستي طاقت جي بُنياد تي بند ٻڌي، اُن کي سوڙهو ڪرڻ هو. بهرحال، بنگالين ته پنهنجي پرپور عوامي مزاحمتي تحريڪ ذريعي اُن مان جان ڇڏائي ورتي، جو اُهي، 1971ع ۾ پنهنجي ڌار حيثيت ماڻي ويهي رهيا، پر اولهه پاڪستان ۾ ون يونٽ ننڍين قومن سنڌين، بلوچن، سرائيڪين ۽ پنجاٽن لاءِ ڏکڻي وقت تائين ڳڇيءَ جو ڳارو بڻيل رهيو.

سنڌ ۾، ون يونٽ جو عملي نفاذ، سيپٽمبر 1955ع ڌاري، سنڌ جي تنهن وقت جي وڏي وزيرمحمد ايوب کهڙي جي بل تي صحيح ڪرڻ کانپوءِ ٿيو. جنهن ڪري ڪيس 'غدارسنڌ' ۾ سڏيو ويندو آهي. ڏٺو وڃي، ته ايوب کهڙو سنڌ جي بمبئيءَ کان عليحدگي واري قومي تحريڪ جو هڪ وڏو اڳواڻ هو. دراصل، هُن جي محنت، هُن جي پورهئي ۽ هُن جي سرگرم ڪردار ادا ڪرڻ سببان، سنڌ، 1935ع واري گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ تحت بمبئي کان ڌار ٿي، خودمُختيار صوبي وارو درجو حاصل ڪيو هو[46] پر اُنهيءَ ڳالهه جي قطع نظر، اِها ۾ حقيقت آهي، ته جناب محمد ايوب کهڙي پاڪستان ٺهڻ بعد ون يونٽ واري بل جي حمايت ڪري، پنهنجي سڄي قومي ڪردار کي داغدار بڻائي ڇڏيو. اُهو ئي سبب

آهي. جو هاڻ ڪيس سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ ڇڪن لفظن سان ياد نه ٿو ڪيو وڃي. بهرحال، ون يونٽ جي قيام سنڌ کي سياسي، معاشي، قومي توڙي ثقافتي لحاظ کان وڏو نقصان پهچايو. سنڌ جي ڌار صوبي واري حيثيت ختم ڪري، سنڌ جي قومي وجود، سُڃاڻپ ۽ تشخص کي ميسارڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي وئي؛ صورتحال اُها هئي، جو شيخ ايياز چواڻي: "سنڌ جو نانءُ ورتو. جڳ ڪاريهر تي پير پيو."[47] ائين، سنڌ جي نالي ونڊ کي به ڪبيره گناهه قرار ڏنو ويو. سنڌ لاءِ 'سابق سنڌ' جهڙا لفظ استعمال ڪيا ويا. اِن سڄي عرصي دوران سنڌين لاءِ روزگار جا دروازا بند ڪري، ڌارين کي نوڪريون ڏنيون ويون؛ پنجابي ۽ مُهاجر مُفادن کي منظم ڪيو ويو ۽ کين هرطرح سان اڳتي آندو ويو. ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جهڙن شهرن ۾ منظم رٿابندي سان ڌارين آبادڪاري ڪرائي، سنڌين کي، پنهنجي ڌرتي، پنهنجي زمين، ۽ پنهنجي وطن ۾ اقليت ۾ آڻڻ جو سازشون ڪيون ويون؛ سنڌين جي نوڪرين، ڪاروبارن، شهرن ۽ واپار تي قبضا ڪرايا ويا. ائين، ون يونٽ جي سڄي عرصي دوران، جتي، سنڌ جون زمينون ڦِڪڙن مُٺِ عيوض رٿائرڈ فوجي جنرلن جي حوالي ڪري، سنڌ جي معاشي طور تي پينگ ۽ تباهي ڪئي وئي، اُتي وري، سنڌ جي هولي ۽ ادب خلاف به ڪات ڪهاڙا ڪنيا ويا. اُنهيءَ دؤر ۾، سوين سنڌي ڪتابن، اخبارن ۽ رسالن تي بندش وڌي وئي! سنڌي هوليءَ کي ختم ڪرڻ جو مڪمل بندوبست ڪيو ويو. هڪ اندازي مُطابق، اُنهي عرصي دوران رڳو ڪراچيءَ مان 1300 پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪولن کي بند ڪيو ويو.[48] جڏهن ته، 1956ع جي آئين مطابق سنڌ ۾ سنڌي شاگردن لاءِ، اُڙدو ۽ اُڙدو شاگردن لاءِ سنڌي هوليءَ کي لازمي قرار ڏنو ويو. پر اُن تي، قانوني طور تي، عمل ڪرڻ بدران رڳو سنڌي شاگردن لاءِ اُڙدوءَ کي لازمي بڻايو ويو. جا دراصل وڏي ناانصافي هئي، جنهن خلاف سنڌ جي اديبن، شاعرن، سياسي ڪارڪنن ۽ دانشورن سخت احتجاج ڪيو. ته کين جيل موڪليو ويو. اُن ڏس ۾، جي ايم سيد، حيدربخش جتوئي، رسول بخش پليجي، شيخ ايياز، فيض محمد، محمد ابراهيم جويي، سوبو گيانچنداڻي، عثمان ڏيپلائي، ابن حيات پنهور، رشيد پٽي، يوسف لغاري، مسعود لغاري ۽ ٻين جا نالا ڳڻائي سگهجن ٿا، جن سنڌ جي قومي حقن واسطي ادبي، سياسي ۽ فڪري محاذ تي وڏو ڪردار ادا ڪيو.[49]

اُنهيءَ سڄي عرصي دوران ون يونٽ ٽوڙيو تحريڪ، نيلام بند ڪريو تحريڪ، ووٽرلسٽون سنڌيءَ ۾ ڇپايو تحريڪ، صحافين جي تحريڪ ۽ 4 مارچ واري سنڌي شاگردن جي تحريڪ، دراصل، مُلڪ ۾ قائم پنجابي-مُهاجر آپيشاهي خلاف شديد

مزاحمت ۽ ڪاوڙ جو هڪ اظهار هو.[50] اِن سڄي مزاحمت ۽ ڪاوڙ جو ئي اِهو نتيجو هو جو 1972ع ۾ سنڌي ٻولي کي سرڪاري ٻولي جو درجو ڏيارڻ واسطي سنڌ اسيمبلي مان ٻوليءَ جو بل پاس ڪرايو ويو. بل تہ پاس ڪرايو ويو پر اُن تي اُڙدو ميڊيا جھڑي نموني "اُردو کا جنازہ ہے ذرا دام دوم سے نکلے" جھڑيون متعصب ۽ لساني جھيڙن کي هوا ڏيندڙ ڳالهيون ڪري سنڌي ٻولي خلاف ڏاڍاءَ واري صورتحال پيدا ڪرائي. اُن جي ئي نتيجي ۾ سنڌ اندر ٻوليءَ جا فساد ٿيا. سنڌالاجي کي باهہ کي ڏني وئي.[51] سوين سنڌي ڪتاب ساڙي رک ڪيا ويا. اڪيچار سنڌي ماڻهن کي ماريو ويو. ياد رهي تہ تنهن وقت پاڪستان جي آئين ۾ اڳواڻ ئي اُڙدوءَ ٻولي کي سرڪاري ۽ قومي ٻولي جو درجو مليل هو ۽ هاڻ بہ اُهو ساڳيو درجو بحال اٿس. پر اُن جي باوجود. رياست تي قابض پنجابي-مُهاجر بالادست قوتن سنڌي ٻوليءَ واري بل تي نفرت واري رويي جو اظهار ڪيو ۽ سنڌي ٻوليءَ کي هرطرح سان پوئتي ڌڪڻ ۽ ميسارڻ ۾ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏي. ٻوليءَ وارن فسادن کي روڪڻ لاءِ صوبائي حڪومت پاران سنڌ کي ٻن ٻولين (Bilingual) يعني اُڙدوءَ ۽ سنڌي ٻوليءَ وارو صوبو تہ قرار ڏنو ويو. پر سنڌي ٻولي جي حوالي سان. عملي طور تي. ڪا بہ پيش رفت نہ ٿي. ۽ سنڌي ٻوليءَ کي هيلتائين سرڪاري ۽ قومي ٻولي واري حيثيت ناهي ڏني وئي. صورتحال اِهڙي آهي. جو اڄ بہ ريلوي استيشن ۽ هاءِ ويز تي سنڌيءَ ۾ نالا لکيا نہ ٿا وڃن. سرڪاري آفيسن توڙي مختلف ڪاتن جي لکپڙهہ ۾ سنڌيءَ کي گهربل اهميت نہ ٿي ڏني وڃي. نہ رڳو ايترو. پر سنڌجي وڏن شهرن ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد مان سنڌي ٻوليءَ کي جڙ تہ نيڪالي ڏني وئي آهي.[52] اُتي جي خانگي اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي پڙهائي نہ ٿي وڃي. سنڌي ميڊيم اسڪولن کي بند ڪيو پيو وڃي. ۽ ائين. سنڌي ٻولي بدستور اڪيچار خطرن ۾ وڪوڙيل آهي. اڄ صورتحال اِهاآهي. جو سنڌ جي سُڄاڻ ڌرين. سنڌي ادبي سنگت. سياسي ڪارڪنن توڙي سول سوسائٽي جي نمائندن پاران. سنڌي ٻوليءَ کي قومي ۽ سرڪاري ٻوليءَ جي درجي ڏيارڻ لاءِ جدوجهد ڪئي پئي وڃي. پر اُن کي رياست پاران گهربل مانُ نہ ٿو ڏنو وڃي. اِهو ئي سبب آهي. جو ڇڇ سال اڳ. ماروي ميمڻ قومي اسيمبليءَ جي انصاف ۽ قانون واري ڪميٽيءَ جي اڳيان. مُلڪ ۾ شامل ننڍين قومن جي مادرين ٻولين (Indigenous Languages) کي قومي ۽ سرڪاري درجي ڏيڻ جي حوالي سان بل پيش ڪيو. تہ اُن کي هڪدم رد ڪيو ويو[53] ۽ چيو ويو تہ ائين ڪرڻ سان پاڪستان ۾ وفاق ڪمزور ٿيندو. دراصل. اهڙي سوچ وفاقيت جي گهربل شعور جي کوٽ ۽ ڪج فهميءَ ڏانهن اشارو ڪري ٿي.[54]

چاڪاڻ تہ سنڌريل دنيا جي وفاقي ملڪن جي تجربي اِهو ثابت ڪيو آهي تہ ڪنهن بہ وفاقي مُلڪ ۾ قومن کي خودمختياري ڏيڻ سان وفاق ڪمزور نہ ٿو پر مضبوط ۽ سگهارو ٿيندو آهي. اصل ۾ وفاق ۾ شامل قوميتن جي ڀائيورسٽيءَ کي گهربل مانُ، قبوليت ۽ آزادي ڏيڻ سان گڏيل پائيچاري ۽ اتحاد وارو ماحول جڙندو آهي، جيڪو قومن ۾ ٺهليل بدگمانيءَ کي ختم ڪرڻ ۾ وڏي مدد فراهم ڪندو آهي. قومي بدگمانيءَ جي خاتمي سان قومي اتحاد پيدا ٿيندو آهي، ۽ اُهو قومي اتحاد ئي، دراصل، وفاق کي سگهارو ڪندو آهي. بدقسمتيءَ سان، جئين تہ اسان وٽ گنگا ئي اُبتي وهي ٿي؛ هتي قومن جي ڀائيورسٽيءَ جو ڪو احترام ئي ناهي؛ هڪ وفاقي معاشرو، اُن جا سماجياتي لوازمات، ۽ اُن ۾ اتحاد يا ايڪتا وارو سوال ڪيئن حل ڪيو ويندو آهي؟ اُن بابت ڪو شعور ئي ناهي؛ اُن ڪري، هتي، اسان وٽ، رياستي سطح تي، شروع کان وٺي، اهڙا تہ غلط عوام ۽ وفاق دشمن فيصلا ٿيندا رهيا آهن، جن سان مُلڪي وفاق کي سگهہ ۽ طاقت تہ نٿيو، پر مورڳو اُهو ڪڏهن ڪڏهن اُن بُحراني سطح تي وڃي بيهندو آهي، جو اُن جي وجود کي بچائڻ بہ هڪ وڏو سوال بڻجي ويندو آهي.

پاڪستان ۾ اُڙدو ٻوليءَ کي قومي ٻولي بڻائڻ وارو فيصلو بہ، غلط ۽ وفاق دشمن فيصلو هو، جنهن سببان، 1971ع ۾، وفاق ۾ بن حصن ۾ ورهائجي ويو ۽ بنگال، بنگلاديش بڻجي ويو.[55] دنياجو ڪو بہ اهڙو وفاق ۽ گهڻ-قومي مُلڪ ناهي رهيو جنهن ۾ صرف هڪڙي ٻوليءَ کي قومي ۽ سرڪاري ٻولي بڻايو ويو هجي؛ چاڪاڻ تہ، جيڪڏهن ڪنهن بہ وفاقي يا گهڻ-قومي مُلڪ ۾ ائين ڪيو وڃي ٿو، قومن ۽ ثقافتي اقليتن جي ڀائيورسٽيءَ کي مانُ ڏيڻ بدران، اُنهن کي نام نهاد هڪ قومي نظريي تحت دٻائي، صرف هڪڙي ٻوليءَ کي مُلڪ جي قومي ۽ سرڪاري ٻولي بڻايو وڃي ٿو تہ اُهو نہ صرف غلط، غيرجمهوري ۽ ڀائيورسٽيءَ جي احترام کان انڪار هجي ٿو ۽ اهو سڀ ڪجهہ قومي اتحاد لاءِ بہ هِنسڪُ هجي ٿو ۽ اُهو ئي سبب آهي، جو دنيا جي حقيقي وفاقي مُلڪن ۾ قومن جي ڀائيورسٽيءَ کي مانُ ڏنو ويندو آهي، ۽ اُتي ڪنهن بہ هڪ مخصوص ٻوليءَ کي قومي ۽ سرڪاري ٻوليءَ جي درجي ڏيڻ بدران، وفاق ۾ شامل سمورين قوميتن جي ٻولين کي سرڪاري ۽ قومي ٻولين جو درجو ڏنو ويندو آهي. اهڙي پاليسي، دراصل، وفاقي مُلڪ جي ترقيءَ جي ضمانت هجي ٿي. اِن ڏس ۾، دنيا جي اڪيچار مُلڪن جا مثال ڏئي سگهجن ٿا، جتي وفاقيت جي حقيقي سمجهہ ۽ طريقي ڪار مطابق، مُلڪ ۾ ثقافتي، معاشي ۽ قومي خودمُختياري جي سوال کي نبيريو ويو آهي. يورپ ۽ آمريڪا جهڙن ترقي

يافتا مُلڪن کي ته چڏيو، پر آفريڪا کنڊ جي ايٿوپيا ۽ نائجيريا جهڙن غريب ۽ پوئتي پيل وفاقي مُلڪن ۾ به هڪ کان وڌيڪ هولين کي قومي ۽ سرڪاري هولين جو درجو ڏنو ويو آهي.[56] اِن ڏس ۾ هڪ مثال اسان جي پاڙيسري مُلڪ هندوستان جو به آهي. جيتوڻيڪ هندوستان به، پاڪستان وانگرهڪ حقيقي وفاقي جمهوري مُلڪ نه، پر وحداني نوع وارو وحداني وفاقي مُلڪ آهي، پر اُن پنهنجي مُلڪ ۾ آباد مختلف قوميتن جي ڊائيورسٽي ۽ اُن جي پيچيدگيءَکي ڏسندي، کنهن به هڪ مخصوص هوليءَ کي سرڪاري يا قومي هولي ٻڌائڻ بدران، لڳ ڀڳ 26 مادرين هولين کي سرڪاري ۽ قومي هولين جو درجو ڏئي چڏيو آهي،[57] جنهن سببان هندوستان ۾ ثقافتي خودمُختياريءَ واري سوال تي اُبرندڙ ڪنهن به اِمڪاني تڪرار جا امڪان ڏسڻ ۾ گهٽ ٿا اچن. ۽ اِهو ئي سبب آهي، جو هندوستاني (وحداني نوع واري) وفاق لاءِ اهڙا ڪي سنگين خطرا موجود ناهن، جيڪي پاڪستان جي وفاق لاءِ پيدا ٿي چڪا آهن. سوال آهي، ته پاڪستان جي وفاق ۾ شامل قومن جي مادري هولين کي قومي ۽ سرڪاري هوليءَ جو درجو ڇو نه ٿو ڏنو وڃي؟ پاڪستان ۾، وفاقي وحدتن جي هولين جي وجود کان انڪار جو آخر ڪهڙو روحاني راز آهي؟ مان پانيان ٿو ته اُن جو راز اِهو آهي، ته جيڪڏهن پاڪستان ۾ وفاقي وحدتن جي مادرين هولين کي قومي ۽ سرڪاري هولين جي درجي واري جائز حيثيت ڏني وئي، ته اُن سان سندن قومي خودمُختياريءَ ۽ حق حاڪميت جو وزن (Weightage) وڌي ويندو ۽ جيڪڏهن اُهو وزن وڌي ويو ته پوءِ هن مُلڪ ۽ اُن جي وفاق تي هيءُ جيڪو ورهين کان وٺي پنجابي-مُهاجر مُفادن جو ناجائز استيٽسڪو آهي، اُن جو هڪ ڏينهن به هلڻ مُمڪن نه رهندو. ائين، نه رڳو اُن سڄي استيٽسڪو جي تڪڙ جو خطرو رهي ٿو پر هتي، هيءُ جيڪو مُلڪ جي ننڍين مظلوم قومن جي 'مها مسلم قوميت' جي نالي تي ڦرلٽ جو 70 سالن کان ڏنڊو شروع ڪيو ويو آهي، اُن جي به ختم ٿي وڃڻ جا وڏا امڪان رهن ٿا. دراصل، اُهو امڪاني ڊَپُ ئي آهي، جنهن سببان پاڪستان ۾ وفاق تي قابض قوتون ننڍين قومن جي هولين کي قومي ۽ سرڪاري حيثيت ڏيڻ لاءِ تيار نه ٿيون ٿين، جا ڇالهه نه رڳو وفاقيت جي روح ۽ اصول جي خلاف آهي، پر مُلڪ جي ننڍين مظلوم قومن سان به وڏي قومي زيادتي آهي.[58]

آخري ڇالهه

هن ڪتاب لکڻ دوران، 11 مئي 2017ع تي، اخبارن ۾ اِها خبر آئي، ته سينيٽ جي قانون ۽ انصاف واري استينڊنگ ڪميٽيءَ پاڪستان جي وفاق ۾ شامل قومن،

پنجابي، سنڌي، بلوچ ۽ پٺاڻن جي مادرين ٻولين کي، قومي ٻولين جي درجي ڏيارڻ واري آئيني ترميمي بل کي منظور ڪري ورتو آهي.[59] مان سمجهان ٿو تہ اِها هڪ اهم اڳپرائي آهي، جنهن جو ڪريڈٽ سنڌ جي وطن دوست قومي ڪارڪنن ۽ قلمڪارن ڏانهن وڃي ٿو پر ڏٺو وڃي، تہ اُن بل کي سينيٽ نہ، پر سينيٽ جي صرف اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ منظور ڪيو آهي. اُن بل کي ايڄا سينيٽ ۽ قومي اسيمبلي مان منظوري حاصل ڪرڻي آهي، ۽ اُها منظوري بہ قومي اسيمبليءَ مان ٻہ ڀاڱي ٿي جي اڪثريت سان مُمڪن ٿيندي، ۽ جئين تہ، پاڻ سينيءَ کي اِها پليءَ پٽ خبر آهي، تہ قومي اسيمبليءَ ۾، آئيني طرح سان، پنجاب جي عددي اڪثريت ۽ مُقدم حيثيت رهي ٿي، (جنهن سببان پاڪستان جي وفاق بہ مورڳو وحداني صورت اختيار ڪري ورتي آهي) ۽ اُن جي مرضيءَ کان سواءِ ننڍين قوميتن جا نمائندا ڪو بہ آئيني ترميمي بل پاس ڪرائي نہ ٿا سگهن، ۽ اُهي ڪنهن بہ طرح سان، قانون سازيءَ ۾ گهربل ڪردار ادا نہ ٿا ڪري سگهن؛ اُن ڪري، اهڙيءَ صورتحال ۾، قومي اسيمبليءَ مان، مادرين ٻولين جي بل کي ٻہ ڀاڱي ٿي واري حتمي منظوري ملي پوي، اُن جا امڪان گهٽ ڏسڻ ۾ ٿا اچن.

***

باب :10

ڇا پاڪستان هڪ وفاقي مُلڪ آهي ؟

دراصل، ڪنهن به وفاقي ملڪ ۾ اُن جي وفاقي جوهر جي جاچ لاءِ وفاقيت جي ڇهن بُنيادي تصورن، جهڙوڪ: (1) آئين جي بالادستي (Supermacy of Constitution)، (2) اختيارن جي متوازن ورهاست (Division of Power)، (3) آزاد عدليا (IndependentJudiciary) ۽ (4) ٻن ايوانن واري پارلياماني سرشتي (Becamerlism) جي چڪاس ڪئي ويندي آهي، جنهن مان اِهو پتو پوندو آهي، ته ڪو به وفاقي ملڪ، ڪيتري حد تائين حقيقي وفاقي ملڪ آهي. ٻيو ته، وفاقيت جي اُنهن ڇهني تصورن جي عملي اطلاق سان ئي جمهوري وفاقيت جو نفاذ مُمڪن بڻجي ٿو. جي، ڪنهن ملڪ ۾ اُنهن ڇهني بُنيادي تصورن جو ڪو وجود ئي ناهي، ۽ اُن جو حڪومتي سرشتو يا رياستي ڍانچو ڄاڻايل ڇهني وفاقي تصورن کي رد ڪندڙ هجي، ۽ وري اُنهيءَ مُلڪ جي وفاقي هجڻ جي دعويٰ ڪئي وڃي، ته پوءِ اُها دعويٰ نڪيءَ جي ناهه کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هوندي. پاڪستان بابت، وفاقي مُلڪ هجڻ جي دعويٰ به، دراصل، اهڙي نڪيءَ جي ناهه واري دعويٰ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي؛ ڇاڪاڻ ته، پاڪستان حڪومتي توڙي معاشرتي لحاظ کان هڪ وفاقي ملڪ نه آهي، جنهن جو معاشرو مختلف قومن جي گهڻ-رنگائي (Diversity) تي ٻڌل نه آهي، پر اُهو بطور رياست، ڪنهن به طرح سان وفاقي ناهي، جو اُهو وفاقيت جي مٿي بيان ڪيل ڇهني تصورن ۽ اُنهن جي معيارن تي ڪنهن به طرح سان پورو نه لٿو لهي، جنهن سببان پاڪستان جي رياست ۽ اُن جي وفاقي جوهر بابت پڻ اڪيچار سوال پيدا ٿيندا رهن ٿا. اُن ڪري، ضرورت اُن ڳالهه جي آهي، ته اِهو ڏسو وڃي، ته پاڪستان، معاشرتي طور تي، هڪ وفاقي ملڪ هجڻ جي باوجود، رياستي يا انتظامي ڍانچي طور ڪيئن ۽ ڇو هڪ وفاقي مُلڪ ناهي رهيو؟ ڪيئن، هتي، اسان جي ملڪ ۾ وفاقيت جي نالي تي، وفاقيت ۽ اُن جي بُنيادي اصولن جي انحرافي ٿيندي رهي آهي، جنهن ڳالهه ملڪ جي وفاقي جوهر کي ئي

مورڳو تبديل ڪري، ملڪ کي وحدانيت جي رنگ ۾ رنگي، نہ رڳو رياست لاءِ مستقل هڪ وڏو بُحران پيدا ڪري ڇڏيو آهي، پر وفاق جي وجود ۾ استحقاق کي بہ سخت خطري هيٺ آڻي ڇڏيو آهي. هن باب ۾ اِنهن بنيادي سوالن سان گڏ پاڪستان جي رياستي جوڙجڪ جو وفاقيت جي ذڪر ڪيل ڇئن بُنيادي تصورن جي روشنيءَ ۾ جائزو ورتو ويندو.

1.1 آئين جي بالادستيءِ ۽ پاڪستان
(Supremacy of Constitution and Pakistan)

اِها حقيقت آهي، تہ هڪ حقيقي وفاقي مُلڪ ۾ لِکت وارو آئين لازمي ۽ ضروري هجي ٿو جيڪو نہ رڳو عدليا، انتظاميا ۽ قانون ساز ادارن جي ذريعي انصاف جي فراهمي کي مُمڪن بڻائي ٿو پر اُن جي موجودگي ۽ اُن تي منصفاڻي عمل سببان، وڏي حد تائين، آئين ۽ قانون جي بالادستيءَ بہ يقيني بڻجيو پوي ٿي. دراصل، آئين تحت اهڙن اصولن جي تشريح ٿيل هجي ٿي،[1] جنهن ذريعي رياست، اُن جي انتظامي سرشتي ۽ ادارن توڙي وفاق ۾ شامل آئيني اِڪاين ۽ علاقائي حڪومتن جي وچ ۾ اختيارن جي ورهاست احسن طريقي سان طئي ڪي ويندي آهي.[2] آئين جي بالادستيءَ سان انصاف مهيا ٿئي ٿو انصاف مُهيا ٿيڻ سان امن قائم ٿئي ٿو ۽ امن قائم ٿيڻ سان ترقي ٿئي ٿي. اڄ، جيڪڏهن پاڪستان ۾ انصاف جي اڻ هوند آهي، قانون ۽ آئين جي بالادستيءَ جو فقدان آهي، مُلڪ ۾ دهشتگردي، لاقانونيت ۽ مارا ماري آهي، تہ اُن جو بين ڪيترن سببن مان هڪ سبب اِهو بہ آهي، تہ پاڪستان ۾ آئين ۽ قانون جي ڪڏهن بہ حڪمراني قائم ٿي ناهي سگهي، جنهن جي نتيجي ۾، هڪ طرف، مُلڪ ۾ انارڪي، بي چيني ۽ تضادن واري صورتحال پيدا ٿي آهي، تہ وري بي طرف، مُلڪ ۾ شامل قومن جي وچ ۾ اڪيچار معاملن تي اڪيچار بدگمانيون ۽ تڪرار پيدا ٿيڻ سببان مُلڪ ۽ اُن جي رياست لاءِ بہ عدم استحڪام واري صورتحال پيدا ٿيو پئي آهي. اِهو دراصل، اُنهيءَ صورتحال جو ئي نتيجو آهي، جو هاڻ مُلڪ ۾ وڏي حد تائين، عليحدگي پسند سوچ وارو بہ لاڙو پيدا ٿيو آهي، جنهن سببان مُلڪ ۾ Unity in Diversity واري اصول کي بہ وڏي ڏڪ رسڻ جو امڪان ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اڄ صورتحال اِها آهي، جو هتي عليحدگي پسند لاڙي سببان قومپرستي (Nationalism) ۽ نسل پرستي (Racism) ۾ فرق کي بہ نہ ٿو سمجهيو وڃي. ۽ اُهو سڀ ڪجهہ وفاقيت جي شعور جي ڪوٽ سببان پيدا ٿي رهيو آهي، ۽ اُنهيءَ ڪوٽ ۾ حڪمران اشرافيا جو جيڪو مجرماڻو ڪردار آهي، اُهو ڪردار ئي، دراصل، اُن لاءِ هڪ وڏي بُحران جو محرڪ

بٹيل آهي. جيڪو ڪنهن به طرح سان، هن مُلڪ ۾ اُن جي وفاق لاءِ فائدي بخش ثابت نه ٿو ٿي سگهي. اسان وٽ بدقسمتيءَ سان، پاڪستان کي ڪڏهن به حقيقي وفاقي آئين ناهي ڏنو ويو. اُن ڪري، هڪ ته، هتي، مُلڪ ۾ حقيقي وفاقي نظام متعارف ناهي ٿي سگهيو ۽ ٻيو ته، وفاقي حڪومتي انتظام جي اڻ هوند سببان وفاقي آئين جي تياري به هڪ وڏو سوال بٹيل رهي آهي. البت، جيڪي مُلڪ لاءِ 1956ع، 1962ع ۽ 1973ع وارا آئين آندا به ويا، ته اُهي به وفاقي آئين نه، پر وحداني طرز تي تيار ٿيل صرف وڏي صوبي پنجاب جي بالادستيءَ قائم ڪندڙ آئين ثابت ٿيا. ۽ جمهوري آئين جي بالادستيءَ وارو سوال جئين جو تئين برقرار ئي رهيو جنهن سببان وقت بوقت مُلڪ ۾ وڏا وڏا آئيني بُحران پڻ پيدا ٿيندا رهيا. اهم ڳالهه اِها آهي، ته 1973ع ۾ جو آئين ڏنو ويو اُن آئين جو به ڪو پَرَمُر نه ٿي رکيو ويو! ۽ خود اُنهيءَ آئين جي خالق ئي، اُن ۾ من پسند ترميمون آڻي، اُن جي بالادستيءَ تي سوالیا نشان لڳائي ڇڏيو! عام طور چيو ويندو آهي، ته جناب ذوالفقار علي ڀُٽي، 1973ع جي آئين ۾ ترميمون آڻي، اُن ۾ڪو وڏو بگاڙ پيدا نه ڪيو. اِهو ڇئي، دراصل، اسان کي اِهو ٻڌايو ويندو آهي، ته 1973ع جي آئين جي پاسداري کي زک رسائڻ جي شروعات سويلين حڪمرانن طرفان نه، پر نان سويلين حڪمرانن طرفان ٿي. برابر اِها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي درست آهي، پر سوال آهي، ته 1973ع جي آئين ۾ جناب ڀُٽي جي آندل ستن ترميمن مان جا هاڻ ڪورتن کان ڪنهن به ڏوهي توڙي بي ڏوهي ماڻهوءَ جي ضمانت منظور ڪرڻ وارو اختيار کسي ونڻ واري چوٿين ترميم آندي وئي،[3] ته ڇا اُن ترميم جي استعمال سان آئين جو چهرو مسخ نه ٿي ٿيو؟ ڇا اُها ترميم مخصوص مُفادن کي حاصل ڪرڻ واري مقصد سان نه آندي وئي هئي!؟ ڇا 1973ع جي آئين ۾ آندل پهرين ترميم تحت مُلڪ ۾ سياسي پارٽين جي چرپر تي پابندي عائد ڪري ڇڏڻ، جمهوريت جي عڪاس هئي؟ ڇا مُلڪ دشمنيءَ واري نام نهاد الزام هيٺ، عوامي نيشنل پارٽيءَ تي پابندي وجهي ڇڏڻ وارو عمل جمهوري هو؟ ڇا ائين ڪرڻ سان مُلڪ ۾ آئين جي بالادستي مُمڪن بڻي ٿي؟ ڇا اهڙي نام نهاد غيرجمهوري ترميم جو مقصد آئين جي پاسداري وارو هو يا اهڙي ترميم مُلڪ ۾ عليحدگي پسند لاڙي کي اُپاري، مُلڪ جي آئين ۽ وفاق لاءِ خطري پيدا ڪرڻ لاءِ هئي؟ سوال آهي، ته 1973ع واري آئين ۾، جناب ڀُٽي جا ريفرنڈم واري سيتن آئيني ترميم شامل ڪئي، ڇا اُن مان وقت جي فوجي آمرن ناجائز فائدو نه ورتو؟[4] جيتوٽيڪ آئين ۾ ستين ترميم مطابق، ريفرنڈم واري شق، 1977ع جي چونڊن ۾ ڏانڊلين جي الزام ڪانپوءِ، ٻيهر چونڊن ڪان بچڻ واسطي شامل ڪئي وئي هئي، پر

رڪارڊ ٻڌائي ٿو تہ اُنهيءَ ترميم مان جناب پُٽي، ڪنهن بہ طرح سان، فائدو تہ نہ ورتو.[5] اٽلنڈو جنرل ضياءُ الحق ۽ جنرل (ر) پرويز مشرف جمڙن فوجي آمرن اُن مان پرپور فائدو ونيو. آئين کي پنهنجن ناجائز ۽ غيرجمهوري مقصدن لاءِ استعمال ڪري، نہ رڳو آئين جي بالادستيءَ کي هڪ مذاق بڻايو پر اُن ۾ نام نهاد غيرجمهوري ترميمن مٿان ترميمون آڻي، اُن کي بگاڙي بيڪار بہ بڻائي ڇڏيو. اِهو ئي سبب آهي، جو هاڻ 1973ع جو آئين جي ڪا بہ معنيٰ ناهي رهي، اُهو هاڻ مُلڪ کي ڪنهن بہ اُپرندڙ رياستي بُحران کان بچڻ ۾ ڪا بہ گهربل مدد ميا نہ ٿو ڪري. بهرحال، اِها ڳالهہ واضح آهي، تہ پاڪستان ۾ آئين جي بالادستيءَ کان انڪار ۾ جتي نان سويلين قوتون پيش پيش رهيون آهن، اُتي سويلين قوتن بہ وسان گهٽايو ناهي.*[6] ۽ جئين تہ پاڪستان ۾ ڪو حقيقي وفاقي آئين ئي ناهي رهيو ۽ جو 1973ع وارو وحداني نوع وارو وفاقي آئين ڏنو بہ ويو سو بہ، هاڻ، ناجائز ۽ غيرجمهوري ترميمن سببان پنهنجو استحقاق وڃائي ويٺو آهي. ۽ ائين، پاڪستان ۾ آئين جي بالادستيءَ وارو خواب ڪڏهن بہ ساڀيان ناهي ٿي سگهيو. اُن ڪري، جنهن مُلڪ ۾ آئين جي بالادستي هڪ وڏو سوال بڻيل هجي، اُن ملڪ کي وفاقي مُلڪ سمجهڻ هڪ وڏي ڪج فهمي ٿيندي.

1.2 اختيارن جي ورهاست ۽ پاڪستان
(Division of Power and Pakistan)

وفاقي ملڪ ۾ اختيارن جي ورهاست، هڪ اهڙو بندوبست هجي ٿو جنهن تحت وفاق ۽ صوبائي حڪومتون پنهنجي دائري ڪار منصب ۽ وهنوار ۾ مڪمل طور تي، آزاد ۽ خودمختيار هجن ٿيون.[7] اختيارن جي متوازن ورهاست سان وفاق ۽

---

*هتي، ڪجهہ دوست اُهو اعتراض اُٺاري سگهن ٿا، تہ مون آئين جي بالادستيءَ ۽ اُن جي انحرافيت واري معاملي جي حوالي سان فوجي حڪمرانن کي چڏي، چو صرف سويلين حڪمران اشرافيا کي تنقيد جي زد ۾ آندو آهي؟ ۽ 1973ع جي آئين ۾ آندل جنرل ضياءُ الحق ۽ جنرل پرويز مشرف جي نام نهاد غيرجمهوري ترميمن تي چو تنقيد ناهي ڪئي؟ اُن لاءِ عرض، تہ نان سويلين قوتون چور دروازي ذريعي اقتدار ۾ اچن ٿيون. ۽ پنهنجي مخصوص مُفادن خاطر مُلڪي اقتدار ۽ آئين تي راتاهو لڳائي، مخصوص مدت تائين، پنهنجي ناجائز غيرجمهوري راج واري مدت پوري ڪري، پاڻ تي مُلڪ ۽ عام خلق جي خواري ڪٽي، واپس هليون وڃن ٿيون. جڏهن تہ سويلين حڪمران اشرافيا جو ڪردار ۽ بيهڪ، بُنيادي طور تي، مُختلف هجي ٿي، اُهي عوام جا چونڊيل نمائندا هجن ٿا، عوام جي مرضيءَ سان اقتدار ۾ اچن ٿا، عوام جي ووٽ سان طاقت ۽ اختيارن جا مالڪ بڻجن ٿا، تنهن ڪري، آئين جي پاسداري توڙي اُن جي گهربل حفاظت جي ذميواري بہ، نان سويلين قوتن جي پيٽ ۾، سويلين حڪمران اشرافيا تي وڌيڪ ٽڪي ٿي، تہ اُها ئي مُلڪ جي آئين جي حفاظت سان گڏ آئين جي بالادستيءَ لاءِ هرممڪن ڪوششون ونيو، پر اسان ڏٺو آهي، تہ اسان جي 1973ع واري آئين جي انحرافيت، سڀ کان پهرين پيو ڪنهن نہ، پر خود اُن جي خالق جناب پُٽي جي سويلين حڪومت هٿان ٿي. ۽ اِهو ئي سبب آهي، جو مون کي، اُن تي، تفصيل سان لکڻو پيو آهي.

صوبن جي وچ ۾ متوازن لاڳاپا استوار ٿين ٿا. جنهن تحت وفاقي سرڪار صوبن جي مداخلت ۽ صوبائي حڪومتون وفاق جي مداخلت کان آزاد رهن ٿيون.[8] اختيارن جي متوازن ورهاست سان وفاقي مُلڪ ۾ وفاقي ۽ صوبائي ٻئي حڪومتون نهايت متوازن انداز ۾ سفر ڪن ٿيون. جنهن سببان وفاق ۽ وفاقي اِڪاين جي وچ ۾ مُختلف معاملن تي، تڪرار اُپرڻ جا امڪان گهٽجي وڃن ٿا.[9] رياست ۽ اُن جي وفاق لاءِ ترقيءَ جا امڪان وڌي وڃن ٿا. اِهو ئي سبب آهي، جو هڪ وفاقي مُلڪ جي استحڪام لاءِ، اُن جي سگهه لاءِ ۽ اُن جي مضبوطيءَ لاءِ اختيارن جي ورهاست (Division of Power) جي تصور کي نهايت اهم سمجهيو ويندو آهي.[10] البت، اِها ٻي ڳالهه آهي، ته اسان وٽ، پاڪستان ۾ هميشه اُنهيءَ تصور کي هڪ مذاق بڻايو ويو آهي. ايوب خان جي 'بُنيادي جمهوريتن' کان وٺي جنرل (ر) پرويز مشرف جي نام نهاد اختيارن جي هيئين سطح جي منتقليءَ واري ڊرامي تائين، هتي اختيارن جي ورهاست واري تصور سان مذاق ٿيندو رهيو آهي. اِهو ئي سبب آهي، جو هتي، پاڪستان ۾، اختيارن جي عدم مرڪزيت ته پنهنجي جاءِ تي، پر ٻلهو جا اختيارن جي متوازن ورهاست ٿيندي آهي، سا به هِڪُ وڏو سوال بڻيل رهي آهي.[11] دراصل، اختيارن جي ورهاست واري نظام لاڳو ٿيڻ سببان وفاق ۽ صوبن جي اختيارن ۾ عدم مرڪزيت (Decentralization) به پيدا ٿيو پوندي آهي، جا وفاقي مُلڪ کي غيروفاقي يا وحداني مُلڪ بڻجڻ کان روڪڻ جو ڪمُ ڏيندي آهي. اسان وٽ، جئين ته شروع کان وٺي، آئيني طور تي، 1956ع، 1962ع ۽ 1973ع وارن آئينن ۾ وفاق ۽ صوبن جي اختيارن جي متوازن ورهاست کي ڪا به اهميت ناهي ڏني وئي؛ ۽ اُهي بُنيادي طور تي، وفاقي اصولن بدران وحداني اصولن تي ناهيا ويا.[12] اُن ڪري، اُنهن آئينن مطابق، وفاق ۾ صرف وڏي صوبي پنجاب جي ناجائز مرڪزيت قائم رهي آهي، جنهن، دراصل، وفاق جو جمهوري ڪردار ۽ خصوصيت تبديل ڪري، مورڳو اُن جي ساک کي تڪراري بڻائي ڇڏيو آهي. اِن ڏس ۾، 1973ع جي آئين جو جائزو سڃي صورتحال کي بنهه واضح ڪري ٿو. مثال طور: اِهو وفاقي آئين جو بُنيادي اصول رهيو آهي، ته اُن ۾ وَفاقَ ۽ صوبن جي اختيارن جون ڌار ڌار فهرستون هونديون آهن.[13] دراصل، اُنهن اختيارن جي عليحده فهرستن جي ذريعي وفاق ۽ صوبن جي اختيارن جي متوازن ورهاست مُمڪن بڻجندي آهي، ۽ ٻنهي کي هڪٻئي جي اختيارن کي اورانگهڻ کان بچايو ويندو آهي.[14] اسان جي 1973ع واري 'وفاقي' آئين تحت، وفاق کي ته اختيارن واري فهرست (Federal Legislative List) ڏني وئي آهي، پر صوبن کي ڪا به عليحده اختيارن واري فهرست (Provincial Legislative List) ناهي ڏني وئي![15] البت، آئين جي آرٽيڪل 142

تحت، وفاق ۽ صوبن جي گڏيل اختيارن جي جا گڏيل فهرست (Concrete Legislative List) ڏني وئي آهي، اُن ۾ به، هڪ اتكل اِها ڪئي وئي آهي، جو آئين جي آرٽيڪل 143 تحت ڪنڪرنٽ لسٽ ۾ شامل اِسمن جي قانون سازيءَ يا اُنهن جي اختيارن جي استعمال ۾، وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾، اختلاف پيدا ٿئي ٿو تہ اُن ۾ "صوبائي قانون ڪالعدم ۽ مرڪزي اسيمبليءَ جي قانون کي مقدم سمجهيو وڃي ٿو جا ڳالهه وفاقي اِڪاين تي وفاق جي بالادستيءَ برابر آهي؛"[16] اُن ڪري، ائين چئي سگهجي ٿو تہ 1973ع جي آئين تحت، پاڪستان ۾، وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ اختيارن جي ورهاست وارو طريقي ڪار ٻوس وحداني ۽ وڏي صوبي جي بالادستيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي. ٻيو تہ، 1973ع جو آئين، پنهنجي بُنيادي جوهر ۾ وفاقي نہ، پر وحداني نوع جو مرڪزيت پسند آئين رهيو آهي؛ اِهو ئي سبب آهي، جو آئين تحت وفاق کي به چار ڪاتا ڏيڻ بدران اُن کي فيڊرل ليجسليٽو لسٽ جي ذريعي 59 ڪاتن جو مالڪ بڻايو ويو آهي.[17] جڏهن تہ، فيڊرل ليجسليٽو لسٽ جي ٻئي حصي جي ريلوي معدنيات، تيل، گئس، صنعتن، واپڊا سميت اٺن (8) انتهائي اهم اِسمن جا اختيار گڏيل مُفادن واري ڪائونسل (Council of Common Interest) جي نالي تي، وفاق جي حوالي ڪري، وفاق جي اختيارن کي ٻيٽو ڪيو ويو آهي، جنهن سببان، وفاق، پنجاب جي قبضي هيٺ اچي، صوبن کي مالي، سياسي ۽ معاشي طور تي محتاج بڻائي ڇڏيو آهي.[18] دراصل، 1973ع جي آئين جا اُهي اختيارن جي متوازن ورهاست واري تصور کي رد ڪندڙ غيرجمهوري ۽ غيروفاقي پاسا رهيا آهن، جن کي ڏسي، پاڪستان جي وفاق ۾ شامل ننڍا صوبا ۽ قومون اُهو چوندیون رهن ٿيون، تہ پاڪستان ۾ ساڻن قبضو ڪيل نوآباديات وارن علائقن جهڙو ورتاءُ ڪيو وڃي ٿو.

برابر ارڙهين ترميم تحت، وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾، اختيارن جي نئين سر ورهاست جون ڳالهيون ڪيون ويون، پر اُهي ڳالهيون به 'سڪٽي ڪُني، گهٽو اُيامي' وانگر ثابت ٿيون، جو ارڙهين آئيني ترميم تحت نہ صوبن جي اختيارن جي ڪا ڏار فهرست متعارف ڪرائي وئي، ۽ نہ وفاق جي ليجسليٽو فهرست جي پهرين حصي ۾ رکيل 59 اسمن کي گهٽايو ويو ۽ نہ وفاقي ليجسليٽو فهرست جي ٻئي حصي ۾ رکيل اٺن (8) انتهائي اهم اِسمن جي اختيارن ۾ صوبن کي پائيوار بڻايو ويو.[19] ٻيو تہ ڇڏيو پر وفاق کي اختيارن جي ناجائز مرڪزيت بخشيندڙ ڪنڪرنٽ لسٽ کي به ختم نہ ٿي ڪيو ويو. جيتوٽيڪ بظاهر تہ ارڙهين ترميم جي آئيني سُڌارن ۾ ڪنڪرنٽ لسٽ جي خاتمي جو اعلان ڪيو ويو[20] پر غور سان ڏٺو وڃي، تہ اُنهيءَ ارڙهين ترميم تحت ڪنڪرنٽ لسٽ جا هڪ طرف، سيلز

ٽيڪس، ايڪسائيز ڊيوٽي، انڪم ٽيڪس ۽ بجلي ٽيڪس جي اوڳاڙيءَ وارا انتهائي اهم اختيار صوبن ڏانهن مُنتقل ٿيڻ بدران اُهي بدستور وفاق جي قبضي هيٺ رهن ٿا.[21] ته وري ٻي طرف، شين (Goods) تي سيلز ٽيڪس اوڳاڙيءَ واري ٽوس صوبائي اختيار سميت، صوبن جا بندرگاهن ۽ قدرتي معدنيات جي مالڪيءَ وارا اختيار به گڏيل مُفادن جي ڪائونسل جي نالي تي وفاق جي حوالي ڪيا ويا.[22] ائين، نه رڳو اختيارن جي متوازن ورهاست واري وفاقي تصور سان هڪ وڏو مذاق ڪيو ويو پر صوبائي خودمختياريءَ جي به سنگين پيچيدگي ڪئي وئي.[23] اصولي طور تي، ڪنڪرنٽ لسٽ جي خاتمي سان اُن ۾ شامل سمورا اختيار ۽ اِسم صوبن جي حوالي ٿيڻ گهرجن ها، جنهن سان، هڪ حد تائين اختيارن جي ورهاست ۾ ڪجهه توازن پيدا ٿئي ها، پرائين به نه ڪيو ويو. اِهو ئي سبب آهي، جو وفاق ۾ شامل صوبا آئيني سُڌارن جي باوجود اڪيچار معاملن جي قانون سازيءَ ۾ پاڻ کي وفاق جو ئي مُحتاج تصور ڪن ٿا.[24] اُن ڪري، ائين چئي سگهجي ٿو ته 1973ع جي آئين ۾ آندل ارڙهين آئيني ترميم، وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ اختيارن جي متوازن ورهاست کي مُمڪن بڻائڻ بدران، مورڳو وفاق جي اختيارن جي مرڪزيت کي وڌائي ڇڏيو آهي. اُن ۾ ڪا به اسٽرڪچرل تبديلي نه آڻڻ سببان، ننڍين صوبن کي جو فائدو مليو، سو فائدو به 'ادو مئو ادي جائي' وارو آهي. دراصل، 1973ع وارو آئين بدستور وڏي صوبي جي استيٽسڪو کي آئيني تحفظ فراهم ڪندڙ هڪ مرڪزيت پسند آئين وارو جوهر رکي ٿو[25] ۽ جئين ته، 1973ع جي آئين تحت، پاڪستان جو وَفاقُ، ڪنهن به طرح سان، اختيارن جي متوازن ورهاست واري وفاقي اصول تحت اڏيل نه آهي. ۽ اُهو وفاق ۾ شامل سمورين قومن جي برابريءَ وارو جمهوري وفاق نه، پر وڏي صوبي پنجاب جي طاقت جي توازن جي نمائندگي ڪندڙ هڪ وحداني وفاق آهي. اُن ڪري، پاڪستان کي، ڪنهن به طرح سان، هڪ حقيقي وفاقي ملڪ قرار ڏئي نه ٿو سگهجي.

1.3 ٻن ايوانن وارو پارلياماني سرشتو ۽ پاڪستان
(Bicameralism and Pakistan)

ٻن ايوانن وارو پارلياماني سرشتو دراصل، جمهوري وفاقيت جو هڪ اهڙو بنيادي تصور آهي، جنهن تحت، هڪ طرف، وفاق جي قانون ساز ادارن، اپر هائوس (سينيٽ) ۽ لوئر هائوس (قومي اسيمبليءَ) ۾ اختيارن جي متوازن ورهاست آڻي، اختيارن جي عدم مرڪزيت کي مُمڪن بڻايو ويندو آهي.[26] ته وري ٻي طرف، وفاق کي وحداني رنگ کان بچائڻ لاءِ ٻنهي ايوانن ۾ وفاقي اِڪائين کي برابريءَ واري

نمائندگي ڏني ويندي آهي. اپر هائوس (سينيٽ) وفاقي اِڪاين جي نمائندگي ڪندو آهي، ۽ وري لوئر هائوس (قومي اسيمبليءَ) سموري عوام جي گڏيل نمائندگي ڪندو آهي.[27] اُنهيءَ ۾ ايوانن واري حڪومتي سرشتي جو اصل روح اختيارن جي برابريءَ ۾ هجي ٿو يعني ۾ ايوانن واري پارليامانی سرشتي ۾ جتي اپر هائوس (سينيٽ) هرطرح سان بااختيار ۽ بالادست حيثيت ۾ هجي ٿو اُتي وري لوئر هائوس (قومي اسيمبليءَ) ۾ ڪنهن به طرح سان، اپر هائوس (سينيٽ) جي ماتحت يا ڪمزور وغيره ناهي هوندو. ائين، مُلڪي سالميت، وفاق، اُن جي پاليسي معاملن، قرض، بجيٽ ۽ فوج سان لاڳاپيل معاملن جي قانون سازيءَ ۾ بنهي ايوانن جي برابريءَ واري حصيداري هوندي آهي؛[28] ۽ اِهو جمهوري وفاقيت جو اصل جوهر ۽ آهي. ۾ ايوانن واري حڪومتي پارليامانی سرشتي (Bicameralism) جو عملي اطلاق جئين ته مُلڪ ۾ وفاقي آئين جي نفاذ سان مشروط هجي ٿو. اُن ڪري، جيستائين ڪنهن به وفاقي مُلڪ لاءِ وفاقي جمهوري آئين نه ٿو هجي، تيستائين، دراصل، حقيقي Bicameralism جو نفاذ به سوالیہ نشان بڻيل رهي ٿو. بدقسمتيءَ سان، پاڪستان ۾ شروعاتي 1956ع ۽ 1962ع وارا آئين، ڪنهن به طرح سان، وفاقي نوع وارا نه، پر وحداني طرز تي تيار ڪيل آئين هئا، جن صرف هڪ ايوان واري حڪومتي سرشتي (Unilateralism) جي نمائندگي ٿي ڪئي.[29] اُن ڪري، شروع ۾ ته اسان وٽ ڪو به ۾ ايوانن وارو حڪومتي سرشتو مُتعارف نه ٿي سگهيو نه جمهوري وفاقيت جو نفاذ مُمڪن بڻيو. (دراصل، پاڪستان ۾ اِهو جمهوري وفاقيت جو بُحران هو جنهن سببان مُلڪ نهٽ جي شروع وارن ڏهاڻن ڪان وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ اهڙي ته تڪراري صورتحال پيدا ٿي، جو بنگال ئي مورڳو پاڪستان ڪان ڌار ٿي ويو) اِهو ئي سبب هو جو پاڪستان ۾ آئين جي تياري جاري رهي، تان جو مُلڪ کي 1973ع ۾ ٽيون آئين ڏنو ويو.[30] برابر 1973ع وارو آئين ته بظاهر وفاقي مُلڪ جو وفاقي آئين آهي، جو اُن ۾ پهريون پيرو ۾ ايوانن وارو حڪومتي سرشتو (Bicameralism) متعارف ڪرائي، ڪنهن حد تائين، وفاقيت جي لوازمات کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي،[31] ***پر غور سان ڏٺو وڃي، ته 1973ع جي آئين ۾ به وڏي صوبي پنجاب جي بالادستيءَ کي آئيني تحفظ ڏيارڻ خاطر هِڪ ٽِڪسات اِهو ڪيو ويو آهي، جو ۾ ايوانن واري حڪومتي سرشتي جي بُنيادي اصول جي نفي ڪندي، اپر هائوس (سينيٽ) کي مڪمل طور بااختيار رکڻ بدران اُن کي لوئر هائوس (قومي اسيمبليءَ) جي ماتحت ۽ محتاج رکيو ويو آهي،*** ۽ اُهو قانون سازيءَ جي حوالي سان بلڪل بي اختيار آهي، جا ڳالهه نه رڳو جمهوريت جي حقيقي روح

جي اُبتڙ آهي، پر وفاقيت جي اصولن جي سڌي سنئين سنگين پيچڙي ۾ آهي. دراصل، حقيقي جمهوري وفاقي مُلڪن ۾ ٻن ايوانن واري حڪومتي سرشتي تحت، پارليامينٽ، اپر هائوس ۽ لوئر هائوس ۾ ٽه ورهايل هجي ٿي، پر اُن ۾ بُنيادي اختيار يا بالادست حيثيت وري به اپر هائوس (سينيٽ) کي هجي ٿي، جيڪو وفاق ۾ شامل وفاقي اِڪاين جي برابريءَ واري اصول تحت نمائندگي ڪندو آهي.[32] اِن ڏس ۾ دنيا جي اڪيچار وفاقي مُلڪن جا مثال پيش ڪري سگهجن ٿا. مثال طور آمريڪا هڪ وفاقي مُلڪ آهي. آمريڪا ۾ اپر هائوس (سينيٽ) هرطرح سان بااختيار ۽ مُختيارڪُل آهي.[33] دراصل، "آمريڪي سينيٽ، آمريڪي وفاق جي اصل ضمانت آهي. اُهو رياستن جي برابريءَ واري نمائندگي جي اصول تحت جوڙيو ويو آهي. جيڪڏهن سينيٽ نه هجي ها، ته آمريڪا ڪڏهن به پنجاهه رياستن جو وفاق نه ٻڌجي ها. ڪانگريس ۾ ڪو به بل سينيٽ جي منظوريءَ کان سواءِ پاس ناهي ٿي سگهندو. مالي بلن ۾ سينيٽ کي ترميم يا اُنهن کي رد ڪرڻ جو مڪمل اختيار حاصل آهي. صدر جي نامزد ڪيل اعليٰ عملدارن جهڙوڪ: جج، سيڪريٽري ۽ سفير وغيره جي مقرري سينيٽ جي منظوري سان مشروط آهي. صدر جي ٻاهرين مُلڪن سان معاهدن ۽ ٺاهن وغيره جي منظوري سينيٽ جي به پاڻي ٿي جي اڪثريت کان ڪرائڻ ضروري آهي. سينيٽ، وفاقي ملازمن جي خلاف ڪيس داخل ڪري سگهي ٿو هُنن کي برطرف ڪري سگهي ٿو انتظامي معاملن جي جاچ ڪري سگهي ٿو ۽ لاڪاپيل ادارن کان ضروري جاڻ به حاصل ڪرڻ جو مجاز آهي."[34]

بهرحال، آمريڪي سينيٽ جي اُبتڙ پاڪستان ۾، جئين ته، حقيقي وفاقي نظام ناهي رهيو، اُن ڪري، هتي سينيٽ کي به ڪي اختيار ناهن ڏنا ويا، اُهو رڳو رٻڙ اسٽيپ بڻيل رهي ٿو.[35] ***قرض، بجيٽ، ٽاڪي سان لاڪاپيل معاملن، مالي بلن ۽ فوج جي خرچن وغيره جي حوالي سان سينيٽ کي ڪو به اختيار ناهي.***[36] وڏي ڳالهه ته، سينيٽ کي وفاقي ليجسليٽو فهرست جي پهرين پاڻي ۾ شامل 59 اِسمن مان ڪنهن هڪڙي اِسمَ تي به قانون سازيءَ جو ڪو حق حاصل ناهي.[37] جڏهن ته، وفاقي ليجسليٽول فهرست جي به پاڻي ۾ رکيل 8 اِسمن تي، قانون سازيءَ ۾ سينيٽ کي پائيواري ته ڏني وئي آهي، پر اُن ۾ به لوئر هائوس (قومي اسيمبليءَ) کي هرطرح جي بالادست حيثيت حاصل هجي ٿي،[38] جو ڄاڻايل اِسمن تي قانون سازيءَ جي حتمي منظوري سينيٽ کان نه، پر لوئر هائوس جي معرفت صدر کان وٺڻ لازمي هجي ٿي،[39] ۽ جئين ته، لوئر هائوس (قومي اسيمبليءَ) ۾ نمائندگي آبادي‌ءَ واري

اصول تي هجڻ سببان، وڏي صوبي پنجاب جي ئي عددي اڪثريت رهي ٿي. اُن ڪري، قومي اسيمبليءَ ۾ ناٺي، قرض، فوج جي خرچن ۽ بجيٽ وغيره جي منظوري توڙي نامنظوري تي پنجاب جو اسٽيٽسڪو برقرار رهي ٿو. اُن ۾ ننڍين صوبن جو ڪو به مؤثر ڪردار نه ٿو هجي. اِهو ئي سبب آهي، جو پاڪستان ۾ ننڍين صوبن ۽قومن طرفان اهڙي ناٺڪي ہن ايوانن واري حڪومتي سرشتي (Bicameralism) تي وڏا اعتراض اُٺندا رهيا آهن. ۽ اُن کي وفاقيت (Federalism) بدران طاقت جي ناجائز مرڪزيت تي ٻڌل وحدانيت (Unitarism) سان پيٽ ڏني ويندي آهي. جنهن ۾ اپر هائوس (سينيٽ) جي ڪا به اهميت ناهي![40] ***سوال آهي، ته پاڪستان ۾ سينيٽ (اپر هائوس) کي بي اختيار ڇو رکيو ويو آهي؟*** دراصل، اُن جو سبب اِهو آهي، ته ***هتي، اسان جو 'وڏو پاءُ' پنجاب رياست جي سڄي ڍانچي ۽ طاقت جي توازن تي قابض آهي. اِها ڳالهه پنجاب جي مفادن وڻان ناهي، ته صوبن جي برابريءَ جي بنياد تي نمائندگي ڪندڙ سينيٽ، ملڪ ۾ هڪ بااختيار قانون ساز اداري طور ڪم ڪري. ڇو ته ملڪ ۾ جيڪڏهن سينيٽ جو ادارو هڪ بااختيار اداري طور ڪم ڪندو ته رياست جي ڍانچي ۽ طاقت جي توازن ۾ وڏي تبديلي اچڻ جا امڪان پيدا ٿي پوندا. ۽ اُها تبديلي اسان جي 'وڏي پاءُ' پنجاب جي بالادست حيثيت لاءِ ڪنهن به طرح سان فائدي مند نه هوندي. اِهو ئي سبب آهي، جو پاڪستان ۾ آئيني مڪينزم تحت سينيٽ کي بي اختيار رکيو ويو آهي!*** ۽ نام نهاد ناٺڪي به ايوانيت (Bicameralism) متعارف ڪرائي، اُن مطابق، اپر هائوس کي لوئر هائوس جو ماتحت بڻائي. وفاقيت جي اصولن جي سنگين پيڪڙي ڪئي وئي آهي! اُن ڪري، پاڪستان کي، ڪنهن به طرح سان، هڪ وفاقي مُلڪ سمجهڻ بلڪل غلط ٿيندو. ڇاڪاڻ ته، پاڪستان، اُن جو وفاق، ۽ اُن جو انتظامي ڍانچو توڙي رياستي طاقت جو توازن وفاقيت جي ڪنهن به بُنيادي اصول يا تصور جي ڪا به نمائندگي نه ٿو ڪري. جڏهن ته اِها به حقيقت آهي، ته پاڪستان ۾ وفاق کي وحداني رنگ ڏيڻ لاءِ، آئين جي آرٽيڪل (59) تحت، سينيٽ جون چونڊون، سڌي طرح سان عوام جي ووٽن ذريعي ناهن ڪرايون ويندیون. اُن لاءِ صوبائي اسيمبلين ۾ موجود سياسي پارٽين جي ووٹن ذريعي چونڊون ڪرائڻ وارو اڻ سڌو طريقي ڪار رکيو ويو آهي؛[41] اُنهيءَ طريقي ڪار پڻ سينيٽ کي وڌيڪ ڪمزور بڻائي ڇڏيو آهي. (جو صوبائي سياسي پارٽين جي طرفان چونڊيل ميمبر سينيٽ ۾ سڄي صوبي بدران صرف پنهنجي مخصوص سياسي پارٽيءَ جي مفادن جو تحفظ ڪن ٿا) جنهن سببان پاڪستان ۾ وفاق، وحداني وفاق جي رنگ ۾ رنگجي ويو آهي. ۽ اِهو ئي سبب آهي،

جو پاڪستان جي وفاق کي هڪ حقيقي جمهوري وفاق (Democratic Federation) نہ، پر پنجابي-مهاجر بالادستيءَ تي ٻڌل وحداني وفاق (Unitary Federation) قرار ڏنو ويو ٿو. اُن کري، وحداني وفاق جي رياستي ڍانچي تي بينل ملڪ کي حقيقي وفاقي مُلڪ سمجهڻ بلڪل غلط ٿيندو.

1.4 آزاد عدليا ۽ پاڪستان

(Independent Judiciary and Pakistan)

هڪ وفاقي ملڪ ۾ عدليا جو ڪردار نهايت اهم هجي ٿو. عدليا نہ رڳو آئين جي تشريح ۽ اُن جو گهربل تحفظ ڪندڙ آئيني ادارو هجي ٿو، پر بُنيادي طور تي، انساني حقن جي تحفظ ۽ انصاف جي فراهمي کي يقيني بنائڻ جي ذميواري به عدليا جي حوالي هجي ٿي.[42] پاڪستان ۾ جئين ته سڄي رياست ۽ وفاق تي وڏي صوبي پنجاب جو قبضو رهيو آهي، اُن کري، هتي، اسان وٽ، عدليا جو آزاد ۽ خودمُختيار آئيني اداري طور ڪردار به اُپري نہ سگهيو آهي. اِهو ئي سبب آهي، جو پاڪستان ۾ عدليا جو ڪردار آئين جي جمهوري ۽ منصفاڻن اصولن تي تشريح ڪرڻ ۽ اُن جو گهربل تحفظ ڪرڻ بدران صرف وڏي صوبي ۽ اُن جي مخصوص ادارن جي جائز ۽ ناجائز مُفادن جو تحفظ ڪندڙ رهيو آهي. پاڪستان ۾ عدليا جو غيرجمهوري ڪردار مولوي تميزالدين ڪيس کانپوءِ اُپري ظاهر ٿيو، جنهن جو پسمنظر اِهو آهي، جو 1954ع تائين مُلڪ کي ڪو به آئين نہ ملي سگهيو هو.[43] جنهن سببان هِڪُ وڏو بُحران پيدا ٿيو، جنهن وري سياسي گهوٽالي کي وڌائي ڇڏيو ۽ نتيجي ۾، خواجا ناظم الدين کي وزيراعظم جي عهدي تان هٽايو ويو.[44] گورنر جنرل غلام محمد، آمريڪا مان محمد علي بوگراکي گهرائي، وزيراعظم جي عهدي تي ويهاريو.[45] مُلڪ ۾ بنگالي قوم قومي ناانصافيءَ ڀرلٽ خلاف احتجاج هلي رهيو هو. گورنر جنرل غلام محمد بُنيادي طور تي هڪ مرڪزيت پسند بيوروڪريٽ هو.[46] هُن جڏهن، 1954ع ۾ ڏٺو ته بنگال ۾ مسلم ليگ کي زبردست شڪست ملي آهي، ۽ ائين، متان، وزيراعظم محمد علي بوگرا بنگالي قيادت سان ٽاهه ڪري، طاقت جي توازن ۾ تبديلي نہ آڻي ڇڏي، اُن کري، هُن 24 آڪٽوبر 1954ع تي، سموري مرڪزي ڪابينا ۽ اسيمبليءَ کي ٽوڙي ڇڏيو.[47] اسيمبليءَ جي صدر مولوي تميز الدين گورنر جنرل جي اهڙي قدم کي عدالت (سنڌ هاءِ ڪورٽ) ۾ چيلنج ڪيو.[48] سنڌ هاءِ ڪورٽ ته مولوي تميز الدين جي حق ۾ فيصلو ڏئي ڇڏيو پروفاقي سرڪار اُن کي قبول نہ ڪيو ۽ ڪيس وفاقي عدالت ۾ کڻي وئي.[49] جئين

تہ وفاقي عدالت ۾ وڏي صوبي پنجاب جي ججن جي گھٽائي هئي، اُن کري، وفاقي عدالت نام نهاد 'نظريہ ضرورت' جو بهانو ٻڌائي، فيصلو وفاقي حڪومت جي حق ۾ ڏئي ڇڏيو.[50] ياد رهي تہ وفاقي عدالت جو اِهو نام نهاد 'نظريہ ضرورت' وارو غلط ۽ غير آئيني فيصلو جسٽس منير احمد ٻڌايو هو جنهن بعد ۾ علي اعلان اُن ڳالهہ جو اعتراف ڪيو تہ سندس وفاقي حڪومت جي حق ۾ ڏنل فيصلو ڪنهن بہ طرح سان، قانون ۽ آئين مطابق نہ، پر اُهو اُن وقت جي سياسي دباءَ جي پيش نظر ڏنو ويو هو.[51] بهرحال، پاڪستان ۾ عدليا نہ رڳو مولوي تميزالدين ڪيس ۾، پر مشهور 'دوسو ڪيس'، 'عاصمہ جيلاني' ڪيس ۽ 'نصرت پُٽو ڪيس' ۾ بہ اهڙو ئي غيرجمهوري ڪردار ادا ڪري، جمهوريت ۽ وفاقيت کي هڪ ڏونگ ٻڌائي ڇڏيو. ائين ئي، دراصل، پاڪستان ۾ عدليا جو جيڪو غيرجمهوري ڪردار اُپري ظاهر ٿيو. اُن مان ماڻهن جو انصاف ۽ آئين جي بالادستيءَ تان ئي ورڻگو وشواس کڄي ويو. چاڪاڻ تہ ملڪ نمڻ کانپوءِ ترت اصل بالادست قوتن ملڪ جي عوام ۽ خاص طور ننڍين صوبن ۽ وحدتن کي اِهو پيغام ڏئي ڇڏيو هو تہ هن ملڪ ۾ آئين ۽ انصاف جي فراهمي، جمهوري اصول مطابق نہ، پر 'جيڪو ڏاڍو سو گابو' (Might is Right) واري اصول مطابق ٿيندي، بهرحال، پاڪستان ۾ جئين تہ عدليا جو ڪو بہ حقيقي وفاقي ۽ جمهوري ڪردار ناهي رهيو، اُن کري، هتي، اسان وٽ، آئين جي بالادستي بہ خواب ٻٹيل آهي، جا وفاقيت توڙي هڪ حقيقي وفاقي ملڪ جي بقاءَ، استحڪام ۽ سگهہ لاءِ بنيادي وٽ واري حيثيت رکندڙ هجي ٿي، ۽ جئين تہ اِهو سڀ ڪجهہ پاڪستان جي موجوده رياستي ڍانچي ۽ اُن جي وفاق ۾ عمل پذير ناهي رهيو، اُن کري، پاڪستان کي ڪنهن بہ طرح سان هڪ وفاقي ملڪ نہ ٿو سمجهي سگهجي.

پاڪستان سماجي ۽ معاشرتي لحاظ کان تہ وفاقي مُلڪ آهي، پر بطور رياست وفاقي ناهي

اصل ۾، پاڪستان جو سماج ۽ معاشرو تہ وفاقي آهي، جو اُهو پنهنجي بنيادي بيهڪ توڙي جوهر ۾ هڪ-قومي، هڪ-ثقافتي يا هڪ-نسلي نہ، پر مختلف سنڌي، بلوچ، پنجابي ۽ پٹاڻ قوميتن جي گهڻ-رنگائي (Diversity) تي ٻڌل، گهڻ-قومي، گهڻ-نسلي، گهڻ-لساني ۽ گهڻ-ثقافتي مُلڪ رهيو آهي. اُن کري، اُن جو سماج ۽ معاشرو تہ وفاقي آهي، پر بدقسمتيءَ سان، پاڪستان، بطور مُلڪ يا بطور رياست، وفاقي ناهي! اِها حقيقت آهي، تہ پاڪستان جي باني اڳواڻ قائداعظم محمد علي جناح (1876-1948ع) جو پاڪستان جي باري ۾ تصور وفاقي پاڪستان وارو هو.[52]

جناح ۽ آل انڊيا مسلم ليگ جا ڪانگريس سان اختلاف توڙي 1940ع وارو لاهور ٺهراءُ وفاقيت جي تصور جي ساک پري ٿو[53] البت، ٽيو ائين، جو جئين ئي پاڪستان ٺهيو ته رياست جي اصل بالادست قوتن، هڪ سوچيل سمجهيل منصوبي مطابق، مُلڪ ۽ اُن جي وفاق جا حقيقي وفاقي بُنياد، نام نهاد آئيني هٿڪنڊن ذريعي تبديل ڪري، پاڪستان کي هڪ حقيقي وفاقي پاڪستان بنائڻ جي بدران، اُن کي طاقت جي ناجائز مرڪزيت تي ٻڌل وحداني حڪومتي نظام وارو پاڪستان بڻائي ڇڏيو[54] جنهن جي غير متوازن ۽ غيرجمهوري وحداني حڪومتي نظام ۾ قومون پاڻ کي غلام تصور ڪن ٿيون، اُن ڪري، پاڪستان کي بطور رياست، هڪ وفاقي ملڪ سمجهڻ بنهه غلط آهي. برابر پاڪستان کي، آئين ۾، هڪ وفاقي مُلڪ قرار ڏنو ويو آهي، پر اُهو پنهنجي بُنيادي بيهڪ، جوهر ۽ رياستي نظام ۾ طاقت جي مرڪزيت تي ٻڌل وحداني حڪومتي نظام تحت هلندڙ صحيح معنيٰ ۾، هڪ غيروفاقي مُلڪ آهي، جنهن ۾ اختيارن جي ورهاست ۽ طاقت جي مرڪزيت تي هڪ مخصوص قوم (۽ اُن جي جوڙيوال لساني ٽولي) جو قبضو آهي. مثال طور، پاڪستان جي قومي اسيمبلي آهي، اُن ۾ پنجاب ۽ پنجابي قوم جي ايتري ته عددي اڪثريت آهي، جو پاڪستان جون ٻيون ٽي قومون (سنڌي، بلوچ ۽ پٺاڻ) پاڻ ۾ گڏجي به، قومي اسيمبلي ۾ پنجاب جي عددي اڪثريت کي چيلنج نه ٿيون ڪري سگهن! ۽ اُهي مُستقل طور تي، قومي اسيمبليءَ ۾ پنجاب جي پيٽ ۾، عددي اقليت ۾ رهن ٿيون، جو قومي اسيمبليءَ ۾، پنجاب جي 183 نمائندن جي پيٽ ۾، سنڌ، بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا جي گڏيل 135 ميمبرن/نمائندن جو ڪو به Weightage نه ٿو ڄڙي![55] اِهو ئي سبب آهي، جو پنجاب ۽ پنجابي قوم جي راضپي کان سواءِ اُهي ٽي قومون گڏجي به پنهنجي قومي بهتري توڙي مُلڪ جي آئين سازي واري عمل ۾ موثر ڪردار ادا ڪري نه ٿيون سگهن، ۽ صورتحال ائين آهي، جو پاڪستان جي نام نهاد 'وفاقي نظام' ۾ صرف پنجاب ۽ پنجابي قوم جو ئي قبضو رهي ٿو. باقي ٻيون سموريون قومون اُنهيءَ قبضي جي ڇانو هيٺ رهڻ تي مجبور آهن. ته ڇا اِها وفاقيت آهي؟ ڇا اهڙي غيرمتوازن حڪومتي سياسي نظام رکندڙ مُلڪ کي هڪ وفاقي مُلڪ چئي سگهجي ٿو؟ ڇا اهڙو مُلڪ وفاقيت جي اصولن تي هلندڙ مُلڪ آهي، جنهن ۾ صرف هڪڙي قوم رياست جي اڇي ڪاري جي مالڪ هجي، ۽ ٻيون سموريون قومون اُن جون محتاج، ڪيڇهو ۽ غلام هجن؟ ڇا اُن کي وفاقي مُلڪ چئبو، جنهن ۾ هڪ مخصوص قوم ۽ اُن جو حڪمران ٽولو ئي رياست جو بالادست ٽولو بڻيو وينو رهي؟ ڇا اُن مُلڪ کي حقيقي

وفاقي مُلڪ چئي سگھجي ٿو جتي قومن جي وچ ۾ پوليٽيڪل پئريٽي ۽ اختيارن جي عدم مرڪزيت هڪ خواب بڻيل هجي؟ اِها دراصل، وفاقيت نہ، پر وحدانيت آهي، ۽ اهڙي حڪومتي نظام کي، ڪنهن به طرح سان، وفاقي چئي نہ ٿو سگھجي. وفاقيت جو روح اُن ۾ آهي، تہ وفاق ۽ اُن ۾ قومن جي وچ ۾، رياستي اختيارن جي ورهاست، طاقت جي عدم مرڪزيت تي بڏل هجي، جنهن سببان، وفاق ۾ شامل قومن جي خودمُختياري يقيني بڻجيو پوندي آهي. سوال آهي تہ، چا پاڪستان ۽ اُن جي رياستي نظام ۾، وفاق جا صوبا يا قومون بااختيار آهن؟ چا هتي قومن ۽ وفاقي وحدتن کي خودمُختياري ڏني وئي آهي؟ چا هتي آئيني طرح سان، مرڪز جي صوبائي حڪومتن ۾ مداخلت کي بند ڪيو ويو آهي؟ جواب آهي نہ. دراصل، هتي ننڍيون قومون، وفاق ۽ اُن تي قابض پنجابي-مُهاجر مُفادن جون ڪيجهون ۽ محتاج آهن، هتي نام نهاد آئين جي بالادستي، نام نهاد قانون جي حڪمراني، نام نهاد آزاد عدليا، ۽ نام نهاد بن ايوانن واري ناڪي حڪومتي نظام تحت، صرف وڏي صوبي ۽ اُن جي حڪمران اشرافيا جو راج هلي ٿو. هتي سياسي، معاشي ۽ ثقافتي خودمُختياريءَ جي نالي تي مخصوص قوتن جي فائدي وٹان فيصلا ٹين ٿا. هتي وفاقي آئين جي نالي تي صرف ننڍين صوبن ۽ قومن جي ڦرلٽ ٹيندي رهي ٹي. هتي جمهوري وفاق ۽ صوبائي خودمُختياريءَ جو ڪو تصور ئي ناهي. عدم مرڪزيت هڪ خواب بڻيل آهي. برابري ۽ جمهوريت جو ڪو اصول ئي نہ آهي. هڪ مخصوص وڏي قوم ٻين ننڍين قومن تي راج ڪري ٹي. رياست جا سمورا فيصلا ۽ فائدا صرف وڏي قوم جي مُفادن وٹان ٹيندا رهن ٿا. هاڻي، جنهن مُلڪ ۾ وفاق جوڙيندڙ آئيني وحدتون، صوبا ۽ قومون بااختيار ناهن، جنهن مُلڪ ۾ اختيارن جي ورهاست وفاقيت جي بنيادي تصور، روح ۽ اصول جي اُبتڙ طاقت جي مرڪزيت تي بڏل آهي، جتي وفاقي وحدتن جي سياسي، معاشي، قانوني ۽ ثقافتي خودمُختياري خواب بڻيل آهي، جتي آئين جي بالادستي، قانون جي حڪمراني ۽ آزاد عدليا جو ڪو تصور ناهي، جتي وفاقيت بدران وحدانيت جو راج آهي، ***جتي وفاق قومن جي برابريءَ وارو جمهوري وفاق نہ، پر پنجابي-مهاجر مُفادن تي بڏل هڪ اهڙو مشڪندو آهي، جو اُن ۾ تي صوبا گڏجي به پنهنجو حق حاصل نہ ٿا ڪري سگھن.*** تہ پوءِ اهڙي مُلڪ کي وفاقي مُلڪ ڪيئن چئي يا سمجهي سگھجي ٿو؟

پاڪستان کي، دراصل، صحيح معنيٰ ۾، بااختيار قومن واري هڪ حقيقي وفاقي پاڪستان بنائڻ جي شديد گهرج آهي، جنهن ۾ آئين جي بالادستي (Supremacy of Constitution)، سُٹي حڪومت (Good Government)، قانون جي

حڪمراني (Rule of Law)، صوبائي خومختياري (Provincial Autonomy) ۽ آزاد عدليا (Independent Judiciary) جو راڄ هجي، جتي اختيارن جي ورهاست طاقت جي مرڪزيت (Centralization) جي بُنياد تي نہ پر وفاقيت جي بُنيادي اصول، يعني اختيارن جي عدم مرڪزيت (Decentralization) جي بُنياد تي هجي. پاڪستان کي هڪ اهڙي پاڪستان بنائڻ جي ضرورت آهي، جنهن جي وفاق وٽ، 1940ع واري ٺهراءَ مطابق صرف چارکاتا دفاع، ڪرنسي، پرڏيهي معاملا ۽ مواصلات هجن ۽ ٻيا سمورا کاتا توڙي اختيار وفاق جوڙيندڙ قومن جي حوالي هجن. پاڪستان کي هڪ اهڙي پاڪستان بنائڻ جي ضرورت آهي، جتي ڪا به طبقاتي گهٽ وڌائي، ناانصافي، ڦرلٽ، غيرقانونيت ۽ ماراماري نہ هجي، جتي جمهوريت ۽ قانون جي حڪمراني هجي، جتي فوج، عدليا، ميڊيا ۽ رياست جو مُنصفاڻو ڪردار هجي، جتي نہ رڳو سُڌي حڪمراني هجي، پر اُن جي عملي اطلاق مان عوام جي وسيع تر گهٽائي کي گهربل لاءُ به ملندو هجي. پاڪستان کي هڪ اهڙي پاڪستان بنائڻ جي ضرورت آهي، جتي سول سوسائٽي مضبوط ۽ سگهاري هجي، جتي اظهار جي سپ-طرفي آزادي هجي، جتي طاقت جي مرڪزيت نہ پر اختيارن جي عدم مرڪزيت جو اصول لاڳو هجي. پاڪستان کي هڪ اهڙي پاڪستان بنائڻ جي ضرورت آهي، جنهن ۾ محدود مرڪز ۽ بااختيار صوبا هجن، جتي وفاقي وحدتن کي مُڪمل سياسي، سماجي، معاشي ۽ ثقافتي خودمختيار حاصل هجي، جتي وفاق، مخصوص قوم ۽ اُن جي جوڙيوال لساني تولي جي نمائندگي نہ، قومن جي جمهوري برابريءَ جي نمائندگي ڪري. پاڪستان کي هڪ اهڙي وفاقي جمهوري پاڪستان بنائڻ جي ضرورت آهي، جيڪو جمهوري وفاق جي تصور تي ٻڌل هجي، جنهن ۾ ڪنهن به مخصوص قوم جي ناجائز بالادستي نہ هجي، جتي رياست جي اختيارن تي، ڪا به هڪ هٿي نہ هجي، جتي رياست جو ڍانچو نانگي نہ، پر حقيقي ٻن ايوانن واري حڪومتي سرشتي (Bicameralism) تي ٻڌل هجي، جتي اپر هائوس (سينيٽ)، لوئر هائوس (قومي اسيمبليءَ) جي ماتحت ۽ محتاج نہ هجي، جتي اپرهائوس (سينيٽ) بااختيار هجي، جتي سينيٽ جو نانگي نہ، پر وفاقيت جي اصل روح مطابق بااختيار ۽ سگهارو ڪردار هجي، جتي آئين، حقيقي معنيٰ ۾ وفاقي نوع جو هجي، جتي آئين جي حقيقي بالادستي هجي، جتي قومن جي 'گهٽائيءَ' (Diversity) لاءِ قبوليت ۽ احترام جو مثبت جذبو هجي، جتي وفاقي اِڪاين، صوبن ۽ قوميتن کي مُڪمل خودمُختياري هجي، جتي هڪ قوم، ٻي قوم جو پاڻ کي ماتحت نہ سمجهي، جتي وڏي قوم جي ڪا به بالادستي نہ هجي، جتي

ڪرپشن، لاقانونيت، بدامني، دهشتگردي ۽ عدم تحفظ واري صورتحال نہ هجي، جتي انتهاپسندي ۽ مذهبي جنونيت جو راج نہ هجي، جتي مشعل خان جي قتل ۽ نورين لغاري سان ٿيل ورتاءَ جهڙا واقعا نہ ٿيندا هجن، اهڙو پاڪستان ئي دنيا جي سُڌريل مُلڪن سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي، اڳتي وڌي ترقي ڪري سگهي ٿو ۽ اُهو سڀ ڪجهه صرف تڏهن مُمڪن بڻجي سگهندو جڏهن، پاڪستان ۾ جمهوري وفاقيت، وفاقي آئين ۽ اُن مطابق عدم مرڪزيت واري حڪومتي نظام ۽ اُن جي اطلاق کي مُمڪن بڻائڻ لاءِ عملي ڪوششون ورتيون ويندیون.

پاڪستان لاءِ وفاقيت ڇو ضروري آهي؟

وفاقيت، دراصل، بين الاقواميت پسنديءَ جو هڪ لقاءُ آهي، جيڪو قومپرستيءَ جي نسلي برتري تي ٻڌل شائونسٽ نظريي کي رد ڪري، قومن جي 'اتحاد' (Unity) ۽ 'ڳهڻائي' (Diversity) کي همٿائيندڙ آهي، جنهن سان اجتماعيت ۽ انساني بهتري لاءِ ماحول تيار ٿئي ٿو. اِهو ئي سبب آهي، جو قوميتي ڊائيورسٽي ۾ ورتل مُختلف مُلڪن ۽ مُختلف سماجن ۾ اِتحاد پيدا ڪرڻ لاءِ وفاقيت ۽ وفاقي نظام کي ضروري سمجهيو وڃي ٿو. وفاقيت، اُن ڪري بہ ضروري آهي، جو وفاقيت جو وشواس آهي، تہ مُختلف قومن، نسلن، طبقن، تهذيبن ۽ ثقافتن جي گهڻ-رنگائي ۾ ورتل سماجن[56] (Plural Societies) جون قومون هڪٻئي جي آزادي، خودمُختياريءَ کي رد ڪري، هڪٻئي کي غلام، محتاج ۽ مظلوم بڻائي نہ، پر هڪٻئي سان، برابريءَ جي بُنياد تي، اتحاد ڪري، هڪٻئي سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي، هڪٻئي جي گوناگون تجربن مان گهربل لاڀُ پرائي، سڀ-طرفي ترقي، شاهوڪاري ۽ عروج جي لازوال ڏاڪي تي پهچي، پنهنجي عزت، پنهنجو وقار ۽ پنهنجو مانُ مٹانهون ڪري سگهن ٿيون. ۽ اُهو سڀ ڪجهه ڪرڻ توڙي حاصل ڪرڻ لاءِ جمهوري وفاقيت هڪ مُڪمل سياسي نظام ۽ بندوبست جي آڇ ڪري ٿي.[57] ٻيو تہ، موجوده دؤر قومن جي گڏپ ۽ اجتماعيت وارو دؤر بہ آهي. موجود دؤر، دنيا جهان کان ڏار ٿي، اُن کان ڪٽجي ويهي رهڻ وارو دؤر ناهي. جيڪڏهن هاڻوڪي دؤر ۾ دنيا جون قومون هڪٻئي سان ڪٽجي، ڏار ٿي ويهي رهن، تہ هوند سندن قومي وجود ئي متروڪ ٿيو پوي ٿو. اُن ڪري، اهڙي صورتحال کان بچڻ لاءِ بہ، وفاقيت، دنيا جي قومن، نسلي ۽ ثقافتي اقليتن کي نہ رڳو جمهوري طريقي سان برابريءَ جي بُنياد تي هڪٻئي جي ويجهو آڻي، هڪٻئي جي لاءِ احترام ۽ قبوليت ۾ ڪردار ادا ڪري ٿي. پر ائين ڪرڻ لاءِ اُها پوري طرح سان مُڪمل سگهه ۽

صلاحيت بہ رکي ٿي. اِهو ئي سبب آهي، جو اڄ دنيا ۾ اڻ-ڳٽين مُلڪن، علائقن ۽ رياستن ۾ وفاقيت ۽ اُن جي سياسي نظام جي اطلاق لاءِ وڏي سنجيده نوع جون ڪوششون بہ ٿي رهيون آهن. پاڪستان ۾ وفاقيت جي عملي اطلاق واسطي سنجيده ڪوششون ونڊ اُن ڪري بہ ضروري آهن، جو پاڪستان محدود مرڪز واري وفاقي تصور جي پيداوار آهي. پاڪستان نهڙ کان اڳ، جناح ۽ مسلم ليگ طرفان، قومن جي خودمُختياري جا جيڪي واعدا ڪيا ويا هئا، جن جي ضمانت طور 1940ع وارو لاهور نهراءُ پاس ڪيو ويو هو جنهن ۾ وفاقيت جي ڳالهہ ڪري، محدود مرڪز جي ڳالهہ ڪري، ۽ رياستن جي خودمختياريءَ جي ڳالهہ ڪري، وفاق ۾ شامل ٿيندڙ قومن جي مڪمل آزادي جي آئيني ضمانت ڏني وئي هئي، اُنهن واعدن، اُنهن اعلانن ۽ اُنهيءَ لاهور واري نهراءَ کي، پاڪستان نهڙ کانپوءِ نہ رڳو رديءَ جي ٽوڪريءَ ۾ ڦٽو ڪيو ويو پر پاڪستان ۾ شامل قومن سان تاريخي ويساهہ گهاتي ڪري، مُلڪ جي سياسي نظام جي جمهوري وفاقيت جي بنيادي اصول مطابق (جنهن جي لاهور واري نهراءَ ۾ ڳالهہ ڪئي وئي هئي) اڌاوت ڪرڻ بدران وحدانيت کي اوليت ڏني وئي، جنهن سببان، وفاقيت تہ رد ٿي وئي، پر وحداني حڪومتي نظام ۾ طاقت جي مرڪزيت پنجابي-مهاجر مفادن وٽ مرڪوز ٿيڻ ڪري، ملڪ ۾ قومي سوال بہ پيدا ٿيو.

اِها تاريخي رڪارڊ جي ڳالهہ آهي، تہ جناح ۽ آل انڊيا مسلم ليگ، ننڍي کنڊ ۾، خاص طور تي گڏيل هندوستان جي سياست ۾، مضبوط مرڪز ۽ وحداني حڪومتي نظام جي سخت خلاف هئي.[58] آل انڊيا ڪانگريس ۽ اُن جي ليڈرشپ سان جناح ۽ مسلم ليگ جا بُنيادي اختلافات ئي اُن ڳالهہ تي هئا، تہ گڏيل هندوستان لاءِ وفاقيت جي نظام کي مناسب سمجهندي، پوليٽيڪل پڙيٽي واري اصول مُطابق، مسلمانن کي هندن جي برابر نمائندگي ڏني وڃي. (جنهن تي ڪانگريس کو اتفاق نہ ڪيو ۽ اُن جي منطقي نتيجي طور جيڪو سياسي ڪٽراڳ پيدا ٿيو اُن ورهاڱي ۽ پاڪستان جي قيام جي راهہ هموار ڪري ڇڏي) ۽ اِهو ئي سبب آهي، جو ائين بہ ڇيو ويندو آهي، تہ جناح جو پاڪستان بابت تصور، هڪ اهڙي وفاقي مُلڪ وارو هو، جنهن ۾ وفاق وٽ صرف چار ڪاتا ۽ ٻيا سمورا ڪاتا وفاقي يونٽن جي حوالي ڪري، صوبائي خومُختياريءَ کي يقيني بڻائڻ جي سُفارش ڪئي وئي هئي، پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي، تہ پاڪستان نهڙ کانپوءِ ترت ئي، نام نهاد آئيني هٿ ڪنڊن ذريعي، مُلڪ کي جناح جي پوليٽيڪل پڙيٽي، صوبائي خودمُختياري، محدود مرڪز ۽ عدم مرڪزيت واري وفاقي تصور جي اُبتڙ تبديل ڪري،

پنجابي-مُهاجر مُفادن جي بالادستي قائم ڪئي وئي. جنهن جي نتيجي ۾ پاڪستان اندر نه رڳو قومن جي قرلٽ جا بُنياد پيا. پرهاڻ مورڳو ملڪ قومي تڪرارن جي ورچڑهي. رياستي طور وڏي بُحران جو به شڪار ٿي ويو آهي. پاڪستان جي رياست جي عدم استحڪام جو هڪ وڏو سبب اِهو به آهي. ته هتي هڪ مخصوص قوم ۽ اُن جي جوڙيوال لساني ٽولي کي. مُلڪ جي اڇي ڪاري جو مالڪ بڻائي. ننڍين قومن کي مُحتاج رکي. قومن جي وچ ۾ بدگماني ۽ عدم اعتماد کي اُپاري. ملڪ ۾ اڃ-ڪٽ قومي تڪرارن کي هوا ڏني وئي آهي. اُهي تڪرار اُها بدگماني ۽ اُهو عدم اعتماد. هاڻ. اُن سطح تي پهچي ويو آهي. جو خيبرپختونخوا ۾ دهشتگردي سببان حڪومتي رِٽ بحال ڪرائڻ به مُلڪ جي عسڪري ادارن لاءِ هڪ وڏو چيلنج بڻجي ويو آهي. بلوچستان جي صورتحال ايتري ته ابتر آهي. جو اُتي پاڪستان جو نالو ٻُڌڻ لاءِ به ماڻهو تيار ناهن! ۽ حبيب جالب جهڙي وطن دوست شاعر کي مجبور ٿي چوڻو پيو: "مجھے زندگی بھر پاکستان میں جینے کی سزا نہ دو، مجھے پاکستان میں ساٹھ سال جینے کی سزا معلوم ہے۔"[59] سنڌ ۾ لاقانونيت. ڪرپشن. ادارن جو ناقص پڻو سرڪاري ايجنسين هٿان قومي ڪارڪنن کي ڪنيڙ ۽ سندن بي رحماڻو قتل عام. پاڻي. روزگار ۽ وسيلن جي منصفاڻي ورڇ لاءِ هلندڙ جدوجهد مورڳو پاڪستان ۾ قوميتي 'اتحاد' (Unity) ۽ 'ڳهڻائي ۾ هيڪڙائي' (Unity in Diversity) واري مقصد کي خطري ۾ وجهي. وفاق کي ڪمزور ۽ تڪراري بڻائي ڇڏيو آهي. جنهن سببان اُن جي ناڪاميءَ جون به ڳالهيون ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون. دراصل. پاڪستان ۾ قومي سوال جو مُنصفاڻو نبيرو صحيح معنيٰ ۾. جمهوري وفاقيت واري نظام جي عملي اطلاق ۾ مُمڪن آهي. ۽ جمهوري وفاقيت واري حڪومتي سياسي نظام کي اپنائي. نه رڳو پاڪستان ۾ موجود قومي سوال کي حل ڪري سگهجي ٿو پر پاڪستان جي رياست کي عدم استحڪام واري صورتحال مان به ٻاهر ڪڍي سگهجي ٿو. پر سوال آهي. ته چا رياست جون بالادست قوتون. پاڪستان ۾ حقيقي وفاقي نظام مُتعارف ڪرائي. مُلڪ جي وفاق ۾ شامل قومن کي مُڪمل خودمُختياري ڏئي سگهن ٿيون؟ چا اُهي. مُلڪ تي. گذريل 70 سالن کان قائم ڪيل پنهنجي ناجائز قبضي ۽ استيٽسڪو تان هٿ کڻي سگهن ٿيون؟ چا اُهي مُلڪ کي حقيقي وفاقي ملڪ بڻائڻ واري رستي تي هلائي سگهن ٿيون؟ اسان وٽ پاڪستان کي. شروع ۾ وفاقي اصولن جي اُبتڙ هلائي ويو. ته اُن جو نتيجو بنگال جي ڌار ٿيڻ جي صورت ۾ نڪتو ۽ مُلڪ اندر عليحدگي پسند لاڙن کي تقويت ملي. اُن ڪري. سوال آهي. ته چا اسان جي مُلڪ جي اصل بالادست قوتن تاريخ مان سبق حاصل ڪيو آهي؟ چا اُهي مُلڪ جي پلائيءَ واسطي

پنهنجو قبلو درست ڪري سگهن ٿيون؟ ڇا اُهي جمهوري وفاقيت جي اهميت ۽ شعور کي ضروري سمجهن ٿيون؟

آخري ڳالهه

اسان وٽ وفاقيت بابت اڪيڊمڪ سمجهه جو تمام وڏو فقدان رهيو آهي، جو اسان وٽ وفاق ڇا آهي؟ وفاق ڪيئن هجي ٿو؟ وفاق جا لوازمات ڇا هجن ٿا؟ اُهو ڪيئن ۽ ڇو ٿهندو آهي؟ اُن جي باري ۾ اڪيچار غلط ۽ مفروضاتي ڳالهيون ڦهليل آهن. ٻيو ته ڇڏيو پر خود اسان جي مُلڪ جي وفاقي سياسي پارٽين کي به اِها پروڙ ناهي، ته وفاق ڇا آهي؟ مثال طور: 8جون 2016ع تي، سينيٽ ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻن، انين اين ايف سي ايوارڊ واري معاملي تي، احتجاج ڪندي، اُهو مؤقف رکيو آهي، ته ارڙهين ترميم بعد پاڪستان نئون وَفاقُ بڻيو آهي؛ اُن ڪري، مسئلا حل ڪري، توازن پيدا ڪيو وڃي.[60] جيتوڻيڪ مسئلا حل ڪري، مُلڪ ۾ توازن آڻڻ واري ڳالهه ته درست آهي، پر هيءُ مؤقِفُ بُنيادي طور تي، غلط ۽ ڪج فهمي تي ٻڌل آهي، ته ارڙهين ترميم بعد پاڪستان هڪ نئون وفاق بڻيو آهي. دراصل، ارڙهين ترميم تحت پاڪستان هڪ نئون وفاق ناهي بڻيو. وفاق بابت اهڙي سمجهه بلڪل ئي غلط آهي؛ ڇاڪاڻ ته، ڪو به نئون وفاق، آئين ۾ ترميم سان نه، پر نئين آئين ٺاهڻ سان ٺهندو آهي، ۽ نئين آئين ٺاهڻ جو استحقاق به، ڪنهن فرد واحد يا ڪميٽيءَ وغيره جو نه، پر بُنيادي طور تي، وفاقي اڪاين (Federating Units) جي قانون ساز اسيمبلين جو هجي ٿو. اُن ڪري، ارڙهين ترميم بعد پاڪستان کي نئون وفاق سمجهڻ يا قرار ڏيڻ، بلڪل ئي غلط ۽ وفاقيت جي سمجهه کان محروميءَ جو هڪ لقاءُ ٿيندو. پاڪستان ۾ برابر نئين وفاق ٺاهڻ جي اشد ضرورت آهي، جو ملڪ جو رياستي بُحران ۽ قومي سوال جو حل، هاڻ اُن پد تي وڃي پهتو آهي، جتي ملڪ ۾ نئين سماجي معاهدي تحت، نئين وفاق ٺاهڻ کان سواءِ ٻيو ڪو به رستو ناهي بچيو. پر ڏنو وڃي، ته اِها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي اوکي ضرور آهي؛ ڇاڪاڻ ته، موجوده حالتن ۾ قانون ساز اسيمبلين جي قيام جو معاملو نهايت ئي هڪ پيچيدو معاملو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، پر قطع نظر اُن جي، اِها به حقيقت آهي، ته جيڪڏهن مُلڪ جون اصل قوتون چاهين، ته نئين وفاق ٺاهڻ واري ڳالهه، ڪنهن به طرح سان، ناممڪن ناهي.

***

باب:11

نتيجو (Conclusion)

پاڪستان هڪ سُنو ملڪ آهي، پر بدقسمتيءَ سان، حڪمران اشرافيا جي نيت، ڪردار، مُفاد ۽ مقصد ڪڏهن به هجڻ ڪري، اُهو وفاق ۾ شامل قومن جي خودمختياريءَ وارو حقيقي وفاقي ملڪ بڻجي، گهربل ترقي ۽ استحڪام حاصل نه ڪري سگهيو آهي، ۽ مستقل طور تي عدم استحڪام جي ورڇهيل رهي ٿو. اڄ مُلڪ جي صورتحال خراب آهي؛ دهشتگردي، ڪرپشن، مذهبي انتهاپسندي ۽ مذهبي جنونيت، رياست لاءِ اڪيچار خطرا پيدا ڪري ڇڏيا آهن. خيبرپختونخوا ۾ مشعل خان جي بي رحماڻي قتل ۽ سنڌ ۾ نورين لغاريءَ جي داعش انتهاپسند دهشتگردن هٿان استعمال ٿيڻ وارن لقائن، اُهو پڌرو ڪري ڇڏيو آهي، ته ڪهڙي طرح سان اسان جي مُلڪ جي تعليمي ادارن، يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۾، اسان جو نوجوان نسل انتهاپسنديءَ جي بيماري ۾ مبتلا ٿيندو پيو وڃي.[1] ڪرپشن هر اداري کي معذور ۽ مفلوج بڻائي ڇڏيو آهي؛ سماجي انصاف ۽ قانون جي حڪمرانيءَ جو ته ڪو تصور ئي ناهي؛ دهشتگردي، بدامني، ٻُک، معاشي بدحالي، بيروزگاري، عدم تحفظ ۽ لاقانونيت واري صورتحال عوام کي پريشان ۽ ويڪاڻو بڻائي ڇڏيو آهي؛ وڏي صوبي ۽ ننڍن صوبن جي وچ ۾، پاڻيءَ، ناٽي، روزگار ۽ اين ايف سي ايوارڊ تحت ٿيندڙ مالياتي ورڇ سببان اُپرندڙ قومي تڪرار، سنڌ ۾ عوامي سطح تي قهليل مايوسي ۽ رياست تي عدم اعتماد، بلوچستان ۾ عليحدگي پسند رجحان، بيروني قوتن جي مداخلت، هندوستاني جاسوس ڪلبوشڻ جو بلوچستان مان گرفتار ٿيڻ، ۽ هُن طرفان پاڪستان اندر تخريبي ڪارروائين ڪرڻ جو اعتراف ڪرڻ، خيبر پختونخوا ۾ تيزيءَ سان وڌندڙ مذهبي جنونيت، مُلڪ جي فوج ۽ عسڪري ادارن جو اُتي مستقل طور تي جنگ جي حالت ۾ رهڻ، اُن ڳالهه جو ڇڻو ثبوت آهي، ته پاڪستان جي اندروني حالت درست ناهي، ۽ اُها هڪ اهڙي بُحران ۾ ورتل آهي، جيڪو بُحران رياست جي ناڪام پاليسيءَ جي عڪاسي ڪري ٿو.[2] جڏهن ته،

ملڪ ۾ قومي تضاد جئين جو تئين برقرار آهي. بنگال جي سانحي جي باوجود قومي سوال ڏانهن اڃا تائين ڪو به ڏمیوار رويو رکيو ناهي ويو. رياستي سطح تي، اڃا به ائين سمجهيو وڃي ٿو ته پاڪستان جي وفاق ۾ شامل قوميتن کي حق ڏيڻ سان وفاق ڪمزور ٿيندو ۽ مُلڪ نہ هلي سگهندو. اِهو ئي سبب آهي، جو پاڪستان ۾ جڏهن به ننڍين قومن جي مادرين ٻولين (Indigenous Languages) کي قومي ٻولين جي درجي ڏيڻ جو مطالبو ٿئي ٿو ته اُن کي سختيءَ سان رد ڪيو وڃي ٿو ۽ چيو وڃي ٿو ته ائين ڪرڻ سان وفاق ڪمزور ٿي ويندو.[3] دراصل، اِها غلط ۽ ڪوڙو سوچ آهي. *تاريخ جو ڪارو ٻڌائي ٿو ته پاڪستان جي وفاق لاءِ قومن کي حق ڏيڻ سان نہ، پر حق نہ ڏيڻ سان خطرو پيدا ٿيو آهي. بنگال جو ڌار ٿيڻ اُن جو واضح ثبوت آهي.* پر اسان جي حڪمران اشرافيا، اڄ تائين، اُن حقيقت کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. جڏهن ته، رياستي سطح تي قوميتي ڊائيورسٽيءَ (Diversity) جي به ڪا سمجهه ۽ احترام ناهي! اهڙي سمجهه جي ڪوٽ سببان نہ رڳو ملڪ اندر قومي اتحاد (Unity) ۽ 'گهٽائي ۾ هيڪڙائي' (Unity in Diversity) وارو مقصد ڏکيو ٻٽيل رهيو آهي، پر اُنهيءَ صورتحال جي منطقي نتيجي طور خود وفاق به عدم استحڪام جي نذر رهي ٿو. قوميتي اتحاد واري سوال کي مضبوط مرڪز واري غيرجمهوري سوچ سان مشروط رکڻ سببان وفاق ۾ شامل ننڍين قومن ۾ عليحدگي پسند لاڙو پڻ پيدا ٿي رهيو آهي.

اڄ، پاڪستان ۾ مذهبي شدت پسنديءَ ۽ دهشتگرديءَ رياست لاءِ هڪ وڏو خطرو پيدا ڪري ڇڏيو آهي. گذريل ٻن ڏهاڪن ڪان رياست ۽ اُن جا سمورا ادارا تحرڪ ۾ هجڻ جي باوجود مذهبي شدت پسنديءَ ۽ دهشتگرديءَ جي پاڙ پٽي ناهن سگهيا. سوال آهي، ته پاڪستان ۾ مذهبي انتهاپسنديءَ ۽ دهشتگرديءَ جي پروان چڙهڻ جو بُنيادي ڪارڻ ڪهڙو آهي؟ اِن حوالي سان، مُختلف ماهر مُختلف ڳالهيون ڪن ٿا. پنجابي-مُهاجر 'ترقي پسند' دانشورن جو خيال آهي، ته پاڪستان، جئين ته به قومي نظريي تحت مذهب واري غلط بُنياد تي نهيو، اُن ڪري، مُلڪ ۾ مذهبي انتهاپسنديءَ ۽ جنونيت پروان چڙهي آهي،[4] پر مان پانيان ٿو ته مذهبي انتهاپسنديءَ جي وڌندڙ رجحان ۽ اُن جي بنيادي سببن جي باري ۾ اهڙو مؤقف بلڪل غلط، غيرمعروضي ۽ تاريخي حقائق جي اُبتڙ آهي. پهرين ڳالهه ته، پاڪستان ڪنهن به طرح سان به قومي نظريي تحت، مذهب واري غلط بُنياد تي نہ نهيو هو. پاڪستان جي بُنياد بابت اهڙي ڳالهه يا مؤقف رکڻ، غير معروضيت آهي. (پاڻ اِن بابت، پنهنجو مؤقف هن ڪتاب جي ٻئي باب ۾ پيش ڪري چڪا

آهيون) اِها ڳالهه برابر دُرست آهي، ته پاڪستان ناهڻ واري تحريڪ ۾ جناح ۽ مسلم ليگ به قومي نظريي جي ڳالهه ڪئي هئي، پر تاريخ جو رڪارڊ ٻڌائي ٿو ته جناح ۽ مسلم ليگ طرفان به قومي نظريي جي ڳالهه ، ڪانگريس جي نام نهاد 'مها هندوستاني قوم' واري هڪ قومي نظريي جي رد عمل طور ۽ اُن جي توڙ (Tactic) لاءِ ڪئي وئي هئي.[5] ۽ اُن جو پاڪستان جي بُنياد يا قيام واري مقصد (Commitment) سان ڪو به تعلق نه هو.[6] ٻيو ته، جناح ۽ مسلم ليگ کي اُنهيءَ به قومي نظريي ۽ مذهب جي ڪارڊ کي استعمال ڪرڻ تي به خود ڪانگريس ۽ اُن جي قيادت مجبور ڪيو هو جو مان سمجهان ٿو ته جيڪڏهن ڪانگريس معروضيت وارو رويو رکي، 'اکنڈ پارت' ۽ 'مها هندوستاني قوميت' تي ٻڌل هڪ قومي نظريي وارو مفروضاتي مذهبي نعرو بلند نه ڪري ها، ته اُن جي ردعمل ۾ مسلمانن طرفان به قومي نظريي وارو فرقيواراڻو نعرو به هرگز نه لڳي ها. ٻي ڳالهه ته، پاڪستان ۾ تيزيءَ سان وڌندڙ مذهبي انتهاپسنديءَ، دهشتگرديءَ ۽ جنونيت، اصل ۾ پاڪستان جي حڪمران طبقي جي پرجا پيڙڪ پاليسين جو نتيجو آهي؛ اُن کي پاڪستان جي بُنياد يا قيام واري معاملي سان ڳنڍڻ سمجهڻ غلط ٿيندو. برابر 1949ع ۾ آئين لاءِ منظور ٿيندڙ قرارداد مقاصد سببان، پاڪستان ۾ مذهبي شدت پسنديءَ ۾ واڌ آئي، پر اُنهيءَ مذهبي شدت پسنديءَ واري لڦاءَ کي پاڪستان جي قيام يا بُنياد واري معاملي سان ڳنڍيڻ، هڪ وڏي دانشورانه بدديانتي آهي. دراصل، اسان جي مُلڪ جي حڪمران اشرافيا، سرد جنگ واري زماني کان وٺي، آمريڪا جي اتحادي بڻجي، افغانستان ۾ روس خلاف محاذ کوليو. نام نهاد 'اسلامي جهاد' ذريعي رجعت پسنديءَ جو جيڪو بيج ڇٽيو هو، اِهو بيج، هاڻ، مذهبي انتهاپسنديءَ ۽ دهشتگرديءَ جي روپ ۾ وڏي وڻ ٿي ويو آهي؛[7] اُن کي، ائين چوڻ ۾ ڪو به وڌاءُ ناهي، ته اڄ پاڪستان ۾ مذهبي دهشتگرد قوتن جو مٿي جو سور پيدا ڪيو آهي، سو خود رياست جو ئي پيدا ڪيل آهي ۽ رياست ئي اُن کي ڇڳيءَ طرح سان مُنهن ڏئي سگهي ٿي. البت، اِها ٻي ڳالهه آهي، ته رياست پنهنجي مخصوص اسٽريٽجڪ مُفادن سببان، پاڪستان اندر مذهبي جنونيت ۽ دهشتگرديءَ خلاف حتمي ڪارروائي کي ايجا اوليت نه ٿي ڏني وڃي. اُن کي، اُنهن بنيادي حقائق کي نظرانداز ڪري، صرف اُهو چئي ڇڏڻ، ته پاڪستان، جئين ته به قومي نظريي جي بُنياد تي غلط نموني سان نهيو آهي ۽ اُن کي، پاڪستان ۾ مذهبي انتهاپسنديءَ ۽ جنونيت وڏي آهي، نه رڳو غلط ڳالهه آهي، پر اِها غلط ڳالهه پاڪستان جي حڪمران طبقي جي پرجا پيڙڪ ڪردار تي به ڪڪ رکي ٿي.

دراصل، پاڪستان جو اصل مسئلو يا بُحران اُن جي وجود يا اُن جي بنياد سان نہ، پر اُن جي رياست ۽ وفاق جي ڍانچي سان لاڳاپيل آهي. پاڪستان 1940ع واري ٺهراءَ جي بنياد تي، محدود مرڪز (Weak Federal Centre) جي تصور تحت حاصل ڪيو ويو هو. جناح ۽ مسلم ليگ جا ڪانگريس سان اختلاف بہ، گڏيل هندوستان جي وفاق ۽ اُن جي آئين سان لاڳاپيل هئا. جناح محدود مرڪز ۽ مڪمل صوبائي خودمختياريءَ جو حامي هو.[8] اُن ڪري، هُن، گڏيل وفاقي هندوستان لاءِ هڪ اهڙو حقيقي جمهوري وَفاقُ ۽ هڪ اهڙو حقيقي جمهوري آئين چاهيو ٿي، جنهن ۾ مسلمانن کي هندن سان گڏ رهڻ لاءِ برابريءَ واري حيثيت ۽ نمائندگي مليل هجي. ڪانگريس کي اهڙو جمهوري وفاق ۽ جمهوري آئين هرگز پسند نہ هو. اُها مضبوط مرڪز جي حامي هئي؛[9] اُن، گڏيل هندوستان ۾ اهڙو وحداني وفاق ۽ اهڙو وحداني آئين ٿي چاهيو جنهن ۾ اختيارن جي مرڪزيت هندو اڪثريت وٽ مرڪوز ٿيل هجي.[10] دراصل، اُهو بنيادي سياسي تضاد هو جنهن سببان ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ۾ مُفاهمت نہ ٿي سگهي. ائين، ڏرين ۾ پيدا ٿيل سياسي تڪرار جي منطقي نتيجي طور، 14 آگسٽ 1947ع تي، پاڪستان وجود ۾ اچي ويو. تاريخ جو جَبرُ اُهو آهي، جو پاڪستان جنهن محدود مرڪز (Weak Federal Centre) واري جمهوري تصور جي بُنياد تي حاصل ڪيو ويو اُنهيءَ جمهوري تصور کي پاڪستان ٺهڻ بعد عملي روپ ڏيڻ ۽ اُنهيءَ تصور جي بنياد تي پاڪستان جي وفاق جي قومي برابريءَ واري جمهوري اصول تحت اڏاوت ڪرڻ ۽ پاڪستان کي حقيقي جمهوري وفاقي آئين ڏيڻ بدران ڪانگريس واري مضبوط مرڪز (Strong Unitary Centre) کي اوليت ڏئي، پاڪستان ۾ وفاق جي وحداني اڏاوت ڪري، اختيارن جي ناجائز مرڪزيت کي پنجابي-مهاجر حڪمران اشرافيا وٽ مرڪوز ٿيڻ، هڪ پاسي، پاڪستان ۾ قومي تضاد کي اُپاريو ويو تہ وري ٻئي پاسي، ملڪ کي 1956ع، 1962ع ۽ 1973ع وارا مرڪزيت پسند آئين آڇي، ملڪ ۾ جمهوريت ۽ وفاقيت کي بہ هڪ سوال بڻايو ويو. جنهن سببان شروع کان وٺي ملڪ لاءِ قومي، سياسي ۽ آئيني بُحران مقدر بڻيل رهيو. جنهن مان، هاڻ ٻيون بہ ڪيتريون ئي خرابيون پڻ پيدا ٿي چڪيون آهن. هاڻ، هيءَ جيڪو مذهبي جنونيت، انتهاپسنديءَ ۽ دهشتگرديءَ جو مسئلو آهي، اُهو بہ دراصل، ملڪ کي غلط پاليسيءَ تحت هلائڻ جو نتيجو آهي. اُن ڪري، ضرورت اُن ڳالهہ جي آهي، تہ ملڪ ۾ سڀ کان پهرين وفاق جي نئين سر اڏاوت تي غور ويچار ڪيو وڃي، ۽ اُن جي بيهڪ کي درست ڪري، اُن کي

وحداني وفاق مان ڦيرائي، جمهوري وفاق ٻڌائي، قوميتي ڊائيورسٽيءَ لاءِ احترام وارو ماحول پيدا ڪري، قومن کي مڪمل سياسي، قومي، معاشي ۽ ثقافتي خودمختياري ڏئي، قومي سوال کي حل ڪيو وڃي. جڏهن تہ مذهبي دهشتگردي، انتهاپسندي، جنونيت، رياستي ادارن جي ڪرپشن ۽ بدامني جي خاتمي لاءِ ناڪي نہ، پر عملي ۽ سنجيده نوع جا اُپاءَ ونڊي، پاڪستان کي ترقي ۽ خوشحاليءَ جي رستي آڻي سگهجي ٿو ۽ ائين، اوس ڪرڻ بہ گهرجي؛ ٻي صورت ۾ مُلڪ ۾ پيدا ٿيل قومي سوال، مذهبي شدت پسندي، سويلين سياسي ادارن جو ناقص پٽو جمهوريت جي بُحران، سول سوسائٽي جي مرٽينگ حالت، ڪرپشن، بدعنواني، رياستي بدانتظام ڪاري، سول حڪمرانن جي سياسي اڻوجهائپ، خراب حڪمراني، جمهوري نظام ۽ جمهوري ڪلچر جي ڪمزوري، قومي بدگماني، سماجي انصاف جي اڻ هوند، قانون جي لتاڙ ۽ دهشتگرديءَ جهڙا مسئلا رياست ۽ وفاق لاءِ مستقل خطرو ٻڌيل رهندا.

***

ضميمو

پاڪستان ۾ وفاقيت جو مسئلو: سبب ۽ مُحرڪ

اسان وٽ، عام طرح سان، تاريخ جا ڪيترائي ماهر پاڪستان جي بنياد ۽ اُن جي وجود ۾ اچڻ واري لقاءَ ۾ جينياتي نقص جون ڳالهيون ڪن ٿا، ۽ اُهو پڌائين ٿا، ته جئين ته، پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ واري لقاءَ ۾ جينياتي نقص هو، جو اُن جو مطالبو مذهب ۽ ٻه قومي نظريي جي بنياد تي ڪيو ويو هو. اُن ڪري، پاڪستان ۾ پيدا ٿيل قومي سوال، وفاق جي بُحران، رياستي عدم استحڪام، جمهوريت جي ڪمزوري، خراب حڪمراني، ڪرپشن، دهشتگردي، انتهاپسندي ۽ مذهبي جنونيت واري جا بيماري آهي، سا اُنهيءَ جينياتي نقص جي ڪري آهي.[1] ائين، اُنهيءَ مؤقف ذريعي اسان کي، دراصل، اڻ سڌي طرح سان، اُهو ٻڌايو وڃي ٿو ته پاڪستان جو ڄمڻ غلط هو. جناب بابر ايياز پنهنجي ڪتاب ''پاڪستان: *خرابی اور اس کے اثرات*'' ۾ لڳ ڀڳ اهڙو ئي مؤقف رکيو آهي، پر مان پانيان ٿو ته پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ واري معاملي بابت، اهڙو جينياتي نقص وارو مؤقف، ڪنهن به طرح سان دُرست ناهي؛ ڇاڪاڻ ته، پاڪستان، مذهب يا ٻه قومي نظريي واري جنياتي نقص سببان نه، پر گڏيل هندوستان ۾ هندو اڪثريتي پائرن سان گڏجي رهڻ لاءِ مرڪز ۾ برابريءَ (Parity) جي بُنياد تي نمائندگي ڏيڻ واري جناح جي ٻوس سياسي مطالبي، ۽ اُن جي قبوليت لاءِ جناح جي ڪيل آئيني سياسي جدوجهد جي نتيجي ۾ ڄميو هو[2] ۽ جئين ته، اُهو مرڪز ۾ برابري واري نمائندگي ڏيڻ وارو سوال هڪ ٻوس سياسي سوال هو، ۽ اُهو پنهنجي جاءِ تي جائز مطالبو هو. اُن ڪري، ننڍي کنڊ جي سياست ۾، پاڪستان جي مطالبي کي رجعت پسند مطالبو قرار ڏيڻ يا سمجهڻ هڪ وڏي ڪج فهمي آهي. ٻيو اُهو ته، پاڪستان جو ڄمڻ، ڪنهن به طرح سان غلط نه، پر تاريخ جو هڪ درست فيصلو هو. دراصل، ڪانگريس جمهوريت، سيڪيولرازم ۽ 'مها هندوستاني قوم' جي نالي تي جو هندو بالادستيءَ وارو

پروگرام جوڙيو هو سو جيڪڏهن پاڪستان نه ٺهڻ جي صورت ۾ ڪامياب ٿي وڃي ها، تہ اڄ گڏيل هندوستان ۾ مسلم اقليت جي جا حالت هجي ها، اُن جو تصور ڪرڻ بہ ڏکيو آهي. (تازو هندوستان جي مودي سرڪار، ڊسمبر2018ع ۾، شهريت وارو بل آڻي، اُهو واضح ڪري ڇڏيو آهي، تہ هندوستان، تيزيءَ سان، هندو بالادستي طرف وڌي رهيو آهي.)

اصل ۾، جناح جو اهو خيال هو تہ انگريزن جي وڃڻ کانپوءِ گڏيل هندوستان جي وفاق تي، هندو پائر، پنهنجي عددي اڪثريت سببان، قبضو ڪري وٺندا، (جئين پاڪستان ۾ پنجاب پنهنجي عددي اڪثريت سببان، وفاق ۽ رياست تي، مُڪمل طور تي، قبضو ڪري ورتو آهي) جنهن جي نتيجي ۾ مسلم اقليتي پائر، هندو اڪثريتي پائرن جا، مستقل طور تي زيردست ٻڌجي ويندا.[3] اُن ڪري، گڏيل هندوستان ۾، هندو پائرن سان گڏجي رهڻ لاءِ اڪثريت ۽ اقليت ۾ سياسي توازن هجڻ، صوبائي خودمختياري، محدود مرڪز جمهوري وفاق جي اڏاوت، ۽ پئريٽي جي اصول تحت، مرڪز ۾ برابريءَ واري نمائندگيءَ هجڻ لازمي آهي، ۽ اُهو سڀ ڪجهہ پنهي ڌرين ۾ مُفاهمت ٿيڻ کان سواءِ مُمڪن نہ ٿيندو.[4] دراصل، اِها سوچ هئي، جنهن سببان، جناح، 1946ع ۾، ڪيبينيٽ مشن واري مفاهمتي آئيني منصوبي کي قبول ڪري، هندو پائرن سان محدود مرڪز (Weak Federal Centre) واري وفاقي هندوستان ۾ گڏجي رهڻ کي اوليت ڏني. البت، آل انڊيا ڪانگريس پنهنجي مضبوط مرڪز (Strong Unitary Centre) واري سوچ سببان، مشن منصوبي کي رد ڪري، مرڪز ۾ مسلمانن کي برابريءَ واري نمائندگي ڏيڻ کان انڪار ڪيو، جنهن سببان هڪ وڏو سياسي تڪرار پيدا ٿيو.[5] هندن ۽ مسلمانن سان گڏ خود انگريز بہ مُفاهمت وارين ڪوششن کان زچ ٿي پيا.[6] ائين، ڪانگريس پاران مضبوط مرڪز واري سوچ کي اوليت ڏيڻ ۽ مسلمانن سان مُفاهمت ڪرڻ کي ترجيح نہ ڏيڻ، گڏجي رهڻ کان انڪار ۽ پئريٽي جي اصول کي رد ڪري ڇڏڻ سببان وڪوڙي حالتون اُن پَدَ تي وڃي پهتيون، جتي پاڪستان جي ٺهڻ ۽ هندن کان ڌار ٿيڻ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ رستو نہ هو. ۽ اِها سياسي تڪراري صورتحال هئي، جنهن جي منطقي نتيجي ۾ 14 آگسٽ 1947ع تي، پاڪستان وجود ۾ آيو.[7] اُن ڪري، ائين چئي سگهجي ٿو تہ گڏيل هندوستان ۾ جناح پاران محدود مرڪز ۽ اُنهيءَ مرڪز ۾ مسلمانن واسطي برابريءَ واري نمائندگي جي مطالبي ڪرڻ ۽ ڪانگريس پاران اُنهي مُطالبي کي رد ڪري، مسلمانن سان مفاهمت ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ ۽ بدستور مضبوط مرڪز جي ڳالهہ ڪرڻ سببان جا عدم مُفاهمت واري سياسي صورتحال پيدا ٿي. اُنهيءَ دراصل، پاڪستان جي قيام کي اڻ تر بڻائي

چڏيو. اُن لاءِ جينياتي نقص، مذهب ۽ يا قومي نظريي جي ڳالهه ڪرڻ بلڪل غلط آهي. بهرحال، اڄ پاڪستان ۾ دهشتگردي، انتهاپسندي، ڪرپشن، مذهبي جنونيت، وفاق جي ساک جو بُحران، جمهوريت جي ڪمزوري، ادارن جي تباهي، قومي تڪرار، معاشي بدحالي، سماجي انصاف جي اڻ هوند، خراب حڪمراني ۽ سياسي عدم استحڪام وغيره وارا جيڪي مسئلا آهن، اُنهن جو بُنيادي ڪارڻ پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ وارو جينياتي نقص هرگز ناهي، اُن جو اصل ڪارڻ اُهو آهي، ته پاڪستان جنهن محدود مرڪز صوبائي خودمختياري ۽ برابريءَ (Parity) ذريعي جمهوري وفاق جي اڌاوت واري بنياد تي حاصل ڪيو ويو، اُنهي، ساڳئي بُنياد کي، پاڪستان ٺهڻ بعد، هڪ سوچيل سمجهيل منصوبي تحت بلڊوز ڪيو ويو. پاڪستان جي مضبوط مرڪز واري اُنهيءَ ساڳئي ڪانگريسي سوچ مطابق اڌاوت ڪئي وئي، جنهن جي جناح ۽ مسلم ليگ سخت مخالفت ڪئي هئي، ۽ پاڪستان ٺاهڻ جي صورت ۾، هندن کان ڌار ٿيڻ کي ترجيح ڏني هئي.

دراصل، پاڪستان ۾ اصل خرابيءَ اِتان کان ئي شروع ٿي، جو جنهن جمهوري آئيني سوچ ۽ مقصد خاطر پاڪستان کي حاصل ڪيو ويو هو، مُلڪ ٺهڻ بعد اُنهيءَ جمهوري سوچ ۽ مقصد کان انحرافي ڪئي وئي، ۽ ظاهر هو ته اهڙي صورتحال ۾، مُلڪ اندر جمهوريت ۽ وفاقيت جي عملي اطلاق جو به مسئلو پيدا ٿيڻو هو، جيڪو ترت پيدا ته ٿي پيو، پر اُن ۾ شدت تڏهن آئي، جڏهن پاڪستان ۾ آزاديءَ ملڻ کانپوءِ 1947ع واري آزاديءَ جي ايڪٽ تحت، 1935ع واري گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ کي عبوري آئين جي حيثيت سان لاڳو ڪيو ويو.[8] پاڪستان، جئين ته گڏيل هندوستان ۾، آئين ۽ مرڪز واري معاملي تي عدم اتفاق جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل تڪرار سببان ٺهيو هو، جنهن ۾ بنگال، سنڌ، سرحد، پنجاب ۽ بلوچستان وغيره 1940ع واري لاهور ٺهراءَ تحت خودمختياري واري ضمانت جي بنياد تي شامل ٿيا هئا، اُن ڪري، پاڪستان ٺهڻ بعد ضرورت اُن ڳالهه جي هئي، ته ملڪ کي هڪ حقيقي وفاقي آئين ڏئي، اُنهيءَ آئين مطابق، وفاق جي قومن جي برابري واري اصول تحت اڌاوت ڪئي وڃي ها، ۽ صوبن کي خودمختياري ڏئي، مُلڪ کي ترقي جي رستي تي آندو وڃي ها، پر بدقسمتيءَ ائين نه ڪيو ويو. آئين سازي واري ڪم ڏانهن جاڻي ٻُجهي ايتري ته مورچتائي اختيار ڪئي وئي، جو نون ڏهن سالن تائين پاڪستان ۾ آئين جو ٺهڻ هڪ سوال بٽيل رهيو.[9] ٻيو ته، 1935ع وارو آئين، مرڪزيت پسند آئين هجڻ سان گڏ وحداني وفاقيت (Unitary Federalism) جو به هڪ اعليٰ نمونو هو[10] ۽ جيڪو آئين انگريزن پنهنجي استريٽجڪ سامراجي مُفادن خاطر ناهيو هو.[11] اهڙي آئين کي پاڪستان جهڙي وفاقي ملڪ ۽ معاشري ۾

لاڳو ڪرڻ نہ رڳو غلط ۽ سياسي ايڏاپ هئي، پر وفاق لاءِ بہ خطري پيدا ڪرڻ برابر ڳالھ هئي. دراصل، اُنھيءَ آئين جي لاڳو ٿيڻ سان پاڪستان ۾ وفاق جي بيھڪ تبديل ٿي وئي، ۽ اُھو ظاھر ٿي پيو تہ پاڪستان ۾ جمھوري وفاق نہ، پر طاقت جي ناجائز مرڪزيت تي ٻڌل وحداني وفاق ھوندو.[12] جنھن ۾ جمھوري وفاقي آئين، سماجي انصاف، سويلين بالادستي، قانون جي حُڪمراني، جمھوريت جو استحڪام، ۽ صوبن جي خودمختياري ھڪ خواب ٻڌيل ھوندي. اِھو ئي سبب آھي، جو ڊاڪٽر سيد جعفر احمد ۽ پروفيسر مھرالنساءَ علي سميت، پاڪستان جي تاريخ جي اڪيچار سياسي ماھرن، 1935ع واري انگريزي آئين کي پاڪستان جي حق ۾ سُٺو سنئوڻ قرار ناھي ڏنو.[13]

دراصل، پاڪستان ۾ وفاقيت جي مسئلي جي شروعات بہ اُنھيءَ 1935ع واري مرڪزيت پسند آئين کي، عبوري آئين جي حيثيت ڏيڻ سان ٿي. ڇاڪاڻ تہ اُنھيءَ مرڪزيت پسند آئين ۾، جڏھن 1947ع واري آزادي جي ايڪٽ تحت، وڏيڪ 24-9 واريون ترميمون آڻي، صوبائي حڪومتن کي گھرپيڙي ڪرڻ جا اختيار بہ گورنر جنرل جي ذات وٽ مرڪوز ڪيا ويا، تہ نہ رڳو اُنھيءَ آئين، مرڪز ۽ صوبن جي وچ ۾ اڻ ڪٽ تڪرار اُڀاري، قومي تضاد ۽ بدگمانيءَ جا بُنياد رکي ٿي ڇڏيا، پر اُن سان گڏ وفاق جي صورت بہ تبديل ڪري، اُن جي جمھوري وفاق بنجڻ واري ھر امڪان کي بہ رد ڪري ڇڏيو. ۽ وحدانيت کي سگھارو ٻڌايو. جنھن مان ھرطرح جو فائدو رياست تي قابض پنجابي-مُھاجر مُستقل مُفادن حاصل ڪيو.[14] دراصل، اھڙي صورتحال پاڪستان لاءِ اڪيچار مسئلا پيدا ڪري، وفاق ۽ رياست لاءِ عدم استحڪام پيدا ڪيو.[15] آئين ٺالبوٽ ۽ عائشہ جلال سميت اڪيچار سياسي مُحققن جو اُھو خيال آھي، تہ پاڪستان ٺھڻ بعد پيدا ٿيل مالياتي بُحران، ۽ ھندوستان کان پيدا ٿيل عدم تحفظ واري صورتحال، پاڪستان جي حڪمران اشرافيا کي، 1940ع واري ٺھراءَ جي اُبتڙ مرڪزيت پسند وحداني آئين ۽ وحداني حڪومتي نظام کي اپنائڻ تي مجبور ڪيو.[16] ائين، ماھر اُھو جواز ٻڌائين ٿا، تہ پاڪستان ٺھڻ ڪانپوءَ 1935ع واري آئين کي عبوري آئين جي حيثيت ڏيڻ، پاڪستان جي ھڪ اسٽريٽجڪ مجبوري ھئي. اِھو مؤقف ڪٽي دُرست بہ ھجي، پر سوال اِھو آھي، تہ ھڪ اھڙي وفاقي مُلڪ لاءِ 1935ع وارو غيروفاقي آئين ڪيئن مُناسب ھو، جنھن ۾ آباد وفاقي اڪاين ۽ قوميتن، مذھبي وابستگيءَ ڪان وڌيڪ پنھنجي قومي، نسلي، لساني ۽ ثقافتي سُڃاڻپ کي اوليت ڏني ٿي؟ ھندوستان ڪان تہ اسان کي برابر ڊَپُ رھيو آھي، پرڇا اسان جي حڪمران اشرافيا کي ڪڏھن اُن ڳالھ کان ڊَپُ ٿيو آھي، تہ جي، مُلڪ اندر جمھوري وفاق جي اڏاوت نہ ڪبي،

جمهوريت لاءِ استحڪام پيدا نه ڪبو. وفاقيت جي عملي اجراءَ کي مُمڪن نه بڻائبو. قومن کي خودمُختياري نه ڏبي. ۽ قومي تڪرار ختم نه ڪبا. ته مُلڪ لاءِ خطرو ڪڙو ٿيندو. ۽ اُهو خطرو مُلڪ جي وجود کي به وڃائي سگهي ٿو. سوال اِهو آهي. ته جنهن 1935ع واري آئين کي جناح ۽ مسلم ليگ. 1940ع جي نمراءَ ذريعي. مرڪزيت پسند آئين قرار ڏنو هو. جنهن آئين کي غيرجمهوري ۽ غيروفاقي آئين طور رد ڪيو ويو هو. جنهن آئين کي سامراجي مُفادن وارو آئين قرار ڏنو. اُن کي قبول ڪرڻ کان ٻپ انڪار ڪيو ويو هو ۽ جنهن آئين کي هندن ۽ مسلمانن جي گڏجي رهڻ لاءِ ناڪافي سمجهيو ويو هو. جنهن آئين کي اڪثريت ۽ اقليت ۾ تضاد پيدا ڪندڙ آئين قرار ڏنو ويو هو. جنهن آئين کي وفاقيت ۽ جمهوريت جي نفي سمجهيو ويو هو اُنهيءَ آئين کي پاڪستان جو عبوري آئين چو بڻايو ويو؟ سوال اِهو به آهي. ته محدود مرڪز تي ٻڌل وفاقي جمهوري نظام کي قبول نه ڪرڻ تي. ڪانگريس سان سخت اختلاف رکندڙ جناح جهڙي ڪرشماتي اڳواڻ جي موجودگيءَ ۾ ڪيئن ۽ ڇو 1935ع واري غيرجمهوري آئين کي. پاڪستان جو عبوري آئين بڻايو ويو؟ منهنجي خيال ۾. اُن جا ٻه بنيادي ڪارڻ ٿي سگهن ٿا. هڪ اِهو ته. جناح. بطور سياسي اڳواڻ. وفاقيت جي فڪر ۽ نظام کان ته واقف هو پر هڪ وفاقي مُلڪ ۽ معاشري ۾ نسلي. لساني. ثقافتي ۽ قوميتي گهڻ-رنگائي (Diversity) ڇا ٿيندي آهي؟ وفاقي ملڪ ۾ قوميتي اتحاد (Unity) کي ڪيئن حاصل ڪري. وفاق لاءِ استحڪام واري صورتحال پيدا ڪئي وڃي؟ قومي ڊائيورسٽيءَ جي احترام ۽ قبوليت لاءِ قومي خودمُختياري جو ڪيترو عمل دخل هجي ٿو؟ وفاقيت کي وحدانيت کان بچائڻ لاءِ جمهوري وفاق ۽ وفاقي جمهوري آئين جي جوڙجڪ ڪيتري اهم هجي ٿي؟ وفاقي اِڪاين جي ثقافتي ۽ معاشي خودمُختياري ڪيئن وفاق کي طاقتور بڻائي. 'گهڻائي ۾ هيڪڙائي' واري مقصد کي سولو بڻائي ٿي؟ وفاقيت ۾ مرڪزيت ۽ عدم مرڪزيت ۾ ڪهڙو ۽ ڪٿي فرق رکڻ گهرجي؟ اِنهن معاملن. ڳالهين ۽ مهارتن جو دراصل. جناح کي ڪو تاريخي سياسي گهرو شعور نه هو.[17] ٻيو ته. هُو عمر جي اُن ڏاڪي تي پهتل هو جتي هُن لاءِ رياست. وفاق. آئين. جمهوريت ۽ وفاقيت سان لاڳاپيل پيچيدن معاملن بابت معاملا فهميءَ تي ٻڌل صحيح پاليسي تيار ڪرائڻ مُمڪن ئي نه هو ۽ شايد اِها ڪمزوري ئي هئي. جنهن سببان. هُو ملڪ نهڻ کانپوءِ رياست تي غلبو حاصل ڪري ونندڙ پنجابي-مُهاجر مُفادن جي صلاح ۽ مشورن مطابق هلندو رهيو. جن کيس غلط نموني سان مشورا ڏنئي. اڪيچار غلط فيصلا ٻه ڪرايا.[18] ۽ آخري ۾. 'ڪم نڪتو ڪاڳر ڪاڻو' وارو حشر ڪري. اڪيلو بي يارو مددگار بڻائي. کيس اهڙو ته زيارت پيڙو ڪيائون. جو

اُتان واپس ايندي، حياتي به سندس ساٿ ڇڏي ڏنو ۽ چالاڪو ڪيائين.[19] بهرحال، مان يانيان ٿو ته پاڪستان ۾ 1935ع واري ايڪٽ کي عبوري آئين طور لاڳو ڪرڻ جو اِهو به هڪ بُنيادي ڪارڻ هو جنهن جي نتيجي ۾ نه رڳو هتي وفاقيت جو مسئلو پيدا ٿيو پر اُن مسئلي مان ٻيا اڪيچار ذيلي مسئلا به پيدا ٿيا. جڏهن ته اُن جو پيو بُنيادي ڪارڻ خود مسلم ليگ ۽ اُن جي مُهاجر ليڊرشپ هئي. پاڪستان جي حڪمران جماعت مسلم ليگ ۾ ويڙل سياسي اڳواڻن جي اڪثريت، پاڪستان جي وفاق ۾ شامل مسلم اڪثريتي صوبن سان لاڳاپيل سياسي اڳواڻن جي نه پر هندوستاني مسلم اقليتي صوبن يوپي، سي پي ۽ بهار سان لاڳاپيل مُهاجرن جي هئي،[20] جن مسلم ليگ جو تنظيمي ڍانچو ئي مرڪزيت پسنديءَ جي اصول تي جوڙي رکيو هو.[21]

جناب آئين ٽالبوٽ Pakistan: A New History ۾ لکي ٿو:

"The All India Muslim League, although it conducted the Pakistan movement in terms of the need to protect Muslim minority rights from Hundu majoritariansm, was itself a highly centralized body. Its more reperesentative institutions, the Council and the provincial branches, were increasingly subject to the authorityof bodies nominated by the president such as the Working Committee and, from December 1943, the Committee of Action."[22]

ترجمو: "آل انڊيا مسلم ليگ، قطع نظر اُن جي، ته اُن هندو اڪثريتي بالادستيءَ خلاف مُسلم اقليت جي حقن جي تحفظ لاءِ پاڪستان ٺاهڻ واري تحريڪ جي اڳواڻي ڪئي هئي، هڪ شديد مرڪزيت پسند ادارو هو. اُن جا گهڻائي نمائنده ادارا مسلم ليگ ڪائونسل ۽ صوبائي شاخون، ڏاڪي به ڏاڪي اُنهن تنظيمن جي اثر هيٺ ايندیون رهيون، جن کي صدر نامزد ڪيو ٿي، جئين ورڪنگ ڪميٽي ۽ ڊسمبر 1943ع ڪانپوءِ واري ايڪشن ڪميٽي."

آئين ٽالبوٽ وڌيڪ لکي ٿو:

"Morever, the AIML was not only increasingly centralized, but remained dominated by members from the Muslim minority areas, rather than the future Pakistan areas. Bengal with its 33 million Muslims possessed just ten more members on the Council than UP with it's 7 million."[23]

ترجمو: "آل انڊيا مسلم ليگ نه صرف تمام گهڻي مرڪزيت پسند هئي، پر اُها پاڪستان ۾ شامل ٿيندڙ علائقن جي اڳواڻن بدران، مسلم اقليتي علائقن جي اڳواڻن جي غلبي هيٺ به رهي. بنگال جي 33 ملين آبادي هئي، پر ڪائونسل ۾ اُن جي ميمبرن جو تعداد يو پيءَ جي 7 ملين آبادیءَ وارن ميمبرن جي پيٽ ۾ صرف ڏهن ميمبرن جيترو وڌيڪ هو."

اصل ۾، مسلم ليگ جي اِها ئي مرڪزيت پسند تنظيمي اڏاوت هئي، ۽ اُن تي قابض مهاجر ليڊرشپ جي پاڪستان تي، مُستقل طور تي راڄ ڪرڻ واري

غيرجمهوري سوچ هئي، جنهن کي 1935ع واري مرڪزيت پسند آئين، هرطرح سان، سپورٽ ٿي ڪئي،[24] ۽ اِهو ئي سبب هو جو مُلڪ کي ترت وفاقي جمهوري آئين ڏيڻ ۽ اُنهيءَ آئين تحت وفاقي جمهوري نظام ڏيڻ بدران لڳ ڀڳ نون ڏهن سالن تائين مُلڪ کي پنهنجو آئين ڏيڻ ۾ مناسب نه ٿي سمجهيو ويو. ٻيو ته، ڪنهن به ڳهڻ-قومي وفاقي مُلڪ ۾ لکت وارو آئين نه رڳو وفاقيت جي عملي اطلاق، سگهه ۽ طاقت جو اهم ذريعو هجي ٿو پر اُهو مرڪز ۽ وفاق جي اختيارن ۾ توازن رکڻ جو به هڪ اهم وسيلو بڻيل رهي ٿو.[25] اِهو ئي سبب آهي، جو وفاقي مُلڪن ۾ آئين سازيءَ واري عمل ڏانهن نه رڳو ڏميوار رويو رکيو ويندو آهي، پر اُن کي نهايت سنجيدگي سان به مُنهن ڏنو ويندو آهي، ۽ ترت آئين سازيءَ جي عمل کي پُڄاڻيءَ تي پهچائي، مُلڪ لاءِ آئين جو مڪمل بندوبست ڪيو ويندو آهي، ته جئين مُلڪ کي ترقيءَ جي رستي تي روان دوان ڪري سگهجي. بدقسمتيءَ سان، 1947ع ۾ پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ اُن کي جيڪا هڪ حقيقي وفاقي آئين ڏيڻ جي اشد ضرورت هئي، اُن لاءِ ڪا به تڪڙي ڪوشش نه ورتي وئي.[26] 1935ع واري انگريزي مرڪزيت پسند آئين کي عبوري آئين جو درجو ڏئي، صرف جان ڇڏائي وئي، جيڪو نه صرف هڪ غيرجمهوري آئين هو، پر پاڪستان جي وفاقي معاشري جي بُنيادي گهرج ۽ لوازمات جي به اُبتڙ هو.[27] جيتوڻيڪ جناح جي جيئري ته مُلڪ اندر آئين سازيءَ لاءِ ڪوششون نه ورتيون ويون، پر جئين ئي، جناح، 11 سيپٽمبر 1948ع تي، پرلوڪُ پڌاري ويو ته ٽيڪ ٻي سال، مارچ 1949ع ۾ آئين ساز اسيمبلي ۾ قرارداد مقاصد جي نالي تي آئين جو بنيادي خاڪو پيش ڪيو ويو[28] جنهن کي ترت منظور ڪري، آئيني ڪميٽيءَ جو بُنياد رکي، آئين سازيءَ لاءِ ڪوششون شروع ڪيون ويون[29] ۽ اُهي ڪوششون به نون ڏهن سالن تائين جاري رهيون.

بهرحال، اُهو قرارداد مقاصد وارو آئيني خاڪو به نه رڳو پاڪستان جهڙي وفاقي ملڪ جي وفاقي معاشري ۽ اُن جي بُنيادي لوازمات جي اُبتڙ هو پر اُن خاڪي ۾ به هڪ اهڙي آئين جي سفارش ڪئي وئي، جنهن ۾ اختيارن جي عدم مرڪزيت، صوبائي خودمختياري، ۽ قانون جي حڪمرانيءَ بدران سمورن اختيارن جي مالڪ الله تعالىٰ جي ذات کي ڏيڻ جو بهانو بڻائي، مُلڪ ۾ آئيني طرح سان، پنجابي -مُهاجر حڪمران طبقي کي رياست ۽ وفاق جي اڇي ڪاري جو مالڪ بڻايو ويو. جنهن دراصل، رياست تي قابض پنجابي-مهاجر مفادن جي استينسڪو کي آئيني تحفظ فراهم ڪيو ٿي، جا ڳالهه نه رڳو پاڪستان جي وفاق ۾ شامل تاريخي قوميتن سان هڪ وڏي دوکي برابر هئي، پر اُها پاڪستان ۾ حقيقي جمهوري وفاقيت ۽ حقيقي وفاقي آئين جي تياريءَ آڏو غيرجمهوري بند ٻڌي، وفاق کي وحداني وفاق ۾ تبديل

ڪرڻ جي به هڪ خطرناڪ ڪوشش هئي. دراصل، پاڪستان ۾ قرارداد مقاصد جي منظوريءَ سان، جتي، وفاقيت جو مسئلو وڌيڪ پيچيدو ٿيڻ ويو اُتي، اُنهيءَ قرارداد، وفاقي اِڪاين ۾ بدگماني اُپاري. مُلڪ ۾ عليحدگي پسند لاڙي ۽ مذهبي انتهاپسندي کي سگهاري ٿيڻ جو جواز به فراهم ڪيو. پاڪستان ڪا مذهبي يا هڪ قومي وحداني رياست نه، پر هڪ گهڻ-قومي وفاقي مُلڪ هو ۽ آهي، جنهن لاءِ هڪ اهڙي وفاقي جمهوري آئين جي گهرج هئي، جيڪو 1940ع واري لاهور ٺهراءَ ۾ بيان ڪيل محدود مرڪز ۽ جناح جي اُنهيءَ وفاق واري تصور سان ٺهڪندڙ هجي ها. جنهن ۾ وفاق وٽ صرف دفاع، ڪرنسي، مواصلات ۽ پرڏيهي ڪاتا حوالي ڪرڻ جي وڪالت ٿيل هئي،[30] ۽ جنهن ۾ جمهوري آئين ذريعي وفاقي اِڪاين کي مڪمل قومي، سياسي، معاشي ۽ ثقافتي خودمختياري ڏيڻ جي سُفارش ٿيل هئي، پر بدقسمتيءَ سان، پاڪستان ۾ آئين سازيءَ جي حوالي سان، اُنهن مڙني جمهوري ضمانتن کي نظرانداز ڪيو ويو. ۽ قراردادا مقاصد ذريعي مُلڪ لاءِ هڪ اهڙي مذهبي نوع واري آئين جي سُفارش ڪئي وئي، جنهن مُلڪ اندر نام نهاد پنجابي-مُهاجر مُفادن تي ٻڌل مضبوط مرڪز جي اڏاوت کي آئيني تحفظ فراهم ڪري، هڪ طرف، طاقت جي ناجائز مرڪزيت واري وحداني نظام کي سگهارو ٻڌايو. ته وري ٻي طرف، مُلڪ اندر مذهبي انتهاپسندي ۽ جنونيت کي به تقويت ڏي پهچائي. اُنهيءَ صورتحال، نه رڳو مُلڪ ۾ بنگال جي قومي سوال کي پيدا ڪيو، پر مورڳو جمهوريت، وفاقيت، قومي خودمختياري ۽ جمهوري وفاق جي اڏاوت کي به هڪ سوال ٻڌائي ڇڏيو. جنهن سببان رياست لاءِ اهڙو ته بُحران پيدا ٿيو. جو مورڳو 1971ع ۾ پاڪستان جي وفاق جو وجود ئي خطري هيٺ اچي ويو. ۽ اُهو بن ٽڪرن ۾ ورهائجي ويو.[31]

ڏٺو وڃي، ته پاڪستان ۾ آئين ناهڻ لاءِ ٺي وڏا بُنيادي دستاويز جهڙوڪ: (1) 1940ع واري لاهور ٺهراءُ، (2) 12مئي 1946ع واري جناح جو ميمورنڈم ۽ (3) 11 آگسٽ 1947ع واري جناح جي تاريخي تقرير اڳواٽ موجود هئا، جن کي بُنياد بڻائي، پاڪستان کي وفاقي آئين ڏئي سگهجي ٿيو.[32] اُنهن، ٽنهي بُنيادي تاريخي دستاويزن ۾، پاڪستان لاءِ نه رڳو واضح طور تي، محدود مرڪز تي ٻڌل اختيارن جي عدم مرڪزيت واري وفاقي جمهوُري آئين ۽ نظام جا خدوخال واضح ڪري ڏنا ويا آهن، پر صوبن جي مُڪمل خودمُختياري سان گڏ مُلڪ جي سيڪيولر اصولن تحت آئيني اڏاوت جي به پرپور وڪالت ڪئي وئي آهي. اهم ڳالهه اِها آهي، ته پاڪستان جي اُنهن ٽنهي بنيادي نظرياتي دستاويزن ۾ ڪٿي به مذهب، اسلام يا مذهبي طرز جي آئين يا حڪومتي نظام جي ڳالهه ناهي ڪئي وئي. اُن ڪري، اُنهن

واضح بُنيادي تاريخي سياسي دستاويزن کي بلڊوز ڪري، قرارداد مقاصد تحت مذهبي نوع واري آئين جي سُفارش ڪرڻ نہ رڳو غلط ۽ غيرجمهوري حرڪت هئي، پر جناح جي بُنيادي ويچارن ۽ هُن جي گڏيل هندوستان جي محدود مرڪز جي اڏاوت لاءِ ڪيل اُنهيءَ Parity واري مُطالبي سان بہ غداري هئي، جنهن کي ڪانگريس قبول نہ ڪيو هو ۽ اُن جي نتيجي ۾ پاڪستان نٰهي ويو هو. مان پانيان ٿو تہ مُلڪ نٰهڻ بعد ترت پنجابي-بنگالي تضاد جي اُپري اچڻ جو بہ بُنيادي مُحرڪ اُها قرارداد مقاصد هئي، جنهن تحت نہ بنگالي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ طور قبول ڪيو ٿي ويو ۽ نہ مُلڪ کي حقيقي وفاقي نظام ۽ وفاقي آئين ڏيڻ جي لاءِ رستو هموار ڪيوٿي ويو ۽ جنهن تحت، وفاق ۾ شامل قوميتن کي اُهو پيغام ڏنو ويو تہ پاڪستان کي، ڪنهن بہ طرح سان، جناح جي جمهوري، سيڪيولر ۽ وفاقي تصور مطابق نہ، پر طاقت جي ناجائز مرڪزيت تي ٻڌل هڪ اهڙي وحداني وفاق ۽ وحداني آئين تحت هلايو ويندو جنهن ۾ برابريءَ جو ڪو بہ اصول نہ هوندو، جتي هڪ وڏو صوبو نام نهاد اڪثريت جي بنياد تي، ٻين ننڍن صوبن ۽ قوميتن تي حاوي هوندو، جتي حقيقي فيڊريشن نہ، پر فيڊريشن جي نالي تي 'پنجابيشن' هوندي، جتي جمهوريت ۽ وفاقيت جو ڪو نالو نہ هوندو، جتي قومن جي خودمختياري هڪ مذاق هوندي، جتي جمهوري وفاق جو ڪو تصور نہ هوندو، جتي آئين جي بالادستي، قانون جي حڪمراني، سماجي انصاف، سُڻي حڪمراني جو تصور ۽ سول سوسائٽي جي سگهہ هڪ خواب ٻڻيل هوندي، جتي وحدانيت ۽ مرڪزيت جو راج هوندو، جتي پنجابي -مُهاجر مُستقل مُفاد اڇي ڪاري جا مالڪ هوندا، جتي جمهوريت ۽ عدم مرڪزيت جي نالي تي عوام سان ناتو ٽيندا رهندا. بهرحال، مان سمجهان ٿو تہ اُتان کان ئي، پاڪستان ۾، وفاقيت جو مسئلو بہ پيدا ٿيو. برابر نون ڏهن سالن جي 'محنت' ڪانپوءِ، مُلڪ کي 1956ع ۾ آئين تہ ڏنو ويو، پر اُهو آئين بہ، اصل مرض جو علاج نہ هو، جو اُهو آئين بہ، بنيادي طور تي، وفاقي نہ، پر وحداني آئين هو، جيڪو وفاقي ملڪ ۽ وفاقي معاشري جي بنيادي لوازمات جي بلڪل اُبتڙ هو. بهرحال، جئين تہ، 1935ع واري مرڪزيت پسند آئين کي، مُلڪ ۾، عبوري آئين جو درجو ڏنو ويو هو، اُن ڪري، اُن جي غيرجمهوري استعمال جو بہ نماڻ ٽيٽو هو ۽ اُن جو پهريون غيرجمهوري نماڻ، 22 آگسٽ 1947ع تي، سرحد صوبي (موجوده خيبرپختونخوا) جي ڪانگريسي حڪومت جي وڏي وزير ڊاڪٽر خان صاحب جي معطلي جي صورت ۾ ظاهر ٿيو[33] جو جڏهن ڊاڪٽر خان صاحب پاڪستان جي وفاق ۾ شموليت جي قسم کڻڻ کان انڪار ڪيو تہ جناح بطور گورنر جنرل، 1935ع واري گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ جي سيڪشن 51 (5) تحت، ڊاڪٽر

خان جي صوبائي حڪومت کي معطل ڪري ڇڏيو.[34] اُتي مسلم ليگ جي عبدالقيوم خان کي وڏو وزير بڻايو ويو.[35] چون ٿا، ته عبدالقيوم خان اهڙو ته سازشي ۽ غير جمهوري ذهن رکندڙ مسلم ليگي اڳواڻ هو جو هُن جي سرحد صوبي ۾ مخالفن سان ڪيل ظالماڻي ورتاءَ ترت اُتي مسلم ليگ جي تڏا ويڙهه ڪرائي ڇڏي. جيتوڻيڪ سرحد صوبي جي وڏي وزير پاران پاڪستان جي وفاق ۾ شامل ٿيڻ لاءِ قسم نه کڻڻ واري صورتحال جو جمهوري حل به هو. جو سرحد اسيمبليءَ ۾ سياسي جوڙ توڙ (بارگينگ) کان ڪم ونئي، مسلم ليگ جي وزيرن ۾ واڌ آڻي، اسيمبليءَ جي فلور تي ڊاڪٽر خان صاحب کي اقليت ۾ آڻي، کيس وڏ وزارت تان هٽائي سگهجي ٿيو.[36] ڇاڪاڻ ته، سرحد اسيمبليءَ ۾ موجود 21 ڪانگريسي ميمبرن مان 11 ميمبرن جي هندوستان لڏي وڃڻ سببان، وڏو وزير ڊاڪٽر خان صاحب، اسيمبليءَ ۾ پنهنجي عددي اڪثريت وڃائي ويٺو هو.[37] اُن ڪري، جمهوري طريقي ڪار تحت، اُن کي اسيمبلي اندر شڪست ڏئي، مسلم ليگ جو وڏو وزير آڻي سگهجي ٿيو. پر جئين ته، اصل قوتن جو مُلڪ کي جمهوري طريقي ڪار تحت هلائڻ جو ڪو اِرادو ئي نه هو. اُن ڪري، مُلڪ ٻڻڻ وارن شروعاتي ڏينهن ۾، جڏهن سرحد صوبي ۾ بُحران پيدا ٿيو. ته اُن بُحران کي جمهوري طريقي ڪار مطابق حل ڪرڻ بدران، گورنر جنرل جي حڪم ذريعي سرحد حڪومت کي گهر ڀيڙو ڪرايو ويو. جيڪو عمل نه رڳو غلط ۽ غيرجمهوري هو. ۽ اُن مُلڪ اندر غلط روايت جو بنياد وجهي ڇڏيو. پر مُلڪ جي باني لاءِ به هڪ غلط تاثر پيدا ٿيو.

اِن حوالي سان، ڊاڪٽر مبشر حسن بلڪل درست لکيو آهي:

> "قائداعظم ۽ ان جي چونڊيل وزيراعليٰ ۽ خلاف ڪارروائي، انگريز انتظاميا جهڙي هئي. اها هڪ انتظامي ڪارروائي هئي. مسئلي جو ڪو سياسي حل نه ڪڍيو ويو. اها ڪوشش ئي نه ڪئي وئي، ته سنڌين، بلوچن ۽ پختونن ۾ مرڪزي حڪومت، مسلم ليگ ۽ قائداعظم جي خلاف وڌندڙ رد عمل جي باري ۾ سوچيو وڃي."[38]

جناب خالد بن سعيد (Khalid Bin Saeed) پنهنجي ڪتاب Pakistan: Formative Phase ۾ لکيو آهي، ته سرحد صوبي جي حڪومت کي معطل ڪرڻ وارو فيصلو جناح کي پسند نه هو.[39] ۽ هُن نه چاهيندي اُهو فيصلو ڪيو. سوال آهي، ته جي واقعي جناح کي سرحد حڪومتي کي گهرپيڙي ڪرڻ وارو فيصلو پسند نه هو. ته پوءِ هُن ائين چو ڪيو؟ هُن، چو اهڙي غيرجمهوري فيصلي کي اوليت ڏني؟ خالد سعيد جي ڳالهه مان لڳي ٿو ته سرحد حڪومت کي گهر ڀيڙي ڪرڻ واري

غيرجمهوري فيصلي جو اصل مُحرڪ جناح نہ، پر اُن پويان ڪارفرما رياست تي قابض اُها پنجابي-مُهاجر بالادست ذهنيت هئي، جنهن، دراصل، رياست تي پنهنجي ناجائز قبضي کي برقرار رکڻ خاطر هر قسم جي غير جمهوري فيصلن کي ضروري ٿي سمجهيو ۽ اُهو ئي سبب هو جو جڏهن سرحد صوبي جي وڏي وزير ڊاڪٽر خان صاحب وفاق ۾ شامل ٿيڻ واري قسم کڻڻ کان انڪار ڪيو تہ مسئلي کي جمهوري طرح سان حل ڪرڻ بدران، غيرجمهوري طريقي ڪار کان ڪم ورتو ويو ۽ ڊاڪٽر خان صاحب جي حڪومت کي گهرپيڙو ڪيو ويو جنهن سان، صوبن کي اُهو پيغام مليو تہ پاڪستان جي وفاق سان صوبن جو لاڳاپو جمهوري برابريءَ وارو نہ، پر طاقت جي مرڪزيت تي ٻڌل وحداني ورتاءَ وارو هوندو. بهرحال، رياست پاران صوبن سان اهڙي وحداني ورتاءَ جو نماءُ سنڌ ۾ ٿيو جو جڏهن سنڌ جي تنهن وقت جي وڏي وزير محمد ايوب کهڙي ڪراچيءَ کي مرڪز جي حوالي ڪرڻ کان انڪار ڪيو تہ گورنر جنرل جي هدايت تي، اپريل 1948ع ۾، صوبائي گورنر غلام حسين هدايت الله، ايوب کهڙي کي وڏ وزارت تان هٽائي ڇڏيو. جا دراصل، هڪ وڏي ناانصافي هئي.[40] جيتوڻيڪ اُنهيءَ ناانصافيءَ کي جناح ڏانهن منسوب ڪيو ويندو آهي، پر اُن سڄي معاملي ۾، جتي، جناح جي ڪردار کي ڏسڻ جي ضرورت آهي، اُتي ڪن بين ضروري پاسن کي به سمجهڻ جي ضرورت آهي. مثال طور، ڪراچيءَ کي مرڪز جي حوالي ڪرڻ ۾ وزيراعظم لياقت علي خان کي ايتري دلچسپي ڇو هئي، جو هُو پاڻ جناح سان ملاقاتون ڪري، ڪراچيءَ کي وفاق جي قبضي هيٺ رکڻ لاءِ مٿس زور پريندو رهيو؟[41] ڇو وزيراعظم لياقت علي خان، جناح کي، سنڌ جي وڏي وزير خلاف غلط خبرون پُڌائي، ڪيس هٽائڻ جو ماحول تيار ڪيو؟ ڇو وزيراعظم جي اشاري تي سنڌ جي گورنر غلام حسين هدايت الله، وڏي وزيرجي مرضيءَ کان سواءِ سنڌ ڪابينا ۾ پنهنجا من پسند وزير مقرر ڪري، ايوب کهڙي سان تڪرار کي اُپاريو؟ دراصل، اُهي سمورا پهلو اُن ڳالهہ جي ساک پرين ٿا، تہ ڪراچيءَ کي مرڪز جي حوالي ڪرڻ ۾ اصل دلچسپي جناح جي نہ، پر رياست تي قابض اُنهيءَ مهاجر مفادن جي هئي، جن جي نمائندگي وزيراعظم لياقت علي خان ڪئي ٿي، جنهن جو وڏو مفاد اُهو هو جو ڪراچيءَ جي وفاق جي قبضي ۾ اچڻ بعد پنجاب ۾ ترسيل 5,00,000 مُهاجرن کي ڪراچيءَ ۾ آباد ڪرڻ سولو بڻجي پوي، جن کي پنجاب قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو ۽ اُهو مقصد عملي طور تي، 26 اپريل 1948ع تي، سنڌ جي وڏي وزير ايوب کهڙي کي هٽائي، سندس جاءِ تي پير الاهي بخش کي آڻي، حاصل ڪيو به ويو.[42] اُن ڪري، اُنهن سمورن پاسن کي سمجهڻ کان سواءِ ڪراچيءَ کي مرڪز جي حوالي

ڪرڻ واري ڏوهه جو ذميوار صرف جناح کي قرار ڏيڻ نه رڳو غلط آهي، پر سياسي نابالغيدگي جو به هڪ اعليٰ مظهر آهي.

بهرحال، مرڪز جي اهڙي غيرجمهوري ورتاءَ جو تجربو بلوچستان سان پڻ ڪيو ويو. بلوچستان، شروع ۾ پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ جي خلاف هو. اِهو ئي سبب هو جو 15 آگسٽ تي خان آف قلات پاران آزاد قلات رياست جو اعلان به ڪيو ويو.[43] اُن ڪري، ضرورت اُن ڳالهه هئي، ته اُن سان جمهوري وهنوار ۾ ڳالهيون ڪيون وڃن ها. خان آف قلات ميراحمد يار خان جا جناح سان دوستيءَ وارا لاڳاپا هئا. ۽ اُن ڪري، بلوچستان جي اُنهيءَ بُحران کي حل ڪرڻ سولو به هو. پر جنهن طاقت جي زور تي، اُن کي، پاڪستان جي وفاق ۾ شامل ٿيڻ تي مجبور ڪيو ويو. ۽ ڪوئيٽا ميونسپالٽي معرفت، بلوچستان جي پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ جي منظوري ڏني وئي،[44] اُهو به، دراصل، وحدانيت ۽ صوبن سان غيرجمهوري ورتاءَ جو هڪ نهايت بدترين مثال هو. جڏهن ته، اِن ڏس ۾ پنجاب کي به بخشيو نه ويو جو اُتي 1949ع ۾ عبوري آئين جي سيڪشن A-92 تحت، نواب افتخار حسين ممدوٽ جي صوبائي حڪومت کي هٽائي، گورنر راج لاڳو ڪيو ويو.[45] برابر اُهو سڀ ڪجهه پنجابي-مُهاجر مُفادن جي عارضي ٽڪراءَ سببان ٿيو. جو جڏهن وزيراعظم لياقت علي خان مُلڪ جي سول سروس جي اعليٰ عهدن تي، يو پيءَ ۽ سي پيءَ مان مُهاجر عملدارن کي گهرائي مُقرر ڪرڻ لڳو ته پنجاب اُن کي وٽت جي نظرن سان نه ڏٺو.[46] ۽ اِهو ئي سبب هو جو پنجاب جي وڏي وزير نواب افتخار حسين ممدوٽ ۽ وزيراعظم لياقت علي خان جي وچ ۾ تڪرار پيدا ٿيو. جنهن جي نتيجي ۾ پنجاب جي حڪومت کي گهرپيڙو ٿيڻو پيو. پر اها سموري صورتحال جمهوري روايت ۽ ڪلچر لاءِ ڪنهن به طرح سان مناسب نه هئي. دراصل، اُهي غلط ۽ غيرجمهوري حرڪتون هيون، جنهن سببان نه رڳو مُلڪ ۾ آئين سازيءَ لاءِ گهربل تڪڙو ماحول تيار نه ٿي سگهيو. پر اُنهيءَ تڪراري ماحول ۽ ڇڪتاڻ واري بُحراني صورتحال مُلڪ اندر مرڪز ۽ صوبن جي وچ ۾ اڪيچار تضادن کي به اُپاري، عدم استحڪام واري صورتحال پيدا ڪري ڇڏي هئي، جنهن جو بهرحال، عوام کي ئي لوڙ لوڙڻي پئي. ٻيو ته، ڪنهن به گهڻ-قومي وفاقي مُلڪ ۾ قوميتي ڊائيورسٽي اُن مُلڪ جي وفاق جي اصل سگهه ۽ سُڃاڻپ هجي ٿي، جنهن ڏانهن احترام ۽ قبوليت وارو رويو روان رکي، هڪ وفاق ۾ نه رڳو مختلف تڪرارن ۽ تضادن کي حل ڪري سگهجي ٿو. پر بنيادي طور تي، قومي اتحاد (Unity)۽ اُنهيءَ اتحاد ذريعي 'گهٽائي ۾ هيڪڙائي' (Unity in Diversity) واري مقصد کي حاصل ڪري، وفاق کي ترقيءَ ۽ طاقت جي حقيقي معراج تي به وٺي وڃي سگهجي ٿو. بدقسمتيءَ سان، اسان وٽ،

پاڪستان ۾، اسان جي حڪمران اشرافيا وٽ، وفاقيت جو گهربل شعور ۽ ادراڪ نه هجڻ ڪري، اُهو سڀ ڪجهه حاصل نه ٿي سگهيو، جيڪو مُلڪ کي بطور هڪ وفاقي رياست جي حاصل ڪرڻ گهرجي ها. ۽ اُن جو ڪارڻ اُهو رهيو آهي، جو پاڪستان ۾ شروع کان وٺي جمهوريت ۽ وفاقيت بدران طاقت جي ناجائز مرڪزيت تي ٻڌل وحدانيت کي ترجيح ڏني وئي آهي! ائين برابر آهي، ته مُلڪ جو باني وحدانيت ۽ وحداني وفاقي نظام جي خلاف هو. هُو دراصل، جمهوري وفاقيت ۽ محدود مرڪز جو وڏو وڪيل هو. هُن جو اُهو بيان، اڄ به تاريخ جي رڪارڊ تي آهي، جيڪو هُن نومبر 1945ع ۾ ڏنو هو، جنهن مطابق، هُن، پاڪستان جي وفاق ۾ شامل صوبن ۽ وفاقي اڪاين کي، اهڙي ئي آئيني خودمختياري ڏيڻ ٿي چاهي، جهڙي آمريڪا، آسٽريليا ۽ ڪئنڊا جي آئينن ۾ صوبن کي ڏنل هئي.[47] البت، تاريخ جو جَبرُ اُهو هو، جو ملڪ ٺهڻ بعد باني پاڪستان جي ڳالهين تي، ڪو به عمل نه ٿيو. آئين ٺاهڻ لاءِ لاهور ٺهراءَ وارو نظرياتي سياسي بُنياد ته برابر موجود هو. پر اُن کي بلڊوز ڪري، قرارداد مقاصد تحت مذهبي نوع واري آئين جي جوڙجڪ جون تياريون ڪيون ويو. جنهن مان اُهو ظاهر ٿي ٿيو ته پاڪستان جي اصل بالادست قوتن وٽ جمهوريت ۽ وفاقيت لاءِ ڪا به ترجيح نه آهي، ۽ اُهي اختيارن جي ناجائز مرڪزيت تي ٻڌل هڪ اهڙو پاڪستان اڏڻ چاهين ٿيون، جنهن ۾ محدود مرڪز صوبائي خودمختياري، قوميتن جي حقِ حاڪميت، آزاد عدليا، سماجي انصاف، قانون جي حڪمراني، جمهوريت جي مضبوطي ۽ قومي حقن جو ڪو تصور نه هوندو. جنهن ۾ شامل قوميتون، لاهور ٺهراءَ واري آئيني ضمانت تحت آزاد (Sovereign) ۽ خودمختيار (Autonomous) نه، پر رياست تي قابض قوتن جون محتاج ۽ غلام هونديون. جنهن ۾ قومن جي برابريءَ وارو جمهوري وفاق نه، پر پنجابي-مُهاجر مُفادن تي ٻڌل سول-ملٽري بيورو ڪريسي وارو وحداني وفاق هوندو. جنهن ۾ رياستي طاقت ۽ اختيارن جي مرڪزيت صرف وڏي صوبي پنجاب ۽ اُن جي جوڙيوال لساني ٽولي وٽ مرڪوز هوندي. بهرحال، پاڪستان ۾، شروع کان وٺي، اهڙو وحداني طرز عمل جاري رهيو. جنهن سببان جمهوريت ۽ وفاقيت به هڪ سوال بڻيل رهي. مُلڪ ۾ نام نهاد وحدانيت کي لاڳو ڪري، پنجابي-مُهاجر مفادن کي رياست جي اڇي ڪاري جو مالڪ بڻائڻ لاءِ 'مها مسلم قوميت' واري هڪ ٻي هٿڪنڊي کي استعمال ڪيو ويو. جنهن جي ذريعي اُنهي بوگس 'مها مسلم قوميت' واري نعرو کي اُياري، قوميتي ڊائيورسٽيءَ کان انڪار ڪيو ويو ۽ چيو ويو ته پاڪستان صرف هڪ قوم آهي، صوبائيت ۽ قومي حقن جي ڳالهه نه ڪريو. دراصل، اهڙي رياستي هدايت جو اصل مقصد وفاق ۾ شامل قوميتن جي

ڦرلٽ ڪرڻ هو. اهو ئي سبب هو جو ترت مُلڪ ۾ 'مها مسلم قوميت' واري اُنهيءَ مفروضاتي تصور هيٺ اُڙدوءَ کي قومي ٻولي بڻائي. وفاق ۾ شامل قوميتن جي مادرين ٻولين (Indigenous Languages) جي وجود لاءِ خطرو کڙو ڪيو ويو. بنگال، پنهنجي اُپريل قومي شعور سببان، اُن کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. ته مُلڪ اندر سنڊس جئيڻ حرام ڪيو ويو.[48] ڪيس تنگ ڪيو ويو. ڪيس سوڙهو ڪيو ويو. ۽ ڪيس بيزار ڪيو ويو. تعليم، نوڪرين، روزگار، ترقياتي پروگرام، بجيٽ ۽ ٻين رياستي فائدن ۾، بنگالين سان جنهن تعصب مان ڪم ورتو ويو. اُهو هاڻ تاريخ جي رڪارڊ تي اچي، چڪيءَ طرح سان ظاهر ٿي چڪو آهي. بهرحال، پاڪستان ۾ پنجابي-مُهاجر بالادست قوتن پاران، وفاقيت ۽ جمهوريت کي رد ڪري، وحدانيت کي بدترين نموني سان لاڳو ڪرڻ، آئين سازي واري عمل کي اينگهائي ڇڏڻ ۽ اُن لاءِ صرف پنجابي-مهاجر مفادن کي تقويت پهچائيندڙ طاقت جي مرڪزيت واري خاڪي جي سفارش ڪري، وفاق ۾ شامل قوميتن لاءِ خوف ۽ ڳڻتيءَ وارو ماحول پيدا ڪرڻ، قوميتي حقن کان بدستور انڪار، 1940ع واري ٺهراءَ کي بلڊوز ڪري، صوبائي خودمختياري کي مذاق بڻائي ڇڏڻ، بنگالين سان گڏ سنڌين، بلوچن ۽ کي قدر پناڻن جي ڦرلٽ کي مستقل طور جاري رکڻ وارا اِهي بنيادي سبب ۽ مُحرڪ هئا، جنهن سببان نه رڳو ملڪ اندر قومي سوال حل نه ٿيو. پر مُلڪ ۾ وفاقيت جو عملي اطلاق به مُمڪن بڻجي نه سگهيو. المييي جي ڳالهه اِها آهي، جو اڄ به، اِن حوالي سان، اسان جي حڪمران اشرافيا وٽ، حقيقي جمهوريت ۽ حقيقي وفاقيت، ڪنهن به طرح سان، ترجيح ۾ شامل ناهي. برابر اڪيچار آئيني سُڌارن ذريعي وفاقيت جون ڳالهيون ته ڪيون وڃن ٿيون، پر اصل ۾ اُها پاڪستان جي حڪمران اشرافيا واري وفاقيت به 'انڊن ۾ ڪاٽي' واري مثال جهڙي وفاقيت آهي، جنهن ۾ آئين جي بالادستي، اختيارن جي متوازن ورهاست، ٻن ايوانن واري پارلياماني حڪومتي نظام، حقيقي صوبائي خودمختياري، حقيقي وفاقي آئين ۽ جمهوري وفاق واري تصور جو ڪو به عملي روپ موجود نه آهي!

***

حوالا ۽ سمجھاڻيون

باب-1

وفاقيت ۽ اُن جا بُنيادي لوازمات

1. Zubair Faisal Abbasi, Fedralism, Provinical Autunomy and Conflict, Cnetre for Peace and Development initiatives, Islamabad, 2010, p, 02.
2. Ibid, p, 02.
3. Mehrunisa Ali, Politics of Federalism in Pakistan, Royal Book Company, Karachi, 1996, p, 01.
4. Ibid, p, 01.
5. Ibid, p, 01.
6. Ibid, p, 01.
7. George Anderson, Federalism: An Introduction, Oxford University Press, Karachi, Sindh, 2008, p, 02.
8. Ibid, p, 02.
9. Ibid, p, 02.
10. Ibid, p, 03.
11. Ibid, p, 01.
12. Ibid, p, 07.
13. Ibid, p, 07.
14. Ibid, p, 07.
15. اِن لاءِ پڑھو، هتلر جو ڪتاب "مين ڪيف" هاڻ اُنهي ڪتاب جو سنڌي ترجمو به "منهنجي آتم ڪهاڻي" جي نالي سان مارڪيٽ ۾ اچي ويو آهي. هتلر جي نظريي ۽ خيالن کي سمجهڻ ۾ اهو ڪتاب وڏي مدد ميا ڪري ٿو. ياد رهي ته سنڌيءَ ۾ پهريائين ترجمي جو اهو ڪتاب روشني پبليڪشن، ڪنڊيارو طرفان ڇپرايو ويو آهي.
16. اِن لاءِ پڑھو، هتلر جو ڪتاب "منهنجي آتم ڪهاڻي" روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2007ع.
17. پڑھو ساڃيو ڪتاب.
18. پڑھو ساڃيو ڪتاب.
19. اِن لاءِ پڑھو، تنوير احمد طاهر جو انگريزي ڪتاب، Political Dynamics of Sindh, 1947-1977، پاڪستان اسٽڊي سينٽر ڪراچي، سنڌ.

حوالا ۽ سمجھاڻيون

باب-2
وفاقيت: نندي کنڊ جي سياسي تناظر ۾

1. اِن لاءِ پڙهو، ممرالنسا علي جو انگريزي ڪتاب Politics of Federslism in Pakistan رائل بوڪ ڪمپني، ڪراچي، 1996ع.
2. Mantzra Nazir, Federalism in Pakistan: Early Years, Pakistan Study Centre, University of Punjab, Lahore, p, 59.
3. اِن لاءِ پڙهو، ايڇ ايم سيروائي جو ڪتاب Partition of India Legend and Reality اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس، ڪراچي.
4. اِن لاءِ پڙهو، سيد رضي وستيءَ (Syed Razi Wasti) جو انگريزي ڪتاب Lord Minto and the Indian National Movement, 1910-1905) پيپلز پبلشنگ هائوس، لاهور.
5. Mantzra Nazir, Federalism in Pakistan: Early Years, Pakistan Study Centre, University of Punjab, Lahore, p ,57.
6. Ibid, p, 59.
7. Ibid, p, 59.
8. Ibid, p, 59.
9. Ibid, p, 59.
10. Mehrunisa Ali, Politics of Federalism in Pakistan, Royal Book Company, Karachi, 1996, p, 26.
11. Ibid, p, 26.
12. Ibid, p, 27.
13. Mantzra Nazir, Federalism in Pakistan: Early Years, Pakistan Study Centre, University of Punjab, Lahore, p, 57.
14. Syed Jaffer Ahmed, Federalism in Pakistan: A Constitutional Study, Pakistan Study Centre, University of Karachi, Sindh, 1990, p ,25.
15. Ayesha Jalal, The Sole Spokesman, Jinnah, Muslim League and Demand for Pakistan, Sang-e-Meel Publications, Lahore, 2012, p, 18.
16. Mantzra Nazir, Federalism in Pakistan: Early Years, Pakistan Study Centre, University of Punjab, Lahore, 2008, p, 60.
17. Ibid, p, 60.
18. Ibid, p, 60.
19. Mehrunisa Ali, Politics of Federalism in Pakistan, Royal Book Company, Karachi, 1996, p, 31.
20. Ibid, p, 65-66.
21. Mantzra Nazir, Federalism in Pakistan: Early Years, Pakistan Study Centre, University of Punjab, Lahore, p, 66.
22. H. M. Seervai, Partition of India Legend and Reality, Oxford University Press, Karachi, 2006, p, 21.

حوالاءِ سمجھاڻيون

23. M. Rafique Afzal, A History of All-India Muslim League 1906-1947, Oxford University Press, Karachi, 2013, p, 244.
24. سيد حسن رياض، پاڪستان ناگريز تھا، ڪراچي يونيورسٽي، سنڌ، 1992ع، صفحہ 190.
25. M. Rafique Afzal, A History of All-India Muslim League 1906-1947, Oxford University Press, Karachi, 2013, p, 244.
26. Ibid, p, 244.
27. Ibid, p, 244.
28. Ibid, p, 244.
29. Ibid, p, 244.
30. Ibid, p, 244.
31. Ibid, p, 244.
32. Ibid, p, 244.
33. Syed Sharifuddin Pirzada, Foundation of Pakistan, Volum, 2, Royal Book Company, Karachi, 1996, p, 372.
34. M. Rafique Afzal, A History of All-India Muslim League 1906-1947, Oxford University Press, Karachi, 2013, p, 33.
35. Ayesha Jalal, The Sole Spokesman: Jinnah, Muslim League and Demand for Pakistan, Sang-e-Publication, Lahore, 62.
36. Mehrunisa Ali, Politics of Federalism in Pakistan, Royal Book Company, Karachi, 1996, p, 33.
37. Ibid, p, 33.
38. Ibid, p, 37.
39. Ibid, p, 37.
40. Ibid, p, 37.
41. Ibid, p, 37.
42. Ibid, p, 37.
43. Ibid, p, 37.
44. H. M. Seervai, Partition of India Legend and Reality, Oxford University Press, Karachi, 2006, p, 21.
45. Ibid, p, 37.
46. اُن لاءِ مهرالنسا علي جو انگريزي ڪتاب Politics of Federslism in Pakistan پڙهي سگهجي ٿو.
47. Mehrunisa Ali, Politics of Federalism in Pakistan, Royal Book Company, Karachi, 1996, p, 45.
48. Ibid, p, 45.
49. Mantzra Nazir, Federalism in Pakistan-Early Years, Pakistan Study Centre, University of Punjab, Lahore, p, 69.
50. Ibid,p,69
51. Mehrunisa Ali, Politics of Federalism in Pakistan, Royal Book Company, Karachi, 1996, p, 45.
52. Ibid, p, 69.

باب-3
پاڪستان ۾ وفاقيت کان انحرافيت جي شروعات: سبب ۽ محرڪ

1. اِن لاءِ پڙهو ايڇ ايم سيروائي جو انگريزي ڪتاب، Partition of Indai-Legend and Reality اوڪسفرڊ يورنيورسٽي پريس، ڪراچي، ايڊيشن، 2007ع.
2. اِن لاءِ پڙهو ايازعلي جو ڪتاب، پاڪستان جا سياسي محرڪ. (اڻ ڇپيل تحقيقي مقالو)
3. Mehrunisa Ali, Politics of Federalism in Pakistan, Royal Book Company, Karachi, 1996, p, 23.
4. ايازعلي، پاڪستان ۾ قومي تضاد، جناح ۽ مظلوم قومون. (اڻ ڇپيل تحقيقي مقالو)
5. زاهد چوڌري، پاڪستان ڪيئن بنا؟ پاڪستان کی سياسی تاريخ، جلد 1، تڪميل و ترتيب: حسن جعفرزيدي، ادارہ مطالعہ تاريخ، لاهور، 2011ع، صفحہ 298.
6. ساڳيو صفحو 298.
7. زاهد چوڌري، سندھ -مسئلہ خودمختياری کا آغاز، پاکستان کی سياسی تاريخ، جلد6، ادارہ مطالعہ تاريخ، لاهور، 2003ع، صفحہ 160.
8. زاهد چوڌري، پاڪستان ڪيئن بنا؟ پاڪستان کی سياسی تاريخ، جلد1، تڪميل و ترتيب: حسن جعفرزيدي، ادارہ مطالعہ تاريخ، لاهور، 2011ع، صفحہ 298.
9. Prof: Riaz, Ahmed, All India, Muslim League and the creation of Pakistan, Cronology 1906-1947, National Instituate of Historical & Cultural Research, Center, Islamabad, 2006, P, 291.
10. زاهد چوڌري، پاڪستان ڪيئن بنا؟ پاڪستان کی سياسی تاريخ، جلد 1، تڪميل و ترتيب: حسن جعفرزيدي، ادارہ مطالعہ تاريخ، لاهور، 2011ع، صفحہ 298.
11. ساڳيو صفحو 298.
12. ايازعلي، سنڌ ۽ جناح. (اڻ ڇپيل تحقيقي مقالو)
13. پڙهو وولپرٽ اسٽينلي جو ڪتاب، Jinnah of Pakistan اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس، ڪراچي.
14. ايازعلي، پاڪستان ۾ قومي تضاد، جناح ۽ مظلوم قومون. (اڻ ڇپيل تحقيقي مقالو)
15. Mehrunisa Ali, Politics of Federalism in Pakistan, Royal Book Company, Karachi, 1996, p, 23.
16. بابر ايان، پاکستان: خرابی اور اس کے اثرات، مترجم: خالد سعيد، فکشن هائوس، 2015ع، صفحہ 58.
17. ساڳيو صفحو 58.
18. ساڳيو صفحو 58.
19. ساڳيو صفحو 58.
20. Georg Anderson, Federalism: An Introduction, Oxford University Press, Karachi, Sindh, 2008, p, 9.
21. Ibid, p, 9.
22. اِن لاءِ پڙهو Abigaii Ostien Karos ۽ Chattopadhyay جو ايڊيٽ ڪيل ڪتاب Dialogues on Diversity and Unity in Federal Countries فورم آف فيڈريشن، اسلام آباد.

23. اِن لاءِ پڑھو نويد احمد طاهر جو انگريزي ڪتاب Naveed Ahmed Tahir, [Edited] Federalism in Pluralistic Developing Societies: Learning From the European Experiences, 2012 ڪراچي يونيورسٽي، سنڌ.
